


سنڌ جي ريجاڻي تاريخ
جا ڇهه هزار سال

مصنف

ايم. ايڇ. پنهور

سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار

عمر سومرو

عمر سومرو اڪيڊمي

مصنف



ايم. ايڇ. پنهور 1925 جي ڪرسمس ڏهاڙي (25 ڊسمبر) ابراهيم ڳچي (دادو ضلعو) ۾ ڄائو. اين. اِي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج مان 1949 ۾ مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ بيچلر ۽ 1953 ۾ يونيورسٽي آف وسڪانسن، ميڊيسن (آمريڪا) مان ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ۾ ايم. ايس. سي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

1953 کان 1969 تائين سنڌ ۽ اولهه پاڪستان حڪومتن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين، پهريان چار سال سنڌ ۾ ايگريڪلچرل انجنيئر طور ۽ وڌيڪ ٻارهن سال سپرنٽينڊنگ انجنيئر ايگريڪلچرل مشينري طور ڪم ڪندي سنڌ ۽ بلوچستان جي آبادگارن کي ٻني سنوارڻ ۽ جر جي پاڻي جي سڌاري جون سهوليتون مهيا ڪيائين. ان عرصي دؤران ڪاٽي جي بلڊوزرن جو انگ تيرهن مان وڌائي ڇهه سو ۽ ملازمن جو انگ هڪ سو مان ڇهن هزارن تائين پڄايائين. بلڊوزرن جي مرمت لاءِ تيرهن ورڪشاپ ٺهرايائين، جيڪي اڄا تائين ڪم ڪن پيا. سنڌ ۾ ٽي هزار ۽ بلوچستان ۾ هڪ هزار ٽيوب ويل لڳرايائين ۽ جر جي پاڻيءَ، ان جي سرجڻ، سڌاري ۽ سنڀال بابت ڏهه ڪتاب لکيائين. انهن منجهان 1964 ۾ لکيل ۽ 1969 ۾ وڌايل ۽ سڌاريل "گرائونڊ واٽر ان حيدرآباد اينڊ خيرپور ڊويزنس" (ون يونٽ وارن ڏينهن ۾ سنڌ کي سنڌ سڏڻ ڏوهه ليکبو هو) آبادگارن، سرڪاري رٿاڪارن ۽ ٽيوب ويل هڻڻ وارن لاءِ ڄاڻ جو ڀنڊار ثابت ٿيو ۽ اڄا تائين ان عنوان تي ان کان بهتر ڪو ٻيو ڪتاب ناهي آيو.

1970 کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين ريجاٽي، پاڻيءَ جي نيڪر، جر جي پاڻيءَ، زراعت ۽ تعليم، تحقيق ۽ صنعت لاءِ گهربل سائنسي سامان ۾ مهارت رکندڙ هڪ انجنيئرنگ ڪنسلٽنگ ڪمپني هلائيندو رهيو ۽ صرف سرڪاري رٿائن تي ئي ڪم ڪيائين.

اباڻي ڪرت ڪڙمت ٻه ڪندو آيو ۽ ٽنڊي ڄام ويجهو باغبانيءَ تي هڪ تحقيقي مرڪز ٺاهيائين، جتي ڇوويهه نوان ميوا متعارف ڪرايائين، جن منجهان ٻارهن سندس جيئري ئي پڙيءَ ۾ پهچي چڪا هئا. ڪوڙ سارا نوان ۽ مختلف ميوا پيدا ڪيائين، جيڪي روايتي مندن کان ڪجه مهينا پوءِ تائين ٻه لهن ٿا. زندگيءَ جي پڇاڙڪن ڏهاڪو کن سالن دؤران پنهنجي باغ ۾ جيت مار ۽ پوٽا مار دوائون بنهه بند ڪري مڪمل قدرتي پاڻن تي پاڙيائين. باغ ۾ ڪيل تحقيق آڌار هر ميوي لاءِ ڌار ڌار مئنيوئل لکيائين، جيڪي سڀ گڏائجن ته چار هزار کن صفحا ٿيندا ۽ لٽل ميون ۽ ڀاڄين تي سندس لکيل ڏهه مينيوئل ان کان سواءِ آهن. سندس ڇپيل مضمونن ۽ انجنيئرنگ ۽ زراعت تي ڪتابن جو انگ اسي کن ٿيندو ۽ پنجاهه کان وڌيڪ سائنسي موضوعن تي رپورٽون پڻ ڇپجي چڪيون اٿس.

سنڌ تي سندس لکتين منجهان "گرائونڊ واٽر ان حيدرآباد اينڊ خيرپور ڊويزنس" 1969، "سورس مٽيريل آن سنڌ"، 1977، "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ"، 1983، ان جو سنڌي ترجمو "پيرائتي سنڌ ڪٿا"، 2011، "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ"، 2003، ان جو سنڌي ترجمو "تصوير سنڌ"، 2006، "واٽر رِڪٽائيرمينٽ آف رِويرِين ايريا آف سنڌ" ۽ "سڪس ٿائوزنڊ ييئرس آف اريگيشن ان سنڌ"، 2011، جيڪو سندس لاڏاڻي کانپوءِ هن سنڌيڪار مرتب ڪيو ۽ ان جو سنڌي ترجمو توهان جي هٿن ۾ آهي، ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن.

سنڌ، زراعت، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي ڪيترائي ايوارڊ ماڻيائين، جن ۾ صدر پاڪستان پاران انجنيئرنگ ۽ زراعت تي 1992 ۾ ڏنل "ستاره امتياز" ٻه شامل آهي.

سندس چارئي پٽ آمريڪا ۾ رهندا هئا، جن منجهان هڪ سندس جيئري گذاري ويو.

21 اپريل 2007 تي لاڏاڻو ڪري ويو. پنهنجي جيوَن جي پهرين ڏهن سالن بابت انگريزيءَ ۾ لکيل سندس آتم ڪٿا جو سنڌي ترجمو "جَڳ بيتي آپ بيتي" عنوان سان سندس جيئري ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس جوڙيل ايم. ايڇ. پنهور ٽرسٽ جون واڳون پٽس سني حسين پنهور سنڀاليون آهن، جنهن جي ڪوشش ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سهڪار سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم. ايڇ. پنهور چيئر ٺهڻ جو ڪم هلي پيو.

سندس ڪيل ڪم بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ويب سائيٽ www.panhwar.com ڏسي سگهجي ٿي.

سنڌيڪار



عمر سومري جا وڏا سنڌ جي ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ ڏامڙي ۾ آباد هئا. پاڻ پنين ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان ڪراچيءَ ۾ آباد آهي. اڪنامڪس ۾ ماسٽرس ڪيل اٿس. الائيڊ بينڪ ۾ 22 سال ڪم ڪرڻ کان پوءِ 2000 ۾ 42 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي رضا سان رٽائرمينٽ ورتائين.

2003 ۾ ايم. ايڇ. پنهور پاران سنڌ جي سومرن ۽ سندن راڄ بابت سائنسي انداز ۾ ڪيل تحقيق کي "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ" نالي ڇپرايائين.

انهي جو سنڌي ترجمو ڪري 2006 ۾ تصوير سنڌ نالي سان پنهنجي جوڙيل عمر سومرو اڪيڊميءَ پاران ڇپرائي پڌرو ڪيائين جنهن جو ٻيو ڇاپو 2013ع ۾ ڇپيو. 2008 کان 2010 دوران پاڪستان ٽيليويزن جي چئنلن تي ڪراچي سينٽر تان پيش ٿيندڙ مختلف سنڌي پروگرامن جي ميزباني ڪيائين ۽ اسڪرپٽ لکيائين. 2010 ۾ ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومري جي ڪتاب "دي سومراز" جو سنڌي ترجمو ڪيائين، جيڪو ساڳئي سال "سومرا راڄ گهراڻو" نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو. ڪتاب "سڪس ٿائوزنڊ ييئرس آف هسٽري آف اريگيشن ان سنڌ" لاءِ ميڙيل مواد کي ليکڪ ايم ايڇ پنهور جي لاڏاڻي کان پوءِ سهيڙي ترتيب ڏنائين، جيڪو 2011 ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان جو سنڌي ترجمو توهان جي هٿن ۾ آهي.

2011 ۾ ئي ايم. ايڇ. پنهور جي ٽي ڏهاڪا اڳ ڇپيل ڪتاب "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جو سنڌي ترجمو ڪيائين ۽ "پيرائتي سنڌ ڪٿا" نالي سان پنهنجي جوڙيل عمر سومرو اڪيڊميءَ پاران ڇپائي پڌرو ڪيائين.

ننڍڙو ڏيئو - ٿورڙو تيل - وِٽ آهر سوجهرو

سنڌ جي ريجاڻي تاريخ
جا ڇهه هزار سال

ايم. ايڇ. پنھور

جي شاھڪار تصنيف

“Six Thousand Years of History of Irrigation in Sindh”

جو ترجمو

سنڌ جي ريجاڻي تاريخ
جا ڇھ ھزار سال

سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار

عمر سومرو

عمر سومرو اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ

ڪتاب : سنڌ جي ريجاڻي تاريخ جا ڇهه هزار سال
موضوع : تاريخ
مصنف : ايم. ايڇ. پنهور (1925-2007ع)
(ستاره امتياز)
سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار : عمر سومرو 0300-7051347
ڇاپو : پهريون
سال : 2013ع
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ : عمر سومرو اڪيڊمي، ڪراچي، سنڌ
گرافڪس : اڪسير سومرو 0335-2188608
امر سومرو 0300-3713099
ڇپيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سنڌ 021-32737290
ڇپائيندڙ : عمر سومرو اڪيڊمي،
B-138، بلاڪ-2، سعدي ٽائون، ڪراچي-75280، سنڌ.
اي ميل: umersoomro@hotmail.com

قيمت : 900 رپيا

فهرست

نثر

نقشا

تصويري سمجهاڻيون

وِک اڳتي

سنڌ، جيڪو هنوقت پاڪستان جو هڪ صوبو آهي، نہ رڳو پنهنجي حيرت انگيز تاريخ، شاهوڪار ثقافت ۽ ماڻهن جو وڏو انگ پاليندڙ ملڪ طور ڄاتو وڃي ٿو، پر سندس سڃاڻپ جو ڪارڻ سنڌو درياءَ آڌار ٿيندڙ سندس زرعي اپت پڻ آهي. دنيا جي ٻن ڪنور رِڌن - اولهہ ۾ ڪوهستان: ايران-بلوچ رڻ جي وڌيل ياڳي، ۽ اوپر ۾ ٿر: هند مهارِڻ جي وڌيل ياڳي - جي وچ تي هيءَ ڪشادي جنت سنڌوءَ جي پاٽيءَ تي هڪ وڏي اپت ڏيندڙ ڌرتي ٻڌيل آهي. سنڌ جي تاريخ اصل ۾ آهي ئي سنڌوءَ جي ڪري لهندڙ اپت جي تاريخ ۽ انهي جي متجندڙ وهڪرن جي تاريخ، جيڪي سدائين لوڻءَ ڪاندارينڌڙ ڏڪارن، ٻُڏن، موتن ۽ راڄ گهراڻن جي تبديليءَ جو ڪارڻ بڻجندا رهيا آهن.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي شاهوڪار تاريخ جو اڀياس 5،000 ق.م لاڪر سنڌو درياءَ جو پاٽي هٽرادو طريقن سان ٻنين تائين پهچائي پوک ڪرڻ ۽ ان سان لهندڙ اپت ذريعي ڪيو ويو آهي. هن ڌرتيءَ ڪي چڱي طرح سمجهڻ لاءِ ڪيس ٻَلُ ڏيندڙ طاقت يعني سنڌو درياءَ کي سمجهڻو پوندو، جيڪو ڪيس اپت، دولت ۽ جياپو ڏيندو رهيو آهي. سنڌو تهذيب جي ڳوڙهي اڀياس سان پڙهندڙن کي تاريخ جو هڪ نڪور ڏيک پسايو ويو آهي.

بابا جي ڇڏيل ورثي ۾ سڀ کان وڏي شيءِ سندس سنڌ تي ڪيل پلوڙ تحقيقي ڪم آهي. پاڻ پنهنجي سڄي ڄمار زراعت، پاٽيءَ جي نيڪر، تاريخ ۽ انسان پروڙ (ائنٿروپولاجي) جي اڀياس تي لاتائين. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ محترم ايم. ايڇ. پنهور جي ڪم کي هلندڙ ۽ ايندڙ پيڙهين جا سڄاڻ ماڻهو اڳتي وڌائيندا، پر سندس ورثي جو وارث هجڻ ۽ ڪانئس پوءِ ايم. ايڇ. پنهور ٽرسٽ جي چيئرمين جي ذميداري سنڀالڻ ناتي مان پنهنجي ذميداري ٿو ڀانيان تہ سندس ڪم کي ٻين لاءِ ونڊ وارن تائين ڪتابي شڪل ۾ پهچايان.

هن ڪتاب جي سهيڙ جي سلسلي ۾ مون کي ٻن پلوڙ ماڻهن سان گڏ ڪم ڪندي ڏاڍو مزو آيو: هڪ محترم عمر سومرو، جنهن مواد سهيڙيو ۽ تصويرن ۽ نقشن کي ٺاهي سنواري ٺهڪندڙ هنڌ رکيو: ٻيو محترم ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، جنهن سموري ڪم تي اک رکي ۽ ڏاهپ ڀريا ڏس ڏنا.

محترم عمر سومري سومرا ڪنگڊم آف سنڌ ۽ ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ کان پوءِ بابا جو هي ٽيون ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ۽ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جيڪو پڪ سان هن تحقيقي ۽ علمي ذخيري کي وڌ ۾ وڌ پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو ۽ بيشڪ ساراهڻ جوڳو عمل آهي.

ڪراچي
آڪٽوبر 2013ع

سني حسين پنهور
چيئرمين
ايم. ايڇ. پنهور ٽرسٽ

مِينهاٽي، ريجاٽي

ڊڪشنريءَ ۾ اريگيشن جي معنيٰ آهي: پاڻي ڏيڻ يا آلو ڪرڻ جو عمل. لائق مصنف هن ئي ڪتاب ۾ اريگيشن بابت راءِ ڏني آهي ته: ”جڏهن انسان سوچي سمجهي ۽ بندوبست ڪري پاڻي ڏئي ته ان کي الڳ قسم جو پاڻي ڏيڻ چئي سگهجي ٿو.“ تنهن ڪان سواءِ مون اڄ تائين سنڌ جي ڪنهن به هاريءَ يا آبادگار کي، جن جو هٿرادو طريقن سان ٻنيءَ تائين پاڻي پهچائڻ ۽ ان تي پوک ڪرڻ ۽ پچائڻ سان سڀ کان وڌيڪ واهپو هوندو آهي، ڪڏهن به ان عمل لاءِ آبپاشي اصطلاح ڪتب آڻيندي ناهي ڏٺو، بلڪ انهن سان ڳالهائيندي ائين لڳو اٿم ته انهن کي ان عمل لاءِ ”ريجائڻ“ يا ”پاڻي ڏيڻ“ وارا اصطلاح ۽ ان نظام جو بندوبست ۽ سار سنڀال ڪندڙ کاتي لاءِ انگريزي اصطلاح اريگيشن ئي ڪتب آڻڻ وڌيڪ سولو ٿو لڳي. شايد ان جو ئي اثر هو ته اريگيشن جي معنيٰ طور آبپاشي اصطلاح ڪتب آڻڻ تي ٻنهه دل نه پئي ٻيني.

ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ دوران محترم خان محمد لاشاريءَ سنڌ ۾ پيڙهين کان هلي ايندڙ هڪ پراڻي چوڻي ”ڪجهه مينهاٽي، ڪجهه ريجاٽي“ ڏانهن ڌيان ڇڪايو. هيءَ چوڻي جڻ ته مصنف جي مٿي حوالو ڏنل سِٽ جو هوبهو مفهوم آهي. هن چوڻيءَ جو مطلب آهي ته سڌو سنئون مينهن جي پاڻيءَ تي ريجايل ٻني ۽ مٿس ٿيندڙ پوک ”مينهاٽي“ سڏبي، جنهن لاءِ هنوقت اصطلاح ”باراني“ ڪم آندو وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن پاڻيءَ جي ڪنهن ذريعي يا ذخيري، پوءِ پلي اهو ڇو نه ساڳيو مينهن جو ئي پاڻي بند ڏئي يا ورائي ڪنهن تلاءَ، ترائيءَ يا ڊيم ۾ گڏ ڪيل هجي يا وري ڪنهن چشمي، ڪوهه يا درياءَ جو هجي، هٿرادو طريقي سان ڪنهن واهه، وهندڙيءَ، ڪسيءَ، موڪ، اَڏَ، ٻوڪي، نار يا ويندي ڪنهن ٽانوَ يا ٻُڪ سان ئي ڇَلپي پوک لاءِ ناهيل يا پوک هيٺ آيل ٻنيءَ تائين رسائجي ته اها ٻني توڙي ان تي ٿيندڙ ۽ پچندڙ پوک ”ريجاٽي“ سڏبي، جنهن لاءِ هنوقت ”واهي چاهي“ يا ”نهري“ جا اصطلاح ڪم آندا وڃن ٿا.

ٻئي پاسي ڪجهه وقت اڳ تائين اريگيشن کاتي لاءِ ”محڪمه آبپاشي“ اصطلاح ڪتب آڻڻ وارن هاڻ ان جي جاءِ تي ”محڪمه انهار“ ڪتب آڻڻ شروع ڪيو آهي. ان کان اڳ جو اهو ئي اصطلاح سنڌي ٻوليءَ ۾ به موجود خال ۾ ٺهڪي ٻيهي، جيئن نهري ۽ باراني اصطلاحن جي صورت ۾ ٿيو آهي، بهتر ٿيندو ته سنڌ حڪومت ”اريگيشن کاتي“ لاءِ سنڌ جي پيڙهيون پراڻي لوڪ ڏاهپ کي مان ڏيندي ”ريجاٽي کاتو“ اصطلاح رائج ڪري.

ايم. ايڇ پنهور ٽرسٽ جي موجوده سرواڻ محترم سني ايڇ. پنهور پاران هن ڪتاب، اصل توڙي ترجمي، جي ڇپائيءَ ۾ دلچسپي ۽ ان لاءِ ڪيل سهڪار سندس پنهنجي والد جي ڇڏيل شاندار تحقيقي ورثي کي پنهنجو سمجهڻ ۽ وڌ ۾ وڌ عام ڪرڻ لاءِ پرعزم هجڻ جو چِٽو اهڃاڻ آهي.

عمر سومرو
سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار

ڪراچي
آڪٽوبر 2013ع

باب پهريون

ٿَلُهَ


ٺُلهي ليکي

تاريخ مان مراد آهي تہ: اها اُپت جي تاريخ آهي، اُپت جي ذريعن جي تاريخ آهي، اُپت جي ذريعن تي هلندڙ وَسَ جي تاريخ آهي ۽ اُپت جي ورهاست جي تاريخ آهي. جيئن تہ اُپت جو آڌار ٻنيءَ، پاڻيءَ ۽ آبهوا تي هوندو آهي ۽ اها وايومنڊل جي پڻ سڌي اثر هيٺ هوندي آهي، ان ليکي تاريخ اصل ۾ ماضيءَ جي وايومنڊلن جو ليکو چوکو آهي. سنڌ جهڙو صوبو، جنهن جي اولاهين جابلو پٽي (کوهستان) ايران-بلوچ رڻ جو وڌيل ڀاڱو ۽ اوڀاريون وارياسو ٿَر هند مها ريگستان جو وڌيل ڀاڱو آهي، سا اصل ۾ هڪ رڻ ئي آهي. پر سندس وچ وارين سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ سان ريج ٿيندڙ ڀلين لٽياسين ٻنين کيس دنيا جي ٻن ڪنور رڻن جي وچ تي هڪ ڪشادي جنت بڻائي ڇڏيو آهي. تنهنڪري سنڌ جي تاريخ سنڌوءَ ذريعي ٿيندڙ اُپت جي تاريخ ۽ ان جي متجندڙ وهڪرن جي تاريخ آهي، جيڪي سدائين لوڻ ڪانداريندڙ ڏکارن، ٻُکن، موتن ۽ راڄ گهراڻن جي تبديليءَ جو ڪارڻ بڻجندا رهيا آهن. سنڌوءَ جا ميداني علائقا سنڌ جي لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو آباديءَ کي تاتيندا آيا آهن. سنڌو درياءَ ۾ لاهہ چاڙهہ جو آڌار هماليہ ۾ برف جي ڳرڻ تي هوندو آهي. جڏهن هاڙهہ هلڪا ٿيندا آهن ۽ برف گهٽ ڳرندي آهي تہ سنڌو لاٽ ۾ هوندو آهي. تڏهن واهہ پرجي ناهن وهندا، ٻني گهٽ آباد ٿيندي آهي ۽ اُپت پڻ گهٽجي ويندي آهي. جڏهن هماليہ ۾ گرمي سرس پوندي آهي تہ واهہ پرجي وهندا آهن ۽ وڌيڪ ٻني آباد ٿيندي آهي. سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جو آڌار منجهس چوڙ ڪندڙ پنجن سهڪاري دريائن کي پاڻي ڏيندڙ پنجاب ۽ ڪشمير جي علائقن ۾ پوندڙ مينهن تي پڻ هوندو آهي. جڏهن اتي مينهن جهجها پوندا آهن تہ سنڌ ۾ ٻوڏ واري صورتحال ٿيندي آهي. مطلب تہ سنڌ ۾ اُپت جي تاريخ جو آڌار اوير ۽ اولهہ پنجاب، ڪشمير ۽ هماليائي پرڳٽي جي اترين پاسن جي آبهوا تي پڻ آهي.

ٿر ۽ ڪوهستان چراگاهن (گگهوچرن يا رَکُن) آڌار سنڌ جي آباديءَ جو اٽڪل ويهہ سيڪڙو تاتن ٿا ۽ انهن جي خوشحاليءَ جو آڌار سنڌ ۾ پوندڙ مينهن تي هوندو آهي. جڏهن تڏ گهٽي دير هلندي آهي تہ مينهن بہ گهٽ پوندا آهن ۽ ٻني بہ گهٽ آباد ٿيندي آهي. تڏهن ماڻهو گذر مال تي ڪرڻ لڳندا آهن. جيئن تہ چراگاهہ سنڌ جي سموري آباديءَ جي پورت نہ ڪري سگهندا آهن، تنهنڪري ڏڪار پوندا آهن ۽ اُپت ۾ چوڌاري لاٽ اچڻ سبب آبادي گهٽجي ويندي آهي. اُپت ۾ لاٽ اچڻ سان نہ رڳو آبادي گهٽبي آهي، پر زندگيءَ جي سيني ڏيکن ۾ سماجي ۽ معاشي حالتن تي پڻ اُگرا اثر پوندا آهن.

اُپت ۽ ان جي ورهاست تي وَسُ ڄمائڻ لاءِ آڳاٽن ماڻهن ذات پات وارو سرشتو جوڙيو: بادشاهن (ڪتري) جو ڪم هو ماڻهن کي لشڪرن جي زور تي زير ڪرڻ؛ برهمڻن (لکيل پڙهيل ۽ ڌرمي ماڻهو) جو ڪم هو ٽيڪس (ڍل) اوڳاڙڻ، بادشاهہ پاران انتظام هلائڻ ۽ اُپت تي اک رکڻ ۽ اها سموري آباديءَ ۾ ورهائڻ - انهن جي ملايل حصي آهر نہ پر سندن مُلهہ وٽي سگهڻ جي سگهہ آهر؛ ويشن جي ٻلي ٿيو ٻني سنڀالڻ، اها آباد ڪرڻ ۽ مختلف پيداواري اسمن جو ڪاروبار ڪرڻ ۽ پڇاڙيءَ ۾ آيا تي ڪاريگر ۽ ڪڙمي يا هاري ناري (شودر)، جن جي ٻلي ٿيو مٿين ٽنهي ذاتين جي سيوا ڪرڻ ۽ انهن ۽ پنهنجي لاءِ شيون اپائڻ ۽ ناهڻ. ذات پات سرشتو گهڻو ڪري اسرندڙ سنڌو تهذيب دوران سرجيو ۽ اهو اختيار هزارين سال پوءِ وارن آريائي ڌرم جي پوئلڳن ڪيو. ذات پات سرشتو ميسوپوٽامر (ٻہ دريائي ديس، هاڻوڪو عراق) ، آڳاٽي مصر، وچ-آمريڪا ۽ هُوانگ هُو (پيلو درياءُ) ماٿرين ۾ پڻ هو. مطلب تہ ذات پات سرشتي ۾ ڪا برائي ڪانهي، چو تہ اهو اُپت کي هٿي ڏيڻ ۽ ان جي ورهاست تي ضابطو رکڻ لاءِ جوڙيو ويو هو. ذات پات سرشتو اڳتي هلي هندستان جي زوال پذير سماج ۾ ظالماڻو ۽ ڪنور ٿي ويو ۽ انهي جو اُپت تي اثر ناڪاري ٿي ويو.

سنڌ جهڙي ملڪ ۾ اُپت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ريجاڻي نظام بابت ڄاڻ هجڻ گهرجي، جيڪو 1850ع تائين پراڻي جُڳ وارو هلندو پئي آيو ۽ ان ڪانسواءِ سنڌوءَ جي چَلت جي ڄاڻ بہ نہ هئي. برطانوي انجنيئرن ۽ ڪجهہ انتظامي عملدارن پاران لڳ ڀڳ هڪ صديءَ تائين ڪيل ڪوشش جي ڪري ئي سنڌو درياءَ جي سنڌ اندر چَلت پڌري ٿي. درياءَ لَٽَ سان لڏجي ايندو آهي، جيڪو چاڙهہ واري مند ۾ آسانيءَ سان پاڻيءَ جي هزار حصن مان ڇهن حصن تائين وڃي پهچندو آهي. سنڌ جون لاهونديون پاڻيءَ کي ايترو تکو وهڻ نہ ڏينديون آهن جو اهو لَٽُ پاڻ سان کڻيو وڃي. ائين خاص ڪري اتي ٿيندو آهي جتي پاڻي درياءَ جي پيٽ مان ٻاهر اٿلندو آهي. اهڙي ريت اهو لَٽُ درياءَ جي پيٽ ۾ گهٽ ۽ ڪنڌين تي وڌيڪ ويهي ويندو آهي. اهو عمل ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين درياءَ جي پنهنجي پر وارن علائقن ڪان مٿي ٻني تان پنهنجي ئي ان ريت ٺاهيل بندن جي وچ واري پيٽ مان وهڻ تائين جاري رهندو آهي. ڪنهن ڏينهن اهو ان ٻني کي ڇڏي ڪنهن هيناهين جاءِ تان وهڻ لڳندو آهي ۽ وري هوريان هوريان انهي کي مٿي ڪٽڻ لڳندو


نقشو نمبر 01
سنڌ جي بيهڪ
ڏسٽي
ملڪ جو ڏنگ
صوبي جو ڏنگ
ضلعي جو ڏنگ
صوبي جو هيڊڪوارٽر
ضلعي جو هيڊڪوارٽر
شهر ۽ وسنديون
ريل – ويڪري پٽي (براڊ گيج)
ريل – سوڙهي پٽي (ميٽر گيج)
پڪا روڊ
ڪچا ڏگ
واهه، درياءَ / نَئِن
ميل 64 48 32 16 0
بلوچستان
پنجاب
راجستان
هندستان
عربي سمنڊ
ڪڇ
رڻ
پاڪستان
چين
افغانستان
67 68 69 70 71
28 27 26 25 24

آهي. هي عمل سنڌ جي ويجهڙ واري پونءِ جوڙ (ارضياتي) تاريخ ۾ يَڪو هلندو آيو آهي. سنڌ جي هڪ مشهور انجنيئر سَر ڪلائوڊ اِنگلِس هن سوال تي ويچاريو ۽ ڏرتيءَ جي هيناهيُن متاهيُن ۽ ڪڏن ڪُبن (ڪنٽُورز) ۽ درياءَ جي ممڪنه اڳاٽن وهڪرن جو هڪ نقشو ٺاهيائين.

لئمبرڪ پنهنجي ”هسٽري آف سنڌ“ (1964) ۾ اِنگلِس جي ويچار جي وضاحت ڪئي ۽ سڪندر جي جُڳ کان وٺي سنڌو درياءَ جا مختلف وهڪرا ٻڌايا. ان انتهائي اُجري ڪم جو آڌار هيگ، ڪزنس، وائيٽهيڊ، اسٽائين ۽ ٻين ڪوڙ سارن جون لکٽيون هيون. پٽاوالا، جنهن پڻ پڇاڙڪي ڪي ڇڏي مٿيان سڀ ماخذ استعمال ڪيا، 1936 ۾ ساڳئي نتيجي پهتو هو. لئمبرڪ جي ڪم کي اڳتي وڌائيندي هن ليڪ 1966 ۾ اڏامندي ڇڪيل تصويرن آڌار سنڌو درياءَ جي وهڪرن جو نقشو ٺاهيو. سنڌو درياءَ جي وهڪرن تي سڀ کان سڄر ڪم ٻن ڄڻن ڊِي. اي. هومز ۽ وِلهيلمي ڪيو آهي.

هي اپياس ظاهر ڪن ٿا ته سنڌو درياءَ جا آڳاٽا وهڪرا لڳ ڀڳ سندس هاڻوڪي وهڪري جي پوروچوٺ هئا ۽ انهن ٻنا ڇڏيا، جن تان هاڻوڪا وڏا واهه ڪڍيا ويا آهن. ننڍا واهه پڻ ڪجهه ٻين ٻنن تان ڪڍيا ويا آهن ۽ ساڳيو حال شاخن جو به آهي. سمنڊ چڙهي سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيو هو ۽ اها 12،000 سال اڳ تائين ملتان تائين ٻڏل رهي. اڏامندي ڇڪيل تصويرن مان ڪڍيل وهڪرا ظاهر ڪن ٿا ته سنڌ جي وچ وارن ميداني علائقن ۾ ڪو به ڇهن ڪلوميٽرن کان وڌيڪ ڊگهو ۽ ڇهه ڪلوميٽر ويڪرو ٽڪرو ڪونهي، جنهن جي وچان سنڌو، سمنڊ جي لهي وڃڻ سان سنڌ جي آجي ٿيڻ کان پوءِ، گذريل 10،000 سالن ۾ نه لنگهيو هجي. اڏامندي ڇڪيل تصويرن سان هنن وهڪرن جو 1 : 250،000 ڪاڇي ۽ 40 X 90 انچ ماپ وارو هڪ نقشو ٺاهيو ويو آهي، جنهن ۾ گذريل پنجن کان ڇهن هزارن سالن يا اسرندڙ سنڌو تهذيب واري جُڳ لاڪر جو احوال اچي وڃي ٿو. درياءَ جي ڪجهه پراڻن پيٽن کي آڳاٽن ماڻهن توڙي ويجهڙ جي حڪمران راڄ گهراڻن جهڙوڪ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن اٽندي واهن طور ڪم آندو. انگريزن انهن کي 1932 ۾ سکر بئراج جا واهه ڪڍڻ لاءِ ڪتب آندو. 1960 ۾ گڊو ۽ 1963 ۾ ڪوٽڙي بئراجن جي واهن لاءِ پڻ اهي استعمال ڪيا ويا.

درياءُ جڏهن پنهنجو وهڪرو مٽائيندو هو ته متاثر علائقي جو ريجاڻي نظام بلڪل ڦِٽي ويندو هو، جنهن ڪري ماڻهن ۾ لڏ پلاڻ، وڳوڙ، بيمارين، ڏڪار، بُک ۽ موت پوندا هئا ۽ نتيجي ۾ آبادي گهٽجي ويندي هئي. سنڌ جي گذريل پنجن هزارن سال جي تاريخ - سُک سڪار، وڏي آبادي، موڙي، آباديءَ ۾ لاٽ، راڄ گهراڻن جي مٽجڻ، تهذيبن جي اُسرڻ ۽ ڊرڪڻ ۽ شهرن ۽ وسندين جي ڦِٽي هر ڀيري هنڌين ماڳين وکريل ٺڪرن ٺوبن، پڪن سروٽن ۽ ڪجهه هنري شين جا ڍير پوئتي ڇڏي وڃڻ جي، جن کي سنڌ ۾ عام طور تي دڙا سڏيو وڃي ٿو - اها ئي رهي آهي. درياءَ کي ڪچي ۾ ئي وهندو رکڻ جي ضمانت رکو گهاٽا ٻيلا ئي هئا. ٻيلن جي ڪري پاڻي پاسن سان ڊرو ۽ سِير ۾ ٽکو وهندو هو. انهي جي ڪري وٽن سان ڊڪيل بندن جي وٽ ۾ تمام گهٽو لَٽُ ويهي ويندو هو ۽ جيئن ئي تَرُ مٽي ڪڄندو هو ته درياءَ پاران پراڻو پيٽ ڇڏڻ جا امڪان وڏي ويندا هئا ۽ انهن واهن کي ڇڏڻ جا پڻ، جن جا مُنهن سڌو درياءَ جي پيٽ مان نه پر ان کان پرڀرو ڇَرَ وارن علائقن مان، عام طور ٻيلن جي وچ وارن هنڌن تي، هوندا هئا.

ريجاڻيءَ لاءِ پاڻي سڌو درياءَ مان ڪٽڻ وارو طريقو 1932 تائين ٽيستائين هليو، جڏهن سنڌ جي سٺ سيڪڙو ميداني علائقن کي ريجائڻ لاءِ سکر بئراج اڏيو ويو. ايندڙ ٽيهن سالن ۾ ٻيا ٻه بئراج به اڏيا ويا. ڪيترن ئي واهن جا مُنهن اجا به اڳئين وانگر بچاءَ بندن جي اندرئين پاسي آهن ۽ اهي آثار پارڪن جي خاص دلچسپيءَ جو مضمون ٿي سگهن ٿا. پراڻا واهه، جن جا ڪجهه ٽڪرا نون واهن ۾ رلائجي ويا، تن جا اڻ رَلايل ٽڪرا، گهٽ ۾ گهٽ اجا تائين، جيئن جو تيئن موجود آهن، جيتوڻيڪ انهن جي بندن ويجهو آباد ڪيترين ئي وسنديون غائب ٿي چڪيون آهن ۽ هوريان انهن کي سڌو ڪري پوک لائق بڻايو ويو آهي.

انگريزن کان اڳ واري جُڳ ۾ درياءَ کي ڪچي جي اندر قابو رکڻ لاءِ بند ڪو نه هئا، جيڪو ويهن کان ٽيهه ميل ويڪرو هوندو هو. پڪن ڳوٺن ۽ شهرن کي آب ڪلاڻيءَ جي منڊ ۾ ميسارجي وڃڻ کان بچائڻ لاءِ انهن جي چوڌاري بچاءَ بند ٻڌا ويندا هئا ۽ انهن کي هر سال ڏاڍو ڪيو ويندو هو، پر حقيقت ۾ اهي گهارن کان بچاءَ جي ضمانت نه هوندا هئا. انهن ۾ ڪُئن، نورن، ڳوهن ۽ نانگ بلائن وغيره جا ڏرڙ ٿي ويندا هئا، جن تي ٻوڏ جو پاڻي اچڻ ۽ رُوڻ ڪرڻ تائين ڪنهن جو ڌيان نه ويندو هو. جيئن ته ٻوڏ دوران ڪجهه به ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري وڏي خطري وارين صورتحالن ۾ مايون، ٻار، اَنُ ۽ مال اتان ڪڍيا ويندا هئا، جوان مڙس بندن تي چوڪي ڏيندا هئا ۽ پوڙها گهرن جي سنڀال ڪندا هئا. هيڪر پاڻي وسنديءَ ۾ گهڙيو ته عام طور متاهيون جايون نه ٻڏنديون هيون ۽ اتي رهجي ويل پوڙها ويچارا ڪچن گهرن جون پٽيون ۽ ڪکائيون ڇتيون ڪرندي اکئين وِيٺا ڏسندا هئا.


انگريزن پاران 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ ڪجهه وڏن شهرن جهڙوڪ سکر، روهڙي، شڪارپور، حيدرآباد ۽ ٺٽي کي ڇڏي ٻين هنڌن تي گهٽو ڪري پَڪسِراوان گهر نه هئا. پڪيون سرون رڳو مذهبي اڏاوتن جهڙوڪ مسجدن ۽ مقبرن ۾ استعمال ٿينديون هيون. سنڌ ۾ ڪچي اوساريءَ سان ٻه يا ٽه ماڙ عمارتون اڏڻ جو هڪڙو ٻيو نرالو اڏاوتي طريقو پروان چڙهي چڪو هو. هن قسم جي اڏاوت هاڻ ختم ٿيندي پئي وڃي ۽ ان کي پراڻن يادگارن وانگر بچائڻ جي ضرورت آهي. ٻوڏ کي منهن ڏئي بچاءُ ڪرڻ وارو هي اڏاوتي طريقو انوکو ۽ گهڻو ڪري رڳو سنڌ تائين ئي محدود هو. هن هيٺ ڪچي پٽ جي پيڙهه ٻڌڻ لاءِ هڪ ميٽر کان وڌيڪ اونهيون چريون کوٽيون هيون، پر انهن پيڙهين ۾ پِنل چيڪي مٽيءَ جا پِنوڙا وجهڻ ۽ انهن کي ٺپ ڏيڻ کان اڳ ۾ 3.5 کان 5 سينٽيميٽر ٿلهين ڪاٺين يا لاڪڙ جا پچرا ٻڌا ويندا هئا، بلڪل ائين جيئن ڏرتي ڏوڏ وارن علائقن ۾ پٽين کي جَڪَ ڏبا آهن. ٿلهڙون 8 کان 12 سينٽيميٽرن جي وٿيءَ تي اُڀيون ۽ پاسيريون وڇائبيون هيون. لاڪڙ کي چڱي طرح گهڙي ٺاهي، سُڪائي ۽ ڪنهن شيءِ سان ڍڪيو ويندو هو. هڪ ماڙ لاءِ اهو پچرو 4.5 ميٽر، ٻه ماڙ لاءِ 7.0 ميٽر


ڳوٺاڻا گهر


01



02


03



04


05


06





07


08



09


10


11


12


13

ڳوٺاڻا گهر

001. ٿر جا گهر.
002. سنڌ جا ڳوٺاڻا گهر.
003 ۽ 004. ڳوٺاڻا ڪکاوان ڇپر.
005 ۽ 006. ڪکاوان ڇوڙا.
007. موهنجي دڙي جو گهر، سنڌو تهذيب، 2500 ق.م.
008. مهرڳڙهه جي گهر جو نقشو.
009. تيپي حصار جو گهر، 2500 ق.م.
010. منگولن جو لاڏائو گول خيمو هلڪن ڇهن جي ڍانچن تي نهيل ۽ ڍاهڻ ۽ وري کوڙڻ ۾ سولو (ELA).
011. ڪچو گهر، 7000-500 ق.م.
012. مستطيل گهر، هسونا، 2500 ق.م.
013. چمڙي جي خيمي جو گهر، 10،000 ق.م.

۽ ته ماڙ لاءِ 9.5 ميٽر اوچو ٻڌو ويندو هو. ڇت وٽ پهچي ڇت کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ ڪاٺيون ڪچي پٽ جي اوپاري پاسي لام-مُنڍيو پاسيريون ڏئي پٽ جو بيم ٺاهيو ويندو هو ته جيئن اهو ڇت ۾ پوندڙ ڪاٺ جي ڪامُن ۽ پٽين جو بار جهلي سگهي. پٽين جون پيڙهيون آلي چيڪي مٽيءَ سان پريون ويندڀون هيون، جنهن جا اٽڪل 40 سينٽيميٽر اوچا بار ڏنا ويندا هئا ۽ هڪڙو بار ڏئي ٻيو بار ڏيڻ کان اڳ تائين هفتو ٻه سڪڻ ڏنو ويندو هو. جيئن ته چيڪي مٽي پاڻي ڪٽندي آهي سو سڪڻ تي سوس ڪائيندي آهي ۽ ٽِڙڪي ڏارون پونديون اٿس. اهي ڏارون آلي مٽيءَ سان پريون وينديون هيون ۽ پچاڙيءَ ۾ پنجهوءَ سان ٻهه يا پلال (پراڙ) گڏائي ٺاهيل گاري جي 1 کان 1.5 سينٽيميٽر ٿلهي تهه سان لِنبيو ويندو هو. ٻهه يا پلال گاري کي طاقت ونرائيندو آهي ۽ جيڪڏهن انهي جي مٿان چِڏڙي راڳي جو هڪ کان ٻه مليميٽر هلڪو ليپو ڏجي ته ان ۾ هوا ٻه نه وڃي سگهندي. جيڪڏهن ٻوڏ جو پاڻي شهر ۾ ايندو هو ته اهو وڏ ۾ وڏ ٻاهرئين گاري کي اڌ کان مُني ميٽر گهرائيءَ تائين نقصان ڏئي سگهندو هو، پر پاڻي گهر ۾ اندر نه گهڙي سگهندو هو. چاڪاڻ ته انهي جي تري ۾ سرون وڇائڻ کان اڳ ۾ اٽڪل هڪ ميٽر يا وڌيڪ پرائي ٿيل هوندي هئي. ان قسم جا گهر ماٽيلي، لاڙڪاڻي، هالاڻيءَ، ڪنڊياري ۽ نصرپور مان غائب ٿي چڪا آهن ۽ انهن جي جاءِ سرن جي پٽين وارن گهرن ورتي آهي، پر سيوهڻ، روهڙي ۽ ٺٽي ۾ ڪي ٿورا گهر اڃا تائين موجود آهن. ٻوڏ جو پاڻي ٺٽي ۾ 1955 ۾ سچ پچ گهڙيو هو. شهر ٻڏي ويو هو ۽ ڪجهه گهر ڊٺا هئا، پر ڪاٺ جي پڃرن وارن سيڻي گهرن، ويندي ته ماڙ ٻه، سنڌوءَ جي ٻوڏ کي ڄمي منهن ڏنو. چاليهه سال اڳ هي ليکڪ هڪ گهر جي ٽين ماڙ تي ترسيو هو، جيڪو گهٽو ڪري ڪنهن مغل امير لاءِ ٽي سو يا اڃا به ڪجهه وڌيڪ سال اڳ اڏيو ويو هو. هر ماڙ تي هڪ وهنجڻ جاءِ هئي، ان تي چُنَ جي گاري جو ليپو ڏنل هو ۽ ڪجهه حصو ويجهڙ ۾ سيمينٽ ۽ روڙيءَ سان مرمت ٿيل هئس. پاڻيءَ جي نيڪر جون ناليون، جيئن انوقت هيون، پڪين سرن جون ٺهيل، ٿورڙي جاءِ والاري بيٺل ۽ چُن سان لنبيل هيون. هي اڄ يادگار پراڻا آثار آهن ۽ ان ليکي سنڀالڻ جا حقدار آهن، پر ڪنهن انهن طرف ڌيان ناهي ڏنو ۽ جيڪڏهن اڃا دير ڪئي وئي ته ٿي سگهي ٿو ته مالڪ انهن جي جاءِ تي سرن وارا گهر اڏي ڇڏين.

هن ڊزائن ۾ هڪ نواڻ اها آئي ته گهرن ۾ ٻيهر جو ڪاٺ ڪتب اچڻ لڳو. ڪاٺ جون 25 کان 35 مليميٽر ٿلهيون پٽيون لام-مُنڍيو پاسيريون رکي ۽ لئيءَ جي 25 کان 35 مليميٽر ٿلهين ڪاٺين جي ڪِليُن يا ميخن سان هڪٻئي سان جوڙيون وينديون هيون، ڪاني اٽڪل 75 کان 100 مليميٽر ڊگهي ۽ پٽين جي منڍ کان پڇڙيءَ تائين هر 75 کان 100 مليميٽر وٿيءَ تي ڪلي هنئي ويندي هئي. هي اڏاوتي طريقو ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ يا اڻويهين صديءَ جي منڍ جو هو، ڇو ته انهن ۾ ان زماني جا مخصوص قسم جا مشين تي ٺهيل لوها ڪوڪا ۽ درن ۽ درين جون انجيسون ۽ بولٽ استعمال ٿيل آهن. ڏنل تصوير ۾ ان زماني جو هڪ ته ماڙ گهر ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ اڃا تائين ماڻهو رهن پيا ۽ جيتوڻيڪ ٻاهريون ڪچو گارو ڇڻندو ٿو وڃيس، پر اندران سٺي حالت ۾ رکيو ويو اٿس. گهر هڪ پاسي لڙي پيو آهي، پر منجهس رهندڙن کي ڪا ڳڻتي ناهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ درجن اهڙن گهرن ۾ اڃا ماڻهو رهن ٿا. اهي سڀ 1955 واري ٻوڏ ۾ هڪ ميٽر کان مٿي پاڻيءَ ۾ ٻن کان ٽن هفتن تائين ٻڏل رهيا، تڏهن به ڊٺا ڪونه.


غريباڻن گهرن جون پٽيون لئي جي سنهڙي لاڪڙ (1.5 کان 3.0 سينٽيميٽر ٿلهي) جون هونديون هيون: ڪاٺيون 3-4 قطارن ۾ هڪٻئي مٿان اپيون ڪوڙي ۽ ساڳي ٿولهه واريون تلهڙون اُڀٽ واري طريقي سان اٽڪل 30 سينٽيميٽرن جي وٿين تي پاسيريون لنگهائي پاڻ ۾ جوڙيون ويندون هيون. وڌيڪ ڏاڍو ڪرڻ لاءِ انهن کي نوڙين سان ٻڌو ويندو هو. اهي پڻ ٻوڏ جي سٺ سهي ويندا هئا ۽ هر ٻوڏ ۾ ٻڏندڙ ڪچي ۾ هر هنڌ ڏسڻ ۾ ايندا هئا.


هن ڪتاب ۾ ريجاڻي تاريخ اصل ۾ ٻني ٻاري (زراعت) ۽ ٻنيءَ واڳيل صنعت جي اپت جي تاريخ آهي، جيڪي تهذيبن، راڄ گهراڻن ۽ بادشاهتن جي اُسرڻ ۽ ڍرڪڻ، سڪيائپ، غربت، ڏڪار، بُک ۽ انهن ماڻهن جي موت جو ڪارڻ بڻيون، جيڪي سنڌو درياءَ جي ريچڪن ۽ ان جي پاڻيءَ جي آسري لڳا.

ايم. ايڇ. پنهور


نقشو نمبر 02

سنڌ جي هيٺ متاهين جو نقشو ۽ سنڌوءَ ۽ ان جي چاڙهن جا پنئين ڌرتي جوڙَ جُڳ ۾ ممڪن آڳاٽا وهڪرا






14. ڊرپ ايمٽر لي آئوٽ جو مثال: (a) وڻن جو دائرو: (b) هڪ ليٽرل ٻن ايمٽرن سان ۽ (c) ٻه ليٽرل ٻن ٻن ايمٽرن سان.




15. A هڪ ليٽرل وڻن جي هر قطار لاءِ S_s هوڻن ۾ وٿي S_r قطارن ۾ S_w وٿي سڪي پٽيءَ جي ويڪر S_e ايمٽرن ۾




16. پريشر ڊفرينشل انجيڪشن سسٽم

ڪنهن وقت سنڌ ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ريسرچ رهندڙ ۽ بند مينيوئل جي ليکڪ ڪلائوڊ اِنگلِس جي هن نقشي سنڌ جي 1949 ۾ هيٺ متاهين مان سنڌوءَ ۽ ان جي واهڙن جا پنئين 2500 سالن دوران ممڪن وڏا وهڪرا ڳولي ڏنا. هي نقشو ڪيترن ئي تاريخي جاگرافي لکندڙن جهڙوڪ پٺاوالا، لئمبرڪ ۽ ٻين ڪتب آندو آهي ۽ هن ليکڪ اڏامندي چڪيل تصويرن سان انهن جي تصديق ڪئي آهي. وهڪرا اهو پڻ پڌائن ٿا ته اولاهيون چاڙهون موٽي منڇر ڍنڍ رستي سنڌوءَ ۾ اچي ٿي پيون ۽ اوڀاريون چاڙهون ساماري ويجهو ۽ ان جي ڏکڻ ۾ هاڪڙي ۾ اچي ٿي پيون ۽ اهي اڳتي هلي سانگرو ٿي سڏيون (سانگرو يا هاڪڙو تان ورتل).



17. ڦڙ ڦڙ ريجائي سسٽم جو مخصوص نمونو

18. ايميشن اوزارن جي ڪجھ نمونن جا خاڪا




باب پهريون


سنڌ جي اهم ثقافتي واقعن ۽ راڄ گهراڻن جي پيرائتي ترتيب

نمبر	واقعو	سال
.1	سنڌ ۾ پٿر جُڳ	500,000 - 4000 ق.م
.2	بلڪل سوڪ آبهوا	9,000 ق.م کان اڳ
.3	بلڪل سوڪ کان هلڪي گهم واري جُڳ جي شروعات ڏانهن چُرڻ	9,000 - 7,500 ق.م
.4	آبهوا ۾ وچٽري گهم ڏانهن ڦيرو	8,500 - 7,500 ق.م
.5	تمام گهٽي گهميل آبهوا	7,500 - 4,000 ق.م
.6	وچولي گهميل آبهوا	4,000 - 1,750 ق.م
.7	ٿوٽ سوڪ آبهوا	1,750 - 900 ق.م
.8	وچولي سوڪ آبهوا	900 ق.م - 500ع
.9	سنڌ ۾ وچولو پٿر جُڳ	10,000 - 6,000 ق.م
.10	سنڌ ۾ نئين پٿر جُڳ جي شروعات	7,000 ق.م
.11	سنڌ ۾ ٽامي-ڪنجهي جُڳ جي شروعات	4,000 ق.م
.12	اُسرندڙ سنڌو ثقافت (آمري، ڪوٽ ڏيجي)	3,700 - 2,300 ق.م
.13	ساماٽل سنڌو ثقافت (موهنجو دڙو)	2,300 - 1,650 ق.م
.14	ڍرڪندڙ سنڌو ثقافت جهُڪر جهانگار	 1,750 - 1,350 ق.م 1,200 - 900 ق.م
.15	رگ ويدي قبيلن جو اُسرڻ	1,050 ق.م سوات 850 ق.م بلوچستان 800 ق.م سنڌ
.16	ڏکڻ ايشيا جا مهاپڌايا (بادشاهيون)	600 - 500 ق.م
.17	ڪياني	519 - 450/400 ق.م
.18	سنڌ جون ننڍيون ننڍيون بادشاهيون	450 - 400/325 ق.م
.19	سڪندر ۽ سندس پونيَر	326 - 323 ق.م
.20	موريا	321 - 184 ق.م
.21	باختري يوناني	184 - 70 ق.م
.22	سِٿي	70 ق.م - 46ع
.23	پارٿي	46 - 78ع
.24	ڪُشانَ (اتر سنڌ)	78 - 175ع
.25	پارٿي (لاڙ سنڌ) ۽ 175ع کان پوءِ سموري سنڌ	78 - 175ع 175 - 283ع


19




20




21




22



23




24




25




26



27




28




مهرڳڙهه ۽ برهمڻ آباد جون اڏاوتون

019. سيڪٽر MR 2 X، ايريا MR 2 X، دور III، جي اڏاوتي رٿا.
020. سيڪٽر AG، ايريا MR 3/4، دور IIA، ۾ LI اڏاوتي رٿا.
021. سيڪٽر X، ايريا MR 2، دور III، مهرڳڙهه ۾ V-I اڏاوتي رٿا.
022. مهرڳڙهه جي گهر جي سڄي ڪيل رٿا.
023. سيڪٽر X، ايريا MR 2، دور III، مهرڳڙهه ۾ V-I اڏاوتي رٿا.
024. زون MR 2 F، ايريا MR 2، دور III-B، مهرڳڙهه ۾ طبقن واري عمارت.
025. برهمڻ آباد-منصوره ۾ ڏڪيل نالي لڳ واري اڏاوت سان. (DGA).
026. مهرڳڙهه جي آثاري زونن جي ورهاست.
027. سيڪٽر M جي چوڏاري؛ دور IIA، ايريا MR 3/4، مهرڳڙهه جي عمارت جو هم چورس ڏيک.
028. سنوت 8، ايريا MR 3/4، مهرڳڙهه جي هم چورس رٿا.

.26	ساساني	283 - 356ع
.27	واهليڪا	356 - 415ع
.28	سنڌ جون اڇاتل ننڍيون ننڍيون بادشاهيون	415 - 500ع
.29	راءِ	500 - 641ع
.30	برهمڻ	641 - 712ع سموري سنڌ 715 - 725ع اپرندي سنڌ
.31	اُموين جا گورنر	712 - 746ع
.32	عباسين جا گورنر	751 - 854ع
.33	هَباري	854 - 1011ع
.34	سومرا	1011 - 1351ع
.35	سما	1351 - 1522ع
.36	ارغون	1522 - 1554ع سموري سنڌ 1554 - 1587ع اتر سنڌ
.37	تَرخان	1554 - 1591ع
.38	مغلن جا گورنر	1587 - 1591ع اتر سنڌ 1591 - 1700ع سموري سنڌ 1701 - 1736ع لاڙ سنڌ
.39	ڪلهوڙا	1701 - 1783ع
.40	ٽالپر	1783 - 1843ع
.41	انگريز	1843 - 1947ع
.42	پاڪستان سرڪار	1947 - اڄ تائين




29





30


31



32




33



34



35



گهرن جون رٿائون

029. سيڪٽر MR C، ايرياMR 1، دور IV، مهر ڳڙهه، جي رٿا ۾ همر چورس ڏيڪ.
030. گهٽيءَ مان پهچ جوڳا عام کوهه موهنجي دڙي، 2500 ق.م جي HR ايريا ۾ لڌا آهن.
031. موهنجي دڙي، 2500 ق.م، تي اَن جي ڀانڊي جي رٿا، وِيلر مطابق.
032. موهنجي دڙي جي HR ايريا ۾ سرن جي عمارت، جنهن ۾ دروازي ڏانهن ويندڙ بند گهٽي ۾ ڪيترن عمارتن جا ترا ڏسجي رهيا آهن.
033. موهنجي دڙي، 2500 ق.م، جي مها تڙ جي رٿا، جنهن ۾ پهچ جا گس ڏيکاريل آهن، جينسن 1993، مطابق.
034. موهنجي دڙي، 2500 ق.م جي SD ايريا ۾ وهنجڻ جو ٿلهو، گهٽيءَ ڏانهن ويندڙ ناليءَ سان.
035. اوڀر-اولهه ڏسڻ واري ٽيڪنڪ جي ڊرائنگ.

باب ٽيون

ريجاڻيءَ جي شروعات

پراڻي جُڳ جا ريجاڻي واهہ ۽ سندن نراليون خصوصيتون

ٽوپو گرافيڪل سروي ڪري ۽ ان آڌار ڊزائن ڪرڻ وارن هاڻوڪن جديد انجنيئري طريقن جي اچڻ کان اڳ هتي جهڙيءَ ريت ريجاڻي نظام هليو پئي تنهن کي سمجهڻ لاءِ انگريز دور کان اڳ واري واهن جي نظام جو اڀياس ضروري آهي. ياڳن سان اسان وٽ انگريزن کان اڳ وارن واهن جو مڪمل رڪارڊ: انهن جون ڊيگهيون، انهن تي آباد ٿيندڙ ٻنيون، واهن جون ليٽون ۽ مُهاڙ، لَٽجڻ ۽ ڪاٽيءَ جا مسئلا ۽ ڊمپي ليولن، لٽين ۽ سنگهرن (سئنڪلي 22 وال) جي پيٽ ۾ اک سان ڪيل سِڌائيءَ ۽ ٻين انساني اندازن جا پيدا ڪيل سنوت جا خصوصي مسئلا موجود آهن. 1876ع واري هيوز گزيٽيئر ۾ انگريزن کان اڳ وارن 729 واهن جي لسٽ ۽ اهي پاڻي ڪٽان ڪٽندا هئا ڏنل آهي. هي ڪجھ تَتَ آهن، جيڪي سنڌ ۾ اوائلي ريجاڻيءَ واري جُڳ کان وٺي وهندڙ سيني واهن سان لاڳو ٿين ٿا:


* لڳ ڀڳ سڄي سنڌ ۾ واهن جي بيهڪ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي وَهہ کان ٽيڏي پاسيري آهي، رڳو سکر کان اتر-اولهہ ۽ ڪشمور کان اولهہ واري علائقي ۾ ائين نہ هو. ائين واهن وهندڙين کي درست ليٽ ڏيڻ لاءِ ڪيو ويو هو تہ جيئن منجهن لَٽُ ويهڻ وارو مسئلو گهٽائي سگهجي.
* ڪنهن بہ واهہ جو منهن ڪنهن اهڙي هنڌ تان نہ هو جتان درياءَ کي نسبتن جٽادار ڪپر هو جهڙوڪ سکر ۽ حيدرآباد.
* واهہ ايترا ونها نہ هئا جو سانوڻيءَ جي اڳياڙيءَ يا پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ۽ سڄو سيارو درياءَ منجهان پاڻ مان پاڻي ڪٽي سگهن.
* ڪٽي ڪٽي واهن ۾ هڪدم اوچتا وڪڙ يا ٺونٺيون هيون، جن جي ڪري ڪاڏ وڏي ويندي هئي ۽ اهي جهٽ لٽجي ويندا هئا.
* درياءَ جي پراڻن پيٽن يا ڇڏي ڏنل ڇاڙهن يا انهن جي ڪجھ ٽڪرن کي واهن ۾ بدلايو ويو هو. انهن واهن ۾ گهڻو ڪري ليٽون گهٽ هونديون هيون، اڏنگا ور وڪڙ هوندا هئن ۽ هر سال ڪاٽي گهرندا هئا.
* گهڻي ڀاڱي واهن ۾ پاڻي چاڙهہ واري مند ۾ پاتال چِڪ يا ليٽ آڌار وهندو هو، پر زمين جا وڏا ٽڪرا وري بہ پڪ سان غير آباد رهجي ويندا هوندا. ڪڏهن ڪڏهن انهن جي پڇ واريون ٻنيون ريجائڻ لاءِ نارن وسيلي پاڻي ڪٽڻو پوندو هوندو. ڪجھ واهہ يا انهن جا وڏا حصا اهڙا هئا، جيڪي ڪٽنگ ۾ وهندا هئا ۽ انهن مان پر وارين ٻنين کي ڏيڻ لاءِ پاڻي هر وقت چِڪڻو پوندو هو.
* ڪجھ اهم واهہ جهڙوڪ سنڌ واهہ ۽ بيگاري سنڌوءَ مان مُنهن هجڻ بجاءِ سنڌ ڍوري مان نڪرندا هئا، جيڪو سنڌوءَ جي هاڻوڪي وهڪري جي پوروچوٽ سنڌوءَ جو پراڻو پيٽ هو ۽ هر سال پربو رهبو هو. انهن منجهان ڪجھ کي هڪ کان وڌيڪ منهن ڏنا ويا هئا.
* واهہ جو منهن لٽ ويهي وڃڻ ڪري يا درياءَ جي لهڻ ڪري بند ٿي وڃڻ سان آبادگارن لاءِ ڏکي صورتحال پيدا ٿي ويندي هئي. درياءَ جي دير سان چڙهڻ ڪري پوک پاڇاٽي ٿيندي هئي يا وري جهٽ لهي وڃڻ ڪري پوک کي پچڻ تائين گهربل پورو پاڻي نہ ملي سگهندو هو. ٻنهي صورتن ۾ پوک پلي نہ ٿيندي هئي. پاڻي ڪٽڻ يا چِڪڻ پنهنجي ليکي سيڙاءَ وارو ڪم هو. ٽن کان ڇئن فٽن مالهہ وارا هُرلا، جيڪي وڏ ۾ وڏ چوٿو ڪيوسڪ پاڻي ڏيندا هئا ۽ سڄي ڏينهن ۾ وڌ ۾ وڌ اٺ ڪلاڪ هلندا هئا، چاڙهہ وارن ڏينهن ۾ اٺن ايڪڙن کان وڌيڪ ٻني نہ پچائي سگهندا هئا. ڪڙميءَ کي مزدوري بہ نہ بچندي هئي: پلي سندس وهٽ جهنگ چرن، انهن لاءِ ڪو نجو گاهہ نہ ڪاهي ۽ رڳو نار وهائڻ ۽ وهٽن کي چارڻ جي مزدوري ٻڌي سا بہ نہ اڳڙندي هئس.
* جڏهن درياءَ کي بچاءَ بند نہ هوندا هئا تڏهن ٻوڏون گهڻيون ايندڙيون هيون ۽ پوکن جي تباهيءَ جا امڪان وڌيڪ هوندا هئا.
* واهن جي منهن تي ڪنهن قسم جو ڪو ريگيوليٽر ڏنل نہ هو.
* واهن جي لاهوندين ۽ ترِڇن پاڳن تي ڪوڏيان ڏنل نہ هو، جنهن سان پاڻيءَ جو وهہ هڪجهڙو رهي ۽ نہ اهي لٽجن ۽ نہ ڪاڏ ڪن.
* جيڪڏهن واهن جي ڊيگهہ چڱي هجي ها ۽ رٿابندي اهڙي ٿيل هجي ها جو اهي چڱا ويڪرا ۽ اونها هجن ها ۽ پاتال چِڪ آهر پاڻي پهچائڻ کان پهريان ڪجھ ميلن تائين ڪليا هلن ها تہ جيڪر آبادگارن کي مند جي اڳياڙيءَ توڙي پڇاڙيءَ ۾ پاڻي ملندو رهي ها ۽ چاڙهہ واري پوري مند ٻنيءَ کي پيارڻ لاءِ پاڻي موجود هجي ها.
* وَسَ کان ٻاهر انهن بي يقينيءَ وارين صورتحالن جي ڪري سنڌ جي ڪڙمي طبقي ۾ صدين کان وٺي هر شيءِ کي خراب سمجهڻ ۽ نصيب تي ڀاڙڻ عام رهيو آهي: هر شيءِ تقدير جو لکيو سمجهي ويندي آهي. ان سندن سوچ کي اهڙو هاڃو رسايو آهي، جنهن جو ڪو علاج


ريجاڻي اوزار


هوڪو يا شدُوف پاڻي ڇڪڻ جو هڪ اوزار آهي. گهٽ اونهائيءَ لاءِ هوڪي کي انجيس نموني لڳل هڪ ڏگهي لٺ ذريعي لاڙيو ۽ کڻيو ويندو آهي ۽ 2300 ق. م کان ڪم ايندو پيو اچي. وچٽري اونهائيءَ تان پاڻي ڇڪڻ لاءِ هوڪي ۾ گرڙي 1500 ق. م کانوئي ڪم ايندي پئي اچي. کوڙ سارا ميٽر هيٺ گهڻي اونهائيءَ لاءِ گرڙيءَ سان گڏ وهٽ پڻ ڪم آندو ويندو آهي ۽ اهو پڻ اوترو ئي آڳاٽو آهي. عربن پاران سنڌي نار ۽ انگريزن پاران ايراني نار کوئجندڙ لوٽين وارا نار پڻ ٻن قسمن جا آهن: هُرلو: ٻن ميٽرن کان گهٽ اونهائيءَ لاءِ ۽ نار: ٻن کان ڇهه ميٽر اونهائيءَ لاءِ. هيءَ هڪ يوناني ايجاد هئي 250 ق. م ڏاري جهازن ۾ بلج پمپ جي روپ ۾ ۽ انهي تان 200 ق. م ڏاري لوٽين وارو نار ٺهيو. هلندڙ عيسوي ڪئلينڊر جي شروعات ڏاري اهو يونوچ ملڪن ۾ عام ڪتب پئي آيو ۽ سنڌ ۾ پڻ آڳاٽن جُڳن ۾ پير ڄمائي ورتا هئائين. ڇهن ميٽرن کان وڌيڪ اونهائيءَ لاءِ هوڪو استعمال ٿيندو هو. بجليءَ تي هلندڙ پمپن پنين صديءَ جي پوئين اڌ دوران هوريان هوريان هنن اوزارن جي جاءِ والاري ورتي آهي، پر سنڌ جي ٿر ۾ هوڪو ۽ ڪوهستان ۾ لوٽين وارا نار اڄ به هلن ٿا. سنڌ ۾ مينهن 3 کان 8 انچ (7.5 - 21 سينٽيميٽر) پوي ٿو، پر 70 - 100 انچ (178 - 254 سينٽيميٽر) پاڻي هاڦ ٿي اڏامي وڃي ٿو، تنهنڪري پوک ريجاڻيءَ کان سواءِ نٿي ٿي سگهي. سنڌ ۾ آڳاٽن جُڳن کان وٺي الڳ الڳ قسمن جا ريجاڻي اوزار ڪم ايندا رهيا آهن.

36


37



38


39


40


41


42


43


036، 037 ۽ 039. سنڌي نارُ. يونانين پاران 250 ق.م ۾ ٻيڙين ۾ سمي آيل پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪم آندل بِلج پمپ سنڌي نار جي ٺهڻ جي واٽ ڪڍي. نار 200ع ۾ متعارف ٿيو ۽ لٽل واهن مان پاڻي ڇڪي ٻنين کي ڏيڻ لاءِ عام ٿيو. اهڙي قسم جي نارن جو هڪ وڏو انگ سنڌ ۾ تيرهين صديءَ يا سومرن جي دور ۾ موجود هو. (سنڌ ميوزيم، حيدر آباد).

038. تيرهين صديءَ جو نارُ. ابن القزار الجزاري جي ٺاهيل ڊرائنگ، 1204-1206ع ۾ لکيل ۽ ڊونلڊ هِل پاران ترجمو ڪيل ڪتاب ”ناليج آف اِنجينيَس مڪينيڪل ڊوائسز“ ۾.

040. هُرلو. فرانسس پاران هسٽري آف انڊيا ۾ ڏنل.

041. سنڌي نار جي لوٽي، نار جي مالهه ۾ ٻڌي ويندي آهي. هيءَ اڄڪلهه هلندڙ لوٽيءَ سان ملي ٿي. (ڀنڀور ميوزم، ڀنڀور).

042. برهمڻ آباد مان لڌل ساڳ جي ڪاٺيءَ جي گِرڙي.

043. سنڌي نار، ان جي مالهه ۽ لوٽين جو 038 وانگر هم چورس ڏيک، ڊونلڊ هِل.

ئي ناهي، جنهنڪري اهي ڪوڙن پرمن ۾ ويساهڻ لڳا آهن.

* جيئن ته فصل ڪنهن سال به مارجي سگهيو پئي، تنهنڪري ڪڙمي پنهنجي ڪمائيءَ کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ مال ڌارڻ لڳا. جيئن ته درياءُ ڪاهيل ٻنين کان ٻاهر گهٽيون ٻنيون ٻوڙيندو هو ۽ انهن تي جهجها گاهه ڦٽندا هئا، ڪڙمي انهن تي پنهنجو مال چاريندا هئا، جنهن مان کين منديءَ وارن سالن ۾ چڱي هٿي ايندي هئي.
* جيئن ته عام سالن ۾ سڄي سنڌ جي حساب سان ٻنيءَ جو ڪ سان لڳ ڀڳ هڪجيتروئي پاڱو ٻڏندو ۽ تباهه ٿيندو هوندو، تنهنڪري في سيڪڙو ليکي ڪ سان لڳ ڀڳ اوتري ئي ٻني ڪاهبي هوندي ۽ اپت ۾ گهٽو ڪري تمام گهٽ فرق ٿيندو هوندو، سواءِ تڏهن جي جڏهن سنڌوءَ ۾ ڪي وڏا آبي ڦيرا ايندا هوندا. 1932ع ۾ سکر بئراج جي کلڻ کان اڳ هر ڪڙمي مالوند به هوندو هو. تنهنڪري هڪ ڪم ۾ ڏک لڳڻ سان ڪڙمي بنهه تباهه نه ٿي ويندو هو. پنهنجو واڌو جيئرو مال ڪپائي وقت ٽپائي ويندو هو.
* ڪجهه ٻنيون، جيڪي واهن جي پاڻيءَ کان مٿي هونديون هيون، پلي پاڻيءَ جي پهچ ۾ به هجن ۽ پليون به هجن، پر ڪاهجڻ کان رهجي وينديون هيون.
* هنن واهن تي رڳو خريف جي پوک ٿي سگهندي هئي. (خريف جي پوک جون-جولاءِ ۾ ڪاهبي آهي ۽ سيپٽمبر آڪٽوبر ۾ لهندي آهي).
* ڪيترا پيرا واهن جا منهن سنڌو سنئون درياءَ منجهان نه هوندا هئا، پر ڍنڍين ۽ ڍورن مان هوندا هئا، جهڙوڪ سنڌ ڍورو، جيڪي آب ڪلاٽيءَ جي مند ۾ پنهنجو پاڻ قدرتي طرح سان پربا هئا يا هٿ سان پرايا ويندا هئا. ان سان اهو فائدو ٿيندو هو ته لٽ انهن ڍورن ۾ ويهي ويندو هو ۽ واهن جي لٽجڻ جو ڪو گهٽو خطرو نه هوندو هو. ٻئي پاسي وري ڍنڍين جي پاڻيءَ جي سنوت سدائين درياءَ کان هيٺ هوندي هئي، تنهنڪري واهه ايترو نه پرجي سگهندا هئا جيترو پرجڻ گهرجندو هئن، نتيجي ۾ مٿن آباد ٿيندڙ ٻنيون گهٽجي وينديون هيون ۽ پاڻي هلندو به ٿورا ڏينهن هو. پر ائين به هو ته ڍنڍين ڍورن جو پاڻي مُک درياءَ جي پيٽ ۾ جهٽ جهٽ نه لهندو چڙهندو هو.

هنن نرالين حالتن جي ڪري سنڌ ۾ ڏڪار ڪي ورلي پوندا هئا. پاٽيا اتر سنڌ ۾ 1799ع کان وٺي رڳو 1820 ۽ 1822ع وارا ڏڪار رپورٽ ڪيا آهن ۽ گهٽو اندازو آهي ته اهي مشهور ڪشمور ٻوڏن جي ڪري پيا هوندا، جن هاٺوڪن جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻي ضلعن ۽ دادوءَ جي اترئين پاڱي کي بنهه اجاڙي ڇڏيو هو. ائين به ٿي سگهي ٿو ته مٿان انهن جو ڪارڻ آخري برفاني جُڳ واري لهر بڻي هجي. اهڙيون ئي ٻوڏون 1942، 1948 ۽ 1973ع ۾ به آيون.

سنڌ، ان هوندي به، 1758ع کان وٺي ڪ سان لاڳيتو ڏڪاريل رهي هوندي، جڏهن سنڌو درياءُ هالا وٽان وهڪرو مٽايو ۽ پنهنجو نصرپور، شيخ ڀِرڪئي، ٽنڊي غلام علي، پراڻي بدين، ڪڍڻ ۽ رهمڪي بازار وارو پراڻو وهڪرو ڇڏي حيدرآباد جي اولهه واري هاٿوڪي وهڪري سان وهڻ لڳو هوندو. انهي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه لک ايڪڙ ٻني غير آباد ٿي، جيڪا ٻه صديون پوءِ ان علائقي ۾ 1961ع ۾ ڪوٽري بئراج کلڻ کان پوءِ واهن وري آباد ڪئي.

آڳاٽي سنڌ ۾ پاڻي چڪڻ جي اوزارن - ٻوڪي يا شدوف - جي تاريخ ۽ گهرج

ٻوڪو (پاڻيءَ جو چمڙي جو ڏول) سنڌو ثقافت وارن ڏينهن ۾ جاتل سڃاتل هو. گِرڙيءَ يا چرخيءَ جي ڄاڻ تڏهن نه هئي. تنهڪري ٻوڪو کوهه مان ٻاهر هڪ ڊگهي لَڙهي سان ڇڪيو ويندو هو، جيڪو زمين ۾ اونڌو ڪري کوڙيل هڪ U نموني منگهه (لوٽل پرسان لڌل) يا ساڳئي ئي نموني کوڙيل ٿيانگهيءَ مٿان انجيس ذريعي جڙيل هوندو هو. اهڙوئي اوزار مصر ۾ 4,500 سال اڳ ڌاري استعمال ٿيندو هو. (سنڌ جي ٿر ۾ کوهن جي پڳهن جي پاسي ۾ کُتل "کُهڙ" سڏجندڙ هڪ ٽِ انگهو فريم اڄ به ٻوڪو ڇڪڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو - سنڌيڪار).


اُن لَڙهي سان ٻوڪو رڳو انهي فريم يا ٿيانگهيءَ (ٽِہ اَنگهي) جي اوچائيءَ جيترو هيٺان کان ڇڪي سگهبو هو. عام طور اها ڏهن فٽن کان وڌيک نه هوندي هئي. هڪ کان وڌيک گرڙيون گڏي ڪم آڻڻ ميسوپوٽام ۾ 900 ق.م ڌاري عام ٿي چڪو هو. سادي گرڙي گهٽو اڳ ايجاد ٿي هئي. ان جو سنڌو ثقافت جُڳ ۾ هجڻ ٽيڪنيڪي طور ثابت ٿي نه سگهيو آهي. ان بابت ڄاڻ ٿي سگهي ٿو ڪنهن ٻئي هنڌان پهتي هجي يا مٿان ڍرڪندڙ سنڌو ثقافت (1650 کان 900 ق.م) دوران ٻنين کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ناهي وئي هجي. اها مصر ۾ 1500 ق.م ڌاري استعمال هيٺ هئي ۽ گهٽو ڪري سنڌ ۾ پڻ ٽيستائين اچي وئي هئي.

ٻوڪو لڳي ٿو ته سنڌ ۾ اتندي وچولي هندستان واري ٻوڪي کي ڏسي ناهيو ويو. اهو دکن ۽ مڌيا پرديش ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوڪي جهڙو آهي. ٻوڪي ۾ نار جي پيٽ ۾ فائدو اهو آهي ته ان مان پاڻي پوئتي کوهه ۾ نه ڇُلڪندو آهي. هي تُن واري چانهه جي ڪٽليءَ جهڙو ٿيندو آهي. منهن وٽ ٻڌل واڌ گرڙيءَ تي چاڙهي کوهه ۾ هيٺ لاهبو يا مٿي ڇڪبو اٿس. تُن کي ڇڪي نوائڻ لاءِ هڪڙي ٻي ننڍي گرڙي ٿورو هيٺ ڏبي آهي. جڏهن ٻوڪو انهي ننڍي گرڙيءَ کان مٿي ٽپي ايندو آهي ته سٽ ڏئي پاسيرو ڪبو اٿس ۽ پاڻي ٻاهر نهيل هوديءَ ۾ اوتجي ويندو آهي. ساماٺل سنڌو ثقافت واري ٻوڪي يا شدوف بابت ڄاڻ باب نائين ۾ ڏني وئي آهي.


ٻوڪي جون اوڻايون هي آهن:

* وهٽ کي هر پيري اڳتي اچڻو پوندو آهي ۽ وري پوئين پير پرڪڻو پوندو آهي. کوهه گهٽا اونها نه هجن ۽ وهٽن کي اڳتي توڙي موٽائڻ مهل پوئتي سنئين پير ڪاهي نه وڃي سگهجي ته پوئتي پرڪڻ وارو اهو ڪم وهٽن لاءِ تمام ڏکيو هوندو آهي ۽ ان تي دير به گهٽي لڳندي

44




45




46




47



48



49



50



51



ريجاڻي اوزار

044. ڄوڪو، ڏکڻ هندستان ۾ استعمال ٿيندڙ، برڪلي 1893ع.
045. اهڙو ئي ڄوڪو جيڪو لوٿل ۾ 2000 ق.م ڌاري استعمال ٿيندو هو. اهڙو ڄوڪو ٿر جي علائقن ۾ اڄ بہ استعمال ٿئي ٿو. (سولجر آف ڪمپني).
046. ڪڙمت جا بنيادي اوزار: هر ۽ ڏانداري، پنهين صديءَ تائين بنا ڦيرڦار هلندا آيا.
047. ڏکڻ هندستان جو ڄوڪو، ايڊورڊس جي "برٽش انڊيا" آڌار.
048. ڄوڪي تي ريجاڻي.
049. ٿر ۾ ڄوڪي تي ريجاڻي.
050. نيولٿڪ ڪڙمي نيم لاڏائو هئا. اهي ٻنيون صاف ڪريءَ فصل پوکيندا هئا، پر جڏهن ٻني ٿڪجي پوندي هئي تہ اتان لڏي ٻئي هنڌ وڃي نئين سر شروعات ڪندا هئا. 7500 ق.م.
051. شدوف (آڳاٽي مصري تصوير).
هي سمورا پراڻا اوزار ويندي 1980ع ۾ بہ عام هئا.

آهي.

* گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ماڻهو وهٽ کي اڳتي پوئتي آڻڻ نيڻڻ لاءِ گهرجي ۽ ٻيو هيٺين گرٽيءَ تي اک رکڻ ۽ انهي تان واڍ کي لهڻ نه ڏيڻ لاءِ.

ٻوڪي تي لاڳت نار جي پيٽ ۾ گهٽي گهٽ ايندي آهي، پر اهو في ڪلاڪ نار جيترو پاڻي ناهي ڏيندو ۽ ٻن وڏن ماڻهن جي جاءِ تي هڪڙو ننڍو ٻار به نار ۾ وهٽ کي وهائي سگهي ٿو.

ڪتب ايندڙ وهٽ

سنڌ ۾ سڀ کان پهريون وهٽ طور ڪم ايندڙ ڍور ٿي سگهي ٿو ته ڏاند هجي. اٺ متان 1000 ق. م ڌاري استعمال ٿيو هجي. اٺ ٻڌايو وڃي ٿو ته سعودي عرب ۾ 1200 ق.م ڌاري ڌاريو ويو. اٺ جا موهنجي دڙي مان لڌل هڏا پڌرو ڪن ٿا ته اٺ سنڌ ۾ 2300 ق.م ڌاري موجود هو. اٺ ٿي سگهي ٿو ته هتي سنڌ ۾ عربستان کان به اڳ ڌاريو ويو هجي ۽ لاڏو ۽ مهريءَ طور ڪم آندو ويو هجي. ٿي سگهي ٿو ته انهي ٻوڪو ۽ نار به ڇڪيو هجي جڏهن انهن جي ڄاڻ هتي پهتي. سنڌ ۽ ميسوپوٽامر (هاڻوڪو عراق) وچ ۾ ڪاروباري لاڳاپا جڙڻ سان ڪاٺ جا ٻوڳا ٻيڙن تي لڏڻ لاءِ گرٽيءَ جو ڪم اچڻ عام ٿي ويو هوندو. تنهنڪري گرٽي ٿي سگهي ٿو ته جهُڪر واري جُڳ ۾ يا 1500 ق. م کان سُتت پوءِ موجود هجي.

نارُ

نار گهڻو پوءِ ٿيو. هن ۾ ڪم ايندڙ چڪرين يا گراڙين وارو نظام سَرائيءَ جو زور چڪر ذريعي، پاسيرن ڏندن وارين چڪرين واري متي هيٺ، ڪانِيَڻ ۾ پهچائيندو آهي. چڪر گهڻو ڪري اٿندي ڪيانين ۽ يونانين پنهنجي جنگي مشينن جهڙوڪ پٽ تي چڙهڻ وارين ۽ پٿر اڇلائڻ وارين لاءِ 250 کان 200 ق.م ڌاري ٺاهيو. لڳي ٿو ته يونانين چڪر کي پاڻي پرڻ وارو اوزار ٺاهڻ لاءِ ڪم آندو جيڪو هاڻ نار سڏجي ٿو. هُرلو (گهٽ اونهائيءَ تان پاڻي ڇڪڻ لاءِ) ٿي سگهي ٿو نار کان اڳ ٺهيو هجي. نار هڪ حد اونهائيءَ تائين پاڻي ڇڪيندو آهي. ٽيهه فٽ ڇيهه، وڏيڪ اونهائيءَ تي چڱي طرح ڪم ناهي ڪري سگهندو. ڇو ته ماله پاڻيءَ سان ڀريل لوٽين جي وڏي بار تي ترڪندي آهي، جيستائين لوٽيون گهٽائجنس نه. ٽيهن فٽن کان وڏيڪ اونهائيءَ لاءِ ٻوڪو نار کان وڏيڪ ڪارگر هوندو آهي.

نارُ سنڌ ۾ ٿي سگهي ٿو باختري يونانين يا سِٿِيُن جي دور ۾ 184 کان 80 ق.م تائين پهتو هجي ۽ گهڻو امڪان ٻين صدي ق. م ۾.

هرلو آڳاٽن جُڳن جي پاڻي ڇڪڻ وارن اوزارن مان سيني کان وڏيک ڪارگر اوزار آهي ۽ رڳو ڪيانين وارو آڪيڙو (ڇُوڙي) هن کان اڳتي هو، جيڪو وري مٿا تمام هيٺ يعني هڪ کان ڏيڍ ميٽر اوچائيءَ تي هجڻ ڪري خاطريءَ جوڳو ڪم نه ڪري سگهندو هو.

انگريزن کان اڳ نار جو استعمال عام هو ۽ سنڌ جي پنجاهه سيڪڙو کان وڏيڪ ايراضيءَ ۾ چاڙهه تي وهندڙ واهن تي ڪاميابيءَ سان پوکون پچائڻ ۽ لوب ڪٽڻ لاءِ هڪ ضرورت هوندو هو. درياءَ مان نڪرندڙ واهن جو انگ الڳ الڳ وقتن تي پنج سو کان هڪ هزار جي وچ تي هيٺ مٿي ٿيندو رهندو هو. انهن ۾ پاڻي درياءَ جي لاهه چاڙهه سان لهندو چڙهندو رهندو هو. جڏهن مئي جي پڇاڙيءَ يا جون جي اڳياڙيءَ ۾ منجهن پاڻي گهٽ هوندو هو ته هاري فصلن (خاص ڪري ڦُٽيون، سارين جا ٻيجارا، ڀاڄيون ۽ ميوا) جي پوکائي نارن تي ڪندا هئا ۽ جڏهن سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ يا آڪٽوبر جي اڳياڙيءَ ۾ پاڻي لهي ويندو هو ته پوکون پچائڻ لاءِ نار ۽ هرلا ڪم آڻيندا هئا. نارن ۾ هڪ اٺ يا ڏاندن جو جوڙو پاڻيءَ جي اونهائيءَ ۽ ماله ۾ ٻڌل لوٽين آهر جوٽيا ويندا هئا.

ترجيح اٺ کي هوندي هئي، ڇاڪاڻ ته ڏاندن کي چڱو چوکو چارڻو پوندو هو جڏهن ته اٺ جهنگ جهر ۽ وڻ چرندو هو. اٺ هلندو به تکو آهي ۽ جهٽ ٿڪبو به ناهي.

ساڳئي وقت واءَ چرخين يا ڦرٽين سان، جن جا 4 پر گهڻو ڪري ٻيڙين جي سِڙهن جي ڏني ٺاهيا وياهئا، نار هلايا ويندا هئا. ايراني سڏجندر هي نار ايران ۾ ايترا لوک پسند نه هئا جيترا سنڌ ۾ هئا. وچئين جُڳ وارن عربن هن کي ايراني نار بجاءِ سنڌي نار ڪري لکيو آهي.


ريجاڻيءَ لاءِ ڊيزل تي هلندڙ پمپ سنڌ ۾ پهرين مهاڀاري جنگ دوران آيا. اهي سينٽريفيوگل پمپ 1917ع ۾ ٻاهران گهرايل 32 هارس پاور جي رسٽن ڊيزل انجڻ تي هلندا هئا. 1957ع تائين سڪرنڊ ۾ استعمال هيٺ هو. انهن ڊيزل انجڻين پهرين مهاڀاري جنگ وارن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ ملير ويجهو ريجاڻي کوهن تي چڙهيل نارن جي جاءِ ورتي، ڇوته 1860ع واري ڏهاڪي ۾ تيرهن فٽ هيٺ وارو جَرُ اڳلن پنجاهه سالن ۾ ٽيهه فٽ هيٺ هليو ويو. هاڻ اهو سو فٽ يا اڃا به وڏيک هيٺ آهي.

سنڌ ۾ ٻئراجن (1932ع) کان اڳ نار تي ٽيندڙ ريجاڻي ۽ ان جا مخصوص طريقا


ٻئراجن کان اڳ وارن ڏينهن ۾ جن هنڌن تي ٻنيون واهن ۾ پاڻيءَ جي سنوت کان مٿي هونديون هيون اتي پاڻي سڄي مند نارن ذريعي ڇڪڻو پوندو هو. پورهيت ۽ وهٽ جو لڳندڙ وقت ڌيان ۾ رکجي ته بلڪل گهاٽي جو ڪم هو، پر وهٽ وانديون ڀيل سرڪاري زمينن تي چرندا هئا ۽ ماڻهن وٽ ڪرڻ لاءِ ڪو ٻيو ڌنڌو نه هوندو هو، سو صفا ڪجهه نه ڪمائڻ کان بهتر ٿورو گهڻو ڪمائڻ لاءِ سڀ کان پلو ڌنڌو اهو ئي هو.

جتي واهن ۾ پاڻيءَ جي سطح پرپاسن وارين ٻنين کان چاڙهه واري مند جي چوٽ وارن ڏينهن ۾ مٿي هوندي هئي پر فصلن جي پوکائي واري وقت يا پڇاڙيءَ ۾ تياريءَ وقت لٽل اتي لاٽ وارن ڏينهن ۾ نار ٻڌبا هئا.

52

53

54

55


56

57

58

59

60

61

62

63


رهڻي ڪهڻي

052. عورتن ڪي ايندڙ چڪ ۽ هڏن ڪي ٿيندڙ مخصوص نموني جو نقصان. اَنُ پيهڻ جا روهي ۽ روهڙو.
053. ڇٻين، ٽُبٽين يا ڪارين لاءِ تيليون ۽ ڪانا چيرڻ.
054. ڇٻي، ٽٻٽي يا ڪاري ٺاهڻ.
055. ٻوٽا ميڙڻ.
056. اُکري ۽ مُهري ڪم آڻڻ.
057. عورت پاران اَنُ ڇڙڻ.
058. رُوهڙو ڪم آڻڻ.
059. اَن ۽ داليون ڪاهڻ.
060. عورت جو ٻه گهڙا کڻي هلڻ.
061. عورت جو ڏيونرو ولوڙي مکڻ ڪڍڻ. ڏيونري ۾ کوڙ سارو پاڻي گڏايو ويندو هو ته جيئن مکڻ مٿي تري اچي.
مکڻ ڪڍڻ کان پوءِ پوئتي رهيل ڏڌ کير وانگر استعمال ٿيندو هو.
062. ساهه پٽڻ.
063. رڍون ۽ ٻڪريون چارڻ.

جتي واهن جو پاڻي سال ۾ چار کان پنج مهينا پوکائيءَ واري مند دوران پاسن وارين ٻنين کان مٿي وهندو هو اتي سانوڻيءَ جون پوکون آب ڪلاٽيءَ واري مند ۾ سولائيءَ سان پچائي سگهبيون هيون، پر اهڙا ٿه علائقا هوندا هئا، جيڪي پاڻيءَ جي سنوت کان مٿي هوندا هئا ۽ انهن لاءِ پڻ پاڻي ڇڪڻو پوندو هو.

پاڻي ڏيڻ جا مٿيان ٻئي طريقا رڳو جون ۽ آڪٽوبر/نومبر جي وچ تي ٿيندڙ خريف يا سانوڻيءَ جي فصلن لاءِ هوندا هئا، پر ڪجھ علائقن ۾ سياري ۾ پڻ هينين طريقن سان پاڻي ڏنو ويندو هو:

سنڌوءَ جي هڪ الهندي ڇاڙهه هئي، جيڪو الهندو نارو سڏبو هو. تاريخ جي ڪيترن جُڳن ۾ اهو ڪشمور جي اتر کان نڪرندو هو ۽ پوءِ ان جي ڏکڻ کان. اٺويهين صديءَ جي منڍ ۾ اهو سکر وٽان نڪرندو هو ۽ منڇر ڍنڍ ۾ وڃي پوندو هو، جتان اڙل واهه رستي وري درياءَ سان وڃي گڏبو هو. نارو هڪ ٻارهو وهندڙ واهڙ هو ۽ پر وارين ٻنين جي سطح آهر ليٽ يا نارن رستي انهن کي پاڻي پهچائيندو هو. ايترو پاڻي هوندو هئس جو سڄو سال ٻيڙن جي اچ وڃ ٿي سگهندي هئس، تنهنڪري ٻيڙن رستي مال آڻڻ نيئڻ ۽ لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن کي سڪيو ستابو رکڻ ۾ اهم ڪردار هوندو هئس. سنڌوءَ جي هن ڇاڙهه تي ربيع (سياري) جا فصل توڙي ٻارهو پاڻي گهرندڙ فصل، جن منجهان ڪجھ ميوا هئا جهڙوڪ انب، ليما، نارنگيون، ٻير وغيره، سياري جون سيني قسمن جون ڀاڄيون، ٽماٽا، پنگ، ڪٽڪ، جَوَ، جَوِي ۽ سياري ۾ ٿيندڙ تيلي ٻج، ٿيندا هئا.

منڇر ڍنڍ ڪانسواءِ سنڌ ۾ ڪوڙ ساريون ڍنڍون هيون، جيڪي گهڻي ڀاڱي سنڌوءَ ۽ هاڪڙي جي پراڻن پيٽن جون ناهيل هيون. اهي سانوڻيءَ ۾ پربيون هيون ۽ انهن مان سياري ۾ ربيع توڙي ٻارهن فصلن لاءِ پاڻي ڪڇندو هو. ڍنڍن ۾ ڪوڙ ساريون ٻاهران آيل پاڻن واريون پوکون ۽ ڀاڄيون پڻ ٿينديون هيون.

سنڌو درياءَ مان پوکن کي پاڻي ڏيڻ جو هڪڙو ٻيو طريقو سيلابي ٿه هوندو هو. پوک جي هن طريقي ۾ ٻني سانوڻيءَ ۾ ٻوڙائي ويندي هئي ۽ پوءِ جڏهن اها وَٺ ايندي هئي تہ ان ۾ سياري جي پوک ڪاهي ويندي هئي. اهڙيون ايراضيون قدرتي ترايون يا ڪڏون يا ڪُنبَ يا ڍنڍن جا ترا (منڇر سميت) هوندا هئا، جن مان جڏهن پاڻي ٻين مقصدن لاءِ ڇڪجي ويندو هو يا سُڪي ويندو هو تہ اهي سياري جي فصلن لاءِ ڪم آنديون وينديون هيون. سانوڻيءَ ۾ ٻڏندڙ ڪچي ۾ اڳي ٿه سيلابي پوک ٿيندي هئي ۽ اڄ ٿه ٿئي ٿي. جڏهن انسان سوچي سمجهي ۽ بندوبست ڪري پاڻي ڏئي تہ ان کي الڳ قسم جو پاڻي ڏيڻ چئي سگهجي ٿو.

سارِيال علائقن ۾ دوباري (ٻہ فصلي) سڏجندڙ سياري جا فصل هڪ ٻي نواڻ آهي، جتي زمين آگسٽ جي اڳياڙيءَ تائين پاڻي ۾ ڍَءُ ڪندي آهي. آڪٽوبر/نومبر ۾ ساريون لُٻڻ کان پوءِ پاڻي اجا اتڪل هڪ کان ٻن فٽن تي هوندو آهي ۽ مٿان تر آلو هوندو آهي. ان تي تيلي ٻج، مٽر، چڻا، ڪٽڪ ۽ جَوَ دوباري ڪاهبا آهن. ڇا پوڪجي سا چوند پاڻيءَ جي ائن فٽن هيٺ تائين ڪرڻ واري رفتار آڌار ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن ائين فيبروريءَ جي پڇاڙيءَ تائين ٿي ويو تہ مٽر ۽ تيلي ٻج ڪاهبا ۽ جيڪڏهن مارچ جي پڇاڙيءَ تائين هليو تہ ڪٽڪ، جَوَ ۽ چڻا ڪاهبا آهن.

ٻنهي منجهان پهريون طريقو آمري جُڳ کان هليو پيو اچي ۽ ريجاڻيءَ جو اوائلي طريقو سمجهي سگهجي ٿو. ٻيو طريقو (دوباري) موهنجي دڙي کان پوءِ جو آهي ۽ گهٽو ڪري جهُڪر واري زماني ۾ 1650 ق.م کان پوءِ سارين جي سنڌ ۾ اچڻ سان شروع ٿيو.

64



65



064. 10،000 ق.م کان اڄ تائين: ميڙ چوند تي گذران ڪندڙ قبيلن پاران ناهيل آڳاٽن جُڳن جا روهي ۽ روهڙو.

065. 2300 – 1700 ق. م: موهنجي دڙي مان لڌل ان پيهڻ جا روهي ۽ روهڙو.

66




67



68



69




70




71




72



73



74



مڇيءَ جو شڪار، مهاڻن جا گهر ۽ مڇي جي شڪار جا اوزار

066. ڪُرهي سڏجندڙ ڄار سان مڇيءَ جو شڪار.
067. ٻيڙيءَ تان مڇيءَ جو شڪار.
068. سينڊزپٽ (ڪراچي) ويجهو مهاڻن جو ڳوٺ.
069. اڪيليَ سر مڇي مارڻ لاءِ ڪُرهي: هن ۾ 6-8 لٺيون مٿئين پاسي وٽان ڪاٺ جي هڪ گول ڪڙيءَ جي چوڌاري ٻڌل هونديون آهن، ڇٽيءَ وانگر ويڙهيل آهي ۽ اندران ڄار لڳل هوندو آهي جيڪو هيٺان ٽري ڪان مٿي گول ڪڙيءَ تائين نباتي شڪل ۾ هوندو آهي ۽ مٿئين پاسي وٽان ٻڌل ڏوريءَ سان ڇڏبو ڪڍبو آهي ۽ اهو ننڍڙي پاڻيءَ ۾ ڏوري ڇڏي مڇيءَ مٿان وڌو ويندو آهي. ڄار مٿان پوڻ سان مڇي ڦاسي پوندي آهي ۽ پوءِ ان کي هٿ سان جهليو ويندو آهي. اوچائي 1 ڪان 2 ميٽر.
070. سنڌوءَ مان پلو ماريندڙ مهاڻو، 1876.
071. سنڌوءَ مان پلي جو شڪار، 1876. مهاڻو پيٽ هيٺان وڏو مٽ رکي انهي جي منهن تي پنهنجو پيٽ ڏئي سنڌوءَ ۾ ترندو ويندو آهي ۽ پلو جهليندو انهي ۾ وجهندو ويندو آهي. سنبُوهي نالي سندس ڄاري 4.5 ڪان 5 ميٽر ڊگهي هڪ ڏانگ جي چوٽيءَ تي ٻڌل هوندي آهي. 1876
واري سنڌ گزيٽيئر ۾ هن بابت ڄاڻ ڏنل آهي. (لنڊن نيوز، 19 فيبروري 1876 ۾ آيل تصوير).
072. پلو مڇي.
073. پٿري (ننڍڙو پٿر) جُڳ جا مڇيءَ جي شڪار جا اوزار، 10,000 ق.م ڪان 2500 ق.م.
074. ماٽي مهاڻو هڪ وڏو مٽ پيٽ هيٺان سبتو رکي انهي جي منهن تي پنهنجو پيٽ ڏئي ترندي مڇي جهليندوءِ ڪم واري مڇي ڏار ڪندو انهي ۾ وجهندو ويندو آهي. ساڳيو 71 وانگر.

باب چوٿون

سنڌ ۾ ڏاڍ ـ راڄ يا آپيشاهي: ريجاڻيءَ جو هڪ فطري نتيجو؛ ريجاڻيءَ وارن هڙني سوڪ آبهوا وارن علائقن نيل، دجله ـ فرات، هُوانگ هو، ميسو ـ آمريڪا ۽ سنڌو ماٿر ۾ هڪ جهڙو گڻ

ڏاڍ راڄ (آپيشاهي، مطلق العنانيت يا آمريت) مينهن تي وهندڙ نئين تي ٽيندڙ زراعت وارن سگهارن ڳڙهن ۾ نٿو پلجي سگهي، جو تہ اتي پاڻيءَ جي ڪوٽ واري زميني منظر لاءِ گهربل ريجاڻي واهن جو نظام جوڙڻ ۽ هلائڻ جي گهرج نٿي پوي. سوڪ آبهوا وارن علائقن ۾ ريجاڻيءَ جو ڇيهہ نتيجو نڪرندو آهي سرڪاري يا سرڪار جي منظور ڪيل ڪامورن جو آپيشاهي اختيار. آپيشاهي اختيار وري تڏهن هڪدم ختم ٿي ويندو آهي، جڏهن اهڙن علائقن ۾ بهتر ٽيڪنالاجيءَ ۽ سيڙپ سان ملڪيتن تي آڏاريل انتظام پير ڪوڙي وٺندو آهي.

پاڻيءَ جي ڪوٽ واري زميني منظر ۾ ريجاڻيءَ ويندي تڏهن بہ فائدا ڏنا آهن، جڏهن پلن راڄ ڏٽين جي بنهہ ٿورڙين پيڙهين بہ ريجاڻي رٿائن جو بهتر انتظام ڪيو آهي. انهي آباديءَ ۾ واڌ آندي ۽ ڪوڙ سارو واڌو ڪاڌو پڻ اپاياڻين، جنهن جي نتيجي ۾ شهري واڌ ويجهہ ٿي. انهي وري ٽيڪ پرائي فتحون ڪرڻ واري حڪومتي چاهہ ڪي ۽ سلطنتون پيدا ڪيون. پوکن واري زراعت جي شروعات ڪريسنٽ ملڪن (ڏکڻ ترڪي ۽ لبنان، شام ۽ اردن) ۾ 7،000 ق.م ڌاري ٿي، ساڳئي ئي وقت جڏهن اها سنڌو ماٿر ۾ مهرڳڙهہ ۾ ٿي. هيءَ ايجاد پنهنجي جنم ڀوميءَ کان سموري ايشيا ۽ يورپ ۾ پکڙي. ۽ جيڪڏهن مهرڳڙهہ کي 1739ع تائين سنڌ جو ڀاڱو ليکجي ٿو تہ ان ليکي اها مصر ۽ ميسوپوٽام ۾ سنڌ کان پوءِ شروع ٿي. سنڌوءَ جي ڪڇي وارن علائقن ۾ ماڻهن کي گهرج هئي ڪا نئين ۽ سڌريل ٽيڪنالاجي اٽڻ جي تہ جيئن اهي ٻيلا ڪٽي انهن جي جاءِ تي ڪاهيل پوکون ڪن.

هاڙوڪي بلوچستان جي ڀونوچ آبهوا (سياري جا مينهن) وارن ڀاڱن جهڙوڪ مهرڳڙهہ ۾ 6،500 ق.م يا اڃا بہ 500 سال اڳي کان وٺي ڪٽڪ ڪاهبي پئي آئي. انهن کي اتفاقي طور سمجهہ ۾ اچي ويو هو تہ ٻوڏ کان پوءِ جڏهن درياءُ لهي وڃي تہ سرءُ ۾ انهي وَٽَ آيل لٽياسي زمين ۾ ڪٽڪ جي پوک ڪاميابيءَ سان ڪري سگهجي ٿي. هيستائين (4،000 ق.م) ڪتو، مِرون، ٻڪري، رڍ، وڏو مال ۽ گور گڏهہ اڳ ئي ڌارجي چڪا هئا. ڪُنديِن، سُئن، چارن ۽ ڪُڙهين سان مڇي مارڻ عام ٿي چڪو هو. هٿ تي نهيل ٿانوَ آوين ۾ پڪا پئي. چَڪ تي لٿل ٿانوَ اچڻ ئي وارا هئا.

هي ماڻهو، آڳاٽا ڪڙمي (نيولِٿڪي)، سنڌوءَ جي پَٽن ۾ آمريءَ ۾ ۽ ممڪن طور اهڙن ڪوڙ سارن ڳوٺن ۾ وسي ويٺا. اٿندي انهن رڳو مٿئين چاڻايل طريقي سان ٽيندڙ ربيع جي فصلن تي ڀاڙيو. ٽيڪ ٽيڪ سنہ ڪَٽي نٿو سگهجي، پر هر پِرڪارين امڪان اهو ٿو لڳي تہ اڳلن هزار کن سالن ۾ واهن رستي ريجاڻيءَ ۾ پير پائي چڪا هئا. اٿندي چشمن جو پاڻي استعمال ٿيو، جيڪو پنهنجو پاڻ نِيندي تي وهندو هو ۽ اڳتي هلي واهڙ، ڍورا ۽ ڍوريون ڪم آندا ويا، جيئن باب 8 ۾ ٻڌايو ويو آهي. طريقو پڪ سان پاڻيءَ کي ڪنهن ڊنڊ يا ڪنهن وهڪري مان ڪنهن هيٺاهين ٻنيءَ ۾ ڪاهي وجڻ وارو هوندو. ڳوٺ وسنديون سدائين مٿاهُين جاين تي اڏبيون هيون تہ جيئن اهي چاڙهہ وارن ڏينهن ۾ ٻڏڻ کان بچيل رهن.

شڪار ۽ ميڙ چونڊ تي گذران ڪندڙ قبيلا (13،000 کان 5،000 ق.م) ڪاڏي لاءِ هر نئين سج هلندا وتندا هئا ۽ وٽن آئيندي لاءِ ڪا رٿابندي نہ هئي. زراعت جي سڌاري جو آڌار هو آئيندي لاءِ رٿابندي؛ نہ رڳو ڪاڌو اڳلي فصل تائين بچائي رکڻ، پر پورن چوويهن مهينن تائين، متان اڳلي سال جو فصل بہ ٻوڏ يا سوڪهڙي جي ڪري مارجي پوي. واڌو ڪاڌو اپائڻ لاءِ واڌو آبادي گهربل هئي ۽ ان وڌيل آباديءَ کي ڪارائڻ لاءِ وڌيڪ ٻني ريجڻ جي ضرورت هئي. ”سنڌ - اٽس فوڊ سورسز سِنس اينٽيڪُئٽي“ (آڳاٽن جُڳن کان وٺي سندس ڪاڌي جا ذريعا) عنوان واري ليک ۾ اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ سنڌ 7،000 ق.م ڌاري 100،000 شڪارين کي تاتڻ جوڳي هئي. پراڻي طريقي واري زراعت پڪ سان آبادي وڌائيندي ۽ ان وڌيل آباديءَ کي وڌيڪ

ٻنيءَ جي گهرج پوندي. آڳاٽن حاڪمن جهڙوڪ ڪلهوڙن جي سٺي رٿابنديءَ واري زراعت سان سنڌ صوبو آرام سان ايڪيهہ لک ايڪڙ ٻني آباد ڪري سگهندو هوندو ۽ انهي جي اپت سان سنڌ جي ٽيهہ لک ڳوناڻي آبادي تاتي سگهندو هوندو. اهو زور ڏئي چوڻ ضروري آهي تہ ڪلهوڙن واري ريجاڻي ۽ زراعت اوترا ئي پراڻي ڍنگ جا هئا، جيتري موهنجي دڙي واري زراعت. ريجاڻي زراعت لاءِ تمام گهٽي سهڪار جي گهرج پوندي آهي ۽ ويتر وڌيڪ گهرج تڏهن پوندي آهي جڏهن واهہ گهٽا ڊگها ٿي وڃن، گهٽو پاڻي ڪٽن ۽ گهٽي ايراضيءَ تائين پهچن. رڳو ننڍن واٽرڪورسن جي ساليانو ڪاٽي ئي ڪڙمين جا واندڪائيءَ وارا ڪوڙ سارا ڏينهن ڪائي ويندي آهي. پلي ونگارون ئي ٿين، پر تڏهن بہ ڪو اڳواڻ يا ڪا طاقت گهرجي، جنهن هيٺ ماڻهو ڪم ڪن. اهڙي قسم جي طاقت ڪنهن واهہ تي سهڪار ڪندڙ آبادگار آسانيءَ سان ٺاهي وٺندا هئا. اڳيان ٽيڻ وارو پهريان تہ پاڻي وٺڻ ۽ ان تي پنهنجي ۽ ٻين آبادگارن جي ٻني آباد ڪرڻ لاءِ واٽر ڪورس يا واهہ جو بندوبست پنهنجي ذمي ڪٽندو هو، ٻين آبادگارن پاران سندس جوڙيل قائدن قانونن تي پوري طرح هلڻ قبولڻ ڪان بنا ئي. وڏي واهہ تي اهو اڳيان ٽيڻ وارو فصل مطابق پاڻي ڏيڻ وارا پنهنجا قائدا قانون لاڳو ڪندو هو ۽ ڏاڍو مڙس بڻجي ويهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهو پنهنجي عملداري گهٽن واهن تائين ۽ ويندي نيون آباد ٿيندڙ ٻنين تائين وڌائي ڇڏيندو هو. ايسيتائين جو گذريل ڇئن هزارن سالن ۾ سنڌ ۾ آيل انتهائي سڌريل حڪومتن کي بہ انهي ڪي انهي واهہ يا واٽر ڪورس لاءِ چڱو مڙس مڃڻو پوندو هو. سندس اختيار کي سگهارو ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي نصيحتون گهڙيون ويون. ان ڪان پوءِ ريجاڻي سماج ۾ مرڪزي طاقت کي پڻ پاڻ ۾ ڏاڍ مڙسيءَ وارا گڻ پيدا ڪرڻا پوندا هئا. اها آهي حقيقت سمورن ريجاڻي سماجن جي؛ نہ رڳو ريجاڻي سنڌ ۽ پنجاب ۾ پر مصر، ميسوپوٽامر (دجلہ- فرات جو ديس، هاڻ عراق) هُوانگ هو ماٿري ۽ ميسو-آمريڪا ۾ پڻ.

سنڌ جي تاريخ تي هيستائين گڏ ڪيل ڄاڻ ٻڌائي ٿي تہ ساماٽل سنڌو ثقافت (2300 - 1700 ق.م)، واهليڪا، راءِ، برهمڻ، هباري، سومرا، سما، ڪلهوڙا ۽ ٽالپر راڄ گهراٽا پڪ سان اهڙن ئي زراعت واڳيل بندوبستن جو نتيجو هوندا ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنين 3،600 سالن ۾ واهن واري ريجاڻي نظام جو. ڪلهوڙن جو ٿورو عرصو هلندڙ راڄ بہ سنو سنپاليل ريجاڻي نظام جو نتيجو هو ۽ ان کي انگريزن پاران سنڌوءَ ۽ ان جي چلت سان پنجاهہ سال جاڪوڙڻ ڪان پوءِ ورتل ڪوشش جي برابر چئي سگهجي ٿو.

نئين ٽيڪنالاجيءَ جي اچڻ ڪان اڳ زراعت جي سپ ڪان وڌيڪ اپت سوڪ آبهوا وارن پرڳڻن ۾ لهندي هئي. اهو ئي ڪارڻ هو جو، پنين ٻن صدين واري صنعتي ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ تائين، تهذيبن جا ڳڙهہ سوڪ آبهوا وارا پرڳڻا هئا. سوڪ آبهوا وارن پرڳڻن ۾ تهذيبون ريجاڻي رٿائن سان اسرنديون ۽ ڊرڪنديون هيون ۽ انهن جي تباهيءَ جو ڪارڻ قدرتي نتيجا جهڙوڪ سوڪهڙو آٽيندر آبهوائي ڦيرا، ٻوڏون ۽ دريائي وهڪرن ۾ ڦيرا ٿيندا هئا. اهي ڦيرا ريجاڻي رٿائن، ڪاهيل ٻنين ۽ وسندين کي تباهہ ڪري ڇڏيندا هئا، نتيجي ۾ ماڻهو ملڪ جي ٻين ڀاڱن ڏانهن لڏي ويندا هئا، ڏڪار پوندا هئا ۽ انساني آبادي گهٽجي هڪ ٻن ڏهاڪن ۾ لڳ ڀڳ اڌ وڃي بچندي هئي. جيئن ئي وري ريجاڻي نظام بحال ٿيندو هو تہ انساني آبادي آرام سان اڌ صديءَ اندر ٻيٽي ٿي ويندي هئي. شهري آبادين ۽ ڪجهہ ڳوٺن کي بچاءَ بند ڏئي بچائڻ وارو سلسلو سنڌ ۾ صدين ڪان هلندو پئي آيو، پر انگريزن پاران ٻوڏ بچاءَ بند ٺاهڻ جو مقصد نہ رڳو وسندين ۽ ريجاڻي رٿائن کي پر ڪاهيل ٻنين کي پڻ بچائڻ هو. اڄ اهڙيون رٿائون هٽرادو طريقن سان ريج ٿيندڙ سوڪ آبهوا وارن ملڪن جي وڏن دريائن جي سيني ماٿرين ۾ موجود آهن. جيئن تہ ميسوپوٽامر، چين، مصر ۽ ميسو-آمريڪا ۾ حڪومتي قائدن قانونن جا درست نمونا ۽ مقرر ماپا هليا پئي، اهي سنڌ ۾ بہ پڪ سان جهُڪر جُڳ يعني 1650 ق.م ڪان وٺي لاڳو هوندا، پر هر جوان مرد جي واهن جي کوٽائيءَ ۽ ڪاٽيءَ ۾ لازمي شامل ٿيڻ ۽ انهن لازمي ڪمن ڪان نٽائڻ تي سزائن جي ڊپن بابت مناسب رڪارڊ رڳو ٻين ملڪن، خاص ڪري ميسوپوٽامر ۽ مصر مان ملن ٿا. آبادگار تي حقيقي پوک هيٺ آيل ايراضيءَ مطابق ڍل وجهڻ لاءِ جاميٽريءَ جي شروعات جو ڏس مصر ۾ ملي ٿو، جيئن هيرودوٽس ٻڌايو آهي، يُوڪلِڊ جي ”ايليمينٽس“ ڪان گهڻو اڳ.

پنهنجي راڄ جي پورهيتن تي اڻ مَيو ڪنٽرول سنڌوءَ، سُمير، بابل، مصر ۽ هُوانگ هو ماٿريءَ جي راڄ ڌڻين جي عاليشان شهر، محل، باغ، اَن جا ڀانڊا ۽ مقبرا اڏڻ لائق بڻجڻ جو ڪارڻ بڻيو. ريجاڻي ملڪ ۾ اڳواڻي ڏاڍن مڙسن وٽ هوندي آهي ۽ ڏاڍ-راڄ سرڪار (آمريت) سدائين ان سماج ڪان ڏاڍي هوندي آهي، جنهن تي سندس راڄ هوندو آهي. حڪومتن پاران وڏين ريجاڻي ايراضين تان ڍل اوڳاڙڻ ۽ واهن جو انتظام هلائڻ جو مقصد بهتر نموني رڪارڊ رکڻ هو. اهڙن رڪارڊن جي گهرج وري لکڻ، ليکي (حسابن) ۽ ماپ تور جي نظام جهڙوڪ ٻن جي ڪوڙي ۽ ڏهائي سرشتي جي ايجاد کي هٿي ڏني. سماج جا هي واڳ ڌڻي مجبوريءَ ۾ رڪارڊ رکڻ وارا بڻجڻندي ئي آسانيءَ سان وڏا منتظم ۽ نتيجي طور شهرن توڙي ريجاڻي رٿائن جا اڏيندڙ بڻجي ويا.

ٽين صدي ق. م ۾ مگاسٿينس، اشوڪ جي عملدارن کي ٻنيون ماپڻ، ماڻهوءَ ڳڻڻ ۽ ريجاڻي پاڻي الڳ الڳ واپرائيندڙن ۾ موريُن ۽ ٻين ماڻن وسيلي ورڇڻ جي ڪم تي لڳل ڏٺو. چاڻڪيا (ڪوٽيليا) جي ارٿ شاستر ۾ پڻ واهن جي عملدارن جو ذڪر آهي. اهو پنين هزارين سالن جي تجربي ڪان سواءِ هڪ رات پيٽ ۾ نہ ٿهي سگهيو هوندو. عباسين جي واهہ عملدار وٽ مَرّو ۾ 10،000 ماڻهو هئا ۽ ڪيس ضلعي جي پوليس سربراهہ جيترا اختيار مليل هئا. عباسين، تي سگهي ٿو سنڌ ۾ اهڙو ئي بندوبست آزمائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي، پر ناڪام ٿيا، جيئن باب 22 ۾ ڄاڻ ڏني وئي آهي. ٽيڪسن جي روانيءَ تي ڪنٽرول رکڻ لاءِ واڳ ڌڻيءَ کي ريجاڻي رٿائن جي ڄار ۽ ان جي نتيجي ۾ اڳڙندڙ ٽيڪسن جي پوري ڄاڻ هجڻ گهربي هئي. ٽنهنڪري خبر چار رکڻ ۽ ان سان گڏوگڏ ٽپال وارو سرشتو پڪ سان آمري جُڳ ڪان وٺي ڪم ڪندو آيو هوندو. ڪيانين (519 ق.م) ڪان وٺي اڳتي

اهڙي نظام ويندي اوائلي مورس ڪوڊ ٽيليگرافي (مورس جي ايجاد ڪيل ڳجهه ۾ ڳالهائڻ) جي ڪم ڪرڻ جا رڪارڊ موجود آهن. ٽيڪس اوڳاڙيندڙ عملدارن پاران گهوبين ۽ ريجاڻي نظام جي پنهنجي سار سنڀال جي حوالي سان ارٿ شاستر ٻڌائي ٿو ته راجا جي آمدني سنڀاليندڙ عملدار سدائين گهوبيءَ تي هر ڪيل هوندو آهي. تنهنڪري حڪومت ڪي ماهر جاسوسن ڪان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ اهي جڏهن ڪائي پَيَ پري وٺن ته راجا پلي انهن ڪي نيوڙ ڏئي. انهي ڪي انهن جون بدليون ڪرڻ گهرجن ۽ هڪ ڪم مان ڪدي ٻئي تي لائڻ گهرجي ته جيئن اهي جيڪو ڳڙڪايو اٿن سو اوڳاڇين.

ريجاڻي راج اڪثر خدائي راج (مذهبي/ ڌرمي ماڻهن جون حڪومتون) هوندا آهن. چاڪاڻ ته سماج، جيڪو ڏاڍ راج واري سرڪاري هَلَت (نظام) ڪي اڪيلي سِر وڏڻ ويجهڻ جو وجهه ڏيندو آهي، پنهنجو پاڻ ڪي، ڪنهن هڪ يا ٻئي روپ ۾، مذهبي حاڪميت اعليٰ جي علامتن سان سلهاڙي ڪنهن آزاد حيثيت لاءِ ڪا جاءِ ئي نه ڇڏيندو آهي: اِنڪا بادشاهه سج جو اولاد ٻٽيا؛ فرعون خدا جا پٽ يا پاڻ خدا ٻٽيا؛ ٻه دريائي ديس (ميسوپوٽامر) وارا بادشاهه الاهي روپ مثل هئا؛ اموي ۽ عباسي سلطانن پاڻ ڪي خليفا ۽ مذهب سمجهائڻ لاءِ موڪليل يعني مفتي سڏايو. ڏکڻ ايشيا ۾ اشوڪ ڪان وٺي اڳتي وارا راجا ڪنهن هڪ يا ٻئي ڌرم جا سورما ٻٽيا ۽ سياسي ۽ ڌرمي اڳواڻي ڳڌائي هڪ هنڌ ڪري ڇڏيائون. سنڌو تهذيب ۾ لڳي ٿو ته هڪ پروهت راجا هو؛ جيتوڻيڪ آثارن پڪي پروڙ ناهي ڏني. مسلمانن جي دور ۾ هند ۾ سڌو بادشاهن سان تعلق رکندڙ ماڻهو مسجدن ۽ مزارن جو انتظام هلائيندا هئا. سنڌ ۾ سمن جي دور ۾ مذهبي مهندارن ارغونن جي اُرهه زوراين آڏو بند ٻڌا. ويندي سمن جو تختو اونڌو ٿيڻ ڪان پوءِ تائين ٻه ارغونن سان مهاڏو اٽڪايو آيا؛ ان آسري تي ته من اهي وري بحال ٿي پون.

ڪلهوڙا روحاني رهبر يا پير هئا ۽ پاڻ ڪي فقير سڏائيندا هئا. مذهبي خيراتي ملڪيتن يا اوقاف، جتان مسجدن ڪي امداد ملندي هئي، جو انتظام گهڻي ڀاڱي رياست هلائيندي هئي. ريجاڻي سماج ۾ اهڙن اُپائن اسلام جي مذهبي اڳواڻن ڪي رياست ڪان آزاد ٿيڻ نه ڏنو. اهو ئي ان جو ڪارڻ پڻ آهي ته ريجاڻي سماج ۾ مذهب سدائين، رياست جي مڪمل حاڪميت ڪان پاڻ ڪي بچائڻ ڪان بنا ئي، پاڻ ڪي رياست جي اختيار اندر رکيو آهي. هيٺ ڏنل ٽيبل ٻڌائي ته ڪيئن راج ڌڻين/اڳواڻن پنهنجو مذهب ڪاميابيءَ سان پنهنجي راڄ تي مڙهيو ۽ انهن سنڌس مذهب قبوليو. انگريز ملڪ ۾ قانون مڙهڻ ۾ سوڀارا ٿيا، جيڪو سيڪيولر هو ۽ طاقتور سرڪار هيٺ مذهبي حاڪميت ڪي پاسي رکندي سيڪيولر سياست آندائون. هيٺ ڏنل ٽيبل ۾ راڄ ۽ راڄ ڌڻين جا سنڌو تهذيب ڪان وٺي 1947ع تائين مذهب ڏنل آهن.

راڄ گهراڻو يا دور	راڄ ڌڻين جو مذهب	سنڌ ۾ گهڻائي ماڻهن جو مذهب
موهنجو دڙو	بت پرستي (سنڌو ڌرم)	بت پرستي (سنڌو ڌرم)
ويدن وارا ماڻهو	ويدي ڌرم	موهنجي دڙي ڌرم مٿان ويدي ڌرم جو پاڻي چڙهيل، جيڪو اُپنيشدن جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو
ڪياني	زرتشت، پر ڏيهي ڌرمن سان هٿ چراند نه ڪيائون	جين ڌرم (سنڌن راڄ ٿورو عرصو هليو)
سڪندر	لادينيت	جين ڌرم
موريا	ٻُڌ ڌرم	ٻُڌ ڌرم
باختري يوناني، سِٿي، پارٿي ۽ پهريان ڪُشان	ٻُڌ ڌرم	ٻُڌ ڌرم
پويان ڪُشان	هندو ڌرم	ٻُڌ ڌرم (سنڌن راڄ ٿورو عرصو هليو)
واهليڪا، راءِ (شودر)	ٻُڌ ڌرم	ٻُڌ ڌرم
برهمڻ	هندو ڌرم، پر ٻُڌ ڌرم لاءِ مڪمل سهپ ڌاريائون	ٻُڌ ڌرم
عرب	اسلام	ٻُڌ ڌرم
سومرا	اسماعيلي (مسلمان فرقو)	اسماعيلي
سما	سُني (مسلمان فرقو)	سُني
ارغون، ترخان، مغل	سُني (مسلمان فرقو)	سُني
ڪلهوڙا	سُني (مسلمان فرقو)	سُني
ٽالپر	شيعا (مسلمان فرقو)	شيعا
انگريز	سيڪيولر	اسلام/هندو ڌرم

هنن جي راڄ جا سنه باب ٻئين ۾ ڏسو.

ڏرمي انداز اڏاوتون ۽ ٻيون شيون

سومرن جي ڦٽل ماڳن جي کوٽائي نہ ٿيڻ سبب ان دور جي ڌرمي اڏاوت سازيءَ بابت تمام گهٽ ڄاڻ آهي. جيئن تہ ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم ۽ اسلام تيرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين گڏ گڏ هلندا آيا، سو اڏاوتن ۾ ٻوڌي ٿلن جو نقل ٿيندو رهيو. جيڪي اٺندي ڇهينءَ کان ستين صدين جا ٺهيل هئا. سڄي سنڌ ۾ رڳو ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد ۾ ٻن مسجدن جي هجڻ جي خبر آهي ۽ ٻارهين ۽ تيرهين صدين جا ڪجهہ مسلمانن جا مقبرا موجود آهن. اهي سومرن جي هيڏي ڊگهي دور جي اسلامي اڏاوتن تي تمام گهٽ روشني وجهن ٿا. سهاڳڻ ۽ ڍاڳڻ نالي بہ مقبرا، جيڪي گهٽو ڪري تيرهين يا چوڏهين صديءَ جي اڳياڙيءَ جا ٺهيل آهن، تن تي ٻوڌي اڏاوتي ڍانءَ جي گهري ڇاپ ڏسجي ٿي. سهاڳڻ ۽ ڍاڳڻ مقبرا ڪنهن پرٽيل ۽ بيوھ عورتن جا ناهن، جيئن سندن نالن مان لڳي ٿو، پر اهي اتر سنڌ جي شهرن الور (هي شهر تيرهين صديءَ تائين آباد هو) ۽ بکر (جتي قباچہ جي حڪومت هئي ۽ ان کان پوءِ 1217-1236ع تائين التتمش جي حڪومت رهي) جي ڪنهن وڏ گهراڻي جي مردن يا عورتن جا آهن. اڌ گول قبو سنڌ ۾ ايران ۽ وچ ايشيا مان آيو، پر الور ويجهو هي ٻئي مقبرا چٽيل ڪنڊن تي ڪنيل ٿلن تي اڏيل آهن، جن جون چوٽيون گهنڊ وانگر ٺهيل آهن ۽ اها ڳڪ سان ٻوڌي اڏاوت ۾ ٿي ٿوري نواڻ آهي. اڪيريل ۽ ڪوريل سرن سان ڪوفي لپيءَ نموني اکرون ٺاهيون ويون آهن. هنن کي پڙهڻ جي ڪنهن ڪوشش ناهي ڪئي. انهي دور ۾ اڪيريل، ڪالبن سان وڌل ۽ ڪوريل چوڪيون سرون سنڌ ۾ عام هلنديون هيون. ٻاهرين پٽين تي ٺهيل چوکڙيون پڻ، سبيءَ (بلوچستان) واري ڪي چڏي، ڏکڻ ايشيا جي ٻئي ڪنهن يادگار جو نقل ناهن. سبي پاڻ بہ انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو حصو هئي. مقبرن تي ٿيل چٽسالي بہ ديسي ٿي لڳي ٿي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ ٻوڌي ۽ هندو رازن مسلمانن جا يادگار اهڙي نموني ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن اهي ٻاهران ان وقت جي اسلامي عمارتن جهڙا لڳن. برهمڻ آباد-منصوره مان لڌل ٻُوت ڪن غير مسلم سنڌين جا ديوتا بہ ٿي سگهن ٿا. ڳڇيءَ ۾ نانگ ويڙهيل ديوتا شِو ٿو لڳي. سنڌ عجائب گهر ۾ شڪارپور مان آيل ڪاٺ تي اڪيريل ويهين صديءَ جو شِو تيرهين صديءَ ۾ پتل جي سانچي ۾ ڍاليل جهڙو ٿو ڏسڻ ۾ اچي ۽ مُجون اٿس. شِو، جوڳ (يوگا) واري انداز ۾ پلٽ هٽي ويٺل پڻ ڏيکاريل آهي.

جوڳ انداز (پلٽ هٽي ويهڻ) جي شروعات



77





75



78



79



80



81

075. موهنجي دڙي جي مُهر تي ٽِ-مُنهون ديوتا جوڳ انداز ۾، سگن واري ٽوپ سان، جنهن جا سيني قسمن جا جانور ڏاريل آهن. هن کي شِو يا مهاوير ڪري سڃاتو ويو آهي. ٻُڌ جو پڻ اهڙو انداز آهي.

076. موهنجي دڙي مان ئي لڌل ٽِ-مُنهون ديوتا جوڳ انداز ۾.

077 ۽ 079. ميرپور خاص مان لڌل ٻُڌ، جوڳ انداز ۾. (ڪزنس).

078. شِو، جوڳ انداز ۾، شينهن مٿان سوار ۽ ڪنڌ تي نانگ ويڙهيل. (ڪرم چند دوداڻي).

080. اتر وچولي چين مان لڌل ٽڪر ڪوري ٺاهيل ٻُڌ.

081. مهاوير، جوڳ انداز ۾.

ريجاڻي سماج ۾ حڪومت پوڪي راهيءَ سان واڳيل آبادگارن تي فوج ۾ زوريءَ ڀرتيءَ سميت ڪيترين ئي ڳُهرون مڙهيندي آهي. حڪومت جاگيردارن، منصبدارن ۽ مذهبي تعليمي ادارن کي سپاهه هٿيارن سوڌو پهچائڻ لاءِ چوندي آهي. ويندي انگريزن به پهرين ۽ ٻين مهاپاري جنگ ۾ ائين ڪيو. رڳو انهي اڪيلي سبب جي ڪري ئي انهن چالاڪيءَ سان ڳوٺ جي چڱي مڙس/وڏيري کي پرپائي به رکيو هو ۽ دهمان هيٺ به. هٿياربند ويڙهه ۽ هٿيار هلائڻ کان اڻڄاڻ نوجوانن کي سندن آسانيءَ آهر، جنهن سان اهي ان قسم جي بهادريءَ ۽ دليريءَ تي قادر ٿي سگهن، گڏ ڪيو ويندو آهي. اهڙي قسم جو لشڪر سدائين هار کائيندو آهي. اهو آهي مکيه ڪارڻ ريجاڻي ماڻرين تي وري وري ڌارين پاران قبضو ڪرڻ جو، جيڪي وري پاڻ به ٺڏا ٿي انهن ديسن ۾ وسي ويهي رهندا آهن ۽ ٻن کان ٽن پيڙهين ۾ پنهنجي اها جوت ۽ هٿياربند ويڙهه جو ڏانءُ وساري ويهندا آهن: ڪڙمين مان لشڪر ڪڙو ڪندا آهن ۽ نتيجي ۾ هار کائيندا آهن ۽ سندن جاءِ ٻيا اچي والاريندا آهن. ان حساب سان سنڌ جي گهٽن راڄ گهراڻن جي سراسري ڄمار باب ٻئين واري ٽيبل ۾ ڏيڪاريل ستر سال بيٺي آهي. ٻين ريجاڻي ملڪن ۾ پڻ ائين ئي ٿيندو آيو آهي.

82



83



84



85



86



87



88



ڏاها ۽ سورهيه

082. ڪنفيوشَس. چيني سڌاچاري ڏاهو، 551-479 ق.م.
083. زورِيسٽر (زرتشت)، 628-551 ق.م.
084. لائو زُو، ڇهين صدي ق.م جي پڇاڙيءَ کان پنجين صدي ق.م جي اڳياڙي.
085. هند جي گنڌارا متي جو ٻوڌيسَتوا. پهرين يا ٻين صدي عيسوي.
086. چنگيز خان، 1162-1227ع.
087. نادر شاهه.
088. سائرَس اعظم، 590-529 ق.م.


89



90



91



92



93



94



95



96



97




98



99



100



101




102




103



104



105



ماتا ديويون ۽ ديوتا

089. ماتا ديوي، 3000-2000 ق.م.
090. (ماتاديوي) ٺڪر جو بت، دور VII، مهرڳڙهه.
091. ڏاند منڍيون (7500 ق.م).
092. ٺڪر جو ڏاند، موهنجو دڙو (2300-1700 ق.م).
093. (ماتا ديوي) گند جي ڍير مان مليل بت جو مٿيون حصو، دور VII B/C (مهرڳڙهه).
094. (ماتا ديوي) ديويءَ جو بت، سيڪٽر MR F، دور VI/VII (مهرڳڙهه).
095. (ماتا ديوي) ٺڪر جو بت، دور VII (مهرڳڙهه).
096. (ماتا ديوي) ٺڪر جو بت، دور VII (مهرڳڙهه).
097. (ماتا ديوي) ديويءَ جو بت، دور VII B/C (مهرڳڙهه).
098. (ماتا ديوي) ديويءَ جو بت، سيڪٽر MR F، دور VI/VII (مهرڳڙهه).
099. (ماتا ديوي) ديويءَ جو بت، سيڪٽر MR F، دور VI/VII (مهرڳڙهه).
100. (ماتا ديوي) ديويءَ جو بت، سيڪٽر MR F، دور VI/VII (مهرڳڙهه).
101. تپي سراب جي وينس، نيولٿڪ جُڳ، 6000 ق. م ڌاري.
102. وينس ڊي ميلو، سِي. 100 ق.م.
103. ڪيپيٽولين جي وينس، چوٿين صدي ق.م.
104. ماتا ديوي (ايران)، اهڙي ئي مهرڳڙهه ۾، 7000-5500 ق.م.
105. (ماتا ديوي) ٺڪر جو بت، دور VIII (مهرڳڙهه).

باب پنجون

ريجاڻي سماج ۾ ڪڙميءَ جو سماجي ۽ معاشي رتبو

ريجاڻي سماج ۾ حڪومت يا ڪڙمين جي رتبي ۽ رهڻي ڪهڻيءَ مان پڌرو ٿيندڙ عام نمونو ٻڌائي ٿو ته:

- پنجن ڀاتين واري هڪ ڪٽنب آکهه پراڻن طريقن سان پنج ايڪڙ ٻني ڪاهي پنهنجي هڪ سال جي پورت اَنُ اپائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهي پنهنجي سموري اُپت پاڻ رکي سگهن ته. پر اهي ائين نٿا ڪري سگهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي ان اُپت جو اڌ يا اڃا به مٿي ٻنيءَ ۾ ٻنيءَ جي مالڪ کي ڏيڻو پوي ٿو جنهن جي ذمي ريجاڻيءَ لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست ڪرڻ هوندو آهي ۽ ريجاڻي سرشتي جي ڪوتائيءَ ۽ ڪاٽيءَ تي لڳندڙ پورهئي جو بار ڪڙميءَ تي هوندو آهي. انگريزن ڪڙمين جي انهي زوريءَ ونگار يا ڇيڙ مان جند هوريان هوريان ڪري ڇڏائي.
- پنهنجي ڪمائيءَ کي سهارو ڏيڻ لاءِ اهي واندڪائيءَ ۾ ٻين وٽ بنهه گهٽ يا پرماري اگهن تي ڪمائيندا هئا - ٿورڙي واڌو ڪمائيءَ يا رڳو مانيءَ تي. سنڌ ۾ ائين سچ پچ اڄ به آهي.
- ڪڙمي سماجي طور اوچو يا نيچ ليکيو وڃي ٿو، رڳو اڇوتن کان ٿورو مٿيرو. هندو ذات پات سرشتي ۾ "وئش" لفظ پنهنجي ٻني ڪرڻ واري آبادگار يا پائنشالا تي لاڳو ٿئي ٿو، هاريءَ تي ٻني کاهڻ واري هاريءَ يا راهڪ تي نه. سندس رتبو سماجي، سياسي ۽ معاشي هر ليکي گهٽ آهي ۽ قانون ليکي پڻ. گهٽ ۾ گهٽ انهن سماجن ۾ ته جيڪي سنڌ ۾ جرڳي، وڏن جي فيصلي ۽ روحاني رهبر (پير) وغيره جي نالي ۾ سندس ماس روڙين ٿا. سنڌيءَ ۾ "هاري" (هاريءَ تي ٻني کاهڻ وارو) لفظ سنسڪرت مان ڪنيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اڇوت. برهمڻ، ڪڙمين کي اڇوتن وارو درجو ڏنو.
- ڪيس قانون ليکي آزاد سمجهيو وڃي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ انگريزن پاران سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ ۽ 1856ع کان وٺي قانوني طور لازمي ڪم ڪرڻ واري پابنديءَ کان آجو آهي. جيتوڻيڪ پنين ٻن ڏهاڪن ۾ ڪڙمين ۾ سماجي ۽ سياسي سجاڳي آئي آهي، پر تڏهن به اهي اڃا تائين سماجي طور اوچا، غريب، گهٽ لکيا پڙهيا يا اڻپڙهيل، پوئتي پيل ۽ ان سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ کان لڳ ڀڳ ڪٽيل آهن، جنهن جا مزا پاڪستان ۾ رهندڙ ٻيا طبقا اڄ عام ماڻين پيا.
- مختلف ريجاڻي علائقن جهڙوڪ سنڌو-گنگا پَٽن، هوانگ هُو، ميسو-آمريڪا، مصر ۽ ميسوپوٽامر (ٻِه دريائي ديس) جي ماترين ۾، جتي الڳ الڳ مذهبن ۽ ريتن رواجن جهڙوڪ اسلام، هندو مت، عيسائيت ۽ ٻُڌ مت جو غلبو آهي، جيڪي هڪٻئي کان گهڻو الڳ آهن، ڪڙمين جي زندگيءَ جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ ڏنو ويو آهي ته انهن سڀني علائقن جي ڪڙمين جا طور طريقا اڄرج ۾ وجهندڙ حد تائين هڪجهڙا آهن، جهڙوڪ:

➢ ٻنيءَ جي وارثي پُٽاڻي اولاد ذريعي.

➢ ڪٽنبن جو گڏ رهڻ، جتي ڏاڏا پڙڏاڏا ۽ پوٽا پڙپوٽا ويڙهو ناهي گڏجي رهن ۽ گڏجي ڪم ڪار ڪن.

➢ مذهبي طور طريقا، جيڪي هڪجهڙا آهن، يعني بزرگن يا سنتن جي مزارن يا تيرٿن تي وڃڻ، جيئرن بزرگن جو آدر ڪرڻ ۽ پرم ويساهه.

➢ ملندڙ جلندڙ سماجي لاڙا، جن ۾ ٻي ويساهي، پرم، ساڻ ۽ اجايا خرچ اچي وڃن ٿا.

➢ ٿوري ٽڪي ٻني ٻارو ڪرڻ وارا جهڙوڪ ڪڙمي ڪاروباري، ڪنيار، ڪوري، واڍا ۽ لوهار پڻ ساڳئي هاريءَ واري درجي ۾ اچن ٿا ۽ سنڌ ۾ اهي ڀڪ سان اوچا ليکجن ٿا - رڳو شودرن يا ڀالن کان ٿورو مٿيرا.

➢ وڏڙن کان ورثي ۾ مليل ٻنيءَ جي ٽڪرن مان گهڻو ڪري هاريءَ کي پورهئي جي حساب سان مناسب ڪمائي ناهي ٿيندي، پلي ڪيڏو به سخت پورهيو جو نه ڪري، تنهنڪري اهو پاڻ ۽ سندس گهر ڀاتي مال ڌارڻ ۽ چارڻ ۽ هٿ جي هنر واريون شيون ناهڻ وغيره سميت ٻين ننڍن وڏن ڪمن ۾ لڳي ويندا آهن.

➢ نئين جُڳ جا زرعي اوزار، ڪيميائي مادا ۽ هٿ وارا اوزار ڪم ناهن آڻيندا ۽ سندن پيداواري طريقا گهڻو ڪري اڻ لاڀائتا هوندا آهن.


➢ ڪين قومي فيصلا ڪرڻ ۾ ڪو ورلي وارو ڏنو ويندو آهي.

➢ سندن اپايل پيداوار جا اگهه سدائين سرڪار پنهنجي ڪنٽرول هيٺ رکندي آهي ۽ رڳو تڏهن وڌايا ويندا آهن جڏهن پڻ ٿيڻ لڳندو آهي يا سچ پچ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته هاڻي اهي اها مخصوص جنس اڳتي اپائڻ ڇڏي ڏيندا. پاڪستان ۾ سچ پچ ائين آهي، اصل کان وٺي.

➢ اٺ ئي پهر جان ۽ مال کي خطري هيٺ گهاريندا آهن.


➢ ٻنيءَ ۽ گڏو گڏ ٻئي پورهئي ۽ ڪم مان ٿيندڙ سندن ڪمائيءَ مان سندن گهر ڀاتين لاءِ في ڀاتي گهربل ڪيلوريُن جيترو سِيڌو سامان مس پورو ٿي سگهندو آهي. ان قسم جي ڀوڳنائن ڪري سندن ٻج ڪري قد

106



Oxygen-18 variations of planktonic foraminifera as function of time in deep-sea cores raised from the Caribbean sea, the Indian Ocean, the Mediterranean Sea (C. Grazzini, unpublished) and the Pacific Ocean. Odd numbers represent warm isotopic stages defined by Emiliani.

107




دنيا جا پٺين مِلين (ڏهہ لک) سالن جا برف جا مقدار، اونهن سامونڊي وچن ۾ 0-18 / 0-16 نسبتن آڏار. ٿلهيون ليڪون 700،000 سالنِ دورانِ جاتل سمورن ستن ئي برفاني جُڳن مان هر هڪ مان گرميءَ وارا عرصا ڏيکارين ٿيون. پاسيري ٽُڪ ٽُڪ گهٽ برف وارا اهي عرصا ڏيکاري ٿي، جيئن هاڻوڪي دور ۾ ڪڏهن ڪڏهن ۽ تمام ٿوري عرصي لاءِ ٿئي ٿو.
نيشنل ريسرچ ڪائونسل، 1975، ص. 130 تان برائسن پاران ٺهڪائي ٺاهيل، 1977، ص. 127.

سَتي ۽ آبهوا تي اثر ڇڏيندڙ عنصر




108. ”ستي“، هڪ رسم، جنهن ۾ ستي پنهنجي مئل مڙس جي چِتا تي پاڻ گهوري ڇڏيندي هئي، هريش جي سلطنت ۾ عام هئي. اڳتي هلي هن کي هڪ رضاڪاراڻي استحقاق طور ڪيترن ئي مشهور مثالن ۾ آدرشي بڻايو ويو، خاص ڪري راجپوتن ۾. هي خاڪو مٿس 1829 ۾ روڪ لڳڻ کان ڪجهہ سال اڳ ٺاهيو ويو هو.

109



Ice ages through geological time. The right hand side of the curve corresponds to periods of major ice sheet formation with each period including several glacial and interglacial stages. The left hand side of the graph corresponds to periods with no known glaciation, with intermediate position indicating the possible extent of mountain glaciation.

110



Generalised temperature trends for the past 5 Myr. The age and polurity scale (Tarling & Mitchell, 1976) has been combined with curves of Theyer (1972) and Blank & Margollis (1975). It is emphasised that these are only generalised trends which cannot yet be adequantely quantified.

بندرا ٿي ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙين حالتن ۾ گهٽي پاڳي اهي ٿي جالي سگهندا، جن کي گهٽ ڪيلوريُن جي ضرورت هوندي.

- سندن کاڌو بنيادي انساني مطابقتن ۾ بلڪل نرالو آهي: ان ۾ جانور جي گوشت جو پروٽين گهٽي پاڳي لڳ ڀڳ هوندو ئي ناهي. سندن گذران ٻوٽن جي پروٽين تي هوندو آهي، جن ۾ جانور جي گوشت وارا سمورا 21 ئي اَئمينو ايسڊ ورلي ڪو هوندا آهن. ماڻهوءَ جو جسم پروٽين جي کوٽ جي موٽ هڏ جي واڌ رڪجڻ ۽ سامائجڻ ۾ ڏير سان ڏيندو آهي.
- وڏيرڪي آپيشاهي راڄ وارن ڏينهن ۾ ڪڙمين کي پنهنجي اُپت پاڻ سڌي کپائڻ، پنهنجا ڍور وڪڻڻ يا پنهنجا پٽ ڏيئون سنڌ جي مدرسن مندرن کان پڇڻ بنا پرڻائڻ جي اڄ تائين موڪل ناهي.
- ڪيترائي ڀار صحت جون سهولتون نه هجڻ ڪري وقت کان اڳ مري ويندا آهن.
- ڪڙمين جي ڳوٺن ۾ سيني جو پهرڻ اوڇڻ توڻي گهر گهڻو ڪري هڪجهڙا هوندا آهن. 1947ع تائين راهڪن جي ڳوٺن جون مايون ڳاڙهو چولو، رئو ۽ سوسيءَ جي سُٿڻ پائيندڀون هيون، جڏهن ته مرد ڪاري يا نيري گوڏ، رنگين چولو ۽ بلڪل سستي اڇي ڪپڙي جو پٽڪو پائيندا هئا. سياري ۾ اجرڪ جسم جي مٿئين پاڳي کي ويڙهبو هو. مردن توڻي ماين ٻنهي جا پير گهڻو ڪري اگهاڙا هوندا هئا، سواءِ ٻنيءَ ۾ هر ڪاهڻ ۽ ڪاڏي ٻئي پاسي وڃڻ جي.
- اهي وڏن ويڙهن کي فائديمند سمجهندا آهن. ڏنو اهو ويو آهي ته ڏاڏن پڙڏاڏن کان وٺي پوٽن پڙپوٽن تائين وڏو ڪٽنب هڪ ئي ويڙهو ناهي گڏجي رهندو آهي ته جيئن هڪٻئي سان ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائن، بهتر گذران ڪمائن ۽ ڳوناڻي برادريءَ ۾ مٿيرو رتبو ماڻڻ جوڳا ٿين. گهڻا ٻار ٿيڻ وري ٻارن جي وڏي انگ ۾ مرڻ خلاف انشورنس پڻ آهي.
- ڳوناڻن کي گهڻا ٻار پيڙيندڙ مالي بار نه لڳندا آهن. ڇو ته اهي پوک تان جهار جهرڪي ۽ ڍور تڙيندا آهن، مال لاءِ گاهه ڪندا آهن، ٻارڻ لاءِ ڪائيون ڪري ايندا آهن ۽ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ وڏن لاءِ ماني ڪٽي ويندا آهن. تنهن هوندي به سڄي آکهه کي گهڻي محنت ڪرڻي پوندي آهي، ڇو ته ٻارن مان ملندڙ لاپ انهن کي ڏاڻڻ تي ايندڙ لاڳت کان گهڻو گهٽ هوندو آهي. ڳوناڻن گهرن ۾ ڄم روڪ مهمن تي ڇڙون ٿينديون آهن ۽ ناڪامي سندن مقدر هوندي آهي جيستائين سندن آمدني حڪومت پاران اڳهن تي هٽرادو ڪنٽرول ذريعي وڌي نٿي.
- ڪڙمي طبقي ۾ هڪٻئي سان ساڙ هجڻ ڪري جيڪڏهن ڪو معاشي طور سڌرندو آهي ۽ محنت ڪري سکيو ستابو ٿيندو آهي ته معاشري جا ٻيا ماڻهو ڪيس مختلف موقعن ۽ عيدن برادن تي پليون دعوتون ڪرڻ لاءِ ٽيڪرون ڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪا عيد براد ويجهي ناهي هوندي ته خيرات ڪرڻ لاءِ ٽيڪون ڏيندا اٿس ۽ ائين جيڪو ٿورو گهڻو انهي ويچاري گهر بچايو هوندو آهي سو ڳوٺ وارن جي پيٽن ۾ هليو ويندو آهي، ان ڪوڙي ڀرم آسري ته اهو الله ڏي سندن قرض ٿيو، جيڪو ان جي موٽ ۾ سندن گهر کي سکيو ستابو ڪندو.
- ڪٽنب جي ڪمائيءَ کي سهارو ڏيڻ لاءِ گهڻو ڪري واندڪائيءَ واري وقت ۾ ناهيل هٿ جي هنر واريون شيون مشيني ٺهيل سستين شين جو مقابلو نٿيون ڪري سگهن ۽ مٿن جيترو پورهيو لڳندو آهي تنهن جي ٿورڙي پتي مس اگهڙندي آهي.


جيئن ته ڳوناڻي سماج ۾ ڇوڪرين سميت گهر جي هر ڀاتيءَ جي گهر جي ڪمائي وڌائڻ ۾ پتي هوندي آهي، تنهنڪري ڇوڪرين جون ڇئن قسمن جون شاديون عام آهن:

1. ڇوڪرين جي ڏي وٺ: ڪا ڇوڪري ڪنهن ٻئي گهر ۾ پرڻائي ڏني ويندي آهي ته ان جي هٿڻ (عيوض) ۾ انهي گهر جي ڇوڪري پنهنجي ڪنهن ڇوڪري جي ڪنوار بڻائي آندي ويندي آهي. اهڙي طرح سان گهر ڀاتين جو انگ پورو رکيو ويندو آهي.
2. ڇوڪري گهڻو ڪري ويڙهي اندر سڳي سؤٽ ماسات سان پرڻائي ويندي آهي. اهي پلي ڪٽي ڌار ئي رهن تڏهن به ويڙهي جي حساب سان ڀاتي پورا سمجهيا ويندا آهن.
3. جندبو ڀاڙو: ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪري ان شرط تي پرڻائي ڏني ويندي آهي ته نياڻو سڄي ڄمار ساهرن سان گڏ رهندو.
4. ڪو وڏو ڪٽنب، جنهن ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن کان گهڻيون هجن ۽ هٿڻ وٺڻ لاءِ ڇوڪرا نه هجن، اهو ڇوڪريون بنا هٿڻ يا ڇڻجي ته اوڌر تي ان شرط تي پرڻائي ڏيندو آهي ته گهوٽيتي آکهه ۾ يا ان جوڙي کي جيڪا ڇوڪري ڄمندي سا اهي اڳتي هلي انهي ڪنوار جي مائٽن کي ڏيندا. هن قسم جي شاديءَ کي عام ٻوليءَ ۾ پيٽ ڇيو ويندو آهي.

اهي آهن ڳوناڻي غربت جا بنياد، جن پيڙهن مٿان ڳتيل آباديون وارا شهر، عظيم سلطنتون ۽ تهذيبون اڏيون ۽ اوساريون ويون.


آبهوا تي اثر ڇڏيندڙ عنصر

111 سنڌ ۾ مينهن ۾ ڦيرڦار 9،000-2،000 ق.م




لنڪَرڻسَر، راجستان، هندستان جي ڀُور ڪٽڻ جي سنڌ مان ڪٽيل سانوڻيءَ جي برساتن جو مقدار. برائسن، 1975a تان نهڪايل؛ سنگهه، 1971 آڌار.

112 آخري سڪاريا ڏينهن 900-1200ع ۽ آخري برفاني جُڳ 1430-1850ع



برائسن جي هيءَ گرافي ليڪ هاڻوڪو گرمي پد 900-1200ع وارن ڪان وڌيل ظاهر ڪري رهي آهي. اصل ۾ اهي هاڻوڪي ڪان وڌيڪ هئا.


113 ڌرتيءَ جو پڇين 900،000 سالن دوران سراسري گرمي پد



تصوير(a) پڌرو ڪري ٿي ته آبهوا 900،000 سال اڳ ڪانوڻي ڪنهن به هزاريءَ ۾ هڪجهڙي نه هئي. سدائين لاها چاڙها ايندا رهيا. سڀ ڪان ٿڌي لهر گهٽو ڪري 130،000 ڪان 140،000 سال اڳ هئي. تصوير (b) گرمي پد ۾ پڇين 150،000 سال اڳ ڪانوڻي آيل لاها چاڙها پڌرا ڪري ٿي ۽ هن منجهان سڀ ڪان ٿڌو عرصو اٽڪل 18،000 سال اڳ وارو هو.


تصوير (c) گرم جُڳ جي اٽڪل 22،000 سال اڳ (20،000 ق.م) ڌاري شروعات، ان ڪان پوءِ ٿڌ جون به لهرون اچڻ ۽ گرمي پد ۾ 13،000 ق.م ڪان پوءِ (15،000 سال اڳ) واڌارو، لاهن چاڙهن وارين لهرن سان، ۽ هاڻوڪو 7،500 يا 4،000 ق.م ڪان گهٽ گرمي پد پڌرو ڪري ٿي.
ماخذ برينائيل، گورن (ايڊٽ). دي هيومنز 1994، هارپرس، سان فرانسسڪو.

114 آخري برفاني جُڳ جو انت 20،000 ق.م ڪان هنوقت تائين



هيءَ گرين لينڊ مان پڙتال ڪيل آڪسيجن جي 160 ۽ 180 تناسب آڌار جڙيل آبهوا جي سڀ ڪان سچر تصوير آهي. جيئن ته هوا جو 018 ڀاڱو ڪنهن به وقت سڄي دنيا ۾ هڪجهڙو ۽ ڪنهن به وقت ان وقت جي گرمي پدن سان نه مٽجڻ جوڳو رهندو، اهم نتيجا هي آهن:
سڀ ڪان ٿڌو دور 20،000 ق.م ڪان اڳ وارو جڏهن ڪوساڻ جي شروعات ٿي. 14،000 ق.م ڪان ڪوساڻ شروع ٿي ۽ 12،700-10،800 ق.م وارو گرم جُڳ هو، ليٽ گليشيل انٽرسٽيشيل (برفاني دور جي سڀ ڪان سچر وٿي) سڏجي ٿو. 10،800-9،800 ڪان ٿڌاڻ شروع ٿي ۽ 9،800 اوترو ئي ٿڌو هو جيترو 20،000 ق.م. هي جُڳ يَنگر ڊرائيز سڏجي ٿو. 9،600 ق.م ڪان ڪوساڻ شروع ٿي ۽ انهي ڪان وٺي ڪوساڻ هلندي پئي اچي. 500 ق.م 20،000 ق.م لاڪر سڀ ڪان وڏيڪ ڪوسو واقعو هو. 6،200 ق.م ۾ گرمي پدن ۾ ٻن صدين تائين لاٽ آئي، پر وري آبهوا پير تي اچي وئي. هڪڙو ٻيو گرم جُڳ 5،000 ق.م ڌاري هو. 2،100 ق.م ڌاري گرمي پد گهٽيا، پر 1،000 ڪان اڳ ڪجهه صدين تائين وري ٺيڪ ٿي ويا. 800 ڪان 1200ع تائين ايتري ڪوساڻ رهي جيتري 3،000-2،100 ق.م ڌاري هئي. 1،200 ق.م ڪانوڻي گرمي پد گهٽجن پيا وڏي ٽيپ 1450-1800ع جي وچ تي آئي.
10،000 ق.م ڪان اڄ تائين هولوسين جُڳ ڪوٺجي ٿو ۽ ان ڪان اڳ پلائيسٽوسين.

115 سنڌ کي ويجهو اولهه راجستان ۾ پڇين 10،000 سالن ۾ پوندڙ مينهن ۾ ڦيرڦار جي ڪَٿَ



لنڪَرڻسَر ڍنڍ (سنڌ جي دنگ ڪان اٽڪل 250 ڪلوميٽر اڀرندي 28-30 اتر ۽ 73-45 اوڀر تي) جي سطحن ۽ ڀُور ڪٽڻ جي اڀياس مان سنڌ حڪومت جي ڪم آڌار ۽ برائسن پاران نهڪائي ناهيل، ليمب تان ڪٽي ڏنل، 1982، ص. 123.

116 اترئين اڌ گولي جا پڇين 100 سالن جا گرمي پد



نيشنل ريسرچ ڪائونسل، 1975، ص. 130؛ مشيل، 1963 آڌار نهڪائي ناهيل ۽ برائسن 1977، ص. 130 تان ورتل.

باب ڇهون

آبهوا ۾ ڦيرا ۽ سنڌ توڙي هندي ريگستان ۾ ثقافتي اوسر (9,000_1,500 ق.م)

سنڌ کي ويجهو لڳندڙ ٿر ريگستان جي آبهوا جي اڀياسن جو بنياد راجستان ۾ سمنڊ کان پري وارين ڪاري پاٽيءَ جي چئن ڍنڍن سامڀر (27° اتر، 75° اوڀر) ڊِدوان (27°-20' اتر، 74°-35' اوڀر) لنڪارڻسر (28°-30' اتر، 75°-45' اوڀر) ۽ پُشڪر (26°-29' اتر، 74°-33' اوڀر) ۾ پاٽيءَ جي ليول کي ٻڌايو ويو آهي - پهريون ٻه هاٽوڪي هلڪي سوڪ آبهوا واري پٽيءَ ۾ (مينهن 25 کان 50 سينٽيميٽرن جي وچ تي)، ٽين سوڪ آبهوا واري ۽ پاڳي ۾ ۽ پڇاڙيءَ واري هلڪي گهميل پٽيءَ ۾ (مينهن 50 کان 60 سينٽيميٽر) آهن. اڀياسن پڌرو ڪيو ته:


- 9,000 ق. م کان اڳ اتي بلڪل سوڪ آبهوا هئي.
- 9,000 - 8,500 ق.م ۾ آبهوا بلڪل سوڪ کان هلڪي گهم واري جُڳ ڏانهن ڇُري.
- 8,500 - 7,000 ق.م آبهوا ڦري وچولي گهميل ٿي.
- 7,500 - 4,000 ق.م تمام گهڻي گهميل آبهوا.
- 4,000 - 2,000 ق.م تمام گهڻي گهميل آبهوا.
- 2,000 - 1,750 ق.م تمام هلڪي گهميل آبهوا.
- 1,750 - 900 ق.م ٿوٽ سوڪ آبهوا.
- 900 - 400 ق.م سوڪ آبهوا.
- 400 ق.م - 600ع هلڪي سوڪ آبهوا.

ٿر ريگستان جا هاٽوڪا سوڪ آبهوا وارا، هلڪي سوڪ آبهوا وارا ۽ هلڪا گهميل پاڳا هڪ ڏاڪو مٿي هئا يعني هلڪي سوڪ آبهوا وارا، هلڪا گهميل ۽ گهميل پاڳا هئا. ان طريقي سان سمورو ريگستاني پرڳڻو نارو (سکر ۽ خيرپور ضلعن ۽ ڪپري تعلقي وارو ريگستان) سڏجي ٿو.

گهميل آبهوا سان انسان کي وڏو مال (ڳائو ماهيو) ڌارڻ ۾ فائدو ٿيو ۽ اڳتي هلي پڇاڙيءَ ۾ ٿر، سبيءَ تائين ڪوهستان ۽ وچولي سنڌ ۾ زرعي پوکون ٿيون. جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ضلعن ۽ دادو ضلعي جي ميهڙ ۽ خيرپور تعلقن ۾ وَٽَ آيل ٻنين تي بوسي يا دوباري پوک جي واڌ ويجهه ٿي. هونئن نه ته هي ساريال علائقو آهي جتي پوک کي پاڻي جون ۽ سيپٽمبر جي وچ تي ڏنو ويندو آهي. پهرين آگسٽ تائين سڄر چڙهندڙ سيڪُ تر تائين پهچندو آهي، پوءِ اهو آڪٽوبر کان هوريان هوريان لهڻ لڳندو آهي ۽ مئي ۾ تر کان اٺن کان ٻارهن فٽن تائين هيٺ هليو ويندو آهي. انهي ٻنيءَ تي ڪاهجندڙ "دوباريءَ" ۾ مٽر، چڻا، تيلي ٻج، جَوَ ۽ ڪڻڪ شامل هوندا آهن. مٽرن جي لوڙَهه (مٽرن جو لاباارو نه پر لوڙهه چئبي آهي) فيبروريءَ ۾ ٿيندي آهي، چڻا ۽ تيلي ٻج مارچ ۾ لهندا آهن ۽ ڪڻڪ اپريل ۾ لُبندي آهي. ڪو به علائقو تيستائين ڏڪيائي نه ڪندو جيستائين ان تي اونهاري ۾ ساريون پوکبيون اينديون ۽ سيڪ سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ تائين تر جي سطح تي رهندو ايندو. هن جو مطلب اهو ٿيو ته سانوڻيءَ واري اوائلي ريجاڻي پڪ سان ڪئي ويندي هوندي، جيڪڏهن وڏي ايراضيءَ تي سياري جا فصل ڪرڻا هوندا ته. اڳ ئي چيو ويو آهي ته سنڌ جو ماٺهو پنج هزار پنج سو سال اڳ سنڌو درياءَ جي ڪچي واري علائقي ۾ ڪڏن، ترايِن، ڪُنبن ۽ ڍورين کي آب ڪلاٽيءَ جي منڊ ۾ پرجڻ ڏيندو هو ۽ سرءُ ۾ انهن مان پاڻي نيڪال ڪندو هو ته جيئن سياري ۾ اتي ڪڻڪ پوکي. رڳو درياءَ جي پيٽ واريون ايراضيون رهبيون هونديون، جيڪي سيپٽمبر تائين ٻڏل هونديون آهن ۽ انهن مان پاڻي پنهنجو پاڻ وهي نيڪال ٿيندو آهي. ان قسم جون ڍنڍون سنڌ ڪَسَ جي پاسن سان ٿي سگهن ٿيون يا مکي-چوٽياري ڍنڍون ۽ ٻيون ننڍيون ڪڏون ٿي سگهن ٿيون، خاص ڪري لاڙ سنڌ ۾، پر سنڌو تهذيب وارن ماڻن جي پکيڙ کي ڏسجي ته گنجائش گهٽ هئي.

117

ڌرتيءَ جو سج جي چوڌاري مدار ڏيکاريندڙ تصوير




ڌرتيءَ جو مدار اهلجندو آهي، جيڪو ڏکڻي چڪر وار ڦيرن هيٺ ايندو آهي جيئن ڏيکاريل آهي. خاڪي ۾ مدار تي سندس سڌي مٿاڇري کان پاهران ٽيڏائيءَ تان اک وڌي وٺي آهي. چپٽري شڪل جي مکيه محور a ۽ b جي وچ واري ڪنڊ نظر جي ڏوڪي جي ڪري سڌي ڪنڊ نه پئي لڳي. سج S چپٽري شڪل جي هڪ مرڪزي نقطي وٽ آهي ۽ چپٽري شڪل جي وچ OS _ SP کان سندس وٿيءَ جو تناسب ايڪسينٽرسٽي يعني مرڪز کان پري وڃڻ e=OS/OP مانپي ٿو. ننڍيون ليڪون سج S ۽ ڌرتي E جي وچان ڇڪيل آهن، مدار جي سڌي مٿاڇري (سج جو ڦيرو) کي اپيون. هن اپي ليڪ ۽ ڌرتيءَ جي قطبي محور جي وچ واري ڪنڊ آبليڪنٽي (ٽيڏائي يا چپٽر) سڏجي ٿي. ڌرتيءَ جون سندس مدار ۾ هاٺوڪيون منڊن واريون بيهڪون سياري جي سولسٽس S_W (سج جي اتر يا ڏکڻ هليو وڃڻ وقت)، بهار جي ايڪئي ناڪس E_S (جڏهن ڏينهن رات برابر هوندا آهن)، اونهاري جي سولسٽس S_S ۽ سرءُ جي ايڪئي ناڪس E_A ڏسيل آهن. ڏسيل پيا ۾ نقطا P آهن، جتي ڌرتي پيرهيلين (يعني سج کان وڌ ۾ وڌ ويجهو يا پري) تي آهي. منڊن وارا نقطا (ليڪن ذريعي ڳنڍيل ڏيکاريل، جيڪي سدائين هڪٻئي کان سڌي ڪنڊ تي هجن ٿيون) هوريان هوريان مدار جي چوڌاري هلن ٿا ته جيئن اها منڊ جڏهن ڌرتي سج کي وڌ ۾ وڌ ويجهي يا وڌ ۾ وڌ پري آهي هوريان هوريان مٽجندي رهي، 20,000 هزار سال لڳائي پنهنجو ڦيرو پورو ڪري. سياري جو سولسٽس S_W هنوقت P کان وڌ ۾ وڌ پري وڃي رهيو آهي. (ايچ. ايچ. ليمب جي ڪلائيميٽ، هسٽري اينڊ ماڊرن ورلڊ، 1982، ص. 60 تان).

118

جبلن تي گرم اوچائين ۾ آخري برفاني جُڳ


ڪانوئي وٽن جي مٿين قطار جي سراسري اوچائي



وي. مارگريٽ جي ڪم تان ليمب، 1982، پاران ناهيل.

119


هنوقت مختلف اوچائين تي هلندڙ هوائون؛ ليمب پاران تصور ڪيل خاڪو، 1982، ص. 31.



ڌرتي اولهه کان اوڀر هلي ٿي ۽ واپاري هوائون 0_3 اتر ۽ اولهه جي وچ تي اوڀر کان اولهه هلن ٿيون. اولهه کان ايندڙ هوائون اترئين اڌ گول ۾ اولهه کان اوڀر يعني گهڙيالي ڦيري کي ابتيون هلن ٿيون جيئن اتر قطب تان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڏاکڻي اڌ گول ۾ گهڙيالي ڦيري کي سبتيون جيئن ڏکڻ قطب تان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهي قطبن جي ويجهو هلندڙ اولهه جي هوائن جي ابتڙ هلن ٿيون. تنهن هوندي به نمونو هوبهو مٿين شڪل ۾ ڏيکاريل جهڙو ناهي هوندو، ڇو ته ڌرتي ۽ پاڻياٺا مادا ٺيڪ ٺيڪ ورهاستن کي متاثر ڇڏيندا آهن.

120

اولهه راجستان ۾ پڇين 10,000 سالن ۾ پوندڙ مينهن هاٺوڪي جي پيٽ ۾



راجستان ۾ پڇين 10,800 سالن ۾ سانوڻيءَ جي چوماسي مينهن جو آزمائشي خيالي خاڪو، لنڪرٽسر ڍنڍ ۾ گڏ ٿيل پٽرايل بُور ڪڻن آڌار. سنگهه اي. ايل. (1972) ويب ۽ برائسن جي ٽرانسفر ايڪيشن ميٿڊ ذريعي موسمي خاڪن جو روپ ڏنل (972).

ڍنڍ ۾ سندس 3,500 سال اڳ ڏاري سڪڻ کان ٿورڙو اڳي تائين منو پاڻي هو. پٽوڪ 1978، ص. 323 تان نهڪائي ناهيل. مينهن جو مقدار لاڳيتو هيٺ مٿي ٿيندو رهي ٿو.

121


موسمي ڦيرو ۽ هالينڊ ۾ ڪڻڪ جا اگهه 1200-1950ع



ڪڻڪ جو مقدار جيڪو 1200 کان 1950 ۾ هڪ ڊچ گلڊر عيوض وڻجي سگهيو ٿي.
گرمي پد ---- ● ---- سان ڄاڻايل آهي، ڪلوگرام في گلڊر —●— سان ڄاڻايل آهي.
جڏهن گرمي پد مٿي هئا تڏهن پيداوار گهڻي هئي ۽ ڪڻڪ سستي هئي. هڪ گلڊر عيوض وڌيڪ ڪڻڪ وڻجي سگهي ٿي. هتي 1400-1450 جي وچ تي وڌيڪ پيداوار ۽ اگهه مشڪوڪ لڳن ٿا. پٽوڪ، 1978، تان نهڪائي ناهيل.

122

ڌرتيءَ جي سج جي چوڌاري هلڻ واري موسمي جاميٽريءَ جو طبعي بنياد



سج-ڌرتي سرشتي جي جاميٽري. مدار A ۽ P مکيه محور واري هڪ وڏي چپٽري شڪل آهي. تير سندس هلڻ جو طرف پڌرو ڪري ٿو. اهلجڻ ۽ لهر هٽڻ پڻ ڏيکاريل آهن. اترئين اڌ گولي جي سانوڻيءَ ۾ سندس اتريون پاڳو سج ڏانهن اهلجندو آهي ۽ سياري ۾ اهو سج کان پري اهلجندو آهي ۽ ائين گرم ۽ ٿڌي منڊ ناهيندو آهي، اهلجڻ سان گڏوگڏ لهر هٽڻ به ڏيکاريل آهي. هن جي وڌيڪ سمجهاڻي تصوير 117 ۾ ڏنل آهي. اي. بي. پٽوڪ اي. ايل. جي ڪلائيميٽڪ چينج اينڊ ويريئيبلٽي 1978، ص. 10 تان نهڪائي ناهيل.

باب ستون

گرم آبهوا: نئون پٿر جُڳ (نيولِٿڪ) انقلاب، سنڌ ۾ زراعت جي شروعات ۽ تهذيب جو اُسرڻ (7,000_4,500 ق.م)

سنڌ جي آبهوا ڪڏهن بہ هڪجهڙي ناهي رهي ۽ ساڳيو ئي حال سندس خوشحاليءَ جو بہ رهيو آهي. 7,500 کان 2,000 ق.م تائين گرم جُڳ هو ۽ مينهن گهڻو پوندو هو. سنڌو درياءُ پريو وهندو هو. ساوڻيءَ جون پوکون جهڙوڪ ٻاجهري، جور ۽ ساريون تڏهن اجا هتي اڻجاتل هيون، پر سنڌو درياءَ مان پاڻي ڪڍڻ، کُنبن، ڍورين ۽ هيناهين ہنين ڏانهن نيو ويندو هو ۽ پوءِ انهن ہنين کي وَٽَ آٽي مٿن سياري جون پوکون جهڙوڪ ڪڻڪ، جَوِي، تيلي ٻج ۽ ٻاڄيون وغيره پوکڻ لاءِ آڪٽوبر ۾ پاڻي نيڪال ڪيو ويندو هو. پوکن جي واڌ ويجهہ مهرڳڙهہ (7,000 - 2,500 ق.م)، آمري (3,700 ق.م)، ڪوٽ ڏيجي (3,300 ق.م) ۽ موهنجي دڙي (2,350 ق.م) جي اسرڻ جو ڪارڻ بڻي. ائين سنڌ ۾ هڪ لڳاتار پنج هزار پنج سو ڪن سال هلندڙ ۽ پنهنجو ڪو مَٽ ثاني نہ رکندڙ تهذيب هلندي رهي.

نيولِٿڪ (زرعي) جُڳ اهو ٿو پڌرو ڪري تہ انسان شڪار ۽ ميڙ چونڊ تي گذر واري زندگيءَ مان پوک تي گذران واري زندگيءَ ۾ ٽپي معاشي زندگي تخليق ڪئي، زرعي فصل ڪيائين ۽ مال ڌاريائين. انهي ڏاکي ٽپڻ جو پهريون نتيجو ٿيو انسان جو ڪنهن هنڌ وسي ويهڻ. ڏکڻ اوڀر يونوچ ۾ ڪريسنٽ ملڪن، سنڌوءَ جي پَٽن ۾ مهرڳڙهہ ۽ ايشيا جي ڪيترن ہين ماڳن ۾ شروع ٿيندڙ هي تهذيبي ڦيرو هوريان هوريان عام انداز ۾ يورپ ۽ ايشيا جي ہين ڀاڱن ڏانهن پکڙيو. نيولِٿڪ انسان کي پوک لاءِ ٻيلا وڍي صاف ڪرڻا پيا. تجربي سان اهو ائين ڪرڻ لاءِ راڻي ۽ ساڙڻ واري طريقي تائين پهتو. وڻ وڍڻ لاءِ سندس اوزار پٿر جي ڪهاڙي هئي، جيڪا سنڌ ۾ روهڙيءَ، اُپين شاهہ (ڪوٽ ڏيجيءَ ويجهو) ۽ ٻرڙجڻ آلچن ٻاران ڳولي لڌل نيشنل هاءِ وي جي 101 ميل وٽان ملندڙ چقمق پٿر مان ٺهندي هئي. جيئن ئي زراعت جي واڌ ويجهہ ٿي تہ وٽن جا ڪوريل ٽُٽڙ ڍونڍيون ٻيڙيون ٿي ہنيءَ جي پيداوار آٽڻ نيئڻ لاءِ ڪم اچڻ شروع ٿيا. اٽڪل 3,000 ق.م ڌاري ڦيٿن (چاڪن) واريون گاڏيون آيون، جيتوڻيڪ ٽانون ناهڻ لاءِ چَڪُ مهرڳڙهہ ۾ پنجين هزاري ق.م جي پوئين اڌ يا دير ۾ دير 4,000 ق.م ڌاري اچي چڪو هو. ٽين هزاري ق.م جي پهرئين اڌ ۾ سَرَن جي مُڙهين سان ٺهيل 50 کان 100 يا اجا بہ 200 ٽن ڍوئيندڙ وڏيون ٻيڙيون سنڌو ماڻيءَ کان ميسوپوٽامر (ٻہ دريائي ديس - هاڻ عراق) تائين ٻنهي ملڪن ۾ سوديا ويندڙ ڪيتريائي وکر ڪٽي هلڻ لڳيون.

چڱي طرح پير ڄمائي ويل ڳوناٺي معيشت جي ڪري نيولِٿڪ ڪڙمي پاڻ ۾ گڏجي پڪين وسندين ۾ رهڻ لڳا، جيڪي اتان رڳو تڏهن لڏينديون هيون، جڏهن ڳوٺ وارن جي پوک ڪرڻ واري ہني قدرتي آفتن جي ڪري تباهہ ٿي ويندي هئي. مثال طور درياءُ وهڪرو مٽائي ہنيءَ جو وري ريجائجڻ ناممڪن بڻائي ڇڏيندو هو يا جڏهن ہني پاڻ ڍوري ٿي ويندي هئي ۽ اڪثر ہڏل رهندي هئي. پر جيئن ئي وسنديءَ جي آبادي سولي پهچ جوڳي ہنيءَ تي پلجي سگهڻ واري انگ کان وڌنتي هئي تہ وڌيل آباديءَ کي پنهنجي لاءِ ڪو نئون ٺاڪ ڳولڻو پوندو هو.


عام طور هنن وسندين ۾ ڪڻڪ، جَوَ، مٽر، تيلي ٻج ۽ ڦُٽيون وغيره ڪاهبا هئا ۽ ڍور جهڙوڪ وڏو مال (ڳائو ماهيو)، رڍ، ٻڪرون، ٻڪري ۽ گور گڏهہ ڌاربا هئا. ساري، جيڪا اڄڪلهہ ڏکڻ هندستان ۽ چين ۾ ڪاهي وڃي، اڳتي هلي ہين هزاري ق.م جي منڍ ۾ سنڌو ماٿر علائقن ڏانهن آئي، جيئن انهي جي پيرَڪ ۾ ليڻ مان ثابت ٿئي ٿو. ڪُنڍيين، سُئن، چارن ۽ دامن سان مڇيءَ جو شڪار زراعت کان پوءِ ٿيو. مڇيءَ جي شڪار جي اوزارن جو هڪ ڪارخانو هاٽوڪي ڪراچي حيدرآباد نيشنل هاءِ وي جي 101 ميل وٽ لڌو آهي.

لاڙ سنڌ جا ميداني علائقا، هڪ نرالي نظام ۽ سنڌوءَ جي ہني تان وهي ہنهي ڪنڌين سان اٽڪل 15-20 ميل ويڪرو پٽو ٻوڙڻ واري چلت جي ڪري، نيولِٿڪي وايومنڊلن سان مصر ۽ عراق کان بہ وڌيڪ موافق هئا.

سنڌ جي ماٿهن سنڌو درياءَ جي پنجنَد کان هيٺ سمنڊ تائين ساليانِي چلت کي جانچيو پرکيو ۽ چڱي طرح پروڙي ورتو. اهو ساوڻيءَ ۾ وڏيون ايراضيون ٻوڙي اتي زرخيز لَٽُ ڇڏي ويندو هو، جنهن تي گهٽي محنت کان بنا ئي پوکون جهڙوڪ ڪڻڪ، جَوَ ۽ تيلي ٻج وغيره سرءُ ۾ پوکي ۽ اڳلي بهار ۾ لُٽي سگهبيون هيون. عورت زراعت ايجاد ڪئي هئي ۽ هٽ وارو ڪُرپو ڪم آندو هئائين. اها سچي منڊ پورهيو ڪري بہ ايڪڙ پوک مس ڪري سگهندي هئي. انهن اهو پڻ سمجهي ورتو تہ

123

اترئين اڌ گولي جا پڇين 25،000 سالن جا گرمي پد



ٽن قسمن جي ذريعن: ٻُور ڪٽڻ جي رڪارڊن، وڻن جي حسب نسب ۽ ڄميل برف جي رڪارڊن مان مليل انگن اکرن آڌار جوڙيل تشبيهي نتيجا. آخري برفاني جُڳ پڌرو ڪيو ويو آهي. نيشنل ريسرچ ڪائونسل، 1975، ص. 130 تان برائسن پاران ٺهڪائي ٺاهيل، 1978.


124



هڪ قطبي ڏيک، جيڪو اولهه جي هوائن جو هڪڙو ٿي سگهندڙ روپ پڌرو ڪري ٿو. وڪڙ انهن جو ٻاهريون (بلڪل ڏاکڻئون) ڪنارو ظاهر ڪري ٿو. انداز سدائين ساڳيو ناهي هوندو، پر جيترا به گول ڦيرا ۽ انهن جون بيهڪون هجن، هڪڙو وهڪرو اڌ گولي کي مند ليکي پاڻ ۾ جوڙي ٿو. تصوير ڏيکاري ٿي ته اولهه جون هوائون آمريڪا کان اتر ۾ آهن، پر ڪينيڊا، ڪيسپيئن سمنڊ جي اتر ۽ جپان اترين ڀيٽ سان، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ ڪيترن ئي گول ڦيرن وارو هڪ دائرو ٺاهن ٿيون. برائسن، 1977، ص. 27 تان.

125


تاريخي ۽ دستاويزي رڪارڊ



اترئين اڌ گولي ۾ پڇين هزاريءَ ۾ موسمي ڦيرا:
(a) چين ۾ گرمي پد (هاڻوڪن ڏگري سينٽيگريڊ کان ڦريل) ايس. وين-هسُينگ (1974) مطابق؛
(b) آئيويٽ، جپان ۾ ڏکهي عرصي تائين (هر 50 سال ۾) پوندڙ مينهن، ياموموٽو (1972) مطابق؛
(c) برسٽلڪون پائين، وائيٽ مائونٽينس، ڪيليفورنيا جي رنگ وڌت، لا مارش (1974) مطابق؛
(d) آئيسلينڊ ۾ سراسري ساليانا گرمي پد (سراسري ڏگري سينٽيگريڊ کان ڦيرو) برائسن (1974a) مطابق؛
(e) مرڪزي انگلينڊ ۾ سراسري ساليانا گرمي پد، ليمب (1965b) تان.

126

ٿورڙي عرصي وارا ڦيرا



127



30،000-35،000 فٽ (9،000-12،000 ميٽر) اوچائيءَ تي هلندڙ اولهه جون هوائون جاءِ مٽائينديون آهن ۽ مائيٽي سمنڊ وارين رياستن کي ڇڏي لڳ ڀڳ سموري آمريڪا، جپان، چين جي تبت سميت گهٽي پاڳي کي وڪوڙي وينديون آهن. جڏهن ته ڪيسپيئن سمنڊ، ترڪي ۽ اوڀر يورپ وغيره کي هڪ گول ڦيرو ڏار ڪري ڇڏي ٿو. تصوير ۾ اولهه جون هوائون پکڙيون آهن ۽ ٽڏ ۽ سوڪهڙو آندو اٿن.

عورت هٿ واري ڪُرپي سان جيتري پوک ڪري سگهي ٿي مرد ڏاندن جو جوڙو جوٽي ۽ وهائي انهي کان چئوڻ پنجوڻ تي وڌيڪ پوک ڪري سگهي ٿو. جيئن ته مرد وڏو مال ڌاريندو چاريندو هو، سو انهي هر ۽ پاڃاري ايجاد ڪيا. اهو مناسب ايراضين ۾ ڪنهن ڪاڏو ميڙڻ چوندڻ واري يا هٿ واري ڪُرپي سان پوک ڪندڙ عورت کان وڌيڪ ڪاڏو اپائي سگهيو پئي. ان ريت عورت ٻنيءَ ٻارو ڪرڻ کان آجي ٿي ۽ پنهنجي آزادي سدائين لاءِ وڃائي ويٺي: 8،000 سال پوءِ هوءَ پنهنجي لاءِ رڳو مرد سان برابريءَ جو حق پئي گهري. عورت جو مڙس جي مُئي تي پورجڻ يا سَتِي ٿيڻ عورت جي اهڙي ئي غلاميءَ جو هڪ نتيجو آهي.

مهرڳڙهه وارن ڏينهن کان وٺي جاگرافيائي جوڙجڪ: سنڌ ۾ هاڪڙو_سَرسوَتي ۽ سنڌو

مهرڳڙهه جُڳ (7،000 - 4،500 ق.م) ۾ سنڌ ۾ ٻه آزاد دريائي سرشتا هئا: پهريون هو پنجاب جا اولاهيان نديا درياءَ (جهلم، چناب، راوي، بياس ۽ ستلج) ۽ اولاهيون ٻه نئيون (ڪابل ۽ گومل) - بولان نئن. جيڪا پڻ پنهنجو ٻارهو وهندڙ پاڻي منڇر ڍنڍ ۾ اڙل واهه رستي سنڌوءَ تائين پهچائيندي هئي. ٿوڙڙو پاڻي آٽيندي هئي. تنهنڪري غير اهم هئي ۽ گومل جي پٽي پڻ رڳو مڙئي هوندي هئي؛ ٻيو يا اوڀاريون سرشتو هو سَرَسوَتي-دِرشادوَتي-هاڪڙو. جنهن بابت جاڻ ضميمي-3 ۾ ڏني وئي آهي.

ستن دريائن وارو سرشتو، نامر نهاد رڳ ويدي قبيلن جي سرگرمين جو ڳڙهه، پنجاب جي پنجن دريائن، ڪابل ۽ سنڌوءَ پاڻ تي ٻڌل هو. پنجنَد کان هيٺ وارو علائقو "سَپتَ سنڌو" سڏبو هو ۽ ائين سڏجڻ ٻه گهربو هو. ويندي 1644ع تائين ٻه پنجنَد کان هيٺ وارو علائقو "هفت دريا" يا "ست درياءَ" سڏبو هو، جيئن ميرَڪ ٻڌايو آهي.

ٽالمي (150ع) جا ست درياءَ ساڳيا مظهر شاهجهانيءَ وارا آهن، سواءِ ان جي ته ٽالمي پنهنجي سرشتي ۾ ستلج بدران سوات درياءَ کي آندو آهي. اوائلي تاريخي جُڳن ۾ سنڌو سرشتي جا ست درياءَ سندس ست مُنهن سڏبا هئا. سَپتَ سنڌو علائقو گهٽو ڪري بهاولپور ۽ سکر ڊويزنن جي سنڌوءَ جي ڪاٺي پاسي وارن ڀاڱن تي ٻڌل هو. رڳ ويدي قبيلن جو پُوتر درياءُ سنڌو هو، جيڪو سندن ديوتائن مترا، وروڻ ۽ ديائوسس جي جوڙ جو هو. گنگا درياءُ 500 - 400 ق.م کان پوءِ پُوتر بڻيو.

رِڳ ويد ۾ سنڌوءَ جي ساراهه ۾ هڪ پڇن آهي. انهن سنڌوءَ جو شان تڏهن (800 ق.م) ڳايو، جڏهن سنڌ پنجنَد کان هيٺ ڏکڻ ايشيا ۾ يا گهٽو ڪري سموري ڄاتل دنيا ۾ وڏ ۾ وڏ اُپائو علائقو هو.

اوڀارئين دريائي سرشتي، جيڪو اٺويهين صديءَ جي ٽيهن واري ڏهاڪي تائين هڪ تاريخي ڳُجهه هو، تي مها هندي ريگستان جو وچائجي ويل درياءَ سَرَسوَتي چانيل هو. هن درياءَ جي کوڙ سارن ڳولا ڪندڙن منجهان ڪجهه ڏيان جوڳا هي آهن: پاٽِنجر، برنس، مِڪ مردو، اسڪاٽ، بيڪر، فائيف، سِي. ايف. اولڊهام، آر. ڊِي. اولڊهام، هيگ، راورٽي، مِنچن برنس، ڪزنس، وائيٽهيڊ، اسٽائين، پٽاوالا، لئمبرڪ، بيمَل گوز، اَملڪار ۽ هي ليڪ. ڏيڍ صديءَ جي وڏي سوڌَ (تحقيق) کان پوءِ اهو نتيجو ڪڍيو ويو ته هاڪڙو يا ايرندو نارو ئي سَرَسوَتي درياءَ جو برفاني (پلائيسٽوسين) جُڳ دوران اصل پيٽ هو ۽ اڳتي هلي انهي ۾ مينهن تي وهندڙ ڌارائن جهڙوڪ گهگهر، جهنگڙي، دِرشادوَتي، ريٽي ۽ مرڪندا جو پاڻي اچي پوندو هو. ستلج جي چَرَ جو پاڻي پڻ هر پيري چاڙهه واري مند ۾ هاڪڙي ۾ اچي پوندو هو ۽ سنڌو درياءَ جي چَرَ جو پاڻي پڻ پنجنَد ۾ بکر جي وچ وٽان منجهس پوندو هو.

هنن دريافتن جو خلاصو "گرائونڊ واٽر" (1964) ۾ ڏنو ويو آهي ۽ اڏامندي چڪيل تصويرن جي مدد سان وڌيڪ ڪم هلندو رهيو، جنهن ايرندي ناري (هاڪڙي) ۽ سَرَسوَتيءَ جو پاڻ ۾ بلڪل ڇتو لاڳاپو پڌرو ڪري ڏنو. جاگرافيدانن هومز ۽ وِلهيلمي ۽ آثار پارکو رفيق مغل (1973) هن تي وڌيڪ ڪم ڪيو آهي. انهي بابت جاڻ ضميمي-3 ۾ ڏني وئي آهي.

هنوقت بلڪل پڌرو ٿي چڪو آهي ته سَرَسوَتي-هاڪڙو برفاني (پلائيسٽوسين) جُڳ دوران هڪ آزاد دريائي سرشتو هو. پربتي چرپرن جي ڪري ٻين هزاري ق.م ۾ سندس پاڻي گهٽجڻ شروع ٿيو ۽ نتيجي ۾ پراٽي سنڌو تهذيب واريون وسنديون ڪالِيبَنگان، هستِناپور، عالمگيرپور، بهادر آباد، پُوٺ، پدراڪلي، فتحڳڙهه، مندرا، همايون ڳڙهه، دلمن، پَوَر، بڊوپال، رنگ محل، قيصر، صورت ڳڙهه، سردار ڳڙهه، سوهاڪوٽ، بجين ڳڙهه، رامسنگهه پور، هاڪڙو، سَنڌن والا، مروٽ، ڪُڙوالا، لُوڙيوالا، بوروار، انوپڳڙهه، ڦُلڙا، ميرواهه، مانڳڙهه ۽ ديـنڳڙهه ڦٽڻ لڳا. هي ماڳ بيڪانير ۽ بهاولپور علائقي جا آهن، هاٽوڪي سنڌ جا نه. سنڌ جي انهن جي همعصر ماڳن جي اجا پڙتال ناهي ٿي. تنهن هوندي ٻه، هي سرشتو ڪم ڪندو رهيو، منجهس پاڻي ڏينهون ڏينهن گهٽجندو رهيو. سڪندر جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت (325 ق.م) تي سگهي ٿو ته هي سرشتو سڄو سال نه وهڻ واري حال تي نه رسيو هجي، گهٽي ڀاڱي ساونٽيءَ جي مند ۾ وهندو هجي، تڏهن ٻه انهي مند ۾ منڍ جمڙائو کان هيٺ ڪافي پاڻي پهچائي خريف جون گهٽ ٻيهندڙ پوکون ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هجي. ان مند دوران ٿي سگهي ٿو ته منجهس ٻيڙن جي اچ وڃ ٻه ٿي سگهندي هجي. وقت گذرڻ سان منجهس پاڻي وڌيڪ گهٽبو ويو ۽ تيرهين صديءَ جي منڍ تائين بلڪل سڪي ويو.

گبربند

گهٽو ڪري آمري جُڳ واري اوَڙيڪ پيري ائين ٿيو جو ڪوهستان ۾ گبربند ٻڌا ويا. اهي پاڻي گڏ ڪرڻ جا نه پر پاڻيءَ کي ٻئي پاسي موڙڻ جا بند هئا. اهي ڳنڍن يا ڇاڻن جو ڪم ڏيندا هئا ۽ اوچتي آيل آفت جي پاڻيءَ منجهان ڪجهه کي پاسي وارين ٻنين ڏانهن موڙي ڇڏيندا هئا، جن کي هيٺ

ويهين صديءَ تائين هلندڙ اڳوڻا زرعي ڪم






















هن تصوير ۾ ٻنيءَ ۾ ٿيندڙ سمورو ڪم ڏيکاريل آهي

128. اٺ سان هر ڪاهڻ، 10 ڪان ارڙهين صدين ۾ عام هو.
129. ڏاندن سان هر ڪاهڻ ويهين صديءَ ۾ ائين ئي عام هو جيئن 5،000 سال اڳ.
130. هر ڪاهجي وڃڻ ڪان پوءِ ڪڙا پچڻ، عورتن لاءِ هڪ هلڪو ڪم، جيڪي پنهنجي پٺين تي ٻار ڪٽي بہ اهو ڪم ڪنديون هيون.
131. ڪنهن فصل جو ٻج هر جي پٺيان پٺيان ٻنيءَ ۾ وجهڻ، جيئن تہ ٻني پُريل هوندي آهي، سو ناڙيءَ ذريعي ٻج مناسب گهرائي اونهائيءَ تي هليو ويندو آهي.
132. ساڳيو ڪم هٿن سان، پهرئين پاڻيءَ ڪان ڪجھ ڏينهن پوءِ.
133. عورتون سارين جو رونبو ڪندي.
134. مرد عورتن پاران رونبي ۾ ڇڏيل وٽين کي پرينديِ.
135. ڏاندن سان هر ڪاهڻ.
136. ڳاھ ڳاهڻ.

هي سڀ اڳوڻا طريقا سنڌ ۾ سومرن جي جُڳ ۾ توڻي ويندي 1980ع تائين عام هئا. خاڪا 130، 132، 133 ۽ 134 انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ رکيل، وليم مورڪرافٽ لاءِ 1820ع ڌاري ٺاهيل ايم. ايس آثار آهن.

متاهيُن آهر اٽڪل ويهن ڪان ٽيهه انچ پاڻي ڪجهه ڏينهن تائين جهلي سگهڻ جيترا ٻنا ڏنل هوندا هئا ته جيئن اهو پاڻي اها زمين چُوهي وٺي. اهڙي ريت ريجيل اها ٻني جڏهن وَتَ ايندي هئي ته ان تي اَنَ يا تيلي ٻجن وارو ڪو فصل ٽيندو هو. 4،250 - 3،800 ق.م ڌاري وارو عرصو مينهن جو گهٽجي وڃڻ ظاهر ڪري ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهي جي ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ٻنهي ۾ گبربند ٻڌڻ جي ضرورت پئي هجي.

ڪوهستان ۾ ڦانگ نئن تي اڏيل گبربندن جون ماپون، پيڙهه وارا مواد، اڏاوتي تفصيل ۽ رٿيل ڪم

اڏاوت	ڊيگهه (ميٽر)	اوچائي (ميٽر)	وڏ ۾ وڏ ويڪر (ميٽر)	تاپ جي ويڪر (ميٽر)	پيڙهه وارا مواد	اڏاوتي تفصيل (مقدار m^3)	ڪم
ڏڪڻ	100	3	8	3	متاڇري تي ايريل وارياسي پٿر جي ٽڪري	متاڇري تي واريasي پٿر جي ٽڪريءَ متان سُڪو اڻ گهڙيو ٽڪر (1650)	ننڍو ڳنڍيو يا ڇاٻ: پاڻيءَ جو ڦهريون زور جهلڻ لاءِ
اوڀر	126	7.8	30	7	پٿر ڊِڳُ تي نهيل ٽڪري	ٻِٽو ڪنيل، وچ تي مٽيءَ جو ڀراءُ، اوڀاري ۽ لهواري سڪي اڻ گهڙئي پٿر جون مُهاڙيون (43،340)	پاڻيءَ جي سوئر-ڀُني کُپ وارو لنگهه بند ڪري ۽ وهڪري کي ڌاڪٽئي بند ڏي موڙڻ
اتر	136	4.2	8	3	لَٽُ	هيڪوٽو ڪنيل، اندران مٽيءَ جو ڀراءُ، اوڀاري ۽ لهواري سڪي اڻ گهڙئي پٿر جون مُهاڙيون (2،650)	آفت ماٽريءَ جو اتريون ڇيڙو بند ڪرڻ
اولهه	75	3	10	3	لَٽُ	هيڪوٽو ڪنيل، اندران مٽيءَ جو ڀراءُ، اوڀاري ۽ لهواري سڪي اڻ گهڙئي پٿر جون مهاڙيون (1،350)	ٻوڙان ٻوڙ واقعن دوران تري ۾ ويهي وڃڻ واري هلڪي مٽيءَ کي اڳتي گهٽُ نه ڏيڻ
چشمو	35	2	7	2	پٿر ڊِڳُ تي نهيل ٽڪري	پٿرن جي ڊِڳَ ٽڪريءَ متان سڪو اڻ گهڙيو ٽڪر(315)	چشمي جون وهنڌڙيون موڙڻ لاءِ ننڍي ڇاٻ

انهن گبربندن جا نشان ڪوهتراش، گوزو نئن (ڪوهتراش ڪان 30 ميل اتر ۾ نئنگ نئن جي مٿين ماٿريءَ ۾) جي پر پاسي ۽ قمبر تعلقي ۾ سيتا ۽ ٽپڻ نئن جي وچ تي لڌا آهن.

هاروي ۽ فلئمر ٻارڻ نئن تي اهڙن ماڳن جي ڳولا ڦولها ڪئي آهي، لئمبرِڪ ۽ مُجمدار وغيره اهي اڳي ئي رپورٽ ڪيا هئا. انهن جون پڪيڙون هتي ڏنل ٽيبل ۾ ڏنيون ويون آهن ۽ تِرڇا پاڳا ۽ رٿائون ماڻهوءَ جي ڪاريگريءَ ۽ ان بابت سندس سمجهه ظاهر ڪن ٿيون ته انهن اڏاوتن کي پاڻيءَ جي ڪيتري زور کي منهن ڏيڻو پوندو. گبربندن بابت ڄاڻ باب نائين ۾ پڻ ڏني وئي آهي.

مٿي ڏنل ٽيبل ۾ ڦانگ واري گبربند جون انجنيئري ماپون ڏنل آهن.

چشما ريجاڻي ذريعي طور


مهرڳڙهه جي اُسرڻ ڪان سُتت پوءِ سنڌ ۾ ماڻهوءَ چشمن جو پاڻي پوک ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو. هن ليکڪ ڪوهستان ۾ ٽيتاليهه چشما ڳولي لڌا آهن، جن منجهان گهڻن ۾ گهٽ اڌ اهڙا آهن، جن گهٽ ۾ گهٽ 3،000 ق.م تائين ريجاڻي زراعت کي سهارو ڏنو، خاص ڪري انهن ڏينهن ۾ جڏهن 9،000 ڪان 4،000 ق.م جي وچ تي مينهن اڄ ڪان اڍائوٽا پوندا هئا. ڪجهه چشما جهڙوڪ نئنگ، واهي پانڌي، ڊامب ٻُني، تؤنگ ۽ ڪائِي اڄ تائين به ريجاڻي زراعت ۾ مدد ڏين پيا. ريجاڻي زراعت جو منڍ چشمن سان هليو، تنهن ڪان پوءِ گبربند آيا. چشمن مان پاڻي، جيڪو سڄو سال هڪ ننڍي ڌارا جي روپ ۾ وهندو رهندو هو، سولائيءَ سان پوک ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو هو ۽ اهو پڪو ثبوت آهي ان ڳالهه جو ته چشمن جي پاڻيءَ تي ريجاڻي آمري جُڳ ڪان اڳ ٿي. سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي ريجاڻي پڻ پنهنجي ليکي اوائلي قسم واري ريجاڻيءَ جي روپ ۾ يعني ڪڏون، کُنبَ، ڊنڊون ۽ ترايون ڀرائي ۽ پوءِ انهن جي تري وارين ٻنين کي وَٽِ آٽي مٿن پوک ڪرڻ لاءِ اتان پاڻي نيڪال ڪرڻ ۽ واهڙ، ڊورا ۽ ڊوريون استعمال ڪرڻ، آمري جُڳ (3،500 ق.م) تائين آڳاٽي آهي.



137


138


139


140


141


142


143


144


145

مهرڳڙهه ۾ ٻُنيون

137. مهرڳڙهه جي بيهڪ ېڌائيندڙ نقشو.
138. هڪ گهٽي ڀڪيڙ واري ٻُني. هيٺيون طبقو، ٻنا ڏانچي پوريل هڪ ٽانءُ. هڙپائي جُڳ، ڪاليبنگن.
139. سرن جي ٺهيل هڪ ٻُنيءُ ۾ ٻه ماڻهو پوريل، لوٿل.
140. مهرڳڙهه جي ٻُني، 6500-6000 ق. م.
141. ٻُني 121 جو خاڪو، منجهس رکيل شيون ڏيکارڻ لاءِ، ايريا 3 MR دور IB ، مهرڳڙهه.
142. مهرڳڙهه جي ٻُني، 6000-5500 ق. م.
143 ۽ 145. مهرڳڙهه جون ٻُنيون، 7000-6500 ق. م. (مُنن کي پاتل ڳهه ۽ گڏ پوريل جانورن جا هڏا)
144. مهرڳڙهه، سڄو کيل ٻُوتو، ايريا 3 MR ، دور IB.

زراعت جا نتيجا

ڪاڏو اپائجڻ جا نتيجا پنهنجي ليکي انقلاب هئا ۽ هيٺ ڏنل پيرا گراف ۾ انهن بابت ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي:

جيترو آڪهه لاءِ گهربو هو تنهن کان وڌيڪ ڪاڏو اپائجڻ جو نتيجو اهو ٿيو تہ اهو هر پاسي بچي پيو، جيڪو هنرمندن، ڪاروبارين، سرڪاري عملدارن، پروهتن ۽ سڀ کان مٿي انهن سمورن ڏاڍن مڙسن کي تاتڻ ۽ سگهہ وٺرائڻ لاءِ ڪتب آيو، جن جي هٿن ۾ ٻنيءَ جي اُپت ۽ ان جي وسيلن يعني ٻنيءَ ۽ پاڻيءَ جي ورڇ جي واڳ هئي.

انهي وري رياست جي اُسرڻ جي وات ڪئي، جيڪا ٻنيءَ جي اُپت مان پتي اوڳاڙي ۽ اها ڪاتا رکڻ لاءِ پڻ گهربل هئي، جنهن لاءِ لکڻ جو ڏانءُ ۽ ليکو ايجاد ٿيو.

ان جي نتيجي ۾ ڪجهہ ماڻهو زراعت ڪرڻ ڪان آجا ٿيا. انهن وڏيون وسنديون اڏيون، اهي وسنديون وڏي شهر ٿيا ۽ شهري زندگيءَ جي واڌاري جو ڪارڻ بڻيون. ان سان ثقافت اُسري جنهن ۾ ڪاروبار، هنر ۽ ڪاريگري، ٺٺ ٺانگر جو سامان، مال سانديي رکڻ ۽ آڻڻ نيئڻ جا وسيلا ۽ سڌ سماءَ جا ذريعا وغيره شامل هئا.

ان ڪان پوءِ ٽيڻ واريون هيون ريجاڻي نظام جي وڌيڪ واڌاري ۽ سڌاري سان لاڳاپيل وڌيڪ ايجادون ۽ دريافتون: ان جي بچاءَ ۽ سار سنڀال جون ۽ ان جي مٿان وَسَ ۽ الڳ الڳ ٻنين ۽ گڏو گڏ الڳ الڳ آبادگارن تائين پاڻيءَ جي ورڇ ۽ پهچ جون، تہ جيئن اَن جي وڏي اپت وٺي سگهجي، جنهن سان زراعت ڪرڻ وارن سان گڏو گڏ ڳوٺاڻن توڙي زراعت نہ ڪندڙ شهر واسين جون ڪاڏي جون گهرجون پوريون ٿي سگهن.

ماڻهن جي وڏي انگ مٿان غلامي مڙهجڻ زراعت سان جُڙيل هو، ان لاءِ تہ جيئن گهربل پيداوار جي لهڻ جي پڪ ڪري سگهجي. ڌرتي ڪيڙيندڙ ماڻهن جي اها اجتماعي غلامي دنيا جي سمورن آڳاٽن ريجاڻي پاڳن ۾، سنڌو ماٿر سميت، اڳلن 5،500 سالن تائين هلندي رهي ۽ اڄ بہ هلي پئي: زرخريد غلامن جي روپ ۾ نہ، پر مختلف طريقن سان ذات پات سرشتو جوڙي انهن کي سماجي طور نيچ، معاشي طور غريب ۽ ٻنيءَ سان ڇُهٽيل رکي. هارين کي ٻني ڇڏڻ نہ ڏنو ويندو هو، سواءِ ان جي تہ اهي فالتو هجن. پڇي ويندڙ هاري اڄ بہ اصل زميندار کي موٽائي ڏنا ويندا آهن، هڪ اڻ لکيل قانون هيٺ، جيڪو سيئي زميندار ڏاڍ مڙسيءَ سان ٿاڦيو وينا آهن.

اها حقيقت تہ سنڌ ۾ تاريخ ڪان اڳ واري ساماٽل سنڌو ثقافت جا لڳ ڀڳ سمورا ڄاتل ماڳ ريجاڻي علائقن جي هاٺوڪن نون ڳوٺن جي ويجهو آهن، اهڃاڻ آهي ان ڳالهہ جو تہ آڳاٽا ماڻهو پاڻيءَ ۽ ٻنيءَ جي اهڙن ئي ذريعن تي ڀاڙيندا هئا، جن تي اڄوڪا ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ڀاڙين ٿا. ٻيلن جا مکيہ وڻ ٻبر (اڪيشيا عريبيڪا)، لئو (گاليڪا ڊايوايڪا) ۽ ڪنڊي (پروسوپِس اسپيسيگيوا) اڄ بہ ائين ئي ٻارڻ جو مکيہ ذريعو آهن، جيئن اهي صدين کان هلندا آيا آهن.

سنڌ ۾ فصلن جي اوسر

فصلن ۽ جانورن جي ڌارجڻ جي شروعات مهرڳڙهہ ۾ هيٺ ڏنل ترتيب سان ٿي:

7،000 يا 6،000 ق.م: اَن جيڪي ڪاهيا ويا ۽ ڍور جيڪي ڌاريا ويا سي هئا: اگهاڙي ڪڻڪ (اسفئروڪوڪُئائڊ) ڇهہ قطاري جَو (هورڊيَم ولگير)، جهنگلي جَو (هورڊيَم ولگير وئرِينيوڊَم)، ڪڻڪ جي اوائلي جنس سِنڪورن ۽ ٻي اوائلي جنس ايمر (ٽرِٽيڪَم ڊِڪنَم ويٽ): ڍورن ۾ ڳئون ۽ مينهن ڌاري وئي ۽ ان کان ڪجهہ صدين جي وٿيءَ ڪان پوءِ رڍ ۽ ٻڪري.

6،000 - 5،000 ق.م: سَئُن واري (ڊيُورَم بريڊ) ڪڻڪ، مٽر (پِيزَم آرروونس)، موهنجي دڙي ۾ سندن هجڻ/اچڻ ڪان اٽڪل 3،000 کان 5،000 سال اڳ، ڪتل (فِينِڪس ڊيڪٽِيلِفيرا)، موهنجي دڙي ڪان 3،000 ڪان 3،500 سالن ڪان وڌيڪ اڳ ۽ تيلي ٻج (تِرَ ۽ سَرِنهن)، موهنجي دڙي کان اٽڪل 3،000 ڪان 3،500 سال اڳ - 6،000 ڪان 5،500 ق.م ڌاري آيا.

4،500 - 4،000 ق.م: ڦُٽيون تَندُ/سُٽَ لاءِ ڪاهيون ويون ۽ گهٽو ڪري ڪڪڙي جي تيل لاءِ بہ. ڪڻڪ جي نئين جنس (ٽرِٽيڪَم ائيسٽِيوَم) آئي. اگهاڙي ڪڻڪ (اسفئروڪوڪُئائڊ) 4،000 ق.م ڪان سُتت پوءِ آئي.

نيولِٿِڪ ڪڙمين کي شڪار ۽ ميڙ چونڊ تي گذران ڪرڻ وارن ڪان ورثي ۾ مليل ڄيئڻ جو ڍنگ


هيٺ ڏنل ٽيبل شڪار ۽ ميڙ چونڊ تي گذران ڪرڻ وارن جو جيئڻ جو ڍنگ ڏسي ٿي:

گهر	ڍورن جي کلن جا تنبو
هنڌن جا گاديلا/پٽرٽيون	ٻُهہ/ڪکن ۽ ڪنين سان پريل ڪلون
جيئڻ جي وڌ ۾ وڌ ڄمار	28 - 32 سال
عورت جي ڄمار جنهن تائين اها 3-4 ٻار ڄڻي ويندي هئي	18، 22، 26 ۽ 30
في سال في جوان ماڻهو ڪُسندڙ ڍورن جو انگ	12 - 13
شڪاري ٽولن جي سائيز	30 - 40 ماڻهو

نيولِٿِڪ ماڻهن (ڪڙمين) جيئڻ جي مٿئين ڍنگ ۾ هنن طريقن سان ڦيرو آندو: ڪکن ڪانن ۽ ڪاٺ جي ڇتين وارا ڪچا گهر اڏي ۽ ڪپڙن ۽ پٽرٽين لاءِ تند/ڌاڳو ڪتب آڻي. جيئڻ جي ڄمار وڌي. وڌيڪ نشاستيدار ڪاڌو کائڻ ڪري عورت جو وزن وڌيو ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ 10 کان وڌيڪ ٻار ڄڻڻ جوڳي ٿي. پنج ايڪڙ ٻني اٺن ڀاتين واري آڪهہ کي پالي سگهي پئي. ڳوٺن ۾ اٽندي ڪجهہ سو گهر هئا پوءِ اهي هزارن ۾ ٿيا ۽ اڳتي هلي اڃا بہ وڌي ويا.

نقشو نمبر 04

4500 کان 1050 ق۰م
ايران ۽ هاڙوڪي پاڪستان وچ ۾
اوائلي ڳانڍاپن جا گس ۽ واپاري واٽون



ڏسٽي
1. سنڌو ماٿر ۽ ميسوپوٽامر تهذيبن جا دنگ
2. آڳاٽيون وسنديون
3. هاڙوڪا شهر
4. سُڪيءَ جا گس
5. 2250 ق. م کان اڳ ممڪن سامونڊي گس
6. دريائي وهڪرا

رڌ پچاءَ جا ٿانوَ

نيولٿڪيُن توڙي شڪار ۾ ميڙ چونڊ تي گذران ڪرڻ وارن لاءِ جيئڻ سولو نہ هو. 10،000 سال اڳ کان 6،000 سال اڳ تائين ڪتب ايندڙ رڌ پچاءَ جا هيٺ ڏنل طريقا ۾ ٿانوَ ظاهر ڪن ٿا تہ عورت، جنهن تي مڙهيل ڪمن ۾ سجي آکھ لاءِ ڪاڌو پچائڻ شامل هو، ڪيئن لوڙيندي/ گهندي هئي.

سال اڳ	رڌ پچاءَ جا ٿانوَ
10،000 - 9،000 سال	باھ جو ڪليو مچ ۾ سيڪڻ/پچائڻ
8،000 سال	ٺڪر جا گولاوان ٿانوَ استعمال ٿيا. تاءُ ڏيڻ لاءِ تتل لسڙا پٿر يا ٺڪر جا ٽڪرا پچندڙ ڪاڌي ۾ ٻوڙيا ويندا هئا.
7،000 - 6،000 سال	مٽيءَ جي مارنگن مٿان رکجڻ وارا اڌ گول تري وارا ٺڪر جا ٿانوَ آيا.

سڀ کان آڳاٽا ڄاتل ڪنيارڪا ٿانوَ قتال هُيُوڪ جا اٽڪل 10،000 سال اڳ جا هئا - مهر ڳڙهہ کان 2،500 سال اڳ جا.

ڪنيارڪي چَڪَ جي اچڻ سان اڌ گول تري وارا ٿانوَ ٺهڻ لڳا، عام ٺهڻ لڳا ۽ تمام سستا ٿيا. ڪنيارڪو چَڪُ عُر (عراق) ۾ 3،250 ق.م ۾ عام ٿي چڪو هو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو سيالڪ-3 ۾ ان کان بہ اڳ ايجاد ٿيو هجي. مهر ڳڙهہ ۾ اهو 4،000 ق.م ڌاري ڪتب آندو ويو، پر سنڌ جي ماڳن تان ان جو سڀ کان آڳاٽو ثبوت آمري جُڳ جو 3،500 ق.م ڌاري جو لڌو آهي. ڪوئيٽا ويجهو ڪِلي گل محمد تان لڀندڙ ثبوت 3،600 - 3،300 ق.م تائين آڳاٽو آهي.

ڏکڻ اولهہ سنڌ جا چشما ڏيکاريندڙ ٽيبل

نمبر	چشمي جو نالو	سِڌُ ملائيندڙ ليڪون	پاڻي ڇڏڻ (لٽر في سيڪنڊ)	لوڻيات سواد (ppm)	ريج ايراضي (ايڪڙ)
1.	غازي شاهہ، جوهي تعلقو (گرم)	26^0 - 27' اتر، 67^0 - 30' اوڀر	85	770	450
2.	قاڏڪ، جوهي تعلقو		70	مٺو	350
3.	واهي پانڌي، جوهي تعلقو	26^0 - 41' اتر، 67^0 - 30' اوڀر	-	مٺو	250
4. کان 7.	گاج جا چار چشما، جوهي تعلقو	گاج کان مٿان	-	مٺو	-
8.	تندو رحيم (گرم)	26^0 - 30' اتر، 67^0 - 30' اوڀر	-	-	-
9.	قاڙوٽي، سيوهڻ تعلقو	26^0 - 6' اتر، 67^0 - 43' اوڀر	30	450 مٺو	-
10. ۽ 11.	ڪائي (ڄاڙا چشما)، سيوهڻ تعلقو	26^0 - 15' اتر، 67^0 - 42' اوڀر ۽ 26^0 - 16' اتر، 67^0 - 41' اوڀر	85		
12. کان 14.	نئنگ (ٽِ چشمي)، سيوهڻ تعلقو (گرم)	26^0 - 17' اتر، 67^0 - 32' اوڀر ۽ 26^0 - 18' اتر، 67^0 - 31' اوڀر	85	مٺو	50
15.	ٻونجو، سيوهڻ تعلقو (گرم)	26^0 - 8' اتر، 67^0 - 47' اوڀر	70	800 مٺو	350
16.	ڏلهہ، سيوهڻ تعلقو	26^0 - 04' اتر، 67^0 - 47' اوڀر	5	هلڪو کارو 1050	20
17.	پٽ ڊورو يا لهڙي ڊورو، سيوهڻ تعلقو	26^0 - 3' اتر، 67^0 - 39' اوڀر	5	مٺو 500	
18.	گوڙاندي، سيوهڻ تعلقو (گرم)	26^0 - 26' اتر، 67^0 - 30' اوڀر	8	مٺو	50
19. کان 21.	لڪي (ٽِ چشمي)، ڪوٽڙي تعلقو (گرم)		18	ٻاڙو	
22.	رني ڪوٽ، ڪوٽڙي تعلقو (گرم)	26^0 - 07' اتر، 67^0 - 58' اوڀر	15	هلڪو کارو 800	50





نقشو نمبر 05

سنڌ ۾ چشما يا جهرڻا

نوٽ:
نقشي ۾ ڏيڪاريل علائقي ۾ 42 چشما آهن. ڪجهه جهرڻا ڪوسو پاڻي ڏيندا آهن. ڏکڻ ايشيا جي گرم چشمن منجهان 80 سيڪڙو سنڌ ۾ آهن. ڪجهه ڪوسن چشمن تي پوک پڻ ٿيندي آهي.

23. ۽ 24.	ڪجور، محال ڪوهستان تعلقو (جاڙا چشما)	25^0 – 42' اتر، 67^0 – 47' اوڀر	-	مٺو	-
544. چانديءَ جي ٿلهي ڌُهري تار جو چنڊ شڪل هَسُ، 1900ع.
545. سنڌو ثقافت ۾ عام هلندڙ گل پَتڙين واريون ڊزائنون اڄ ايڪيهين صديءَ ۾ به سنڌ جي ڀهراڙين ۾ هلن ٿيون.
546. ٺڪر جون چوڙيون، چوڙا، ڪنگڻ ۽ ٻانهونٽا.

هيٺين ٽيبل ۾ نيولٿڪ (زرعي جُڳ) جي منڍ، مهرڳڙھ 7،000 ق.م، کان وٺي سنڌو ثقافت جي بلڪل پڇاڙيءَ، جهانگار 900 ق.م، تائين پوکجندڙ ڪجھ فصلن، ڪاڇرو ٻوٽن ۽ ٻوٽين (طبي ٻوٽن) جي لسٽ ڏنل آهي.


ٻوٽي جو نالو	7000 – 6000 ق.م IA	6000 – 5000 ق.م IB	5000 – 4500 ق.م II	4500 – 3800 ق.م III	3800 – 3400 ق.م IV	3400 – 3100 ق.م V	3100 – 2800 ق.م VI	2800 – 2500 ق.م ڪنجهو جُڳ VII	2500 – 2000 ق.م هڙپا	2000 – 1300 ق.م جهُڪر	1300 – 900 ق.م جهانگار
بهار ۾ لهندڙ پوکون											
ڪڻڪ (ٽرٽيڪم اسفئروڪوڪئائڊ)	+	+	+								
سنڪورن (ٽمونوڪم)	+	+	+								
سِيَن واري ڪڻڪ (ٽريٽيڪم ڊيُورَم)	+	+	+								
ايمر ڪڻڪ (ٽريٽيڪم ڊِڪوڪم)	+	+	+	+	+						
مانيءَ/چيڙھ واري ڪڻڪ (ٽرٽيڪم ائيسٽيوَم ڪمپيڪٽَم)		+	+	+	+	+	+	+	+	+	+
نندي ڪڻڪ (ٽريٽيڪم اسفئروڪم)			+	+	+	+	+	+	+	+	+
جَوَ (هوردِيَم نسل)											
ٻہ قطاري جهنگلي جَو (هوردِيَم اَسپونٽينڪَم)	+	+									
ٻہ قطاري ٽوٽڙ وارو جَو (هوردِيَم ڊِڪٽيڪم)	+	+									
ڇھ قطاري اگهاڙو جَو (هوردِيَم ولگير وئرينيُوڊَم)	+	+	+	+	+	+	+	+	+	+	+
ڇھ قطاري اگهاڙو نندو جَو (هوردِيَم اسفئروڪَم)	+	+	+	+	+	+	+	+	+	+	+
ڇھ قطاري ٽوٽڙ وارو جَو (هوردِيَم ولگير)				+	+	+	+	+	+	+	+
ايوينا (جهنگلي جَو)						+		+			+
ميداني مٽر (پِيزَم سيٽيوَم وئرينيُوڊَم آروينس)									+		
ٻير (زِزيفَس موريتيانا يا زِزيفَس نمُوليريا)											
جاگرو ٻير (زِزيفَس جوجوبا يا هوهوبا)	+	+	+	+	+	+	+	+	؟	؟	+
ناسي سَرنهَن (براسيڪا جنڪا)									؟		
ايلسي (لِنَم يُوزيٽيٽيزيَم)											+
عام طور سرءُ ۾ لهندڙ پوکون											
ڪتل (فِينڪس ڊيڪٽِيلفيرا)	+	+	+							؟	
ووئڻ/ڦٽي (گوسپِيَم)				+							
ڊاک/انگور (وائيٽس وِنيفيرا)						+		+	+		+
جُوَر (سورگم بائڪولر ۽ سورگم ولگير)									؟	+	+
جُوَر (سورگم)									؟	+	+
چانور (اوريزا سيٽِيوا)									؟		+
تِرَ (سيسمَم انڊِيڪم)	+	+	+								1000 ق.م کان اڳ
ڪمند									؟	+	+
ٻاجهري (سيٽاريا)											+
سيٽاريا اِٽاليڪا											
سيٽاريا وِرڊس									+	+	+
سيٽاريا وَرٽيسِلا											+
سيٽاريا گلاڪا											+
چڙنرا/راهان (وِجنا ڪيٽجنگ/وِجنا سائنيسِس)									+		
ٻيٽ نسل جا ٻوٽا (ڪينوپوڊِيَم البم)											+
ڪاڇرو جهنگلي ٻوٽا جھڙوڪ											
ٽوهر (برئڪيارا) (اينڊروپوگن)									+ + +	+ + +	+ + +



547



548



549



550



551



552



553



554



555



556

مُهرون، سرون ۽ رانديڪا

547. 549، 551، 553، 555 ۽ 556. صابڻي پٿر جون مهرون ۽ انهن جا هڙپائي لکت ۽ سنڌو ماٿر جي جانورن جي ڊزائنن وارا ڇاپا، موهنجو دڙو، 2500 ق.م.

548. چرندڙ پرندڙ منديءَ وارو ڏاند.

549. ٽُل جون اُڪيريل سرون.

550. ڪٽ تي ستل عورت.


551. جانورن نموني رانديڪا، 2500 ق.م.


سنڌو ثقافت جُڳ جون پنسارڪيون ٻوٽيون

ٻوٽي جو نالو		7000 - 6000 ق.م IA	6000 - 5000 ق.م IB	5000 - 4500 ق.م II	4500 - 3800 ق.م III	3800 - 3400 ق.م IV	3400 - 3100 ق.م V	3100 - 2800 ق.م VI	2500 - 2800 ق.م ڪنجهو جُڳ VII	2000 - 2500 ق.م هڙپا	1300 - 2000 ق.م جهُڪر	900 - 1300 ق.م جهانگار
سائنسي نالو	آکهه جو نالو											
ڪڻڪ (ٽرِٽيڪَم اسفئروڪوڪئائڊ)								+	+	+	+	+
سِنڪورن (ٽِمونوڪَم)								+	+	+	+	+
سَڱُن واري ڪڻڪ (ٽرِيٽيڪَم ڊيُورَم)								+	+	+	+	+
ايمر ڪڻڪ (ٽرِيٽِيڪَم ڊِڪوڪَم)								+	+	+	+	+
مانيءَ/ڇِيڙهه واري ڪڻڪ (ٽرِٽيڪَم ائيسٽِيوَم ڪمپيڪٽَم)								+	+	+	+	+
ننڍي ڪڻڪ (ٽرِيٽِيڪَم اسفئروڪَم)								+	+	+	+	+
ٻہ قطاري جهنگلي جَو (هورڊيَم اسپونٽينڪَم)								+	+	+	+	+
ٻہ قطاري توتڙ وارو جَو (هورڊيَم ڊِڪٽيڪَم)								+	+	+	+	+
ڇهہ قطاري اگهاڙو جَو (هورڊيَم ولگير وئرينيُوڊَم)								+	+	+	+	+
ڇهہ قطاري اگهاڙو ننڍو جَو (هورڊِيَم اسفئروڪَم)								+	+	+	+	+
ڇهہ قطاري توتڙ وارو جَو (هورڊيَم ولگير)								+	+	+	+	+
ايوينا (جهنگلي جَو)								+	+	+	+	+
ميداني مٽر (پيزَم سيٽِيوَم وئرينُيوڊَم آروينس)								+	+	+	+	+
ٻير (زِزيفَس موريتيانا يا زِزيفَس نمُوليريا)								+	+	+	+	+
ڄاڱرو ٻير (زِزيفَس جوجوبا يا هوهوبا)								+	+	+	+	+
ناسي سَرِنهَن (براسيڪا جنڪا)								+	+	+	+	+
ايلسي (لِنَم يُوزِيٽيٽيزيَم)								+	+	+	+	+
ڪتل (فِينِڪس ڊِيڪٽِيلفيرا)								+	+	+	+	+
وونئڻ/ڦٽي (گوسِيپيَم)								+	+	+	+	+
ڊاک/انگور (وائيٽِس وِنيفيرا)								+	+	+	+	+
جُوَر (سورگم بائڪولر ۽ سورگم ولگير)								+	+	+	+	+
جُوَر (سورگم)								+	+	+	+	+
چانور (اوِريزا سيٽِيوا)								+	+	+	+	+
تِرَ (سيسمَم انڊِيڪَم)								+	+	+	+	+
ڪمند								+	+	+	+	+
ٻاجهري (سيٽاريا)								+	+	+	+	+
سيٽاريا اِٽاليڪا								+	+	+	+	+


557


558



559





560



561



562


563

564



565


566

اڏاوتون ۽ رٿائون

557. آمريءَ جي دڙي A جي جاين جي کوٽائي.

558. ۽ 559. موهنجي دڙي جو ڏنوانن جي رهڻ وارو علائقو.

560. مها تڙ، موهنجو دڙو، 2200-2100 ق.م. (رٿا سچي ڪيل).

561. سرن جي گهر جي هم چورس وڏاءَ تصوير، پٽين ۾ خاص نموني جا جارا ڏيکاريندڙ، پيرڪ، دور IIIB، 1800 ق.م.

562. ذاتي رهائش وارو گهر، موهنجو دڙو، 2350-2000 ق.م.

563. موهنجي دڙي جي مخصوص قسم جي گهر جو اندريون ڏيک (سچو ڪيل): چوڪين سرن جو فرش، ڇت ۾ ڪاٺ جون ڪامون ۽ پٽيون، 2300-1700 ق.م.، مارشل مطابق.

564. مها تڙ ۾ کوهه جي اڏاوات، موهنجو دڙو، 2500 ق.م.

565. مستطيل بف پٿر تي ٺهيل پانت پانت زيور: هار، ڪنن جا جهالا ۽ پازيب وغيره، 1650ع.

566. کوري اپاريل مستطيل بف پٿر تي گهٽين اِٽين وارين ونگن جي وچ تي ڪنول جي گل جي سچي ۽ اڌ شڪل کوريل، پٿر جي وچ تي چوڪڙيون کوريل آهن، سچي ڊزائن هيڪوٽي ۽ ٻٽي زنجير واري وَٽِ جي اندران ٺاهيل آهي، 1650ع.

باب ڏهون

سنڌو ماٿر تهذيب جي ڏيرڪڻ جا ڪارڻ (1,650_900 ق.م)

سوکھڙو ۽ سنڌو تهذيب جو ڏيرڪڻ (2,000 _ 900 ق.م)

2,000 ق.م ڌاري آبهوا ۾ ڦيرو آيو، سوڪ ٿيڻ لڳي ۽ 1,800 ق.م ڌاري اهڙي اُگري ٿي وئي جو 1,750 ق.م ۾ هڙپا ۽ 1,650 ق.م ۾ موهنجي دڙي جو انت آنداڻين. موهنجي دڙي وارن مال جا وڄي ڏڻ ڌاريا ۽ جيئن جياپي لاءِ هٽ پير هٽندي عام ٿيندو آهي، سوڪهڙي سٽيل سڄي سنڌ ۾ رهي کُهي ساوڪ تي جهجها ڍور چرڻ لاءِ ڇڏيائون، جنهن زمين (معنيٰ ان جي اپت) ۽ سماج جو حال ويتر بگاڙي ڇڏيو. اها عام طور تي جهُڪر ثقافت سڏجي ٿي. آبهوا ۾ وڌيڪ ڦيرو آيو، 1,300 ق.م ڌاري نوٽ سوڪ ٿي وئي ۽ ثقافت وڌيڪ ڇڙوڇڙ ٿي وئي. اها 900 ق.م تائين هلي ۽ جهانگار ثقافت سڏجي ٿي.

دريائي سرشتي ۾ آيل آبي ڦيرا ۽ سنڌو تهذيب جي تباهي

وڏا آبي ڦيرا هي آهن:

i. سنڌو، موهنجي دڙي جي پر ۾ پڪ سان سندس وسڻ کان ونئي وهندو آيو هوندو ۽ وهڪرو متائي گهڻو ڪري يا ته اولهه پاسي هليو ويو يا اوڀر پاسي 10 کان 15 ميل يا ايترو پري جو ماڻهن لاءِ نئين هنڌ ڏانهن لڏي وڃڻ ڏکيو ڪري ڇڏيائين.

ii. سنڌوءَ جي پَٽن جو سڀ کان هيناهون هنڌ ان جي الهندي ۽ ايرندي دنگن وٽ هجڻ ڪري پَٽ وچ وٽان اپريل هوندا آهن. سنڌوءَ جا گهڻي ڀاڱي شهر انهن پَٽن جي وچ تي هئا، معنيٰ ته درياءَ جي پيٽ جو ائين ڀنو ٿيپي ٻئي پاسي هليو وڃڻ انهن شهرن لاءِ سنڌوءَ مان پاڻي ملڻ اٽڪيٽو بڻائي ڇڏيندو.

iii. لڳي ائين ٿو ته سنڌو درياءَ جي الهندي ڇاڙهه ٻه اڳيئي سنڌ ڪَس مان وَهي پئي ۽ درياءُ پاڻ گهڻو ڪري ويجهڙ ۾ اوڏانهن هليو ويو هو. موهنجي دڙي، جهُڪر، چانهو دڙي ۽ ٻين ماڳن کي هن ذريعي مان پاڻي ملڻ اٽڪيٽو ٿي ويو.


iv. سَرَسوَتيءَ جي ماڳن سان ائين ٿيو ته انهي درياءَ جو پاڻي ٻين هزاري ق.م جي منڍ ۾ پربتي چرپر ۽ 2,000 ق.م کان پوءِ مينهن ۾ گهٽتائي اچڻ ڪري گهٽجي ويو.

هنن ڦيرن پاڻيءَ جي نظام ۽ سنڌوءَ جي پَٽن ۾ سيلابي پوک واري سرشتي کي بلڪل ڦٽائي ڇڏيو ۽ انهي ڪري تهذيب ڏيرڪي ۽ تباهه ٿي وئي. وِيلر (1959) جي وضاحت ته آبادي وڌندي پئي وئي ۽ گڏوگڏ زميني منظر به ٽڪجي چڪو هو، مڃڻ جوڳي ناهي. ميسوپوٽامر (دجله-فرات ٻه دريائي ديس) ۽ سنڌو ماٿر ٻنهي ۾ وڏن علائقن تي آثاري کوٽايون ٿيون آهن ۽ کن اهم مرڪزن ۾ اهڙي گهرائيءَ سان کيون ويون آهن جو انهن شهرن جي آباديءَ جو ڪاٿو ڪرڻ لاءِ هاڻ ڏُکو هٽڻ جي ضرورت ناهي رهي. موهنجي دڙي بابت ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته ان جي آبادي شڪارپور جي 1941ع واري آباديءَ جيتري يعني 30,000 ماڻهو هئي، جيئن لئمبرِڪ (1973) ڪَٿيو. پر پوءِ جي ماهر آثار پارڪُو ۽ ڪوٽائيءَ جي ڄاڻو والٽر اي. فيئرسروِس جونيئر، پنهنجو محتاط اندازو 41,500 ماڻهو ڏنو آهي. انهي وڌيڪ انگ اکر به ڏنا آهن ۽ موهنجي دڙي جون گهرجون پوريون ڪندڙ چوڌاري واري علائقي بابت هي دلچسپ ڪاٿا پڻ ڏنا اٿس.

ڪٽڪ	22,715.0 ايڪڙ
گاهه	3,097.5 ايڪڙ
وڏو مال (ڳاوا ۽ ماهيا ڍور)	25,812.5
ڏاند (وهٽ)	3,226.5
کير واريون ڳئون	2,610.0
وڏو مال - ننڍا ڦر ۽ ڪراڙا ڍور (نه کير ڏين ۽ نه وهن)	2,918.3
ڪل وڏو مال	8,754.8
مال جي چرڻ لاءِ گاهه وارو علائقو	3,278.5 ايڪڙ

هن مان صاف صاف پتو پوي ٿو ته سنڌ ڪيترا ماڻهو تاتڻ لائق هئي.

لئمبرِڪ سنڌوءَ جي آباديءَ جو ڪاٿو 500,000 کان 600,000 لڳايو، پر هي انگ تمام گهڻو محتاط آهي، ان صورت ۾ جڏهن سنڌ ۾ اوائلي ريجاڻي 1000 سالن کان وڌيڪ پراڻي هئي. جيئن ته وڌندڙ آباديءَ جو دٻاءُ ماڻهن جي بيڪانير ۽ بهاولپور ۾ سَرَسوَتي ماتريءَ توڙي ڪڇ، ڪانياواڙ ۽



567



568



569



570

571



ڪيانين جا يادگار ۽ مُهرون

567. پرسيپولِس ۾ ديوانِ عام، جنهن ۾ 10،000 ماڻهن جي ماپڻ جي جاءِ هئي.

568. ڪيانين جي هڪ گولائين مهر جي ڇاپ: شاهي سورمو ڪنهن سوپ جي جوش ۾ اسفِنڪس (يوناني ڏندڪٿائي راڪاس يا ديو) کي لتن هيٺان ڪري شينهن کي مٿي ڪنيو بيٺو آهي.

569. پرن وارو ڏاند، بستن ۾ زرگزز جي مقبري ۾ گهڙڻ واري هنڌ تان.

570. ڪيانين جي هڪ گولائين مهر جي ڇاپ، جنهن تي دارا جو نالو اڪريل آهي، ٿيبس مان لڌي.


571. نقشِ رستم: ڪياني بادشاهن واري ٽڪري ۽ اگني قربانگاهه.


اتر گجرات ڏانهن لڏڻ جو ڪارڻ بڻيو. تنهنڪري سڄي سنڌ لاءِ ڏهه لکن وارو انگ پڻ هڪ محتاط ڪاٿو ٿيندو. گهٽي ياڳي ليکڪ اهو وساري ويٺا آهن ته مينهن هاٽوڪي ڪان اڍائوٽا پوندا هئا. ٿر ۽ ڪوهستان هاٽوڪيءَ ڪان ٻيڻ ٽيڻ تي آبادي تاتيندا هوندا.

پرڏيهي واپار

عام طور سمجهيو وڃي ٿو ته سنڌ جا ٻاهرين دنيا سان لاڳاپا ڇڄي ويا هئا، پر شام ۾ 1،760 - 300 ق.م تائين اڳ جو لونگ پيل ٿانءُ هجڻ ٻڌائي ٿو ته لاڳاپا جهُڪر جُڳ ۾ هند جي بندرگاهن رستي نه رڳو ميسوپوٽامر پر انڊونيشيا، سنگاپور وغيره سان به هليا پئي.


ان دور ۾ سنڌوءَ مان واهن ذريعي باقاعدي ريجاڻي اسري. چانور سبيءَ کان ڏهه ميل ڏکڻ ۾ پيرَڪ تان لڌو آهي. ٻاجهري اٿندي جمدت نصر (ميسوپوٽامر) ۾ 3،000 ق.م ڌاري ڏسڻ ۾ آئي ۽ سنڌ سان واپار هئڻ هوندي به ان جو سنڌ ۾ هجڻ ثابت ناهي ٿيو. گرم آفريڪا (ڏکڻ صحارا) جي جُوَر عربستان مان ٿيندي سنڌ پهچڻ کان اڳ ڏکڻ هندستان وڃي پهتي، سو هڪ ٻيو آثاري ڳُجهه آهي. چانور ڏکڻ ۽ اوپر هندستان ۾ ۽ ويندي اتر پرديش ۾ به موهنجي دڙي واري جُڳ ۾ گهڻو ڪري مينهاٽي ڪاهبو هو ۽ ريجاڻي نه هجڻ جي صورت ۾ سنڌ ۾ ڪاهجي نه پئي سگهيو. اهو هندستان کان چين 2،000 ق.م ۾ پهتو هو.














سنڌو نشانيون، ٿانوَ ۽ پٿر جون شيون

572. سنڌو ماٿر مُهرن ۽ سُنبي چاپ سکن جون نشانيون ڀيٽيندڙ ٽيبل، مارشل 1931.


573. جهُڪر مان لڌل شيون.

574. جهانگار جا ٿانوَ، ڊرڪندڙ سنڌو ثقافت جي پوياڙيءَ (1100-900 ق.م) دوران ٺهيل.


575. جهُڪر جا ٿانوَ، ڊرڪندڙ سنڌو ثقافت جي اڳياڙيءَ (1650-1300 ق.م) دوران ٺهيل.

576. سمٽري ايڇ جا ثقافتي ٿانوَ، ڊرڪندڙ سنڌو ثقافت (1750-1700 ق.م) جا.


577. گهڻ مُلهين پٿرن جا مڻيا ۽ ٽائٽ، برهمڻ آباد-منصوره مان.




578




579




580



581



582



583

زِگُورَٽ

(بابلي مذهبي عمارت جو ڏاڪن وارو مستطيل منارو، جيڪو هيٺان ويڪرو ۽ مٿي سوڙهو ٿيندو ويندو آهي، مصري اهرام سان گهڻو ملندڙ)

578. ٽچوگا زانبل واري زِگُورَٽ جي رٿا.
579. ٽچوگا زانبل وارو زِگُورَٽ سڄو ڪيل.
580. زِگُورَٽ، 500 ق.م.
581. زِگُورَٽ.
582. زِگُورَٽ، 1000_500 ق.م.
583. زِگُورَٽ، 2500 ق.م.

باب يارهون

ريجاڻي (700_519 ق.م)


600 ق.م ڌاري ڏکڻ ايشيا جي اترين پاڱن ۾ ويدي قبيلن جون سورهن وڏيون رياستون ٻُجهن ٿيون. انهن سورهن رياستن ۾ هاڻوڪي دکن رياست، بنگلاديش، سنڌ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ شامل ناهن. سنڌ انهن ڏينهن ۾ سنڌو سڏبي هئي ۽ هاڻوڪا بهاولپور، سکر، خيرپور ۽ نوابشاهه گهڻو ڪري ساوِيرا (ساوڙا) سڏبا هئا. هيستائين نام نهاد ويدي آريا، جيڪي اصل ۾ لاڏائو ڌنار هئا، پنجاب ۾ زرعي زمينن تي وسي ويهي چڪا هئا. اهي پڪ سان سانوڻيءَ واري ريجاڻيءَ ۾ لڳي ويا هوندا، جيڪا سانوڻيءَ جي پوکن جهڙوک چانورن، جُوَر ۽ ٻاجهريءَ جي 1،900 - 1،600 ق.م ڌاري اچڻ کان پوءِ چڱي ترقي ڪري چڪي هئي، ۽ پڪ سان وڏيڪ ٻنيون واهن ذريعي ريجاڻيءَ هيٺ آڻڻ لاءِ مٿا ڪٽا ڏنا هوندائون، بجاءِ رڳو سيلابي پوک تي ڀاڙڻ جي، جيڪا سنڌوءَ ۾ سوڪهڙي واري آبهوا سبب پاڻي گهٽجي وڃڻ ڪري پڪ سان گهٽي گهٽجي وئي هوندي. اها H قبرستان واري جُڳ ۾ تباهه ٿي وئي هئي ۽ جهُڪر ۽ جهانگار وارن پڪ سان تيستائين سڌاري ورتو هوندس. آرين جو 800 ق.م کان وٺي وارو اڌ ريجاڻي زراعت جي ڪري ئي ممڪن ٿيو هوندو. آڳاٽي يوناني ۽ عبرانيءَ منجهان خروشتي لِپيءَ جو نسرڻ ڏکڻ-اوير يونوچ ملڪن سان وڌندڙ واپار پڌرو ڪري ٿو ۽ اهو واپار وري واڌو زرعي اپت جو نتيجو ئي ٿي سگهي ٿو، جنهن جي ڪري شهري زندگيءَ سان گڏوگڏ هنرمند پورهيتن جي اسرڻ ۾ پڻ مدد ملي. واڌو زرعي اپت ڌرمي ۽ فلسفياڻن ڏُکن کي پڻ متحرڪ ڪيو. نتيجي ۾ برهما، اوائلي اُپَنِيشَد ۽ سُوتر لکيا ويا ۽ ٻڌ مت ۽ جين مت پڻ اسريا. اهو نتيجو ڪڍڻ مناسب ٿيندو ته ويدي قبيلن ڏکڻ ايشيا ۾ ريجاڻي زراعت جي واڌ ويجهه ۾ مدد ڪئي، جنهن سان آباديءَ ۾ واڌ آئي ۽ انهي وري ريجاڻيءَ ذريعي وڌ ۾ وڌ ٻنيون ٺاهي سنواري پوک لائق بڻايون. ڇيهه نتيجو ٿيو گئوچرن يا رَڪُن ۾ گهٽتائي ۽ انهي جي ڪري ماس جي پيداوار ۾ گهٽتائي. هن مرحلي تي برهمڻن مجبور ٿي سموري آباديءَ تي ماس واپرائڻ تي پابندي مڙهي ڇڏي، رڳو پاڻ کي ڇڏي. برهمڻ مت جي ان فرمان خلاف ڪاوڙ ڪروڌ ٻُڌ (566 - 486 ق.م) جي مهنداريءَ هيٺ ٻُڌ مت جي پکڙجڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن ماس واپرائڻ جي جهل هر ڪنهن لاءِ ڪري ڇڏي. ٻڌ مت جي شروعات ڏکڻ ايشيا، سنڌ سميت، ۾ ريجاڻي زراعت جو پوئتي پوڻ ۽ ساماڻل سنڌو ثقافت جي ڍرڪڻ کان وٺي آباديءَ جو گهڻو وڌي وڃڻ، پر ٻنيءَ جو ايترو آدم تاتي نه سگهڻ هوندي.

سنڌ ۾ ٻڌ مت جي اچڻ کان گهڻو اڳ جين مت (وَرڌماند جَنَتاپُترا - 599-527 ق.م جي مهنداريءَ ۾)، جنهن جي سِکيا ٻڌ مت سان ملندڙ جلندڙ هئي، کي مڃتا ملڻ مان پڌرو ٿئي ٿو ته برهمڻ مت جي مخالفت واريون حالتون سنڌ ۾ ٻين هنڌن کان گهڻو اڳ راس ٿي چڪيون هيون. ان جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو ريجاڻيءَ هيٺ وڌيل پکيڙ ۽ آباديءَ ۾ واڌ ٿيا هجن، جن جي ڪري گئوچر گهٽجي ويا ۽ ان ڪري وري ماس جي ڪوٺ پيدا ٿي. هن عرصي دوران ٻِهار مان ساڳ جو ڪاٺ گنگا رستي جمنا آندو ويندو هو ۽ اتان اٺن تي لڏي ستلج تائين آڻي اتان سنڌوءَ ۾ لوڙهي سامونڊي بندرن تان ميسوپوٽامر (ٻِه دريائي ديس - هاڻ عراق) موڪلڻ لاءِ لڏيو ويندو هو. پرڏيهه ويندڙ مال ۾ زرعي پيداوار کان سواءِ ٻين اسمن ۾ ٻن ٿوهن وارا اٺ، عاج ۽ هاٿي شامل هئا.


584

سُنبي ڇاپيل سڪا

584. هندي سنبي ڇاپيل سڪا، موهنجي دڙي لکت کان متاثر.
هي ٻي ٻولين شڪلين ۾ هوندا هئا، پر تور جي حساب سان ڏنا ورتا ويندا هئا.



نقشو نمبر 09
519 ق_م
ڪياني حاڪم دارا_پهرئين جي سلطنت
ڪيانين جي مکيه جنگين ۽ قبضن جي سن وار ترتيب
1 ميڊيا سلطنت جي فتح 556 ق-م
2 ليڊيا جي فتح
3 بابل جي فتح 539 ق-م
4 مصر جي فتح 525 ق-م
5 گنڌارا ۽ سنڌ جي فتح 519 ق-م
6 ٿريس مهم 513 ق-م
7 مقدونيا ڏُن ڀريندڙ رياست 492 ق-م
8 ايرانين ڪي ملڻين هٿان شڪست 492 ق-م
9 آئيونا ۾ بغاوت (دٻائي وئي) 500 – 494 ق-م
10 ايراني-يوناني جنگيون 480 – 479 ق-م
11 يونانين جي سَلامِڪ ۾ پاڻيءَ واري جنگ ۾ ايرانين هٿان سوپ 539 ق-م
آرامي لِپي
ڏسٽي
1 ڪياني سلطنت
2 ڪياني سلطنت ڪي ڳنڍيندڙ گَس
3 سلطنت جا صوبا
4 سامونڊي گَس
5 واپاري وکر
6 شهر
ميڊيا
ڪاڇو
0 100 200 300 400 500 ميل
اتر
ڪيانين جي
ايراني سلطنت
تبت
عربستان
ايريٽرائي سمنڊ
(ڳاڙهو سمنڊ)
مئري پراسودَم
(سائو سمنڊ)
سَڪا
سرمتي
سِٿي
بالٽ
سِلاوَ
عنبر
ٽامو ۽ اَن
عاج لاک
سون عاج
لاک
عاج مسالا ڪاٺ
قرطاج
اسپارٽن ليگ
يوناني
ايٿينس
ڪپاڊوڪيا
آرمينيا
نمرُد
آئيبيريا
ڪارو سمنڊ
البانيا
ميڊيا
ڪئسپين سمنڊ
آرَل
پارٿيا
سوگديانا
پشاور
باختر
بلخ
گنڌارا
اراڪوسيا
سيستان
پرسيس
پرسيپولس
سوسيانا
سوسا
بابل
ڪارمينيا
گيدروشيا
سيوهڻ
سنڌ
سامونڊي ڪنڌي
ميسوپوٽامه
مئري
ميمفس
مصر جي بادشاهت
ٿيبس
عربيڪس
معان شيبا
برهمپٽر درياءُ
گنگا درياءُ
جمنا درياءُ
هندستان
ستلج درياءُ
سرسوتي درياءُ
گوداوري درياءُ
ڪرشنا درياءُ
دکن
سيلون
برما
سائينس گينگيٽيڪس

باب ٻارهون

ڪياني ۽ سنڌ ۾ ريجاڻي
(519_400 ق.م)

ڇهين صدي ق. م جي وچ تي ڪيانين جي سربراهيءَ ۾ دنيا جي پهرين عظيم سلطنت اڀري، جيڪا 519 ق.م تائين پکڙجي اوڀر ۾ هاڻوڪي پاڪستان ڪان وني اولهه ۾ نيل جي ماٿريءَ تائين، اتر ۾ يونان تائين ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ تائين وڃي پهتي. راڄ گهراڻي جا راڄ راڻا هئا:

نالو	دور
سائرس-1	640 - 600 ق.م
ڪمبائيسيس-1	600 - 559 ق.م
سائرس-2	559 - 530 ق.م
ڪمبائيسيس-2	530 - 522 ق.م
بَرديِيتا	522 ق.م
دارا-1	522 - 486 ق.م
زيرگزز	486 - 465/64 ق.م (پنهنجي چاچي هٿان مارجي ويو)
اٽازيرگزز-1	465 - 425 ق.م (محلاتي سازشن سبب مارجي ويو)
دارا-2	426 - 404 ق.م
اٽازيرگزز-2	406 - 359 ق.م
اٽازيرگزز-3	359 - 337/38 ق.م
آرسيس	337/38 - 336 ق.م
دارا-3	336 - 330 ق.م


سنڌ، دارا-پهرئين 519 ق.م ۾ فتح ڪئي. سلطنت ٻاويهن سٽراپين (صوبن) ۾ ورهايل هئي ۽ هر هڪ جي سربراهي شاهي گهراڻي جي ڪنهن ماڻهوءَ وٽ گورنر طور هئي. هاڻوڪو پاڪستان ٽن صوبن ۾ ورهايل هو: گنڌارا (خيبر پختونخواهه ۽ اتر پنجاب)؛ هندو يا سنڌو (ملتان ڪان سامونڊي ڪنڌيءَ تائين ويهين سٽراپي ۽ ڪڇ) ۽ گيدروشيا (هاڻوڪو بلوچستان ۽ ان جي پر وارا ايران جا علائقا). ٿر، واڙي ۽ چولستان تي گهٽو ڪري انهن جو ڪنٽرول نه هو، جو ته اهو لاڏائو ڌنارن جو آزاد علائقو هو. اٽازيرگزز-1 جي سربراهيءَ ۾ سلطنت هيٺي ٿيڻ شروع ٿي ۽ سنڌ ٿي سگهي ٿو ته 450 ق.م يا دير ۾ دير 400 ق.م تائين آزاد ٿي وئي هجي، جڏهن مصر پڻ آزاد ٿي.

ڪيانين، سلطنت ڪي هلائڻ لاءِ اصول ناهيا؛ ڪرڙو انتظامي ڪنٽرول، وقفي وقفي سان بنا اڳواٽ ڄاڻ ڪرڻ جي پڙتال، شاهي سيڪريٽري يا ٻُڌڻ وارو (بادشاهه جا ڪن) جيڪو سلهاڙيل گورنر جي هيڊڪوارٽر سان هجي پر رپورٽ سڌي بادشاهه کي پهچائي، آزاد فوج جيڪا سڌي سنئين بادشاهه آڏو جوابده هجي، جاسوسيءَ جو نظام، رهنما بتين جي اشارن ۽ رستن جي ڄار جو استعمال. انهن سمورين شين ڪيانين کي صوبن ۽ ماڻهن تي پڪي پڪڙ ڏني. ڪنهن امير کي يا شاهي گهراڻي ۾ ڏيءُ جو سڱ آڇڻ بادشاهه سان وفاداري ليکبو هو. هندستان ۾ اهو دهليءَ جي سلطانن ۽ مغلن رائج ڪيو، جن عورت لاءِ سخت پردو رائج ڪيو - نڪي عربن، جيئن عام طور سمجهيو وڃي ٿو.

ان جُڳ جا مکيه فصل هئا: چانور، ڪڻڪ، ڦٽيون، ڪمند، تيلي ٻج، ٻاجهري، جُوَر، داليون، انب، ٻير، ڪتل ۽ ليمي نسل جي ميون جون ڪجهه جنسون. جيڪو واڌو ٿيو سو سدائين ٻين ملڪن ڏانهن اماڻيو ويندو هو. نِيرُ ۽ اڌاوتي ڪاٺ ان جُڳ جا صنعتي وکر هئا. ڳني (ڪمند) جي ڪنڊ يورپ وارن پهريون ڀيرو پنجاب ۽ سنڌ ۾ سڪندر جي اڳواٽيءَ ۾ 326-324 ق.م ۾ ڏٺي. اها هتان دوا طور اٺين صدي عيسويءَ تائين انهن علائقن ڏانهن ويندي رهي، جيڪي ڪيانين ڪنهن زماني ۾ فتح ڪيا هئا.

سنڌو، واپار لاءِ پڻ هڪ اهم آبي گسُ هو. ان مان وهندڙ پاڻي گهٽو گهڻ علائقن جو هوندو هو ان مال جي پيٽ ۾ جيڪو اهو تبت ۽ سنڪيانگ سوڌو ڏکڻ ايشيا جي سمورن اترين پاڳن ۽ ويندي وچ ايشيا ڪان پنهنجي چوڙ ويجهو وارن بندرن تائين وهائي پهچائيندو هو. عُر جي ٽئين گهراڻي تائين اڳ ميلُوها جي ملڪ (سنڌ) مان ڪاٺ ٻه دريائي ديس (ميسوپوتامر) ڏانهن ويندو هو. اهو پڪ سان اترئين پاڳي مان سنڌوءَ رستي ايندو هوندو.

سنڌ، پرڏيهه ڏانهن ڪيهه/سُٽُ/ڏاڳو، اَنَ (ڪڻڪ، چانور، جُوَر، ٻاجهري، داليون ۽ تيلي ٻج)، نِيرُ، آرينا (مَجُٺ)، عاج، مسالا، چمڙو، اڌاوتي ڪاٺ ۽ ڪنڊ موڪليندي هئي. پرڏيهه مان وٽن جا ڪنئور (لاک وغيره)، ٽامو، سون ۽ اُن گهرائيندي هئي. سنڌ ۾ ٽيڪس (ڍل) اوڳاڙيءَ جو وڏو ذريعو بڻي هئي. ڍلون ٻنڌاڻ ٿيل هونديون هيون ۽ ساڳي ريت سٽراپين تي رقمون ٻنڌاڻ ٿيل هونديون هيون، جيڪي انهن کي اوڳاڙي، مرڪزي خزاني ۾ جمع ڪرائڻيون هونديون هيون. ٽيڪسن جو بار تمام ڳرو هوندو هو،



نقشو نمبر 10

519 ق_م _ 1524ع
ڪيانين، مقدونين، باخترين، سِٿين، پارٿين، ڪُشانن ۽ ارغونن جا وچ ايشيا مان افغانستان رستي سنڌ تي ڪاهڻ جا گسَ

نوٽ:

رڳو عربن جا گسَ هنن کان مَٽَ هئا، جن مڪران واري ساموندي ڪنڌيءَ ۽ سمنڊ رستي ڪاهون ڪيون. دهليءَ جا حڪمران سنڌ لاءِ دهلي-ملتان گسُ وٺندا هئا. سنڌ تي دهليءَ مان ڪاهه صرف تڏهن ٿي سگهندي هئي، جڏهن انهن حڪمرانن جو ملتان ۽ بهاولپور پرڳڻن تي پورو ڪنٽرول هجي. اهڙين ڪاهن جي نتيجي ۾ رڳو ٿوري عرصي لاءِ سنڌ تي ڪنٽرول ٿي سگهيو. ان صورتحال ڪي مُنهن ڏيڻ لاءِ راءِ ۽ برهمڻن ملتان تي قبضو ڪيو. عربن به ساڳيو ڪم ڪيو.

محمود غزنوي ۽ محمد تُغلق سنڌ تي رڻ ڪڇ رستي ڪاهون ڪيون، ڇو ته انهن وٽ ٻي ڪا واٽ ئي نه هئي.

450-600ع جي وچ تي سخت ڏڪار وارين حالتن هيٺ ڪيانين دنيا جي پهرين وڏي سلطنت اڏي، جنهن ۾ ٽي قديم تهذيبون نيل، فرات ۽ سنڌو شامل هيون. هنن ٽن علائقن واڌو اَنُ ٿي اپايو، جنهن سان وچ ايشيا جي وڏي پڪيڙ رڪنڌڙ ٿوٽ علائقن جي ماڻهن جو پيٽ پلجي سگهيو ٿي.

ڪيانين ۽ انهن کان پوءِ اچڻ وارن وچ ايشيائين جهڙوڪ باختري يونانين، سِٿين، پارٿين ۽ ڪُشانن زرعي اپت کي همٿايو، پر ڳرا ٽيڪس لاڳو ڪيائون. سلطنت ٽيڪسن جي بار هيٺ اٽڪل هڪ صديءَ اندر ئي ڊهي پئي. ڪيئن به، پر دنيا ڪي پهرين عظيم انتظامي جوڙجڪ ڏئي ويا، جيڪا اڳتي وارن جي تجربن جو بنياد بڻي.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

چو ته سون جي حساب سان سنڌ 360 ٽئلينٽ سون پريندي هئي (ٽئلينٽ سون، چانديءَ ۽ ٻين مادن جو پراڻو ماڻ هو. 1 ٽئلينٽ اٽڪل 26 ڪلوگرام جي برابر هو. مطلب ته سنڌ تي اٽڪل 9،360 ڪلوگرام يا لڳ ڀڳ 10 ٽن سون ہنڌاڻ هو - سنڌيڪار). ٽيڪس سنڌو (هندو) سٽراپيءَ يعني ملتان کان ڪڇ تائين تي مڙهيل هئا. ان کان سواءِ مقامي طور سمورا انتظامي ۽ فوجي خرچ به پاڻ پريندي هئي. سنڌ کي هر سال 30 ٽن چاندي، فوج ۽ دربار لاءِ سال جي چئن مهينن جي رسد يعني مقامي گورنر جي 800 ساني گهوڙن ۽ 1600 گهوڙين لاءِ گاهه، گورنر جي ڪتن لاءِ ڪم ايندڙ ساز سامان لاءِ چئن وڏن ڳوٺن مان ٿيندڙ ڪمائي پڻ ڏيڻا هوندا هئا ۽ پڇاڙيءَ ۾ گورنر ۽ شاهي گهراڻي جي حرم لاءِ هر سال 500 ڇوڪرا کُٽَ (خصي) ڪيا ويندا هئا. دارا-پهرئين جي دور ۾ سون ۽ چانديءَ جا سڪا ڏيتي ليتيءَ جي ذريعن طور ڪم اچڻ عام ٿيا ۽ ان سان واپاري لاڳاپن ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ سولائي پيدا ٿي.

دارا-1 پنهنجي بحري ٻيڙي جي سپهه سالار اسڪائيليڪس کي پشاور کان هيٺ سنڌو درياءَ وٽي سمنڊ تائين ۽ اتان بلوچستان جي ساموندي ڪنڌي وٽي بحرين، عربستان اُپيٽ جي ساموندي ڪنڌيءَ ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي مصر جي ايرندي واري ساموندي ڪنڌيءَ تائين آبي گسُ ڳولڻ جو ڪم سونپيو. نيل کي وري نئچو واري ڦٽل واهه جي مرمت ڪري ڳاڙهي سمنڊ سان ڳنڍيو هو. ائين سنڌ کي مصر سان ۽ ٻنهي ملڪن کي فارس نارِ سان ڳنڍيي سمورين سٽراپين جو واپار اوسارڻو هو. سنڌ، ڪياني سلطنت کي ٽيڪسن جي وڏ ۾ وڏ رقم ڏيندي هئي، جنهن مان سنڌ ۾ دارا-1 هٿان فتح ٿيڻ کان اڳ ٿيل ريجاڻي پکيڙ پڌري ٿئي ٿي.

ڪيانين زراعت ۾ پنهنجي پتي ناڙيءَ وارو هَرُ هتي آڻي ملائي، جيڪو اٿندي بابلين ناهيو هو. بلوچستان ۾ ڪاريزون آنداٺون. لکت، جنهن جي سرڪاري عملدارن کي کاتا رکڻ لاءِ ضرورت پوندي آهي، جو استعمال انهي پکڙيل زراعت جو ئي نتيجو آهي، جنهن انهن کاتن رکڻ جي ضرورت پيدا ڪئي. خروشتي اڳيئي گنڌارا پرڳٽي ۾ ڇهين صديءَ ۾ اُسري چڪي هئي. برهمي آئيوتا 483 ق.م ۾ پڌري ٿي. سنڌ، جيڪا موهنجي دڙي جي 1،650 ق.م ۾ ڦٽڻ کان پوءِ ڇٽ ٻڇي چڪي هئي، تنهن ۾ ٻيهر سنڌو لکت جهڙي ڪا لکت اچٽي هئي. اها زراعت جي، پنهنجي عروج وقت، وڏي سوپ هئي. سنڌ 450 - 400 ق.م جي وچ تي ڪياني راج مان پاڻ آجو ڪرايو ۽ ڪوڙ ساريون ننڍيون ننڍيون بادشاهيون ٺهي ويون، جيئن سڪندر 325/324 ق.م ۾ اچي ڏٺيون. لڳي ٿو ته سني بندوبست سان ريجاڻي نظام هلايائون پئي، چو ته مقدونين سان مهاڏو هڪ اُپائو ۽ سکي ستابي سنڌ اٽڪايو هو.

جيئن اڳ چاڻ ڏني وئي آهي ته سنڌو-گنگا پَٽن ۾ ريجاڻي رٿائن جي سار سنڀال لاءِ هر کُورَ يا ڪسيءَ تي ننڍن ڏاڍن مڙسن ۽ جن واهن منجهان اهي کُورون نڪتيون ٿي، تن جي سار سنڀال لاءِ ٿورو وڏن ڏاڍن مڙسن ۽ بادشاهن جو هجڻ ضروري هو. بادشاهه جو اختيار ڪنهن ممڪن ريجاڻي ايڪي جي لڳ ڀڳ سمورن واهن تي هوندو هو. سنڌ جون جيڪي الڳ الڳ بادشاهيون سڪندر ڏٺيون سي ريجاڻي ايڪي واري هن سرشتي ۾ بلڪل ٺهڪي ٿي آيون. جيئن ته درياءَ رکي رکي وهڪرا مٽائيندو رهندو هو، سو ريجاڻي ايڪا مٽبا رهندا هئا ۽ بادشاهين جا دنگ به مٽبا رهندا هئا. نقشي نمبر 11 (326 - 324 ق.م) تي اڪ وجهڻ سان چِٽو ڏسڻ ۾ ايندو ته:

1. سنڌو درياءَ جي اوپر، پر ڪوٽ ڏيجيءَ کان مٿي، وارو علائقو (روهڙي ۽ گهوٽڪي سب ڊويزنون) هڪڙو ريجاڻي ايڪو هوندو.
2. سنڌو درياءَ ۽ سندس الهندي ڇاڙهه جي وچ تي ٻيٺ روپ وارو علائقو ٻيو ريجاڻي ايڪو ٿي سگهيو ٿي.
3. سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه کان اولهه پاسي وارو علائقو ٽيون ريجاڻي ايڪو هوندو.
4. سنڌوءَ جون به وڏيون ڇاڙهون پُراڻ ۽ ڪلري به ٻيا ريجاڻي ايڪا هئا.

585



586


587

اَرامي، خروشتي لکتون ۽ سنبي ڇاپيل سڪا


585. اشوڪ جي اَرامي (پراڻي سامي نسل جي ٻولي) اُکر، پُل دَرُونتا، افغانستان.

586. هندي سنبي ڇاپيل سڪا، موهنجي دڙي لکت کان متاثر.


587. منيندر جي خروشتي اُکر (175 ق.م)، باجوڙ، خيبر پختونخوا. خروشتي ٿي سگهي ٿو سنڌ ۾ به عام هلندي هجي.



588



589



590



591



592

كياڻي دربار ۽ يادگار

588. بادشاهه دارا پرسيپولِس ۾ پنهنجي شاهي محل ۾ ميڊيا جي هڪ اعليٰ عملدار جو آدرڀاءُ ڪندي ڏيکاريل، 500 ق.م.

589. (مٿين) نقشِ رستم وٽ ساساني ڪوري اڀاريل ٽڪري، شاپور-1 (241_272ع) جي ٻن رومي بادشاهن مٿان سوڀ جي تصوير سان. (هيٺين) نقشِ رستم وٽ ساساني ڪوري اڀاريل ٽڪري، بهرام-2 (276-293ع) جي هڪ گهوڙي سوار جنگ ڏيکاريندڙ.

590. دارا-1 جو ٽڪريءَ ۾ ڪوريل مقبرو، پرسيپولِس، ايران.

ايرانين جو سئيون شيون چوندي ڪڍڻ وارو اصول. ايرانين پنهنجي مفتوح محڪومن جون اڏاوتي ڏانءُ واريون روايتون ڪم آڻيندي هڪ بيباڪ، سئين شين جو ڳولائو انداز جوڙيو: ٿلهن وارو ديوان عام ميڊيا، الهندي ايران، تان ڪنيائون، اڀاري ڪورڻ ميسوپوٽامر تان، پٿر جي ڪم واريون ٽيڪنيڪون يوناني، دروازي ڏانهن وڃڻ وارا رستا مصري ۽ پهاڙ ڪوريل مقبرا جابلو يُورارتو (هاڻوڪي ترڪي ۽ آرمينيا جي دنگن تي) تان. ايراني حاڪم دارا_پهرئين (522_486 ق.م) جو پهاڙ ڪوريل مقبرو پرسيپولِس ۾ ايراني راڄڌانيءَ واري محل جي هڪ مهاڙيءَ کي تازو توانو ڪري ٿو.

591. بستن ۾ ڪوري اڀاريل دارا جي منڍي.

592. پراڻي پوشاڪ: پرسيپولِس، ايران، ۾ هڪ رسمي ڏاڪڻ تي ڪِوري اڀاريل پٿر مٿن چٽيل ماڻهن جي پوشاڪن ۾ فرق ذريعي وسيع ايراني سلطنت (550-331 ق.م) جي ماحولياتي انيڪتا پڌري ڪن ٿا. ڪوسن ميداني علائقن وارا گهر گهلا ۽ ڍڳها چوغا پائن ٿا، جڏهن ته ٿڌن جبلن جا گهوڙيسوار پاجاما، ڪڙتا ۽ غلاف پائن ٿا. تفصيلي ڪوري اڀاريل پٿر، پرسيپولس، ايران، 519 ق.م.

باب تيرهون

سڪندر هٿان سنڌ فتح ٿيڻ ۽ ريجاڻي (325_326 ق.م)

356 ق.م ۾ ڄاول سڪندر 336 ق.م ۾ پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ مقدونيا جو بادشاهہ بڻيو. سندس پيءُ سپاهين جو هڪ ڪڏهن بہ نہ هارائيندڙ يا اَڄيت دستو تيار ڪيو هو، جنهن ۾ سڪندر وڏيڪ سڌارو آندو. اهو دستو حملو ۽ بچاءُ گڏ گڏ ڪرڻ جي سگهيا ورتل فوجين تي ٻڌل هو. زرهہ بند سپاهي مٿي کان پير جي آڱوٺي تائين رُڪَ سان ڍڪيل هوندو هو ۽ سندس قد بت مطابق ٺهيل هڪ ڍال سندس بچاءُ ڪندي هئي. جڏهن ڪو گهوڙيسوار دستو مٿن هلان ڪندو هو تہ سپاهي قطار ٺاهي ڍالن جي هڪ پٽ ٺاهي ڇڏيندا هئا ۽ جيئن ئي گهوڙيسوار ويجها ايندا هئا تہ اهي تڪڙ ۾ هڪبئي پنيان وڃي گهوڙيسوارن کي وچان ٽپي وڃڻ ڏيندا هئا ۽ جيئن ئي اهو ٽپندو هو تہ هي پوئتي مڙي مٿس ۽ گهوڙي جي پٺيءَ تي ڊگهي ڀالي سان وار ڪري اتي ئي ماري رکندا هئس. اهڙي ريت زرهہ بند سپاهيءَ، ڍال ۽ ڀالي جي ميلاپ سان ٺاهيل سپاهين جو اهو دستو پلوڙ ترين هٿيار هو.

تخت تي ويهڻ کان ٻہ سال پوءِ ڪياني لشڪر کي گريِنيڪَس واري جنگ ۾ شڪست ڏنائين. 333 ق.م ۾ دارا-3 کي شڪست ڏنائين، جيڪو پنهنجا گهر ڀاتي ڇڏي ڀڄي ويو، جن سان سڪندر سٺو ورتاءُ ڪيو. 332-331 ق.م ۾ مصر تي قبضو ڪيائين. 331 ق.م ۾ دارا-3 کي پراڻي نينوا ويجهو گوگاميلا واري جنگ ۾ آخري شڪست ڏنائين. دارا پنهنجي ئي ماڻهن هٿان ماريو ويو. سڪندر، پوءِ بابل تي چڙهائي ڪئي. تنهن کان پوءِ سُوسا تي ڪاهہ ڪري، فتح ڪري ۽ باهہ ڏئي ساڙيائين، جتان ڪيس ڪيانين جو اڍائي صدين کان وڏيڪ عرصي ۾ ميڙيل خزانو هٿ آيو. 327 ق.م ۾ باختري يوناني سردار جي ڌيءُ روگزين سان پرڻو ڪيائين ۽ ساڳئي سال ڏکڻ ايشيا کي زير ڪرڻ لاءِ هندوڪش ٽپيو.

هيٺين ٽيبل ۾ سڪندر جي سنڌ ۽ پنجاب جي فتحن، پوئتي موٽڻ ۽ مرڻ جا سنہ ڏنل آهن:

پنجاب جي پورس جي شڪست	326 ق.م
ملتان کان اترين علائقن وارا مَلِي	326 ق.م
آگزِيدريٽس	326 ق.م
مُوسِيڪينَس	326 ق.م
سامبَس هٿيار ڦٽا ڪيا	326 ق.م

سامبَس بغاوت ڪئي، شڪست ٿيس ۽ ماريو ويو.	325 ق.م
مُوسِيڪينَس بغاوت ڪئي، شڪست ٿيس ۽ ماريو ويو. موئيرِس-1 ۽ موئيرِس-2 پنهنجا علائقا ڇڏي، ڪوهن ۾ زهر وجهي ۽ ڀڄي ويا.	325 ق.م
ڏکڻ سنڌ ۾ سڪندر مخالف وڳوڙ شروع ٿيا	325 ق.م
ارابِتائي هٿيار ڦٽا ڪيا	325 ق.م
اورئينتائي هٿيار ڦٽا ڪيا	325 ق.م
بابل ڏانهن ڏوڪيندي مهل ڪاڏي ۽ پاٽيءَ جي ڪوٽ جي ڪري مڪران، سڪندر کي شڪست ڏني.	324 ق.م
سڪندر جو موت (گهٽو ڪري زهر سان)	323 ق.م
سڪندر جي سلطنت جو ٽٽڻ	323 - 301 ق.م


واپار

پنهنجي پيشرو دارا وانگر سڪندر، سنڌوءَ جي ڇوڙ واري بندر "سڪندري بندرگاهہ" (باربيريڪان يا پنبور) کي ميسوپوٽامر (ٻہ دريائي ديس) سان ۽ ميسوپوٽامر کي وري ڳاڙهي سمنڊ رستي مصر سان ڳنڍڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پنبور مان اميرالبحر نيارڪَس جي مهنداريءَ ۾ هڪ بحري ٻيڙو روانو ڪيائين.

سماجي ۽ معاشي اثر

سڪندر جي فتحن جو تمام گهٽ اثر ٿيو، سواءِ ان جي تہ يوناني ٻولي علم پرائڻ جي ٻولي بڻجي وئي ۽ ڏکڻ ايشيا جو سائنسي ۽ ٻيو ادب ۽ رسمون رواج وچ ايشيا، وچ اوڀر ۽ يورپ تائين پهتا. پر سندس اوڀر ۽ اولهہ کي رَلائي هڪ ڪرڻ واري حمايت سوڀاري نہ ٿي، ڇو تہ سندس مرندي ئي ايراني ۽ پاڪستاني مايون پرڻيل سندس سپاهين انهن کي ڇڏي ڏنو ۽ سندس پٽ ۽ زال ماريا ويا. ايراني سلطنت ۽ ڏکڻ ايشيا بابت سائنسي ڄاڻ هٿ ڪيائين، جيڪا يورپ پهتي.

اَيُور ويدِڪ دوائن جو يوناني دوائن تي اثر ۽ ڏکڻ ايشيا جي ٻوٽين ۽



نقشو نمبر 11
326 _ 324 ق_م
سڪندر جو سنڌ فتح
ڪرڻ ۽ پوئتي موٽڻ
اتر
ڏسڻي
1 سنڌ ۽ پنجاب جي دريائن جو هاڻوڪو وهڪرو
2 325ق-م ۾ هاڪڙي جو وهڪرو
3 325ق-م ۾ سنڌو ۽ ان جي واهڙن جو وهڪرو
4 325ق-م ۾ سنڌ جون ننڍيون بادشاهيون
i. مَلوئي
ii. آگزيدريڪَس
iii. مُوسيڪينَس
iv. آگزيڪينَس
v. موئيرس-هڪ
vi. موئيرس-ٻ
vii. سامبَس
viii. آرابتائي
ix. اوريٽيتائي
x. ڪڇ
5 325ق-م ۾ سامونڊي ڪنڌي
6 چوٿين صديءَ جا شهر
7 ڪريٽيَس جو ايران ڏانهن گس
8 سڪندر جو ايران ڏانهن گس
9 هاڻوڪي سامونڊي ڪنڌي
10 نيارڪَس جو گس
11 سڪندر جو فتح ۽ موٽڻ وارو گس
325ق_م وارا نالا ۽ انهن جي جاءِ وٺندڙ نوان نالا
پراڻا نالا | نوان نالا
سندومانا | سيوهڻ
پٽالا | بهمڻ آباد
مُوسيڪينَس جي راجڌاني | الور
رَهمباڪيا | ٻيلو
آرابس | حب
اليگزينڊرس هيون | پنيور يا باربيريڪان
مورنتوبارا | منوڙو
ڪلاڪا | مياڻي هوڙ
ٽوميرَس نئن | هنگول نئن
راس مَلان | مَلاڻو
اليگزينڊريا | اُچ
ڪاڇو
0 50 100 150 200ميل
ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

ذاتي مرڪبن جو واپرائجڻ سندس ڏکڻ ايشيا جي فتحن جو وڏو لاڀ هو.

گرم جُڳ ۽ سُڃن پوڻن جي ماڻهن پاران سنڌ کي فتح ڪرڻ

900 ق.م کان پوءِ آبهوا بهتر ٿي، پر ڏکڻ ايشيا جي ٻين ڀاڱن ۾ ٿيندڙ ثقافتي اڳڀراين جي برابري ڪري سگهڻ جيتري نہ. لڳي ٿو تہ آبهوا ڇهين صدي ق.م جي پڇاڙڪي چوٿي کان وٺي اٽڪل 200 ق.م تائين وڌيڪ بهتر ٿي. هي اهو جُڳ هو جڏهن سنڌ، جيڪا ملتان تائين پکڙيل هئي، سکي ستابي ٿي ۽ ڪيانين هٿان فتح ٿي، جن کي ڳرا ٽيڪس ڀري ڏنائين، پر انهن جي راڄ جي سو سالن اندر ئي آزاد ٿي ننڍيون ننڍيون بادشاهيون ٿي وئي. سڪندر پاران سنڌ تي 326 ق.م ۾ ڪاهہ ڪرڻ وقت ستن ننڍين ننڍين بادشاهين مَلوئِي، آگزِيدريٽس، مُوسِيڪينَس، سامبَس، آگزِيڪينَس، موئيرِس-1 ۽ موئيرس-2 ساڻس سخت مهاڏو ڏنو ۽ فاتح اعظم جي عظمت ڇيتيون ڇيتيون ڪري ڇڏيائون ۽ ڪيس تڪڙ ۾ سنڌ ڇڏي مڪران جي ريگستان مان سِڌُ ڪرڻو پيو، جنهن نيٺ ڪيس پنهنجي بنا وٽڪار، بنا پاڻي ۽ ناساز ماحولياتي حالتن سان شڪست ڏني. پڇاڙيءَ ۾ سنڌ ڇڏڻ کان هڪ سال پوءِ ڪيس بابل ۾ زهر ڏنو ويو. هن مان رڳو اهو پتو پوي ٿو تہ جيڪڏهن آبهوا سٺي آهي تہ آبادي وڌڻ سان گڏوگڏ سکي ستابي بہ ٿئي ٿي ۽ پوءِ ماڻهو ڌرتيءَ لاءِ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، جنهن سان جذباتي لڳاءُ ٿي وڃين ٿو (ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ).

سڪندر، سنڌ ۾ ڪيتريون ئي ننڍيون ننڍيون بادشاهيون ڏٺيون ۽ فتح ڪيون. مزيدار ڳالهہ تہ انهن ننڍين بادشاهين جا دنگ هتي ڏنل نقشي ۾ ڏيکاريل ۽ هيٺ بيان ڪيل ڪن سِٽائن جي هوبهو بيهاريل ريجاڻي دنگن سان ڪنهن ريت ٺهڪندا لڳن ٿا:

1. **آگزِيدريٽس جي بادشاهي** ملتان ضلعي ۽ بهاولپور ڊويزن جي اُچ تائين ڀاڱي تي ٻڌل هئي.
2. **مُوسِيڪينَس جي بادشاهي** بهاولپور ڊويزن جي اُچ کان هيٺئين ڀاڱي ، سکر ضلعي جي حصن (سنڌو درياءَ جي ڪاٻي ڪنڌيءَ وارا)، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي اترئين ڀاڱي تي ٻڌل هئي.
3. **آگزِيڪينَس جي بادشاهي** هاڻوڪن نوابشاهہ (شهيد بينظير آباد) ۽ خيرپور ضلعن تي ٻڌل هئي.
4. **سامبَس جي بادشاهي** دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي اولاهن ٽڪرن تي ٻڌل هئي، جن کي گهڻو ڪري سنڌو درياءَ جي الهندي ڇاڙهہ، منڇر ڍنڍ، جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن واريون ڪجهہ نئيون ۽ ٿاڪرو چشما پاڻي رسائيندا هئا. الهندي ڇاڙهہ ۽ سنڌوءَ جي وچ تي هجڻ ڪري هڪ وڏو ٻيٽ ٺي پيل هي علائقو پڪ سان ڀلي نموني ريجائبو هوندو ۽ مٿس ٻارها فصل ٿيندا هوندا ۽ انهي ڪري اهو سنڌ جو سڀ کان شاهوڪار علائقو هوندو.
5. **موئيرِس-1 جي بادشاهي** سنڌو درياءَ جي اڀرندي ڇاڙهہ تي هئي، جيڪا تن ڏينهن ۾ اڀرندي پُراڻ مان وهندي هئي. ان ۾ سانگهڙ، بدين ۽ ٿرپارڪر ضلعن جا ريجاڻيءَ هيٺ ايندڙ ٽڪرا اچي ٿي ويا.
6. **موئيرِس-2 جي بادشاهي** سنڌو درياءَ جي الهندي ڇاڙهہ تي هاڻوڪن حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن تي ٻڌل هئي.
7. **ارابِتائي قبائلي علائقي** ۾ ڏکڻ دادو، اتر ٺٽي ۽ ڪراچي ضلعن جو مينهن تي زراعت ۽ مال چارڻ جي رَڪُن وارو علائقو ڪوهستان اچي ٿي ويو. علائقي جا چشما پڪ سان ريجاڻيءَ جو هڪ اهم ذريعو هوندا، جيئن اهي اڄ بہ آهن.
8. **اورئينتائي** ۾ هاڻوڪي لسٻيلي وارو علائقو اچي ٿي ويو.

سڪندر جي تاريخ سهيڙيندڙن وٽان اسان کي سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ان صديءَ دوران آيل ڪجهہ ڦيرن بابت پتو پوي ٿو. سندس تاريخ لکندڙ ارسٽوبولَس لکي ٿو تہ: ”هڪ هزار کان وڌيڪ شهر ۽ انهن سان گڏ ڳوٺ، جيڪي ڦٽي ويا هئا، ڇاڪاڻ تہ سنڌو پنهنجو اصل پيٽ ڇڏي ويو هو ۽ پاسيرو ٿي ڪاٻي پاسي تي ٻئي پيٽ ۾ وهي پيو هو، جيڪو گهڻو اونهو هو ۽ ايڪيري لاهِيءَ سان آبشار وانگر پئي وهيو، سو سنڌوءَ هاڻ ساڄي پاسي واري ڦٽل علائقي کي اٿل جي ڏينهن ۾ پاڻي نہ پئي ڏنو - ڇو تہ هاڻ اهو علائقو نہ رڳو نئين ڌارا کان پر انهي جي اٿل کان بہ مٿي هو.“ (اسٽرئبو پاران حوالو)

آگزِيڪينَس جي ملڪ ۾ وهڪري ۾ هي ڦيرو الور ۽ پٽالا جي وچ تي يعني خيرپور، نوشهري ۽ نوابشاهہ (شهيد بينظير آباد) ضلعن ۾ چوٿين صدي ق.م ۾ آيو، جنهن انهن ضلعن جو ريجاڻي نظام ڦٽائي ڇڏيو. انهي پڪ سان آگزِيڪينَس کي هيڻو ڪيو هوندو، جنهن فاتح تي سوڀارو ٿيڻ لاءِ هر اها اٽڪل ڪم آندي، جيڪا هو آڻي سگهيو ٿي.

هن عرصي دوران سنڌ ۾ ٻہ دريائي سرشتا هئا. سنڌوءَ جي سنڌ اندر وهڪرن بابت سڀ کان سڄر تحقيق ڪندڙ وِلهيلمي چيو آهي تہ: ”325 ق.م ۾ سَرَسوَتي-هاڪڙو دريائي سرشتو ٻارهو وهندڙ آبي ڌارا نہ رهيو هو. اهو آب ڪلاڻيءَ واري مند (جون کان سيپٽمبر تائين) ۾ وهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنڌوءَ جي ڇَرَ جو پاڻي ايندو هئس، پر ٻيڙن جي باقاعدي اچ وڃ ۾ سندس ڪنهن ريت ڪو حصو نہ هو.“ (وِلهيلمي 1966-1968) اهو گهڻ وقت ۾ لهندڙ هاڙهہ جي پوکن جُوَر ۽ ٻاجهريءَ جي پوکائيءَ ۾ ڪردرا نڀائي سگهيو ٿي ۽ پاڻي لهي وڃڻ کان پوءِ سندس تري ۾ گاهہ ڦٽي سگهيا ٿي.

سڪندر جي تاريخ سهيڙيندڙ وٽان مليل ڄاڻ مان هي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا:


- مُوسِيڪينَس (ماڇين؟) ۽ سامبَس (سمن؟) جا ملڪ ريجاڻي سرشتن جي ڪري سکيا ستابا هئا.
- موئيرِس-1 (موريا-1) جي ملڪ ۾ ٻہ دريائي سرشتا هئا ۽ اهو گهڻو ڪري سڀ کان وڌيڪ اُپائو پرڳڻو هو.


593



594


595


596


597


598


599


600

سڪندر


593.   سڪندر گھوڙي تي سوار، 331 ق.م.
594.   سڪندر اعظم جي منڍي، 330 ق.م
595.   رچرڊ برٽن 1956 ۾ فلم ”اليگزينڊر دي گريٽ“.
596.   ٽرنڪ چارجر. هن سڪي تي گھوڙي تي سوار سڪندر هاٿيءَ تي چڙهيل ٻن هندي جوڌن مٿان هلان ڪري رهيو آهي. سمجھيو وڃي ٿو ته هي بابل ۾ 323 ق.م ۾ جاري ڪيو ويو هو.
597.   ۽ 600. سڪندر جون موزيڪ تصويرون، پھرين صدي ق.م.
598.   سڪندرهڪ سڪي تي.
599.   سڪندر جو پٿر جو ڪفن، چوٿين صدي ق.م جي پوياڙي.


- چوڙَ-ٻيٽاري (ڊيلٽا) وارو موئيرس-2 جو ملڪ پڻ چڱي آباديءَ وارو هوندو ڇو ته اتي ريجاڻيءَ سان گڏوگڏ وڏي انگ ۾ ڍنڍون ۽ ترايون هيون، جن ۾ مڇي ٿيندي هئي، اتي مسافر پڪي ايندا هئا ۽ پاڻي لهي وڃڻ کان پوءِ اتي گاهه ڦٽندا هئا، جن تي مال پلبو هو.

ملتان کان هيٺ واري سنڌ، سڪندر اعظم پاران فتح ڪيل ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان سکيو ستابو ٽڪرو هو.

ان جا مکيه ڪارڻ ريجاڻي ۽ ٻه دريائي سرشتا هئا.

سڪندر جي تاريخ سهيڙيندڙن وٽان ۽ سندس اميرالبحر نيارڪَس جي روزنامچي مان سنڌ جي ٻن اهم پيداوارن جي ڳالهه ٻڌڻ ۾ اچي ٿي - سوٽي ڪپڙو ۽ ڪنڊ. ڪمند جيئن ته ٻارهو بيهندڙ فصل هو سو پڪ سان موزون علائقن ۾ ريجاڻي سرشتن تي ٿيندو هوندو، گهڻو ڪري سنڌوءَ جي الهندي چاڙهه (الهندو نارو)، منڇر ڍنڍ واري پاڳي ۽ ڪچھ ٻين تراين ۽ ڍنڍن جهڙوڪ مَڪي-فراش، ڪينجهر، ڪلري، هاليجي ۽ ڪوڙ سارين ٻين تي، جن منجهان واهه موزون علائقن ڏانهن پاڻي نيئي سگهندا هوندا ۽ آب ڪلاڻيءَ ڪي ڇڏي ٻي مند ۾ ٻوڪن سان ڪڇندو هوندو، ڇو ته نار اجا يجاد نه ٿيا هئا.





نوٽ:

مورين ۾ پاڳي ٽي صديءَ اندر پهرين ڏکڻ ايشيائي سلطنت جوڙي ورتي ۽ ڪيانين وانگر ان کي سگهاري انتظام هيٺ هلايائون جيڪو ڪوٽيليا جي ارٿ شاستر تي آڌاريل هو . انهي اهي انتظام، پرڏيهي پاليسيءَ، قانون ۽ انصاف ۽ ڪسُن جي سائيزن ۽ ٻنيءَ جي ماپن مطابق ٽيڪس لاڳو ڪرڻ وارا سڀ نظريا راتورات نہ گهڙيا هوندا. لڳي ائين ٿو تہ حڪومت هلائڻ جون اهي واٽون سنڌوءَ سميت اڳاٽين تهذيبن ۽ آرين جي تجربن مان پرايون ويون هونديون. ايتري پکيڙ واري سلطنت وري علاءُ الدين (1315)، اورنگزيب (1717) ۽ انگريزن (1849ع) ٺاهي.

ايم. ايچ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تيار

باب چوڏهون

مورين جي راڄ ۾ ريجاڻي

(321_184 ق.م)

چندرگُپت موريا

موريا راڄ گهراڻي (جنهن کي يونانين موئيرِس سڏيو آهي) جو باني چندرگپت موريا هو، جنهن کي برهمڻ چاڻَڪيا مگڌ مان پڙهائيءَ لاءِ ٽڪاسيلا (ٽيڪسيلا) آندو، جتي اهو ست اٺ سال رهيو. پلوٽارڪ مطابق ساندروڪوٽوس (چندرگپت) نالي نوجوان سڪندر سان پاڻ سان مليو ۽ اهو پورس خلاف جهلم واري جنگ ۾ سڪندر سان ساٿ ۾ هو. انهي ئي پورس کي سڪندر سان انهي جي دعوت جي موٽ ۾ ملڻ تي راضي ڪيو. ائين پورس کان، پنهنجي فائدي مطابق، هٿيار ڦٽا ڪرائڻ ۾ سوڀارو ٿيو ۽ نتيجي ۾ پورس، سڪندر جو سڱو دوست بڻيو. اهو سڪندر سان پٽالين (لاڙ سنڌ) پڄڻ تائين گڏ رهيو ۽ انهي کي سنڌ جي حڪمراني سونپي وئي.

پورس مارجي ويو، چندرگُپت سنڌ کي 321 ق.م ۾ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ گڏائي ڇڏيو

سڪندر جي مرڻ کان ٻه سال پوءِ ۽ يونانين کي هاٽوڪي سنڌ، پنجاب ۽ اوڀر بلوچستان جي دنگن مان ڌِڪي ٻاهر ڪرڻ کان پوءِ پورس ۽ چندرگپت موريا لڳي ٿو تہ مکيہ رياستن ۽ قبيلن مان ۽ يُودِيمَس کان پڻ (جنهن اجا تائين اترين سنڌو ماٿريءَ جي ڪجھ علائقن تي حڪمراني پئي ڪئي) مگڌ تي ڪاھ ڪرڻ لاءِ مدد هٿ ڪئي. پورس، جنهن جي پنجاب ۽ سنڌ تي حڪمراني هئي، پڻ ساٿُن اچي گڏيو ۽ سنڌ جي راجڪمارن جا لشڪر ۽ قبيلا بہ ساٿُن اچي گڏيا. مگڌ ڏانهن ويندي واٽ تي سيني ننڍين ننڍين رياستن تي ڪاهون ڪيائون ۽ اهي هٿ ڪيائون. سوڀ کان پوءِ فتح ڪيل علائقا پورس ۽ چندرگپت وچ ۾ ورهائجڻا هئا. چاڻَڪ يا چاڻَڪيا يا ڪوٽِيليا، يُودِيمَس کي ميڇ ڏئي پورس کي مارايو. چندرگپت سنڌ، اوڀر گيدروشيا (لسٻيلو، قلات، سبي ۽ بولان لڪ جو ڏاڪٽئو پاسو) تائين، پنهنجي ملڪ ۾ گڏائي ڇڏي. اڳتي هلي چندرگپت 321 ق.م ۾ مگڌ سميت سمورو علائقو زور تي ڦٻائي ورتو. پيٿون کي ڏکڻ ايشيا جي الهندي دنگ يعني سنڌوءَ کان اولھ پاسي جو نگران بڻايائين.


چندرگُپت 301 ق.م ۾ موريا سلطنت کي افغانستان ۽ بلوچستان تائين وڌايو

يُودِيمَس 317 ق.م ۾ سيليُوڪَس کي اينٽيگونَس خلاف مدد ڏيڻ لاءِ اتر پنجاب کان هليو. 305-304 ق.م ۾ سيليُوڪَس هاٽوڪي پاڪستان تي ڪاھ ڪئي ۽ پڇاڙيءَ ۾ چندرگپت سان ٺاھ ڪيائين، جنهن ۾ جلال آباد (افغانستان ۾) کي پورالي نئن (لسٻيلي ضلعي ۾) سان ملائيندڙ سَنڌي کان اوڀر وارا سمورا يوناني علائقا ڏئي عيوض ۾ 500 هاٿي ورتائين، جن سان اينٽيگونَس کي اِپسوس ۾ 301 ق.م ۾ شڪست ڏنائين. سڪندر جي ان يوناني گادي سنڀاليندڙ جي ان ڏکوئيندڙ واقعي جو نتيجو اهو ٿيو تہ چندرگپت ڏکڻ ايشيا جي سائنسي دنگ يعني هندوڪش جبل تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو. انگريزن اڻويهين صديءَ ۾ اهو حاصل ڪرڻ لاءِ اجايا زور لاتا ۽ جڏهن افغانستان سان عهد ناما ڪيائون تڏهن وڃي مَسَ سوڀارا ٿيا.

موريا راڄ گهراڻي جا راڄ ڌڻي:

چندرگُپت موريا	324 - 298 ق.م
بِندُوسَرا	298— 273/72 ق.م
اشوڪ	273/72 - 232 ق.م
دَسرٿ	232 - 224 ق.م
سَنگاتا	224 - 216 ق.م
سَلِيسُوڪا	216 - 206 ق.م
سوماسَرمن	206 - 200 ق.م
سَلِيسُوڪا	200 - 199 ق.م
سَتڌَنوان	199 - 191 ق.م
برِهادرَٿ	191 - 187 ق.م

مورين جي اچڻ سان ٻنيءَ جو سڌارو آيو. ان ڪم کي هلائڻ پنيان هٿ



مورين ۽ باختري يونانين جا سڪا

ڏکڻ ايشيائي سڪي سازي: سنڌو-يوناني: 601. 602. ديميتريَس-پهرئين (200-100 ق.م) جو چانديءَ جو چئن درهمن جو سڪو. 603. اگاٿوڪلس (191-180 ق.م) جا ڪنجهي جا سڪا. سَڪا: 604. ايزس (57-10 ق.م) جا ڪنجهي جا سڪا. 605. ايزس جو چانديءَ جو چئن درهمن جو سڪو. ڪُشان: 606. ڪَنشڪ (100-126ع) جو ڪنجهي جو چئن درهمن جو سڪو. 607. هُوشڪ (126-163ع) جو سون سان پيتجنڊڙ سڪو. اولهه وارا سَڪا (سٽراپ): 608. نهپانا (119-125ع) جو چانديءَ جو آڌيو (اڌ درهم). 609. رُدردَمن سِمها (30-20 ق.م) جو چانديءَ جو آڌيو. 610. ڪنهن بادشاهه (سَتَڪاني؟، 30 ق.م) جو ڪنجهي (پوٽن) جو سڪو. 611. گوتمي پُترا وجيائڪرا (سَتَڪاني، 106-130ع) جو شيهي جو سڪو.
مورين کان اڳ واري جُڳ، چوٿين صدي ق.م، سان لاڳاپو ڏيکارڻ جوڳا سڪا: اتر-الهندي وارا علائقا: 612. چانديءَ جي ڳِنيءَ وارو سڪو (ٻٽي معيار وارو). 613. چانديءَ جو گول سڪو (اڌ معيار). 614. چانديءَ جو چورس سڪو. گنگا ماٿري (ڪيسي): 615. پيالي شڪل چانديءَ جو سنبي چاپ سڪو. 616. چانديءَ جو سنبي چاپ سڪو.
مورين ۽ مورين کان ستت پوءِ واري جُڳ سان لاڳاپو ڏيکارڻ جوڳا سڪا: 617، 618، 619. چانديءَ جي سنبي چاپ سڪا، قومي سلسلو. 620، 621، 622. ٽامي جي ڍليل سڪا. 623، 624، 625، 626، 627. سانچي پلٽيل ٽامي جا سڪا، ٽيڪسيلا، پنڻين پاسي نگما (برهمي لکت)، ڪوجَڪا (خروشتي لکت).

چندرگپت جي مکيہ منتري ۽ ارٿ شاستر جي ليکڪ چاڻَڪيا جو هو. سندس سلطنت جي ڪجھ علائقن ۾ ريجاڻي نظام ڪي سڌاريو ويو. ڊل، ٻنيءَ جي ماپ ڪري ٺيڪ ٺيڪ ڪَٿي ۽ اوڳاڙي ويندي هئي. واهن ذريعي ريجاڻي سنڌ وارا سنڌو تهذيب جي ڊرڪڻ واري جُڳ کان وٺي چاڻندا هئا، پر مورين ٿي سگهي ٿو ان ڪي نون علائقن تائين پکيڙيو هجي. ريجاڻي پاڻيءَ تي مورئِن ذريعي ڪنٽرول بابت سپ کان آڳاٽي چاڻ پڻ هن جُڳ جي آهي ۽ چاڻَڪيا جي ارٿ شاستر ۽ ميگستينس جي اِنڊِڪا مان ملي ٿي. زراعت جو نگران رکيل هوندو هئن، جيڪو ٻنيءَ جا اگھ ان جي ڳٽن ۽ ريجاڻي طريقن مطابق ڪٿيندو هو. عام طور تي حڪومت جي اپت ۾ پتي هڪ ڀاڱي چار هوندي هئي. آبيانو، جيڪو اپت جي ٽين پتيءَ جو هڪ ڀاڱي پنج هوندو هو، ڊل کان سواءِ پرڻو هوندو هو. اهي ملائي پوري اپت جو لڳ ڀڳ اڌ تي ويندو هو. ان کان سواءِ ٻيا ننڍڙا ٽيڪس جهڙوڪ ڊاريل ڊورن تي ٽيڪس بہ هوندا هئا. ائين ريجاڻي ٻنيءَ ۾ ڪڙميءَ ڪي پنهنجي اپت جو چاليھ سيڪڙو بہ نہ بچندو هو. ارٿ شاستر موتين جي ڳالھ تہ سنڌ جي ڪاروباري وکر طور ڪئي وئي آهي، پر چاڻَڪيا سُٽَ، ڪپڙي/اوڄ، مسالن ۽ اناج جنسن جي ڳالھ ڪرڻ رهائي ويو آهي.

ميگستينس ٻڌائي ٿو تہ شاهي عملدار ٻنيءَ جي ماپ ساڳئي مصر واري طريقي سان ڪندا هئا ۽ جن مورئِن مان پاڻي واهن ۾ ويندو هو، تن جي چڪاس ڪندا هئا تہ جيئن هر آبادگار ڪي پاڻيءَ مان پنهنجي پوري پتي ملي (وِي. اي. سمٿ، حوالو استرابو) مورئِن جي دور ۾ سرڪاري ڪمن تي ايندڙ خرچ سلطنت جي ڪل خرچ جو پنجويھ سيڪڙو هوندا هئا. سنڌ ۾ ريجاڻي نظام ۽ ايراضين جي ٺيڪ ٺيڪ تصوير لاءِ چاڻ جي کوٽ آهي. چندرگپت موريا، سڪندر خلاف بغاوت سنڌ مان شروع ڪئي. لاڙ سنڌ جا بہ راڄ ڏٽي موئيرس-1 ۽ موئيرِس-2 هاڻ موريا سمجهيا وڃن ٿا (موريا قبيلو سنڌ ۾ اڃا تائين آهي). جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ چندرگپت ۽ سندس مُک صلاحڪار چاڻَڪيا ٻئي سنڌ جا چڱي طرح سونهان هوندا ۽ هڪ ماهر منتظم طور چاڻَڪيا ان جُڳ جو هڪ عظيم سياسي نظرئي دان هو، تنهن ريجاڻي زراعت کي وڌيڪ سڌاريو هوندو، جيڪا سڪندر جي 325 ق.م ۾ اچڻ مهل اڳيئي سني حالت ۾ هئي.

مهان موريا سمراٽ اشوڪ جي 242 ق.م ۾ مرڻ کان پوءِ پونين مورين جي دور ۾ ريجاڻي نظام پڪ سان بگڙي ويو هوندو، گهٽو ڪري ان ڪري تہ ريجاڻي رٿائن جو درست انتظام نہ ٿيو هوندو. پونين مورين جا سڪا مَٺُ مليل هوندا هئا ۽ انهن ۾ چانديءَ جو گهٽ هجڻ اَيري معيشت جو اولڙو پسائي ٿو. موريا نموني واري مرڪزي نظام هيٺ سموري معيشت جي هيٺو ٿيڻ جو تڪڙو نتيجو ريجاڻيءَ تي ٿيندڙ خرچ ۾ گهٽتائي، پوکيءَ هيٺ ٻنيءَ ۾ گهٽتائي ۽ سرڪاري آمدنيءَ ۾ گهٽتائي ٿيندو. ائين مسئلن جو اٽڪڻ سلسلو سرڪار جي هلندي پڇنديءَ ڪي جهٽ هيٺو ڪري ڇڏيندو.

سنڌ ۽ باقي ڏکڻ ايشيا جي معيشت زرعي هئي. عملدارن جون پگهارون ۽ سرڪاري ڪمن تي ايندڙ خرچ قومي خرچن جو چڱو پلو حصو ٿيو ٿي. موريا گهراڻي جو ڊهڻ وڏو لشڪر پالڻ ۽ نئين هند تي آباد ٿيڻ جي جهجهي دٻاءَ هيٺ دٻيل معيشت سان جوڙيو وڃي ٿو.

250 ق.م ڌاري يونانين جهازن جي تري مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ پنهنجي جهازن ۾ ڏول لڳل مالھ وارا پمپ هنيا. اهي ڊزائن ۾ نارن جهڙا ئي هئا، سواءِ ان جي تہ ڏول ننيا هئا ۽ ڏولن کي ڦيرائيندڙ ڪانيڻ وهٽن ذريعي ڦيرائجندڙ چڪر سان ڦيرائڻ بجاءِ هٿ سان ڦيرائبي هئي. نار، ٿي سگهي ٿو سنت ئي انهي متي تي ٺهيا هجن.

200 – 175 ق. م تائين پاڻي چاڙهڻ واريون انجڻون اڳيئي ريجاڻيءَ لاءِ ڪم آيون پئي. اهي ٿي سگهي ٿو سنڌ ۾ يوناني ساموندين 200 ق.م ۽ گريگوري سن جي شروع ٿيڻ جي وچ تي آنديون هجن.






موريا دربار جون شيون

628. پٽاليپُترا ۾ موريا دربار جو مڪمل نٽ ٺانگر نڪر جي هڪ ٻتڙي ۾ زناني فيشن مان پڌرو ٿي رهيو آهي.

629. 629. راس منڊل وهڙو.



نقشو نمبر 14

187 - 184 ق۔م
باختري يونانين
(ديميتريَس ۽ منيندر)
جا سنڌ فتح ڪرڻ جا گسَ

باب پندرهون

باختري يونانين جي راڄ ۾ ريجاڻي
(187_70 ق.م)

ڪيانين پاران پنجين صدي ق.م ۾ سرڪار مخالف بغاوتن ڪي چيپائڻ ۾ مدد ونڻ لاءِ پنهنجي دنگن تي آباد ڪيل باختر (بلخ) جا يوناني جهجهي هلندي پڄندي هلائڻ لڳا ۽ پَڌڻ لڳا تہ سڪندر اعظم يونان يا فتح ڪيل علائقن جي ڪنهن بہ ٻي عورت جي پيٽ ۾ سندن سردار جي ڌيءُ روگزين ڪي اتم پائڻي ساٽس شادي ڪئي.

باختري يونانين جي ڏکڻ ايشيا ۾ اچڻ جو ڪارڻ اهي قدرتي ۽ تاريخي حالتون هيون، جن موريا سلطنت ڪي ڍاڻو ۽ سندن سلطنت ڪي ڪيترن ئي ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو، جن منجهان هر ڪنهن ڪي پنهنجي پنهنجي لالچ هئي. موريا سلطنت جي جاءِ ونڻ وارا سُنگها، اصل ۾ اُجين جا برهمڻ، مورين جي ملازمت ۾ هئا، جن جي آخري راجا ڪي پُشيامِترا سُنگها پنهنجو راڄ گهراڻو ڪڙو ڪرڻ خاطر ماريو هو، پر اهي اهي صوبا سنڀالي يا موٽائي هٿ ڪري نہ سگهيا، جيڪي ٻين حوالي ٿي چڪا هئا. سُنگها، مگڌ تي ئي مَسَ هڪ صديءَ تائين ڪنٽرول رکي سگهيا ۽ سندن جاءِ ونڻ وارن ڪاڻون ساڳي طرح اڳلا 50 سال 28 ق.م تائين ڪڍيا.

ٽين صدي ق.م جي وچ تائين باختر جا يوناني ڊيوڊوٽس ۽ ايران جي پارٿين جي سرواٽيءَ ۾ سيليوڪس راڄ گهراڻي ڪان ڇڳا ۽ آزاد ٿي ويا. راڄ گهراڻي جي جاءِ ونندڙن منجهان هڪ ڊيميٽريَس پٽ يُوٿيڊيمَس ڪابل، خيبر پختونخوا، پنجاب ۽ سنڌ فتح ڪيا. سندس ڏکڻ ايشيا ۾ جنگين باختر تي سندس پڪڙ هيٺي ڪئي، جيڪو آزاد ٿي ويو ۽ پاڻ ڏکڻ ايشيا ۾ پير ڄمايائين. 187 - 184 ق.م ۾ پاڻ اراڪوسيا (قنڌار ۽ پر پاسا) ۽ گيدروشيا (پاڪستاني مڪران) فتح ڪيائين ۽ سندس نائب اپولوڊوٽس پنجاب، سنڌ ۽ ڪڇ فتح ڪيا. برهمڻ آباد جي بلڪل پر ۾ ڊيميٽريَس شهر اڏيائين يا متان ان ڪي ئي اهو نالو ڏنائين. هتي راڄ ان شهر ۾ رکيل پنهنجي فوجي گورنرن ذريعي هلايائين ۽ پاڻ پنهنجي سِر راڄ راڄڌاني شهر ٽيڪسيلا مان ڪيائين. ساڳي طرح سندس پونيَرن بہ ٽيڪسيلا مان راڄ ڪيو، ڊيميٽريَس ۾ گورنر هئڻ.

سندس پونير مينندر ٻوڌي ٿي ويو ۽ انهي ڌرم ڪي متاهون ڪيائين. ٻين لفظن ۾ انهي پرجا جو ڌرم قبوليو، بجاءِ پنهنجو ڌرم مڙهڻ جي. انهي پنهنجي حاڪميت جا دنگ پکيڙڻ سان گڏوگڏ سنڌو-يوناني طاقت ڪي ڄمايو. سندس بادشاهيءَ ۾ سوات، هزارو، پنجاب (راويءَ تائين)، سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گهٽو گهٽو ڪري ڪابل ۽ دهليءَ ويجهو متڙا شامل ٿيا. پڇاڙيءَ ۾ هي ٻوڌي پُستڪ "مِلندا-پَنهو" جو سورمو ٿي ويو، جنهن ۾ بادشاهہ ڌرم متائي ٻوڌي ٿئي ٿو. مُئو تہ 25 سال پوءِ ڪيترن ئي شهرن سندس رَکَ لاءِ رِيسَ ڪئي.

مينندر جي مهنداريءَ ۾ سلطنت افغانستان ڪان وٺي ڏکڻ ايشيا جي هيٺ ڏکڻ پاسي بروچ ۽ اوپر پاسي متڙا تائين سمورن ڀاڱن تائين پکڙي.

باختري يونانين جا ڏکڻ ايشيا ۾ راڄ ڌڻي:

ڊيميٽريَس	184 - 165 ق.م
اگاٿوڪل	165 - 160 ق.م
مينندر	160 - 145 ق.م
اسٽرئٽو-1	145 - 100 ق.م
اپولوڊوٽس	100 - 90 ق.م
زوئيلَس ڊايوئيسَس ۽ اپولوفونس	90 - 80 ق.م
اسٽرئٽو-2	80 - 70 ق.م

سوکهڙو ۽ سنڌ جو وچ ايشيائي قبيلن هٿان فتح ٿيڻ: 200 ق.م _ 356ع


سوکهڙو وري بہ گهٽ وڌ ٿيندو 400ع ڌاري تائين هليو. جڏهن بہ دنيا جي وڏن علائقن تي سوکهڙو ايندو آهي تہ سُجن پونن جا ڏنار ريجيل دريائي ماٿرين جي سانتيڪا وينل ماٺهن متان جهاتا هٽندا آهن ۽ هن پيري سنڌ تي وچ ايشيائي ڏنار باختري يونانين، سِٿيُن، پارٿيُن، ڪُشانن ۽ پڇاڙيءَ ۾ ايران جي ساسانين قبضو ڪيو. سندن قبضو ظالماڻو ٿيندو ويو، گڏوگڏ ڏيهہ اندر بغاوتون اٿيون ۽ انهن سنڌ ۾ ورلي ڪي يادگار ڇڏيا. سندن دور ۾ ڪو بہ نالو ڪٽڻ جوڳو ٻوڌي نل نہ اڏيو ويو، ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ (سنڌي ترجمو پيرائتي سنڌ ڪٿا) ۾ پيرائتو احوال ڏنو ويو آهي.

باختري يونانين سنڌ تي سو سال راڄ ڪيو. هن مهل تائين هن دور جا سڪن جي ثابتيءَ آڌار بنهہ ٿورڙا واقعا پڌرا ٿيا آهن. هن دور ۾ ريجاڻيءَ بابت ڪا ڄاڻ ناهي. سنڌ جو ڏيهون ڏينهن وڌ پرڏيهي واپار گهٽي ڀاڳي

نقشو نمبر 15

174 ق-م سنڌو-يوناني رومي ۽ يوناني سلطنتون 174 ق-م ۾

نوٽ:
سنڌي-يونانين پاران ڏکڻ ايشيا جي اتر الهندي وارا ڀاڱا فتح ڪرڻ جون ڪڙيون وچ ايشيا ۾ آيل ڏڪار سان ملن ٿيون، جنهن جي ڪري سيليوڪي سلطنت يعني باختري يونانين ۽ پارٿين جا پراڻهان پرڳڻا ايندڙ 30 سالن ۾ ڇڄي ڌار ٿي ويا.



ڏسڻي

1	پراڻين سلطنتن ۽ بادشاهين جا ڏنگ	ــــــ
2	پراڻا گس	- - - -
3	سامونڊي گس	— · —
4	شهر	●
5	ملڪ يا بادشاهيون	سنڌو-يوناني
6	درياءُ	
7	چين ڏانهن گس (ريشم واٽون)	········

ايم. ايچ. پنهور جي نگراني ۾ هيٺ ٺهيل

رومي سلطنت سان سندس سامونڊي بندر باربيريڪان (ڀنڀور) رستي هليو پئي، جنهن هن ڌرتيءَ کي سڪيو ستابو ۽ سرڪار کي پاٽيرو بڻائي ڇڏيو هو، جيئن سڪن جو سنو هجڻ ثابت ڪري ٿو، پر سندس ريجاٽيءَ ۽ زراعت بابت ڪو به اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي.


ان دور جي هڪ اهم ايجاد يونوچ سمنڊ جي ڏاڪٽي ڪنڊيءَ وارن ايشيائي ملڪن ۾ نار جو ريجاٽيءَ لاءِ ڪم اچڻ هو. اها گهڻو ڪري يونانين جي ايجاد هئي. 250 کان 200 ق.م جي وچ تي جهازن جي تري مان سِمي آيل پاڻي ڪيڻ لاءِ جهازن تي وڏي پئماني تي بِلج پمپ استعمال ٿيڻ لڳا. ڏول لڳل مالھ وارا هي پتل جا ٺهيل پمپ ستت ئي سمورن سمنڊن جي جهازن ۾ لڳي ويا. اهي ڊزائن ۾ هاٽوڪي نار جهڙا ئي هئا، سواءِ ان جي ته ڏول ننڍا هئا ۽ ڏولن کي ڦيرائيندڙ ٻن هٿين واري ڪانيَڻ وهٽن ذريعي ڦيرائجندڙ چڪر سان ڦيرائڻ بجاءِ هٿ سان ڦيرائبي هئي. نار ايجاد ٿيڻ کان اڳ موهنجي دڙي جُڳ ۾ ٻوڪو کوھ جي ڪپر تي ڪوڙيل U نموني منگھ مٿان ڏکهي واڍ سان ڇڪبو هو. گرٽي موهنجي دڙي جي ڦٽڻ کان پوءِ 1500 ق.م ڌاري ايجاد ٿي. چڪر (ننڍي چڪري) ڪيانين ڇهين صدي يا پنجين صدي ق.م جي پهرئين چوٿي ۾ ايجاد ڪيو. نار ٿي سگهي ٿو سنڌ ۾ يوناني سامونڊين ذريعي پهتو هجي، جن جو سنڌ ۽ ڏکڻ ايشيا سان واپار سنڌ جي بندر باربيريڪان رستي 200 ق.م کان وٺي 60ع تائين هليو. اهو سنڌ ۾ واهن ۽ کوهن مان ريجاٽيءَ لاءِ انتهائي موزون هو ۽ ستت ئي پڪ سان سوين نار ميدان ۾ اچي ويا هوندا. باغبان (دادوءَ کان پنج ميل پنڌ تي) جي ڀر پاسي 1522ع ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ نار هئا، جن کي اٺ ڇڪيندا هئا، جيڪي شاھ بيگ پڪڙيا. عرب ملڪن ۾ هي سنڌي نار سڏبو هو، ڇاڪاڻ ته هي سنڌ ۾ گهڻو استعمال پئي ٿيو.

بِلج پمپن ۽ نارن جي ڊزائن آڌار فِلون نالي هڪ يوناني سائنسدان 200 ق.م ڌاري پاڻي چاڙهڻ واري انجڻ ايجاد ڪئي.


سنڌ ۾ ريجاٽي نظام هو ۽ ٻنين تائين پاڻي پهچڻ جو دارومدار درياءَ ۾ پاڻيءَ جي ان جاءِ تي ليول تي هوندو هو، جتان واهن ۽ تراين ۾ پاڻي ويندو هو. ڪيترائي ڀيرا پوکائيءَ جي مند ۾ پاڻيءَ جي ليول ٻنين تائين پهچڻ جهڙي نه هوندي هئي. ٻوڪو گهٽ اونهائين تان پاڻي ڇڪڻ لاءِ ڪارگر ناهي هوندو. هُرلا چانورن جي پوک کان سواءِ تمام گهڻا ڪارگر ۽ سستا ثابت ٿيا. نار سکر بئراج جي کلڻ تائين عام ڪم ايندا رهيا. سستي ڊيزل انجڻ ۽ بجليءَ جي موٽرن وارن سينٽريفيوگل پمپن انهن جي جاءِ ورتي. لڳي ائين ٿو ته اڳلن ڏهن سالن ۾ سنڌ ۾ ڪو نار ڪو نه بچندو.

200 ق.م کان 200ع تائين واپار

سنڌ، ڏيھ اندر اپايل وکرن جو هڪ وڏو انگ پرڏيھ اماڻيندي هئي ۽ گهڻيئي وکر ٻاهران گهرائيندي به هئي. پرڏيھ ويندڙ مال ۾ جانورن جا چوڙا، وار (اُن، پشم، ڏاس)، قسم قسم جو سوٽي ڪپڙو (ململ سميت)، سرهاٽيون، ليپ يا ملمون، موتي، قيمتي پٿر (فيروزي پٿر، مِينُ يا لاجوَرد)، اوني ڪپڙا، لُنڊي ٻليءَ ۽ برفاني ليپرڊ جون کلون، عام ليپرڊ جون کلون، جيئرا هاٿي ۽ انهن جا ڏند يا عاج، جيئرا واگهه، شينهن، ليپرڊ، واڳون، سانڊا (اصل ۾ گلويون)، توهي وارا ڳاوا ڍور، مُشڪ يا گلگتي هرڻ جي سرهاڻ، گينڊي جا سڱ، سِپَ جا موتي، لاک، رنگ، نِيرُ، آرينا (مَجُٺ) ۽ ٻيا ٻوٽن وارا رنگ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ريشم جي تند شامل هئا. ريشم وارو ڪينئون، جنهن جي جنم ڀومي بنگال ۽ آسام هئي، باخترين جي دور ۾ چين پهتو، جتي اهي انهي جي تند واري ڦوري ڪي هڪ ئي اڻ ٽٽل تند ۾ اڪيلڻ ۾ سوپارا ٿيا ۽ ان کي سستي ڪاروباري استعمال لاءِ تيار ڪيائون. 200 ق.م کان 50ع تائين مصر سنڌ مان وڌ ۾ وڌ مال گهرائڻ ۽ پرڏيھ اماڻڻ وارو ملڪ هو ۽ اسڪندريا مان مصري مال اڳتي رومي سلطنت ڏانهن اماڻيندا هئا.




630



631

رني ڪوٽ قلعو ۽ برهمڻ آباد جو گهر

630. رني ڪوٽ قلعي جي چوڌاري واري پٽ: اڏامندي ورتل تصوير.
631. بيلاسس پاران 1854ع ۾ کوٽيل برهمڻ آباد جي هڪ گهر جي رٽا.



نوٽ:
145 ق-م کان 30 سالن اندر رومي سلطنت ايري ۽ سٿين ڏکڻ ايشيا ۾
باختري يونانين جي جاءِ ورتي. باختري يوناني ڪابل تائين محدود هئا.
پارٿي سُتت ئي رومين جا دنگئي ٿيڻ وارا هئا ۽ ٻنهي وچ ۾ ڇڪتاڻ جي
شروعات ٿيڻ واري هئي.
ڏسٽي
1 ساموندي گس
2 واپاري گس
3 شهر
4 واپاري وکر
نقشو نمبر 16
74 ق-م
پارٿي ۽ سٿي سلطنتون
(سنڌ سميت)
اتر
ڪاچو
500ميل 400 300 200 100 0
هُن سلطنت
75 ق-م ۾
رومي سلطنت
پونٽس جي بادشاهي
ڪارو سمنڊ
يونيج سمنڊ
ڪاسپي سمنڊ
آرال
وڏا يُوئي-چي
ننڍا يُوئي-چي
پارٿي سلطنت
سُورين بادشاهي
سڪا يا سٿين جي بادشاهي
ٽالمين جي بادشاهي
مصر
مريطانيا
نيُومڊيا
بلغائي
گاٿ
عربستان
هميارين جي بادشاهي
حبش
ايريٿرائي سمنڊ
(ڳاڙهو سمنڊ)
مئري پراسوڊَم
(سائو سمنڊ)
تبت
بنگال
برما (ميانمار)
دکن
تمل
سيلون
سائينس گينگيٽيڪس
ٻرهمپتر درياءُ
سون ٽامو چاندي
ڪنپارڪاٽانوَ شراب تيل اَن
ڪٽڪ لينن پيپائيرس
(ڪاغذ ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪپهه جو ٻوٽو)
سون عاج
عاج لاک
عاج مسالا ڪاٺ چانور

باب سورهون

سِٿيُن جي راڄ ۾ ريجاڻي
(70 ق•م _ 46ع)

سِٿي يا سَڪا، اصل ۾ وچ ايشيا ۽ ايران جي پاڱي سِٿيا جا رهواسي، اٿندي بولان لڪ رستي سنڌ ۾ آيا ۽ 80 ق.م کان پوءِ باختري يونانين کان سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ نگرپارڪر رستي ڪاٺياواڙ ۽ اتر گجرات فتح ڪرڻ ويا. پنهنجي بادشاهي پهريان ڏکڻ پنجاب ۾ پوءِ 77 ق.م ۾ ٽيڪسيلا جي اتر تائين پڻ وڌايائون. گنڌارا تي قبضو 60 ق.م ۾ ڪيائون. سندن انتظام جو بنياد ڪيانين وارو، سيليوڪس راڄ گهراڻي پاران ٺوري ڦيرقار ڪيل، ڍانچو هو. ڪيانين وانگر هنن بہ پنهنجو پاڻ کي جُڙتو خطاب ڏنا.

قسم قسم جي سڪن تان گڏ ڪيل خطاب آهن: ڌرمِيڪَس يا ڌرمِيس يا ڌرمِيسَس (عادل)، مهاتَس (عظيم)، مهاتَڪَس (عظيم شهزادو)، راجادِراجَس يا راجاراجَس (بادشاهن جو بادشاهہ)، مهاراجَس (بادشاهن جو بادشاهہ)، اِندرَوَم (انهن سان سچو جيڪي سنڌوءَ مٿان ڇاوا)، پُترَس (شهزادي جو پٽ) ۽ سترَتيغَس (جنگي گُرن جو ماهر). انهي وقت کان وٺي هي خطاب ڏکڻ ايشيا جي راڄ ڌڻين پاران لازمي انتظامي ڪل پرزي طور اختيار ٿيندا آيا آهن ۽ انهن ٽوٽي راڄ ڌڻين، سياسي مهندارن ۽ نئين جُڳ جي سورمن کي ڏنل ٻين خطابن جهڙوڪ مهاتما (عظيم روح)، عظيم اڳواڻ (قائدِ اعظم)، ابوالفصاحت (فصاحت ۽ بلاغت جو ابو) وغيره جي روپ ۾ هلندا آيا آهن.

ڏکڻ ايشيائي خطاب ڌارڻ سنڌو-يوناني ديميٽريَس کان شروع ٿيو هو ۽ ڪانئس پوءِ اچڻ وارا جاري رکيو آيا آهن، پر اهو چوٽ سِٿي دور ۾ رسيو. انهن بادشاهن منجهان هر هڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجو پاڻ کي اڌ درجن کان وڌيڪ خطاب ڏنا. ڪُشانن ۽ اڳتي هلي ڏکڻ ايشيائي بادشاهن ساڳي پَر ڪئي. دهليءَ جي سلطانن (1206 - 1525ع) اهو رواج گهٽو ڪري اجائي ڊيگهہ سمجهي ڪڍي ڇڏيو ۽ رڳو سلطان ڪوٺائڻ ۾ ئي خوش رهيا. مغل بادشاهن ۽ سلطانن سان خطاب انتظامي سجاٽپ جو لازمي جز هوندا هئا.

سِٿي راڄ ڌڻي هي هئا:

مؤئيس	70 - 58 ق.م
اسپيلائيرِس	58 - ؟ ق.م
ايزس-1	؟ - 15 ق.م
ايزيلائيسيس	15 - 10/5 ق.م
اسپيلائيرِسيس	10/5 - 10ع
ايزس-2	10 - 46ع

سٿين پنهنجا سِڪا يوناني نموني اڳئين پاسي يوناني ٻولي ۽ پٺئين پاسي خروشتي لپيءَ ۾ پراڪرِت معنيٰ وارا رکيا، جيئن ڪانئن اڳين باختري يونانين ڪيو هو، اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ عام ماڻهو سرڪاري ٻوليءَ کان اڻڄاڻ آهن. سندن دور ۾ ڏکڻ ايشيا جي ٻوڌي بت سازيءَ تمام گهڻو يوناني اثر سَٺو.

سٿين زرهہ بند گهوڙيسوار فوجي دستو ٺاهيو، جن جو مکيہ جنگي اوزار تمام ڳري زور سان ٽنبڻ وارو ڊگهو نيزو هو. سڪندر ۽ سندس پيءُ فِلِپ جي اَجيت دستي وانگر هي پنهنجي جُڳ جو پلوڙ ترين هٿيار ۽ جنگ ۾ سندن سرسيءَ جو ڪارڻ هو.

سماجي_معاشي بيهڪ، ريتون رواج ۽ وندر ورونهن

آدم ذات علم جا ڄاڻو سمجهن ٿا تہ سنڌ ۾ وسندڙ ماڻهو سنڌو-سِٿي گروپ جا آهن (سرڪار: ريسز آف دي پنجاب، سنڌ اينڊ بلوچستان 1964). سٿين جي سنڌ ۾ لڏي اچڻ جي آڳاٽي لهر 850 - 800 ق.م ڌاري واري هئي جڏهن سٿيا ۾ پيل ڏڪار وارين حالتن کين انهي لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو، پر اها آثاري ثبوتن سان ثابت نہ ٿي آهي.

سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ سٿين جا لاڏائو ٽولا ريجاڻي ٻنين تي آباد ٿيڻ لاءِ اچي پهتا. زرعي پيداوارن منجهان ڪجهہ، جيڪي سندن ايران ۽ وچ ايشيا مان آندل چيون وڃن ٿيون، سي آهن: بصر، هِڱُ، ٿوم، ماجو ڦل/ ماوا (چمڙي رنگڻ جو وکر)، ڏاڻا، ڪوهي بصر (بصر جو قسم جنهن جي پاڙ ۾ ٿوم جهڙيون ڳڙيون ٿينديون آهن)، انجير، بادام، جِيرو، هنداڻي جون نيون جنسون، پتائي گجر، پستا، اخروٽ، ڏاڙهون ۽ آلوبخارا ايران مان ۽ ناسپاتي ۽ ڪافور (ڪپور) چين مان. ويهين صديءَ ۾ ٿيل مختلف قسمن جي ڳپ بابت اپياس هن نظرئي کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جوهي ۽ خيرپور ناٿن شاهہ جي ٽاڪرو چوٽين تي جهنگلي پستن ۽ اخروٽن جا وڻ ٿين ٿا. سٿين ٿي سگهي ٿو هنن جنسن جي ڦير ڦار ڪري سڌاريل پوک هتي آندي هجي. انهي جو وڌو امڪان آهي، ڇو تہ سندن اختيار هيٺ هندوڪش جبل جي ٻنهي پاسن جا علائقا هئا ۽ پرئين پاسي بهتر پوک ڪرڻ وارا پڪ سان هوندا، جيئن هاڻ بہ آهن. سندن دور ۾ سنڌ جو رومي سلطنت سان ڇوڙَ-ٻيٺاري واري بندر باربيريڪان (ڀنڀور) رستي واپار پنهنجي چوٽ تي رسيو. سنڌ مان سموري اتر-اولهہ ڏکڻ ايشيا، تبت ۽ افغانستان جو مال جهازن تي لڏبو هو. سنڌ مان



632



633

634





635



636



637

638



گھريلو سينگار واريون شيون، سڪا ۽ پٿر جا وَٽَ

632. گھريلو سجاوٽ واريون شيون، 600ع.
633. بيلاسس پاران برھمڻ آباد مان کوٽي ڪڍيل عاج جي فرنيچر جا ٽڪرا، گھڻو ڪري سنڌي ھندورو.
634. حُقي جي گِرنھن، اٺويھين صدي عيسوي.
635. جُوليَس سِيزر، 100-44 ق.م.
636. ڪلوپترا، 30 ق.م.
637. چونديل بادشاھ، فلپ، ائمِنٽاس-ٽئين جي پٽ، مقدوني رياست نئين سِر رٿڻ شروع ڪئي. سندس ڀلوڙ سڪا وچولي يورپ ۾ سندس سلطنت کان گھڻو پري تائين پکڙيا.
638. ماربل ۽ ٻين پٿرن مان ٺھيل وَٽَ، 2500 ق.م.



639



640



641



642



643



644



645



646



647



648



649



650

دهليءَ جي سلطانن جا سون، چانديءَ ۽ ٽامي جا سڪا

639. عبدالمالڪ جو سڌارن کان اڳ وارو دينار، 695ع (ڪاپي) ۽ سڌارن کان پوءِ وارو دينار، 696ع (ساڄي).
640. همايون، 1530-1556ع، جو روپو (چانديءَ جو) سڪو.
641. اڪبر، 1556-1605ع، جو سونو سڪو.
642. شمس الدين التتمش، 1211-1236ع ۽ غياث الدين بلبن جو ٽامي جو سڪو.
643. رضيہ سلطانہ، 1236-1240ع، جو ٽامي جو سڪو.
644. اڪبر، 1556-1605ع، جو روپو سڪو.
645. جهانگير، 1605-1627ع، جو بُرجي سڪو، 1613ع ۾ گهڙيل.
646. جهانگير، 1605-1627ع، جو روپو سڪو.
647. شاهجهان، 1628-1658ع، جو روپو سڪو.
648. شاهجهان، 1628-1658ع، جو سونو سڪو.
649. محمود غزنويءَ، 997-1030ع، جو سونو سڪو.
650. سلطان محمد بن سام، 1192-1206ع جو ٽامي جو سڪو.



651



652



653



654



655



656



657



658



659



660



661



662



663



664

ڏکڻ ايشيائي ۽ يورپي سونا ۽ روپا سکا

651. المُعِز، 968ع، جو فاطمي دينار.
652. عبدالمالک، 691-693ع، جو عربي سکو.
653. هارون الرشيد، 795ع، جو عباسي درهم.
654. باختر جي بادشاهه ديميتريس جو هاٿيءَ جي کل جي تاج وارو چانديءَ جو چئن درهمن جو سکو، ٻين صدي ق.م.
655. شاهه عالم-ٻئين، 1760-1806ع، جو سونو سکو.
656. شاهه عالم-ٻئين، 1760-1806ع، جو روپو سکو.
657. اورنگزيب، 1658-1707ع، جو روپو سکو.
658. اورنگزيب، 1658-1707ع، جو سونو سکو.
659. اکبر، 1556-1605ع، جو سونو سکو.
660. هند جو آڳاٽو سکو.
661. ايران جو بادشاهه سائرس ڊيکاريندڙ سکو.
662. ايٿنس ۽ ڪورنٿ، يونان، جا آڳاٽا روپا سکا.
663. چانديءَ جي لسري، نقشِ جان، ايران.
664. اهم يوناني ٻيٽائين واپاري شهر ايجينا جي ماٿهن ايشيا مائنر ۾ هلندڙ سکن جا فائدا تڪڙا جانچي ورتا ۽ 560 ق.م ڌاري پنهنجا سکا جاري ڪرڻ شروع ڪيائون. سندن سادا هڪ پاسي ٺپيل ڊزائن وارا چانديءَ جا ٽڪرا پهريون يورپي چالو سکو هئا. ٻيارا سکا انهن کان سنت پوءِ اچي ويا ۽ اهو خيال پاڙيسري يوناني شهرن ۾ پکڙيو ۽ اڳتي هلي اٽليءَ ڏانهن ۽ اجا اڳتي اولهه پاسي پکڙيو.

ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ زرعي پيداواران ۾ لاک، رنگ، مسالا، ڳاڙها مرچ، کنڊ، نيرُ، سوٽي چادرون ۽ انهن جو ڪپڙو، ٿالهيءَ جو ڪاٺ، چانور ۽ جُوَر شامل هئا. زرعي پيداوارن کان سواءِ سنڌ پنهنجي ساموندي بندر باربيريڪان تان ٻيو مال جهڙوڪ هماليه ۽ تبت مان ايندڙ جانورن جا چوڙا ۽ وار (اُن، پشم، ڏاس)، قيمتي پٿر، هاٿي، شينهن، ليپرڊ، گينڊا، مُشڪ، واڳون ۽ سِپون/ڪوڏ گهٽي پاڳي مصر ۽ رومي سلطنت ڏانهن اماڻيندي هئي. هي ڪنهن وڏيل ويجهيل ۽ سٺي بندوبست واري ريجاڻي زراعت ڏانهن اشارو آهي. سِٽي ٻوڏي ٿي ويا هئا. ڪجهه ٻوڏي ٿُل سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ آهن.

مٿي ٻڌايل فصلن منجهان ڪجهه ٻارها آهن. سنڌوءَ جي الهندي چاڙهه ٻارهو وهندي هئي. انهي مان جيڪو به واهه نڪرندو هوندو سياري ۾ لهي ويندو هوندو ۽ پاڻي چڪڻ لاءِ نار جي گهرج پوندي هوندي. نار ٿي سگهي ٿو هن ئي جُڳ ۾ آيو هجي.

20 ق.م ۾ وِٽرُوويَس پاڻيءَ واري جاندهه جي ڳالهه ڪئي آهي، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته پاڻيءَ جي طاقت اَنُ پيهڻ لاءِ بِلج پمپ جي ابتڙ طريقي سان عام ڪتب اچڻ 30 سال اڳي شروع ٿي چڪي هئي. انهي ئي دور ۾ بِلج پمپن مان نار ٺهيا.

فين شينگ -چيهه شُو "ائن ايگريڪلچرسٽ بڪ آف چائنا" پهرين صدي عيسوي ۾ لکيو. انهي ۾ پوکائي ڪرڻ، ٻجن جي بيماريءَ کان بچاءُ، مختلف قسمن جي فصلن جي پوکائيءَ جي تاريخ، ثقافتي رواجن، لاباري/ لوڙهه/چوندِ/ميڙ ۽ اپت سانديي رکڻ جي بنيادي متن بابت چاڻ ڏنل آهي.





ڪُشانن، گپتن، پارٿين، مغلن،
باختري يونانين ۽ ڪيانين جا سڪا ۽ ڪوڏيون

665. ڪُشاني سڪو، ٻين صدي عيسوي.
666. گپتن جو سڪو.
667. جهانگير، 1605-1627ع جو روپو سڪو.
668. ڪُشاني سڪو، ٻين صدي عيسوي.
669. سَمُدرا گپتا جي سڪي تي لڪشمي.
670. مغل بادشاهه جهانگير، 1605-1627ع، جي سوني سڪي تي راس منڊل وهڙو.
671. اتر الهندي هند جي باختري يوناني ڏاهي-بادشاهه منيندر، 115-90 ق.م، جو سڪو. سڪي جو پٺيون پاسو يوناني اَٿين ديوي ڏيکاري ٿو.
672. بهرام-2، 276-293ع، جي سڪي جو پٺيون پاسو.
673. ڪيانين جو سونو ڊئرڪ (دارا-1 جي نالي پٺيان)، پنجين صدي ق.م.
674. اوائلي پارٿي روپو درهَم. گهٽو ڪري مِٿرادِيٽس-1، 171-138ق.م، جو.
675. ارڙهين صديءَ تائين چالو سڪي طور هلندڙ ڪوڏي انگريزن بند ڪئي. هڪ ڪوڏي هڪ رپئي جي برابر هوندي هئي.
676. پارٿي روپو سڪو، مِٿرادِيٽس-2، 123-88 ق.م، جو، تصوير سان.
677. مِٿرادِيٽس-1 جي درهم جي پٺئين پاسي آرسِس جي تصوير.
678. اَردشير-1، 224-241ع، جو روپو درهم.
679. سڪي جي پٺيئن پاسي اگني قربانگاهه.
680. شاپور-1، 241-272ع، جو روپو درهم.
681. خسرو-2، 590-628ع، جو سونو دينار.
682. اڪبر، 1556-1605ع، جو سڪو.


683


684


685


686



687


688


689


690


691


692


693


694


695


696

ساساني شيون، پهلوي ۽ ڪوفي لڪتون

683. ساساني گچ جي سينگار تختي، گل جي شڪل سان، نيشاپور مان.
684. ساساني گچ جي سينگار تختي، ٽيسي فون ويجهو اُمزا قربانگاهه تان.
685. ساساني گچ جي گهوڙو مڇي.
686. ساساني گچ جي سينگار تختي، مرونءَ جي منڍيءَ سان، دمغان مان.
687. هڪ ساساني مهر جي ڇاپ، گهيٽو ڏيکاريندڙ. مهر جي گهڙت: خاڪي روهي پٿر جو گول ڇڪرو، ٽري وٽان سڌو ڪيل.
688. هڪ ساساني ناسي عقيق جي مهر جي ڇاپ، مرداڻو مٿيون ڌڙ ڏيکاريندڙ.
689. هڪ ساساني بي رنگ عقيق پٿر جي مهر جي ڇاپ، ٻُور جهلي بيٺل هٿ ڏيکاريندڙ. مهر جي گهڙت: ٻنهي پاسن ۽ ٽري وٽان سڌو ڪيل گول ڇڪرو.
690. ٺڪريون، ڪن وکرن جو مقدار ماپڻ لاءِ ڪم ايندڙ ديو ناگري لکتن سان، ڀنڀور مان.
691. هڪ ساساني سنگ مرمر جي مهر جي ڇاپ، اڌامڪ گهوڙو ڏيکاريندڙ.
692. پهلوي - ساساني لکت.
693. هباري دور، 907ع، جي ڪوفي لکت، ڀنڀور مان.
694. روپو ڪٽورو، خسرو-پهريون نوشيروان اميرن جي وچ تي.
695. زره پاتل هڪ ساساني بادشاهه گهوڙي تي سوار، 590-628ع.
696. لکت اڪريل ڪاشي چڙهيل ٺڪر جا ٽانوَ، ڀنڀور مان لڌا، عباسي دور يا اڃا پوءِ جا آهن.

باب سترهون

پارٿي راڄ (46_78ع) ۽ ڪُشان راڄ (اتر سنڌ: 78_175ع)، پارٿي راڄ (لاڙ سنڌ: 78_175ع ۽ سچي سنڌ: 175_283ع) دوران ريجاڻي

پارٿي

پارٿي، ڪاسپي سمنڊ جي اپرندي پاسي تي جانٺن شهسوارن جي جُوءِ پارٿيا جا رهواسي هئا. انهن سيليُوڪَس راڄ گهراڻي کان 250 ق.م ڌاري باختري يونانين سان گڏ آزادي حاصل ڪئي ۽ فارس جو پارٿي (ارسڪِدان) راڄ گهراڻو ٺاهيائون، جيڪو پنج صديون هليو جيستائين ساساني راڄ گهراڻي اچي سنڌن جاءِ ورتي. ٻه سو سال اڳتي هلي پنهنجي بادشاهي انهن دنگن تائين وڌايائون، جيڪي ڪيانين جا 519 ق.م ۾ هئا. سنڌ کي پنهنجي ملڪ ۾ 46ع ۾ گڏايائون، پر سنڌن راڄ ٿورو عرصو هليو ۽ ڪو نشان نہ ڇڏيائون. ٻئين پارٿي راڄ گهراڻي جو گجرات جو حاڪم رُدردَمن اهم راجا هو، جنهن جي ڪنٽرول هيٺ سنڌ 10 سال (135 - 145ع) رهي. پارٿين جي پهرئين راڄ گهراڻي ايترو تہ ٿورو عرصو راڄ ڪيو جو ريجاڻي زراعت ۾ سنڌن ڪارنامن جي ورلي ڪا ڄاڻ آهي. ڪُشانن اتر سنڌ تي 100 سال ڪن راڄ ڪيو، تڏهن پارٿي لاڙ سنڌ تي قابض هئا. 175ع کان پوءِ پارٿين سچي سنڌ تي هڪ صديءَ کان ڪجهہ وڌيڪ تائين راڄ ڪيو ۽ پوءِ ساسانين سنڌن جاءِ ورتي.

.1	گوندوفيرس (پنجاب ۽ خيبر پختونخوا)	20/21 - 50ع
.2	گوندوفيرس (سنڌ)	46 - 50ع
.3	پيڪورس (سنڌ، پنجاب ۽ خيبر پختونخوا)	50 - 65ع
.4	اٽچاتل پارٿي (رڳو سنڌ)	65 - 78ع
.5	اٽچاتل پارٿي ۽ ڏيهہ واسي راڄ گهراڻا	175 - 283ع

سنڌن بادشاهہ هئا:

سنڌو-پارٿي سِڪا جيتوڻيڪ بيهڪ ۽ نموني ٺهڻي ۾ باخترين جي سڪا سازيءَ جي اثر هيٺ، پر ٺلهي ليکي ڏانءَ ۾ اڻنگا آهن، مٿان جانورن ۽ انسانن جي خاڪن جي ستُ ٿيل اٿن. اهي ڏيهي جوڙجڪ ۽ احساسن جو تاثر ڏين ٿا. منجهن باربيريڪان جا عنصر بہ ايترائي ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. سڪا معاشي ۽ ثقافتي تباهيءَ جي چِٽي تصوير پَسائن ٿا ۽ ڏڪار جي ڪري ٿيل معاشي اَپرائيءَ جي پوري پوري جهلڪ ڏين ٿا.

سنڌ، بنيادي طور اشوڪ کان پوءِ ٻوڌي ملڪ هئي، ڇو تہ باختري يوناني، سِٿي ۽ پارٿي ٻوڌي ٿي ويا هئا ۽ هن ڌرم کي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ مٿاهون ڪيو هئائون.

هِپالَس نالي اسڪندريا جو يوناني عدن کان پاڻيءَ رستي هلي سنڌوءَ جي ڇوڙَ-ٻيٽاري واري بندر باربيريڪان آيو ۽ واٽ ۾ ايندڙ ڪنهن بہ بندر کي ڇُهڻ بنا 45ع ۾ موٽي ويو. هي ڏکڻ ايشيا جي واپار ۾ هڪ وڏو انقلاب هو. انهي ايرِيٿرائي سمنڊ (ڳاڙهو سمنڊ، هاڻ عربي سمنڊ) ۾ ٻيڙين جو ڪناري ڪناري سان واپار ڪرڻ ختم ڪري ڇڏيو ۽ تدمر رستي مصر تائين واري سُڪيءَ جي گَسَ کي پڻ ختم ڪري ڇڏيائين. اوپر واسين کي چؤماسي جي هوائن بابت ڄاڻ اڳيئي هئي، پر يونان وارا ان کان بي خبر هئا. هن ڄاڻ سان ۽ ڏکڻ-اولهہ کان اتر-اوپر لڳندڙ چؤماسي جي هوائن جي مدد سان جهاز اپريل ۾ ڳاڙهي سمنڊ مان ڏکڻ ايشيائي بندرن ڏانهن نڪري سگهيا پئي ۽ آڪٽوبر ۾ پاسو مٽائي ابتيون لڳندڙ هوائن آڌار موٽ جو سفر شروع ڪري سگهيا پئي. ساموندي ناڪئن ۽ واپارين لاءِ سونهون ڪتاب پيرِيپِلَس آف ايرِيٿريَن سِي (ڳاڙهي سمنڊ جي چئني پاسي ساموندي سفر) پهرين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري لکيو ويو. هي واپاري هوائن ۽ باربيريڪان جي بندر تان سودجندڙ واپاري وکرن تي هڪ اهم ماخذ آهي ۽ سنڌ مان پرڏيهہ ويندڙ زرعي پيداوار مال جا نالا ٻڌائي ٿو.

چؤماسي هوائن جي ڇهہ ماهي چڪر واري هن دريافت سنڌ لاءِ ڏور رس اثر ڇڏيا، ڇو تہ ستت ئي اڳتي جهاز ڳاڙهي سمنڊ مان نڪري سڌا هندستان جي بندرن ڏانهن وڃڻ لڳا ۽ باربيريڪان پنهنجي پوري اهميت وڃائي ويٺو، ڇو تہ هندستان جي الهندي ڪنڌيءَ وارن بندرن تان هاڻ ايراني نارِ ۽ عربي اُپٻيٽ سان سمنڊ ڪنڌيءَ رستي واپار لاءِ مال سنڌ جي باربيريڪان بندر ڏانهن نہ پئي موڪليو ويو.


عيسوي دور جي پهرين 60 سالن دوران سنڌ جو رومي سلطنت سان

نقشو نمبر 17

200 ق-م - 200ع

سنڌ ۾ اولهه وچ ۾ واپاري گس

وارمنگٽن، وُڊڪاڪ، ٽائيمس ائنشيئنٽ اٽلس، ٽؤسانٽ، هرمٿن ڪِندر ۽ وارنر هلجمئن آڌار



پراڻا نالا	هاڻ انهن جي جاءِ تي
ايڊيولس	زُولا يا مَسووَا جو هاٿوڪو ڀاڱو
انگڊيوئي	گوٿا؟
اٿلانا	عقبا
اليگزينڊريا يا اَريوئي	هرات
اليگزينڊروپولس	قنڌار
آميسوس	ايسڪي-سَمسُوم
اَپاميا	بريجڪ
اپولونوس	وَادي گيمل
عربستان يودائيمن	يمن ۾ عدن پڻ
اراڪوسيا	قنڌار پرڳڻو
آرسنوئي يا ڪليوپيٽرِس	اردشيرُود سوئيز ويجهو
ايوَلائيٽس	زِيلا
باختر	بلخ پرڳڻو
باربيريڪان	پنيور يا ديبل
باريگزا	بروچ
بيرينس	عُميل ايسمنڊ تي بيناس کان هيٺ
بائزَنشن	وزادروگ؟
ڪائنيپولڪ	ڪناب
ڪاليانا	ڪليانا

پراڻا نالا	هاڻ انهن جي جاءِ تي
ڪين	هسن غوراب
ڪيپ آف اسپائيسس	رَاس عاصِر
ڪرمانا	ڪرمان
چرسونيسوس	ڪارواڙ پوائنٽ
چيريڪس	مُحَمرا
ڪوپٽوس	ڪيفٽ
ڪوفين يا اورٿوسپانا	ڪابل درياءُ
ڏاگزاٿا	سنگنفو
ڊوسرن	اوَڙيسا
ڊرينجيانا	سيستان
ايڪبٽانا	همدان
ايريٿرائي سمنڊ	عربي سمنڊ
گنڌارا	پشاور-راولپنڊي پرڳڻو
ڊيرها	ڪويت
غازا	غزه
آٿرنون نار	رڻ ڪڇ
بيرِيس نار	ڪڇ نار
هيروپولائيٽ نارِ	سوئيز نارِ
هائراسڪيمينوس	مَهَرَڪا

پراڻا نالا	هاڻ انهن جي جاءِ تي
هندو ڪش جبل	پٽرا پَنيسوس ڪاڪيسوس
ستي-سنڌ	لاڙ سنڌ
انَٽيريم سمنڊ	پُونوچ سمنڊ
ازائيڪ يا ازائِڪ	يزد
لَيوس هيٽ	ڪبوتر هيٽ
ليوڪوس لائيمن يا البَسپورنس	ڪوزيئر
ليوس ڪم	ايل-هؤرا
ملائو	بربرا
مساليا	مسوليپَٽم
مارب	مارياٻا
مرجِيانا	مَرو
مَراڪندا	ثمرقند
مودرا	مُترا
موسيلون	راس مَنترا ۾
موشا	خور رِيري
مَنڊس	بندر حيٽ
مُزيرس	ڪرينگانور
مُوزا	موڪا
مايوس هرمز	ابو شعار

پراڻا نالا	هاڻ انهن جي جاءِ تي
نَمادوس	نيوبڏا
نؤرا	ڪٿنانور
ناٿلوپٽولمائيون	ٽوڪوينا
نيلسنڊا	ڪوٽاايام
نينوَس	نينوا
اَوسيلي	سيلا ويجهو
اورائي	سونمياڻي ساموندي چُڪ
اوزين	اُجين
پٿيٽانا	پٿيٽان
پاليبوٿرا يا پٽالِيپُتر	پٽنا
پَنو	راس بينا
پٽالا	بهمڻ آباد ويجهو يا ان جاءِ تي
پرسيپولِس	اِستخر 200ع کان پوءِ
فالاڪرو	ڊويگ
فرا	فَرَح فَرح
پوڪلئس	پُشڪال اَوپنٽر هاڻ چارسده سرات مٿان
رَهيج	تهران ويجهو
رَهمباڪيا	لسٻيلي ويجهو
رائنو ڪوليُورا	ايل-عريش

پراڻا نالا	هاڻ انهن جي جاءِ تي
سيلِيبُر	سيلون جي اترئين ڇيڙي جي سامهون
سپاَپنا	شراپاني
سرڊِيڪا	صوفيا
سِگيرَس	راجاپور يا جئگڙهه
سِنوپ	سناب
سَنگيڊُونَم	بلَغراد
سِوڪوترا	ڊايوسڪوريڊا
سَدومَن	سيوهڻ
سُپارا	بمبئي ويجهو
سائين	آسام
سائرَيسٽرين	ڪاٺياواڙ
تبائي ڪيپ	راس چينارِف
ٽگارا	ڪولهاپور يا ناگرام
ٽائنڊِس	پَناني
زرغوَز جبل	جبل طاق

واپار پنهنجي چوٽ تي پهتو. رومي رڪارڊ (پلائني ۽ پيريپلَس) ٻڌائن ٿا تہ سنڌ پنهنجي بندر باربيريڪان (ڀنڀور) تان ڇا ڇا پرڏيهہ اماڻيندي ۽ ڇا ڇا پرڏيهہ مان گهرائيندي هئي. پرڏيهہ مان گهرائبا هئا: اوني ڪپڙا، چادرون ۽ چادرن جو ڪپڙو، سُرهيون شيون، چانڊي، سون، شراب، شيشي جون چادرون (درن درين ۽ ٻين ڪمن ۾ ڪم ايندڙ لَسو شيشو) ۽ شيشي جو ٻيو سامان ۽ گهڻ مُلهہ وارا پٿر ۽ ٻاهر اماڻبا هئا: سوٽي مال، ريشم (چيني) نيرُ ۽ ٻيا رنگ، جانورن جون کلون، هماليہ ۽ تبت مان ايندڙ جانورن جا وار، گهڻ مُلهيا پٿر، ڪٽڪ، چانور، ڪنڊ، هاٿي، شينهن، ليپرڊ، گينڊا، مُشڪ، واڳون ۽ سِپون/ڪوڏ - گهڻو تڻو مصر ۽ رومي سلطنت ڏانهن.

لاڙ سنڌ پٽالين سڏبي هئي. باربيريڪان ڏانهن ويندڙ سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهہ کي ٿالمي ساگاپا سڏيو هو ۽ انهي جو سنڌ جي زرعي اُپت (هن ليڪڪ پاران انٽرنيشنل ٽريڊ آف سنڌ ۾ تفصيل ڏنل) سنڌس بندر باربيريڪان رستي پرڏيهہ اماڻڻ ۾ هڪ اهم ڪردار هو. باربيريڪان گهڻ ۾ گهڻ ٻين صدي ق.م کان وٺي موجود هو، جيتوڻيڪ اهو چوٿين صدي ق.م تائين آڳاٽو ٿي سگهي ٿو. باربيريڪان، منجهس ٽين کان تيرهين صدي عيسوي تائين آباد ايراني يهودين پاران سنڌس نالو مٽائي ديبل رکڻ تائين، چڱو ڏگهو عرصو هليو. ديبل لفظ ديول جو بگاڙ هو. يهودي ٿي سگهي ٿو پنهنجي عبادتگاهہ کي ديول سڏيندا هجن. اها ڪوتائي ڪرڻ وارن کي ناهي لڌي.

سنڌ ۾ ڪُشان راڄ: 78 _ 176ع

ڪُشان، اصل ۾ يُوئي چِي لاڏائو، چين جي دنگن مان 165 ق.م ڌاري نيڪالي ملڻ کان پوءِ پنهنجي مال لاءِ چراگاهہ ڳوليندا اولهہ پاسي هلندا تَڪلامڪان يا گوبي ريگستان لتاڙي ۽ اچا بہ اولهہ پاسي سِٽين کي سِير درياءَ جي اترئين پاسي کان ڪيندا ۽ ڇچاڙيءَ ۾ باختر ۾ وڃي آباد ٿيا، جنهن تي ڪنهن زماني ۾ باختري يونانين جو قبضو هو. 78ع ۾ هاڻوڪي پاڪستان ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪيائون، راڄڌاني پشاور ۾ هئي، جنهن خيبر لڪ کان بچاءُ جو ڪم ٿي ڪيو. سنڌن بادشاهيءَ جي پکيڙ وڌ ۾ وڌ ڪَنِشڪ-2 جي دور ۾ اتر ۾ افغانستان، هندوڪش ۽ پامير جبل، ڏکڻ ۾ ونڌيا جبل ۽ اوير ۾ گنگا جي ماٿريءَ تائين هئي. هنن چيني ترڪستان پرڳڻي ۾ خوتان، يَرڪ ۽ ڪاشغر (ڪشغار) پڻ فتح ڪيا. ڪَنِشڪ، ڪشمير فتح ڪيو.

ڪُشان، پارٿي بادشاهن کي گنڌارا مان 65ع ۾ ڌِڪي ڪڍيو، پر سنڌ 70-80ع تائين پارٿين جي ڪنٽرول ۾ رهي. پيريپلَس جي لکجڻ جو سنہ گهڻو ڪري اهو هو. انهي کان پوءِ ڪَنِشڪ سنڌ کي 135-145ع جي وچ تي ٿوري عرصي لاءِ پنهنجي ملڪ ۾ گڏايو. سِٿيُن 150ع تائين لاڙ سنڌ، ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ مالوا فتح ڪيا. ڪُشان ٿي سگهي ٿو لاڙ سنڌ ورائي فتح ڪئي هجي، پر سٿين اها موٽائي ورتي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ سٽ ئي سموري سنڌ. سَڪَن يا سِٿيُن سنڌ تي گهڻو ڪري اٽڪل 100 سال راڄ ڪيو.

ڪُشانن جا بادشاهہ هئا:

اتر سنڌ

.1	ڪَنِشڪ-1	78 - 101/02ع
.2	وَسِشڪ-1	102 - 106ع
.3	هرِشڪ	106 - 119ع
.4	هرِشڪ ۽ ڪَنِشڪ-2	119- 138ع
.5	ڪَنِشڪ-2	138- 145ع
.6	واسوديو-1	145 - 176ع


لاڙ سنڌ

.1	پارٿي	78 - 135ع
.2	سِٿي	135 - 145ع
.3	پارٿي	145 - 176ع

ڪُشان بادشاهہ ۽ ڪانئن اڳين جا جاگيردار ۽ نواب سنسڪرت نالا رکندا هئا ۽ هندي خطاب پڻ. جهڙوڪ: سچادرمتيداس، يَواگَس، مهيشوَراسو، راجادِراجَس، سَروَلوگَ، اِيشوَرَس، تِرادَتيَس، مهاراجَس، هِيماڪَپيسَس، تَرَدَت وغيره. چاڪاڻ تہ هي خطاب سموري آباديءَ کي وڻندا هئا. هي ۽ لڳ ڀڳ ساڳي معنيٰ وارا ٻيا خطاب ويهين صديءَ تائين گهڻي ڀاڱي ايشيائي ملڪن ۾ هليا.

ڪُشانن جي سرڪاري ٻولي پراڪرت هئي، جيڪا اُڪرُن لاءِ پڻ ڪم آندي ويندي هئي. سنسڪرت کي ساهتي (ادبي)، گياني (سائنسي) ۽ ڌرمي (مذهبي) لکتن جي ٻولي ڪري اختيار ڪيو ويو، جيتوڻيڪ اها هڪ غير متحرڪ ٻولي بڻجي وئي هئي. ڪَنِشڪ کان وٺي ٻارهين صديءَ تائين سموريون ٻوڌي ڌرمي لکتون سنسڪرت ۾ آهن ۽ ٻوڌي لکتن جي ان ۾ گڏايل پٽي نتو لڳي تہ ڪو برهمڻي لکتن کان گهڻ هوندي.

ڪَنِشڪ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو نئون ٻوڌي ٿيو هو. اهو هن ڌرم جو پروموٽر بڻجي ويو ۽ پنهنجي راڄ جي پڇاڙڪن سالن ۾ ٻڌ جي مورتن سان گڏ يوناني ٻوليءَ ۾ پنهنجي نالي وارا سڪا ڇاپيائين. هن مان سنڌس پڪتي پڌري ٿئي ٿي. انهي وقت تائين ٻڌ ڌرم زرتشتي، هندي، ڪرستاني، ناسٽڪ ۽ يوناني عنصرن جي اثرن هيٺ اچي متجي چڪو هو ۽ مهايان يا ”وڏي گاڏي“ سڏجڻ لڳو هو. انهي عملي طور ٻڌ کي ڦيرائي شرڌالن جون وينتيون ٻڌڻ لاءِ ڪليل ڪنن وارو ديوتا بڻائي ڇڏيو. ان جو سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب تي تمام گهرو اثر پوڻو هو، جتي نوان ٻوڌي ٽيڻ وارا ڪن پراڻن ديوتائن ۽ نون يوگين کي تعظيم ڏيندا آيا. اڄوڪو پيرن ۾ ويساهہ انهي جو ئي هليو ايندڙ اثر آهي ۽ اسماعيلي داعي، صوفي ۽ انهن جا فقير انهي کي پنهنجو مطلب ڪڍڻ لاءِ ڀرپور ڪم آڻيندا رهيا آهن.


نقشو نمبر 18
140ع
ڏکڻ ايشيا ۾ ڪُشان سلطنت
ڪَنِشڪ جي حاڪميءَ هيٺ
پنهنجي وڏ ۾ وڏ پکيڙ وقت
ڏسٽي
1. ڪُشان سلطنت جو دنگ
2. هاڻوڪا صوبائي دنگ
3. سَڪا يا سِٿي
4. درياءُ
5. شهر
6. آنڌرا
7. ڪَلِنگا
تاشقند
بخارا
ثمرقند
هُــن
ڪاشغر
يرقند
خوتان
باختر
ڪَپيش
قندار
وارسَڪ
پشاور
ٽيڪسلا
جهلم درياءُ
چناب درياءُ
راوي درياءُ
ستلج درياءُ
بياص درياءُ
سنڌو درياءُ
ملتان
اَسيگراما
بنا گرا (اَلور)
ٽل مير رُڪڻ
سيوهڻ
پٽالا
جهرڪ
باربيريڪان
ساموندي ڪنڌي
مٿرا
ڪوشمبي
بنارس
سرناٿ
سراوستي
پٽاليپُتر
مــگــڌ
گايا
تمراليپٽي
تــبــت
آ ز ا د
سَڪا يا سِٿي
باريگزا
سانچي
آ ز ا د آنـــڌرا
پئيٽانا
سائينَس گينگٽيڪس
آ ز ا د
سَـــڪـــا
ايرِيٿرائي سمنڊ
پـــراسودِم
سَـمُـنـدرا
مـــئــري
ڊا ڪِسينا
پَـنـڊيـا
اتر
ڪاچو
ميل
400 350 300 250 200 150 100 50 0

ڪَنِشڪ ٻڌ ڌرم جي شاهي سرپرستي ڪندي ٻوڌي ديني علم ۽ متن سان لاڳاپيل مامرن جي ڇنڊڇاڻ لاءِ ”چوٿين ٻوڌي سڀا“ ڪوٺائي.

برهمڻن ٻوڌي للڪارن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ مرڪنڊيا برهماند ۽ وايُو پُراڻ ۾ سڌارا آندا.

هن دور ۾ برهمڻن، ٻڌ مت جا ڪجهه مُتا اختيار ڪيا، ڪجهه جانورن جو ماس کائڻ ميڃائون ۽ پنهنجي ڌرم جو روپ مٽائي اهو ڪيائون، جيڪو هاڻ هندو مت ڪري ڄاتو وڃي ٿو. هن سڌاري ايترو تہ زور پڪڙيو جو ڪُشان راجا واسُوديو (146-176ع) پنهنجي راض خوشيءَ سان 145ع ۾ هندو ڌرم قبوليو. تنهن هوندي بہ هندو مت ٻڌ مت کي ڏکڻ ايشيا کان ٻاهر ڌِڪڻ پونين ڪُشانن نہ پر گُپتن (270-500ع) جي دور ۾ شروع ڪيو. اهي ئي ذميوار هئا پراڻي اُپَنِيشَد ڌرم کي ٻيهر جياري اهو روپ ڏيڻ جا، جنهن تي هن کان پوءِ هندو مت نالو پوڻو هو، جيڪو لفظ اٽڪل انهن ئي ڏينهن ڌاري گهڙيو ويو.

چينين ٻين صدي عيسوي جي پهرئين چوٿي ۾ پنو ٺاهڻ شروع ڪيو.

”پيرِيپلَس آف ايرِيٿريَن سِي“ نالي رومي ڪتاب ڳاڙهي سمنڊ کان ايسٽ انڊيز تائين واپار ۽ ساموندي سفر جي سونهين طور 70-71ع ڌاري لکيو ويو. ڪجهه ماهر سمجهن ٿا تہ اهو 10 سال اڳي لکيو ويو هو ۽ ٻيا وري 10 سال پوءِ ٿا ٻڌائن. اجا بہ ٻيا وري سمجهن ٿا تہ اهو 110-115ع ۾ لکيو ويو. ڪتاب ۾ سنڌ بابت ڪجهه دلچسپ تفصيل ڏنل آهن، جهڙوڪ: باربيريڪان (ٻنڀور) کي سِمِٿَس (سنڌو) جي ڇوڙ وارو بندر، مِيناگرا (برهمڻ آباد؟) کي پارٿين جي قبضي هيٺ مکيہ شهر ۽ لاڙ سنڌ کي سڪاڌيپ يا سِٿيا يا سِٿيُن جو ديس ڪري ڄاڻائڻ. سنڌ ۾ پرڏيهہ مان ايندڙ مال ۾ پُکراج، مونگو (مرجان)، سلاجيت، لوبان، ڪائي جا ٿانوَ، چاندي ۽ سون ۽ سنڌ مان پرڏيهہ ويندڙ مال ۾ نِيرُ، سوٽي وڪر، ريشم، وار (اُنَ، پشم، ڏاس)، سُنبل هندي (ٻوٽو جنهن مان سرهاڻ تيار ٿئي ٿي)، ڪنئورَ ۽ عطرَ ٻڌايل آهن.



697



698



699



700



701

موهنجي دڙي جو ٿُل، پارٿي ۽ عرب جوڌا

697. خيالي سڄو ڪيل موهنجي دڙي جو ٿُل، پهرين صدي عيسوي، مارشل مطابق.

698. سنڌن گهوڙيسوار ٻاڻين جي ڏانءُ پارٿين کي رومين جون هلائون روڪڻ لائق بڻايو. پنهنجي مشهور ”پارٿي ڏَڪ“ سان ڪيترن ئي لشڪرن کي شڪست ڏنائون. گهوڙيسوار دستو دشمن کي پنهنجي پويان لائڻ لاءِ ڀاڄ جو ڍونگ ڪندو هو، انهي کان پوءِ پارٿي پنهنجا هنا ڦيريندا هئا ۽ پويان ايندڙ لشڪر تي ٻاڻن جو وسڪارو لائيندا هئا، پهرين صدي عيسوي.

699. ”پارٿي ڏَڪ“. ڪنجهي جي هڪ مورتي هڪ گهوڙيسوار ڏيکاري ٿي جيڪو پوئتي مڙي پيچو ڪندڙ تي تير ڇڏي ٿو. گهوڙيسواريءَ جي هن ڪرتب ذريعي پارٿين، جيڪي اصل سٿيا جا هئا، پڄندي چوڙيل هڪ ميزائل يا پڇڙ تاري کي پنهنجو نالو ڏنو، 70 ق.م.


700. عرب سپاهين اسلام جي جنم جي هڪ صديءَ اندر پراڻي ڪياني سلطنت، اتر آفريڪا ۽ اسپين جا وڏا علائقا ٻهاري ورتا.

701. ٻوڙندي گهوڙي تان نشانو ڇنيندڙ پارٿي، پهرينءَ کان ٽين صدي عيسوي. ايراني، منگول ۽ باختري يوناني ڪارڙ نسل پارٿين هند-يوناني مقابلن ۾ پاڻ موڪيو ۽ ٽيڪسيلا ۾ هڪ مقامي راڄ گهراڻو برپا ڪيائون.

702



703





704

ڊرمي انداز، اڏاوتون، شيون ۽ هيُون سانگ

702. ڪاهو جي دڙي ميرپورخاص مان لڌل برهما، جنهن کي روايتي ٽن مُنهن بدران چار مُنهن آهن. هن منجهان هندو مت جو اثر ۽ ٻُڌ مت سان تيرهين صدي عيسويءَ تائين پائيچاري سان رهڻ پڌرو ٿئي ٿو. (ڪزنس).

703. جين مندر، پوڏيسر، 1375ع.

704. هيُون سانگ، تُن هُوانگ (هزار ٻُڌ) غار، اولهه ڪانسُو، چين، مان هٿ آيل هڪ تصوير.

705. گوڙي مندر، ننگرپارڪر، 1440ع.

706. پُوت ڪونجندڙ ديوتا ۽ سندس چوڌاري عربي لکت. (ڊائريڪٽر جنرل آرڪيالاجي).

705





706

باب ارڙهون

ساسانين جي راڄ ۾ ريجاڻي
(283_356ع)

سنڌ تي ساسانين جو راڄ (283 _ 356ع)

ساسانين ايراني سلطنت تي 176ع کان 651ع تائين راڄ ڪيو. 519 ق.م کان ٻين صدي عيسوي جي ٽئين چوٿي جي پڇاڙيءَ تائين سنڌ تي ڪيانين، سڪندر، مورين، باختري يونانين، سِٿين ۽ پارٿين راڄ ڪيو. 519 ق.م ۽ 76ع جي وچ تي ڪُشانن سنڌ تي گهٽ ۾ گهٽ ڪجھ عرصي لاءِ، پارٿي راڄ گهراڻي جي راڄ دوران، راڄ ڪيو. انهن سمورن راڄ گهراڻن وٽ ڪياني سلطنت يا فارس بزرگ جو ڪو نه ڪو ڀاڱو هو. ساسانين جي سلطنت پنهنجي وڌ ۾ وڌ پکيڙ ۾ ميسوپوٽامر (هاڻ عراق) کان خراسان، بلوچستان ۽ افغانستان تائين پکڙي. تنهنڪري سمجهيو ويو ته پاڻ کان اڳين وانگر انهن پڪ سان سنڌ به فتح ڪئي هوندي ۽ پنهنجي ڏاڪي وارن ڏينهن ۾ ان تي قابض رهيا هوندا. اهو چوڻ غلط آهي. اهي ڪُشانن جا ڏکيا ڏينهن پڻ هئا، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي سنڌ تي اختيار نه پئي رکي سگهيا. ڪڇ تي 135-395ع جي وچ تي پارٿي حاڪم رُدردَمن ۽ ان جي پونيرن جو راڄ هو. انهن پاران سنڌ ۾ وڏي اچڻ جو ڪو ثبوت ڪونهي. مالوا جا گپتا 270ع ۾ اپريا ۽ انهن جو پڻ سنڌ تي اختيار نه هو. ساسانين پاران سنڌ تي 283-356ع جي وچ تي راڄ ڪرڻ جو ڪجھ ثبوت آهي. مطلب ته چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ 176-283ع جي وچ تي گهڻو ڪري ننڍين ننڍين آزاد بادشاهتن جو راڄ هو.


سنڌ تي قابض هجڻ دوران ساساني راڄ ڏٺي هئا:


1.	بهرام-2	276 - 293ع
2.	نورسيهه	293 - 302ع
3.	اُهرمزد-1	302 - 309ع
4.	شاپور-2	309 - 379ع

ساسانين جون ڏکڻ ايشيا تي ڪاهون اردشير جي دور ۾ شروع ٿيون، پر ان ۾ هيئين سنڌو ماٿر شامل نه هئي، جنهن جا مٿيان ڀاڱا شاپور جي ڏينهن ۾ ۽ لاڙ سنڌ گهڻو ڪري بهرام-2 (276-293ع) جي دور ۾ قبضي ڪيا ويا. 283ع ۾ بهرام-2 جي سلطنت ۾ مڪران، وچولي (هاڻ اولهه پنجاب) ۽ لاڙ سنڌ وارو علائقو، ڪاڇيها (ڪڇ)، ڪاٺياواڙ ۽ مالوا شامل هئا.


265ع ۾ اُهرمزد، بهرام-2 خلاف بغاوت ڪئي ۽ سَڪن (سِٿين) ۽ ڪُشانن اُهرمزد جو ساٿ ڏنو. بهرام-2 بغاوت ڪي چٿيو، سمورو سَڪستان فتح ڪيائين ۽ پنهنجي پٽ بهرام-3 کي شهنشاهه (سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ مالوا جو بادشاهه) ڪري رکيائين. سنڌ تي سگهي ٿو ساسانين خلاف سٿين ۽ ڪشانن سان گڏجي پئي هجي ۽ آزاد ٿي وئي هجي. هي ٿي سگهي ٿو بهرام-2 پاران علائقو ورائي فتح ڪرڻ هجي. 356/57ع ۾ شاپور-2 ڏکڻ ايشيا تي ڪاهه ڪري 357ع ۾ پنجاب جي راجا ڪِندرا کي شڪست ڏني ۽ پوءِ سنڌ مان ڪارروايون ڪندي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ فتح ڪيائين. تنهن هوندي به ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ سٽت ئي آزاد ٿي ويا ۽ پوءِ وري چندرگپت-2 ۽ وِڪرم آڏِتيا 388 ۽ 397ع جي وچ تي فتح ڪيا. وڪرم آڏِتيا ٿي سگهي ٿو سنڌ جي چوڙَ-ٻيٽاري (ڊيلٽا) واري علائقي تي ڪاهه ڪئي هجي، جيئن مِهرالِي جي لوهي ٿنڀ واري اُڪر مان پڌرو ٿئي ٿو ته اهو سنڌوءَ جا ست چوڙ اُڪريو هو، جنهن مان مراد هئي چوڙَ-ورهاڱي کان هيٺ وارو علائقو. پر اهو پڪ سان ڪو اوچتو ڇاپو هوندو، راڄڌانيءَ جي فتح نه. جيڪا گهڻو ڪري چوڙَ-ٻيٽاري واري علائقي کان اٽڪل 100 ميل پنڌ تي برهمڻ آباد يا 270 ميل پنڌ تي الور هئي. سنڌ تي واهليڪن جو راڄ هو، جيڪي تمام گهڻا سگهارا هئا. مطلب ته سنڌ تي سگهي ٿو ته 356/57ع کان سٽت پوءِ آزاد ٿي وئي هجي. چيو وڃي ٿو ته بهرام-گور (420-440ع) ڪنهن ڏکڻ ايشيائي راجا جي ڌيءُ پرڻيو هو ۽ انهي کيس سنڌ ڏاج ۾ ڏني هئي. اها ڳالهه پڌرو ڪري ٿي ته سنڌ 356-420ع جي وچ تي ساسانين جي ڪنٽرول هيٺ نه هئي. سنڌ ڏکڻ ايشيا جي ڪنهن سلطنت جو حصو نه هئي تنهنڪري هيءَ ڳالهه پروسي جو ڳي نٿي لڳي.

هرشاورڌن، پُلاڪيسِين ۽ چلُوڪيُن جي ڏينهن ۾ هندستان جي سامونڊين جون واپاري سرگرميون جپان تائين پئي هليون. سنڌ به پڪ سان پنهنجو روايتي مال جهڙوڪ نِيرُ، رنگ، اوج (ڪپڙو)، چانور، سوٽي وڪر، کنڊ (دوا طور)، مسالا ۽ گهڻو ڪري جانورن جا وار (اُنَ، پشم، ڏاس) ۽ ڪلون ۽ افغانستان، الهندي تبت ۽ سِنڪيانگ مان ايندڙ مال جهڙوڪ آفيم، جانورن جا وار ۽ چيني ريشم پرڏيهه اماڻيندي هوندي. اوج جي رنگن جو راز ڪجھ وڻن جي چوڏن مان ۽ قدرتي رنگن کي ڦٽڪيءَ ۽ ٻين ڪيميائي مسالن سان ملائي پڪا رنگ ناهڻ ۾ هوندو آهي. سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ پڻ











سنڌو درياءَ جي وهڪرن ۾ ايل وڏا ڦيرا جن مٿن ٽيندڙ 50 سيڪڙو
ٻنيون ڦٽائي ڇڏيون ۽ آبادي اڌو اڌ گھٽائي ڇڏي

نقشو نمبر 22	نقشو نمبر 21	نقشو نمبر 20	نقشو نمبر 19
1250 - 1750ع سنڌوءَ جا ڏکڻ سنڌ ۾ وهڪرا	**سنڌوءَ جا ساڄي پاسي ڏهين کان ارڙهين صدين ۾ ڪلري، بگھاڙ، رچل ۽ اوچتو وهڪرا**	**سنڌوءَ جا لاڙ سنڌ ۾ کاٻي پاسي ڏهين کان چوڏهين صدين ۾ ٻلڙي، گونگڙو، گولاڙچي ۽ احمد راڄو وهڪرا**	**سنڌوءَ جا وچولي سنڌ ۾ کاٻي پاسي ستين کان تيرهين صدين ۾ نارو، سامارو، پراڻ شهدادپور ۽ نصرپور وهڪرا**

نير ۽ آرينا ٺهندا هئا، جن منجهان پڪا رنگ ٺاهيا ويندا هئا. وَرَهمِيهِيرا جي لکيل ڪيميائي مسالن جي ڇهين صديءَ واري پُستڪ برِيهَت سَمهِتا ۾ اهڙن قسمن جي مسالن ٺاهڻ جون ڪيتريون ئي واٽون ڏنل آهن.

هن دور ۾ ٿيندڙ ريجاڻيءَ بابت ڪا ڄاڻ ڪانهي. زراعت ۽ درياءَ جي صورتحال تي ڄاڻ ڪانهي. ايراني، عربي سمنڊ ۽ هندستان جي الهندي سامونڊي ڪنڌيءَ تي ٿيندڙ جهازن جي اچ وڃ تي ڇانيل هئا. ايراني يهودي ديبل ۾ ٽين صدي عيسوي ۾ آباد ٿيا ۽ سنڌ جو مال ايران ۽ اڳتي رومي سلطنت ڏانهن اماڻڻ جو ڪاروبار ڪندا هئا. مال ۽ واپار بابت ڄاڻ گهٽ آهي.





ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تيار

باب اٺويهون

سنڌ جي واهليڪا گهراڻي (356_415ع ڌاري تائين) ۽ ننڍين ننڍين ڏيهي بادشاهين (500ع تائين) جي دور ۾ ريجاڻي

واهليڪن، سنڌ تي راڄ ڪيو ۽ چندر گپت-2 جا همعصر هئا، جنهن 375-415ع چاليهه سال راڄ ڪيو. انهن ڏينهن ۾ سَڪن (سٿين) گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تي راڄ پئي ڪيو، جيڪي علائقا چندر گپت-ٻئين 395ع ۾ زير ڪري پنهنجي ملڪ ۾ گڏائي ڇڏيا. انهي لاءِ چيو وڃي ٿو ته سنڌ جي واهليڪن سان مهاڏو اٽڪايو هئائين ۽ انهن کي ماري مات ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ جا ست چوڙ اُڪريو هو، پر راڄڌاني فتح نه ڪئي هئائين، جيڪا يا ته الور ۾ هئي يا برهمڻ آباد ۾. اهو ٿي سگهي ٿو لاڙ سنڌ تي ائين ئي رکو ڪو ڇاپو هجي. جيئن ته سندس وڏيون ويڙهيون سَڪن يا سِٿيُن سان 388-409ع جي وچ تي لڳيون، ٿي سگهي ته هي ڇاپو 405ع ڌاري هنيو هجيس. هن مهل تائين سمجهيو ويندو هو ته سنڌ ويهين سٽراپيءَ ۾ يا مالوا جي سَڪن جي هٿن هيٺ هلي وئي هئي. مٿيون واقعو ان کي غلط ثابت ڪري ٿو.

واهليڪن جي اقتدار ۾ اچڻ توڙي سندن راڄ جي انت جي ٺيڪ ٺيڪ سنه بابت پڪ نٿي ٻيهي. گهٽ کان گهٽ اهي 356/57ع ۾ اڀريا، جڏهن ساسانين جو سنڌ تان ڪنٽرول ختم ٿي ويو. ايراني، سنڌ تي ٿورو عرصو 283-356ع ڌاري تائين قابض رهيا. واهليڪن ٿي سگهي ٿو انهن جي گورنرن يا سٽراپن کان اقتدار ڦريو هجي ۽ ٿي سگهي ٿو آزاد ٿي ويا هجن. سندن راڄ ٿي سگهي ٿو 500ع تائين هليو هجي ۽ تڏهن راءِ گهراڻي سندن جاءِ ورتي هجي. هڪڙو ڏُکو اهو به آهي ته ٿي سگهي ٿو ته انهن کي هُنن اچي ڪڍيو هجي، جن ملتان سنڌ 465 کان 475ع ۾ فتح ڪئي هجي ۽ پوءِ سنڌ تي 500ع تائين هُن گورنرن جو راڄ رهيو هجي.

گهڻي ڀاڱي ماهرن کي سنڌ تي هُنن جو راڄ هجڻ تي شڪ آهي، ڇو ته هُنن هندو مت مڃي ورتي هئي ۽ اهي ايڏا ته ڪٽر هئا جو جيڪر ٻڌ مت کي سنڌ ۾ هلڻ نه ڏين ها.


وچ ايشيا جي اڀرندي وارن علائقن مان هُنن جي ڪاهن جو ڪارڻ اتي ڇتو ڏڪار پوڻ ڪري پنجين صدي عيسوي جي منڍ ۾ سندن اتان هلڻ هو. انهن گپتا سلطنت کي ڍاهي ناس ڪيو. سنڌن دٻاءَ سبب راجستان جا ڪيترائي قبيلا اتان ڀڄي نڪتا ۽ انهن جي جاءِ نون قبيلن ورتي، جيڪي ڪجهه راجپوت گهراڻن جا وڏا بڻيا ۽ ايندڙ صدين ۾ ڏکڻ ايشيا جي اترين ڀاڱن جي تاريخ تي وري ڇانئجڻ وارا هئا. انهن راجپوتن اڳتي هلي پاڻ کي ڪتري يا ويڙهاڪ ڪوٺايو، جيتوڻيڪ اهي ويدن وارا اصل ڪتري نه هئا.

وڏن عملدارن کي پگهارون روڪ نه ڏنيون وينديون هيون پر کين ٻنيون دان ڪيون ويندڍيون هيون، جيئن ساساني ۽ گپتا ڪندا هئا. اها جاگيرداريءَ جي شروعات هئي، جيڪا ساسانين 283ع ۾ شروع ڪئي هئي، پر انهن جو سنڌ تي ڪنٽرول رڳو 75 سال هليو ۽ گپتن سنڌ تي راڄ ئي نه ڪيو. سنڌ مان لڏي ويل ڪڇ جي جاڙيجن سمن راڄ ڏٽين (1148-1948ع) ۾ ڀائيت جو هجڻ پڌرو ڪري ٿو ته جاگيرداريءَ جون سنڌ ۾ پاڙون سنڌ ۾ مغلن جو دور اچڻ تائين نه هيون.

واپار

گپتن سموري ڏکڻ ايشيا جي پورهيت منڊلين کي وڌائي ڪاروباري سيڙپ ڪندڙن لاءِ مال تيار ڪندڙ وڏا ادارا بڻائي ڇڏيو هو ۽ اهي پڪ سان سنڌ ۾ به آيون هونديون. ڪيترن ئي قسمن جو ڪپڙو نهڻ سنڌ جي مُک صنعت هئي. ڪجهه ريشم چين مان پڻ ريشم واٽ رستي سنڌ ۾ ايندو هو، جيتوڻيڪ هُنن جي ڪاهن تائين انهي وکر جي واپار جو وڏو ڀاڱو وچ ايشيا جي وچان لنگهندڙ ريشم واٽ سان هلندو هو. مِيڻُ يا لاجوَرد پڻ سنڌ ۾، اڳتي ٻين ملڪن ڏانهن اماڻڻ لاءِ، بدخشان مان ايندو هو. انهي کان سواءِ چانور، سنڌ ۽ پنجاب جا نِيرُ ۽ آريٺا، قسمين قسمين جو ڪپڙو، کنڊ ۽ پنسار پڻ سنڌ جي بندر باربيريڪان تان پرڏيهه ويندڙ مکيه وکر رهيا، جنهن تي ديبل نالو گهٽ کان گهٽ پنجين صدي عيسوي ۾ يهودين جي سِنگاگ يا ديول جي ڪري پيو. واهليڪن جي دور ۾ نيرُ ۽ سُٽُ سنڌ جا پرڏيهه ويندڙ مکيه وکر هئا.

717



718



719




720



721



722



ڌرمي اڏاوتون

717. ميرپورخاص وارو ٺُل، ڪزنس پاران کوٽائيءَ کان پوءِ.
718. ٺُل مير رُڪڻ.
719. سيدپور ٺُل يا سڌيرڻ جو دڙو. (آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا 1918ع).
720. ڏگوبا يا تبرڪ رکڻ جي جاءِ، 6 فٽ 9 انچ ڏگهي، اُس ۾ سڪايل سرن جي ٺهيل، اصل ۾ هڪ ٻوڌي اڏاوت هئي، جيڪا اڳتي هلي سڌيرڻ جي دڙي ۾ پيتيءَ ۾ بند ڪئي وئي، ASI، 1918.
721. برهمڻ آباد منارو يا ٺُل. اصل ۾ ٻوڌي ٿوپ، 1900ع ۾ ڪڍيل تصوير.
722. ٺُل مير رُڪڻ جو اندريون ٺُل ۽ پٽ جون گلڪاريءَ واريون ڪناريون.

گرم گهميل جُنگ ۽ ٻوڏي ڏاڪو (400_700ع)

400-700ع تائين ڪوساڻ ٽي ۽ ملڪ سڪيو ستابو ٿيو. رڪارڊ موجود آهن جيڪي ٻڌائين ٿا ته: سنڌ جي واهليڪا راڄ ڏٽين چندر گپت-2 کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏنو؛ راءِ سهارس-2 ايراني لشڪر کي 600ع ۾ مڪران ۾ شڪست ڏني، جيتوڻيڪ پاڻ پنهنجي سِر مارجي ويو؛ راءِ سهاسي-2، 620-630ع جي وچ تي هرش کي پڇايو ۽ برهمڻن ڏاهر جي مهنداريءَ ۾ عربن جي چوڏهن ڪاهن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏنو. لڳ ڀڳ سمورا وڏا ٻوڏي ٺُل سنڌ جي انهن معاشي سڪيائپ وارن ٽي سو سالن ۾ ٺهيا آهن، جيڪا پلي آبهوا جي آندل هئي، جنهن بابت جاڻ ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ (سنڌي ترجمو پيرائتي سنڌ ڪٿا) ۾ ڏني وئي آهي.


جيتوڻيڪ هن دور ۾ ريجاڻيءَ بابت ڄاڻ جي کوٽ آهي، پر اٽسڌي ڄاڻ ٻڌائي ٿي ته ملڪ سڪيو ستابو هو ۽ راڄ ڏٽي سگهارو هو. سنڌ جي بادشاهه کي سگهه رڳو پلي ريجاڻي زراعت مان ئي ملي پئي سگهي. اها ڄاڻ مِهراڻِي جي لوهي ٽنبي واري اُڪَر مان ملي ٿي.

سڄر اپياس پڌرو ڪن ٿا ته سنڌ ۾ ڪيترن ئي ٺُلن جي اڏاوت يا مرمت چوٿينءَ کان ستين صدين ۾ ٿي، نڪي ٻين ۽ ٽين صدين ۾، جيئن هن مهل تائين سمجهيو پئي ويو. اها ئي ڳالهه سدا بهار تاريخي ڌرمي اڏاوتي ڏانءَ سان به لاڳو ٿئي ٿي. ڏانءُ، هنر، فن، ڪاريگري جتادار سُک سانت ۽ سڪيائپ ۾ ئي وڌندو سنورندو آهي. سنڌ جي حوالي سان اهو سنڌوءَ جي وهڪري جي جتاءَ ڪري وهڻ جو نتيجو هوندو، ممڪن آهي گهٽ ۾ گهٽ هڪ جوڙي صدين تائين. نقشو نمبر 6 سنڌو درياءَ جا وهڪرا ۽ ان دور ۾ مٿس وسيل شهر ڏيکاري ٿو. شهرن جو وڌو انگ زرعي اسمن جي واڌو اُپت ظاهر ڪري ٿو، جيڪا شهري زندگيءَ جي اوسر جي واٽ ٺاهيندي آهي.

اولهه (رومي سلطنت) سان سنڌي واپار جي پڇاڙيءَ دوران ڏکڻ-اوڀر ايشيا ۾ نوان واپاري علائقا کليا. انهي ۾ سنڌ جي سنڌي پائيواري نه هئي، پر پنهنجو مال ڏکڻ هندستان جي بندرن ڏانهن اڳتي اماڻڻ لاءِ اماڻيندي هئي.

ايراني، سنڌ ۽ ڏکڻ ايشيا جي اولهه سان واپار لاءِ اڪيلا پلاوٽا (دلال) بڻجي ويا. انهن منجهان گهڻي ڀاڱي يهودي هئا. باربيريڪان (ڀنڀور يا ديبل) ۾ يهودي واپارين جي هڪ بينڪ ٺهي.


723


724


726


725

ڀنڀور جي شهر پناهه، نقشِ رستم ۽ الور

723. ڀنڀور (ديبل) شهر پناهه ڪوٽ.


724. نقشِ رستم وٽ اردشير-پهرئين (224-241ع) جي ڪوري اپاريل خلعت پوشي.

725. الور يا اروڙ قلعي ۽ شهر جا ڦٽل آثار. (پاڪستان آرڪيالاجي نمبر 1، 1965).


726. ڀنڀور جو اتر-اڀرندو دروازو.

ڌرمي اڏاوتون ۽ شيون


727




728



729



730



731



732




733



734



735



736



727. ميرپورخاص ٿل جي رٿا، 600ع.
728. ٿل جي رٿا.
729. ٿل جو سيڪشن، A-B ليڪ تي اولهه منهن.
730. ميرپورخاص ٿل جي مُهاڙي، 600ع.
731. يوٽي ۽ لنگم هندو ڌرم جو ديوتا هو. هي پنيور واري مندر مان لڌو، جنهن جي جاءِ تي مسجد اڏي وئي هئي، پنجين کان ائين صدي عيسوي.

732. ٿل جي الهندي پاسي واري مُهاڙي.
733. ڪنهن تصوير جو فريم، برهمڻ آباد.
734. ميرپورخاص ٿل، 600 ع.
735. A نيڪر جو ٽڪرو.
736. ڏيپر گهانگهري وارو ٿل.

سنڌ جي راءِ گهراڻي جي راڄ ۾ ريجاڻي (500_641ع)

چچنامي مطابق راءِ گهراڻي سنڌ تي هڪ سو ستٽيهه چنڊ جا سال 632ع تائين راڄ ڪيو، پر جيئن ته ڏکڻ ايشيا وارا هر ٽئين سال هڪ مهينو وڌيڪ جوڙيندا هئا، سو گهراڻو شروع ٿيڻ کان 500ع تائين سج جا هڪ سو ٽيٽيهه سال بيهندا. جيئن ته هِيُون سانگ 640/41ع ۾ ڪنهن شودر راجا کي راڄ ڪندي ڏٺو، سو راءِ سِهاسي-2 ٿي سگهي ٿو ته 641ع تائين راڄ ڪيو هجي.

راءِ گهراڻي جا سنڌ جا راڄ ڌڻي هينيان هئا:

.1	راءِ ديواجي	500 - 641ع
.2	راءِ سِهارس-1	
.3	راءِ سِهاسي-1	
.4	راءِ سِهارس-2	
.5	راءِ سِهاسي-2	

600ع ڌاري راجا سِهارس-2 مڪران ۾ ساساني گورنر (نمروز يا سِجستان جو بادشاهه سڏجندڙ) سان لڳل هڪ ويڙهه ۾ مارجي ويو. ساساني لشڪر کي ان هوندي به شڪست ٿي ۽ پاڇ ڪاڏائين. پٽس راءِ سِهاسي-2 پيءُ جي گادي سنڀالي. ساسانين متان انهي جي نتيجي ۾ ملتان تي ڪجهه وقت لاءِ قبضو ڪيو هجي.

هِيُون سانگ راءِ گهراڻي وارن کي شودر ڀانئي ٿو ۽ چچنامو ڪين چِتوڙ جا راجپوت ٻڌائي ٿو. ڪُشانن جي زوال کان وٺي باختري، ستي، ڪشان، پارٿي ۽ يُوئي-چِي ويڙهاڪ امير ڏيهي ويڙهاڪ وڏيرن سان ثقافتي طور توڙي سنگين بندين ڳنڍجي هڪ ٿي ويا. انهن جو اولاد پاڻ کي راجپوت (راجائن جا پٽ) يا ڪتري ڪوٺائي هندو ديوتائن کي پوڄڻ لڳا ۽ راجپوتانا، سنڌ، گجرات ۽ ڪانياواڙ جي اقتدار لاءِ حق ڄمائڻ لڳا. راءِ به ٿي سگهي ٿو اهڙي ئي نموني جا ڪي هجن، پر پوڌي هجڻ ڪري گهڻو ڪري ڏکڻ ايشيا جي هندو بادشاهين ۾ اهي شودر ڪوٺبا هئا ۽ وري متان اهي اصل هتان جا هجن ۽ انهي ڪري راجپوت ڪين شودر ڪوٺيندا هجن.

راءِ سِهاسي-2 لاڙڪاڻو (ايراني مڪران) 630 ۽ 640ع جي وچ تي ساسانين کان فتح ڪيو. عربن انهي تي 680-700ع جي وچ ڌاري قبضو ڪيو. سنڌ جي برهمڻن واڳ ڏٽين اهو علائقو موٽائي وٺڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي، جو ته اتي آبادي تمام گهٽ ۽ معاشي طور سجو هو ۽ ان مان ڪنهن وڏي لاڀ جو آسرو نه هو. راءِ سِهاسي-2 ڪئڪانان (خضدار) پڻ 641ع ۾ فتح ڪيو. شوَرتزبرگ انهي کي ڪوئيٽا، زهوب ۽ لورالائي ضلعا ٻڌائي ٿو. ائين ٿي سگهي ٿو، جو ته ساسانين کي عربن، خليفي عمر جي دور ۾ 634ع ۾ شڪست ڏني هئي ۽ انهي لُڙ هلندي سنڌ پنهنجا دنگ انهن علائقن ۾ پکيڙيا، جيڪي اڳ ساساني سلطان يزدگرد بن شهريار بن پرويز جا هئا.


سنڌ جي راءِ سِهاسي-2 جو همعصر هرش هو. هاٺوڪي راجستان تي گجر پرَتيهارن جو راڄ هو. راجا رامل چتوڙ تي راڄ پئي ڪيو. هرش پنهنجي راڄڌاني قنوج مان سموري اتر هندستان يعني اتر پرديش، بِهار، هريانا وغيره تي راڄ پئي ڪيو. اتر پنجاب تي شاهيُن جو راڄ هو.

سنڌ جي بادشاهي چئن پرڳڻن (ڊويزنن) تي ٻڌل هئي:

1. **برهمڻ آباد:** هن ۾ لاڙ سنڌ ۽ ڪڇ جو ٻيٽ اچي ٿي ويا. راڄڌاني برهمڻ آباد هئس، جنهن جو اڳتي هلي عربن نالو مٽائي منصوره رکيو.
2. **سِوِستان:** هن ۾ ڏکڻ-اولهه سنڌ (جنهن ۾ سڄي ڪراچي، دادو، لسٻيلي ضلعي جا ٽڪرا ۽ قمبر تعلقي جا ٽڪرا پڻ شامل هئا) اچي ٿي وئي، راڄڌاني سيوهڻ هئس.
3. **الور** (چچنامي پاران اِسڪندا سڏيل): هن ۾ هاڻوڪا خيرپور، سکر، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ رحيم يار خان ضلعا اُڇ تائين اچي ٿي ويا ۽ سبي-ڪڇي ۽ جهلاوان ضلعا پڻ.
4. **ملتان:** هن ۾ ملتان، مظفر ڳڙهه، ڊيرا غازي خان، خانيوال ۽ بهاولپور ضلعا اچي ٿي ويا. ملتان ٿي سگهي ٿو ايرانين جي هٿن ۾ هليو ويو هجي، گهٽ ۾ گهٽ ٿوري عرصي لاءِ 610-620ع جي وچ تي، جو ته خُسرو پرويز انهي عرصي ۾ ملتان ۾ چاندي ۽ سون جا سڪا ناهيا هئا. گهڻو ڪري انهن اٽبٽن جي ڪري ئي جڏهن رومي شهنشاهه هرڪيوليس (610-641ع) خُسرو پرويز کي 617ع ۾ شڪست ڏني ته سنڌ جي راجا (راءِ سِهاسي-2) پنهنجو ڏُوت (سفير) مبارڪباد جو پيغام ڏئي قسطنطنيه موڪليو. اٽبٽ ٿي سگهي ٿو نمرُوز جي گورنر جي سنڌ تي 600ع ۾ حملي جي ڪري به ٿي هجي، جنهن ۾ راءِ

نقشو نمبر 25

640ع
سنڌ جو راءِ سهاسي ـ ٻيون، هرش جي سلطنت ۽ همعصر ننڍو کنڊ (ڏکڻ ايشيا)



نوٽ:

هي گرم آبهوا ۽ گهٽي مينهن ۽ نتيجي ۾ ڏيهي راڄ گهراڻن جي اُسرڻ وارو دور هو، جن زرراعت کي همٿايو ۽ ان سان اپت ۽ واپار کي هٿي ملي. وڏا شهر 400ع کان ٿيا ۽ سنڌ ۾ ٻوڌي ٿوپ (اسٽوپا) انهي دور ۾ ٿيا، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته ملڪ سکيو ستابو هو ۽ واپار شهري ٻوڌين جي هٿن ۾ هو، جن شاندار ڌرمي اڏاوتون جوڙڻ ۾ حصو ملايو.


سِهارس-2 مارجي ويو هو.

گهڻو ڪري ستين صديءَ جي وچ ڌاري ڪنهن وقت چينين گهوڙي لاءِ ڪنڌ وارو ساڄ (ڪنڌاڻ) ايجاد ڪري وهڻ کي پنهنجو نڙگهٽ گهُٽڻ بجاءِ ڪلهن سان چڪ ڏيڻ جوڳو بڻايو. اهو تڪڙو ئي سڄي دنيا ۾ پهچي ويو. ڏاندن لاءِ اهڙو ڪو ساڄ عام نہ ٿيو آهي، حالانڪ اهو وهڻ جي صلاحيت ۾ چڱو پلو وڌارو ڪري سگهي ٿو. ڏاند لاءِ ڪنڌاڻ هن ليکڪ ٽنڊو جام ايگريڪلچر ورڪشاپ ۾ سٽ واري ڍاڪي جي وچ تي ٺاهيو هو، پر ستت ئي ٽريڪٽرن اچي ڏاندن جي جاءِ وٺڻ شروع ڪئي ۽ ڪنڌاڻ عام ٿيڻ کان اڳ ئي اجايو ٿي ويو. ڪنڌاڻ جو نہ هجڻ ڏاند جي چڪ واري سگهہ ٽين پتيءَ کان اڌ تائين گهٽائي ڇڏيندو هو، جنهن جو مطلب ٿيو تہ هاري ڏاندن جي جوڙي سان نسبتن گهٽ ٻني کيڙي پئي سگهيو. انهي اوڻائيءَ هارين کي غريب بڻائي ڇڏيو، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن تہ آباديءَ جي اسي سيڪڙو کان بہ وڌيڪ هوندا هئا.

400-700ع کان وٺي گرم آبهوا ۽ گهٽا مينهن پوڻ (ڏسو باب چوٿون) لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪنهن سوڪ آبهوا پر ريجاٽيءَ واري ملڪ ۾ مذهب سدائين پنهنجو پاڻ کي حڪومت جي اختيار هيٺ رکندو آهي. آمر حاڪم ۽ سندن عملدار يا تہ راڄ جو مذهب مڃي وٺندا آهن يا انهن کي زوريءَ پنهنجي مذهب ۾ آڻيندا آهن. رڳو انهي ئي طريقي سان رعيت (راڄ) کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ ۽ ڏيهي ڌرم کي رياست جي مخالفت لاءِ ڪم آڻڻ کان روڪي سگهجي ٿو. راءِ گهراڻي جو راڄ سُک سانت وارو سمجهيو وڃي ٿو ۽ ماڻهو سکيا ستابا ڄاتا وڃن ٿا. چچ جڏهن راءِ گهراڻي جي آخري راءِ جي گادي سنڀالي تہ انوقت سِهاسي-2 جا سنڌ ۾ سمورا ڇهہ ئي گورنر ٻوڌي هئا. انهن منجهان هڪڙو، جيڪو ٻوڌي ڀائو هو، ٻُڌيا ديس ۾ لڳل هو، ٻيو اگهم (اگهاماڻي) ۾ ۽ ٽيون ارميل (لسٻيلو) ۾، انهن کي چچ، جيڪو پاڻ هڪ برهمڻ هو، سندن عهدي تي رهڻ ڏنو. اهوسي کان سولو طريقو هو راڄ کي خوش ڪرڻ جو، جنهن منجهان گهڻائي ٻوڌين جي هئي. ملڪ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ سکيو ستابو هو ۽ ان جو ڪارڻ سنئي انتظام واري ريجاٽي زراعت هئي. جيئن تہ سنڌ ۾ ان ڏيڍ صديءَ دوران سک سانت هو، تنهنڪري ريجاٽي نظام پڪ سان وڏي علائقي تائين پکڙجي آباديءَ ۾ واڌ جو ڪارڻ بڻيو هوندو. جيئن واهليڪن واري باب ۾ ٻڌائي چڪا آهيون تہ چوٿين ۽ ستين صديءَ جي وچ وارو دور سدا بهار تاريخي اڏاوتي ڏانءُ پڌرو ڪندڙ ٻوڌي ٿُلن جي وڏي انگ جي اڏجڻ جو دور هو. اهو اڻسڌو ثبوت آهي اثرائتي ريجاٽيءَ، سنڌو درياءَ جي جتاءُ ڪري وهڻ ۽ پرڏيهي واپار جي ڪري ايندڙ معاشي سکيائپ جو.

جيتوڻيڪ سنڌين جي گهڻائي ٻوڌي هئي، اهي گهڻي ڀاڱي ٻني ٻارو ڪندڙ ۽ مال ڌاريندڙ ڪڙمي هئا، اهي جانور ماريندا هئا ۽ وڏو ۽ ننڍو گوشت کائيندا هئا، هزارن جي انگ ۾ سندن ٻاوا ڪو ڪم نہ ڪندا هئا ۽ اهي جيتوڻيڪ ويس ڀڪشوئن وارو پائيندا هئا، پر نِپٽ ڪُپَتيا (بي ايمان) ۽ ڪَامِي (عياش) هوندا هئا. راءِ گهراڻي جي سموري راڄ دوران ٻڌ ڌرم پوئتي پوندو ويو.

گپتن جي راڄ ۾ هندستان ۾ گئوگهات (ڳئون کهڻ) تي پابندي لڳي. سنڌ ۾ وڏين ايراضين تي گئوچر هئا. ڪڙمين جي اڌ کان وڌيڪ ڪمائي مال ڌارڻ مان هوندي هئي. گوشت سنڌين جي کاڌي جو حصو هو. ٻڌ ڌرم ماس کائڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي هئي، جيڪڏهن کائڻ وارو جانور کي مارڻ ۾ شامل نہ ٿئي تہ. ان رسمي اٽڪ کي وَسَ ۾ آڻڻ لاءِ ڪاسائين جي هڪ نيچ ذات پيدا ڪئي وئي. معيشت گوشت، خاص ڪري وڏو، ڇڏي ڏيڻ جي اجازت نہ پئي ڏني ۽ ان ليکي برهمڻ مت قبولڻ جي اجازت نہ پئي ڏني. سو سنڌين ٻڌ مت ۾ ئي رهڻ نيڪ ڀانيو، جنهن جا ٻاوا کين گوشت کائڻ جي ڇوٽ ڏيو ويٺا هئا. راءِ پڪا ٻوڌي هئا ۽ ڌرم جي سرپرستي ڪندا هئا. ٿُل مير رُڪڻ ۽ ڊليا (ڪاهو جو دڙو) وارو ٿُل پڪ سان انهي جُڳ جا اهم ٻوڌي پوتر آستان هوندا. اهي سندن راڄ ۾ اڏيا ويا. نائين ۽ ڏهين صدي عيسويءَ ۾ انهن ٻنهي ۾ ڪجهہ واڌارا ٿياءِ مرمت ٿي. موهنجي دڙي وارو مَٺُ ڇهين صدي عيسوي تائين هليو. ممڪن آهي تہ جهُڪر، ڏامراهو جو دڙو، نيرون ڪوٽ، سُڏيرڻ جو دڙو، سيوهڻ، ديبل، ٻُڌ جو ٽڪر، جهرڪ ۽ نئون ڪوٽ وارا ٿُل سندن دور ۾ وڏي ويجهي رهيا هجن. ٻيا ماڳ جتي ٿل هجڻ جو امڪان آهي سي ٻوبڪ، آراضي، بختيارپور ۽ ٽلٽي تي سگهن ٿا، جتان جا ڳوٺ گهڻو ڪري ٿلن وارن دڙن جي چوٽين تي ٻيٺل آهن. هن دور ۾ سنڌ ۽ اولهہ جي وچ تي واپار گهڻي ڀاڱي سمنڊ رستي هلندو هو. واپاري گسن ديبل (باربيريڪان) کي ايراني نارِ رستي دجلہ تي آباد ٽيسي فون سان ۽ عدن، ڳاڙهي سمنڊ ۽ بيرنيس رستي اسڪندريا سان ڳنڍي ڇڏيو هو. اسڪندريا مان مال اڳتي الجيريا جي قرطاج، روم، ميلان، قسطنطنيہ وغيره ڏانهن وڃي پئي سگهيو. سنڌ کي ٿورڙا اصلي مسالا پرڏيهہ اماڻيندي هئي. انهن ڏينهن ۾ مسالن جي وصف هيٺ رنگَ، کنڊ، نير، عطرَ، رنگ روغن، ڪنئورَ، ڌُوپ (لوٻان)، پنسار، معدنيات، رنگ پڪو ڪندڙ وکر وغيره اچي ٿي ويا، جن منجهان سنڌ ڪجهہ پڪ سان پرڏيهہ اماڻيندي هوندي. اوچ (ڪپڙو)، کنڊ، سُٽ مان نهيل شيون ۽ نير سنڌ جا پرڏيهہ اماڻڻ وارا مکيہ وکر هئا. چين جو ريشم ۽ پشم، تبت جون ڪلون ۽ پشم، هماليہ جو مُشڪ پڪ سان ديبل (باربيريڪان، جنهن جو نالو ايراني يهودين جي سِنِگاگ يا ديول جي ڪري ڦري اهو ٿيو) مان جهازن تي لڏبا هوندا. رومي شهنشاهہ جَسٽِينيَن نيون واٽون ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، چو تہ رَئي ۽ همدان کان ٿي لنگهندڙ ريشم واٽ تي ساسانين جي پڪڙ مضبوط هئي. عربن جو رومي سلطنت ۽ ڏکڻ ايشيا وچ ۾ پلاوٽن وارو ڪردار اجا سوڌو هليو پئي. 550ع تائين رومين چين مان ريشم وارا ڪينئان چوريءَ هٽ ڪري ورتا ۽ انهن کي ڪم تي لائي چين جو ريشم جو واپار گهٽائي ڇڏيائون. چيني ٻائي هيُون سانگ جنهن جا سفرناما اجا آهن چانورن، ڪٽڪ، ٻاجهريءَ، ڪاڄرو اَنن، گلن، ميون ۽ ڏيهہ اندر ٿيندڙ مختلف قسمن جي اناجن جا نالا ڏنا آهن.



نقشو نمبر 26
641 - 662ع
چچ جي سنڌ ۽ ان جا پرڳڻا
جيئن هِيُون سانگ ڏٺا
شاهي گهراڻو-پهريون
اوڪاڙو
راوي درياءُ
فورٽ سنڊيمن
خانيوال
ملتان
ستلج درياءُ
اسڪالبند
بهاولپور
اُچ
ملتان ڊويزن
اتر
ڪوئيٽا
مستونگ
سبي
ڊي. جي. خان
الور ڊويزن
رحيميارخان
ماٿر
ماٿيلو
ڄيڪب آباد
سکر
الور
روهڙي
قلات
نوشڪي
چاغي
نوڪ ڪنڊي
دالبندين
ايراني صوبا
(لونگ ڪائي-لو)
خاران
تُوران
سيوستان ڊويزن
مڪران ڊويزن
پنجگور
پسني
اورماڙو
نوابشاهه
ٽل مير رُڪڻ
ڏيپر گهانگهرو
بهمڻ آباد
ميرپورخاص
نصرپور
حيدرآباد
راوڙ
سُڏيرڻ
ٺٽو
ديبل
ڪراچي
منجاباري
هاڻوڪي ساموندي ڪنڌي
ساموندي ڪنڌي ستين صديءَ ۾
لاڙي سمنڊ
بهمڻ آباد ڊويزن
ويراواهه
ننگرپارڪر
پاري نگر
ڪڇ نار
ڪڇ پيٽ
راجا
ڪاچو
0 50 100 150 200 250 300 ميل
ڏسڻي
1 چچ جي بادشاهيءَ جا ڏنگ
2 ڊويزنن جا ڏنگ
3 ساموندي ڪنڌي ستين صديءَ ۾
4 هاڻوڪي ساموندي ڪنڌي
5 سنڌوءَ جو پراڻو وهڪرو
6 سنڌوءَ جو هاڻوڪو وهڪرو
7 ستين صديءَ جا شهر
8 هاڻوڪا شهر
9 ستين صديءَ جا ٻوڏي ٽوپن وارا شهر
10 ڊويزنن جون راڄڌانيون
11 سنڌ جو هاڻوڪو ڏنگ
12 پاڪستان جو سياسي ڏنگ
نوٽ:
ڪچ، سنڌ کان 685-695ع جي وچ تي ڇڄي ويو.
هِيُون سانگ ڊويزنن جا نالا هنريت ڏنا آهن:
1. او تائين پيو-چيتانت = بهمڻ آباد
2. پِيو تو شِي-تو = سيوهڻ
3. او-فان چا = الور
4. مُو-لو-سان پُو-لُو = ملتان
5. مڪران ڊويزن ايرانين جي عربن هٿان شڪست کان سُتت پوءِ گڏائي وئي.
هڪڙو ايراني صوبو لونگ-ڪائي-لو نالي هو، جيڪو ڪچي سِبي ۽ قلات ضلعا ڪري سجاتو ويو آهي.
سنڌ جو ڏنگ ملتان کان 40 ميل کن اتر ۾ هو، ڪشمير تائين نه. اترپنجاب ۽ افغانستان تي شاهي گهراڻي جو راڄ هو.

باب ايڪيهون

برهمڻ گهراڻي جي راڄ ۾ ريجاڻي
(سچي سنڌ: 641_712ع ۽
ايرندي سنڌ: 715_725ع)

راڄ گهراڻي جو باني چچ هو، جنهن راءِ سِهاسي-2 جي گذاري وڃڻ تي مرحيات راجا جي راڻي سُوهن ديويءَ سان پرڻجي انهي جي موٽر ساٿ سان زوريءَ گادي ڦٻائي هئي. چتوڙ جي راجا ۽ سِهاسي جي مائٽ راڻا مَهرَت سندس موت، دوکيبازيءَ سان سندس وارثن ۽ مٽن مائٽن جي مارجڻ ۽ گاديءَ تي چچ پاران زوريءَ قبضو ڪرڻ جو ٻڌي سنڌ تي ڪاهه ڪئي، پر هڪ ٿي ويڙهه ۾ مارجي ويو. الور ۾ سندس گادي سنڀالڻ کان سَتت ئي پوءِ سندس بادشاهيءَ جي ٻين چئن صوبن ملتان، اِسڪندا (اُچ)، سِوستان ۽ برهمڻ آباد سيني آزاديءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو، پر چچ سيني کي ماري مات ڪيو. مڪران، ڪئڪان (قلات) ۽ گنداوا پڻ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ آندائين، جيڪي گهڻو ڪري ساسانين پاران ملتان کي 610 ۽ 627ع جي وچ تي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ ملائي ڇڏڻ کان وٺي ايراني سلطنت جو حصو هئا ۽ 630-640ع ۾ راءِ سِهاسي-2 فتح ڪيا هئا.

هن گهراڻي جا راڄ راڻا هي هئا:

.1	چچ پٽ سيلاج	641 - 662ع
.2	چندر پٽ سيلاج	662 - 669ع
.3	ڏاهر پٽ چچ (اتر سنڌ) *	669 - 712ع
.4	دُوراج پٽ چچ (لاڙ سنڌ) **	669 - 670ع
.5	ڏهرسينا پٽ چندر (لاڙ سنڌ)	670 - 700ع
.6	ڏاهر پٽ چچ (سچي سنڌ)	700 - 712ع
.7	جئسينا پٽ ڏاهر (ايرندي سنڌ) ***	715 - 725ع

* اتر سنڌ ۾ الور، اُچ، ملتان، بولان، سبي ۽ ڪڇي اچي ٿي ويا.

** لاڙ سنڌ ۾ برهمڻ آباد، سيوهڻ، الهندي سنڌ، لسٻيلو، مڪران ۽ ڪڇ اچي ٿي ويا، جنهن تي چاوڙن 685-695ع جي وچ تي قبضو ڪري ورتو هو، پر ڏهرسيا توڙي ڏاهر ڪنهن بہ ورائي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

*** ايرندي سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي ايرندي پاسي وارا سمورا علائقا اچي ٿي ويا، جيڪو تن ڏينهن ۾ هاڪڙي روهڙي ڪئنال جي پيٽ مان وهي شهدادپور ۽ برهمڻ آباد کان ٿيندو سَر ڪاريءَ ڏانهن هليو ٿي ويو.


برهمڻ گهراڻي جو اوتپ ان جي باني چچ جي مهنداريءَ ۾ پلو ٿيو، پر سندس پاءُ ۽ گادي سنڀاليندڙ چندر جي 669ع ۾ مرڻ کان پوءِ شيون بگڙنديون ٿيون ڏسجن. ڪارڻ سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ لاڙ سنڌ ۾ آيل ڦيرا هئا، جن معاشي زندگيءَ ۾ ڦيتارو آڻي وگوڙي حالتون پيدا ڪري ڇڏيون. 669ع ۾ سنڌ جو ورهاڱو ٿي چڪو هو: اتر سنڌ ڏاهر جي هٿن ۾ هلي وئي هئي ۽ لاڙ سنڌ سؤٽس ڏهرسيا پٽ چندر جي هٿن ۾. ڏهرسيا جي 700ع ۾ مرڻ کان پوءِ ڏاهر سچي سنڌ تي پنهنجي بادشاهي ڄمائي ورتي. هڪڙي رپورٽ آهي تہ سنڌ جي هڪ مڪيہ ۽ گهڻ آبادئي قبيلي ڪانيا جا ماڻهو وڏي انگ ۾ سنڌ مان ڪڇ ڏانهن لڏي ويا ۽ اتان پوءِ ڪانياواڙ هليا ويا، جنهن تي سندن نالي پنيان اهو نالو پئجي ويو. ايڏي وڏي برادريءَ جي ائين گڏجي لڏڻ جو ڪارڻ رڳو سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڪو وڏو ڦيرو اچي پراڻو پيٽ ڦٽي وڃڻ ۽ انهي جي ڪري ريجاڻي نظام جو ڦٽي وڃڻ ئي ٿي سگهي ٿو. انهي ڦيري جي نتيجي ۾ ڏهرسيا ۽ ڏاهر جي لاڙ سنڌ تي هلندي پچندي ختم ٿي وئي. هڪڙو ڏُکو اهو بہ آهي تہ تيستائين هاڪڙي ۾ پڻ پاڻي گهٽجي چڪو هو ۽ انهي خريف لاءِ ملندڙ پاڻيءَ کي چڱو پلو متاثر ڪيو هو. 700 کان 900ع تائين سچي دنيا ۾ سوڪ آبهوا وارو جُڳ هو. سوڪ آبهوا جي هلائڻ ۽ سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيري بابت ڄاڻ اڳلي باب ۾ ڏني وئي آهي.

711ع ۾ عرب لاڙ سنڌ مان بنا رنڊ روڪ ڏُوڪيندا ويا. جنگي مشينون جهڙوڪ منجنيقون (ڪئٽاپُلٽ) ۽ پتين تي چڙهڻ واريون مشينون ڪٽي ايندڙ ٻيڙيون سمنڊ رستي موڪلي سنڌوءَ ذريعي اگهمر ڪوٽ (اگهاماٽي) جي ويجهو پهچايائون. انهي منجهان پدرو ٿئي ٿو تہ چوڙ-ٻيٽاري واري علائقي ۾

ڪاهو جي دڙي ۽ سُڏيرڻ جي دڙي ۾ ڪم آندل ٻوڌي چوڪيون ۽ ٻيون سرون



737



738


739


740


741


742


743



744


745


746


747


748


749


750


751


752


753


754


755


756


757


758


759


760


761


762


763


764

ڇهين ۽ ستين صدين ۾ سنڌي ٻوڌي پنهنجي ٺُلن ۾ ڪارب وڏل سرون ڪم آڻيندا هئا. انهن منجهان گهڻي ڀاڱي تي گلڪاري ٽيل هوندي هئي ۽ ڪجهه تي بت ٺهيل هوندا هئا. هن صفحي تي ڏنل تصويرن ۾ ڪيترن ئي نمونن جا گل ڏسجن ٿا. مزي جي ڳالهه اها آهي تہ ان دور جي گهڻي ۽ چوڪين سرن تي بہ اهڙيون ئي ڊزائنون آهن. سومرا دور جي چوڪين سرن واريون ڊزائنون ٻوڌي ڊزائنن مان نڪتيون. ڪجهه ڊزائنن اڳتي هلي دهلي سلطنت ۽ مغل اڏاوتي ڍنگ ۾ بہ پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي. مصري، يوناني، سيلٽي، ٻوڌي ۽ اسلامي هنر وارا جاميٽريائي نمونا هوريان هوريان ٺهي راس ٿيا ۽ ڪانئن اڳ وارن بہ مٿن پنهنجو اثر ڇڏيو. پڪ ناهي تہ سومرا دور ۾ هي چوڪيون سرون مذهبي عمارتن ۾ ڪم ايندڙيون هيون يا عام عمارتن ۾. (ڪزنس).

ماڻهن جي آبادي گهٽ هئي ۽ واهه وهندڙيون به نه هئا. ان کان پوءِ ڏاهر، عربن کي سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي سيوهڻ تائين اهڙوئي چڊي پاڊي آباديءَ وارو علائقو بنا مهاڏي فتح ڪرڻ ڏنو. ريجاڻي نظام جي ناڪامي ئي پڪ سان ڏاهر جي شڪست جو مکيه ڪارڻ بڻي هوندي، چو ته هونئن نه ته برهمڻ گهراڻي، عربن جي 642 ۽ 709ع جي وچ تي چوڏهن مهمن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏنو هو - مهمن جا سال هئا: 642، 658، 663، 665، 667، 668، 694، 704 ۽ 709ع.

هن ليکڪ جي راءِ ۾ درياءَ ۾ اهو ڦيرو ايرندي پراڻ کان الهندي پراڻ ڏانهن وارو هوندو، چو ته عربن جي فتح وقت ڪنهن به اهميت جو ڪو به شهر انهي علائقي ۾ موجود نه هو. ٻي سڄي سنڌ ۾ واڌو ريجاڻي زرعي اپت تي پلجندڙ شهري زندگي نيڪ ناڪ ڄميل هئي ۽ هنن نالن وارا وڏا شهر رپورٽ ٿيا آهن: اُچ، مائو، ماٿيلو، وجڻوٽ، ڊرب ڏيتاڙي، ديهات، ڏامراهو، باڊهه، ٿل مير رُڪڻ، ڏيپر گهانگهرو، ميان واهيون، ڊليا (ميرپورخاص)، راوڙ، ٻڌ جو ٽڪر، نيرون ڪوٽ، سُڏيرڻ، جهرڪ، گجو، نئون ڪوٽ، پير پٺو، ڪافرڪوٽ، سيوهڻ، ٽلٽي، ڪَڪَڙ، خانپور، لڪي، آمري ۽ ديبل - نقشي ۾ ڏيکاريا ويا آهن.

ان آثار اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته ستين صديءَ دوران ريجاڻي سنڌي ڄميل هئي ۽ چڱي بندوبست سان پئي هلي، پر سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ لاڙ سنڌ ۾ صديءَ جي پڇاڙيءَ يعني 700ع ڌاري آيل ڪجهه ڦيرن ريجاڻي نظام ڦٽائي ڇڏيو ۽ ائين ڪجهه علائقو غيرآباد ڪري ڇڏيائون. نقصان جو ڪاٿو لڳائڻ ڏکيو آهي، پر پڪ سان نيڪ ناڪ ٿيو هوندو ۽ انهي برهمڻ راڄ گهراڻي جو انت آندو. سنڌو درياءَ ۾ آيل آبي ڦيرن کان سواءِ سوڪ آبهوا جي هلائڻ تر ۽ ڪوهستان جي مال تاتڻ واري سگهه گهٽائي ڇڏي ۽ ائين ڪري انهن علائقن ۾ آبادي به گهٽائي ڇڏيائون.

نارو-هاڪڙو دريائي سرشتو ٻارهو وهندڙ نه رهيو هو، پر انهن ڏينهن ۾ ستلج جي بهاولپور ضلعي ۾ اٿل ۽ سنڌوءَ جي گهوٽڪي ضلعي ۾ اٿل جي پاڻيءَ تي رڳو مهينو کن وهندو هو. هاڪڙي هاٽوڪي منڊ جمڙائو ويجهو ورهائجي به چاڙهون ڪيون هيون. الهندي چاڙهه برهمڻ آباد جي پر مان وهڻ لڳي، جتي سنڌوءَ جي ايرندي چاڙهه به اچي ٿي گڏيس. علائقي جي زمين مان پتو پوي ٿو ته ٿي سگهي ٿو ته نارو-هاڪڙو صدين تائين ائين ورهائجي وهندو رهيو هجي. سامونڊي ڪنڌي پڪ سان هاٽوڪيءَ کان ڏهن کان پندرهن ميل کن اندر سڪيءَ پاسي هوندي. سنڌوءَ ورهائجي ٽي چاڙهون ڪيون: هڪ الهندي چاڙهه سلطان ڪوٽ ۽ جيڪب آباد جي وچان لنگهي منڇر ڍنڍ ڏانهن پئي وئي؛ ٻين ۽ مکيه چاڙهه لوهاڻي ڍوري مان پئي اُڙهي ۽ ٽين الور گارج مان لنگهي ۽ خيرپور ميرس ويجهو لوهاڻي ڍوري سان وڃي پئي ملي. گهڻو ڪري سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ايرندي پراڻ کان الهندي پراڻ ڏانهن وارو ڦيرو ڏهرسيا (670-700ع) جي ڏينهن ۾ آيو. اهڙن ئي آبي ڦيرن جي نتيجي ۾ لاڙ سنڌ ۾ معاشي ڏکيائيون پيدا ٿيون، جتي اهميت وارا رڳو ڪي ٿورا شهر وڃي بچيا.


اهو ئي دور هو جڏهن ٻڌ مت هندو مت هٿان هارائڻ شروع ٿي ۽ اڳتي هلي ستت ئي اسلام هٿان هارايائين. راڄ ڏٽين وٽ ٻڌ مت لاءِ سهپ هئي، پر ٻوڌي ڏاهن چاتو ٿي ته اهي هوريان هوريان هندو مت ۾ رَلجي ويندا. چندر (662-669ع) ٻڌ مت جي سکيائن کان متاثر هو ۽ ٻوڌي لکيا پڙهيا ماڻهو انتظامي عهدن تي رکيا هئائين. ڏاهر جو لاڙ سنڌ تي 670 کان 700ع تائين 30 سال ڪو اختيار نه هو. انهي برهمڻ راڄ دوران ماڻهو هندو مت ۽ ٻڌ مت سان وفادارين ۾ ورهائجي چڪا هئا. ڏاهر وٽ پڻ سنڌوءَ جي وهڪرو متاثڻ ڪري ريجاڻي علائقن کي پهتل نقصان جي پورائي جو وقت نه هو. هندو مت ٻڌ مت جي بنهه وجود لاءِ خطري جو اهڃاڻ ٿي چڪي هئي ۽ انهي کي گهٽي پاڳي ڏکڻ ايشيا مان نيڪالي ڏئي چڪي هئي. ٻوڌي جيئن ته ڪڙمي ۽ مالوند هئا، تنهنڪري درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيري سان تمام گهڻا متاثر ٿيا. راڄ جي ماڻهن جي ورهايل وفادارين جي ڪري ڏاهر، ڪڇ ڪلياڻ راڄ چاوڙي کي سدائين لاءِ ڇڏي ڏيندو ٿو ڏسجي. ٻوڌي ڪاروبارين سان ميٺ محبت ۾ رهندڙ شهري ڏاهن جو مفاد ايران ۽ وچ ايشيا سان ڪاروباري لاڳاپا جوڙڻ ۾ هو، جن تي عرب اڳيئي قابض ٿي چڪا هئا، تنهنڪري انهن اهي واپاري واٽون کلڻ آسري هن تبديليءَ جي آجيان ڪئي. ديبل ۾ آباد ايراني يهودين جا ڪاروباري مفاد پڻ اهي ئي هئا ۽ انهن ديبل قلعي جا دروازا کولڻ ۾ سهڪار ڪيو، جيئن لڳ ڀڳ انهن ئي ڏينهن ۾ ٽوليڊو (اسپين) ۾ ڪيو هئائون.

زرعي پيداوار ۽ پرڏيهه ويندڙ وکر ساڳيا اهي ئي هئا، جيڪي راءِ گهراڻي جي ڏينهن ۾ هئا ۽ پنئين باب ۾ جاڻ ڏني وئي آهي.



هيُون سانگ جو موٽڻ

765. هيون سانگ 15 سالن جي عالماڻي سفر ۾ ميڙيل ٻوڌي قلمي نسخن جا پنڌار لڏي 645ع ۾ چيني (ٽئانگ راڄ گهراڻي) راڄڌاني چٽانگ-آن موٽي پهتو.


نقشو نمبر 27
711 - 714ع
سنڌ جو عربن هٿان فتح ٿيڻ
ملتان
سڪان
ملتان ڊويزن
اسڪنداهه
بهاولپور
باٽياهه
ديراوَر
شاهي
گهراٽو
ڪوئيٽا
مستونگ
نوشڪي
سبي
ديرا بگٽي
دالبندين
قلات
قندابيل
الور ڊويزن
ماٿو
سَرواهي
ماٿيلو
بغرُور
(روهڙي)
الور
سکر
بڊو نئن
قُصدار
تُوران
گرواگ
پنجگُور
سِوستان ڊويزن
ديهات
سيسام
نوشهرو
سوستان
ڪوٽ لالو
ٽُل
باره‌وار؟
نال نئن
ارميل
بيلو
مڪران ڊويزن
ساوندي
بهمڻ آباد
وڏاهيّاهه
ڪرجات
سڪرند
ڏليا
عمرڪوٽ
ٽاٽو بولا خان
نيرُون
ديبل سب ڊويزن
شهر
(جهرڪ)
بهرُور
(ٽري)
پيت
راوڙ
(تلهار)
بهمڻ آباد ڊويزن
نئون ڪوٽ
ڪراچي
ٺٽو
ديبل
فارسي سمنڊ
هاٽوڪي ساموندي ڪنڌي
ڪاري
ڪڇ
ڪڇ جا چاوڙا
ڪاچو
اتر
300 250 200 150 100 50 0
ميل
ڏسٽي
1 ڏاهر جي بادشاهيءَ جو ڏنگ
2 ڊويزن جا ڏنگ
3 ساموندي ڪنڌي اٺين صديءَ ۾
4 هاٽوڪي ساموندي ڪنڌي
5 سنڌوءَ جو اٺين صديءَ ۾ وهڪرو
6 سنڌوءَ جو هاٽوڪو وهڪرو
7 اٺين صديءَ جا شهر
8 هاٽوڪا شهر
9 ڊويزنن جون راڄڌانيون
10 سنڌ جو هاٽوڪو ڏنگ
11 پاڪستان جو سياسي ڏنگ
12 محمد بن قاسم جو سُڪيءَ وارو گُس
13 محمد بن قاسم لاءِ ساموندي مدد جو گُس
14 مختلف شهرن جي فتح جا سڌ هنريت آهن:
پنجگور 711ع
ارميل 711ع
ديبل 711ع
نيرُون 711ع
سِوستان 712ع
سيسام 712ع
راوڙ 712ع
ڏليا 712ع
بهمڻ آباد 713ع
الور 714ع
بغرُور 714ع
بابياهه (ٻاٽيا) 714ع
ملتان 715ع
نوٽ:
1. 711ع ڌاري عربن مڪران، تُوران ۽ خضدار جي ڪجهه ڀاڱن تي قبضو ڪري ورتو هو، جيڪي ان کان اڳ سنڌ جي ماتحت هئا.
2. ڪڇ، 695ع ۾ چاوڙن جي هٿن ۾ هليو ويو.
ايم. ايچ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيل

باب ٻاويهون

سنڌ ۾ اُموين جي گورنرن (711_746ع) ۽ عباسين جي گورنرن (751_854ع) جي دور ۾ ريجاڻي

سنڌ، محمد بن قاسم 711 کان 714ع تائين فتح ڪئي ۽ فتحن جو سلسلو پورو ٿيندي ئي سنت ڪيس پوئتي گهرايو ويو. چاڪاڻ ته سندس سهرو ۽ بصري جو گورنر حجاج بن يوسف مري ويو ۽ نئين گورنر ۽ حجاج جي دشمن ڪيس ٻدرائي ۽ مارائي ڇڏيو. ٻن اهم عنصرن سنڌ جي برهمڻ راج ڏٽي ڏاهر خلاف اڳيئي ڪم پئي ڪيو: پهريون هو سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو، جنهن هاٿوڪي ڪوڙي ٻراج ۾ ريجاڻي نظام ڦٽائي سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪڙو ريجاڻي علائقو اجاڙي ڇڏيو هو ۽ ٻين هئي سوڪ آبهوا، سڄي دنيا ۾ 700 کان 900ع جي وچ تي. ڏڪڻ يونوچ جي ملڪن ۾ سوڪهڙو 630ع ۾ شروع ٿي چڪو هو. انهن ٻنهي عنصرن جي ڪري سنڌ جا ماڻهو عربن، اموين توڙي عباسين ٻنهي، جي گورنرن خلاف 714-854ع واري سندن سڄي دور ۾ بغاوتون ڪندا رهيا. هيٺين ٽيبل ۾ گورنرن جي لسٽ ۽ مقامي گهرو ويڙهه ۾ سندن پڇاڙيءَ ٿيندڙ حشر ڏنل آهي، جنهن جا ڪارڻ هئا: سوڪهڙي سبب سنڌو درياءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ گورنرن جي بي ڌيانيءَ سبب واهن ۽ ريجاڻي نظام جو ڦٽي وڃڻ، ڇو جو اهي سنڌوءَ جي نرالي چلت کان اڻڄاڻ هئا ۽ انهي ڪري واهن جي وهڻ لاءِ گهرجن ۽ ساليانى ڪاٽيءَ کان به اڻڄاڻ هئا.

نمبر	گورنر جو نالو	حڪومت جو عرصو	راءِ
اموين جا گورنر			
1.	محمد بن قاسم	711 - 715ع	سندس سهري حجاج جي مرڻ کان پوءِ حجاج جي دشمن نئين گورنر ڪيس پوئتي گهرائي، قيد ڪرايو ۽ مارائي ڇڏيو.
2.	زيد بن ابي ڦباشه	715 / 716ع	سنڌ ۾ پهچڻ جي ارڙهين ڏينهن مري ويو.
3.	عامر بن عبدالله	715 / 716ع	پهچڻ جي ٿورن ئي مهينن اندر مري ويو.
4.	حبيب بن مُهلب	716 - 717ع	ڪيي ڇڏيائونس، چاڪاڻ ته ڏاهر جي پٽ جئسينا سنڌ جا سنڌوءَ جي اپرندي پاسي وارا علائقا موٽائي قبضو ڪري ورتا ۽ هي گورنر انهي سان پڇي نه سگهيو.
5.	امرُو بن مسلم	717 - 719ع	نئين خليفي ڪيي ڇڏيس.
6.	هلال اَل تميمي	719/20 - 724ع	نئين خليفي هشام بن عبدالمالڪ هٽائي ڇڏيس.
7.	جنيد بن عبدالرحمان	724 - 729ع	سڄي سنڌ ورائي فتح ڪيائين، گجرات، اُجين، چتوڙ، ڪڇ ۽ بروچ تي چڙهايون ڪيائين، پر اموي مخالف تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ڪري ڪيي ڇڏيائونس.
8.	تميم اَل عُتبي	729/30 - 730/31ع	عربن ۽ عرب راڄ خلاف اٿيل بغاوت جي ڪري سنڌ ڇڏي ويو ۽ انهي ڪري ڪيي ڇڏيائونس.
9.	حَڪَم اَل ڪلبي	730/31 - 738ع	هن سنڌ عربن کي وري فتح ڪري ڏني ۽ برهمڻ آباد جو نالو مٽائي منصوره رکيائين، جتي سڄي سنڌ مان عربن کي آڻي آباد ڪيائين. مقامي بغاوت ۾ ماري وڌائونس.
10	امر بن محمد بن قاسم	739 - 743ع	نئين خليفي وليد بن يزيد ڪيي ڇڏيس.
11.	يزيد اَل ڪلبي	743/44 - 746ع	يزيد اَل ڪلبي کي عرب باغي منصور بن جمهور شڪست ڏني ۽ جيئرو ساڙائي اذيتون ڏئي مارايائينس.
12.	منصور بن جمهور (آزاد حڪمران)	746 - 751/52ع	اپرندي عباسي سلطنت جي گورنر ابو مسلم هٿان شڪست کائي ٿر منهن ڪيائين جتي اڃ وگهي مري ويو.

ٺڪر جا ٿانوَ، گهڻي ڀاڱي پاڻياٺيون شيون سنڀالي رکڻ لاءِ



766



767



768



769



770



771




772




773



774



775



776

766. چٽسالي ٿيل سوڙهي تري وارو مَٽ. ان قسم جا ٿانوَ موهنجي دڙي مان لڌا هئا. هن نموني گهڙيل پاسن، سوڙهي تري ۽ ويڪرن ڪلهن وارو مٽ سنڌو ثقافت ۾ عام هو. (مارشل 1931، پليٽ LXXXI، 26 ۽ ميڪي 1943، 78). ٿِن ائينءَ ڪان چوڏهين صدين جي خاص سجاٽپ آهي. (نيشنل ميوزيم).

767. ويڪري مُنهن واري دَڪي، گولائين تري ۽ نليءَ نموني ٿُن سان. سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ سج جي شڪل ٽن سائيزن ۾ ٺپيل اٿس، آهن گول پر وچ تي وٿيون الڳ الڳ اٿن. ڪليل مُنهن ۽ ڪلهن واري دَڪي موهنجي دڙي واريءَ جهڙي آهي. (مارشل 1931، پليٽ LXXVI، I). هن تي ٺپيل گول ڊزائن پاڙيسري ملڪ ۾ ڪنن جي ڳهن تي هلندڙ ڊزائن سان ملي ٿي. (نيشنل ميوزيم).

768. سنڌي ڪوُنرو. گول گهگهيءَ نموني ڊگهي ڳچيءَ، سوڙهي مُنهن، ڪڙي ۽ نليءَ نموني ٿُن وارو ٿانءُ، برهمڻ آباد مان لڌو. هي ويهين صديءَ جي اهڙي ئي ننڍي ڪوُنري جي پيٽ ۾ ڏڪيائيءَ سان ڪم آٽي سگهجي ٿو. (ڊِي. جِي. اي).

769. سهڻي ڊزائن ٺپيل مَٽُ. ڪڙو مٽي، سنڌو ترو ۽ سوڙهو مُنهن. ساٿس سپ ڪان وڏيڪ ملندڙ ٿانءُ موهنجي دڙي وارو آهي (مارشل 1931، پليٽ LXXX)، جيتوڻيڪ مُنهن هن جي پيٽ ۾ وڏو اٿس، تصوير نمبر 13 ۾ ڏيڪاريل آهي. مَٽَ جي بيهڪ ڏاڍي وڻندڙ آهي. (نيشنل ميوزيم).

770. برهمڻ آباد-منصوره جو مٽ، تصوير نمبر 13 ۾ ڏيڪاريل موهنجي دڙي واري مٽ جهڙو. (نيشل ميوزيم).

771. سڌي تري ۽ ٿِن واري دَڪي. هيءَ دڪي ميل آهي ويڪرن گول ڪلهن واري دڪيءَ جو سڌي تري واري دڪيءَ سان ۽ اهڙي دڪي موهنجي دڙي مان لڌي هئي، تصوير نمبر 10. (ميڪي 1938، پليٽ LXV، 21 ۽ ميڪي 1938، پليٽ LX، 31). (نيشنل ميوزيم).

772. ڪانپ ۽ ڪلهن تي سهڻي ڊزائن ٺهيل مٽ. مُنهن سوڙو، وڏا ڪلها ۽ ڪلهن ڪان هيٺ گولائين شڪل اٿس، جيڪا سهڻو ٻڌائيس ٿي. هن سان ڏکڻ ايشيا جي سنڌو يا ان ڪان اڳ واري ثقافت جو ڪو ٿانءُ نٿو ملي. (ڀنڀور ميوزيم).

773. ٺڪر جو ڌُهرو مٽ، سومرن جي ماڳ شاهه ڪپور تان صحيح سلامت لڌو. گولائي 33 س.م، اوچائي 38 س.م. گهڻو ڪري شراب ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندو هوندو. (عمر سومرو).

774. ٻار لاءِ ويهڪڙي يا وهنجارڻ جي ڪُوناري، ميوا رکڻ لاءِ ٻاٽ بہ سمجهي وڃي ٿي، پر ميون لاءِ ٻاٽ ليڪي گهٽي ڳري آهي. (ڀنڀور ميوزيم).

775. چٽ نڪتل مٽ، گهڻو ڪري شراب لاءِ. (نيشنل ميوزيم).

776. تمام سهڻو چِٽيل ۽ ڳِرنهن وارو مٽ، گهڻو ڪري شراب لاءِ، برهمڻ آباد-منصوره مان. (نيشنل ميوزيم).

عباسين جا گورنر

.1	موسيٰ بن ڪعب اَل تميمي	751/52 - 757/58ع	پنج سال حڪومت هلائي ۽ بيماريءَ سبب پٽ جي حوالي ڪري ڇڏيائين.
.2	عينہ اَل تميمي	757/58 - 759/60ع	لِڱڙو گورنر - بغاوت ڪيائين - نئين گورنر هٿان هارايائين ۽ مارجي ويو.
.3	امر بن حفص عَتقي	759/60 - 767ع	شيعا نواز هو. آفريڪا بدلي ڪري ڇڏيائونس.
.4	هشام بن امرو ۽ پاٽس بِستام بن امرو	767 - 773ع	ملتان ورائي فتح ڪيائين، جيڪو محمد بن قاسم جي پوئتي گهرائجڻ کان پوءِ آزاد ٿي ويو هو. عزت سان بغداد موٽي ويو.
.5	معبِد تميمي	773 - 775/76ع	سنڌ ۾ مري ويو.
.6 کان .10	روح بن حاتم نصر الشيث عبدالمالڪ مصمئي نصر الشيث ۽ زيد بن عباس	775/76 - 777ع	جاٽن جي بغاوتن جي ڪري بدلي ٿيو. ڪائنس پوءِ اچڻ وارا چارئي گورنر جاٽن جي بغاوتن کي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيا ۽ هڪبئي پنيان بدلي ٿيندا ويا.
.11	مُسَبِح تغلبي	777/78ع	حجازي ۽ يمني عربن وچ ۾ سخت ويڙهيون ٿيون، گورنر انهن تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو ۽ ڪڍي ڇڏيائونس.
.12	نصر الشيث	777/78 - 780/81ع	منصوره ۾ مري ويو.
.13	ليث بن طريف	781/82 - 786/87ع	سنڌ جي جاٽ باغين کي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو ۽ ڪڍي ڇڏيائونس.
.14	سليم يونِسي	786/87 - 790/91ع	سنڌ ۾ اٿندڙ بغاوتون ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو، تنهنڪري بدلي ڪري ڇڏيائونس.
.15	اسحاق هاشمي ۽ يوسف هاشمي	790/91 - 792ع	سنڌ ۾ مري ويو، سندس جاءِ تي ٿوري وقت لاءِ پٽس يوسف کي رکيائون ۽ پوءِ انهي کي بہ هٽائي ڇڏيائون.
.16	تيفُور الحمري	790/91 - 792ع	پاڻ يمني هو سو يمنين ۽ مضارتين جي ويڙهہ ۾ يمنين جو پاسو کنيائين ۽ ڪڍي ڇڏيائونس.
.17	جابر طائي	792 - 793ع	بغاوتون ڪنٽرول نہ ڪري سگهڻ ڪري ڪڍي ڇڏيائونس.
.18	ڪثير ڪلبي	793 - 794/95ع	بغاوتون ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو ۽ ڪڍي ڇڏيائونس.
.19	محمد ثعلبي	794/95 - 798ع	سنڌ ۽ ملتان کي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو، تنهنڪري ڪڍي ڇڏيائونس.
.20	عبدالرحمان	798 - 798/99ع	سنڌ ۾ مانار نہ رکي سگهيو ۽ ڪڍي ڇڏيائونس.
.21	ايوب بن جعفر	798/99 - 800ع	مانار نہ رکي سگهيو ۽ ڪڍي ڇڏيائونس.
.22	مغيره بن يزيد مُهلبي	800 - 801ع	عرب قبيلن وچ ۾ جهيڙو نارې نہ سگهيو، تنهنڪري کيس هٽائي پاٽس دائود کي آندائون.
.23	دائود مهلبي	801 - 820/21ع	جهيڙيڪار عربن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ وسندين جون وسنديون تباهہ ڪيائين ۽ منصوره ۾ 20 ڏينهن تائين ماڻهن جو ڪوس ڪرايائين. سنڌ ۾ مري ويو.
.24	بشار بن دائود مهلبي (آزاد حڪمران)	820/21 - 828ع	بغاوت ڪيائين ۽ ڏُنُ نتي ڏنائين، تنهنڪري شڪست ڏئي ماري ڇڏيائونس.
.25	غُسان مهلبي	828/29 - 831ع	حالتون سڌارڻ ۾ ٽي سال لڳايائين ۽ عزت سان بغداد بدلي ڪيائونس.
.26	موسيٰ بن يحيٰ برمَڪِي	831 - 838ع	سنڌ ۾ مري ويو، پر مانار آندي هٿائين.
.27	عمران برمڪي	838 - 840/41ع	جاٽن ۽ ميدن بغاوت ڪئي ۽ چٽجي ويا. حجازين ۽ يمنين جي ويڙهہ ۾ يمنين جو ساٿ ڏنائين ۽ سنڌي ٿي ويل حجازي عرب قبيلي جي سربراهہ عمر بن عبدالعزيز هباريءَ هٿان مارجي ويو.
.28	امباسہ بن اسحاق	840/41 —849/50ع	ڪڍي ڇڏيائونس.
.29	هارون بن علي خالد	849/50 - 854/55ع	رڳو نالي ماتر گورنر هو، ڇو تہ عباسين جو سنڌ تي ڪو اختيار نہ هو. عمر بن عبدالعزيز هباري کيس مارائي ۽ پاڻ راڄ ڏٽي ٻڌجي ويو.

ماڻهن ۾ ٽيڪس پرڻ جي سگهہ نہ بچي هئي ۽ وري جڏهن عرب گورنر زور ڪندا هئن تہ وڙهڻ تي لهي ايندا هئا ۽ سو بہ ايڏو دليريءَ سان جو گورنرن منجهان 21 کي دمشق ۽ بغداد بغاوتون ڪنٽرول نہ ڪري سگهڻ ڪري ڪڍي ڇڏيو، 13 مقامي ويڙهين ۾ مارجي ويا ۽ محمد بن قاسم کان سواءِ رڳو 5 ٻيا عزت سان موٽي ويا .

جَڳَ، ڪُپا، پيير ۽ ڪاشِيَل ۽ رنگيل گلدان




777



778



779



780



781



782




783



784




785



786



787



788



789

777. مضبوط ۽ ٿلهي ڪڙي ۽ وڏي پيٽ وارو جڳ. موهنجي دڙي مان ڪڙن وارا ڪُپا هئا، پر وڏن ٿانون ۽ ڪُپن کي ڪڙا نه هئا. (نيشنل ميوزيم).

778. وڏي پيٽ وارو جڳ. اوچائي 13 س.م، ٻاهرين گهير مُنهن وَٽ 7.75 س.م، اندرين گهير ڇاتيءَ وٽ 10.1 س.م، اندرين گهير ڳچيءَ وٽ 5.9 س.م، تري واري ڳِرنهن 6.6 س.م، ڪڙي جي چوٽيءَ تائين اوچائي 14.35 س.م، مُنهن تائين اوچائي 13.2 س.م. (سنڌالاجي ميوزيم).

779. نازڪ ڪڙي وارو جڳ، برهمڻ آباد-منصوره. -نيشنل ميوزيم).

780. ڊگهو پر سنهو جڳ. (نيشنل ميوزيم).

781. جڳ، 780 جهڙو، برهمڻ آباد-منصوره. (نيشنل ميوزيم).

782. تمام ويڪري مُنهن وارو جڳ، برهمڻ آباد-منصوره. (نيشنل ميوزيم).

783. پٿر جو جڳ پگهل ڪڙي سان ۽ مٿان ڪوريل پنن جي ڊزائن سان. (نيشنل ميوزيم).

784. ٽڙيل منهن وارو ڪُپو. اهڙا ئي ڪُپا موهنجي دڙي مان لڌا آهن (ميڪي 1938، 201، ميڪي چانهو دڙو 1943، 79 ۽ ميڪي 1938، پليٽ LXI، 21)، تصوير 8 ۽ 9 ۾ ڏيکاريل. ٻاهرين گهير چوٽيءَ وٽ 7.95 س.م، ڳچيءَ جي گهير 5.7 س.م، ڇاتيءَ جي گهير 7.1 س.م، اوچائي 128 س.م، وڌ ۾ وڌ اندرين گهير ڳچيءَ وٽ 6.7 س.م. (سنڌالاجي ميوزيم).

785. رنگيل ٿانون جي ٽڪرين تي جاميٽريائي ڊزائنون ۽ مڇيون وغيره، ڀنڀور. (ڀنڀور ميوزيم).

786. رنگيل ٿانون جي ٽڪرين تي جانورن ۽ پکين جون ڊزائنون، برهمڻ آباد-منصوره. (نيشنل ميوزيم).

787. نائينءَ کان ٻارهين صديءَ جو گهاٽي نيري ڪاشي چڙهيل مٽ، انگورن جي ڇڳي جي اُڀريل ڊزائن ۽ نازڪ ڇلي نموني ڪڙن سان، گهڻو ڪري شراب لاءِ. اهڙا ئي ڪڙا سومرا دور جي ٿانون ۾ ورجائبا رهيا. (نيشنل ميوزيم).

788. نازڪ ڪُپڙو، گهڻو ڪري شراب پيئڻ لاءِ، شاهه ڪپور تان لڌو. (عمر سومرو).

789. ڪُپن، پيالن ۽ ڏياتين وغيره لاءِ پيير، وڌ ۾ وڌ اوچائي 14.3 س.م، تري جي ٻاهرين گهير 19.55 س.م، تري جي اندري گهير 8.9 س.م ۽ مٿان 11.55 س.م، نليءَ جي گهير5.9 س.م. (سنڌالاجي ميوزيم).

ڪارڻ رڳو هڪڙو ئي ٿي سگهي ٿو - ريجاڻي نظام جو ڦٽڻ - پوءِ اهو سنڌو درياءَ ۾ آيل ڦيري جي ڪري ڦٽو هجي يا ٻي ڏيانيءَ جي ڪري ويتر بگڙيو هجي، ڇو ته درياءَ جي نرالي چلت جي ڪري واهن جي سار سنڀال سان جڙيل منجهيل مامرن بابت نون عملدارن وٽ شايد ئي ڪا ڄاڻ هجي. هي عملدار ايرانين جي پيروي ڪندي پنهنجو پاڻ ئي جاگيردار بڻجي ويا. واهن جي ڪاٽيءَ کان اڻڄاڻائيءَ سبب هيڪر انهن تي ڏيان نه ڏنو ويو ته پوک هيٺ ايراضي گهٽجي وئي، اوڳاڙيءَ ۾ لاٽ آئي ۽ نوان واهه کوٽائڻ يا جيڪي هئا تن جي ٺاهڻ سنوارڻ واري سموري صلاحيت ختم ٿي وئي. مسئلن جو اڻکٽ سلسلو هيڪر شروع ٿيو ته انهي کي رڳو مرڪزي ڀنڊار (خزاني) مان موڙي لائي ئي وَسَ هيٺ آڻي سگهجي ٿو. اسان ڄاڻون ٿا ته مرڪز وٽ موڙي موجود هئي، پر نه دمشق ۽ نه بغداد ڪنهن به اهڙي قسم جي ڪا رقم نه ڏني. انهي سان پڪ سان پوک هيٺ ايراضي گهٽجي وئي هوندي ۽ ان جي نتيجي ۾ صوبي جي آبادي. ريجاڻي نظام کي هبارين هٿان 854ع کان پوءِ بحال ٿيڻ لاءِ سوا صديءَ کان وڌيڪ انتظار ڪرڻو پيو.

واهن جي سار سنڀال ۾ ٻي ڏيانيءَ پوک هيٺ ايراضي گهٽائي ڇڏي. انهي وري بي روزگاري پيدا ڪئي ۽ گورنرن خلاف بغاوتون ڪرايون. امن امان جي صورتحال ۾ بگاڙ سان واهن جي سار سنڀال ۾ وڌيڪ ڏيان ٽريو ۽ ائين مسئلن جو اڻکٽ سلسلو شروع ٿي ويو.

سوڪ آبهوا، سنڌ جو عربن هٿان فتح ٿيڻ ۽ عربن خلاف گهرو ويڙهه جا هڪ سو چاليهه سال

700 کان 900ع سڄي دنيا ۾ سوڪ آبهوا وارو جُڳ هو. اسلام جي پکڙجڻ ۽ بازنطيني سلطنت جي هيٺي ٿيڻ جو ڪارڻ ڏکڻ يونوچ جي ملڪن جي چوڏاري 630ع ۽ ان کان اڳتي وارو سوڪهڙو سمجهيو وڃي ٿو. 700ع ڌاري سنڌو درياءَ پنهنجو وهڪرو مٽائي سموري لاڙ سنڌ ۾ واهن جي نظام کي اجاڙي ڇڏيو، جتان جي آبادي لڏي علائقو خالي ڪري وئي ۽ عربن جو لشڪر محمد بن قاسم جي مهنداريءَ ۾ انهي ويران علائقي مان بنا ڪنهن مهاڏي يا رنڊ روڪ ڌُوڪيندو ويو. ٿورڙن ئي سالن جي سوڪهڙي سنڌ کي ايترو ته هيٺو ڪري ڇڏيو هو جو اها عربن جي لشڪر جو سولو شڪار بڻجي وئي.

عربن جي گورنرن جي راڄ ۾ لڳاتار وڳوڙ، فساد، مقامي بغاوتون ۽ ويڙهيون هلنديون رهيون ۽ گورنر تڪڙو تڪڙو مٽجندا، بدلي ٿيندا ۽ عهدو وڃائيندا رهيا. ڪجهه موقعا اهڙا آيا جڏهن عربن منجهان گهڻن کي سنڌ مان ڀڄائي ڪڍيو ويو ۽ انهن پاران سنڌ ورائي فتح ڪرڻ لازمي ٿي پيو. 714 ۽ 746ع جي وچ تي محمد بن قاسم کان پوءِ اموين جا هڪيهٺ پنيان يارهن گورنر آيا. عباسين جي هڪ سو ڇئن سالن واري دور ۾ اٺيهه گورنر مٽيا، جن منجهان گهڻن کي گورنريءَ تان لاٿو ويو ۽ اچرج جهڙي ڳالهه ته اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿيو جڏهن عرب سلطنت پنهنجي ڏاڪي جي بلڪل چوٽ رسيل هئي.

طبري لکي ٿو ته جاگيرداري نظام (ٻني پٽي تي ڏيڻ) ٺاهيو ساسانين هو، عربن اهو نقل ڪيو ۽ سنڌ ۾ آندائون. ٻئي سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ اهو دهليءَ جي سلطانن آندو ۽ اهو پوري طرح وڏي راس اڪبر جي منصبداري نظام هيٺ ٿيو. اهو پنهنجي پوري پوري استحصالي ڏاڪي تي شاهجهان جي ڏينهن ۾ پهتو، جڏهن ڪڙمي ٻنيون آباد ڪرڻ بجاءِ اهي ڇڏي ڀڄي ويا، جنهن جو پيرائتو احوال مِيرَڪ، مظهر شاهجهاني ۾ ڏنو آهي.




790. منگولن جي ملازم راشدالدين جي جامع التواريخ تان ورتل تصوير. منگولن جهڙي پوشاڪ پاتل محمود جو لشڪر ۽ سندس پٽ تي چڙهڻ واريون مشينون ڏيکاريا اٿس. (اي. ايل. اي).

نقشو نمبر 28

737 - 900ع

سنڌ ۽ اولهه وچ ۾
واپاري گس ۽ واپاري وکر



نوٽ:

هن صديءَ دوران عرب مصر ۽ اتر آفريڪي سامونڊي ڪنڌيءَ جي وچ ۾ سمنڊ ڪان وڌيڪ قافلا استعمال ڪندا هئا. جنيد جي گجرات ۽ ڏکڻ هندستان ۾ ڪاهن جي ڪري عدن، بصري ۽ الهندي هندستان وچ ۾ جهازن جي سڌي اچ وڃ جو سلسلو ٽٽي چڪو هو.

سُڪيءَ جي گسن رستي مال جي آڻ نيڻ تي لاڳت وڌي وڃڻ ڪري واپار ٿُٽ وارن وکرن تائين محدود ٿي ويو.

بازنطينين ڪيسپيئن سمنڊ (ڍنڍ) جي اتر ڪانوئي ريشم واٽ تائين گس ٺاهيا.

سنڌ جي واپار ۾ ڏکڻ هندستان جا مسالا، لاک، اوڄ (ٽيڪسٽائيل)، ڪنڊ، نيرُ، چانور، عاج، دوگي ڪاٺ، سٽيون ڦڪيون، ڪاٺ وغيره شامل هئا.

باب ٽيويهون

سنڌ تي هبارين جي راڄ ۾ ريجاڻي

(854_1011ع)

سُڪار جا ڏينهن

900-1250ع وارو دؤر سڄي دنيا ۾ تمام گرم ۽ گهميل آبهوا وارو دؤر ليکيو وڃي ٿو - مينهن گهڻا وسندا هئا ۽ سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جام ايندو هو. اهو دؤر سڄي دنيا ۾ سڪار وارو دؤر چيو وڃي ٿو.

سنڌ جا هباري، قريشي قبيلي بنو اسد جي هبار بن الاسد جي اولاد مان هئا. هبار جي پونيرن مان ابن زبير سنڌ جي گورنر حَڪَم اَل ڪلبي سان گڏ 730ع ڌاري سنڌ ۾ آيو. هنن لڏي ايندڙن پاڻ سان رڳو ٿورڙيون مايون آنديون هيون. اڳلي سوا صديءَ دوران سنڌين سان سڱابنديون ڪيائون، ڏيهي ٻولي سکيا، ڏيهي ويس پاتائون، ڏيهي رسمون رواج ڪيائون، زميندار بڻيا، ڏيهه واسي سنڌي قبيلن ۾ هلندي پڄندي ناهيائون ۽ پڇاڙيءَ ۾ 854ع ۾ عباسين جي گورنر کي ڪڍي پنهنجو آزاد راڄ گهراڻو ناهيائون، جنهن 157 سال راڄ ڪيو.

سنڌ ن راڄ راڻا هئا:

.1	عمر بن عبدالعزيز	854/55 - 883/84ع
.2	عبدالله بن عمر	883/84 - 903ع
.3	موسيٰ بن عمر	903 - 912/13ع
.4	عمر بن عبدالله	912/13 - 941/42ع
.5	محمد بن عبدالله	941/42 - 970/71ع
.6	علي بن عمر	970/71 - 985/86ع
.7	؟ بن علي بن عمر	985/86 - 1010/11ع

هنن جي راڄ دوران ڪوڙ سارا عرب گهومڙائو، واپاري ۽ جاگرافيدان سنڌ ۾ آيا ۽ جيڪو ڏٺائون وائنائون سو لکيائون، جيڪو پڌرو ڪري ٿو ته:

1. سنڌ هڪ سُک سانت وارو ۽ سکيو ستابو ملڪ هو.
2. زراعت زورن تي هئي ۽ ڪوڙ پوکون، ڀاڄيون ۽ ميوا ٿيندا هئا ۽ پرڏيهه اماڻيا ويندا هئا. عرب گهومڙائو، جاگرافيدان ۽ تاريخ نويس جهڙوڪ ابن خوردادبہ، ابوزيد، يعقوبي، همداني، بزرگ بن شهريار، مسعودي، يُنبئي، ابن حوقل، اِستخري ۽ مقدسي سنڌ ۾ آيا يا ڄاڻ گڏ ڪيائون.
3. وٿن ٻين عقيدن - هندو مت ۽ ٻڌ مت - لاءِ سهپ هئي ۽ پاڙيسري ملڪن جي هندو راڄائن سان سنا لاڳاپا ناهي ورتا هئائون. ڏيهه واسي ماڻهن ۽ قبيلن سان پڻ سنڌن لاڳاپا سنا ٿا ڏسجن. آثاري ثبوتن مان پتو پوي ٿو ته سنڌن راڄ دوران ٻوڌي ٿُلن جي مرمت ٿيندي رهي ۽ اهي نوان سنوان ٿيندا رهيا.
4. امن امان جو ڪو مسئلو نه هو.
5. سپاهين لاءِ تَر جي وڏيرن تي ڀاڙڻ بجاءِ پنهنجو 80 هاٿين ۽ 40،000 سپاهين تي ٻڌل لشڪر ناهيائون، جنهن جو خرچ مرڪزي خزاني تي هوندو هو.
6. ڏکڻ ايشيا ۽ مسلمان ملڪن سان واپاري لاڳاپا اوج تي پهتا.

اهڙو امن ڀريو ماحول، سلامتي ۽ ڪاروبار جي آزادي پڌرو ڪن ٿا ته انهي دور ۾ ريجاڻي نظام، جيڪو اموين ۽ عباسين جي گورنرن جي دور ۾ ڦٽي ويران چڪو هو، بحال ٿيو ۽ جيئن جيئن آبادي وڌي اهو هوريان هوريان وڌيڪ پڪڙيو. زرعي اپت اينتري واڌو پئي لٿي جو سرڪاري سپاهه ۽ شهري آباديءَ جي پورت ڪيائين پئي ۽ گڏوگڏ پرڏيهي واپار لاءِ به بچي پئي. اموين ۽ عباسين جي دور ۾ آباديءَ ۾ پڪ سان لاٿ آئي هوندي ۽ هبارين جي دور ۾ ريجاڻي نظام ۾ آيل سڌاري سان آبادي وري وڌي ۽ وڌيڪ ايراضي آباد ٿي. انگريزن کان اڳ ڪلهوڙن جي دور وارن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ريجاڻيءَ هيٺ ٿيندڙ ايراضي ٿي سگهي ٿو 2.1 ملين (ايڪيهه لک) ايڪڙن تائين پهتي هجي، جنهن ٽي ملين (ٽيهه لک) آباديءَ جي پورت پئي ڪئي. ائين بلڪل ٿي سگهي ٿو ته اٽڪل هڪ صدي هلندڙ ڪنهن سک سانت واري دور ۾ پوکي ان انگ تائين پهچائي سگهجي ٿي ۽ آباديءَ ۾ اينتري واڌ آڻي سگهجي ٿي. پر ڪلهوڙا انهي انگ تائين پنهنجي دور جي پهرين پنجاهه سالن ۾ ئي پهچي ويا هئا. نقشي ۾ هبارين جي بادشاهي، سنڌوءَ جو نائين ۽ ڏهين صدين ۾ وهڪرو ۽ اهم شهري مرڪز ڏيکاريل آهن. هبارين جو ڀاڳ زور هو جو سنڌن دور ۾ سنڌو درياءَ جون سمورن پَٽن کي هڪجيترو پاڻي ڏيندڙ قدرتي ڇاڙهون هيون. مثال طور:

نقشو نمبر 29

نائين صدي
عباسي سلطنت جي ٽٽڻ
جي شروعات ۽ سنڌ

نقشو نمبر 30

ڏهين صدي
ڪارمي، قرمطي، ٻُواحدي
۽ سماني ۽ سنڌ


نقشو نمبر 31


يارهين صدي
غزنوي سلطنت


نقشو نمبر 32

ٻارهين صدي
سلجوقن جون ڪاهون
۽ غزنوي ۽ سنڌ









1. سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه، جيڪا مُک ڌارا مان ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور جي وچ تان نڪري ڪنڌڪوٽ ۽ ٺُل تعلقن جي وچان ٿيندي شهدادڪوٽ تعلقي ڏانهن هلي پئي وئي، جتان ڏکڻ پاسي مڙي منڇر ڍنڍ ڏانهن هلي پئي وئي.
2. هڪڙي ڇاڙهه مٿينءَ منجهان شڪارپور جي اتر-اوڀر وٽان شروع ٿي هاٿوڪي وارهه شاخ جي پيٽ ۾ وڃي ٿي ڇوڙ ڪيو. اتان اها ڏکڻ پاسي وڃي خيرپور ناٿن شاهه تعلقي ۾ ڪَڪَڙ ويجهو وري الهندي ڇاڙهه سان پئي ملي.
3. مُک درياءَ جو پيٽ ڪنڌڪوٽ ۽ سکر تعلقن ۾ سنڌ ڍوري مان هو. رُک وٽان ڏکڻ-اوڀر وکڙ ڪري لوهاٽي ڍوري ۾ وڃي ٿي پيو.
4. انهي نوشهري وٽ هڪ الهندي ڇاڙهه ڇڏي، جيڪا قاضي احمد ويجهو اڙل واهه (منڇر مان پرجندڙ ۽ ان ۾ ئي ڇوڙ ڪندڙ) سان وڃي ملي.
5. درياءَ جي مُک وهڪري مان هڪڙي بي اپرندي ڇاڙهه نوابشاهه ڪان اٽڪل پنجويهه ميل اتر وٽان شروع ٿي ساماري تعلقي ۾ اپرندي ناري سان وڃي گڏي.
6. لاڙ سنڌ ۾ درياءَ جي ڇاڙهن جا پيٽ هئا: ڍورو پراڻ، الهندي پراڻ، احمد راجو ۽ پڇاڙيءَ ۾ تلهار ڪان پنيور.
7. مُک درياءَ پاڻ ڪي گولاڙچي ڇاڙهه تائين محدود رکيو.
8. سَرَسوَتي-هاڪڙو سرشتو اڃا تائين ڇاڙهه جي منڊ ۾ سنڌوءَ ۽ ستلج جي اُٿل جي پاڻيءَ تي وهيو پئي. جيتوڻيڪ پاڻي گهٽ ٿي آيس، تنهن هوندي به خريف جي فصلن کي پاڻي پهچائڻ وارو پنهنجي پتيءَ جو ڪم ڪيائين پئي، خاص ڪري هاٿوڪي منڊ جمڙائو ڪان هيٺ، جو ته اپرندي ناري گهرج آهر پاڻي هيٺ ڇڏڻ واري ڍنڍ جو ڪم پئي ڪيو.

مٿيان وهڪرا آڏاريل آهن اڏامندي ڇڪيل تصويرن جي اڀياس تي جيڪو هومز ڪيو ۽ هن ليڪ ان کي درست ڪيو. ان جُڳ جا مکيه شهر هئا: منصوره (برهمڻ آباد)، جهم (جهمپير)، ديبل، ڪلاري، ٻولهاڙي، اناڙي، الور، بگهرور، سَدُوسَڻ (سيوهڻ)، منجاباري (منگهوپير)، نيرون، ٻاٽيا، ماٽيا، وڃٽوٽ، ماٽيلو، ٺُل مير رُکڻ، ڍليا (ميرپورخاص)، نئون ڪوٽ، تلتي، ٻُڌ جو ٺَڪر ۽ گُجو.

سنڌ ۾ ريجاڻي وري اٺ سو سال پوءِ ڪلهوڙن ۽ 1900ع ڌاري انگريزن جي دور تائين ڪڏهن به انهي درجي نه رسي. پوکيءَ جو انگ ٿي سگهي ٿو ويهن لکن ايڪڙن تي پهتو هجي ۽ آبادي اٽڪل ٽيهن لکن تي. اهڙي خوشحاليءَ هلندي هندو مت، ٻڌ مت ۽ اسلام گڏ گڏ وڌندا ويجهندا رهيا ۽ ٻوڏي نُلن ۾ نواڻ ايندي رهي.

سنڌ ۾ ٿيندڙ زرعي جنسون، جيڪي ان دور ۾ ايندڙ عرب گهومڙائن ٻڌايون آهن، سي هيون:

* ڪمند، سڀ ڪان اهم فصل،
* ليمو،
* ادرڪ،
* انب،
* نارنگي (سنگترو)،
* ڦٽي (وونئڻ)،
* چانور (ساريون)،
* ڪڻڪ،
* جُوَر ۽ ٻاجهري،
* ڪافور،
* زعفران،
* جِيرو،
* گل، ميوا ۽ ڀاڄيون،
* پنسارڪيون ٻوٽيون،
* ڪنوار ٻوٽي ۽
* ماکي (ٻيلن، باغن ۽ وٽڪار جي پيداوار).


صنعتي فصل جهڙوڪ نِيرُ ۽ آرينا ڪاڄرو اَنن (چانور، ڪڻڪ ۽ جَوَ)، تيلي ٻجن، دالين ۽ ساين ڀاڄين ڪان علاوه هئا. مکيه صنعتي فصل ڦٽي هئي. اَنَ، مکڻ، تيل، ڪلون ۽ اوچ (ڪپڙو) پرڏيهه ويندڙ وڏا اسم هئا.

ڪمند ٻارهو فصل آهي، جنهن جو ٿيڻ پدرو ڪري ٿو ته چڱي وڏي علائقي ۾ ٻارهو وهندڙ واهه هئا، جن منجهان پاڻي سياري ۾ نارن ذريعي ڪڍندو هو. (استخري ٻڌائي ٿو ته سڄو ملڪ پوکن، باغن ۽ وڻن سان ڍڪيل هو). ليمي نسل جي ڪٽي ميوي جي جنم ڀومي هندستان ۽ مني جي چين هو. ڏهين صدي عيسويءَ ۾ ليمي نسل جو منو ميوو هندستان ۾ اڃي چڪو هو ۽ پوکيو پئي. سنڌ جي گرم آبهوا ليمي نسل جي ميوي کي سنڌ ۾ ٿيڻ ڏئي ٿي، پر گهٽو ساهه کڻڻ جي گهرج منائن جي گهٽي ڳرڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿي ۽ انهي ڪري ليمي نسل جو ميوو سنڌ ۾ جهٽ ڪٽي مان منو ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن تڪڙو نه پٽجيس ته ڪنو ٿي گهٽ درجي جو ٿي وڃي ٿو. انهي ڪري ليمي نسل جو ميوو ٿورو ڪٽو هوندي ئي پٽبو آهي. اهو ئي سبب آهي جو عرب گهومڙائن سنڌ ۾ ٿيندڙ ليمي نسل جي سڀني ميون کي ليمو سڏيو - ليمي نسل جو ڪٽو ميوو.

انهي دور ۾ تر ۽ ڪوهستان پڻ اڄوڪي ڪان ٻيٽو مال ۽ ٻيٽي انساني آبادي تاتي پئي سگهيا. ڌاريل جيئرو مال ۽ ان مان ٿيندڙ ٻيون شيون پڪ سان ڏيهه اندر واپرائڻ توڻي پرڏيهه اماڻڻ جا اهم اسم هوندا.

عباسين جي دور ۾ 751ع ڪان پوءِ اهم ڪاروباري مرڪز بڻجي دمشق جي جاءِ ونندڙ بغداد تي فاطمين جي دور ۾ ڏهين صديءَ ۾ قاهرا جو پاڇو وري آيو. يورپ ۾ وينِس، قسطنطنيه تي چڙهت ڪري چڪي هئي. ديبل ۾ ٽين صدي عيسويءَ کان وٺي وسيل ايراني يهودين پوري ايشيا جي وڏن شهرن ۾ وينل ٻين يهودين جي ساٿ سان اڃا سودو سرگرميءَ سان واپار ڪيو پئي.

دينار هڪ اهم ۽ هندي وڏي سمنڊ سان دنگ لڳندڙ ملڪن ۾ هر هنڌ هلندڙ سڪو بڻجي چڪو هو. هبارين پنهنجا سڪا ڇاپيا.




نقشو نمبر 33

854 - 1011ع
هباري ۽ پر پاسن سان
951ع ۾ مقامي عرب بادشاهيون


نوٽ:

1. تُوران تي 951/52ع ۾ مغيره (معين) بن احمد جو راڄ هو. راڄڌاني قلات (ڪنڪان) ۾ هئس.
2. ابوالقاسم تُوران تي 969ع ۾ قبضو ڪيو.
3. خضدار کي تُوران جي راڄڌاني 985/86 ۾ بڻايو ويو.
4. خارجين تُوران تي خضدار ۾ راڄڌاني هوندي 994ع ۾ قبضو ڪيو.
5. خضدار (گهڻو ڪري سمورو تُوران) 833-841/42ع ۾ يا ان کان پوءِ به سنڌ جو ڀاڱو هو.
6. مٿين ڦيرڦار ٻڌائي ٿي ته تُوران هڪ حاڪم کان ٻئي ڏانهن هٿ مٽائيندو رهيو ۽ ڪو راڄ گهراڻو اتي جٽاءُ نه ڪري سگهيو. ٿي سگهي ٿو ته ڇڙواڳيءَ واري صورتحال ۾ به رهيو هجي.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل



نقشو نمبر 34
925ع
ڏکڻ ايشيا 925ع ۾
۽ سنڌ ۾ هبارين جي بادشاهي
ڪشمير
ڪابل
پشاور
غزني
سمانين جا صوبا
قنڌار
شاهي هندو
راڄ گهراڻو
لاهور
سامہ
ملتان
شال (ڪوئيٽا)
والستان (سبي)
ڪيڪان (قلات)
اُچ
خضدار
الور
منصوره جا
هباري عرب
سوستان
ارميل
ڪز
تيز
ديبل
منصوره
نيرون ڪوٽ
ڪڇ
سماءِ چاوڙا
راشٽرڪوٽ
سومنات
فارسي سمنڊ
ستلج
بياس درياءُ
پاٽيا
ڪرنال
اندرپرسٿ
دهلي
باران
ڪوئل
مترا
گهاٽاوالا
جوڌپور
گرجر پرتيهار
پرتابگڙهه
انهلواڙو
پرمار
اوڌ
قنوج
مانڪ
پرياگ
بنارس
ڪانپور
ڪوشمبي
چانديل
سراوستي
سرنات
پاٽليپتر
تبت
نيپال
آسام
پهاڙپور
پندرانگر
وڪرم پور
پالا
تمراليپتي
منگير
اودانتاپوري
بنارس
پوري
گنگا
بنگالي سامونڊي چُڪ
بروچ
ٺاڻا
راشٽرڪوٽ
گوداوري
چول
ڪلاڻي
ڪالياني
ملکيڙ (مانياکيت)
ورنگال
ڪالنگا
راجا مُندري
ڪرشنا درياءُ
ڪٽاتور
داپول
اتر
ڪاچو
ميل 400 350 300 250 200 150 100 50 0
چولا
دواراوتي پورا
ڪامپيلي
هندي
وڏو سمنڊ
ڏسٽي
1 بادشاهين جا دنگ
2 ڏهين صديءَ جا شهر
3 هاڻوڪا صوبائي دنگ
4 راڄ گهراڻن جا نالا — شاهي
5 گرجر پرتيهار
6 پالا
7 راشٽرڪوٽ
8 هباري
9 ڪالنگا
10 سامہ
11 شاهي
12 ڪڇ





778. بکر قلعي، سکر، جو ڏيک.

باب چوويهون


سومرن جي راڄ ۾ ريجاڻي
(1011_1351ع)


سومرن سنڌ تي 340 سال - سنڌ يا ڏکڻ ايشيا جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ ڪنهن به گهراڻي پاران ڊگهي ۾ ڊگهو عرصو - راڄ ڪيو. هن گهراڻي جا راڄ راڻا هي هئا:

نمبر	راڄ ڌڻي	راڄ جا سال
1.	خفيف - پهريون	1011 - 1026ع
2.	سومار	1026/27 - 1054/55ع
3.	ڀونگر - پهريون	1054/55 - 1068/69ع
4.	دودو - پهريون	1068/69 - 1092ع
5.	زينب/تاري (دودي جي ڌيءُ. پنهنجي صغير ڀاءُ سنگهار بدران سندس سامائجڻ تائين راڄ هلايائين)	1092 - 1098ع
6.	سنگهار (ساماٽل)	1098 - 1106/07ع
7.	خفيف - ٻيون (سنگهار جو سالو)	1106/07 - 1141/42ع
8.	عمر - پهريون (خفيف ٻئين جو ڀاءُ)	1141/42 - 1180/81ع
9.	دودو - ٻيون	1180/81 - 1194/95ع
10.	ڀونگر - ٻيون (دودي پهرئين جو پونيَر، دودي ٻئين جو نہ)	1194/95 - 1222ع
11.	چنيسر - پهريون	1222 - 1228ع
12.	گٽيرو - پهريون	1228 - 1236/37ع
13.	چنيسر - پهريون (ٻيهر)	1236/37 - ؟
14.	گٽيرو - پهريون (ٻيهر)	؟ - 1241/42ع
15.	تُور (محمد تُور - گٽيري پهرئين جو پٽ)	1241/42 - 1256ع
16.	گٽيرو - ٻيون	1256 - 1259ع
17.	دودو - ٽيون (گٽيري ٻئين جو پٽ)	1259 - 1273/74ع
18.	طائي (دودي - ٽئين جو پٽ)	1273/74 - 1283/84ع
19.	چنيسر - ٻيون	1283/84 - 1300/01ع
20.	ڀونگر - ٽيون	1300/01 - 1315ع
21.	خفيف - ٽيون	1315 - 1332/33ع
22.	دودو - چوٿون	
23.	عمر - ٻيون	1332/33 - 1350ع
24.	ڀونگر - چوٿون	
25.	همير (دودو)	1350 - 1351/52ع

نقشو نمبر 36


3000 ق.م _ هنوقت تائين سنڌو درياءَ جا سکر ۾ چئن مختلف گارجن ويجهو وهڪرا





نقشو نمبر 37

سکر_روهڙيءَ ويجهو ٻيٽ




نقشو نمبر 38

سکر ۾ هاڻوڪا ماحول



792. سکر گارج ۾ خواجه خضر ٻيٽ.



793. سکر گارج ۾ ساڌبيلو ٻيٽ.

هنن جي ڪاميابيءَ جو راز ان دور جي آبهوا ۾ لڪل آهي، جيڪا پنين ڏهن هزارن سالن ۾ پلي ۾ پلي سمجهي وڃي ٿي. سنڌوءَ جون ڪيتريون ئي ڇاڙهون ۽ حڪومت انهن ماڻهن جي هٿ وَس هيٺ هيون، جن کي سنڌ ۾ ريجاڻي گهرجن جي چڱي طرح ڄاڻ هئي. سنڌ مان لڏي ويل سمن پاران ڪڇ ۾ 1147ع ۾ عام ڪيل پائيت پڪ سان سنڌ واري پائيت يا پائيپيءَ جو نقل هوندي، جنهن هيٺ برادرين کي ماڻهن جي گهرجن آهر پوکيءَ لاءِ وڃ جي ٻني ڏني ويندي وئي، جيڪي انهي مان پوريون ٿينديون هيون.

900 کان 1250ع تائين وارو عرصو گرم جُڳ هو ۽ پنئين باب ۾ ٻڌايل "سڪار جا ڏينهن" هليا پئي. آبادي ٽيھ لک ماڻهو ۽ ريجاڻيءَ هيٺ ايراضي ويھ لک ايڪڙ رهي.

هي عرصو هڪ ڳجهه رهندو آيو آهي، ڇاڪاڻ ته تاريخي لکتون موجود ناهن. هن جُڳ سان لاڳاپيل لوڪ گيت اصل ۾ پندرهين صديءَ ۾ رچيا ويا. ماخذن جي هڪ وڏي انگ ۾ ٽڙيل پکڙيل لڳ ڀڳ نه برابر ڄاڻ منجهان هي ليکڪ ان جڳ جي واقعن جي ترتيب جوڙڻ ۾ سوڀارو ٿيو آهي ۽ "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ" پڻ ڇپرايو اٿس، جنهن ۾ زراعت ۽ ريجاڻيءَ تي هڪ تفصيلي باب ڏنل آهي. (انهي ڪتاب جو سنڌي ترجمو هن سنڌيڪار ڪيو جيڪو "تصوير سنڌ - سومرن جي بادشاهيءَ جا نقش ۽ نشانيون" نالي سان ڇپيو).

لاڙ سنڌ ۾ شهر ۽ وسنديون گهاٽيون گهاٽيون آهن. سنڌو درياءَ جا هبارين جي دور وارا وهڪرا سومرن جي دور وارن وهڪرن سان ڀيٽڻ سان ڇِتو پتو لڳي ٿو ته درياءُ پنهنجو پراڻو وهڪرو ڇڏي ريجاڻي نظام کي ڦِٽائي ويران ڪري چڪو هو. اتر سنڌ هن عرصي دوران ٽڪڙو ٽڪڙو هٿ مٽائيندي رهي. سنڌ کي سلطان محمود غزنوي 1026ع ۾ ڏَنَ ڀَرُو ملڪ بڻايو هو، پر سندس مرڻ کان ستت پوءِ يا دير ۾ دير 1040ع تائين اها وري آزاد ٿي وئي. 1206ع ۾ سنڌ کي قباچا نالي قطب الدين ايبڪ جي هڪ جنرل زير ڪيو ۽ اتر سنڌ سيوهڻ تائين انهي کي ڏني وئي. لاڙ سنڌ 1228ع ۾ التتمش جو ڀيلپو ڏيڻ قبوليو هو، پر 1239ع ڌاري تائين سڄي سنڌ سومرن جي مهنداريءَ ۾ آزادي ماڻي. وري سنڌ کي 1297ع ۾ علاءُالدين جي جنرل اچي ماري مات ڪري سومرن کي ڀيلپو ڏيڻ مڃايو. 1333ع کان ستت پوءِ سنڌ سومرن ۽ سمن جي گڏيل اڳواڻ جام انڙ جي مهنداريءَ ۾ وري آزاد ٿي. انهي سومرن کان 1351/52 ڌاري گادي ڦُري. پڪ سان چوڻ ڏکيو آهي ته سومرن جو هڪڙو ئي راڄ گهراڻو هو يا وڌيڪ، جن سنڌ تي اهي ٽي سو چاليھ سال راڄ ڪيو.

پنهنجي راڄڌاني اٿندي واري راڄڌاني شهر منصوره مان لڏائڻ کان ٽي ڀيرا پوءِ به لڏاياٿون. راڄڌانيون مٽائڻ جا اندازن سن هي آهن:

- 1026 ۽ 1040ع جي وچ تي: منصوره کان نري (ماتليءَ کان اٺ ميل ڏکڻ ۾).
- 1241 ۽ 1257ع جي وچ تي: نريءَ کان الهندي پاسي نئين ڇاڙهه تي جنهن تي جوڻ جو شهر هو.
- 1257 کان 1300ع تائين: جوڻ کان محمد تُور (مهاتم تُور)، سنڌو درياءَ جي ڇاڙهه گونگڙي تي.
- 1300ع کان ستت پوءِ محمد تُور کان نٽو.

ڪين پهريان ٽي ڀيرا راڄڌانيون سنڌو درياءَ پاران هر ڀيري وهڪرو مٽائڻ جي ڪري مٽائڻيون پيون. وهڪري ۾ پهريون ڦيرو 1026ع کان ستت پوءِ آيو، جڏهن درياءُ منصوره کان پري هليو ويو. نقشو (1000-1525ع) ٻڌائي ٿو ته درياءُ گهڻو گهڻو ڪري هاڻوڪي نوابشاهه (شهيد بينظيرآباد) ضلعي ۾ پراڻو وهڪرو ڇڏي ۽ نريءَ کان پنجن کان ڏهه ميل ڪن اوڀر ۾ الهندي پُراڻ سان وڃي گڏيو. ٻيو وڏو ڦيرو محمد تُور سومري (1241/42 - 1256ع) جي ڏينهن دوران آيو جڏهن درياءُ پاڻ اڏيري لال ۽ نصرپور ويجهو جتائي ٻينو ۽ سندس هڪڙي ڇاڙهه هاڻوڪي ٽنڊي محمد خان جي اتر ۾ ڪِٽڪوٽ وٽان مُک ڌارا کان ڇڃي لاڙي بندر ڏانهن هلي وئي. ٻي ڇاڙهه نڪتي گونگڙو جنهن جي مٿان راڄڌاني شهر محمد تُور اڏيو ويو. سنڌوءَ جي هڪڙي الهندي ڇاڙهه به هئي، جيڪا منجهانئس ڪشمور جي اتر وٽان ٿي نڪتي ۽ سومرن جو شهر جتاٽي انهي جي ڪَڙَ تي قمبر تعلقي ۾ وارهه شهر کان چار ڪلوميٽر اولهه ۾ اڏيل هو، جتي پراڻي وسنديءَ جا ڪنبر موجود آهن. ان ئي نالي واري ديھ ۽ هڪ ننڍو انسپيڪشن بنگلو اڃا تائين جتاٽيءَ ۾ موجود آهن. (هن شهر جا آثار هاڻ الاٽ ٿي پوک هيٺ اچي چڪا آهن - سنڌيڪار) عرب گهومڻائو ابن بطوط هن شهر ۾ 1333ع ۾ آيو.

سنڌوءَ جي وهڪري ۾ چوٿون ڦيرو 1300ع کان ستت پوءِ آيو، جڏهن درياءُ پنهنجي گونگڙي ڇاڙهه کي ڇڏي ويو ۽ سندس پاڻيءَ جو وڏو ڀاڱو بگهاڙ ڇاڙهه مان وهڻ لڳو. ڪلري ڇاڙهه، جيڪا گهاري ڪاريءَ ۾ وڃي ٿي پئي، تنهن ۾ ويندڙ پاڻي پڻ گهٽائي ڇڏيائين. اهو ورهاڱو هاڻوڪي شهر بلڙيءَ ويجهو ٿيو. سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه به پنهنجو پراڻو وهڪرو ڇڏيو ۽ اوڀر پاسي، پر منڇر ڍنڍ تائين پراڻي جي پوروڇوٽ، هڪڙو ٻيو پيٽ وڃي ناهيائين.

وهڪرن ۾ آيل پهرين ٽن ڦيرن لاڙ سنڌ کي پڪ سان متاثر ڪيو هوندو، پر چوٿين ڦيري نه رڳو لاڙ سنڌ کي متاثر ڪيو پر اتر-الهندي سنڌ يعني جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعن واري علائقي کي پڻ تمام گهڻو متاثر ڪيائين. لاڙ سنڌ کان وڏي پيماني تي ماڻهو اتر-الهندي سنڌ ڏانهن لڏي ويا. انهن لڏي ويندڙن ۾ گهڻي ڀاڱي سمن جون ذاتيون هيون، جيڪي اڄ به انهي علائقي جي آباديءَ ۾ گهڻائيءَ ۾ آهن. انهي سان سمن کي اقتدار لاءِ جتن ڪرڻ ۾ وڏو ٻَل مليو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اڳتي انهن سومرن کان گادي ڦري ورتي. 1226ع ڌاري وارن ڏينهن ۾ ئي هاڪڙو سنڌوءَ ۽ ستلج جي اٿل جو پاڻي گهٽ اچڻ ڪري صفا سڪي ويو ۽ مٿس ويٺل ماڻهن کي لڏڻو پيو. اهڙي ريت سنڌ هنن ٽي سو چاليهن سالن ۾ پنهنجو ريجاڻي واهن جو نظام ٽي ڀيرا ڦٽندي ڏٺو. هر ڀيري

1011 _ 1351ع سنڌو درياءَ ۽ ان جي واهڻن جا سومرا دور دوران سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وهڪرا


نقشو نمبر 39 — سنڌوءَ جا اٺين کان چوڏهين صدين ۾ ساڄي پاسي جيڪب آباد، شهدادڪوٽ ۽ وارهہ وهڪرا

نقشو نمبر 40 — سنڌوءَ جا اٺين کان چوڏهين صدين ۾ ساڄي پاسي وارهہ، الهندو ناروءِ دادو وهڪرا


نقشو نمبر 41 — سنڌوءَ جو ستين کان چوڏهين صدين ۾ کاٻي پاسي خيرپور وهڪرو

نقشو نمبر 42 — سنڌوءَ جا ستين کان تيرهين صدين ۾ کاٻي پاسي وچولي سنڌ ۾ خيرپور، سانگهڙ، شهدادپور ۽ سامارو وهڪرا


نقشو نمبر 39




نقشو نمبر 40



نقشو نمبر 41



نقشو نمبر 42



ايندڙ ڦيرو پاڻ سان ڏڪار واريون حالتون، ماڻهن جي لڏ پلاڻ، لاڏائو مالوند وجي ٿيڻ، بيماري، موت ۽ آباديءَ ۾ لاٿ آڻيندو هو ۽ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ متان حڪومت ۾ بہ ڪي ٿورا گهڻا ڦيرا ايندا هجن. هنن آبي ڦيرن جي ڪري ٺٽوي محمد خان ڪان الهندي ۽ اپرندي واري سَنڌي ڪان هيٺ لاڙ سنڌ ۾ شهرن جو هڪ وڏو انگ ڦٽي ويران ٿي ويو. اتي جيڪي واهہ هئا، تن جي نالن جو ڪو رڪارڊ ڪونهي. ان جُڳ سان لاڳاپيل لوڪ گيتن منجهان تاريخي، معاشي ۽ سماجي حالتون سوڌي ڪيڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن، پر اهي لکتون پروسي جو ڳيون ناهن، ڇو تہ اهي پندرهين صديءَ ۽ ان ڪان پوءِ رچيون ويون. انهن جي حيثيت ڏيهاٽين روايتن آڌار هنيل ڏُڪن ڪان وڌيڪ ناهي. هن دور ۾ ايرندڙ هڪڙي اهم صورتحال ديبل (پراڻو باربيريڪان يا ڀنڀور) جو جلال الدين خوارزم شاهہ هٿان 1226ع ۾ سڙڻ هو. سڪندر جي تاريخ لکندڙن جنهن کي سڪندري بندرگاهہ ڪري سڏيو آهي اهو گهڻو ڪري هيءُ ئي هو. گهاري ڪاريءَ ۽ سنڌو درياءَ جي ڪلري ڇاڙهہ تي آباد هن وسنديءَ اٽڪل سورهن سو سالن تائين سنڌ جو سرواڻ سامونڊي بندرگاهہ ٿي ڪم ڪيو. درياءَ جي ڪلري ڇاڙهہ پڻ سٽت ئي پوءِ پنهنجو وهڪرو مٽائي وئي. نئون بندر سنڌو درياءَ جي بگهاڙ ڇاڙهہ تي ٺهيو ۽ لاڙي بندر نالو پيس. بگهاڙ ڇاڙهہ هڪ هنڌ جٽاءُ ڪري نہ بيٺي ۽ وهڪرا مٽائيندي رهي ۽ مٿس ٺهيل لاڙي بندر بہ ڪيترائي ڀيرا پنهنجي جاءِ مٽائي. لاڙي بندر سڏجندڙ ڪوڙ سارا ماڳ سچ پچ بہ سمورا لاڙي بندر ئي آهن، جيڪي تيرهين ڪان سترهين صديءَ جي وچ تي وسندا ۽ اجڙندا رهيا. اهڙي هڪڙي وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل ماڳ تي پورچوگيزن جو سورهين صديءَ ۾ اڏيل قلعو ۽ گرجا گهر آهن، جيڪي هاڻ کنڊر ٿي چڪا آهن.

ٻي جيڪا اهم صوتحال پيدا ٿي سا هئي هاڪڙي جو صفا سڪي وڃڻ ۽ انهي جي ڪري سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر (هاڻ هي ضلعو ٽن ضلعن ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ۾ ورهائجي ويو آهي) ضلعن ۾ ڪجهہ ايراضيءَ جو متاثر ٿيڻ، جتي گهڻو ڪري باقائدگيءَ سان نہ پر اٽڪل هڪ مهيني لاءِ ايندڙ سنڌوءَ ۽ ستلج جي اُٿل جي پاڻيءَ تي جُوَر ۽ ٻاجهريءَ جون پوکون ٿينديون هيون.


اندازي طور هن دور ۾ سنڌ مان پرڏيهہ ويندڙ زرعي شيون هيون: سُٽُ ۽ ان مان ٺهيل شيون، اوچ (ڪپڙو)، نِيرُ، آرينا، چانور، ڪنڊ ۽ آفيم. هنن منجهان گهڻي پاڳي شيون ايران ۽ عربستان موڪليون وينديون هيون، جتان اهي اڳتي ٻين ملڪن جي واٽ وٺنديون هيون.

هتان جا ماڻهو جور، مٽر، ماهيو ڪير ۽ مڇي واپرائيندا هئا، جيئن ابن بطوط 1333ع ۾ سنڌ ۾ هوندي ٻڌايو آهي. آفيم لاءِ پُست (ڪس ڪس) منجهر ڍنڍ جي چوڌاري ڪاهبي هئي.

”سڪار وارا ڏينهن“ اٽڪل 1180 يا 1200ع تائين هليا ۽ پوءِ سٽت ئي ٽڌو جُڳ شروع ٿي ويو، جنهن ۾ مينهن پوڻ گهٽجي ويا ۽ درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لاٿ آئي. هاڪڙي جي صفا سڪي وڃڻ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو موسمي ڦيرا هجن، جن جي ڪري هاڪڙي ۾ ايندڙ ستلج ۽ سنڌوءَ جي اُٿل جو پاڻي گهٽجي ويو. درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لاٿ اچڻ سبب سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ تمام گهڻ ڦيرا آيا، جيڪو هالا ۽ ڪوري ڪاريءَ جي وچ تي اڏيري لال ڪان نصرپور، شيخ پرڪيو، ماتلي، بدين، ڪيڻ ۽ لنواري وغيره اٽڪل پنجن صدين تائين جٽائي بيٺو رهيو. سوڪ آبهوا سومرن لاءِ 1250ع ڪان پوءِ يا دير ۾ دير 1300ع تائين ڏکيائيون پيدا ڪيون، ڇو تہ انهن ڏينهن ڌاري اها ڪني ڪان ڪني ٿيندي وئي. نتيجي طور 1333ع ڪان سٽت پوءِ سمن اتر سنڌ ۾ پنهنجا پير جمائي ورتا. 1351ع ڪان پوءِ نيٺ سمن، سومرن ڪان گادي ڦري ورتي. سومرن جون ٻنيون زوريءَ ڦٻائڻ لاءِ سمن انهن کي ڏکڻ ايشيا ۾ نيچ طبقو ليکجندڙ ڪاريگرن ۽ ڪاسبين وارا ڌنڌا ڪرڻ تي مجبور ڪري ڪين ڊکڻ، لوهر، ڪنير، حجم، سرون وجهڻ وارا، رازا ۽ رنگريز وغيره بڻائي ڇڏيائون. سندن ٻنيون ان ڪري زوريءَ ڦٻايائون تہ واهہ سموريون ٻنيون ريجائي نہ پئي سگهيا، جيئن سڪار وارن ڏينهن ۾ ريجايائون پئي. جڏهن بہ درياءَ ۾ ڪو وڏو ڦيرو ايندو هو تہ اهو واهن کي اجاڙي ڇڏيندو هو ۽ بغاوتون شروع ٿي وينديون هيون، حڪومت مٽجي ويندي هئي، سوپارا ٿيڻ وارا اپت جا بنيادي ذريعا جهڙوڪ ٻني ۽ پاڻي پنهنجي هٿ ڪري ونندا هئا ۽ هارائڻ وارن کي نيڪالي ڏئي ڇڏيندا هئا. سمن، سومرن سان ائين ڪيو ۽ ٽالپرن، ڪلهوڙن ۽ انهن جي ساٿارين سان ساڳيو ئي ڪم ڪيو.


هن جُڳ جي اوچ جون بہ اڳڙيون لڌيون آهن. انهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي گجرات جون آهن، پر انهن جون ڊزائنون سنڌ جي موجوده هلندڙ اوچ (خاص ڪري اجرڪ ۽ لُنگي) جي ڊزائنن سان تمام گهڻو ميل ڪائن ٿيون.

سنڌ ۾ ٿيندڙ فصلن ۾ اناج طور ڪٽڪ، چانور، تيلي ٻج، داليون، جور، ٻاجهري ۽ جَوَ ٿيندا هئا. ڪمند سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهہ تي هاٿوڪن دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڪاهبو هو. ميون ۾ انب، نارنگيون، ڄمون، ٻير (گول ۽ ڄگرا)، ادرڪ (سُنڊ)، ڪافور، زعفران، جِيرو، ڪنوار ٻوٽي ۽ ڪجهہ پنسارڪيون ٻوٽيون پوکبيون هيون. ڪجهہ ڀاڄيون پڻ ٿينديون هيون.




ٺڪر جي ٿانون جا سانچا

794. ٺڪر جي ٿانون جا سانچا اسلام ڪان اڳ جا سمجهيا وڃن ٿا، پر اهڙا ئي نمونا سومرن جي دور ۽ پوءِ جي چوڪين سرن ۾ بہ ڏسجن ٿا، تنهنڪري هن هنر جو سومرا دور سان ڳانڍاپو لڳي ٿو. (پاڪستان آرڪيالاجي نمبر 1، 1964).



نقشو نمبر 43
1236ع
ڏکڻ ايشيا اَلتَتمَش جي مرڻ مهل
منگولن جي خاني
خوارزم شاھ جي شاهي
ڪابل
غزني
قندار
پشاور
ملتان
لاهور
دهلي سلطنت
اجمير
تبت
فارسي سمنڊ
اتر
ڪاڇو
400 350 300 250 200 150 100 50 0 ميل
ڏسٽي
1. هندستان ۽ پاڪستان جا هاڻوڪا صوبائي دنگ
2. دهلي سلطنت جو دنگ
3. ٻيلي ملڪ
4. آزاد بادشاهيون
اوڙيسا
نقشو نمبر 44
1220ع
خوارزم شاھ جي شاهي
۽ منگولن جي ڪاهن جا سنه
نوٽ: سنڌ 1220ع ۾ دهلي سلطنت جو حصو نه هئي.
1206 خوارزم شاھ جو اختيار
چنگيز خان جون ڪاهون
هلاڪو خان جون ڪاهون

نقشو نمبر 45

ڪزنس جو ٺاهيل برهمڻ آباد_منصوره ۽ اوسي پاسي جو نقشو ۽ مختلف ماهرن پاران ڪيل سڃاڻپون




ڪزنس جو برهمڻ آباد - منصوره جو نقشو سندس ڏنل اصل نالن سان (1922) ۽ ايم. ايڇ. پنهور پاران اڏامندي ڇڪيل تصويرن آثار مٿان رکيل وڌيڪ ڦٽل ماڳ ۽ درياءَ جا وهڪرا




عاج مان ٺهيل شيون


795. پنيور مان لڌل عاج مان ٺهيل وٿون




نقشو نمبر 46
1239 - 1310ع
منگول سلطنتءِ ڏکڻ ايشيا
منگول ڪوئيٽا، ڊيرا اسماعيل خان ۽ پشاور وارن علائقن تي قبضو ڪري چڪا هئا. اُچ ۽ ملتان تي هر سال حملا پئي ڪيائون. دهلي سلطنت گهٽي پاڳي پنجاب ڇڏي چڪي هئي. ان سومرن کي آزاد ٿي وڃڻ جو وجهه ڏنو. 1239 کان 1297ع تائين، جڏهن وري علاءُ الدين کين زير ڪيو.
ڏسٽي
1. چنگيز خان جي مهنداريءَ ۾ مهمن جا گس
2. سندس وارثن جي مهمن جا گس
3. خان اعظم (قبلائي) جو دنگ
4. چغتائي خانيءَ جو دنگ
5. الخان جي سلطنت جو دنگ
6. گولڊن هورڊ جي خانيءَ جو دنگ
7. سنڌ جو دنگ
8. ٻارهين صديءَ جا شهر
9. آزاد ملڪ
مائينتائيز
گولڊن هورڊ جي خاني
چغتائي خاني
خان اعظم (قبلائي) جي سلطنت
الخان جي سلطنت
سُنگ سلطنت
دهلي سلطنت
هندو رياستون
بنگالي سامونڊي چُڪ
ڪمرجي بادشاهي
عربستان
عربي سمنڊ
هندي وڏو سمنڊ
ڪاسپي سمنڊ
ارال
برما
انام
اتر
ڪاڇو
ڪلوميٽر
جاوا تي ڪاهه
1292-93



نقشو نمبر 47
1315ع
ڏکڻ ايشيا
علاءُ الدين جي مرڻ مهل
نوٽ:
ڪا پڪ ناهي تہ ڪڇ مڪمل آزاد هو يا نالي ماتر. جيڪڏهن ڪڇ ٻيلي رياست ٿي ويو هو تہ گهڻو امڪان اهو آهي تہ اهي ڏَنُ نہ ڀريندا هوندا، ڇاڪاڻ تہ ملڪ بنهہ غريب هو، خاص ڪري رڻ ڪڇ جي پنڌين صديءَ ۾ سُڪي وڃڻ ڪان پوءِ.
آمون جا پاسا
چين
افغانستان
ڪشمير
تبت
نيپال
قندوز
ڪابل
غزني
پشاور
قندار
قلات
سبي
سري نگر
سيالڪوٽ
ڀيرا
لاهور
ڪانگڙا
جلنڌر
ملتان
پاڪ پتڻ
اُچ
حِصار
بِجنور
امروها
دهلي
بدايون
بکر
الور
سيوهڻ
جيسلمير
ناگور
مٿرا
آگرو
لکنؤ
اجمير
گواليار
ڪالپي
جؤنپور
پٽنا
گايا
راج محل
سونارگائون
نديا
چٽاگانگ
سومرا دهلي
سلطنت جا
ڏَن ڀرو
امرڪوٽ
ٿري
ديبل
آزاد
جلور
چتوڙ
آبو
پلسا
اُجين
ڌار
جبلپور
ڪئمبي
سومنات
ڊيو
دمن
نواسري
ٿاڻا
بمبئي
چؤل
پونا
دابول
يادو
ديوگيري
ڪاڪتيه
بيدار
ورنگال
گلبرگا
راجامندري
رائيچور
گوئا
وجيہ نگر
ڪامپيل
ڪيليڪٽ
تنجور
مدرا
آزاد
اُڙيسا
فارسي سمنڊ
بنگالي سامونڊي چيڪ
هندي وڏو سمنڊ
سيلون
اتر
ڪاڇو
ڪلوميٽر 500 400 300 200 100 0 100
ڏسٽي
1. علاءُ الدين جي بادشاهي (گڏايل رياستون)
2. درياءَ
3. شهر
4. بين الاقوامي دنگ
5. جنگبندي سنڌو (1948)
6. هاڻوڪا صوبائي دنگ
7. نالي ماتر آزاد ڏَن ڀرُو رياستون
796. علاءُ الدين جي تلوار



نقشو نمبر 48
1333ع
ابن بطوط جا گَسَ
جٽاٽي، سيوهڻ ۽ لاڙي (لاهري)
بندر ڏانهن ۽ اتان تي
ملتان ۽ دهليءَ ڏانهن
1 سنڌ جو هاڻوڪو دنگ
2 سنڌوءَ جو هاڻوڪو وهڪرو
3 سنڌوءَ جو پراڻو وهڪرو 1333ع ۾
4 سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه ۽ هاڪڙو درياءُ
5 ابن بطوط جا گَسَ
6 نوان شهر — حيدرآباد
7 پراڻا شهر 1333ع ۾ موجود
نوٽ:
سنڌ اچڻ لاءِ سندس گَسُ هو: ڪيسپيئن سمنڊ جي اتر ۾ السارا، خوارزم، الڪات، بخارا، ثمرقند، ڪِش، تِرمِذ، بلخ، قُندُوز، اَندراب، غزنا، گومل لَڪ، فورٽ سَنڊيمَن، ميڪتار، بارڪان، ڊيرا بگٽي، ٿُل تعلقو.
اتان اڳتي جٽاٽي، سيوهڻ، نصرپور ۽ لاڙي بندر.
سنڌ مان موٽڻ جو گَسُ هئس: لاڙي، نصرپور، درٻيلو، بکر، اُچ، ملتان، اجوڌان، ابُوهَر، سَرستي، هانسي ۽ دهلي.
ڊيرا اسماعيل خان
فورٽ سَنڊيمَن
جھنگ
اوڪاڙو
خانيوال
ملتان
ميڪتار
ڊيرا غازي خان
شال ڪوئيٽا
مستونگ
سبي
بارڪان
ڪاهان
ڊيرا بگٽي
قلات
بهاولپور
اُچ
رحيميارخان
جيڪب آباد
اٻاوڙو
ماٿيلو
بکر
روهڙي
لاڙڪاڻو
جٽاٽي
پيرلو
درٻيلو
دادو
ٿُل مير رُڪَڻ (ڪنڊر)
سيوهڻ
منڇر ڍنڍ
منصوره (ڪنڊر)
ميرپورخاص
نصرپور
حيدرآباد
امرڪوٽ
ٽري (ڪنڊر)
ڇاڇرو
ڪلري ڍنڍ
ڪراچي
ديبل (ڪنڊر)
جُوڻ
مٺي
ويراواهه
لاڙي بندر
شاهه ڪپور (ڪنڊر)
رهمڪي بازار
نگرپارڪر
ڪڇ جا ڇاڙيڇا سما
اتر
67
68
69
70
71
72
73
31
30
29
28
27
26
25
24
ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل


نقشو نمبر 49
1351ع
ڏکڻ ايشيا
محمد تُغلق جي مرڻ مهل
نوٽ:
سومرا حقيقت ۾ جام انڙ پاران 1333ع ۾ بغاوت ڪرڻ ۽ سيوهڻ تي قبضو ڪرڻ ڪانوئي آزاد هئا. 1348ع تائين اهي مڪمل آزاد ٿي چڪا هئا ۽ محمد تُغلق کي کين مات ڪرڻ لاءِ مٿن ڪاهه ڪرڻي پئي، جيڪا سوڍا وٽ سندس مري پوڻ ڪري ناڪام ٿي. اڳلا 17 سال سنڌ سمن جي حاڪميءَ هيٺ آزاد رهي ۽ اهي رکي رکي دهلي سلطنت جي علائقن تي حملا ڪندا رهيا.
آمون جا پاسا
چين
افغانستان
ڪشمير
تبت
ترهٽ
ڪابل
غزني
پشاور
قنڌار
سري نگر
سيالڪوٽ
پيرا
ڪانگڙا
لاهور
جلنڌر
پاڪپتن
ملتان
سبي
قلات
اُچ
حصار
دهلي
امروها
بدايون
مٿرا
آگرو
لکنؤ
روهڙي
بکر
سيوهڻ
سومرا
جيسلمير
ناگور
مرٿا
اجمير
آزاد
گواليار
ڪلپي
جونپور
پٽنا
گايا
راج محل
بنگال
سونارگائون
نديا
چٽاگانگ
ديبل
نري
امرڪوٽ
جلور
چتوڙ
آبو
تغلق سلطنت
پلسا
اُجين
جبلپور
دار
ڪئمبي
سورٺ
سومنات
ديُو
نواسري
دمن
اڙيسا
بهمني بادشاهي
(1347)
ٿانا
بمبئي
چوؘل
پُونا
داڀول
بيدار
ورنگال
گلبرگا
راجامندري
رائيچور
گوئا
وجيه نگر
وجيه نگر سلطنت
(1336)
ڪامپيل
ڪيليڪٽ
مالابار
(1335)
تنجور
مدُرا
سيلون
عربي سمنڊ
بنگالي سامونڊي ڇُٽ
هندي وڏو سمنڊ
اتر
ڪاڇو
ڪلوميٽر
500 400 300 200 100 0 100
ڏسٽي
1. هاٺوڪا بين الاقوامي دنگ
2. هاٺوڪا صوبائي دنگ
3. تُغلق سلطنت جو دنگ
4. آزاد علائقا
5. 1351ع ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو
6. 1351ع ۾ موجود شهر
65
70
75
80
85
90
35
30
25
20
15
10

بيلاسِس ۽ ڪزنس ڪي برهمڻ آباد-منصوره مان 1854 ۾ ڪيل کوٽاين ۾ لڌل ٺڪر جا ٿانوَ.
پوءِ وارن سومرن (1011-1351) ۽ سمن (1351-1525) جي دورن وارن ٿانون تي ساڳيا نمونا ۽ ڊزائنون ڏسجن ٿا.


797


798


799


800


801


802


803


804


805


806


807


808


809


810



811

797. پاڻيءَ جو جڳ، سوڙهي پيٽ ۽ ڪڙي سان.
798. کپو يا جڳ.
799. کپو.
800. کپو يا جڳ.
801. ٻن ڪڙن سان سھڻا چِٽ رنگيل چڙنري، چٽ سنڌو ثقافت ٿانون سان ملن ٿا.
802. دَڪي، ڪنگري يا ٽيو.
803. کپو.
804. ٻن ڪڙن واري هنڊي.
805. ٽِن وارو مٽ.
806. سوڙهي ڳچيءَ واري گهڙي، مٽي ٽَنگڻ لاءِ.
807. ڍڪڻي.
808. سوڙهي مُنهن واري ڪُنڙي.
809. مٽاڻ لاءِ وٽڙي.
810. شراب لاءِ ڪپڙو.
811. ڏيئو.

سمورا خاڪا ڪزنس جي ويسٽرن سرڪل وارين اصل رپورٽن تان ورتل آهن. بيلاسس جون برهمڻ آباد جي کوٽائيءَ جي ڊرائنگن جون 23 شيٽون برٽش انڊيا آفيس لائبريري، لنڊن، ۾ رکيل، اسان ڪي هن ڪتاب ۾ ڇاپڻ لاءِ ملي نہ سگھيون.



812


813


814


815


816


817


818

812. سهڻي ڪوريل چوڪي سر. ڪنارين تي گل جي شڪل جو گول نمونو ٺپيل اٿس ۽ چاقوءَ يا ٽڪنڊي ڦر واري ڪنهن تکي اوزار، جهڙو چپرائين لکت ۾ ڪم ايندو آهي، سان ٽڪنڊڻ چُڳهن جون ٻه قطارون ڪوريل اٿس. (لاڙ ميوزيم).

813. ڪارب وڏل چوڪي سر. ڊزائن ڪنن جي زيورن وارين ڊزائنن سان ملي ٿي. مٿس نمونا هندستان جي پيلو دور جي ڳهن جي ڊزائنن سان ملن ٿا (لاڙ ميوزيم).

814. ڪارب وڏل سهڻي ڊزائن واري چوڪي سر. سانچا ساڳي سائيز جا ناهن. مٿس ٻن قسمن جون ڊزائنون آهن. ٻاهرين ڊزائن ۾ ٽي گول آهن، هر گول ۾ گولاوان چاٽا يا مٽيا 1، 6 ۽ 12 جي ترتيب سان آهن. ٻي ڊزائن ۾ پڻ ٽي گول آهن؛ وچ تي گول گل، ٻيو گول هيٺ دٻيل ۽ ٽيون گول چوڌاري ڦريل ننڍڙا گولاوان چاٽا يا مٽيا. سر جي ڪنارين تي چاقوءَ سان ڪوري ٽڪنڊيون ڳُڏيون ٺاهيل آهن. (لاڙ ميوزيم).

815. ڪارب وڏل چوڪي سر. (لاڙ ميوزيم).

816. ڏاڍي سهڻي ڪارب وڏل چوڪي سر. ڊزائن ٽن وڏن گولن واري سمجهي سگهجي ٿي؛ اندريون ۽ ٻاهريون هيٺ پيٺل ۽ وچون مٿي اڀريل. ٻاهرئين گول ۾ ان دور ۾ ڪنن ۽ نڪ جي زيورن ۾ عام هلندڙ مٽين جي شڪل جي ڊزائن آهي. گولن کي مستطيل اڀريل ڪناري ڏنل آهي ۽ ڪنارين جي وچ واري وِٿي ڀرڻ لاءِ ڏنل ٻه گول هيٺ پيٺل آهن، جن جي وچ تي ننڍڙو چُڳهه ڏئي اک جي شڪل ٺاهيل آهي. اڀريل ڪناريءَ ۾ تکي اوزار سان لاڳيتا مڏيڙا ڪوريل آهن. وڏ ۾ وڏ ڊيگهه 9.3 س.م، ويڪر 6.9 س. م، ٿولهه 2.8 س. م، ڊزائن جي اونهائي 1.2 س. م. (سنڌ ميوزيم).


817. پيٺل مڏيڙن ۽ چوڪڙين واري ڪوريل چوڪي سر. (لاڙ ميوزيم).

818. ڪارب وڏل سهڻي چوڪي سر، سچ نموني ٺالهيءَ سان، جنهن تي مٽين جا ٻه گول آهن؛ اندرئين گول ۾ 6 مٽيا ۽ ٻاهرئين گول ۾ 18 مٽيا آهن. مٽين کي اڀريل ڳِرنهون ڏئي محفوظ بڻايو ويو آهي. ٺالهيون ٽڙن ۽ پنن سان ڳنڍيل آهن. پنن ۾ پڻ مٽين جون چار قطارون آهن. هيءَ ڊزائن سنڌي اجرڪ تي ٺاهي وئي آهي. (سنڌ ميوزيم).

سومرا دور جون هنري شاهڪار چوڪيون ۽ ٻيون سرون




819



820



821



822


819. ڪارب وڏل چوڪي سر تي گلڪاريءَ جا چار نمونا بلڪل درست ڪيل آهن. گهڻو ڪري پٿر جي سانچي سان. انتهائي درست ڊزائن آهي ۽ ڪنهن ماهر ڪاريگر ڪئي آهي. سٺا جاميٽريائي اوزار ڪم آڻي، جهڙا جديد انجنيئرن ارڙهينءَ ڪان ويهين صدين ۾ ڪم آندا. ڊيگهه 23.5 س. م، ويڪر 15.25 س. م، ٿولهه 4.25 س. م. (سنڌ ميوزيم).
820. ٽڪنڊا، چوڪڙيون ۽ مڏيئڙا ڪوريل چوڪي سر. ٽڪنڊا ۽ چوڪڙيون چاقوءَ سان ڪوريل آهن ۽ هڪجهڙي سائيز جا ناهن ۽ ٽري وارو پاڳو ڪهرو آهي. ٿولهه 3-4 س.م، وڌ ۾ وڌ ڊيگهه 18.4 س. م، وڌ ۾ وڌ ويڪر 9.1 س. م. (سنڌ ميوزيم).
821. ڪارب وڏل چوڪي سر. هن سر تي گل جي ائن پتڙين واري ڊزائن ٺهيل آهي. گل ڪنڊ سان ڪنڊ ملائي مستطيل بيهڪ ۾ پنجن قطارن ۾ رکيا ويا آهن ۽ هر هڪ قطار ۾ 1، 3، 4، 3 ۽ 1 گل رکيل آهن، پر مستطيلن جي وچ واري وِٿي هڪجيتري ناهي. گلن ڪي نزاڪت سان اٺ پتڙيون ڏينون ويون آهن ۽ سيني جي سائيز ساڳي آهي. ڊيگهه 25.4 س. م، ويڪر 18.4 س. م، ٿولهه 4.25 س.م. (سنڌ ميوزيم).
822. سهڻي ڪارب وڏل چوڪي سر اندرين يا ٻاهرين سونهن لاءِ. هن تي ٻہ نمونا آهن: هڪڙو ايريل ۽ ٻيو بہ ايريل پر انهي ۾ ڇهن پتڙين وارو پيٺل گل آهي. (سنڌ ميوزيم).

سومرا دور جون هنري شاهڪار چوڪيون ۽ ٻيون سرون

سنڌ ۾ ڪارب وڏل ٺپيل ۽ ڪوريل چوڪين ۽ ٻين سرن جي شروعات گهڻو اڳاٽن جُڳن ۾ ٿي. چاقوءَ سان ڪوريل سرون موهنجي دڙي تان لڌيون آهن ۽ اهڙي قسم جون چوڪيون ۽ ٻيون سرون ڪاهو جي دڙي ۽ سڌيرڻ جي دڙي جي ٻوڌي ٿُلن تان ڪوٺي ڪڍيون ويون آهن. ڪورڻ جو ڪم تڏهن ڪيو ويندو هو جڏهن سر اڃا آلي هوندي هئي. ڪم ڏاڍو نازڪ، ڏانءَ وارو ۽ وقت وٺندڙ هوندو هو. هاڻ اهو ڪو نہ ٿو ٿئي، ڪارڻ آهي دهلي سلطنت ۽ مغلن جي اڏاوتي ڏانءَ جي طريقن جو تمام گهڻو اثر، جيڪي وري پاڻ بہ ايران ۽ وچ ايشيا جو نقل هئا. ڪارب وڏل چوڪين سرن تي ڊزائنون آهن، جيڪي پاڙيسري ملڪن جي ڪن ۽ نڪ جي ڳهن جو نقل هيون ۽ ڪجھ ڊزائنن جون تصويرون هڪجهڙائپ ڏيکارڻ لاءِ ڏنيون ويون آهن. ڪارب وڏل چوڪين سرن تي گلڪاريءَ جون ڪيتريون ئي ڊزائنون ڇهين صديءَ تائين جون اڳاٽيون هيون ۽ هي هنر سورهين صديءَ جي اڳياڙيءَ تائين هليو. تصوير نمبر 812 کان 827 هن دور جون چوڪيون سرون آهن.



823




824



825



826



827

823. ڪارب وڏل چوڪي سر گهڻو ڪري مذهبي مقصدن لاءِ مسجدن ۽ قبرن ۾ ڪم ايندڙ. هن تي گلڪاريءَ جو تمام سهڻو نمونو آهي ۽ پاسي سان رکيل تصوير تفصيل ٻڌائي ٿي. 8 پنڙين وارو گل ڏکڻ ايشيائي نيلوفر ناهي. وَڻِ سان ٻيا گول الڳ الڳ ڊزائنن وارن اندرين ۽ ٻاهرين گولن ۾ ورهايل آهن. تمام وڏي ڏانءَ واري ڪاريگري آهي ۽ ڪاٺ جي ڪارب جي مٿاڇري تي پڪ سان ڌاتوءَ جا سانچا جڙيل هوندا يا ٿي سگهي ٿو سر وجهڻ واري ڪالن کي هيٺان تري ۾ ڏيڻ واري پٽر تي ڊزائن ڪوريل هجي. ويڪر 18.03 س. م، اوچائي 25.4 س. م، ڊيگھ ڪلهن تائين 20.3 س. م، ٿولهہ 8.2 س. م. (سنڌ ميوزيم).

824. سومرا دور جي چوڪي سر، سڄي ڪيل. هيءَ چوڪي سر 823 جي ڪاريگريءَ جو اعليٰ معيار ڏيکارڻ لاءِ ليڪڪ پاران ٺاهيل ڊرائنگ آهي. (ايم. ايڇ. پنهور).

825. ڪارب وڏل چوڪي سر يا ڪَپن واري چوڪي سر. هن تي هڪڙي پاسي سانچي سان ٺپيل گل آهن ۽ ٻئي پاسي چاقوءَ سان ڪوريل نمونا. ڪنارين تي چاقوءَ سان ڏندا ڪوري ٽڪنڊيون گڏيون ٺاهيون ويون آهن. گل ڏار ڪري ڏيکاريا ويا آهن. (لاڙ ميوزيم).

826. ڪارب وڏل سر خاص گهرن، قبرن ۽ مسجدن جي اولي جي سونهن لاءِ ٺاهيل. (لاڙ ميوزيم).

827. سومرا دور جي چوڪي سر، ليڪڪ پاران سڄي ڪيل. چورس سر تي پنن ۽ گلن جون چار ڊزائنون سانچي سان برابر برابر پندرهن قطارن ۾ ٺپيل آهن. قطارن کي ڌار ڪرڻ لاءِ چار چوڪڙيون تکي اوزار سان هٿ سان ڪڍيون ويون آهن. وچ تي گول گل الڳ الڳ سائيزن جي سورهن پنن تي ترتيب سان رکيا ويا آهن. ڪاريگري شاندار ڪوالٽيءَ واري آهي. اصل سر سنڌ ميوزيم ۾ آهي. (ايم. ايڇ. پنهور).

هڙرادو سوجهرو

اونده ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ سوجهري جي ګهرج پوندي آهي. ماڻهو وچولي پلائيسٽوسين جُڳ کان وٺي ڪاٺ ۽ سٽ جي باهه ڪي سوجهرو ڪرڻ سميت مختلف مقصدن لاءِ ڪم آڻيندو رهيو آهي. نيوليٿڪ (زرعي) جُڳ جي شروع ٿيڻ ۽ ڪاهرو تيل جي پيداوار کان پوءِ نڪر جا تيل ٻاريندڙ وٽِ وارا ڏيئا عام ٿيا. اهي ئي نمونا ۾ ڊزائنون، جيڪي ڪوٽ ڏيجي ۽ موهنجي دڙي ۾ هلندا هئا، اڄ تائين نهندا پيا اچن. خاص موقعن ۽ ڏڻن تي گهڻين وَٽين وارا ڏيئا اڄا تائين استعمال ٿين ٿا. هڪڙو 5-وَٽئو ڏيئو (ڏياٽي) ڪوٽ ڏيجيءَ مان لڌو هو ۽ اهڙو ئي 4-وَٽئو ڏيئو سومرا دور جو بہ آهي.



831



830




829




828



835



834




833



832



836



837

828. شاهہ ڪپور تان لڌل ننڍڙو سهڻو گهڙيل ڏيئو. اهڙي قسم جا ڏيئا اڄڪلهہ ڪجهہ مٿل ماڻهن جا مريد ڪم آڻن ٿا، جن جي مزارن تي عقيدت طور اهي ڏيئا ٻارن ٿا، ٿورڙو تيل وجهي، جيئن ڪلاڪ ڪن يا اڃا بہ گهٽ مس هلن. (عمر سومرو).

829. 4-وَٽي ڏياٽي، تري ۾ هيٺان ڳن وجهڻ لاءِ نهيل ڪَپ سان، جيئن انهي کي هيڏي هوڏي کڻي وڃي سگهجي. (لاڙ ميوزيم).

830. ڏاتوءَ جو پيرن وارو ڏيئو. (ڀنڀور ميوزيم).

831. ساڳيو 830 جهڙو ٻئي نموني جي پيرن سان. (ڀنڀور ميوزيم).

832. 4-وَٽي ڏياٽي، تري ۾ ڳن يا ڪليءَ لاءِ ننڍڙي ڪَپ سان. (لاڙ ميوزيم).

833. 832 سُبَتي.

834. 5-وَٽي ڏياٽي، ڪوٽ ڏيجيءَ (3000 ق.م) مان لڌل، تري ۾ هيٺان ڳن يا ڪلي وجهي کڻي هلڻ يا ڪوڙڻ لاءِ نهيل ڪَپ سان. هي رواج اڃا تائين هلي پيو. (سنڌ ميوزيم).

835. نڪر جو ڏيئو. گهير 2.5 س.م، اوچائي 3.5 س. م. (سنڌالاجي ميوزيم).

836. گاربو بتي، وڏن وڏن ڪانچن واري هڪ سهڻي گهڙي. اهڙيون ئي گهڙيون گجراتي گاربو ناچ ۾ استعمال ٿينديون هيون، جن ۾ اندران ڏيئا يا اگر ٻرندا رهندا هئا ۽ انهن جو سوجهرو ٽمڪندو ڪانچن مان ٻاهر پوندو رهندو هو. مايون اهي مٿن تي کڻي ۽ ناچ ڪنديون هيون. اوچائي 8.8 س. م، وڌ ۾ وڌ گهير وچ وٽ 7.85 س. م، منهن وٽ گهير 4.4 س. م. موهنجي دڙي مان لڌل ڪجهہ ڇيهيل ٿانوَ، جن کي هيٺ يا سگريون ڇيو وجي ٿو، ٿي سگهي ٿو ڏيئن مٿان ڇانورو ڪرڻ لاءِ ڏجندڙ ڍڪ هجن. (مارشل 1931، پليٽ LXXXIV، 13، ميڪي 1938، پليٽ LXII، 32 ۽ پليٽ LXVII، 13) جيئن تصوير نمبر 5، 6، ۽ 7 ۾ ڏيکاريل آهن. اهي گاربو ناچ لاءِ ڪم نہ ايندا هوندا ڇو تہ انهن جي ترن ۾ بہ ڇيهہ هئا. ڇيهيل ننڍڙا ٿانوَ پڻ آهن ۽ اهي ڏيئن مٿان ڇانورن جو ڪم نہ ڏيندا هوندا. (مارشل 1931، پليٽ LXXXIV ۽ ميڪي 1939، پليٽ LXII). هڪڙو ٿانءُ (ميڪي 1938، پليٽ LXVII) جيئن تصوير نمبر 6 ۾ ڏيکاريل آهي، ويڪري مُنهن سان آهي ۽ ڏيئي جي مٿان ڏئي سگهجي ٿو. (سنڌ ميوزيم).


837. 8-وَٽئو پتل جو ڏيئو، ڇت ۾ يا ڪنهن گهوڙيءَ يا منجيءَ ۾ ٽنگڻ لاءِ تار ٻڌڻ لاءِ پتل جي ٻونبڙيءَ سان. وڌ ۾ وڌ ويڪر 9.4 س. م، اوچائي 9.4 س. م، گهير 7.35 س. م، تري وٽ گهير 4.0 س. م. (سنڌ ميوزيم).

باب پنجويهون

سمن جي راڄ ۾ ريجاڻي
(1351_1522ع)

سمن، سومرن کان 1351/52ع ۾ راڄ ڦريو. هي گهڻ آباديو قبيلو هو. سنڌن پهرئين راڄ ڌڻي ڄام انڙ، جيڪو دهلي سلطنت جو عملدار هو، 1335ع ۾ سيوهڻ جي گورنر کي ماري، خزانو ڦريو ۽ سزا کان بچڻ لاءِ پنهنجي ذات وارن وٽ وڃي پناهه ورتائين. انهي همير (دودو) سومري کي هڪ ٿي ويڙهه ۾ شڪست ڏني ۽ 1351ع ۾ پنهنجو راڄ قائم ڪيو. سنڌن راڄ راڻن جي سن وار ترتيب هن ريت آهي:

نمبر	راڄ ڌڻيءَ جو نالو	راڄ جو عرصو
.1	ڄام انڙ (1351 تائين سومرن جي پاڇي هيٺ)	1333 - 1352ع
.2	ڄام جُوڻو - پهريون	1352 - 1368ع
.3	ڄام ٻانڀيو (جُوڻي سان گڏ)	1352 - 1368ع
.4	ڄام تماچي (توگاچيءَ سان گڏ)	1368 - 1370ع
.5	ڄام جُوڻو - پهريون (ٻيهر)	1371 - 1388/89ع
.6	ڄام تماچي (ٻيهر)	1389 - 1392ع
.7	صلاح الدين	ٿورو عرصو
.8	ڄام نظام الدين - پهريون	1392 - 1404/05ع
.9	ڄام علي شير	1404/05 - 1406/07ع
.10	ڄام تماچيءَ جو پٽ	1406/07 - 1412/13ع
.11	ڪَرَڻ	1412 - 1413ع
.12	صدرالدين	ٿورو عرصو
.13	ڄام سڪندر	1412/13ع
.14	فتح خان	1412/13 - 1428ع
.15	تغلق (اُڪر)	1428 - 1453ع
.16	مبارڪ	1453ع
.17	سڪندر - ٻيون	1453 - 1454ع
.18	سنجر	ٿورو عرصو
.19	رائيڌڻ	1454 - 1461ع
.20	ڄام نندو (ڄام نظام الدين - ٻيون)	1461 - 1508ع
.21	فيروز	1508 - 1522ع


نقشو نمبر 50
1365 - 1368ع
فيروز تغلق جون سنڌ تي ڪاهون ۽ ورتل گس
ڪڏهن ڇا ٿيو
1. 1364ع سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جو فيصلو.
2. 1365ع 90,000 گهوڙا ۽ سپاهي دهليءَ مان ۽ 5,000 ٻيڙيون ملتان اُچ ۽ بکر مان گڏ ڪرڻ.
3. 1364ع اونهارو ٺٽي تي چڙهائي.
4. 1365ع آڪٽوبر سمن جي لشڪر هٿان 5000 ٻيڙين جي تباهي ۽ شاهي لشڪر جي شڪست.
5. 1365ع آڪٽوبر - مارچ 1366ع فيروز شاهه جو گجرات ڏانهن موٽي وڃڻ.
6. 1366ع مارچ - سيپٽمبر 1367 ٺٽي تي ٻين چڙهائيءَ جي تياري.
7. 1367ع آڪٽوبر - نومبر فيروز شاهه جو اپرندي سنڌ رستي سنڌوءَ جي ڪابي ڪنڌيءَ ڏانهن وڌڻ.
8. 1367ع نومبر عمادالملڪ ۽ ظفر خان لوڌي درياءَ ٽپيا پر سمن هٿان شڪست کاڌائون.
9. 1368ع عمادالملڪ دهليءَ مان ٽين ڪاهه لاءِ نئون لشڪر گڏ ڪيو.
10. 1368ع آخري ويڙهه ۽ سمن جو مخدوم جهانيا اُچ واري جي وچ تي پوڻ ڪري هٿيار ڦٽا ڪرڻ.
اتر
ٻيڙيون گڏ ڪيون ويون
ٻيڙيون گڏ ڪيون ويون
ٻيڙيون گڏ ڪيون ويون
5000 ٻيڙين جو گس
ٺٽي کان 20 ميل پنڌ تي سنڌي ۽ ڪڇي ساموندي ملاحن هٿان بحري آرماڙ جي تباهي
هٿيار ڦٽا ڪرڻ 1368ع جي بهاري
گجرات ڏانهن موٽي وڃڻ آڪٽوبر 1365ع - مارچ 1366ع
90,000 گهوڙيسوارن ۽ لشڪر جو گس 1365ع اونهارو - سرءُ
عمادالملڪ جي مهنداريءَ ۾ ٽين ڪاهه جو گس 1368ع اونهارو - سرءُ
ٻئين شاهي لشڪر کي شڪست نومبر 1367ع
ٻين ڪاهه جو گس آڪٽوبر - نومبر 1367ع
ٻين ڪاهه لاءِ تياري مارچ 1366ع - آڪٽوبر 1367ع
غزني
ڪوهاٽ
اٽڪ
راولپنڊي
بنون
جهلم
ڊي.آئي.خان
جھنگ
لاهور
امرتسر
هوشيارپور
جلنڌر
بلاسپور
فيروزپور
لڌيانا
رپڙ
لورالائي
پاڪپٽڻ
ملتان
نابا
پٽيالا
انبالا
ڊي.جي.خان
شجاع آباد
سهارنپور
والستان
ڪرنال
بهاولپور
اُچ
پاٽيپت
مٺڻ ڪوٽ
حصار
هانسي
دهلي
چرو
ماٿيلو
بکر
روهڙي
ڪوٽ ڏيجي
گهوٽاڙو
شاهگڙهه
سڪر
ڪنڌيارو
تجل
جيسلمير
پوڪرڻ
جئپور
سيوهڻ
اجمير
جوڌپور
ٽونڪ
بيواڙ
هالا
نصرپور
نيرون
ڍگهڙي
عمرڪوٽ
ٻوندي
ڪراچي
جهرڪ
جهمپير
ٺٽو
ٻڀور
نئون ڪوٽ
مٺي
سجاول
بدين
ڏيپلو
اُديپور
شاهبندر
نگرپارڪر
مندسور
راڄگڙهه
پٽڻ
جاکن
ڀڄ
ڪنٿڪوٽ
احمدآباد
رتلام
ڀوپال
موروي
اُجين
گوڌرا
ڏوهاڙ
نڊياڙ
اندور
هوشنگ آباد
جام نگر
ميهائو
راجڪوٽ
ڪنڊوا
گوندل
ٻڙودا
ڌوراجي
ڀاونگر
ڀروچ
گانيساگون
ممبئي
ڪاڇو
ڪلوميٽر 200 150 100 50 0 50
ڏسٽي
1. چوڏهين صديءَ جا شهر
2. چوڏهين صديءَ ۾ دريائي وهڪرا
3. هاڻوڪا دريائي وهڪرا
4. لشڪر ۽ گهوڙيسوار دستي پاران چڙهائيءَ جو گس
5. شاهي ٻيڙي جو گس
6. سنڌ جو هاڻوڪو (صوبائي) دنگ
7. هاڻوڪو بين الاقوامي دنگ
8. هاڻوڪا شهر
ڪراچي

سندن راڄ هلندي پورچوگيزن 1498ع ۾ ڏکڻ هندستان ڏانهن سامونڊي گس ڳولي لڌو ۽ اڳلي صديءَ تائين دنيا جي سمورن سمنڊن جا سائين بڻجي ويا. پورچوگالي، ڏکڻ ايشيا جي سمورن بندرن تي سيني کي سمجهه ۾ ايندڙ ٻولي بڻجي وئي. ساڍن ڏيڍ سو سالن کان مٿي هلندڙ لاڳاپن سبب ڪيترائي پورچوگالي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ويا.


وچٿري آبهوا (1300_1525ع) ۽ سمن جو راڄ

سمن جي ڏينهن (1333-1522ع) ۾ آبهوا پلي ڪٽي سوڪ هئي، پر بلڪل ڪنور سوڪهڙي واري نه هئي. جيئوٽيڪ پوکيءَ هيٺ ايراضي گهٽجي چڪي هئي ۽ ساڳيو حال آباديءَ جو به ٿي چڪو هو، پر صورتحال اهڙي اُگري نه هئي جهڙي جهُڪر، جهانگار يا عربن جي گورنرن جي ڏينهن ۾ هئي، تنهڪري اهي مالڪي سنڀالڻ تي حالتون سڌاري ۽ وڳوڙ ٽاري سگهيا.

سمن جي ڏينهن ۾ آبهوا وچٿري (نه گهٽي ڪوسي نه گهٽي ٿڌي) هئي، مينهن وچترا ٿي پيا، درياءَ ۾ پاڻي پڻ وچٿرو ٿي آيو ۽ درياءَ پنهنجي وهڪري ۾ ڪا ڦيرقار نه آندي. ٿلهي ليکي حالتون عام رواجي هيون. موسمي حالتون سڄي دنيا ۾ بنا ڪنهن ڦيرقار جي هلنديون رهيون. دهلي سلطنت جي حالت تغلقن جي دور ۾ بگڙي چڪي هئي، ڪارڻ هو چوڏهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ ايندڙ سوڪهڙو - اهو دور جنهن سومرن جو زوال پڻ آندو هو. وچ ايشيا ۾ پوري تيرهين صدي هلندڙ سوڪهڙي واريون حالتون، جيڪي منگولن جي ڪاهن جو ڪارڻ بڻيون هيون ۽ عباسي خلافت جو انت آندو هئائون. نيٺ چوڏهين صديءَ ۾ سموري وچ ايشيا ۾ ننڍيون ننڍيون منگول رياستون ٺهي وڃڻ جو ڪارڻ بڻيون هيون ۽ اهي پاڻ ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين تي وڙهندا رهيا هئا ۽ هڪٻئي وچ ۾ دشمنين ۾ ڦاٿل رهيا هئا. نه ڏکڻ ايشيا ۾ ۽ نه ئي وچ ايشيا ۾ ڪا ڏاڍي طاقت بچي هئي جيڪا سنڌ تي قبضو ڪري، تنهنڪري پندرهين صدي امن سڪون وارو دور هو.

سومرن جي دور وانگر هن دور دوران به ريجاڻي نظام جو سڌو ثبوت اڻلڀ آهي، پر موجود ڪوڙ ساري اڻسڌي مواد مان سٺي بندوبست سان هلندڙ ريجاڻي نظام پڌرو ٿئي ٿو، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سندن راڄ جي هڪ سو ٻاهتر سالن دوران سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڪو ڦيرو نه آيو. رڳو هڪڙو ڦيرو آيو، سو اهو هو ته سنڌوءَ هاٿوڪي دادو ضلعي ۾ هاٿوڪي راڌڻ ريلوي اسٽيشن جي سامهون الهندي پاسي هڪ منگلي ڇڏي، جيڪا وڪڙ ڪائي بوبڪن جي سامهون ٿلٽيءَ جي ڏکڻ ۾ وري درياءَ ۾ اچي پيئي. انهي زماني وارو اترين دادو ضلعو هنن وهڪرن تي بلڪل پَڌي سگهيو پيئي: الهندي چاڙهه، اوپر پاسي پاڻ درياءُ ۽ وچ تي منگلي. هن واهيءَ جون نشانيون هاڻ ماها، سُتيارو، جاڪپري، پير گهٽيو، ٿلٽي ۽ ڪيترين ئي ٻين ننڍين ننڍين ڍنڍن جي لاني جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن باغبان کي هڪ اهم شهر ۽ سيوهڻ سرڪار کي سڄي سنڌ ۾ سڀ کان سڪيو ستابو علائقو بڻائي ڇڏيو. نقشي تي اِڪ ڦيرائڻ سان هن سرڪار ۾ تمام گهاٽا گهاٽا شهر ڏسڻ ۾ ايندا. انهي دور جا اهم ماڻهو جهڙوڪ دريا خان (مبارڪ خان) مخدوم بلاول ۽ مبارڪ (ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو پيءُ) هن علائقي ۾ رهندا هئا. هن علائقي جي ريجاڻي زراعت جي زرخيزيءَ ارغونن کي ڪاهي اچڻ، فتح ڪرڻ ۽ اتي ئي وسي وڃڻ لاءِ هرکايو. انهن هن علائقي جي دل شهر باغبان تي حملو ڪيو ۽ انهي کي ڦريو لٽيو. ارغونن کي وڌ ۾ وڌ مهاڏو به هن علائقي ڏنو. انهي دور جا مختلف واهه، جن جو احوال پنجن ڪتابن ترخان نامي، طاهري، مظهر شاهجهاني، معصومي ۽ بيگلارنامي ۾ ملي ٿو، سي آهن:

- مير ابڙو، چانڊڪا پرڳڻي (لاڙڪاڻو ضلعو) جو هڪ وڏو واهه هو. اهو ابڙن کوٽايو هو ۽ هڪ وڏي ايراضيءَ کي پاڻي پهچائيندو هو. ٿي سگهي ٿو اهو گهاڙ واهه هجي يا انهي کان اڳ جو ڪو واهه. مظهر شاهجهانيءَ مطابق اهو ڏاڍي ڀلي بندوبست سان پٽي هليو.
- خان واهه، دريا خان سنڌو درياءَ مان نئين جي اتر وارين ٽڪرين جي پاڙ وٽان کيرايو هو. ساکري پرڳڻي کي پاڻي پهچائڻ ۽ نئين جي بچاءَ واري ٻٽي مقصد سان. هي پڪ سان ڪو تمام وڏو واهه هوندو، جنهن جو ڪجهه ڀاڱو هاٿوڪي ڪلري واهه جي پيٽ مان وهندو هوندو، جيئن تاريخ طاهريءَ ۾ آيو آهي.
- جبلن تان لهندڙ ٽن نئيُن ناري، پوري ۽ نئنگ کي دريا خان گڏائي، واهه ناهي ۽ منڇر ڍنڍ ڏانهن مُنهن ڪري ڇڏيو. هي واهه نيرون پرڳڻي جون ٻنيون ريجائيندو هو ۽ انهي مان سرڪار کي هڪ لک رپين جي اوڳاڙي ٿيندي هئي، جيئن مظهر شاهجهاني ۾ چيو ويو آهي.
- ساواهه يا سوراهه واهه جبل تان لهندڙ پاڻيءَ (گهڻو ڪري گاج جو پاڻي) کي موڙڻ لاءِ ڄام نظام الدين جي ڄاڄلا نالي هندو وزير ۽ دريا خان کوٽايو هو. اهو بوبڪ پرڳڻي ۾ ڪا ايراضي ريجائيندو هو، سيوهڻ کان انٽيهه ميلن جي پنڌ تي هو، جيئن مظهر شاهجهاني ۾ ٻڌايو ويو آهي.
- ڪائي ۽ نئنگ چشمن جو پاڻي پڻ پوکيءَ لاءِ ڪم ايندو هو، جيئن مظهر شاهجهاني ٻڌائي ٿي.
- مارئي واهه، ماها ڍنڍ (ڪَڪڙ تعلقي ۾) مان نڪرندو هو ۽ هاٿوڪي ابراهيم ڪَڇِي (دادو تعلقو) ويجهو ديهه مارئيءَ کي ريجائيندو هو، جيئن مظهر شاهجهاني ٻڌائي ٿي.
- داديجي نالي ڳوٺ جي نالي سان ڪوٺجندڙ ۽ نار نالي ڳوٺ ويجهو وهندڙ داديجي واهه بوبڪ پرڳڻي ۾ ڪا ايراضي ريجائيندو هو، جيئن مظهر شاهجهاني ۾ ٻڌايل آهي.
- بولان نئن پاڻي ڪٽي منڇر ڍنڍ پهچندي هئي. انهي جو پاڻي ريجاڻيءَ لاءِ ڪم آڻڻ لاءِ واهن ذريعي موڙيو ويو. اهڙا به واهه سرواهه ۽ موز واهه سبي ۽ گنداوا ضلعن جون ٻنيون ريجائيندا هئا، جيئن مظهر


نقشو نمبر 51
1400ع
ڏکڻ ايشيا جو نقشو
جنهن ۾ تُغلقن جو ڪِرڻ ۽ ننڍين
رياستن جو اسرڻ ڏيکاريل آهي
آمون جا پاسا
چين
ڪشمير
افغانستان
تبت
ترهٽ
دهلي سلطنت
سنڌ جا سما
1524 - 1351
راجپوت رياستون
جونپور جا سلطان
1476 - 1395
لکونتي
1575 - 1338
مالوا
گونڊوانا
خان ديش
1530 - 1370
بهمني بادشاهي
1526 - 1347
وجئه نگر
1340
مدرا
1565 - 1334
جام نگر
اوڙيسا
آزاد
بنگالي سامونڊي چُڪ
فارسي سمنڊ
هندي وڏو سمنڊ
سيلون
قندوز
ڪابل
غزني
پشاور
قندار
شال
سبي
قلات
اُچ
بکر
سيوهڻ
ٺٽو
عمرڪوٽ
نگرپارڪر
ملتان
پاڪ پتڻ
لاهور
سيالڪوٽ
جالندر
ڪانگڙا
حصار
دهلي
امروها
متُرا
آگرو
لکنؤ
ڪارا جونپور
پٽنا
بنارس
گايا
گوڙ
جيسلمير
ناگور
مرتا
اجمير
گواليار
جلور
چتوڙ
آبو
مارواڙ
اُجين
ڊار
جبلپور
ڪيمبي
اسير
برهانپور
نوسري
دمن
ديو
بمبئي
چؤل
ڏاپول
ناسڪ
ديوگيري
پونا
بدار
ورنگال
گلبرگا
بيجاپور
رائچور
وجئه نگر
گوئا
هونيار
اُدئگري
آرڪاٽ
ڪرنڪلپ
ڪنانور
ڪليڪٽ
تنجور
مدرا
ميسرڪوئل
بالاسور
ڪاٽڪ
پوري
گانجم
سريڪرهن
وزاگاپٽم
سماچالم
راجا مندري
ست گائون
ڪلنا
چٽگانگ
سونارگائون
فريدپور
چاندپور
راج محل
ايڪڙالا
ڏسٽي
1. بين الاقوامي دنگ
2. هاڻوڪا صوبائي دنگ
3. تُغلق سلطنت جو دنگ
4. آزاد رياستن جا دنگ
5. 1400ع ۾ موجود شهر
6. آزاديءَ جو سال
7. سنڌ ۾ چوڏهين صديءَ ۾ دريائي وهڪرا
8. جنگبندي سنڌو (1948)
1340
اتر
ڪاڇو
ڪلوميٽر
500 400 300 200 100 0 100

شاهجهاني ۾ ٻڌايل آهي.

- اپرندو نارو تيستائين سکي چڪو هو ۽ گهٽڻ نالن جهڙوڪ هاڪڙو، واهند ۽ واهڻ وغيره سان سڏبو هو، جيئن تاريخ طاهري ٻڌائي ٿي.
- بيگلارنامي واهن ۽ ڍنڍن جا ڪيترائي نالا ڏنا آهن ۽ ٻنهي کي ساڳيين نالن يعني آب ۽ ڪولاب سان سڏي ٿو. ڍنڍون چاڙهه واري مند ۾ پربيون هيون ۽ انهن مان واهه (اصل ۾ وهنڌڙيون ۽ ڪسيون) نڪرندا هئا. سمن جي حڪومت وجڻ کان پنجانوي سال پوءِ ڇاڻايو ويو ته هي واهه ۽ ڪولاب موجود هئا. انهن جا هاڻوڪا هنڌ هي آهن:
- چنيجا واهه: ٺٽي ضلعي ۾.
- سبزا واهه: اگهاماڻي ويجهو ماتلي تعلقي ۾.
- ڪَتيرا واهه: ٺٽي ضلعي ۾ (هن جي ڪڙ سان گنهور ذات جا ماڻهو وينل هئا).
- ناهڻ واهه: سنڌو درياءَ جي پُراڻ چاڙهه تي.
- تلاءُ سهتا: نوابشاهه ضلعي ۾.
- ترنگڇي ڪولاب: نصرپور واري علائقي ۾.
- تاراپاري ڪولاب: نوابشاهه (شهيد بينظير آباد) ضلعي ۾.
- جهاراڻي: شاهه ڳڙهه قلعي ويجهو نصرپور واري علائقي ۾.
- ريڻ اگهم: گهٽو ڪري ماتلي تعلقي ۾ اگهاماڻي ويجهو ريڻ درياءَ مان نڪرندڙ ڪو واهه.
- سرڻ ڪولاب: بدين ضلعي ۾.
- سامارو ڪولاب يا سامارو ڍنڍ: جيڪا ٿورو وقت اڳ تائين موجود هئي.
- معڻود ڪولاب: ساماري تعلقي ۾.
- پوکر ڪولاب: بدين تعلقي ۾ پراڻ جي پاسي ۾.
- لانبا ڪولاب (عمرڪوٽ ڍنڍ).
- ناهڻ واهه: الور پرڳڻي ۾ يا پراڻ تي پُر نالي ڳوٺ جي ويجهو.
- سپنا واهه: ٺٽي کان ڇئن ميلن جي پنڌ تي.

جيئن ته سنڌ ۾ 1522 ۽ 1700ع جي وچ تي مڪمل افراتفري هئي ۽ سرڪار گهٽي ياڳي ٻهراڙين وارن علائقن ۾ ڪم نه پئي ڪري سگهي، سو ڪلهوڙن جي دور وارا واهه ٿي سگهي ٿو سمن جا واهه ئي هجن.

جيئن ته درياءَ ان عرصي دوران جٽائي پئي وهيو، سو صوبو شاهوڪار ۽ سکيو ستابو ٿي ويو. ڄام نظام الدين جي راڄ دوران، جنهن کي سمورن تاريخدانن هڪ راءِ ٿي واکاڻيو آهي، هي ملڪ پنهنجي سياسي سگهه جي چوٽ تي پڻ پهتو هو. اهڙين امن پرين حالتن ۾ هيءَ ننڍڙي بادشاهي هڪ ڏاتار رياست بڻجي وئي. هتان جي ٻولي سنڌيءَ جي پڻ اوسر ٿي ۽ منجهس موجود اوائلي روايتي لوڪ ڪهاڻين منجهان گهڻيون پندرهين صديءَ ۾ رچيون ويون. هڪڙو ٻيو ثقافتي ميدان هو اڏاوتي ڏانءُ، تنهن ۾ تمام گهڻي اڳڀرائي ٿي. گجراتي ڪاريگرن مسلمانن جي مذهبي اڏاوتن ۾ ڪيترائي هندڪا لڇڻ ۽ نمونا پيري ڇڏيا. ساڳيو ئي لاڙو سنڌ ۾ به پليو، جيئن ڄام نظام الدين جي مقبري ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. وڌيڪ پکڙجندڙ ريجاڻي آباديءَ جي واڌ ۾ مددگار ثيندي آهي. 1522ع ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضي پڪ سان گهٽ ۾ گهٽ سورهن لک ايکڙ ۽ آبادي چوويهه لک هوندي.


پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ (1498ع) تائين پورچوگيزن ڏکڻ ايشيا کي سامونڊي گس ذريعي ڳولي لڌو. انهن جو سنڌ سان ڪاروبار سُٽ، اوچ، نِير (ٺئي شيون ريجاڻي زراعت جي پيداوار) ۽ قلمي شوري جو هوندو هو. اناج پڻ پرڏيهه اماڻيا ويندا هئا. پورچوگيزن تماڪ، اننانس، ڪاجا، مڪئي، لاهوري گجر ۽ پپيتو (ڪاٺ گدرو) آمريڪا مان؛ لِيچي ۽ مٺي نارنگي چين مان؛ بوهي مُڱ (مُگيرا) آفريڪا مان ۽ ڳاڙهو مرچ پرنامبُوڪو مان سورهين صديءَ ۾ آندا. هنن منجهان ڪجهه شيون سنڌ ۾ پڻ آيون، پر سنن بابت پڪ سان نٿو چئي سگهجي. پورچوگيزن ۽ ٻين يورپين شهرن ۾ وڏيون برادريون ڪپهه مان قسم قسم جي اوچ (ڪپڙو) اُڻنديو ڏنيون. ڪپهه (ڦٽي/ وونڻ) سنڌ جي ريجاڻي ٻنين ۾ ٿيندي هئي. ٻيا وکر، جيڪي پورچوگيز ٻين ملڪن ڏانهن اماڻيندا هئا، سي هئا: ڪند، ڪنئورَ (لاک/اُگم/گگرال)، ٿنيڻ، مرچ ۽ چانور. سنڌ جو واپار ايڏو ته وڏو هو جو سنڌوءَ ۾ سيوهڻ ۽ ٺٽي جي وچ تي چاليهه هزار ٻيڙيون پاڙي سگهبيون هيون، جيئن سورهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل آئين اڪبري ۾ ٻڌايو ويو آهي. چاليهه هزار ٻيڙين جو هَلَٽُ خيبر پختونخوا، پنجاب، ڪشمير، افغانستان ۽ ويندي سِنڪيانگ، چترال، الهندي تبت ۽ سنڌ جو مال ۽ پيداوار لاڙي بندر ڏانهن ڍوئيندو هو. لاڙي بندر، عراق جي خوارزم شاهه هٿان ديبل جي سڙڻ کان پوءِ 1228 ۽ 1333ع جي وچ تي ٺهيو. ان واقعي کان سنت ئي پوءِ سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو اچڻ ۽ ڪلري چاڙهه جي سکي وڃڻ ڪري سنڌوءَ جي بگهاڙ چاڙهه تي لاهري (لاڙي) بندر نالي هڪ نئون بندر ٺهيو. لَٽَ جي ڪري درياءَ تي ڪو به بندر هڪ هنڌ جٽائي نٽي سگهيو ۽ بندرن جا هنڌ وري وري مٽبا رهيا. هن بندر جا ڇيا ويندڙ ڪوڙ سارا ماڳ گهڻو گهڻو ڪري سمورا تيرهين ۽ سترهين صديءَ جي وچ تي ٺهندڙ لاڙي بندر ئي آهن. انهن منجهان هڪڙو ماڳ وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي ۽ مٿس گهڻو ڪري پورچوگيزن جو قلعو ۽ گرجاگهر آهي.

هن صديءَ ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ ٺهندڙ جهاز سائيز ۾ يورپي جهازن کان وڏا هوندا هئا، جيئن نِڪولوڪونٽي ٻڌايو آهي. ڪجه جهاز پاڳن ۾ ناهي ڳنڍيا ويندا هئا ته جيئن جيڪڏهن ڪو هڪڙو پاڳو تباهه ٿي وڃي ته ٻين پاڳن تي منزل تائين رسي سگهجي. صديءَ دوران گجرات وڏي سامونڊي طاقت بڻجي ويو. ايلفِنسٽون ٻڌائي ٿو ته سلطان محمود بيگڙي وٽ سامونڊي ڪنڌين تي آزار مچائيندڙ سامونڊي ڦورن کي ماري مات ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو آرماڙ هوندو هو.

پندرهين ۽ سورهين صدين ۾ سوٽي اوچ، ڇُريل ڪپڙو، سوٽي ڪپڙو (ڪئلِيڪو - ڪلڪتي ۾ ٺهندڙ هرڪ، بافتو)، ريشمي ڪپڙو، ڇيٽ ۽ ململ سکر، بکر، دربيلي، ڪنڊياري، سيوهڻ، نصرپور ۽ ٺٽي ۾ ٺهندا هئا. پونين جاين تي اجرڪ ۽ لُنگيون ٺهندا هئا.

نقشو نمبر 52

1508ع
ڄام نظام الدين جي دور ۾ سنڌ جا دنگ
۽ سندس موثر هلندي پڄنديءَ هيٺ علائقا



ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيل


اوچ کان سواءِ ٻين واپاري وڪرن ۾ ملتاني غاليچا ۽ فراسيون، پرت، چمڙي جون شيون، ڪشميري شالون، آرينا، ڪشمير ۽ خيبر پختونخوا جو ڪاٺ، ڪاٺ جو سامان، تنبو ۽ تنبن جو ڪپڙو، قلمي شورو، نِيرُ، سوٽي اسم، ڪٽڪ، آفيم، چانور، ڪڻڪ ۽ اناج شامل هئا. پرڏيهه مان ايندڙ مال ۾ چاندي، سون، ڏاتو، ڏاتوئي سامان، شيشو، چيني جا ٿانوَ، گهوڙا، مسالا، ڪنئورَ، ٿنيڻ، عطرَ، ليپَ (ملمون)، سينگار جو سامان، شيون سانڍڻ ۾ ڪم ايندڙ مادا، ميڻَ، سُرهاڻيون، گرم مسالا (ويڳر)، ڪارا مرچ (ڪاري، اڇي ڳاڙهي رنگ ۾)، ڳاڙها مرچ، دالچيني ۽ ڪمال پٽ شامل هئا.


ان جُڳ ۾ سنڌ جو سڪيو ستابو هجڻ ٺٽي ويجهو مڪليءَ جي ٽڪرين تي سما دور جي اڏاوتن، خاص ڪري ڄام نظام الدين ۽ دريا خان جي مقبرن، تي ٿيل اُڪر مان چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مڪليءَ تي حماد جماليءَ جي خانقاهه ۽ مسجد پڻ ڪاريگريءَ جا اعليٰ نمونا پيش ڪن ٿيون.
















تغلق، سندن سڪا، ٽپال جي سهولت، ابن بطوط ۽ منجنيق

838. محمد تغلق (وفات 1351ع، سونڌا وٽ). (رضا لائبريري رامپور).
839. فيروز شاهه تغلق (پڳ ٻڌڻ 1351ع، سونڌا وٽ). (رضا لائبريري رامپور).
840. محمد تغلق جو پتل جو سڪو (زوريءَ ٽاڦيل سڪو، ٿومس تان).
841. ابن بطوط.
842. پهچندڙ ٽپالي جن جو احوال ابن بطوط ڏنو آهي ۽ بارٽل فريئر سنڌ ۾ ڪم آندا. (دُوارتي، سيوهڻ).
843. پاڙيتو گهوڙيسوار. فلورينس ۾ شاهڪار مجسمو.
844. 711-714ع، منجنيق جو هڪ قسم، جيڪا عربن ديبل تي ڪڙو چاڙهڻ وقت ڪم آندي. اها اصل يوناني ايجاد هئي، جنهن ۾ سڌارا آٿي رومين راس ڪيو، ايران جي پارٿين ۽ ساسانين انهن تان نقل ڪئي ۽ محمد بن قاسم پاران عراق ۽ ايران مان پرتي ڪيل فوجين هلائي. محمود غزنويءَ پڻ اهڙي قسم جون مشينون ڪم آنديون. ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن اهي وڏي پئماني تي ڪم نه آنديون. (ايم. ايچ. پنهور).



نوٽ:

نندين نندين بادشاهيون اُسرڻ سان ڏيهي ثقافتن ۽ ڏيهي ٻولين جي اوسر ٿي ۽ ڏيهي واپارين کي اڏاوتي ڏانءَ سميت هر ميدان ۾ پير ڄمائڻ جو موقعو مليو، جنهن جو اثر اڄ تائين هلندو پيو اچي. ان سان ڏيهي معيشت ۽ زراعت کي وڏي هٿي ملي. سنڌ 1385 ۽ 1388ع جي وچ تي ڏن ڀريندڙ ملڪ هو.

مختلف بندرگاهن تي واپاري ڳڙهه ٺهڻ جي سلسيوار ترتيب هن ريت هئي:

ڪيلِيڪَٽ 1498

ڪوچِين 1502

گوئا 1501

جافنا 1519

چئي سگهجي ٿو تہ لاڙي بندر ۾ جتان وچ ايشيا، افغانستان، هاڻوڪي پاڪستان ۽ اوپر پنجاب جو مال پرڏيهه ويندو هو، انهن 1510-1512ع جي وچ تي موڪلائي يا بنا موڪلائڻ جي پنهنجو ڪارخانو هنيو هوندو.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

باب چويهون

آخري برفاني جُڳ
سنڌ ۾: 1530_1700ع ۾
ڏکڻ ايشيا جي اترين پاڱن ۾: 1850ع

ڏکڻ ايشيا جي اترين پاڱن ۾ ٿيل هڪ سچر ڪوجنا (1850ع) پڌرو ڪيو آهي ته پوري دنيا جا گرمي پد 1430ع کان ڪِرڻ شروع ٿيا. وچ ايشيا ۾ ڦيرا اٿندي 1480ع ڌاري محسوس ٿيا، پر اتي صورتحال بگڙڻ 1500ع کان پوءِ شروع ٿي، جنهن وچ ايشيائي قبيلن جي 1530 کان 1660ع تائين ڏکڻ ايشيا ڏانهن لڏ پلاڻ ڪرائي. هن عمل جو سنڌ سان لاڳاپو ڪيئن ٿو ٿئي، هن ريت سمجهائي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن گرمي پد ڏکڻ ايشيا جي پٽن ۾ 0.5^0 سينٽيگريڊ ڪِري پوي ۽ هماليه ۾ 1^0 سينٽيگريڊ ته انهي جو سنڌ تي اثر عام سال جي ڀيٽ ۾، مثال طور 1930ع لاءِ، ٿيندو:

1. برف، جيڪا عام طور تي هماليه ۾ پهرين اپريل ڌاري ڳرندي آهي، اٽڪل پندرهن کان ٽيهه ڏينهن دير سان ڳرندي، يعني پندرهين اپريل کان پهرين مئي تائين ڳرڻ شروع ٿيندي.
2. برف جو ڳرڻ، جيڪو هاڻ پندرهين جون ڌاري چوٽ تي پهچي ٿو، جون جي پڇاڙيءَ تائين پوئتي هليو ويندو، چاڪاڻ ته عام سالن ۾ چوماسي جا جهڙ گرمي پد ۾ برف جو ڳرڻ گهٽائي ڇڏيندا آهن، پر گهٽ گرمي پدَ چوماسي کي هماليه ۾ اٽڪل پندرهن ڏينهن وڌيڪ پنتي ڪري ڇڏيندا.
3. آب ڪلاٽيءَ جي مند اٽڪل پندرهن ڏينهن پوئتي هلي ويندي ۽ برف ڳرڻ (چوماسو نه) سان ايندڙ ٻوڏ سنڌ ۾ چوٽ تي جولاءِ جي پڇاڙيءَ ڌاري تائين پهچندي.
4. سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي سطح عام سطح کان ڪيترائي فٽ هيٺ هلي ويندي. چوماسو پندرهن ڏينهن پوئتي هليو ويندو ۽ پهرين جولاءِ جي بجاءِ پندرهين جولاءِ کان پندرهين آگسٽ تائين ايندو.
5. چوماسي جا مينهن سنڌوءَ ۾ ٻوڏ جو پاڻي آڻيندا ۽ انهي جو سنڌ ۾ چوٽ پهرين آگسٽ کان پهرين سيپٽمبر تائين ٿيندو.
6. سانوڻي گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن دير سان يعني هاڻي وانگر پهرين اپريل تي شروع ٿيڻ بجاءِ پندرهين اپريل تي شروع ٿيندي.


گرمي پد ۾ ايندڙ هن 0.5^0 سينٽيگريڊ لاٿ جي وڪڙ ۾ آب ڪلاٽي ريج تي ٿيندڙ پوکون جهڙوڪ ساريون، ڦٽيون ۽ ٻيون هيٺئين اينديون:

- واهه پندرهن ڏينهن دير سان وهڻ شروع ٿيندا ۽ سارين جو رونبو ڪري سگهڻ جيترو پاڻي پهرين جولاءِ جي بجاءِ پندرهين جولاءِ کان ملي سگهندو، جيئن بئراج کان اڳ وارن ڏينهن ۾ ٿيندو هو.
- درياءَ ۾ پاڻي پهرين سيپٽمبر کان لهڻ شروع ٿي ويندو ۽ واهه پندرهين سيپٽمبر کان پوءِ ڪنهن صورت ڪو نه وهندا.
- پندرهين جولاءِ تي رونبيل ساريون واڌ ته ڪنديون پر سيپٽمبر ۾ پاڻي نه ملڻ ۽ آڪٽوبر ۾ سيارو شروع ٿي وڃڻ ڪري صحيح نموني پچي نه سگهنديون. رڳو هلڪيون جنسون جهڙوڪ رتڙيو، گنجو ۽ ڪنگڻي وغيره ٿي ڪري سگهبيون، سڳداسيءَ جهڙيون سٺيون جنسون نه، جن کي پچڻ لاءِ 120 ڏينهن گهرجن.
- سارين جون هلڪيون جنسون سٺين جنسن جي ڀيٽ ۾ گهٽ لهنديون آهن، پنجاهه کان سٺ سيڪڙو. تنهنڪري کل اپت گهٽجي ويندي.
- ڀاڄائيون پوکيل سارين کي جهٽ پچرائڻ لاءِ رونبي جي بجاءِ ڇٽ ٿيندي. انهي سان پيداوار ويتر گهٽجي ٻه ڀاڱي تي وڃي بچندي.
- ائين سارين جي پيداوار عام جي ڀيٽ ۾ رڳو چاليهن کان پنجاهه سيڪڙو ٿيندي.
- جُوَر، ٻاجهري ۽ ٻيون ٿورا ڏينهن بيهندڙ پوکون پوکبيون ۽ پچنديون. اهي سارين جي جاءِ وٺنديون، پر انهن جي في ايڪڙ پيداوار سارين جي پيداوار جي ڀيٽ ۾ گهٽي گهٽ ٿيندي آهي، تنهنڪري انهن تي سنڌ جي آبادي پلجي نه سگهندي.
- ڏگهو هلندڙ سيارو ڪڻڪ ۽ سياري جي ٻين پوکن جي پيداوار وڌائڻ ۾ مدد ڏيندو، پر سياري ۾ پاڻي نه ملڻ ڪري اهي فصل ٿورڙي ايراضيءَ تي پوکبا. ڪڇي ۾ ڪڻڪ ۽ تيلي ٻج ٿيندا، پر ايراضي ٿوري هوندن.
- ماڻهو مالوند وڃي ٿيندا، ٿر ۽ ڪوهستان جي سڄن علائقن ۾ وڌيڪ

ڏکڻ ايشيا جا مهندار صوفي

تيرهين، چوڏهين ۽ پندرهين صديون

نالو	شهر	مسلڪ	مرڻ جو سن
شرف الدين بُو علي قلندر	پاڻيپت	سُهروردي	1324ع
لال شهباز قلندر	سيوهڻ	؟	1252ع
نظام الدين اولياءُ	دهلي	چشتي	1325ع
امير خُسرُو	دهلي	چشتي	1325ع
رُڪن الدين عبدالفتح	ملتان	سُهروردي	1335ع
محمد امام	دهلي	چشتي	1335ع
مير حسن علي سنجاري	ديوگيري	چشتي	1336ع
ضياءُ الدين برني	دهلي	چشتي	1338ع
برهان الدين غريب	ديوگيري	چشتي	1340ع
ضياءُ الدين بخشي	بدايون	چشتي	1350ع
فريدالدين	ناگور	چشتي	1351ع
ناصرالدين چراغ	دهلي	چشتي	1356ع
اکِي سراجُ الدين	گوڙر	چشتي	1357ع
حميدالدين قلندر	دهلي	چشتي	1367ع
سيد محمد بن مبارڪ ڪِرماني	دهلي	چشتي	1368ع
شرف الدين يحيٰ مانيري (فردوسي)	راجگير	چشتي	1371ع
يوسف چشتي	دهلي	چشتي	1372ع
سيد جلال الدين مخدوم جهانيہ	اُچ	سُهروردي	1383ع
امير ڪبير سيد علي همداني (ڦُبراوي)	سري نگر	؟	1383ع
عبدالمقتدر	ڪلپي	چشتي	1389ع
اشرف جهانگير سِمناني	ڪبيرآباد	چشتي	1405ع
مير سيد گيسُو دراز	گلبرگا	چشتي	1422ع
سيد محمد عالم	احمدآباد	سُهروردي	1425ع
شير خان بَڪ	دهلي	چشتي	1433ع
زناد شاهہ مداري	ماڪنپور	مداري	1436ع
برهان الدين قطب عالم	بٽيرا	سُهروردي	1459ع
سيد محمد بن جعفر	سرهند	چشتي	1484ع
شيخ عبدالله شطاري	گواليار	شطاري	1485ع
شيخ حسين	ناگور	چشتي	1496ع
سيد محمد غوث	اُچ	چشتي	1517ع
عبدالقادر-ٻيون	اُچ	؟	1533ع



1330 - 1400 گهڻي ڀاڱي ڏکڻ ايشيا ۾ ڪارو ڏڪار هو: گهٽ مينهن، سوڪهڙو، گهٽ اُپت، سڃائي، بک، لنگهڻ، بيماريون ۽ جيڏانهن تيڏانهن موت. اهڙي صورتحال ۾ ماڻهن کي آٿت ڏيڻ لاءِ مسلمان صوفي ۽ هندو ڀڳت اٿيا، اڳتي هلي گرو نانڪ جا پوئلڳ سِکَ ٿيا. بلڪل اُئين جيئن ڇهين صدي ق-م واري ڏڪار سماج سڌارڪ جهڙوڪ ڪَنفِيُوشَس، زردشت، ٻُڌ ۽ مهاوير پيدا ڪيا هئا.

ڍور ڏاريندا ۽ ٿورڙن وسيلن مٿان گهٽڻ ڍورن جو دٻاءُ تر ۽ ڪوهستان ڪي صفا پينگ ڪري وڌيڪ ڍور پالي سگهڻ جهڙو نہ ڇڏيندو.

- ٺُلهي ليکي ڪاڌي جي شين جي ڪوٽ ۾ ڏڪار ٿيندو، جنهن سان ماڻهن جي موتن ۾ واڌارو ايندو، جيستائين وڃي آبادي گهٽجي اوتري بچي، جيڪا جيڪو ڪجهہ موجود آهي تنهن سان ڍاپي سگهي.
- آخري برفاني جُڳ سنڌ ۾ انهن ڏينهن ڌاري آيو جڏهن اها 1522ع ۾ ارغونن هٿان فتح ٿي. گرمي پَدَ ڪرندا رهيا ۽ ساڳيو ئي حال ٻنيءَ جي پيداوار جو بہ ٿيو. ڏيهہ اندر بغاوتن ڪَرَ کنيا ۽ اهي ويندي سنڌ ۾ ارغون-ترخان دور جي 1591ع ۾ پڇاڙيءَ تائين دٻائجي نہ سگهيون. اهي اڳتي مغلن جي دور ۾ بہ هلنديون رهيون.
- آخري برفاني جُڳ جي سنڌ ۽ ڏکڻ ايشيا تي پوندڙ تاريخي اثرن جو پتو هيٺين مثالن مان لڳائي سگهجي ٿو:
- اٽڪل 1578ع ڌاري سنڌ ۾ ڏاڍو ڏڪار پيو جيڪو ست سال ڪن هليو. ارغون حاڪم مرزا باقي اَنُ گدامن ۾ لڪائي ڇڏيو، جيڪو ڪنهن ڪي بہ ڪنهن قيمت تي نٿي ڏنائين، ڀلي ان لاءِ پنهنجي ئي ماڻهن ڪي مارڻو ڇو نہ پويس.
- آخري برفاني جُڳ سموري ڏکڻ ايشيا ڪي پڻ ڏَڪيو ۽ ايستائين جو مغلن ڪي نئين راڄڌاني فتحپور سِڪري 1575ع ۾ ڇڏڻي پئي هئي، ڇو تہ جمنا درياءَ جو پاڻي انهي تائين نہ پئي نيئي سگهيا.
- انهن ڏچن هلندي اڪبر سنڌ فتح ڪري پنهنجي ملڪ سان ڳنڍائي ڇڏي، پر آخري برفاني جُڳ جي ڪري ڪاڌي جون شيون آباديءَ جي گهرج جي پيٽ ۾ گهٽ ٿي لٿيون ۽ سنڌ جي قبيلن جون بغاوتون هلنديون رهيون.
- آخري برفاني جُڳ 1655ع تائين پنهنجي بدترين ڏاڪي تي پهتو، جڏهن سرڪاري اوڳاڙي گهٽجي پنجهٺ سال اڳ 1600ع ۾ ٿيندڙ اوڳاڙيءَ جي پنجين پتي مس وڃي بچي.
- سنڌ ۾ آخري برفاني جُڳ 1700ع ڌاري هٽيو، پر ٿوري عرصي لاءِ، ڇوتہ 1760 کان 1850ع وارو عرصو وري ٿڌ هلي.
- اتر پنجاب ۾ وڌيڪ سو سال 1800ع تائين هليو، جنهن جي ڪري سِکن واريون بغاوتون ٿيون.
- بغاوتون سموري ڏکڻ ايشيا تائين پکڙيون ۽ ارڙهين صديءَ جي منڍ ۾ مغل سلطنت جو انت آندائون.
- يورپ ۾ آخري برفاني جُڳ 1850ع تائين هليو.
- مغل سلطنت جو ٿهڻ ۽ ڍهڻ ڏکڻ ايشيا ۾ 1522 کان اٽڪل 1700 يا 1725ع تائين هلندڙ آخري برفاني جُڳ سان جوڙيو وڃي ٿو.


آخري برفاني جُڳ جا سماجي ۽ معاشي اثر

آخري برفاني جُڳ جا نتيجا اهي نڪتا تہ پيداوار گهٽجي وئي، ڏڪار پيا ۽ بک وگهي ماڻهو مئا ۽ انهي ڪري 1522 کان 1700ع تائين ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف بغاوتون ٿينديون رهيون. وگوڙي حالتن سنڌ جي ماڻهن ڪي سنڌ ڇڏي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ برهانپور ڏانهن لڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو. ڪيترائي سنڌي جدي، مڪي ۽ مديني ڏانهن پڻ لڏي ويا، جتي انهن جا پونير اڃا تائين پاڻ ڪي السنڌي سڏائيندا پيا اچن. سنڌ جا ماڻهو لاڏائو بڻجي ويا ۽ مال ڌارڻ ۽ چارڻ ڪي وڃي لڳا. واهہ رڳو اهي پئي وهيا، جيڪي هيٺانهن علائقن ۾ هئا. اهڙن علائقن ۾ هاڻوڪا جيڪب آباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو ضلعا ۽ دادو ضلعي جو اتريون پاسو اچي ٿي ويا. درياءَ جي کاٻي پاسي ورلي ڪن واهن پئي ڪم ڪيو ۽ هاڻوڪن نوشهرو فيروز، نوابشاهہ (هاڻ شهيد بينظير آباد)، سانگهڙ ۽ حيدر آباد ضلعن وارو سمورو علائقو سمن جي مختلف ذاتين جي مهنداريءَ ۾ ٿيندڙ بغاوتن هيٺ رهيو. اوڳاڙيون رڳو ڪاتي ڪنڌ تي پئي ٿيون. گهڻي ڀاڱي واهن جي ڪاٽي ڪانہ ٿي ۽ اهي لَٽجي بيهي ويا. ٺُلهي ليکي، پيداوار گهٽجي 1522ع جو اڌ وڃي بچي ۽ ساڳيو حال آباديءَ جو بہ ٿيو. گهٽ ۾ گهٽ اڌ آبادي باغي ٿي وئي ۽ ڏڪار وارن ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ موقعن تي ماڻهن ماڻهوءَ جو ماس بہ کاڌو.

ماڻهن ڪي آٿت ڏيڻ/ڌيان مٿائڻ لاءِ صوفي، ڀڳت ۽ مذهبي سماج سڌارڪ پيدا ٿيا. 1500 کان 1700ع جي وچ تي ڇهن گوسوامڻن ويشناوا ايشور وديا ترتيب ڏني. ڪبيرداس (1500-1600ع) سَکيون ۽ نِرگنا ڀڳتي تحريڪ شروع ڪئي. انهي عرصي دوران ويشناوا شاعره ميرابائي، آسام جي هڪڙي ٻئي ويشناوا شاعر شنڪر ديوا، ڪِرشنا ڀڳتي مسلڪ جي مهان انڌي ڪَوِي سُورداس ۽ مهاراشٽر جي تُڪارام پڻ انتر ڌيان جي سکيا ڏني. ان دور جا ٻيا سماج سڌارڪ شِرينِواس، ڪرشناداس وغيره هئا.


846. شاهجهان مسجد ٺٽي جي ڪاشيءَ جي سر.


845. جامع مسجد ٺٽي جي ڪاشيءَ جي سر.



نقشو نمبر 55
1517 - 1523ع
شاهه بيگ جون سنڌ ۾
فوجي ڪارروائيون
1. 1517/18: ڪوئيٽا (شال) ڪان سِبيءَ ڏانهن ۽ سبي پهچڻ.
2. نومبر 1518: ڳاهه، باغبان ڪي ڦرڻ ۽ سبيءَ موٽڻ.
3. نومبر 1520: فتحپور رستي ٺٽي تي چڙهائي ڪرڻ ۽ باغبان ڪي ڦرڻ ڦٽائڻ.
4. نومبر-ڊسمبر 1520: باغبان مان ٺٽي ڏانهن چڙهائي ڪرڻ.
5. 21 ڊسمبر 1520: مبارڪ خان ڪي مارڻ.
6. 22 ڊسمبر 1520 ڪان 1 جنوري 1521: ٺٽي ۾ ڪوس ڪرائڻ.
7. فيبروري-مارچ 1521: ٺٽي ڪان سيوهڻ ڏانهن هلڻ.
8. 14 ڊسمبر 1521: شاهه حسن جو ڪوئيٽا (شال) مان ٺٽي لاءِ نڪرڻ. 3 جنوري 1522 تي سيوهڻ پهچڻ ۽ جام صلاح الدين کي شڪست ڏئي مارڻ.
9. مارچ 1522: سبيءَ مان باغبان ڏانهن هلڻ ۽ ماڇي قبيلن جو ڪوس ڪرائڻ.
10. اپريل-مئي 1522: باغبان ڪان بکر ڏانهن چڙهائي ڪرڻ ۽ ڏاريجن چڳن مڙسن جو ڪوس ڪرائڻ.
11. بهار 1523: جيڪب آباد ضلعي جي 42 بلوچ ڳوٺن ۾ ڪوس ڪرائڻ.
12. نومبر 1523 ڪان جون 1524: بکر ڪان اگهاماڻي ڏانهن چڙهائي ڪرڻ، سنڌوءَ جي ڀنهي ڪنڌين وارن قبيلن کي سزا ڏيڻ.
13. 26 جون 1524: شاهه بيگ جو اگهاماڻي ۾ مرڻ.
ڏسٽي
1 سنڌوءَ جو سنڌ ۾ هاڻوڪو وهڪرو
2 سنڌوءَ جو سورهين صديءَ ۾ پراڻو وهڪرو
3 ڪاهن جا گس
4 سورهين صديءَ جا شهر
5 سنڌ جو هاڻوڪو دنگ
6 نوان شهر
دادو
7 سنڌ جو 1517ع ۾ دنگ
اتر
ڪاڇو
0 50 100 150ميل
زهوب
راوي
خانيوال
ملتان
ڏيرا غازي خان
شال ڪوئيٽا
مستونگ
سبي
قلات
گنداوا
جيڪب آباد
بلوچن جا ڳوٺ
بهاولپور
اُچ
ديراوَر
رحيميارخان
اباوڙو
ماٿيلو
سکر
بکر
روهڙي
لاڙڪاڻو
درٻيلو
باغبان
دادو
ٺلٽي
نوابشاهه
منڇر ڍنڍ
جهانگارا
سيوهڻ
آمري
هالاڪنڊي
منصوره (ڪنڊر)
ميرپورخاص
نصرپور
امرڪوٽ
حيدرآباد
نيرون ڪوٽ
ٽانو بولا خان
ڪنجڙي
جهمپير
ڪلري ڍنڍ
ڪرانچي
نري
جُوڻ
گهاماڻي
چاڇرو
مٺي
ويراواهه
فتح باغ
ٺٽو
لاڙي بندر
شاهه ڪپور (ڪنڊر)
رهڪي بازار
نگرپارڪر
رڻ
ڪڇ
پٽڻ
راڌنپور
راءُ ڪنگهار جو ڪڇ
عربي سمنڊ
احمدآباد
گجرات سلطنت

باب ستاويهون

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي سنڌ ۾ گورنرن جي راڄ ۾ ريجاڻي
(1525_1701ع)

آخري برفاني جُڳ جي پنئين باب ۾ ڏنل احوال مان اهي حالتون پڌريون ٿين ٿيون، جن ارغونن ۽ ترخانن کي سنڌ فتح ڪرڻ ۽ انهن قبيلن کي وچ ايشيا مان وڏي پئماني تي لڏائي سنڌ ۾ آٽي وسائڻ تي مجبور ڪيو. پنهنجي مقالي "هيروئڪ اسٽرگل آف سنڌ اگينسٽ فيوڊلزم" ۾ هن ليکڪ انهي صورتحال جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، جنهن هيٺ هن عرصي دوران سنڌ ۾ وڳوڙي حالتون پيدا ٿيون ۽ معيشت تباهه ٿي. انهي صورتحال جي جهلڪ پسائڻ لاءِ ڪجهه اهم واقعن جو احوال سن وار ترتيب سان هيٺين پيراگرافن ۾ ڏجي ٿو:

ارغونن، ترخانن جي مدد سان سنڌ سمن کان 1522ع ۾ فتح ڪئي. مٿن بابر جو قنڌار خالي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ هو ۽ کين ڪو نئون ٺاڪ ڳولڻو هو. مٿن اصل ڏيهه واسي ماڻهن کي شهري علائقن مان نيڪالي ڏئي پنهنجن قبيلن کي سنڌ ۾ وسائڻ وارو دٻاءُ پڻ هو.

نئي ۾ 20 ڏينهن تائين ماڻهن جو کوس ڪيائون. اتان ۽ ٻين شهرن مان ڏيهه واسي ماڻهن کي ڪڍي ارغون ۽ ترخان قبيلن لاءِ جاءِ ناهيائون. هڪ همعصر تاريخ نويس مطابق: "جيڪي گهوڙيسوار هئا ۽ تلوار هٿن ۾ هئن، تن کي هر پاڃاري هٿن ۾ هو ۽ ٻنين ۾ ڏاند پئي وهايائون". پر شاهه حسن جي حد تائين حڪمت عمليءَ ڪم ڪيو. همايون جي فوجين ڪيمپ جا جانور ماري ۽ ڪاٽي ڇڏيا. سندس ٻه لک فوجين واري لشڪر جو تمام وڏو پاڳو ڪيمپ ڇڏي سنڌ ۾ هيڏي هوڏي ڪاڏي ۽ مٽي چانوَ جي ڳولا ۾ ڀٽڪندو رهيو. ڪن موقعن تي ته همايون کي پنهنجي دشمنن يعني سنڌ ۾ موجود ايجنٽن ۽ مقامي گورنرن کي اناج ڏيڻ لاءِ چوڻو پيو. سندس اها منٿ هر ڀيري مڃي وئي ته جيئن اهو چتو نه ٿئي ۽ جنگ تي نه لهي اچي. ڏڪاري حالتن جي ڪري وٻائون ڇانيل رهيون، جن شاهي پوئلڳن کي وڏو جاني نقصان رسايو. لشڪر ڇڏي وڃڻ وارا ڪجهه شاهه حسن سان وڃي گڏيا. پڇاڙيءَ ۾ ماڻهو مارائي، خزانو ڪٺائي ۽ پوئلڳن جو ويساهه وڃائي نيٺ همايون انهن شرطن تي ٺاهه ڪيو ته ڪيس سنڌ مان صحيح سلامت لنگهه ڏنو ويندو ۽ سڄي واٽ سيڌو سامان پهچايو ويندو.

1555ع ۾ شاهه حسن جي مرندي ئي گهرو ويڙهه شروع ٿي وئي. بکر ۾ راڄ ڪندڙ سلطان محمود سيوهڻ سرڪار تي قبضو ڪرڻ گهريو ۽ نئي ۾ راڄ ڪندڙ مرزا عيسيٰ ترخان ٻه ساڳيو ئي ڪم ڪرڻ گهريو. ترخانن، ارغونن سان هلندڙ گهرو ويڙهه ۾ پورچوگيزن کان ڪن شرطن تي مدد گهري. اهي شرط پورا نه ڪيائون ۽ پورچوگيزن کي 1555ع ۾ سنڌ جي سڪئي ستابي وسندڙ راڄڌاني شهر نئي کي ڦرڻ، ٻاهيون ڏئي ساڙڻ ۽ ڦٽائڻ جو بهانو مليو.


انهن حالتن جي ڪري وڏي انگ ۾ واپاري، ڪاريگر، ڏاها ۽ صوفي سنڌ ڇڏي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، حيدر آباد دکن ۽ عربستان لڏي ويا.

سنڌ ۾ ڏڪار آخري برفاني جُڳ جي ڪري پيو هو، جيڪو سنڌ تي 1530ع ۾ ڪڙڪيو هو. ڏڪار بدترين ڏاڪي تي 1575-1585ع ڌاري پهتو. اڪبر منصبداري نظام لاڳو ڪيو. منصبدار هڪ فوجي گورنر هوندو هو، جيڪو ڍل ۽ آبيانو اوڳاڙيندو هو. انهي جي ئي هٿن ۾ انصاف، امن امان جي انتظام لاءِ پوليس، واهن جي ڪاٽي ۽ ٻنيءَ جي نئين سِر ورهاست هئا. اهو حقيقت ۾ ڇڻ تَرَ جو ڏاڍو مڙس هو، جنهن وٽ اڻ مَيا اختيار هئا ۽ جوابده رڳو سلطان آڏو هو.

بکر واري سلطان محمود کي پٽاٽو اولاد نه هو ۽ اهو پنهنجي ڏيءُ دهليءَ جي اڪبر بادشاهه جي حرم ۾ موڪلي چڪي ويو هو ته سندس مرڻ تي بکر سرڪار اڪبر کي ملندي. اهو 1587ع ۾ مري ويو ۽ سٽت ئي اڪبر 1591ع ۾ سنڌ کي فتح ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌ کي ٽن سرڪارن؛ بکر، سيوهڻ ۽ نئي ۾ ورهايو ويو ۽ ٽنهي تي گورنر رکيا ويا. هر گورنر پنهنجي مُنهن آزاد هو.

مغلن جا بکر ۾ گورنر
(1575_1679ع)

بکر هڪ سو چئن سالن ۾ پنجاهه گورنر ڏٺا. ايترو ته جهٽ جهٽ مٽيا جو سندن سراسري مدو اٽڪل ٻه سال بيٺو، جنهن دوران کين انتظام هلائڻو هو، جيڪو لڳ ڀڳ ڏاڍ راڄ وارو هو، فوج رکڻي هئي ۽ هڪ مقرر رقم مرڪزي خزاني ۾ ڏيڻي هئي. اوڳاڙين جو بار ٻنيءَ جي اپت تي هو، جنهن جو دارومدار واهن ذريعي ٿيندڙ ريجاڻيءَ تي هو، جيڪي هر سال ڪاٽي گهرندا هئا ۽ انهي لاءِ گورنر کي رقم رکڻي هوندي هئي. گورنرن کي پنهنجو مدو هڪ سال هلڻ جي ٻه پڪ نه هوندي هئي، تنهنڪري اهي انهي



نقشو نمبر 56
1525 - 1658ع
ٽن مسلمان رياستن
عثماني، صفوي ۽ مغل
جي وڌ وڌ ۾ پکيڙ
اتر
مسڪوفي
عثماني سلطنت
صفوي سلطنت
مغل سلطنت
ڪارو سمنڊ
ڪاسپي سمنڊ
عربي سمنڊ
هندي وڏو سمنڊ
بنگالي سامونڊي چڪ
ماسڪو
قازان
سراتوف
استراخان
وارسا
پراگ
ويانا
وينس
بُڊا
بلغراد
صوفيا
ايڊرنيپول
استنبول
برسا
سمرنا
انقرا
قونيا
طرابلس
مالٽا
الجير
ميڊرڊ
الپو
دمشق
يروشلم
قاهرا
سوئيز
اليگزينڊريا
بغداد
موصل
تبريز
همدان
تهران
قم
اصفهان
شيراز
ڪرمان
بندر عباس
مسقط
مدينو
مڪو
جدو
صنعا
زبيد
عدن
مسّاوا
سُئاڪن
نيشاپور
مشهد
مرو
هرات
بلخ
بخارا
ثمرقند
تاشقند
خوا
عُرگنج
ڪاشغر
يرقند
خوتان
تُورفن
هَمي
تُن-هُوانگ
ڪابل
قنڌار
پشاور
لاهور
ملتان
دهلي
آگرو
لکنؤ
اَلله آباد
ڍاڪا
ڪولڪتو
بيڪانير
جڏپور
اجمير
سبي
بکر
سيوهڻ
ٺٽو
سورت
بمبئي
ناگپور
جبلپور
پُوري
حيدرآباد
گوئا
نيلور
مدراس
بنگلور
ميسور
ڪيليڪٽ
مدُرا
ڪلوميٽر 1200 1000 800 600 400 200 0
ڪاڇو
ڏسٽي
1. عثماني سلطنت جو دنگ
2. صفوي سلطنت جو دنگ
3. مغل سلطنت جو دنگ
4. عثماني سلطنت جي ڏُن پرُو رياستن جو دنگ
5. مکيہ گس
6. پندرهين صديءَ جا شهر
اڪبر سنڌ کي پنهنجي سلطنت ۾ ان ڪري ملايو تہ متان صفوي ان تي قبضو ڪري وٺن. اهو ئي ڪارڻ هو جو جيتوڻيڪ جاني بيگ ۽ غازي بيگ ترخانن کي نالي ۾ تہ سنڌ جو حاڪم بڻايو ويو، پر ڪين ڪڏهن بہ ٺٽي ۾ مقرر نہ ڪيو ويو. گهڻو ڪري ساڳيو ئي ڪارڻ هو جنهن هيٺ مرزا عيسيٰ خان ترخان-ٻئين کي ٺٽي ۾ مقرر ڪيو ويو، پر 18 ڏينهن کان پوءِ ڪيس بدلي ڪيو ويو.

لاءِ رقم نہ رکندا هئا ۽ نتيجي ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضي ۾ اوڳاڙيون گهٽجي ويندڻيون هيون. تنهن کان سواءِ انهي سان آبادگارن لاءِ ڏکار واريون حالتون بہ پيدا ٿينديون هيون.

1679ع کان پوءِ بکر ڏانهن کو گورنر نہ موڪليو ويو. مختلف ٽڙيل پکڙيل رڪارڊن مان پتو پوي ٿو تہ سموري سرڪار تي تَرَ جي هنن قبيلن قبضو ڪري ورتو هو: جيڪب آباد ۽ شڪارپور ضلعن تي دائودپوٽن؛ سکر تعلقي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي تي ڪلهوڙن ۽ دادو ضلعي تي پنهورن. 1660ع کان سنت پوءِ سمن جي ڪجهہ قبيلن بکر سرڪار جي سنڌو درياءَ جي ڪاٻي پاسي هاڻوڪي گهوٽڪي ضلعي ۽ روهڙي تعلقي وارن علائقن تي پڻ قبضو ڪري ورتو.

مغلن جا سيوهڻ ۾ گورنر

بکر کان بہ اڳي گهٽي پاڳي سيوهڻ سرڪار تي تَرَ جي قبيلن قبضو ڪري ورتو هو ۽ انهن سمورن قبيلن، ڪلهوڙن کان سواءِ، سرڪاري طرح مغلن جا ڪارندا ٿي ڪم پئي ڪيو ۽ ٿورو گهڻو ڍَڻُ پئي ڀريائون.

مغلن جا ٺٽي ۾ گورنر

1591 ۽ 1738ع جي وچ تي سنڌ جا مغل يا ترخان گورنر 60 ٿيا، جن جو سراسري مدو اوائي سالن کان بہ گهٽ بيهي ٿو. ان ٿورڙي مدي ۽ بي يقينيءَ سرڪار لاءِ ساڳيا بکر ۽ سيوهڻ وارا مسئلا پيدا ڪيا.

مغلن جي صوبائي انتظام جي مکيہ اوڻائي اها هئي تہ همايون جي شير شاهہ هٿان شڪست کان پوءِ انهن مقامي مسلمانن مٿان ڀروسو ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ مغلن ڪي منصبدار وغيره ڪري ٿي موڪليائون. مغلن پاران ذميواري ملڻ لاءِ اهل اهو هو جيڪو رنگ جو اڇو/ڀورو هجي (ايرانين ۽ وچ ايشيائين وانگر)، ڏکڻ ايشيا کان ٻاهر جائو هجي ۽ ڪا ڏيهي مسلمان مائي پرڻيل نہ هجي. ڏيهي ٻولين جي ڄاڻ هجڻ ضروري نہ سمجهيو ويندو هو. نتيجو اهو ٿيو تہ اصل هتان جا مسلمان پاڻ کي ڪنهن نہ ڪنهن ٻئي مسلمان ملڪ مان لڏي آيل ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. جيڪي نوان آيا، تن هتان جي ڀوري رنگ وارين ماين سان شاديون ڪيون تہ جيئن سنڌن ٻار مغلن جي عهدن لاءِ اهل ٿي سگهن ۽ ان سان ايران ۽ وچ ايشيا کان لڳاتار ٿيندڙ لڏپلاڻ کي ويتر هٿي ملي. ان کان بہ وڌيڪ اڪبر جي ان فيصلي تہ ڪنهن منصبدار جي مرڻ تي انهي جي منقولا توڙي غير منقولا ملڪيت، سنڌس حرم سميت، سرڪار جي قبضي ۾ هلي ويندي، منصبدارن کي گهڻ خرچائو بڻائي ڇڏيو، جن ان کان پوءِ محل نہ اڏيا، پر پنهنجي جيئري ئي پنهنجي آخري آرامگاهہ لاءِ شاندار مقبرا جوڙائي ڇڏيائون.

انهن سمورن عنصرن جي ڪري ڪڙمي ٻنيون ڇڏي ڀڄي ويا. جن ٻنيون آباد ڪيون پئي، تن کي منصبدار کي سنڌس پنهنجي خرچ پکي ۽ مرڪزي خزاني ڏانهن ٻنڌاڻ رکيل رقم موڪلڻ لاءِ تمام وڏا ٽيڪس ڀري ڏيڻا ٿي پيا.

ان قسم جي انڌ ڌنڌ سرڪار جي نتيجي ۾ وڳوڙي حالتون پيدا ٿيون، جن بابت ڄاڻ هيٺين پيراگرافن ۾ ڏجي ٿي:


مقامي سمن جو راڄ ۽ بلوچ قبيلا گڏ ٿي اٿي کڙا ٿيا ۽ ارغونن ۽ ترخانن سان گهرو ويڙهہ سنڌ جي اڪبر هٿان فتح ٿيڻ تائين هلندي رهي. انهي وچ ۾ ريجاڻي سرشتو اجڙڻ شروع ٿي ويو. 1634ع ۾ يوسف مِيرَڪ شاهجهان ڏانهن اٺ سو صفحن جو هڪ خط لکيو، جنهن ۾ مغلن جي گورنرن جي وِيَل قسم جي انتظام، واهن جي سرشتي تي ڌيان نہ ڏيڻ ۽ سمن ۽ ٻين ذاتين جي بغاوت جو پيرائتو احوال ڏنائين. گهرو ويڙهہ نموني جي بغاوت ارغونن جي ڏينهن جي منڍ ۾ ئي شروع ٿي وئي هئي۽ شاهجهان جي ڏينهن تائين هلندي رهي ۽ ان جو احوال بيگلارنامي، ترخان نامي، طاهري ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي رڪارڊن (ايڊٽ، فوسٽر) ۾ ملي ٿو، جنهن جو 1635-1662ع جي وچ تي ٺٽي ۾ ڪارخانو هو. وَرِٽنگٽن، مينرِق، مَنُوچِي ۽ هيملٽن نالي يورپي گهومڙائن پاران ڏنل احوال ۽ اورنگزيب پاران ملتان جو گورنر هجڻ دوران پنهنجي پيءُ ڏانهن لکيل خط (رُقعاتِ عالمگير ۽ مُقعاتِ عالمگير) ان جي تصديق ڪن ٿا.

اهڙين وڳوڙي حالتن هلندي سنڌ ۾ ريجاڻي سرشتو ٻنهہ اجڙي ڪنڊر بڻجي ويو. مِيرَڪ چوي ٿو تہ گورنرن، منصبدارن ۽ بادشاهہ پاران ٻنيون ماڻيندڙن منجهان گهڻا ريجاڻي زراعت کان ڪورا اڻڄاڻ هئا ۽ واهہ لَٽيل پيا رهيا. باغي قبيلا اَهنڊ بڻجي ويا ۽ جن ماڻهن ٻنين ۾ آبادي ٿي ڪئي انهن کي ڦُرڻ لڳا. پيرائتن احوالن مان لڳي ٿو تہ:

- گهٽ ۾ گهٽ اڌ آبادي باغي ٿي وئي. اهي مال ڌارڻ ۽ چارڻ کي وڃي لڳا، پاڻ رهتون ڏيڻ کان ڪُتو جواب ڏئي انهن تي حملا ڪرڻ لڳا جن آبادي ڪئي پئي ۽ ٽيڪس ڀريا پئي.
- ٽيڪس رڳو تلوار جي زور تي پئي اڳڙيا.
- واهن منجهان گهڻن جي ڪاٽي نہ ٿي ۽ اهي لَٽجي ويا.
- ڪيترين ئي پليون ٻنيون ويران ٿي ويون.
- ريجاڻي ايراضي گهٽجي وڃڻ ڪري ڪاڏي جي پيداوار گهٽجي وئي ۽ ساڳيو حال آباديءَ جو بہ ٿيو.

ڏکاري حالتون ايڏيون اُگريون ٿي ويون جو گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ موقعا اهڙا آيا جو ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس کائڻ لڳا. 1662ع تائين سنڌ جي ريجاڻيءَ هيٺ ايراضي توڙي آبادي پڪ سان گهٽجي 1522ع جي ڀيٽ ۾ اڌ کان بہ گهٽ وڃي بچيون هونديون. ٺٽي سرڪار مان مرڪزي خزاني کي ٿيندڙ آمدني 1665ع ۾ 1600ع واريءَ جو ويهہ سيڪڙو هئي، جيئن آئينِ اڪبري ۽ برنيئر انگ اکر ڏنا آهن.

1662ع کان پوءِ جو ڪو رڪارڊ ڪو نہ ٿو ملي ۽ وڳوڙي حالتون


همايون جي سنڌ ۾ هل هلان
07.07.1540 لاهور مان سنڌ ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيائين.
ڊسمبر 1540 جو پڇاڙڪو هفتو اُچ پهتو.
جنوري 1541 جي شروعات اُچ ۽ سنڌ جي وچ وارو گارا ٽپيو.
26.01.1541 روهڙيءَ جي پاهران پهتو.
20.07.1541 بکر ڇڏي پاٽ ۽ سيوهڻ ڏانهن هليو.
29.08.1541 پاٽ ۾ حميدا بيگم سان لانئون لڌائين.
02.09.1541 پاٽ ڇڏيائين.
06.11.1541 سيوستان (سيوهڻ) تي ڪڙو چاڙهڻ شروع ڪيائين.
04.03.1542 سيوستان تان ڪڙو لاٿائين ۽ بکر ڏانهن هليو.
07.05.1542 بکر مان اُچ لاءِ نڪتو.
28.06.1542 اُچ ڇڏي راجستان ۾ مالديو جي علائقن ڏانهن هليو.
29.06.1542 ديراور (دلاور) پهتو.
03.07.1542 واصلپور ۾ ترسيو.
جولاءِ 1542 جو وچ ستلمير پهتو.
13.08.1542 پٽودي ۽ ڪُٽيجودي مان لنگهي جيسلمير پهتو.
22.08.1542 ڪُوري، مياجيار ۽ نئين چور کان ٿيندو امرڪوٽ پهتو.
11.10.1542 امرڪوٽ مان جُوڻ لاءِ نڪتو.
14.10.1542 امرڪوٽ کان 24 ميلن تي پهتو.
15.10.1542 اڪبر اعظم امرڪوٽ ۾ ڄائو.
18.12.1542 حميدا بيگم جوڻ لاءِ نڪتي.
26.12.1542 حميدا بيگم جوڻ پهتي.
12.04.1543 بهرام خان جوڻ پهتو.
11.07.1543 مرزا شاهه حسن ارغون سان ناهه ڪرڻ کان پوءِ جوڻ ويجهو ٻيڙين
واري پل ٽپيو ۽ نيرون، آمري، لڪي، سيوهڻ، گنداوا، سَٽي،
مُولا لَڪ ۽ منگُوچَر کان ٿيندو مستونگ هليو ويو.
16.10.1543 مستونگ کان شال (ڪوئيٽا) ۽ چمن رستي قندار ۽ ايران ڏانهن هليو.
راوي
جهلم
سنڌو
لاهور کان
ستلج
اُچ
ديراور
گارا
اباوڙو
ميرپور ماٿيلو
سکر
بکر
گهاڙ واهه
لاڙڪاڻو
واصلپور
ستلمير
پٽودي
ڪُٽيجودي
جيسلمير
ڪُوري
مياجيار
نئون چور
امرڪوٽ
راجپوتانا
هاڪڙي جو
سڪل پيٽ
پاٽ
منڇر ڍنڍ
سيوهڻ
آمري
نوابشاهه
منصوره
(ڦٽل آثار)
نصرپور
(نيرون ڪوٽ)
حيدر آباد
ٽاٽو بولا خان
نري
(ڦٽل آثار)
جوڻ
فتح باغ
چاچرو
مٺي
اسلام ڪوٽ
ڏيپلو
ويراواهه
نگرپارڪر
بدين
محمد طور
(ڦٽل آثار)
ڪوراشي
بلڙي چاڙهه
ساڪرو
ڪيٽي بندر
هاٿوڪي
ساموندي ڪنڌي
سورهين صديءَ
واري ساموندي ڪنڌي
ڪاڇو
ڪڇ
ميل
20 10 0 20 40 60
اتر
شال (ڪوئيٽا)
مستونگ
منگُوچَر
مُولا لَڪ
سَٽي
گنداوا
سنڌ
وارو گسُ
ڏسٽي
1. سورهين صديءَ ۾ درياءَ جا وهڪرا
2. سورهين صديءَ جا شهر
3. نوان شهر
4. همايون جا گسَ .... اچڻ موٽڻ
5. سنڌ جو هاٽوڪو ڏنگ
6. سنڌوءَ جو هاٽوڪو وهڪرو
نقشو نمبر 57
1541 - 1543ع
همايون جو سنڌ ۾ رلڻ


ايتريون وڏي ويون جو مغلن جي ملتان ۾ گورنر (جيڪو اڳتي هلي سلطان بهادر شاهه-1 ٿيو) هڪڙي مقامي قبيلي (پنهور ذات جو) جي سربراهه کي هاٽوڪي دادو ضلعي جي اترئين ڀاڱي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏاکڻئي ڀاڱي لاءِ موروثي سرڪاري گورنر ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ قبول ڪيو. هي بندوبست ڪيترائي سال هليو ۽ انهن کي ديني ۽ دنياوي اڏاوتون ۽ شڪارپور نالي راڄڌاني شهر اڏڻ جو وقت ملي ويو. پڇاڙيءَ ۾ ڪو گهڻو زور لائڻ بنا ئي ڪلهوڙن هٽائي ڇڏين، جيڪي ايڏا سگهارا ٿي ويا هئا، جو شاهي لشڪر کي دادو ضلعي ۾ شڪست ڏني هئائون ۽ ملتان جي گورنر کي مجبور ٿي ڪين پنهورن جي جاءِ تي موروثي سرڪاري گورنر مقرر ڪرڻو پيو هو. لڳي ٿو ته پنهور قبيلي کي سومرن يا سمن ڪنهن نندي چاڙهه تي آٽي ويهاريو هو جيڪا سنڌو درياءَ مان راڄڻ ڪان ٿلٽيءَ تائين سومرن جي دور جي پڇاڙيءَ يا سمن جي دور جي اڳياڙيءَ ڌاري نڪتي هئي. اها چاڙهه سورهين صديءَ تائين سڪي وئي ۽ پنهورن کي سمن اتان اتاري الهندي ناري جي ڏاکڻئي ڀاڱي جي ڀنهي پاسن سان دادو، جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ ويهاريو. سترهين صديءَ جي پوياڙيءَ ڌاري مقامي گورنر يا صوبيدار طور قبول ٿيڻ ڪان پوءِ قمبر ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقن ۾ پڻ ڀنيون قبضي ڪيائون. قمبر ۽ وارهه تعلقن ۾ پنهورڪي نالي واهه هو، جيڪو 1931ع تائين وهيو. خيرپور ناٿن شاهه تعلقي ۾ ڳاڙهي نالي شهر پڻ وسايائون. ڪلهوڙن انهن ڀنهي تعلقن واريون ملڪيتون ڦري ورتن.

آخري برفاني جُڳ هلندي پاڻيءَ جا وهڪرا ۽ سنڌوءَ ۾ پاڻي گهڻو گهٽ ٿي ويا ۽ واهه پرجي نٽي وهيا. رِضاڻي (سنڌوءَ جي ڇَرَ سان ڀڏندڙ) هيٺ ايراضي جيتوڻيڪ گهٽجي وئي، پر ڪاڏو اپائيندڙ ذريعن ۾ ٻين ڪان سٺي هجڻ واري اهميت ماڻيائين. ساڳي طرح سان ڪوهستان ۽ ڪاڇي ۾ ڪاڇا ايراضي (مينهن جي پاڻيءَ سان ڀڏندڙ) ڪاڏو ۽ گاهه اپائيندڙ ٻي ايراضي ٻڻجي وئي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن واهن جي ڪم ڪرڻ، سنڌوءَ جي نرالي چلت ۽ واهن جا منهن لَٽجي وڃڻ ڪان اٽڃاڻ هجڻ ڪري ريجاڻيءَ تي ڌيان ئي نه ڏنو. انهي عرصي دوران ڪو نئون واهه نه کوٽايو ويو. مِيرَڪ ٻڌائي ٿو ته جوهي تعلقي ۾ ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ گاج ۽ ٻين نئِيُن تي ڏيڊ صدي اڳ اڏيل ساواهه نالي ۾ پيل گهارو نه ٻڌو ويو، جيتوڻيڪ اهو وچولي سنڌ جي گورنر جي هيڊڪوارٽر سيوهڻ ڪان ڪو گهڻو پري نه هو. جن ٻنين کي پاڻي ڏيڻو هوندو هو، تن جي سنوت ڪان هيٺ وهندڙ واهن تي هُرلا جُٽندا هئا. ان ڪان سواءِ پندرهن ڪان ويهه فٽ اونهن پڪن توٽي ڪچن کوهن تي پڻ نار چاڙهي انهن مان پاڻي ڇڪي ريجاڻيءَ لاءِ ڪم آندو ويندو هو. اهو ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ جو ڇُهي طريقو سڏبو هو.

فصل ساڳيا اهي ئي پئي ٿيا، جيڪي سمن جي دور ۾ ٿيندا هئا. مثال طور: چانور اتر-الهندي سنڌ ۾ ويندي سيوهڻ جي اوسي پاسي تائين ۽ ڪوٽڙي بئراج وارن علائقن ۾ ٿيندا هئا؛ خشڪ پوکون جهڙوڪ ٻاجهري، جور، ڦٽيون ۽ ڪمند پاڻي ڪجڻ وارن علائقن ۾ ٿينديون هيون ۽ ڪٽڪ، جَوَ، تيلي ٻج، مٽر ۽ چؤنرا ڪچي وارن علائقن ۾ ٿيندا هئا. ڪاڇي جي باراني (مينهاڻي) علائقن ۾ جور ۽ ٿر ۾ رڳو ٻاجهري ٿيندي هئي. ڪچي وارن علائقن ۾ سياري ۾ ڪٽڪ، جو ۽ تيلي ٻج ٿيندا هئا ۽ هيڪڙ ٻيڪڙ سانوڻيءَ ۾ جور ۽ ٻاجهري ٿينديون هيون. مڪئي پوءِ آئي، پورچوگيزن آمريڪا مان آندي. پورچوگيزن تماڪ، پپيتو، زيتون، انناس، ڪاڇا ۽ لاهوري گجر ڏکڻ آمريڪا مان، بوهي مڱ (مڱيرا) آفريڪا مان، ڳاڙها مرچ پرنامبُوڪو مان ۽ لِيچي ۽ مٺي نارنگي چين مان پڻ ڏکڻ ايشيا ۾ آندا. اهي سنڌ ۾ ڪڏهن آيا، سنن جي ڄاڻ ناهي، پر تماڪ، مڪئي ۽ ڳاڙها مرچ پڪ سان اوائلي ڏينهن ۾ ئي اچي ويا هوندا. تماڪ ڇڪڻ جا ڏاڍا سهڻا سينگاريل حقا 1665-1700ع دور جا خداآباد، ضلعي دادو، مان لڌا آهن. مٺيون نارنگيون ڏکڻ ايشيا ۾ اڳيئي ڄاتل سڃاتل هيون، پر تي سگهي ٿو وڏيڪ ڪي نيون جنسون آيون هجن. سنڌ پاڻيءَ ۾ ٿيندڙ قدرتي ٻوٽن جا ميوا ۽ پاڙون جهڙوڪ ٻِهَ، ڪُمَ، لوڙهه، نَپ ۽ پبڻ ڪائي مزا پئي ڪيا. ٻُوري پَنِ جي قسم ڏِير جي پاڙن مان نڪرندي هئي.

وونئڻ، جيڪي سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جي دور ۾ جام ٿيندا هئا، واهن کي ڌيان نه ملڻ ڪري گهٽجي ويا، تنهن هوندي به هڪ اهم فصل هئا. وونئڻ گجرات ۾ ٿيندا هئا ۽ اتان ڪپهه ڪڇ رستي سنڌ ۾ اچي ٽٽي جي ٻن هزارن آڏاڻن ۾ ڪم ايندي هئي، جيئن مينرِق ڏنو. وونئڻ ٻن قسمن جا ٿيندا هئا: نيرِي (نئين سال نوان) ۽ نُراڙي (سڄو سال هلندڙ وڻ). سڄو سال هلندڙ يا ٻارها وڻ تمام ڊگها هوندا هئا ۽ ننڍن ننڍن نانگن سان پريا پيا هوندا هئا، جيئن معصومي ۾ آيو آهي. ڦٽيون چوندڻ ڪان پهريان وڻن کي ڏُوٽو ڏئي نانگ ڇاڻٽا پوندا هئا. ڪيترن ئي قسمن جا گدرا، هنداڻا (ڇانهان) ۽ ولين واريون ڀاڄيون (ڪدو، تُوري، ونگو وغيره) مينهاڻي ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ وَٽَ تي ٿيندا هئا. اوچ (ڪپڙو اُٽڻ) جا مرڪز ٺٽو، نصرپور، سيوهڻ، دربيلو، ڪنڊيارو، گمبٽ، سکر ۽ بکر هئا. آخري برفاني جُڳ جي آندل سوڪهڙي جي ڪري اوچ جي ڪاروبار سان ڪَتڻ ڪان وٺي اُٽڻ، ڇُرڻ ۽ وڪڻڻ تائين لاڳاپيل ميمڻ ۽ ڪٽي (ڪتري) ڪوٺائيندڙ ماڻهن جو هڪ وڏو انگ ڪپهه ۽ ان مان ٺهندڙ شين جي پٺيان ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، برهانپور ۽ ٻين جاين ڏانهن هليو ويو.

وونئڻن، تماڪ، ڪمند ۽ آفيم کان پوءِ پنجون وڏو صنعتي فصل نِيرُ هو. پورچوگيزن نِيرَ کي ويسٽ انڊيز پهچايو. 1650ع تائين اهو ملڪ انگلينڊ ڏانهن نِيرُ موڪليندڙ وڏي ۾ وڏو ملڪ ٻڻجي ويو ۽ سنڌ ۾ نِيرَ جي پوک کي ٻُنجو اچي ويو. وچولي سنڌ يعني سيوهڻ سرڪار نِيرَ جي پيداوار جو ڳڙهه هئي. نِيرَ جي پيداوار بنهه بند تڏهن ٿي، جڏهن 1930ع ڌاري BASF انهي کي ڪيميائي ترڪيب ڏني ۽ ڪاروباري سطح تي سستن اگهن تي ٺاهيو. آفيم هنڌين ماڳين پوکبو هو، ڀن (گانجو) ڦُوڪ پربا هئا، ٻج (ڪس ڪس يا پُست جي ڪڻ) گهوٽي يا ڪاڙهي ٺاڏل ۾ ڪم آندو ويندو هو ۽ ڏوڏيءَ مان آفيم ڪڍيو ويندو هو. ڪمند الائي ڪڏهانڪر ڪاهبو پئي آيو. سنڌ ۾ واهن، وهندڙين، اَڏُن ۽ ڪسين وغيره جي پاسن



نقشو نمبر 58

1555ع

سنڌ ياڳا تي

ارغونن ۽ ترخانن ورهائي ڪنئي

سان نوڙيون ۽ رسا وٽڻ لاءِ ڪم ايندڙ قدرتي مواد پاٽمرادا ڦٽندا هئا. انهن منجهان سَرَ جا مُڃ ۽ ڪيتريون ئي ٻيون شيون عام هيون. مال ڏارڻ ۽ چارڻ وارو ڪم زراعت ڪان به اڳ کان هلندو پئي آيو. زراعت مال کي چارڻ لاءِ گاهه، اَنُ ۽ تيل موجود ڪري ڏنا ۽ مال جو ڪير وري صاف ستري مکڻ ۽ گيهه ۾ تبديل ٿيندو هو. مکڻ ۾ ڪَٽِ هوندي هئي، تنهنڪري وڪڻڻ مهل جيترا پيرا هٿ مٿائيندو هو تور جي ٻٽيهين پتي ڪٽبي هئي. جانورن جا هڏا، کلون، اُنَ ۽ ڏاس اهم واپاري اسم هوندا هئا. اُنَ ۽ ڏاس مان ڪمبل ۽ ڪتا ٺهندا هئا، جيڪي جسم کي ويڙهي سيءَ کان بچاءَ لاءِ ڪم آندا ويندا هئا. سنڌ ۾ ميناٺي زراعت جو معيشت ۾ تمام ٿورڙو حصو هو. انهي تي ڪوهستان ۾ جُوَر ۽ ٿر ۾ ٻاجهري ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مقبول تيلي ٻج تِرُ پڻ پوکبا هئا. سنڌ جي آبادي پڪ سان گهٽجي ميرڪ جي اچڻ (1634ع) تائين ڏهه لک کن وڃي بچي هوندي ۽ اڳلا چاليهه سال به پڪ سان اتي ئي بيٺل رهي هوندي. انهي صديءَ جي پڇاڙيءَ واري چوٿي ۾ ڏيهي قبيلا سگهارا ٿيا ۽ واهن جو بندوبست پاڻ هلائڻ لڳا. انهن سالن ۾ آبادي پڪ سان پنجاهه سيڪڙو کن وڌي هوندي ۽ 1700ع تائين پندرهن لکن تائين پهچي وئي هوندي.

سورهين صدي پورچوگيزن جي ڏکڻ ايشيا ۾ ڪاروبار جو چوٽ هو. سترهين صديءَ جي منڊ ڪان پورچوگيزن جو ڪاروبار ۽ طاقت ڍرڪڻ لڳا ۽ نين يورپي طاقتن ڊَچن (هالينڊ جا جرمن)، انگريزن ۽ فرانسيسين ڪاروبار وڌايو ۽ گڏوگڏ مغلن جي درٻار ۾ هلندي پڇندي به. پورچوگيز سنڌ جي مقامي سرڪاري عملدارن سان سنا لاڳاپا اڪبر پاران سنڌ کي 1591ع ۾ فتح ڪرڻ ڪان پوءِ به رکيو آيا. ٻن صدين 1500-1700ع دوران سنڌ ۾ پرڏيهه مان ڌاتو گهرايا ويندا هئا، خاص ڪري چاندي. هڪڙو به ٻاهر ويندڙ سامونڊي جهاز ڪنهن مقاميءَ جي ملڪيت نه هو. يورپين جي هڪ هٽي هئي. سنڌ جو پرڏيهه ويندڙ مال گهٽي ڀاڱي اوچ (ڪپڙو) هئي. چاندي ۽ سون سدائين ڪان ڏکڻ ايشيا ۾ پرڏيهه مان ايندڙ وڏا اسم هئا، گهٽو ڪري هڙيا جُڳ ڪان وٺي. ڪڙمي طبقو پنهنجي آمدني جو گهڻو حصو روپ ۾ قيمتي ڌاتن ۾ مٽائي ڇڏيندو هو، جيڪي انهن جون عورتون هر وقت پايو وتنديون هيون. اهي مهل پئي تڪڙ ۾ گروي رکڻ يا وڪڻي گهرج پوري ڪرڻ جو ڪم پڻ ڏيندا هئا. پنين صديءَ جي پوئين اڌ جي ڳالهه آهي، جڏهن چاندي پرڏيهه اماڻڻ جي موکل ڏني وئي ۽ اها گهڻ واري ڌاتوءَ واري پنهنجي منفرد حيثيت وڃائي ويٺي. ان کان وٺي هاڻ اها صنعتي ڌاتو آهي. سرڪار، گهٽو ڪري دباءَ هيٺ يا غلط صلاح تي، 1950ع کان پوءِ اها پرڏيهه اماڻڻ جي موکل ڏني ۽ انهي کان وٺي ان جي قيمت سُوٽي وڌي وئي آهي.

لاڙي بندر تي 1613ع ۾ پورچوگيزن جو قبضو هو، تڏهن انگريزن اتي ڪارخانو هٽڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن ان تي اعتراض واريندي ڇڏي هليو وڃڻ جو دڙڪو ڏنو. گورنر ڏکي صورتحال ۾ اچي ڦاٿو، جو نه ڪيس


بادشاهه کي اتان اڳڙندڙ ڪسٽم ديوٽيءَ مان پنيءَ طور هڪ ڀنڌاڻ رقم ڏيڻي هوندي هئي ۽ پورچوگيز مکيه ٽيڪس ڀريندڙ هئا. 1656ع ۾ مَنُوڇي لاڙي بندر تي پورچوگيزن جو هڪ گرجا گهر ڏٺو. سال 1500ع کان اڳين صدين ۾ عربن ۽ ايرانين، ايراني يهودين سميت (1228ع تائين)، جي پوري ڏکڻ ايشيا ۾ - موزمبيق کان ملاڪا جي ڳچي سمنڊن تائين - سمنڊ رستي ٿيندڙ ڪاروبار ۾ سرسيءَ واري حيثيت هوندي هئي. گهڻي ڀاڱي گهاٽن تي سنڌن وسنديون هونديون هيون ۽ سنڌن ڪاروبار مقامي اختيارين لاءِ ايڏو ته گهڻ ملهائتو هوندو هو جو هر هنڌ آجيان ٿيندي هئن ۽ خاص رعايتون ملنديون هئن. پورچوگيزن انهن مسلمان ڪاروبارين کي انهن جي هندي وڏي سمنڊ ۾ سرسيءَ وارين جاين تان نيڪالي ڏئي ڇڏي.


واپاري وکرن ۾ سدائين وانگر مسالا به شامل هئا، جن جو پيگوئلٽيءَ پاران وڻجارن لاءِ ٺاهيل ڇوڙپڙيءَ مطابق چوڏهين صديءَ ۾ مطلب نشيدار ٻوٽيون، رنگ، عطر، ليپَ (ملمون)، سينگار جو سامان، ڪاڏي جا مهانگا اسم، پارهن قسم کنڊ جا، ڪيترائي ميڻ، ڪنئور، ٽنيڻ، سرهاٽيون، گرم مسالا (ويگر)، شيون سانڍڻ لاءِ ڪم ايندڙ مادا، ڪارا مرچ (ڳاڙهي، اڇي ۽ ڪاري رنگ ۾)، ڳاڙها مرچ ۽ دالچيني وغيره ملائي به سو اناسي وکر هوندو هو.

لاڙي (لاهري) بندر ديبل جي تباهه ٿيڻ کان پوءِ ۽ گهٽو ڪري سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو اچڻ ڪري 1228 ۽ 1333ع جي وچ تي ٺهيو. بندر جو درياءَ تي هجڻ غير موزون هو ۽ ماڳ تي سگهي ٿو ڪيترائي پيرا مَٽيو هجي. سنڌ جو پورچوگيزن سان هلندڙ پرڏيهي واپار رڳو سنڌ جي مال تي ٻڌل نه هو، پر ان ۾ پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ افغانستان جو مال به شامل هو. انهي ۾ ڪشمير مان شراب، نشيدار ٻوٽيون ۽ ڪاٺ؛ سنڌ ۽ پنجاب مان ڪٽڪ، ڪٿليڪو (ڪلڪتي ۾ ٺهندڙ سوٽي ڪپڙو هرڪ، بافتو) ۽ آفيم؛ سنڌ مان لوڻ، چانور ۽ نيرُ ۽ افغانستان مان آفيم شامل هئا. سنڌ، ايران ۽ عربستان ڏانهن کنڊ پڻ موڪليندي هئي. پرڏيهه مان سنڌ ۾ ۽ اڳتي اتر ڏانهن ٽپي ويندڙ مال ۾ چاندي، سون، ڌاتن مان ٺهيل سامان، ڪاٿو (شيشو)، چينيءَ جا ٿانوَ، گهوڙا ۽ مسالا شامل هئا.

جيئن ته ريجاڻيءَ سان وڏا هاجا ٿيا هئا، سو ڦٽين جي اپت گهٽجي وئي. 1550ع کان اڳتي سنڌ اوچ (ڪپڙو اُٽڻ) سان لاڳاپيل برادريءَ کي سنڌ مان ڏکڻ ايشيا جي ٻين ڀاڱن ڏانهن لڏي ويندي ڏٺو، پر ٺنهن هوندي به چڱو ڀلو انگ سنڌ ۾ ئي رهيو ۽ سوٽي اوچ جو ڪاروبار ڪندا آيا.

وڏي مزي جي ڳالهه ته سنڌ مان لڏي وڃڻ وارا اهي ميمڻ سنڌي ٻوليءَ (ميمڻي ڪونجندڙ) کي لڳ ڀڳ چار سو سالن تائين پنهنجي مادري ٻولي ڪري سانڍيو آيا. اهي پاڻ کي نٽي (سرڪار) ۽ هالار (هالا پرڳڻو) جو سڏائن ٿا. انهن ڏينهن ۾ نٽي جو مطلب هو لاڙ سنڌ ۽ هالا پرڳڻي جو مطلب هو وچولي سنڌ.


نقشو نمبر 59
1605ع
ڏکڻ ايشيا
اڪبر جي مرڻ مهل
1. 1605ع ۾ اڪبر جي سلطنت جو ڏنگ
2. هاڻوڪا صوبائي ڏنگ
3. بين الاقوامي ڏنگ
4. درياءَ
5. شهر
اتر
ڪاڇو
ڪلوميٽر 500 400 300 200 100 0 100
بنگالي سامونڊي ڇُڪَ
وڏو سمنڊ
هندي
ڪابل
پشاور
قنڌار
سبي
ملتان
لاهور
جهلم
چناب
راوي
ستلج
سنڌو درياءَ
اُچ
بکر
سيوهڻ
ٺٽو
لاڙي يا لاهري
عمرڪوٽ
نگرپارڪر
ٻيلو
جوڌپور
اجمير
اُديپور
سرخيج
احمدآباد
کنڀي
جوڏيا
ڏيو
ٻڙودا
ٻروچ
سُورت
دمن
برهانپور
برار
دولت آباد
احمدنگر
بسين
بمبئي
چؤل
جنجيرا
ڏاڀوئي
راجاپور
ڪولاپور
وينگوريا
گوئا
باٽنڪل
ٻٽنڪل
منگلور
ڪيليڪٽ
ڪوچين
ڪولون
ٽوٽيڪورن
ڪايل
ڪولمبو
تنجور
ترانقبار
نيگاپٽم
فورٽ سينٽ ڊيوڊ
پونڊيچيري
سدراس
مدراس
پُليڪٽ
نيلور
نظام پٽم
مسوليپٽم
وزاگاپٽم
ٻيموپٽم
گولڪندا
حيدرآباد
ٻيجاپور
وجئه نگر
ناگپور
نربدا
تپتي
پاڻيپت
دهلي
ڀرتپور
آگرو
گواليار
جمنا
گنگا
خيرآباد
درياآباد
لکنؤ
الله آباد
بنارس
پٽنا
راج محل
قاسم بازار
ڍاڪا
سيرمپور (فريڊرڪس نگر)
ڪولڪتو
پپلي
بالاسور




نقشو نمبر 60
1605ع
ڏل آبيانو ڪٽڻ جا مختلف
سسٽم آئينِ اڪبري مطابق
ڪشمير
ڪابل
پنجاب
ملتان
دهلي
اوڌ
بهار
اجمير
آگرو
الله آباد
ٺٽو
مالوا
بنگال
گجرات
برار
ڪابل
پشاور
قندار
لاهور
ملتان
سبي
اُچ
پاڻيپت
دهلي
خير آباد
دريا آباد
لکنؤ
رڻٿنڀور
آگرو
بکر
سيوهڻ
اجمير
جوڌپور
گواليار
بيلو
عمرڪوٽ
الله آباد
بنارس
پٽنا
ٺٽو
نگرپارڪر
اديپور
راج محل
لاڙي يا لاهري
ڍاڪا
سرخيج
قاسم بازار
احمد آباد
سيرپور
(فريدپور)
جوڏيا
کنڀات
ڪلڪتو
بڙوداه
پپلي
بروچ
ديو
بالاسور
ناگپور
برهانپور
سورت
برار
دمن
دولت آباد
بنگالي
سامونڊي ڇُڪ
بسين
بمبئي
چؤل
جنجيرا
احمدنگر
بيموپٽم
وزاگاپٽم
دابوئي
گولڪنڊا
حيدر آباد
ڪولاپور
بيجاپور
راجاپور
نظام پٽم
مسوليپٽم
وينگوريا
گوئا
وڃئه نگر
اتر
باٽڪل
نيلور
پُليڪٽ
ڀٽڪل
مدراس
منگلور
سدراس
پونديچيري
فورٽ سينٽ ڊيوڊ
نيگناپٽم
ڪاليڪٽ
ٽرانقبار
نيگاپٽم
تنجور
ڪوچين
ٽوٽيڪورن
قلون
ڪايل
ڪولمبو
ڪاڇو
ڪلوميٽر 500 400 300 200 100 0 100
وڏو سمنڊ
هندي
ڏسٽي
1. ضَباطي
2. بَٽائي (بَٽئي)
3. نَسَق
4. بَٽائي ۽ نَسَق
5. ضَباطي ۽ نَسَق
6. آزاد
7. سترهين صديءَ ۾ شهر
8. بين الاقوامي دنگ
9. هاڻوڪا صوبائي دنگ
10. سترهين صديءَ ۾ صوبائي دنگ
11. دريائي وهڪرا
65 70 75 80 85 90
35 30 25 20 15 10 05

نقشو نمبر 61


1608 – 1700ع

سنڌ جو انتظامي نقشو




نوٽ:
سترهين صديءَ ۾ انتظامي پرڳڻا ساڳيا سورهين صديءَ وارا هئا، سواءِ ان جي ته 1608ع ۾ ڳاها ۽ باغبان پرڳڻا بکر سرڪار مان ڇني سيوهڻ سرڪار ۾ ملايا ويا.

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ تيار



نقشو نمبر 62
1658ع
ڏکڻ ايشيا
شاهجهان کان تخت ڦرجڻ مهل
ڪابل
پشاور
قندار
جهلم
چناب
راوي
لاهور
ستلج
سنڌو درياءُ
ملتان
سبي
اُچ
سکر
سيوهڻ
ٻيلو
عمرڪوٽ
ٺٽو
نگرپارڪر
جوڌپور
اجمير
اُديپور
پاڻيپٽ
دهلي
ڀرتپور
آگرو
گواليار
جمنا
گنگا
الله آباد
بنارس
پٽنا
ڍاڪا
احمدآباد
ڪئمبي
جوڏيا
ڊيُو(پ)
ٻڙوداڊ
ڀروچ
سُورت
نربدا
تپتي
دمن (پ)
بَسين (پ)
بمبئي (ب)
چؤل (پ)
جنجيرا
احمدنگر
دولت آباد
ناگپور
ڊاڀوئي
راجاپور
ڪولاپور
وينگوريا
گوئا
بيجاپور
گولڪندا
حيدر آباد
ڪرشنا درياءُ
گوداوري
تُنگڀدرا درياءُ
وِجئہ نگر
مَسوليپٽم
نظام پَٽم
بيمولِيپَٽم
نيلور
پُليڪٽ (ڊو)
مدراس (ب)
سدراس (ب)
پونڊيچيري (ف)
فورٽ سينٽ ڊيوڊ (ب)
تيگناپَٽم
ٽرانقبار (ڊ)
نيگاپَٽم (ڊو)
منگلور
ڪيليڪٽ
ڪوچين (ڊو)
ٽوٽيڪورن
سيرمپور
ڪولڪتو (فريڊرڪس نگر)
(ب)
پپلي
بالاسور
بنگالي سامونڊي چُڪ
وڏو سمنڊ
هندي
اتر
1707ع ۾ يورپي وسنديون
برٽش........(ب)
ڊينش........(ڊ)
ڊچ........(ڊو)
فرينچ........(ف)
پوچوگيز........(پ)
ڏسٽي
1. اورنگزيب جي سلطنت جو دنگ
2. هاٿوڪو دنگ
3. بين الاقوامي دنگ
4. درياءَ
5. شهر
ڪاڇو
ڪلوميٽر
500 400 300 200 100 0 100

ڪلهوڙا راڄ گهراڻي جو شجرو



باب اناويھون

ڪلهوڙن جي راڄ ۾ ريجاڻي


(1701_1783ع)

ڪلهوڙن جي اقتدار تائين اُسرڻ جو ڳانڍاپو سنڌي قبيلن جي زرعي زمين هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيل جدوجهد سان جڙيل ٿو، جيڪا ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي گورنرن جي هٿن ۾ هئي، 1522ع کان وٺي جاگيردارن ۽ منصبدارن کي ورڇي ڏني وئي هئي، جن منجهان گهڻا مِيرَڪ چواڻي زراعت کان اڻڄاڻ هئا ۽ ان کان بہ وڌيڪ ريجاڻي زراعت ۽ سنڌ ۾ واهن اڏڻ توڙي انهن جي سار سنڀال لهڻ واري سرشتي کان اڻڄاڻ هئا. سنڌي قبيلن منجهان گهڻي ڀاڱي باغي ٿي چڪا هئا ۽ ڌنارڪي معيشت تي آڌاريل مال ڌارڻ ۽ چارڻ کي وڃي لڳا هئا. رڳو ٿورڙا قبيلا ۽ ذاتيون، جيڪي ريجاڻي حوالي سان چڱن هنڌن تي ويٺل هئا، جھڙوڪ لاڙڪاڻي، اتر دادو ۽ نئين ضلعن وارا، سي ريجاڻي زراعت کي لڳا رهيا. ٽڙيل پکڙيل حوالن منجهان لڳي ٿو تہ پنهور ذات جي هڪ قبائلي سربراھ سيوهڻ جي گورنر جي طاقت ٽٽڻ کان پوءِ مقامي گورنر جا اختيار پاڻ سنڀالي ورتا هئا ۽ ريجاڻي نظام کي ڪنهن حد تائين سڌاريو هئائين، پر قبيلن جي گهڻائي وري بہ لاتعلق رهي ۽ شريڪ نہ ٿي.

سما قبيلا، جيڪي فاتحن سان پوڻين ٻن صدين (1522-1700ع) تائين پنهنجي حق لاءِ وڙهندا رهيا هئا ۽ ڌنار ٿي ويا هئا، تن وٽ اڳواڻي نہ رهي هئي ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ويا هئا. ڪو مرڪزي اڳواڻ نہ هجڻ ڪري اهي اقتدار جي ڊوڙ کان ٻاهر هئا. اهي ئي وڳوڙي حالتون هيون جن هلندي ڪلهوڙا اسريا ۽ اتر دادو ضلعي ۾ پنهورن کي هٽائي پاڻ راڄ ڏٽي ٿي ويا. ڪلهوڙا، مغلن خلاف هڪ صديءَ کان وڌيڪ جدوجهد ڪري چڪا هئا. اهي موروثي پير هئا ۽ سندن مريدن منجهان گهڻائي ڊيرا غازي خان، مظفرڳڙھ، سبي ۽ ڪڇي جي بلوچن جي هئي. اتر-الهندي سنڌ ۾ پڻ سندن مريد هئا. هي واهن ٺاهڻ جا استاد هئا ۽ جيئن اڳتي ڏسنداسين تہ 1701 کان 1754ع تائين 700 کان 1000 نوان واھ اڏي ورتائون ۽ پراڻن کي نئون سنئون ڪري ٺاهي ورتائون. هنن لاڙڪاڻي ۽ اتر دادو ضلعن تي قبضو ڪيو ۽ شڪارپور (خداآباد) کي پنهنجي راڄڌاني بڻايائون. مغلن جي ملتان ۾ گورنر، شهنشاھ اورنگزيب جي سڀ کان وڏي پٽ، گوڏا کوڙيا ۽ مصلحت طور کين 1701ع ۾ سرڪاري گورنر ڪري مڃيائين. ڪلهوڙا ڏينهون ڏينهن اڳتي وڌندا ويا ۽ وڌ کان وڌ علائقن تي قبضو ڪندا ويا. 1738ع تائين اهي سڄي سنڌ جا والي بڻجي چڪا هئا.

ڏنل چارٽ ۾ سندن شجرو ۽ سندن راڄ گهراڻي جا راڄ راڻا ڏنل آهن:

نمبر 1.	مغلن جي ملتان ۾ گورنر جي حڪمن تي مارجي ويو.
نمبر 2.	پنهنجي ننڍي ڀاءُ نمبر 3 جي حق ۾ هٿ ڪڍي ويو.
نمبر 4.	چانڊڪا يا لاڙڪاڻي ضلعي ۾ خانگي ٻنين تي قبضو ڪيو هئائين.
نمبر 5.	سانگين ۽ ابڙن جي ٻنين تي زوريءَ قبضو ڪيائين ۽ بکر جي گورنر سان ويڙھ ۾ مارجي ويو. 1657ع ۾ سندس دور جي پڇاڙي ٿيڻ تائين انهن جو گهڻو ڪري رتيديري ۽ ميروخان تعلقن کي ڇڏي پوري لاڙڪاڻي ضلعي تي مڪمل ڪنٽرول ٿي چڪو هو.
نمبر 6.	ميهڙ ۽ ڪَڪَڙ تعلقن ۾ وڌ ۾ وڌ ٻنيون قبضي ڪرڻ شروع ڪيائين، پر ڳاڙهيءَ واري مير محمد پنهور سان ويڙھ ۾، جنهن سان سبيءَ جي گورنر مرزا خان جو ساٿ هو، مغلن گرفتار ڪيس. ڪيس دهليءَ موڪليائون جتان ڪن واعدن وچنن تي پوئتي موٽڻ جي موڪل مليس، جن تان اڳتي هلي ڦري ويو. سيوهڻ جي گورنر کان لاڪاڻ ٺيڪي ۾ ورتائين. هاڻوڪي نوابشاھ (شهيد بينظير آباد) ضلعي ۾ مگڻ موري ۽ ساهتيءَ تي پڻ قبضو ڪيائين. سندس هيڊڪوارٽر ڳاڙهِي هو.
نمبر 7.	هن پنهورن کي مرڪپور، تعلقي دادو، ويجهو شڪست ڏني ۽ مير پنهور جي شهر فتحپور تي قبضو ڪيائين. دهليءَ مان ڪيس سيڪت ڏيڻ لاءِ موڪليل امير شيخ جهان کي ڳيريلي تعلقي وارھ ويجهو شڪست ڏيڻ ۾ سوڀارو ٿيو. معزالدين (اورنگزيب جو پوٽو ۽ ملتان جو گورنر) سڏايس ۽ ڦاهيءَ چاڙهائي ڇڏيائينس.
نمبر 8. ۽ نمبر 9.	نمبر 7 جي گرفتار هوندي نمبر 8 معزالدين جي مغل لشڪر کي نئن گاج جي ڪپر تي دادو ۽ جوهي تعلقن جي سَنڌي وٽ شڪست ڏني، پر سنت ئي مغل گورنر سان ٺاھ ڪيائين. مغلن کان سبي ۽ ڪڇي پڻ پابنديءَ سان ڏَنَ ڀري


نقشو نمبر 63
1707ع
ڏکڻ ايشيا
اورنگزيب جي مرڻ مهل
ڪابل
پشاور
قندار
جهلم
چناب درياءَ
راوي درياءَ
لاهور
ستلج درياءَ
سنڌو درياءَ
ملتان
سبي
اُچ
پاڻيپت
دهلي
جاٽ
ڀرتپور
آگرو
بکر
راجپوت
سيوهڻ
پيلو
اجمير
جوڌپور
گواليار
عمرڪوٽ
ٺٽو
لاڙي يا لاهري
اديپور
نگرپارڪر
سرخيج
احمدآباد
ڪئمبي
جوڌيا
ڏيو (پ)
بڙودا
ڀروچ
نربدا درياءَ
تپتي درياءَ
برهانپور
سورت
دمن (پ)
بسين (پ)
بمبئي (ب)
چؤل (پ)
جنجيرا
احمدنگر
دولت آباد
برار
ناگپور
مرهٽا
ڏاڀوئي
راجاپور
ڪولاپور
وينگوريا
گوئا
ٻائٽڪل
بيجاپور
گولڪندا
حيدرآباد
ڪرشنا درياءَ
تنگڀدرا درياءَ
وجئه نگر
نظام پٽم
مسولپٽم
گوداوري درياءَ
بيمولپٽم
وزاگاپٽم
خيرآباد
دريا آباد
لکنؤ
الله آباد
بنارس
پٽنا
راج محل
ڍاڪا
قاسم بازار
سيرمپور (فريڊرڪس نگر)
ڪولڪتو (ب)
پپلي
بالاسور
بنگالي سامونڊي چڪ
نيلور
پليڪٽ (ڊو)
مدراس (ب)
سدراس (ب)
پونڊيچيري (ف)
فورٽ سينٽ ڊيوڊ (ب)
نيگاپٽم
ترانقبار (ڊ)
نيگاپٽم (ڊو)
تنجور
پٽڪل
منگلور
ڪيليڪٽ
ڪوچين (ڊو)
پوليگر
قلون (ڊو)
ٽوٽيڪورن
ڪايل
ڪولمبو
اتر
ڪاڇو
ڪلوميٽر 500 400 300 200 100 0 100
وڏو سمنڊ
هندي
1707ع ۾ يورپي وسنديون
برٽش.........(ب)
ڊينش.........(ڊ)
ڊچ.........(ڊو)
فرينچ.........(ف)
پورچوگيز.........(پ)
ڏسٽي
1. اورنگزيب جي سلطنت جو ڏنگ
2. هاڻوڪو ڏنگ
3. بين الاقوامي ڏنگ
4. درياءَ
5. شهر
90
80
70
10
20
30
40


	ڏيڻ عيوض ورتائين. ننڍي جي گورنر اعظم خان سان صوفي عنايت خلاف ساٿ ڏيڻ عيوض، جنهن جي جهوڪ ۾ هجڻ اتان جي زميندارن ۽ بلڙيءَ جي سيدن جو لُڪيءَ ۾ ساهه ڪري ڇڏيو هو، ڪيس انعام ۾ لاکڙي، ڏندو، حجم، دورانڪ، رجب، پيسر، پاڇٽ، تور، ڏُب، جهول وغيره يعني هاٿوڪا اتر نوابشاهه، سيوهڻ، ڪوٽڙي، محال ڪوهستان، ننڍو ۽ ڪراچي تعلقا ڏنا ويا. مغل دربار پاران ڪيس منصبدار ۽ دهلي دربار جو ناظم بڻايو ويو.
نمبر 10.	نمبر ڏهين جي دور ۾ سڄي سنڌ 200 سالن ۾ پهريون ڀيرو ٻيهر هڪ ٿي. هن دائودپوٽن کي 1723-1726ع وارين جنگين ۾ شڪارپور مان نيڪالي ڏني. ننڍو سرڪار 3 لکن عيوض اتان جي آخري گورنر صادق کان ورتائين. ڪراچي، خان آف قلات کان خريد ڪيائين. شورن جو شورش دٻائي نمبر 8 پاران فتح ڪيل محال ڪوهستان تي پنهنجو اقتدار پڪو ڪيائين. دائودپوٽن کي سنڌوءَ جي ٻيٽ ڏبليءَ تان پڻ 1727/28ع ۾ نيڪالي ملي. انهن پنهنجا پير بهاولپور ۾ وڃي ڄمايا. 1739ع ۾ ڪرالي جي ڄامن ۽ ساموئي پٽيءَ وارن ڏاريجن سان جنگيون ڪيائين، پر اهي بي نتيجي رهيون. نيٺ ڪرالو 1744ع ۾ ۽ ساموئي پٽي 1747ع ۾ فتح ٿيا. ڪڇ جو ڪانجي وارو قلعو 1746ع ۾ فتح ٿيو ۽ سنڌ ملڪ ۾ ڳنڍيو ويو. سنڌ جا ريگستاني علائقا سوڍن ۽ سميجن کان قبضي ۾ ورتا ويا. ڪلهوڙن جي وڏ وڏان کي ٻُنجو 1739ع ۾ آيو، جڏهن نادرشاهه، مغل بادشاهه محمد شاهه کي شڪست ڏني ۽ سنڌوءَ ۽ نهر سنڪري (الهندي پُراڻ) جي اولهه پاسي وارا سمورا علائقا پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيائين. نادر شاهه شڪارپور دائودپوٽن کي ۽ سبي-ڪڇي-ديرا جات خان آف قلات کي ڏئي ڇڏيا. انهي کي ڏَنَ پُرُو سردار بڻايو ويو ۽ شاهه قُلي خان ۽ باڻگي لقب ڏنا ويا. نادر شاهه جي 1747ع ۾ مارجڻ کان پوءِ احمد شاهه دُراني (ابدالي) سلطنت جا اوير وارا علائقا (سنڌ سميت) پنهنجي قبضي ۾ ورتا ۽ نور محمد کي شاهه نواز لقب سان نوازيو ويو. نور محمد وڏ کان وڏ علائقا پنهنجي ملڪ ۾ ڳنڍائڻ جي رٿابندي اچا سوڏو ڪئي پئي، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان 1748ع ۾ 29,700 رپين عيوض 15 بندوقون خريد ڪيون هئائين.

	دائودپوٽن کي شڪارپور مان 1745ع ۾ نادر شاهه جي چوڻ تي نيڪالي ملي. انهي جو ڪنٽرول نادر شاهه سڌو سنئون پنهنجي هٿن ۾ ٻن سالن تائين رکيو ۽ پوءِ وري درانين.
نمبر 15.	نمبر 15 مراداياب کي گادي نمبر 10 کان 1754ع ۾ ملي. هن مرادآباد نالي نئون راڄڌاني شهر جوڙايو. انهي ٿورڙي ڄمار واري شهر کي سنڌو 1757ع ۾ پائي ويو.
نمبر 16. کان نمبر 18.	سنڌو درياءَ ۾ 1755/56 ڌاري ڪڇ آبي ڦيرا اچڻ لڳا. درياءُ هالا کان حيدرآباد جي اولهه ۽ اتان هيٺ سمنڊ تائين لڳ ڀڳ پنهنجي هاٽوڪي وهڪري سان ڳڏڳڏ نئون وهڪرو ٺاهي اتان وڃي وهڻ لڳو ۽ هالا کان اڏيرولال، نصرپور، شيخ ڀرڪيو، جُوڻ، پراڻي بدين ۽ رهمڪي بازار کان ٿيندو ڪوري ڪاريءَ وارو پنهنجو پراڻو وهڪرو ڇڏي ويو. ريجاڻي زراعت هيٺ 1753ع ۾ ايراضي ايڪيهه لک ايڪڙ هئي، جيڪا درياءَ جي هن ڦيري گهٽائي اٽڪل ٻارهن لک ايڪڙ وڃي بچائي. اهڙا وڏا ڦيرا سنڌ ۾ سدائين حڪومتن کي ڪيرائڻ ۽ راڄ گهراڻن جي مَٽجڻ جو ڪارڻ پئي بڻيا آهن. پهرين بغاوت جو منڍ بلوچ سردارن ڪيو ۽ ٻئي راڄ ٻه انهن جو ساٿ ڏنو. مراداياب جي گادي، نمبر 16 جي ٿورڙي حڪمرانيءَ کان پوءِ، غلام شاهه نمبر 19 سنڀالي.
نمبر 19.	نمبر 19 لائق حڪمران هو ۽ انهي سنڌ جي ساموئي پٽيءَ جي پر وارا ڪڇ علائقا سنڌ ملڪ ۾ ڳنڍايا ۽ ان کان سواءِ ڪڇ تي ٽي ڀيرا چڙهايون ڪيائين جنهن جي ڪڇ بندرن تان ڦر لٽ جو وڏو مال ميڙي آيو.
	احمد شاهه ابداليءَ، نور محمد ڪلهوڙي کي سبي ۽ ڍاڍر ۽ پٽس غلام شاهه کي ڏيرا غازي خان، ڏيرا اسماعيل خان ۽ ٿوري عرصي لاءِ ملتان پڻ ڏنو هو. نور محمد ڪلهوڙي 1718-1738ع جي وچ تي سڄي سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ بلوچ قبيلن کي پنهنجي سپاهه ۾ ڀرتي ڪرڻ لاءِ ڪٽب آندائين. انهي جي عيوض انهن جي سردارن کي سنڌ ۾ ٻنيون جاگير ۾ ڏنائين.
نمبر 22.	نمبر 22 نمبر 19 کان پوءِ گادي سنڀالي، سرفراز واهه جوڙايائين، جيڪو 1932ع تائين هليو، پر ڏهه لک ايڪڙ هليا وڃڻ ڪري ماڻهو باغي ٿي چڪا هئا. سندس جاءِ نمبر 20 ۽ 21 ورتي، پر درياءَ هٽڻ ريجاڻي ٻنيءَ جي نقصان 1783ع ۾ راڄ گهراڻي جو انت آندو.

نقشو نمبر 64

1739-40ع

نادر شاهہ پاران هند ۽ سنڌ تي ڪيل ڪاهہ جا گس



هنن جي ڪاميابيءَ جو راز واهن جي نظام کي تڪڙو بحال ڪرڻ ۽ آبادگارن کي انهن تي وسائڻ ۾ آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضيءَ بابت الڳ الڳ اندازا آهن. لئمبرڪ جي خيال ۾ اهي ٽيهه لک ايڪڙن جي انگ تائين پهچي ويا هئا، جڏهن ته چبلاڻي جي خيال ۾ اهو انگ ايڪيهه لک آهي. هي ليکڪ ايڪيهن لکن واري محتاط اندازي کي مڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته ٻُوناٽي سماج ۾ بنيءَ جي هر ايڪڙ لاءِ اٽڪل ڏيڍ ماڻهو گهرجي ۽ ڏيڍ ماڻهو ئي مٿس پلبو ۽ 1757ع تائين، جڏهن ڪلهوڙن جي راڄ ۾ پوکي پنهنجي چوٽ تي پهتي هئي، سنڌ جي آبادي ٽيهن لکن کان مٿي نه ٿي سگهي هوندي. ڪلهوڙن ڪهڙا واهه اڏيا؟ تنهن جو پتو تحقيق سان ئي پئجي سگهي ٿو. سر چارلس نيپيئر جي واهن واري ڪاتي ڪجهه رڪارڊ گڏ ڪيا هئا، جيڪي سنت ئي وڃائجي ويا. وري ڪڏهن به انهي ڇاڻ کي ميڙي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نه ٿي.

جيڪا ٿوري گهڻي ڇاڻ موجود آهي، تنهن آڌار ڪلهوڙن هيٺيان واهه کوٽايا:

- شاهه جي ڪُورَ: نور محمد ڪلهوڙي جي وزير شاهه بهاري اڏرائي.
- نصرت واهه: نصرت خان چانڊئي نور محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ کوٽايو.
- مراد واهه: مراد خان ڪلهوڙي کوٽايو.
- فيروز واهه: فيروز وير، ڪلهوڙا راڄ گهراڻي جي ڏينهن ۾ کوٽايو.
- سرفراز واهه: ميان سرفراز ڪلهوڙي کوٽايو.
- باغ واهه: سيال ذات جي باغ نالي شخص کوٽايو، جن کي ڪلهوڙن سنڌ ۾ آندو هو.
- نور واهه، بيگاري واهه مان: نور محمد ڪلهوڙي کوٽايو ۽ سندس نالي پٺيان نالو پيس.
- نور واهه، گهاڙ مان: نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ کوٽايو ويو.
- نور واهه، الهندي ناري مان: هي پڻ نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ کوٽايو ويو. هي عام طور ٻارهو وهندو رهندو هو، جيئن الهندو نارو واهه پنهنجي پڇڙيءَ وٽ هوندو هو، جتي اهو ليٽ آهر سڄو سال پاڻي ڏئي سگهندو هو. انهي ئي نور واهه کي اڳتي هلي انگريزن سنڌوءَ مان پاٽ کان مٿان ناصراڻي ويجهو منهن ڏنو. هي نور واهه سندن راڄڌاني خدا آباد کي پاڻي ڏيندو هو.
- بيگاري: جيئن نالي منجهان ئي لڳي ٿو هي واهه بيگار يا زوريءَ ڇيڙ تي کوٽايو ويو هو ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڪلهوڙن جي دور جي اوائلي ڏينهن ۾ وهڻ شروع ٿيو هجي، جنهن منجهان به ننڍ واهه نور واهه ۽ سون واهه نڪتا.
- شر واهه: شر قبيلي جي نالي سان سڏجندڙ هي واهه هاڻ گڏو بئراج ۾ رَلجي شرڪوٽ شاخ ٿي ويو آهي.
- کو اٽچاتل واهه: جنهن کي ٽالپرن ڇڏي ڏنو هو ۽ نئون سنئون تي برگ واهه ٿيو.
- رجب گهِٽي (گهٽ واهه).
- مقصودا واهه: جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌ ڍوري کي پريندو هو ۽ ٽالپرن جي دور ۾ بيڪار ٿي ويو هو، تنهن کي جيڪب وري وهايو ۽ جيڪب واهه سڏجڻ لڳو. هن کي پڇاڙيءَ 1873ع ۾ ڊيزرٽ واهه جو روپ ڏنو ويو.
- سون واهه: مٿي ٻڌايل آهي، بيگاريءَ مان نڪرندو هو.
- مرزا واهه.
- گُڙنگ واهه: جيڪو اڄ تائين پنهنجي مُنهن آب ڪلاڻي واهه آهي، سنڌوءَ مان اتر سنڌ ۾ نڪري ٿو. (آب ڪلاڻي واهه ڦاٽ سڏبا آهن).
- گهاڙ: ڪاڇي جي مينهن تي وهندڙ نئيُن مان سنڌوءَ ڏانهن ايندڙ ڪو قدرتي نيڪر ٿو لڳي. ٿي سگهي ٿو ڪلهوڙن ڪڍيو هجي يا اڃا به مٿان سمن جي دور وارو ابڙو واهه هجي.
- الهندو نارو: سنڌو درياءَ جي قدرتي ڇاڙهه هو ۽ ڪلهوڙا-ٽالپر دور ۾ وهندڙ هو.
- ڏاتي جي ڪُورَ: ڏاتي ڪهاوڙ نهرائي.
- شاهه جي ڪُورَ: نور محمد ڪلهوڙي نهرائي.
- نَوَ لکِي، داد واهه ۽ ڏامبڙو واهه: سڀ سنڌوءَ جا پراڻا وهڪرا، جن کي ڪلهوڙن واهن ۾ تبديل ڪيو.
- گونگڙو: سنڌوءَ جي هڪ قدرتي ڇاڙهه، جيڪا ٿي سگهي ٿو ڪلهوڙن 1758ع کان پوءِ وهائي هجي، جڏهن سنڌوءَ هالن کان هيٺ پنهنجو هاٽوڪو وهڪرو ورتو.
- بگهاڙ: سنڌوءَ جي 1699ع ۾ هڪ قدرتي ڇاڙهه، ٿي سگهي ٿو 1758ع کان پوءِ ٻارهو وهندڙ ڏارا نه رهيو هجي ۽ انهي ڪري ميان غلام شاهه ڪلهوڙي واهه ڪري وهايو هجيس.
- ساڳي ئي ڳالهه اوچتو يا حجمڙو ۽ ڪلري واهن لاءِ به چئي سگهجي ٿي.
- مَکي ڍنڍ مان مِنڙائو، دين ۽ هيرڻ نالي ٽي واهه: جيڪي تڏهن چالو ٿيا، جڏهن فائيف ايرندي ناري کي سنڌوءَ مان روهڙيءَ کان اوپاري پاسي نئون مُنهن ڏنو، ٿي سگهي ٿو سومرن ۽ سمن جي جُڳ جا پراڻا واهه هجن ۽ اهو به ٿي سگهي ٿو ته هيڪڙ ٻيڪڙ ئي ڪڏهن وهندا هجن، جڏهن سنڌوءَ ۽ ستلج جي چَر جو پاڻي ايرندي ناري ۾ اچي پوندو هجي. هي غلام شاهه ڪلهوڙي جي دور ۾ گهٽو ڪري ڪڏهن ڪڏهن ئي استعمال ٿيندا هوندا، ڇو ته رپوٽن مطابق انهي کي ئي ڳٽتي هوندي هئي ته چَرَ جو پاڻي ايرندي ناري مان پُراڻ رستي ڪڇ تائين نه پهچڻ گهرجي. ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ انگريزن جي جُڳ جا ڪيترا ئي واهه گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن واري واهن جي نئين سرشتي ۾ رَلائجي ويا. واهن جي نظام جي آڳاٽائپ ۽ تاريخ بابت تصديق رڳو سب ڊويزنل انجنيئر سطح تي مقامي طور گهري ڇنڊ ڇاڻ ڪري ئي ڪري سگهجي ٿي.

847



848




849



850



851



852



حيدرآباد واري قلعي جا ڏيک

847. حيدرآباد قلعي (پڪو قلعو) جو هڪ ڏيک. (ايس. اي. ايل. يُو).
848. مُک پهريدار ۽ سرڪاري گهر، حيدرآباد قلعو، 1771ع.
849. حيدرآباد قلعي جي اتر-الهندي مهاڙي، 1771ع.
850. حيدرآباد قلعي جو گول منارو، 1771ع.
851. حيدرآباد قلعي جو مُک لنگهه، 1771ع.
852. حيدرآباد قلعي جي گول مناري تان نظارو، 1771ع.
853. حيدرآباد جو شيخ مکي قلعو (ڪچو قلعو)، 1758ع.

853



- بدقسمتيءَ سان هن اپياس جو ڪنهن قسم جو ڪو انجنيئري ڪارج ڪونهي، تنهنڪري ڪاتي لاءِ تمام گهٽ ڪارگر ٿيندو. اها سا اميد ڪري سگهجي ٿي ته ڪنهن ڏينهن معاشي ۽ سماجي تاريخدان ۽ آثار پارکُو ضرور اهو اپياس ڪندا.
- ڪلهوڙن جي دور وارن واهن جو ڪل انگ ٿي سگهي ٿو 1754ع ڌاري تائين 700 کان 1000 ٿي ويو هجي. ڪلهوڙن جي دور ۾ ريجاڻي زراعت 1758ع تائين گهٽ ۾ گهٽ ايڪيهه لک ايڪڙ ايراضيءَ تي پهتي، پر انهن ڏينهن ۾ وري هڪ وڏو آبي ڦيرو آيو. آخري برفاني جُڳ کان پوءِ واري گرم آبهوا ۾ دريائي وهڪرن ۾ واڌارو 1755/56 ڌاري سنڌو درياءَ ۾ آبي ڦيري جو ڪارڻ بڻيو. 1758ع ۾ درياءُ هالا کان حيدرآباد جي اولهه ۾ اتان هيٺ سمنڊ تائين لڳ ڀڳ پنهنجي هاٿوڪي وهڪري سان گڏگڏ نئون وهڪرو ٺاهي اتان وڃي وهڻ لڳو ۽ هالا کان اڏيرولال، نصرپور، شيخ ڀرڪيو، جُوڻ، پراڻي بدين ۽ رهمڪي ڪان ڪوري ڪاريءَ وارو پنهنجو پراڻو وهڪرو ڇڏي ويو. هن ڦيري هالن کان اوپاري پاسي اٽڪل 500 واهه وهندا ڇڏيا ۽ ايترو انگ انهي کان لهوارو ڦٽائي ڇڏيائين.

ريجاڻي زراعت هيٺ ايراضي 1753ع ۾ ايڪيهه لک ايڪڙ هئي، جيڪا درياءَ ۾ آيل هن ڦيري جي ڪري گهٽجي اٽڪل ٻارهن لک ايڪڙ وڃي بيٺي.

غلام شاهه جي دعويٰ تي احمد يار خان ۽ عطر خان اعتراض واريو. عطر خان، احمد شاهه درانيءَ کان سَنَدَ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ غلام شاهه سندس حق ۾ هٿ ڪٽي ويو. اهو مامرا نه هلائي سگهيو، جنهن جو بنيادي ڪارڻ اهو هو ته آبي ڦيرا اجا هليا پئي ۽ درياءُ اجا تائين پوري طرح هڪ هنڌ جتائي نه بيٺو هو. تنهنڪري بلوچ سردارن وري غلام شاهه کي اچڻ لاءِ چيو، جنهن پنهنجي ٻنهي ڀائرن کي شڪست ڏني ۽ اهي هٿ ڪٽي ويا. اهڙي ريت 1759ع ۾ ٻنا تڪرار گادي سنڀاليائين. سنڌو درياءَ جي نئين وهڪري جي پهچ ۾ ايندڙ نين ٻنين تي وسنديون وسڻ شروع ٿي ويون. عام ڏينهن ۾ ائين ٿيڻ ۾ پنجاهه سال لڳي ويندا آهن. پندار (خزانو) ڀرڻ لاءِ ڪڪرالي جي جامن تي 1760ع ۾ ۽ ڪڇ تي 1761-1762ع ۾ ڪيترين ئي چڙهايون ڪيائين ۽ وري 1864/65ع ۾ ڪڪرالو، سنڌڙي (رڻ ڪڇ ۾ - 1819ع واري ڌرتي ڌوڏ ۾ ٻڏي تباهه ٿي وئي)، لکپت ۽ بستا فتح ڪري ۽ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ گڏائي ڇڏيائين ۽ اهڙي ريت رڻ ڪڇ جو وڏو علائقو پنهنجي اختيار هيٺ آڻي ڇڏيائين. ان دوران گهرو جهيڙا ڪلهوڙن کي وڪوڙي ويا ۽ اڳلن 25 سالن تائين اهي انهن ۾ ڦاٿا رهيا ۽ تڏهن ٽالپرن هن راڄ گهراڻي جي جاءِ ورتي. انگريز تاريخدانن وٽ ڪلهوڙن جي واهن جي انتظام لاءِ وڏي عزت ڏسجي ٿي ۽ ايستائين جو 1937ع ۾ لئمبرڪ چيو ته انگريز سرڪار 1930ع تائين پنهنجي راڄ جي 87 سالن ۾ اوترو مس ڪري سگهي آهي جيترو ڪلهوڙا اڳيئي ارڙهين صديءَ جي وچ تائين ڪري ويا هئا.

1758ع تائين جيڪڏهن لئمبرڪ پاران ڪٿيل ريجاڻي ايراضيءَ جي ٽيهه لک ايڪڙن واري انگ جي جاءِ تي ڇهلاٽيءَ جو محتاط ڪٿيل انگ ايڪيهه لک ايڪڙ رکجي، تڏهن به سنڌ جي آبادي اٽڪل ٽيهه لک هوندي. ڇهلاٽي سمجهي ٿو ته 1600ع ڌاري سنڌ ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضي ٽيرهن لک ايڪڙ هئي، جنهن منجهان اوڳاڙين جي لاڳو شرح، في ايڪڙ پيداوار ۽ اَنَ جي ملهه جي حساب سان وقت جي سرڪار کي 66،215،395 اڳڙيا هئا، جيئن آئين اڪبري ۾ ڄاڻايو ويو آهي. انهي حساب سان سنڌ جي آبادي 1600ع ۾ اٺويهه لک ماڻهو هوندي. اورنگزيب جي ڏينهن ۾ ان حقيقت کي ڌيان ۾ رکجي ته نئي سرڪار مان 1665ع ۾ آمدني، ناڻي جو ملهه گهٽجي وڃڻ جي باوجود، گهٽجي 1600ع واري آمدنيءَ جي ويهه سيڪڙو جيتري وڃي بچي هئي، ته پوءِ سنڌ ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضي پڪ سان اجا به گهٽجي اٽڪل پنج لک ايڪڙ وڃي بچي هوندي. ان ليکي سولائيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته ڪلهوڙا راڄ گهراڻي پاران سنڌ ۾ 1701ع ۾ راڄ سنڀالڻ کان پهريان ان جي آبادي ڪنهن صورت به ٻارهن لکن کان مٿي ۽ پوکيءَ هيٺ ايراضي اٽڪل ستن لکن ايڪڙن کان مٿي نه هوندي.

وري 1522 ۽ 1701ع جي وچ واري صورتحال جي جاچ ليکي سولائيءَ سان چئي سگهجي ٿو ته سمن جي دور ۾ ڪل آبادي چوويهه لک ايڪڙ هوندي ۽ پوکيءَ هيٺ ايراضي سورهن لک ايڪڙ هوندي. وچ وارن 179 سالن ۾ نه رڳو سنڌ جي پوکيءَ هيٺ ايراضيءَ ۾ لاٿ آئي، پر آبادي پڻ گهٽجي وئي. ساڳيو ئي ورجاءُ 1758 ۽ 1843ع جي وچ تي ٿيٺو هو، جنهن جو ڪارڻ نئين صورتحال هئي، جنهن بابت سٺي سگهي سميت پيرائتا انگ اکر، رڪارڊ، رپورٽون ۽ سفرناما موجود آهن. اهو آهي ٽالپر دور جنهن بابت جاڻ هن کان اڳتي ڏني وئي آهي.

سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙا سرڪار جو ڪِرڻ — 1758 _ 1783ع جا نتيجا

سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ 1758ع ۾ آيل ڦيري واهن تي ٿيندڙ پوکي ايڪيهن لکن ايڪڙن مان ڪيرائي ٻارهن لک ايڪڙ وڃي بچائي. ساڳئي وقت وري تڏ به ٿي وئي، خاص ڪري 1760ع کان پوءِ ۽ پوکيءَ هيٺ ايراضي خاطرخواهه وڌي نه سگهي. چٽو ٿي ويو ته ڪاڏي جي پيداوار اڌ تائين گهٽجي وئي هوندي؛ آبادي پڻ گهٽجي اڌ وڃي بچي هوندي ۽ ائين بک، بيماريون ۽ موت پيا هوندا. مطلب ته ان جي نتيجي ۾ جياپي جي جنگ لڳي وئي. ڪلهوڙن راڄ ڏٺين پانيو ته سندن آنڌل ۽ جاگيرون ڏئي وسايل بلوچ قبيلا گهڻو زور وٺي ويا آهن ۽ ڪين ڏکيا پيا پون، سو انهن جو زور ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪيائون. ٻئي پاسي بلوچ قبيلن ڏٺو ته اهي پنهنجي مٽن مائٽن کي بک مرڻ کان تڏهن ئي بچائي سگهن ٿا، جڏهن گهڻي ڀاڱي ٻنيون ڦٻائي وٺن. اهو ڌارون جي "جياپي لاءِ جتن" وارو قصو هو. اها حقيقي گهرو ويڙهه هئي جنهن جو منڍ ميان مراد ياب خان جي


854



855



856



857



858



859



عمرڪوٽ، نئون ڪوٽ، ڪوٽ ڏيجي، رني ڪوٽ، بکر ۽ مغلن جو ڳاڙهو (لال) قلعو

854. سوڍن جو ٺهرايل عمرڪوٽ، گهٽ ۾ گهٽ 1000 سالن کان وڌيڪ پراڻو.
855. نئون ڪوٽ، 1814ع ۾ مرمت ڪئي ويس، اصل سوڍن جو ٺهرايل.
856. دهليءَ ۾ مغلن جي لال قلعي جو پکيءَ جي اک وارو ڏيک، 1770ع.
857. ڪوٽ ڏيجي قلعي جي شهر پناهه پٽ (ايس. اي. ايل. يُو).
858. رني ڪوٽ قلعو.
859. بکر قلعي جو هڪ لنگهه، 1100ع.
860. هڪ آرٽسٽ پاران ٺاهيل رني ڪوٽ قلعي جو چٽُ. هي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو هجڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي. ٻاهرين پٽ جي گهير اٽڪل 24 ڪلوميٽر اٿس، 45 ق.م کان 100 ق. م جو (اي. پي. آر).





860


جاءِ تي غلام شاهه کي آڻ سان ٽيو هو ۽ هاڻ اها راڄ ڏٿين سان کلي جنگ ڀڄي وئي هئي، جن پڻ مختلف حرفتون هلايون. مدد خان کي گهرائڻ سميت، جنهن وري بلوچ سردارن جو زور ٽوڙڻ لاءِ سڄي سنڌ کي ڦريو لٽيو. آخري گهمري ۾ ٽالپرن ڪلهوڙن کي تڙي ٻاهر ڪيو ۽ گهٽي پاڳي ٻنيون پاڻ ۾ ورهائي ڪنيائون. ڪجهه زميندارن کي زمينون ٽيڪس ڀري ڏيڻ عيوض رکڻ جي موڪل ڏني وئي. آبادي، جيڪا 1758ع ۾ اٽڪل ٽيهه لک هئي، گهٽجي چوڏهن لک وڃي بچي، جيئن انگريزن اڃي 1843ع ۾ ڏني. انگريز ريجاٽي نظام ۾ بدانتظاميءَ جو ڏوهه ٽالپرن تي ڏين ٿا. اهو الزام درست نٿو لڳي، ڇاڪاڻ ته درياءَ ۾ پاڻيءَ جي سطح تڏ جي ڪري، جيڪا 1850ع تائين هلي، ايتري ته ڏري تي وئي هئي جو ڪلهوڙن جا واهه جيڪي ڇهه وال ويڪرا هئا سي سُڪي پنهنجي ويڪر جي ٽين پتيءَ جيترا وڃي بچيا هئا. ڪلهوڙن هٿان پوکيءَ هيٺ ايراضيءَ جي وڌڻ جو ڪارڻ سنڌوءَ ۾ ايندڙ گهڻو پاڻي هو، جنهن ڪين وڏي هٿي ڏني. انهي ڪم ۾ اڳتي بنيادي طرح سان ڪڙمي آيا، جن پنهنجي رضا خوشيءَ سان بنا عيوضي واهه کوٽيا ۽ انهن جي ڪاٽي ڪنئي ته جيئن اهي لاڏائو ڏنارن واري معيشت مان جند ڇڏائي وسي ويهي زراعت ڪرڻ واري معيشت ڏانهن ٽپي سگهن. اها هٿي ٽالپرن جي دور ۾ نه هئي. ميرن هالا جي ڏکڻ پاسي وارو واهه کوٽايو هو. انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انهن ريجاٽيءَ لاءِ پنهنجي وَس هيٺ وسيلن جهڙوڪ جيترو پاڻي آيو پئي ۽ جيترو سنڌو چڙهيو پئي تنهن آهر پنهنجي پَتي ملائي هئي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن وچ ۾ انهي سموري ڇڪتاڻ ۾ جنهن ڏر سڀ کان وڌ ڀوڳيو سي هئا آبادگار، جن کي سنڌن ٻنين لاءِ پاڻي ملڻ بند ٿي ويو ۽ ڏنار وڃي ٿيا ۽ هوريان هوريان موت جي ور چڙهندا ويا، ڇاڪاڻ ته ڪين تاتي سگهڻ جيترا چراگاهه به نه بچيا هئا. آبادي ٽيهن لکن مان گهٽجي چوڏهن لک ٿيڻ واري عمل ۾ موت ۽ بک کي منهن انهن ئي ڏنو، ڇاڪاڻ ته پوکيءَ هيٺ ايراضي ايڪيهن لکن ايڪڙن مان گهٽجي نَوَ لک ايڪڙ وڃي بچي. هاري يا هارپي تي ٻني ڪاهڻ وارو سنڌ ۾ ريجاٽي زراعت جي ڪرنگهي وارو هڏو هو ۽ انهي آبهوا جا جوڪا ٻنين انن هزارن سالن کان سدائين پئي پوکيا آهن.

ٿورن لفظن ۾، جيڪي ڪجهه ٿيو تنهن جو ڏوهه نه ڪلهوڙن کي ڏئي سگهجي ٿو ۽ نه ٽالپرن کي. اهوڏرين پاران، ان اهڙي صورتحال ۾ جڏهن هر ٻيون ماڻهو بک وگهي مرڻو هو، "جياپي لاءِ جتن" ۽ "جو اڳي سو تڳي" وارو قصو هو. پوکيءَ هيٺ ايراضي سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ آيل ڦيري جي ڪري اڌواڌ گهٽجي چڪي هئي ۽ 1758-1850ع تڏ جو زور هليو، جنهن ۾ درياءَ ۾ پاڻي اڇڻ گهٽجي ويو، واهه پرجي نه پئي وهيا ۽ پوکيءَ هيٺ ايراضيءَ ۾ ايتري تڪڙي نه پئي آئي جو صورتحال ۾ ڦيرو آڻي سگهي.

ٿلهي ليکي ائين چئي سگهجي ٿو ته جڏهن صورتحال اهڙي هجي جو هر ٻيون ماڻهو مرڻو هجي تڏهن ڪا اخلاقيات ناهي هلندي ته ڪير ٿو ڪنهن کي ماري. "جياپي لاءِ جتن" ۽ "جو اڳي سو تڳي" جو اهو ئي اصول هوندو آهي. ننڍين ننڍين ڳالهين ۽ ڪوڙن ٻهانن تي هڪٻئي جو ڪوس ڪرڻ جو ڏوهه نه ڪلهوڙن تي ڏئي سگهجي ٿو ۽ نه ٽالپرن تي. ٻئي هڪجيترا ئي بيڏوهي آهن.


861


862


863


864


865

چؤکنڊي ۽ نُکر جون ڄاريون

861. چؤکنڊي قبرن وارو هنر 14 کان 18 صدين ۾ اوائلي پٿر کور مان سرجيو ۽ سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي پٿر کور مٿس پنهنجو اثر ڇڏيو. سورج مکي ڇيو ويندڙ اصل ۾ ڪنول آهي، ڇو ته سورج مکي پراڻي دنيا ۾ نه هو ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ پورچوگيزن سورهين صديءَ ۾ آندو.

862. ۽ 863. تي جاميٽريائي ڊزائنون هڪ ٻئي هنڌان نڪتل ٿيون لڳن


864. ڪارب وڏل ڪُنگرن واري سر. چوڪي يا عام سر، گهڻو ڪري قبر يا عمارت جي اولي جي پٽ يا ڪارنس لاءِ. ڪنهن اوزار سان گول نموني جا گل ٺپيل اٿس. (لاڙ ميوزيم).

865. نُکر جي ڄاري. (لاڙ ميوزيم، بدين).

نقشو نمبر 65


1837ع

سنڌوءَ جي ٻيٽاري (ڊيلٽا) جو خاڪو ليفٽيننٽ ٽِي. جِي. ڪارليس آئي. اين پاران ٺاهيل






856



857



858

صنعتي اوزار

856. گهاڻو
(سنڌ عجائب گهر، حيدرآباد)
857. چرخو
858. ارڙهين صديءَ جو چرخو

باب اٺٽيهون

ٽالپرن جي راڄ ۾ ريجاڻي
(1783_1843ع)

ٽالپرن جي دعويٰ آهي تہ اهي اصل ايران جا هئا. اهو ان حد تائين سچ آهي تہ برابر اهي ٻين بلوچ ذاتين سان گڏ ڏهين صدي عيسويءَ ڌاري اتان آيا هئا. سنڌ ۾ پير اٽڪل پنج صديون پوءِ پاتائون. اهي ٽال نالي وڏي جو اولاد آهن ۽ ٽالپر (ٽال-پُترا) سڏجن ٿا. سنڌ ۾ اهي دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي ٽاڪرو پوٺي ڪاڇي جي ميدانن ۾ اچي وينا هئا. سترهين صديءَ جي منڍ ۾ اهي مغلن جي سيوهڻ وارن گورنرن سان وڙهيا. اڳتي هلي ڪلهوڙن بزرگن جا مريد ٿيا. سترهين صديءَ ۾ جڏهن ريجاڻي نظام جي بگڙي وڃڻ ڪري مغلن خلاف تحريڪ هلي تہ هي ڪلهوڙن جا پاڙيتُو فوجي ٿي ساٿ ۾ شامل ٿيا.

ميان نصير ڪلهوڙي قمبر، ڪَڪَڙ ۽ جوهي تعلقن ۾ بلوچ قبيلن جي ساٿ سان ٻنيون زوريءَ قبضي ڪيون هيون ۽ انهن ڪي انهن ٻنين تي آٽي ويهاريو هئائين. ڪلهوڙن ريجاڻي نظام بابت پنهنجي سنئي جاڻ ڪم آٽيندي انهن ٻنين تائين هٿرادو طريقي سان پاڻي پهچائڻ لاءِ 700 ڪان مٿي واه کوٽرايا هئا. هنن ڪلهوڙن کي پنهنجا روحاني رهبر يا پير مڃيو ۽ ڪين پلين آباد ٻنين تي پڪو وسائڻ لاءِ انهن جا ٿورائتا پڻ هئا. بلوچ سردار ڪجھ وقت اڳي تائين بہ دادو ضلعي ۾ ڪڪڙ ڪان اٺ ميل اتر-اولھ پاسي ڳاڙهيءَ ۾ ميان نصير جي مقام ۾ پوربا هئا. هن مقام جو هوائي نظارو انتهائي رعبدار لڳندو آهي، باوجود ان جي تہ ڪا ناھ نوھ يا سينگار ڪونهيس ۽ مقبرن تي ٿيل ڪم ۾ ڪاريگري بہ بس واجبي ئي آهي. بلوچ سردارن جا وڏا ڪاڪو، هاٽڪ ۽ ماٽڪ سترهين صديءَ ۾ ٿي گذريا. ڪلهوڙن کي سنڌن مقصد ماٽڻ ۾ ٺيڪ پرائيندڙ ساٿارين منجهان مير شهداد خان (وفات 1734ع)، شهدادپور شهر جو باني، پهريون ناليوارو ٽالپر سردار هو، جنهن نالو ڪڍايو. اهڙي ئي ٻئي انهي جي سؤٽ ٽنڊو الهيار شهر وسايو. بهرام خان ۽ پاٽس چاڪر خان غلام شاھ جي دور جا مکيہ درباري هئا. ويڙهُو قبيلن (بلوچ) کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ ڪلهوڙن، مغلن وارو جاگيرداري يا منصبداري نظام ڪنيو. خدمتن عيوض روڪ رقمون ڏيڻ بجاءِ ڪيترن ئي سردارن کي جاگيرون انعام ۾ ڏنائون، جن جي ذمي واهن جي ڪاٽي ڪرائڻ، اوڳاڙيون ڪرڻ، پنهنجو لشڪر ناهڻ، علائقي ۾ امن امان رکڻ، انصاف ڏيڻ ۽ ڪجھ ھنڌاڻ رقم ڪلهوڙن کي پري ڏيڻ هو.

ٽالپرن جو اقتدار ۾ اچڻ ۽ سنڌ جو پاڱا پاڱا ٿيڻ

1755-1758ع ۾ آيل آبي ڦيرن سنڌ جون اڏ ريجاڻي ايراضيون ويران ڪري ڇڏيون. ٽالپر پنهنجون ٻنيون ٻنا پاڻيءَ ڏسي ڏيرج وڃائي وينا، راڄ ڏٽين ڪلهوڙن جي گهريلو معاملن ۾ وچ ۾ پوڻ لڳا ۽ هر ڀيري پنهنجي پسند جو نئون حاڪم گاديءَ تي ويهارڻ لڳا تہ جيئن انهي کان اهي اهي ٻنيون وٺن، جن کي پاڻي ٻين قبيلن وٽان ملڻ جي پڪ هجي.

نور محمد جي مرڻ تي بلوچ سردارن ئي مراداياب خان کي گاديءَ تي ويهاريو ۽ هٽايو، وري ٻئي پاٽس کي گاديءَ تي ويهاريائون ۽ نيٺ پڇاڙيءَ انهي کي لاهي غلام شاھ کي آنڊائون. انهي جي مرڻ تي هي هڪ اڻ پلي طاقت بڻجي ويا. 1774 کان 1783ع جي وچ تي گهرو ويڙھ ۾ ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪرڻ ۾ نمبر 9، 10، 11، 12 ۽ 13 جو اڳواٽيءِ وارو ڪردار هو. پنهنجو اقتدار ڄمائيندي ئي سنڌ کي ستن پاڱن ۾ ورهاياٿون، جن منجهان چار پاڱا مير فتح علي ۽ انهي جي ٽن ڀائرن (نمبر 9، 10، 11 ۽ 12) کي مليا، جنهن ڏر کي هن کان اڳتي حيدرآباد وارا مير سڏيو ويو آهي؛ هڪ پاڱو مير صوبدار (نمبر 13) کي مليو، جنهن ڏر کي خيرپور وارا مير سڏيو ويو آهي ۽ بہ پاڱا مير ٺاري (نمبر 14) کي مليا، جنهن واري ڏر کي ميرپورخاص جا ماٽڪاڻي مير سڏيو ويو آهي. ٻين بلوچ سردارن کي سڄي سنڌ ۾ جاگيرون ڏنيون ويون. ٽالپرن جون اهي ٽئي شاخون الڳ الڳ هر معاملي ۾ پنهنجي منهن آزاد هيون، سواءِ پرڏيهي معاملن جي، جن جي نبيرڻ جو اختيار حيدرآباد وارن ميرن کي ڏنو ويو. حيدرآباد وارا مير صبح جو چارئي گڏيل دربار لڳائيندا هئا ۽ منجهند کان پوءِ سيڪو پنهنجي منهن اڪيلي اڪيلي.

فتح علي (نمبر 9) 1802ع ۾ مري ويو. انهي کان پوءِ پڳ غلام علي (نمبر 10) کي ملي.

مير غلام علي ۽ مير ٺاري وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ مير ٺاري هاراڻو ۽ ڦَتجي پيو، پر غلام علي سندس علاج ڪرايو ۽ موٽائي ميرپورخاص موڪليائينس. غلام علي (نمبر 10) 1811ع ۾ نپُٽو مري ويو، ڪرم علي (نمبر 11) حيدرآباد جي ميرن جو سربراھ ٿيو ۽ سٺي طرح راڄ هلايائين. انهي جي 1828ع ۾ مرڻ تي چوٿون ڀاءُ مير مراد علي حيدرآباد

وارن جو سربراهہ ٿيو. مير مراد علي جي 1833ع ۾ مرڻ تي سندس پٽن مير نور محمد ۽ مير نصير خان کي ڪجهہ ڪمن لاءِ گڏيل حڪمران بڻايو ويو. مير نور محمد 1839ع ۾ مري ويو ۽ مير نصير حيدرآباد جي اڪيلي سِر گادي سنڀالي، جنهن کي انگريزن شڪست ڏني ۽ ڏيهہ نيڪالي ڏني - ٽالپرن سان ٿيل هڪ ويساهہ گهات. وڏي طاقت جي هن ننڍڙي جنگ جي نِندا انگلينڊ جي ماڻهن بہ ڪئي، پر انگريز سرڪار سنڌ ٽالپرن کي موٽائي نہ ڏني، ڇاڪاڻ تہ ڪابينا، گليڊسٽون جي لفظن ۾، "فيصلو ڪري چڪي هئي تہ انهي کي پاڻ وٽ رکڻ واري لُچائي موٽائي ڏيڻ واري لُچائيءَ کان بهتر آهي". لچائيءَ مان سندس مطلب هو فائدو.

ٽالپر گهراڻن جا حاڪم هي هئا:

ٽالپر گهراڻو (حيدرآباد شاخ)

مير فتح علي	1784/85 - 12 مئي 1802ع
مير غلام علي	19 مئي 1802 - 17 جون 1812ع
مير ڪرم علي	17 جون 1812 - 30 ڊسمبر 1828ع
مير مراد علي	1828 - آڪٽوبر 1833ع
مير نور محمد ۽ مير نصير (گڏ)	21 آڪٽوبر 1833 - سيپٽمبر 1839ع
مير نصير	21 آڪٽوبر 1833 - 1843ع

ٽالپر گهراڻو (خيرپور شاخ)

مير سهراب	1784/85 - 17 آگسٽ 1830ع
مير رستم	1830 - 20 ڊسمبر 1842ع
مير مراد علي (انگريزن جو ماتحت ٿي)	1842 - 1894ع

ٽالپر گهراڻو (ميرپورخاص شاخ)

مير ٺارو	1784/85 - 1829/30ع
مير مراد علي	1829/30 - 1836/37ع
مير شير محمد	1836/37 - فيبروري 1843ع

ٽالپرن سان ڀاڳ ساٿ نہ ڏنو جو تڏ سندن سڄو دور ۽ ويندي 1850ع تائين هلي. سوڪ آبهوا وارين دريائي ماترين ۾ سڌي سادي ريجاڻي زراعت دوران سنوت جي اوزارن ۽ کوٽائيءَ جي مشينريءَ جي جاڻ ۽ ڪتب آڻڻ کان سواءِ ڳوٺاڻي سماج ۾ هڪ ايڪڙ ٻني آباد ڪرڻ لاءِ اٽڪل 1.4 کان 1.6 ماڻهو پڪ سان کپي ويندو. اها نسبت پڪ سان صدين تائين هڪجهڙي ٿي رهي هوندي ۽ انهي ۾ گهٽتائي رڳو ويجهڙ وارن سالن ۾ انگريزن جي دور ۾ سنڌ ۾ آئي، اهي انجنيئري مهارتون ڪتب اچڻ سبب، جن واهن جي اهڙي ڊزائن ناهڻ ۾ مدد ڏني، جنهن ۾ واهہ هيڪر نهي وڃڻ کان پوءِ ڪاٽيءَ لاءِ ٿورن مزدورن جي گهرج پوي ٿي. انهي واهن جي ديگهہ انهن جي پهچ هيٺ ايندڙ ٻنيءَ جي ايڪن پيرين گهٽائي ڇڏي. پوک ڪاهيل ٻنين جو وري ٻڏڻ ٻوڏ بچاءَ بندن جي اڏجڻ سان ختم ٿيو ۽ اهڙين پروڪين ٻڌل ٻنين کي نئين سنئين سڌو ڪرڻ ۽ پوک لائق بڻائڻ تي لڳندڙ مزدوريءَ مان پڻ جند ڇٽي. چراگاهن جي اٽاٽ سبب، جن مٿان پوک ڪاهجي وئي، مال ڌارجڻ گهٽجي وڃڻ ڪري ڳوٺاڻا مزدور واندا ٿي پيا. انهي سان ننڍن ۽ وڏن شهرن جي اوسر جي واٽ نڪتي.

جيڪڏهن پوکيءَ هيٺ ايراضيءَ جي ٿلهي ليکي جاڻ هجي تہ آباد ٻنيءَ جي ماپ ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ جي نسبت 1:1.5 وٺي مختلف دورن ۾ سنڌ جي آبادي لهي سگهجي ٿي . پنين هڪ سو چاليهن سالن لاءِ انهن انگن اکرن جي جاڻ آهي، پر درست خاڪو رڳو 1931ع تائين جي انگن اکرن جي اڀياس سان ملي سگهي ٿو، جڏهن اڃا سنڌ ۾ اهڙا ڪارخانا نہ لڳا هئا، جن ۾ وڏي انگ ۾ پورهيت کپي وڃن ۽ سکر بئراج اڃا وهڻ شروع نہ ٿيو هو. انهن سالن لاءِ نسبت انگريز دور جي اوائلي ڏينهن لاءِ 1.64 کان 1.18 ماڻهو في ايڪڙ ٻني آهي ۽ اڳئين صفحي تي ڏنل ٽيبل ۾ حساب لڳايو ويو آهي.

جيئن تہ ٽالپرن جي دور جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضي 9 لک ايڪڙ هئي، تنهن مان نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي آبادي 1757ع وارن ٽيهہ لکن جي ڀيٽ ۾ 1843ع ۾ چوڏهن لکن کان مٿي نہ هوندي. آباديءَ ۾ 1843 ۽ 1858 جي وچ وارن پندرهن سالن ۾ ٿيندڙ واڌ مناسب سمجهي سگهجي ٿي. 1758-1843 جي وچ وارن 85 سالن ۾ آباديءَ ۾ لاٽ جا ڪيترائي ڪارڻ رهيا آهن ۽ انهي لاءِ ٽالپرن کي ذميواريءَ کان صفا آجو نٿو ڪري سگهجي.

رپورٽن کان سواءِ، جيڪي نج انجنيئري نوعيت جون آهن، اوائلي انگريز عملدارن جا تمام سنا تبصرا موجود آهن، جن ۾ ٽالپرن جي امن امان ۽ انصاف واري انتظام کي ساراهيو ويو آهي، پر ريجاڻيءَ بابت هڙني جي راءِ ساڳي آهي تہ ٽالپرن جو انهي تي ڌيان نہ هو. ڪجهہ دلچسپ تبصرا هيٺ ڏجن ٿا:

1. جيمس هيُوز، ڊپٽي ڪليڪٽر شڪارپور، چانڊوڪا پرڳڻو-1847 تي هڪ رپورٽ ۾ ٻڌائي ٿو تہ:

- چانڊوڪا غلام علي، فتح علي ۽ مراد علي جي پٽن ۾ ورهايل هو. اهو ان علائقي جي ريجاڻيءَ جي تباهيءَ جي مکيہ ڪارڻن منجهان هڪ هو، جنهن جو دارومدار سنڌوءَ مان ايندڙ ساڳئي ئي ذريعي يعني گهاڙ تي هو.
- ملڪ جو ڳڙهي خيري کان اتر وارو پاسو سڃ هو - ڳوٺ قتل هئا ۽ واهہ لَٽيل. تنهن هوندي بہ زميني منظر مان آبادگارن جي ملڪيت جا آثار ڏسڻ ۾ آيا پئي.
- ڏاتي کهاوڙ جي اڏرايل ڏاتي واهہ جي اولهہ ۾ آبادگارن پاران پوکيءَ جا نشان چرڪائيندڙ هئا.
- ڏاتي واهہ تي آباد اهم شهر شهدادڪوٽ ڦٽي چڪو هو ۽ سڄو شهر

سال	آبادي	پوکيءَ هيٺ ايراضي (ايڪڙ)	پنيءَ جي ماپ ۾ آباديءَ جي نسبت
1856	1،882،502	1،200،000	1.56
1872	2،333،527	1،419،000	1.64
1881	2،542،976	1،602،000	1.58
1891	3،003،711	2،203،000	1.36
1901	3،410،223	2،808،000	1.21
1911	3،737،223	2،733،000	1.36
1921	3،472،508	2،939،000	1.18
1931	4،114،253	3،060،000	1.34

ذريعا: آدم شماري رپورٽون، بمبئي پريزيڊنسي - واليوم 1892-1931 سنڌ، آدم شماري رپورٽون، سنڌ، 1941 ۽ سنڌ گزيٽيئر، 1907.

هڪڙو هندو والاريو وينو هو.

- ساڳئي علائقي ۾ پُنُون نالي وسندي پڻ ڦٽي چڪي هئي.
- نور محمد ڪلهوڙي جي اڏرايل شاهه واهه تي پوکيءَ جا آثار هئا. انهي مان شروعاتي ميرن کي وڏي آمدني ٿيندي هئي، پر 1846ع ۾ انهي جي مُنهن جي ويجهو واري علائقي کي ڇڏي سمورو علائقو ويران هو. 1824ع ۾ مير شهداد واهه تي 10،000 رپيا خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پر ڪم ڪڏهن به نه ٿيو.
- هنن واهن تي آبادي ڪندڙ آبادگار پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري لڏي ويا آهن.

2. رچرڊ برٽن جي سپرنٽينڊنٽ آف ڪئنالز اينڊ فاريسٽس ڪيپٽين بيڪر پاران اُگتي موڪليل نوٽن ۾ آهي ته:

"سنڌ ۾ لڳ ڀڳ هر هڪ واهه سڪتو پيو هو. انجنيئري مهارت (جنهن کان سنڌ جا راڄ گهراڻا اڻڄاڻ هئا) کان سواءِ وڌيڪ ايراضي پوکيءَ هيٺ آڻڻ لاءِ، جيڪا سڄو ويران ٿي هئي، هر هنڌ ڪاٽي تي گهربائون. واهن کي نه رڳو منهن ويڪرا ڪرڻ جي گهرج هئي، پر پڇڙيون پڻ."

3. پوسٽن "پرسنل آبزرويشنس آن سنڌ"، لنڊن-1843 ۾ ڪولي ٻڌائي ٿو ته:

- سنڌ جي پيداواري گٽن جو ڪاٿو ان جي والين پاران نه لڳايو ويندو هو.
- ٽالپرن جي حڪومت ۾ آباديءَ جي اصل صورتحال جو ڪاٿو ڪڏهن نه لڳايو ويو ۽ اهو ئي بدانتظاميءَ جو ڪارڻ بڻيو.
- سردارن کي فوجي خدمتن عيوض زمين ڏيڻ.
- مير واهن جي ڪاٽي ڪو ورلي ڪٽائيندا هئا ۽ سنڌ واهه، جيڪو اهم ڪاروباري شهر شڪارپور ۽ ان جي پر پاسن واري علائقي ڏانهن ٿي ويو، تنهن کي اهڙو ته صفا وساري ڇڏيائون جو بند ٿيڻ تي هو.

4. رچرڊ برٽن 1851 ۾ "دي ريسز دئٽ اِنهيبٽ دي ويلي آف انڊس" ۾ ٻڌائي ٿو ته هارين نارين کي سرڪاري عملدارن جا ٽي ٽولا نگهيندا هئا: هڪ امير، جيڪي واهن جي ڪاٽي گهٽ ۾ گهٽ ڪٽائي او ڳاڙيون وڌ ۾ وڌ ڪرڻ گهرندا هئا؛ ٻيا ڪاردار (تحصيلدار يا مختيارڪار)، جيڪي اميرن منجهان جيترو وڌ ۾ وڌ ڪڍي سگهندا هئا ڪڍندا هئا ۽ هارين نارين کي، جن لاءِ ڏوکڙن عيوض واهن جي ڪاٽيءَ ۾ هٿ وجهرائڻ لازمي هو، ڪاٽي ڪٽڻ لاءِ جيترو گهٽ ۾ گهٽ ڏئي سگهندا هئا ڏيندا هئا - نتيجي ۾ ڪيترائي واهه جيڪي اصل چؤگزا (چار گز ويڪرا) هئا سي سُسي اڌ يا ٽين پتي وڃي بچيا؛ نگِڻ واري ٽين ڌر هئي امين، جن جو ڪم ڪڙمين جا ڪاردار ڏانهن ٿيندڙ ڪاٽيءَ جا حساب نبيرڻ هوندو هو. امين کي معاوضو ايترو ته گهٽ ڏنو ويندو هو جو اهو سدائين ڪاردار وٽ وڪاٽل هوندو هو. ان کان سواءِ ٻڌائي ٿو ته:

- واهن جي لاهوندين ۾ اوٽايون هيون.
- ڪپر اُڪپرا رکيل هوندا هئا ۽ ڀڪون جيئن ئي وهندڙ پاڻيءَ سان آليون ٿينديون هيون ڪِري پونديون هيون.
- ڪڍيل مٽي واهن جي ڪپرن تي ڍير ڪندا ويندا هئا، جنهن سان وڌيڪ ڪاٽيءَ ۾ رنڊڪ پوندي هئي.
- واهن جي منڍن جي چونڊ ڪرڻ ۾ اڻ ٺهندڙ فيصلا ۽ واهن کي ويڪرو ٿيڻ کان روڪڻ تي ڪو ڌيان نه ڏيڻ.
- وڏا واهه جهڙوڪ گوني، ڦليلي، گهاڙ ۽ نارو، جيڪي درياءَ يا سندس ڇاڙهن جا پراڻا پيٽ هئا، تن جي ڪاٽي ڪڏهن ڪا نه ٿيندي هئي جنهن جي نتيجي ۾ ايندڙ منڊ ۾ پاڻي گهٽجي ويندو هئن.
- ڪيترين ئي اڏون هيڏي هوڏي ورڻ ڪان ڀهريان پنجن ڪان سٺن ميلن تائين پوروچوٽ هلنديون هيون، ڇاڪاڻ ته اهي ٻن الڳ الڳ زميندارن ڏانهن پاڻي نينديون هيون.

اهو سچ آهي ته 1758ع ۾ ريجاڻي نظام هالا کان هيٺ تباهه ٿي ويو هو، پر 1843ع تائين ويندي سمنڊ تائين واهن جو هڪ جار وڇائڻجي چڪو هو ۽ اهو ڪم ڪ سان پڇاڙيءَ وارن ڪلهوڙن يا اوائلي ميرن جي وقت ۾

ٿيو هوندو. پوءِ وارن ميرن واهن جي کاٽيءَ تي ڌيان نہ ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضي گھٽجي وئي ۽ انهي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل کاڌي جي کوٽ ۽ ڏکار سبب وري آبادي گھٽجي وئي. پاٽيا اتر سنڌ ۾ 1820 ۽ 1822ع ۾ پونڌڙ ٻن ڏکارن جي ڳالھ ڪئي آهي.

انهي بي ڌيانيءَ کان سواءِ مير ۽ سنڌن جاگيردار شڪار جا ديوانا هوندا هئا. ان شغل کاڻ زرعي پيداوار ڏيندڙ پلي ٻنيءَ جي وڏن وڏن ٽڪرن تي رَکَ ڪرائي انهن کي ٻيلا بڻائي ڇڏيندا هئا. اهڙي ريت سنڌن راڄ جي پڇاڙڪي سال يعني 1843ع تائين پوکيءَ هيٺ ايراضي گھٽجي 9 لک ايڪڙ وڃي بيٺي ۽ آبادي اٽڪل 14 لک. ڌار ڌار محققن پاران ڏنل آباديءَ جو انگ هڪ ٻئي کان مَٽَ آهي: ڇبلاڻي (1951) 15 لک؛ پوسٽن (1843) 10 لک؛ ڊاڪٽر برنس (1828) 10 لک؛ ڊيل هوزي (1855) 8 لک ۽ پاٽنجر (1843) 9 لک ڏنو آهي.

ضميمي-1 ۾ 1876ع ۾ موجود 729 واهن جي لسٽ ڏنل آهي. انهن منجهان لڳ ڀڳ سمورا يا تہ ڪلهوڙا دور جا آهن يا ٽالپر دور جا، سواءِ فورڊ، برگ ۽ جيڪب واهن جي. ويندي انهن منجهان بہ ڪجھ ٽالپرن جا پراڻا واھ سڌاريل يا نوان سنوان ڪري ناهيل هئا. پوکيءَ جو انگ 1876ع ۾ ٽالپر دور جي پڇاڙيءَ واري 9 لکن جي ڀيٽ ۾ 15 لک ايڪڙ هو. واڌ جا مکيہ ڪارڻ واهن جي مهل تي کاٽي ۽ اگھاڙي اک بجاءِ ڊمپي ليول سان ڏنل لاهونديون هيون. سنڌ جي ريجاڻي نظام ۾ ڪيترائي انقلابي انجنيئري سڌارا، سکر بئراج واري واهن جي اڪيلي سِر سڀ کان وڏي ڇار سميت، تہ اجا اڳتي اچڻا هئا.


ميرن ڪجھ نوان واھ کوٽايا هئا، جيڪي گھٽو ڪري مير واھ سڏبا هئا. حيدرآباد واري مير نصير ۽ خيرپور واري مير سهراب ٻنهي واهن ۾ سڌارو آندو. 1843ع ۾ موجود ۽ 1873ع تائين سڌاريل ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي واهن جي ڊيگھ 5،529 ميل هئي، جيئن ضميمي-1 ۾ تفصيل ڏنل آهن. مير سنڌن اڏرايل فيڊر واهن جي سار سنڀال لاءِ آبيانو اوڳاڙيندا هئا. اهو حقبہ يا پاٽيءَ بها سڏبو هو. کاٽي جا اگھ يا ڍل الڳ الڳ قسم جي ريجاڻيءَ لاءِ الڳ الڳ هوندا هئا ۽ ڍل جا الڳ الڳ قسم هئا:


1. موڪَ يا ليٽ آھر پاٽي وهڻ، 2.0 رپيا في بيگو (ميرن جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾).
2. چرخي يا نار ذريعي پاٽي کڻڻ 1.0 رپيو في بيگو.
3. بوسي، جنهن ۾ هيناهيون ٻنيون ٻوڏ ۾ ٻڏنديون هيون ۽ جڏهن پاٽي لهي ويندو هو تہ وَتِ اچڻ تي منجهن کو فصل کيو ويندو هو، انهن تي اگھ 1 ۽ 2 جي وچ تي لڳندو هو.

(ٻنيءَ جي ماپ جو ايڪو بيگو يا وِگھو پنجاب ۾ اڄ بہ هلي ٿو، پر سنڌ ۾ اهو ايڪو هاڻ عام طور تي جريب سڏجي ٿو - سنڌيڪار)

هي اگھ تمام گهرا هئا، ان حقيقت ڏانهن ڏسندي تہ هڪ صدي پوءِ سکر بئراج لاءِ ريجاڻي ٻنين تي اوڳاڙجندڙ اگھ، ناڻي جو ملھ گھٽجي وڃڻ جي باوجود، هنن کان گھٽا هيٺ هئا.

فصل اهي ساڳيا ئي ٿيندا هئا، جيڪي ڪلهوڙن جي دور ۾ يا سکر بئراج جي کلڻ کان اڳ ٿيندا هئا يعني ساريون، ڦٽيون، ڪٽڪ، ڪمند، تيلي ٻج ۽ داليون. مير ڪرم علي ٽالپر پورچوگيزن کي 1818ع ۾ ڪراچيءَ ۾ گرجاگھر کولڻ جي موکل ڏني ۽ 640 ايڪڙ ٻني لياري نديءَ تي الاٽ ڪيائين. اتي انهن زيتون، چيريموئيا (صوف جنس جو ميوو)، مٽر، پٽاٽا، لاهوري گجر، مڪئي ۽ ٻوهي مگ (مگيرا) ڪرايا، جتان اهي سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويا.





869

870

جاندرا ۽ جنڊ

869. اٺ جي ڇڪڻ واري جاندراھ. اُن پيٺهين اٽو ڪرڻ ماين جو ڪم هوندو هو، پر شهرن ۾ جتي وڏي انگ ۾ مزدور ڇڙا رهندا هئا اُن وهٽن سان هلندڙ جاندراهين سان پيٺو ويندو هو. اهين 1920ع تائين عام هليو، جڏهن ڊيزل انجڻن وهٽ جي جاءِ ورتي. (بيل، ڪراچي).

870. گھريلو جنڊ ٽوٽر سان. ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين سنڌ جي ڳوٺاڻين ماين کي پنهنجي آکھ جي پورت ان روز بہ ڪلاڪ لائي پيٺهڻو پوندو هو. (سنڌ ميوزيم).

باب ٽيهون

ريجاڻي ڏاڍ-راڄ خلاف انگريز سرڪار جون اڌوگابريون ڪوششون

زراعت جو پراڻو نظام، جنهن جي اسان وٽ ڇاڻ آهي، مغلن جي دور وارو، جاگيرداري ڏاڍ-راڄ وارو نظام هو، جنهن ۾ سرڪار جو ٺاقيل الڳ الڳ لقبن سان ڪوٺجندڙ ماڻهو اصل ۾ هڪ جاگيردار هو، جنهن کي پنهنجو خرچ پڪو پورو ڪرڻ، امن امان رکڻ لاءِ سپاهه پالڻ، سرڪاري ٽيڪس اوڳاڙڻ ۽ ڪجهه ٻنڌاڻ رقم مرڪزي خزاني ۾ پهچائڻ لاءِ هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ واهه ۽ ٻنيون ورچي ڏنل هوندا هئا. انهن ٻنين تي ڪيترائي ننڍا ننڍا سردار يا زميندار يا وڏيرا ويهاريل هوندا هئا، جن جي ذمي وري موڪُن/اَڏُن/ڪُورُن جي سار سنڀال جو بندوبست رکڻ ۽ انهن جو پاڻي پنهنجي حد ۾ وريچ ورهاست ڪرڻ هوندو هو. انگريزن ڪان اڳ ريجاڻي نظام ڪي نين رٿائن جي ڪوٽائيءَ، مرمتن، پراڻين رٿائن جي سار سنڀال ۽ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو واهن جي ڪاٽيءَ لاءِ سدائين جهجهن مزدورن جي گهرج هوندي هئي. تَر جي وڏيرن پاران اهي مزدور وڏي جاگيردار جي مرضي تي ڇڏيل هوندا هئا ته اهو انهن کي جتي گهرج پويس اتي ڪم لائي. انهن ڪان صحيح طريقي ڪم وٺڻ لاءِ تَرَ جي وڏيرن جا ڪمدار (ڪم جا نگران يا فورمئن) رکيل هوندا هئا، جيڪي وري پنهنجي ليکي سندن ٻنين تي پوکي ڪندڙ هارين منجهان بنا پئسي ڏوکڙ ونگاري ماڻهو ڪڍڻ ۽ ان جو بندوبست ڪرڻ ۾ پَڙ هوندا هئا. انهن ونگاري مزدورن کي رڳو ونگار واري ڏينهن هڪڙو ويلو منجهند جي ماني تَر جي وڏيري پاران مفت ڪارائي ويندي هئي. زوريءَ ونگار جيڪا ڇيڙ سڏبي هئي، ايڪٽنگ ڪمشنر ان سنڌ جنرل جان جيڪب 1856ع ۾ سرڪاري طور ختم ڪري ڇڏي هئي، پر حقيقت ۾ اها ٽيهه سال اڳ تائين هلندي رهي. ويندي اڄ تائين به ڪڏهن ڪڏهن تَر جي واٽرڪورسن (اَڏُن/موڪُن) جي ڪاٽيءَ لاءِ ونگار ٽيندي آهي.

انگريز سرڪار وڏيري يا جاگيرادر واري طاقت پنهنجي هٿن ۾ هنن طريقن سان ڪنئي:


اها سموري ٻني جنهن لاءِ پاڻي موجود نه هو تنهن کي سرڪاري ٻني ليکيو ويو.

جيڪڏهن ڪا ٻني باقائدي توڙي هيڪڙ ٻيڪڙ ملندڙ پاڻيءَ تي آباد ٿيڻ جهڙي هوندي هئي ته اها زميندار کي ڪنهن خاص مدي لاءِ پٽي تي يا سڏي سنئين وڪٽي ڏني ويندي هئي.

ٻني پٽي تي ڏني ويندي هئي ته الاٽيءَ کي ساليانو پٽي جي رقم ڀرڻي پوندي هئي ۽ جيڪڏهن وڪٽي ڏني ويندي هئي ته الاٽيءَ کي قيمت سان گڏو گڏ ساليانو ڍل به ڀرڻي پوندي هئي.

جيڪڏهن سرڪار پاڻي پهچائيندي هئي ته الاٽيءَ کي پاڻيءَ جي واڌاري ۽ بندوبست تي ٿيندڙ خرچ هر سال لڳندڙ آبياني جي صورت ۾ ڀرڻو پوندو هو.

زمينداري نظام بلڪل ختم نه ڪيو ويو. زميندارن جي هارين کي زوريءَ ونگار وهائڻ واري طاقت ۾ ڪتر وڌي وئي، پر پوري طرح ڪنٽرول نه ڪيو ويو. نظام ۾ ايڏي ته راڄ پيڙا هئي جو 1918ع ۾ بمبئي سرڪار کي سنڌ ۾ ”رسائي“، ”لاپي“ ۽ ”ڇيڙ“ بابت جاچ ڪميٽي ٺاهڻي پئي. انهي جي ڇئن جلدن واري رپورٽ فول سڪيپ سائيز (34 X 20 سينٽيميٽر) جي 1،500 پنن تي پکڙيل آهي. ريجاڻي پاڻيءَ جو واڌارو ۽ پهچ زراعت جي نگرانيءَ سان لاڳاپيل نوڪرشاهيءَ جي هٿن ۾ هوندا هئا. جيتوڻيڪ انهي جاگيردارن يا ڏاڍن مڙسن وارا ڪجهه ڪم پنهنجي هٿن ۾ ڪٽي ورتا هئا، پر سندس نوعيت بنيادي طرح ڏاڍ-راڄ واري نه هئي، ڇاڪاڻ ته نه ته ماڻهن کي زوريءَ ونگار تي وهايائين ۽ نه عدالتي ۽ اوڳاڙين وارا اختيار تي هلايائين. تنهن ڪان سواءِ نظام جي ڪارڪردگي هڪجهڙي رکڻ لاءِ واهه جي سمورن زميندارن ۾ پاڻيءَ جي ورهاست هڪجهڙن بنيادن تي ڪئي پئي وئي. اها هڪ اهم سماجي تبديلي هئي ۽ ڪارل مارڪس چواڻي لڳ ڀڳ ڪنهن انقلاب جي برابر هئي جنهن جهڙي ايشيا ۾ انگريز سرڪار پاران اڻويهين صديءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ آندل هن تبديليءَ ڪان اڳ ڪڏهن ٻڌڻ ۾ نه آئي هئي. اهڙي ريت رٿيل هن ريجاڻي سرشتي مطلق العنانيت جي ابتڙ ترقين جا نوان امڪان پيدا ڪيا ۽ اهي اڃا تائين ارتقائي ڏاڪن تي آهن، پر ان جي وڏي ڪاميابي آبادگار کي مليل ڇوٽڪارو آهي، جيڪو انهي پنٽين ستر سالن دوران هوريان هوريان ماڻيو آهي.



نقشو نمبر 66
1839ع
سنڌ جا مير
۽ سکن جو پنجاب
۾ گهڙي اچڻ
ڏسٽي
1. مير علي مراد جو علائقو
2. رستم جو علائقو
3. مير شير محمد جو علائقو
4. حيدرآباد وارن ميرن جو علائقو
5. سکن جي بادشاهي
6. سکن پاران والار
7. 1809 ۾ رنجيت جي بادشاهي
8. 1809 ۾ ڏن ڀرُو رياستون
9. سکن جي طاقت جو ڳڙهه
10. سنڌ جو بلوچستان سان لڳندڙ هاٺو ڪو دنگ
11. صوبائي دنگ (هاٺوڪا)
12. بين الاقوامي دنگ
13. 1839 ۾ انگريزن جي سنڀال هيٺ سک رياستون
14. 1839 ۾ انگريزن جي سنڀال هيٺ بهاولپور رياست
15. شهر
16. رستا
17. درياءَ
انگريزن جي سنڀال هيٺ
(برٽش پروٽيڪٽوريٽ)
اتر
ڪاڇو
ڪلوميٽر
200 150 100 50 0 50
ڪابل
جلال آباد
غزني
قنڌار
پشاور
اٽڪ
ڪوهاٽ
راولپنڊي
بنون
نوشهرا
جهلم
جمون
سيالڪوٽ
وزير آباد
گوجرانوالا
گرداسپور
لاهور
هوشيارپور
لڌيانا
فيروزپور
ڊيرا اسماعيل خان
مالرڪوٽلا
انبالا
نيا
پٽيالا
ملتان
شجاع آباد
ڊيرا غازي خان
لورالائي
ڪوئيٽا
سبي
ڏاڍر
مهيسر
قلات
لهڙي
ڀاڳ
شوران
ميرپور
گنداوا
ڇتر
شاهپور
بهاولپور
پاڪپٽڻ
سهارنپور
ڪرنال
پاڻيپٽ
حصار
هانسي
ڀواني
دهلي
چُرو
بيڪانير
سِڪر
الَور
جيڪب آباد
ڪشمور
رحيميار خان
گهوٽڪي
شڪارپور
سکر
روهڙي
خيرپور
خضدار
قمبر
لاڙڪاڻو
ڪوٽ ڏيجي
گهوٽاڙو
شاهگڙهه
تجل
جيسلمير
پوڪرڻ
جوڌپور
اجمير
جئپور
بياوڙ
بوندي
اُديپور
سيوهڻ
ڪوٽ امامگڙهه
ڪنڊرا
هيلو
سون مياڻي
ڪراچي
گهارو
ٺٽو
جهرڪ
حيدرآباد
ٽنڊو محمد خان
ميرپورخاص
عمرڪوٽ
ننگرپارڪر
شاهبندر
ڏيسا
پٽڻ
ڀُڄ
احمد آباد
بڙودا
سورت
سنڌو درياءَ
جهلم
چناب درياءَ
راوي درياءَ
34
32
30
28
26
24
22
20
68
70
72
74
76
78

باب ايڪٽيهون

انگريز راڄ ۾ اوائلي ريجاٽي
(1843_1932ع)


انگريزن کي سنڌ فتح ڪرڻ مهل واهن جو هڪ ڄار ورثي ۾ مليو، جيڪو اڳيئي ڪنهن چڱي صورت ۾ نہ هو ۽ وري تبديليءَ پڻ نظام جي تڪڙي تباهي آندي، ڇاڪاڻ تہ چارلس نيپيئر جي آفيسرن کي انهي کي سمجهڻ ۾ وقت لڳو. واهن جي کاٽي هڪ اهم ساليانو ڪم هو جنهن کان سواءِ واهہ پورو پاڻي ڪٽي نٿي سگهيا ۽ ايستائين جو لَٽجي بہ سگهيا ٿي.

سر چارلس نيپيئر، جنهن سنڌ 1843ع ۾ فتح ڪئي هئي، واهن ۽ ٻيلن جو هڪ گڏيل کاتو جوڙيو ۽ اهو بمبئي رائل انجنيئرس جي ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ جي هٿ هيٺ ڏنائين. هي انجنيئر ڪو لاپائتو ڪم نہ ڪري سگهيو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس واهن جا انچارج ڪري ڏنل آفيسرن منجهان گهٽي ياڳي انجنيئر نہ هئا ۽ نتيجي ۾ کاتو 1849ع ۾ ختم ڪيو ويو. تنهن هوندي بہ انهي پاڻ انوقت موجود واهن جي نظام جو اڀياس ڪيو، پراڻي نظام جون مکيہ اوڻايون پروڙيائين ۽ انهن جي سڌاري لاءِ ڪجهہ سفارشون مرتب ڪيائين، انهي کان اڳتي ڪا اڳيرائي نہ ٿي. سندس ڏنل انهي رپورٽ جو هتي ٻڌائڻ جوڳو مکيہ نڪتو آهي تجويز ڪيل روهڙي-حيدرآباد واهہ بابت سندس سفارشون، جيڪو سندس خيال ۾ نہ ٽيڪنيڪي طور ناهڻ جوڳو هو ۽ نہ معاشي طور هلڻ جوڳو. کاتي ۾ اٿندي وارن سرويئرن منجهان هڪ رچرڊ برٽن (اڳتي هلي سر) هو، جيڪو پنهنجي ڊيوٽي ڏئي واندو ٿيڻ کان پوءِ واري وقت ۾ اڀياس ڪندو رهيو، جنهن کي سنڌ جي اينٿروپولاجي (آدم ذات جو علم) سڏي سگهجي ٿو ۽ اهو ڪيترين ئي رپورٽن ۾ ڇپيو. انهي واهن جي ڪم ڪرڻ جي گهري ڄاڻ پڻ پرائي ورتي هئي، جنهن بابت ويچار پنهنجي ڪوڙ سارين لکڻين ۾ ونڊيائين. اتر-الهندي سرحد (جيڪب آباد ضلعو) جي انچارج جان جيڪب 1843-1851ع جي وچ تي پنهنجي ضلعي ۾ ريجاٽيءَ کي سڌاريو هو ۽ ڪمشنر ان سنڌ بارٽل فريئر سندس صلاح تي واهہ کاتو ٺاهي ڪرنل بليوس ٽرنر کي ان جو سربراهہ بڻايو. جنرل جان جيڪب نہ رڳو تن ڏينهن جي اتر سنڌ جي واهہ بيگاريءَ کي سڌاريو، پر اتر سنڌ جو ٻيون نمبر وڏو ڊيزرٽ واهہ پڻ کوٽايائين، جيڪو انهن ڏينهن ۾ مقصودآباد يا مقصودا واهہ سڏبو هو. ڊيزرٽ واهہ جي رٿا هن ئي ٺهرائي هئي ۽ 1855ع ۾ سرڪار کي موڪلي ڏني هئي. رٿا تي ڪم، بهرحال، 1873ع تائين پورو نہ ٿي سگهيو هو.

جي. جِي. فائيف 1855ع ۾ واهہ کاتي جو سپرنٽينڊنگ انجنيئر مقرر ٿيو ۽ انهي 1859ع ۾ اپرندي ناري واهہ کي سنڌو درياءَ سان هڪ ڳَنڍَ واهہ ذريعي روهڙيءَ کان اوپاري پاسي وٽان ڳنڍيو. انهي ڳَنڍَ 1932ع تائين ڪم ڏنو ۽ اڃا سوڌو جيڪڏهن ناري واهہ کي ڪنهن بہ وقت گهرج پئجي وڃي تہ اهو ڪيس واڌو پاڻي پهچائي سگهي ٿو. هن نامي گرامي انگريز انجنيئر جو سنڌ جي واهن جي نظام لاءِ ڪيل ڪم اهڙو آهي، جو ڪيس اڄ بہ سنڌ ۾ ريجاٽي نظام جو ”ابو“ سڏي درست ياد ڪيو وڃي ٿو. فائيف، سنڌ جي ريجاٽي تاريخ ۾ پهريون پيرو اٿل تي وهندڙ آب ڪلاٽي واهن يا ڦاٽن جي اوڻاين کي پوري طرح سمجهيو ۽ انهن جو هڪ حل سنڌ کي ريجاٽي پاڻي سڄو سال ۽ پڪ سان ڏيندڙ هڪ اسڪيم جي روپ ۾ تجويز ڪيائين. پنهنجي انهي اسڪيم ۾، جيڪا سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن کان اڳ جي آهي، صلاح ڏنائين تہ روهڙيءَ وٽ (سکر بئراج واري جاءِ تي) درياءَ تي آرپار ڇاڀ (ويئر) ڏئي هڪڙو واهہ (روهڙي) ڪڍجي جيڪو ڪاٻي پاسي کي پاڻي ڏيندو حيدرآباد ويجهو وڃي ڦليلي واهہ ۾ پوي ۽ ٻيو واهہ ڪڍجي جيڪو سکر کان الهندي ناري رستي منڇر ڍنڍ ڏانهن هليو وڃي (دادو ۽ رائيس ڪئنالن جو آڳومتي ٿيڻ لاءِ)؛ جهرڪ وٽ ڇاب ڏئي هڪ واهہ ساڄي پاسي (ڪلري ۽ بگهاڙ جو آڳومتي ٿيڻ لاءِ) ۽ هڪ واهہ کاٻي پاسي (پِنياري ۽ گوني واهن جو آڳومتي) ڪڍجي. پنجون واهہ اپرندي ناري مان ونگا بازار ڏانهن (منڙائو جو آڳومتي) ڪڍڻ جي پڻ صلاح ڏنائين. فائيف جي رپورٽ بمبئي سرڪار رد ڪري ڇڏي. پر جيڪڏهن اها منظور بہ ٿي وڃي ها تہ دنيا ۾ ڪنهن هنڌ بہ سنڌوءَ جيتري ويڪري، اونهي ۽ ايترو پاڻي نيندڙ ڪنهن درياءَ تي ايڏو وڏو بئراج اڏڻ جي تجربي جي اڻاٽ هئي. رٿا کي توڙ پهچائڻ لاءِ گهربل اوزار موجود نہ هئا. هلندڙ ڦرندڙ ڪرينن، کوٽائيءَ جي مشينن ۽ ڪليم شافٽ مشينن جو نهڻ اڃا چاليهہ سال پري هو ۽ ڊيزل ۽ پيٽرول انجڻون اڃا نہ ٺهيون هيون، جيڪي اڏاوتي اوزارن کي گهربل چرپر ڏئي سگهن ها. کوٽائيءَ جون مشينون، جيڪي پهريون پيرو سوئيز واهہ جي اڏاوت لاءِ فرانسيسي انجنيئرن 1869ع ۾ ڪتب آنديون، سي فائيف جي تجويز ڏيڻ واري زماني 1859ع ۾ اڃا ڪنهن خواب ۾ بہ نہ ڏٺيون هيون. سوئيز واهہ لاءِ 12 لک مزدور ڏهن سالن تائين ڪم تي لاتا ويا ۽ انهي تي 125،000 مزدورن پنهنجون جانيون وڃايون. جيڪڏهن رٿ منظور بہ ٿئي ها، تڏهن بہ اڳلا ڪهٽ ۾ ڪهٽ ٽيهہ سال اوزار ڊزائن ڪرڻ ۽ ناهڻ ۾ لڳي وڃن ها ۽ اڏاوتي ڪم 1932ع کان

نقشو نمبر 67

1873ع
سنڌ ۾ واهن جو چار



سيئي واهه 1843 وارا يا ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن وارا آهن، 1843 کان 1873 جي وچ تي رڳو اڳ موجود 727 واهن ۾ ٻن واهن فورڊ واهه ۽ جيڪب واهه جو واڌارو ٿيو. ويندي اهي به اصل ۾ پراڻا واهه ئي هئا، جن کي سڌاري وڏيڪ پاڻي ڪٽڻ جوڳو بڻايو ويو.

وڏيڪ لاڳت ڪائي پورو ٿئي ها، جو ته تيستائين هر قسم جون ڪوٽائيءَ جون مشينون تجارتي بنيادن تي استعمال هيٺ اچي چڪيون هيون.

گريٽ ٽرگناميٽريڪل سروي آف انڊيا، جنهن سنڌ جا 1860ع کان اڳتي جا هيٺ متاهيُن جا نقشا ناهيا، واهن جي سڌاري لاءِ هڪ غير معمولي فائدو ڏنو. اهو پڻ فائيف پاران پنهنجي نظام جي تجويز ڏيڻ پيري نه هو. انجنيئر آبادگارن جي سڌاريل سنواريل ڪڙين ڏانهن وهندڙ آب ڪلاٽي واهن ۽ انهن جي چاڙهن جي لاهوندين بابت ڳڻ ڳوٺ ڪري ۽ انهن کي سڌاري سگهن ٿا. 1855 کان 1932ع تائين آندل سڌارن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

سنڌوءَ جو ساڄو ڪپ

اتر سنڌ ۾ مقصودا واهه، ڊيزرٽ واهه، بيگاري واهه ۽ سنڌ واهه مکيه آب ڪلاٽي (اٿل تي وهندڙ) واهه هئا. ڊيزرٽ واهه، جيڪو انهن ڏينهن ۾ رڳو پنجٽيهه ميل ڊگهو هو، هاڻ اٽڪل ٽيهٺ ميل ڊگهو آهي. بيگاري واهه، جنهن جي اٿندي نڪرڻ جو سال ٿي سگهي ٿو سومرن ۽ سمن جي جُڳ تائين آڳاٽو هجي، ڊيگهه ۾ رڳو چاليهه ميل هو. انهي جون چاڙهون هيون: نور واهه، سون واهه ۽ مرزا واهه. سنڌ واهه هڪ پراڻي قدرتي ڌارا هو، جنهن جو منڍ سدائين ڪنهن اهڙي هنڌ تان هوندو هو، جيڪو فائيف پاران نئون منڍ ڏيڻ تائين ڪڏهن ڪامياب نه ٿيو.

نارو واهه سرشتو

چارج ونڻ کان سنت ئي پوءِ فائيف جو ڌيان ناري درياءَ جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ ريجاڻيءَ لاءِ پاڻي نه نيڻ ڏانهن ڇڪايو ويو. نارو درياءُ، جيڪو درِشادوَتي-سَرَسوَتي-هاڪڙي سرشتي جو حصو هو، سڪي چڪو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ عام ڳالهه اها هُليل هئي ته ڪن ڏاڍن ماڻهن يا قبيلن انهي کي بند ڏئي ٻڌي ۽ پاڻي پنهنجي پاسي ورائي وڃي ڪم لاتو هو. معاملي جي سوڌَ ڪئي وئي ۽ سچ اهو سامهون آيو ته ڪو هترادو موڙ ڏنل نه هو ۽ پاڻيءَ جي بند ٿيڻ جو ڪارڻ ڌرتيءَ جا ڦيرا هئا، جيڪي هن کي پريندڙ اترين علائقن ۾ 4،000 سال اڳ آيا هئا. صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪرنل فائيف هڪ ڳَنڍَ واهه جي رٿا جوڙي، جيڪو ناري کي درياءَ سان هترادو اڏيل واهه ذريعي سکر-ٻکر-روهڙي گارج جي اوپاري پاسي وٽان ڳنڍي. هن ڳَنڍَ واهه کي نارا سپلائي چينل (ناري کي پاڻي ڏيندڙ وهندڙ) سڏيو ويو، جيڪو 1859ع ۾ کوليو ويو. سپلائي چينل، جنهن جي هلڻ جو هنڌ هڪ سوڙهي گارج جي اوپاري پاسي وٽان هجي، جتي پاڻي سدائين ويندي لاٿ وارن ڏينهن ۾ به تار رهندو هجي، منجهان سڄو سال ڪم ڪندو رهڻ جو آسرو هو.

ساڄي ڪپ تي سکر وٽان واهه کڻڻ واري رٿا جيتوڻيڪ گهڻو گهٽ لاڀائتي هئي، پر مڃي وئي ۽ سال 1861ع ۾ ان تي ڪم جي منظوري ڏني وئي. ساڳي طرح مٺڙائو واهه واري رٿا پڻ مڃي ۽ منظور ڪئي وئي، پر اها رٿا 1879ع تائين پوري نه ٿي سگهي.

روهڙي واهه

رٿيل روهڙي-حيدرآباد واهه کي جيتوڻيڪ انوقت عمل ۾ آڻڻ جوڳو نه سمجهيو ويو، پر ان کي سکر بئراج رٿا ۾ گڏايو ويو ۽ هاڻ روهڙي ڪئنال سڏجي ٿو - سنڌ جو سڀ کان وڏو واهه، جنهن جو جوڙ جس سڄي دنيا ۾ ڪو ورلي ئي هوندو.

جمڙائو واهه سرشتو

هڪڙي ٻي اهم واهه رٿا، جنهن جي شروعات ڪرنل فائيف ڪئي هئي، سا هئي جمڙائو واهه رٿا، جنهن ۾ ناري درياءَ جي پراڻي پيٽ تي واهن جو هڪ سرشتو اڏڻ جو تصور هو، جيڪو سڄو سال وهندو رهي. رٿا جي تجويز 1860ع ۾ پيش ڪئي وئي، پر روهڙي-حيدرآباد واهه، سکر واهه ۽ مٺڙائو واهه جهڙيون رٿائون آڏو هجڻ ڪري جمڙائو واهه رٿا تي گهڻو زور نه ڏنو ويو ۽ انهي کي 1894ع تائين انتظار ڪرڻو پيو، جڏهن اها هٿ ۾ ڪنئي وئي، 1899ع ۾ نهي راس ٿي ۽ 24 نومبر 1899ع تي ان جو مهورت ٿيو. جمڙائو واهه رٿا جي موضوع تي موٽي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته انهي ۾ ناري درياءَ تي آرپار هڪ چاڀ جي اڏاوت سان گڏ جمڙائو واهه کي انهي چاڀ جي ٻاهران ڦري ايندڙ ڳَنڍَ واهه مان درن واري موريءَ سان هلائڻ شامل هو ۽ سرشتي کي هلائڻ لاءِ بيٺل تلاءَ وارو متو ڪم آڻڻو هو. اهڙي ريت جمڙائو سنڌ ۾ چاڀ ذريعي ڪنٽرول ٿيندڙ سڀ کان پهريون ٻارهو وهندڙ واهه ٿيو. 1902-1904ع ۾ جمڙائو واهه رٿا جي نهي راس ٿيڻ کان پوءِ وڏن نون واهن جون ڳٽائڻ جوڳيون رٿائون هيون نصرت واهه ۽ داد واهه، جيڪي 1902-1904ع ۾ اڏيون ويون. ڊيزرٽ واهه کي نئينءَ سنئينءَ ناهڻ جو ڪم پڻ انهي عرصي ۾ هٿ ۾ ڪنيو ويو.

انڙ واهه

1884 کان 1894ع تائين واهه جو جيڪو سڀ کان وڏو ڪم هٿن ۾ ڪنيو ويو، سو هو اتر سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي انڙ واهه جي اڏاوت: انهن ٻنين کي پاڻي ڏيڻ لاءِ، جيڪي اترئين پاسي ڊيزرٽ واهه ۽ ڏاکڻئي پاسي بيگاريءَ جي پاڻيءَ جي پهچ کان ٻاهر هيون.

ڏامراهو، پرِچرڊ ۽ ساڄي ڪپ وارا ٻيا ننڍا واهه

ڏامراهو ۽ پرِچرڊ نالي ننڍن واهن جون رٿائون پڻ 1894ع ۾ پوريون ٿيون. ڏامراهو واهه هنوقت سکر بئراج جي ساريال واهه (رائيس ڪئنال)

سرشتي جي هڪ اهم شاخ آهي. پرچرڊ واهه کي ڇنڊڻ ۾ بدلايو ويو ۽ اهو اڃا تائين ڇنڊڻ وارو ڪم پيو ڪري.

ڪيترين ئي ننڍيون ننڍيون ريجاڻي رٿائون ڪجهه نون واهن جون ۽ ڪيترين موجود واهن کي سڌارڻ سنوارڻ يا نئين سنئين ناهڻ جون 1904 کان 1919ع تائين هٿن ۾ ڪنيون ويون هيون. جڏهن سکر بئراج منظور ٿيو ته نون واهن جي رٿائن منجهان هڪڙي ٻڌائڻ جوڳي رٿا ساجي ڪپ تي بيگاري واهه کي لڳندڙ وهندڙيءَ منجهان وهي هلڻ واري چول شاخ رٿا هئي.

ڪشمور واري علائقي ۾ به ٻيا واهه هئا، پلي جو اهي ايترا وڏا نه هئا جيترا مقصودا واهه، بيگاري يا سنڌ واهه هئا. انهن تي انگريز سرڪار جي ڏينهن ۾ جيڪب واهه ۽ برگ واهه نالا رکيا ويا هئا. انهن واهن جو مکيه ڪم سنڌو درياءَ جي پراڻي پيٽ سنڌ ڍوري کي پرڻ هوندو هو، پر اهي علائقي جي آبادگارن کي ٻنين لاءِ پاڻي پڻ ڏيندا هئا. سنڌ واهه جي ڏکڻ ۾ ننڍا واهه جهڙوڪ شر واهه (هاڻ شرڪوٽ شاخ)، رجب گهٽي (گهٽ واهه) ۽ گڙنگ واهه هئا، جيڪي سڀ جو سڀ سنڌوءَ منجهان نڪرندا هئا. گڙنگ، سنڌ جو اڪيلو آب ڪلاٽي واهه آهي جيڪو ٽن بئراجن گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙيءَ جي ٺهي وڃڻ کان پوءِ به اڃا سوڌو ڪم ڪري پيو.

منڇر ڍنڍ

منڇر ڍنڍ موهنجي دڙي تهذيب يا اڃا به اڳ اوائلي هولوسين جُڳ کان وٺي ريجاڻي پاڻيءَ جي وڏن ذريعن منجهان هڪ رهي آهي. سني وسڪاري واري سانوڻيءَ جي مند ۾ اها ويهه ميل ڊگهي ۽ ڏهه ميل ويڪري هڪ سهڻي ڍنڍ هوندي هئي، پر سياري ۾ سُسي اٽڪل ڏهه ميل قطر ايراضيءَ تي وڃي بچندي هئي. پندرهين کان ارڙهين صدين ۾ اها چڱي اونهي ۽ ڪشادي ڍنڍ هوندي هئي. هيءَ ڍنڍ ڪبڙوٽ، ٻوبڪ، ڪاهر، اڪتار، سُپار، شاهه حسن ۽ جهانگارا واري علائقي کي جام پاڻي ڏيندي هئي. الهندو نارو هن ڍنڍ ۾ ان جي اترئين ڇيڙي وٽ پوندو هو، جڏهن ته اڙل واهه کيس ڏاکڻئي ڇيڙي کان سنڌوءَ مان پاڻي پهچائيندو هو. اڙل مان ايندڙ پاڻي الهندي ناري مان ايندڙ پاڻيءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ پروسي جوڳو ۽ مقدار ۾ گهٽو هوندو هو. ٻوڏ جي مند جي پڇاڙيءَ تي ڍنڍ جي لهي وڃڻ کان پوءِ ان جي چوڌاري واريون ٻنيون آباد ٿينديون هيون ۽ ربيع جو پلوڙ فصل ڏينديون هيون، جيتوڻيڪ خريف ۾ پڻ ماڻهو پنهنجا واهه ۽ ڪڙيا منڇر مان ڪڍي پنهنجي پرپرين ٻنين ڏانهن ڪاهي ويندا هئا.

منڇر ۾ پاڻي ڪيرٿر ٽڪرين تان لهندڙ ڪوڙ سارين مينهن ڌارائن يا نئين مان پڻ ايندو هو، پر اهو باقائدي ۽ پاڙڻ جوڳو ذريعو نه هو. منڇر مڇيءَ ۽ پاڻيءَ جي پکين جي روپ ۾ ڪاڏي جو هڪ اهم ذريعو هو ۽ سوين ٻيڙيون مڇي مارڻ ۽ اها پري پري ماڳن ڏانهن ڪٽي وڃي وڪڻڻ جي ڪم ۾ رُڌل هونديون هيون. سکر بئراج رٿا ۾ ڍنڍ کي اڙل کان وٺي ڇوڙ يا ناري ماٿريءَ جي مُک نيڪر تائين منڇر جهل بند سڏجندڙ ويهه ميل ڊگهو بند ڏنو ويو. منڇر-سيوهڻ-ڄامشورو ايريا ۾ الهندي ناري کان سواءِ 37 واهه هئا، جن جي ڪل ڊيگهه هڪ سو پنجٽيهه ميل هئي، انهن مان ڦِٽو، دانِستر ۽ ڪارو سدا بهار سڌو سنڌوءَ مان وهي نڪرندڙ اهم فيڊر هئا.

لاڙڪاڻو ايريا

سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي انهن ڏينهن ۾ چانڊُوڪا سڏجندڙ لاڙڪاڻي وارو علائقو عام طور سنڌ جو باغ ڪري ڄاتو ويندو هو. انهي کي پاڻي به وڏا واهه الهندو نارو ۽ گهاڙ ڏيندا هئا، جيڪي اصل ۾ سنڌو درياءَ جا وڏا وهڪرا هئا، پر لَٽجي ننڍا ٿي ويا هئا. الهندو نارو، واهن منجهان سيني کان وڏو، ڏاڍن ورن وڪڙن سان وهندو هو ۽ هاٿوڪن لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعن مان لنگهڻ کان پوءِ منڇر ڍنڍ ۾ وڃي پوندو هو. آب ڪلاٽي يا اٿل جي مند ۾ هن ۾ ٻيڙيون وهي سگهنديون هيون ۽ ٻيڙياتا سنڌوءَ جي مُک ڌارا جي پيٽ ۾ الهندي ناري مان هلڻ کي ترجيح ڏيندا هئا ۽ هن واهه ۾ ٻيڙين جي ٺاهوڪي وڏي اچ وڃ هوندي هئي، جنهن سان واپار، ڪاروبار ۽ ماڻهن جي خوشحاليءَ ۾ واڌارو ٿيندو رهندو هو. ٻيو وڏو واهه هو گهاڙ، جيڪو پڻ الهندي ناري وانگر ور وڪڙ ڪري وهندو هو. گهاڙ ۽ الهندي ناري کان سواءِ ٽيون اهم واهن جو سرشتو واهڙ واهه نالي هو، جيڪو سنڌوءَ مان لاڙڪاڻي کان اٽڪل ٽيهه ميل ڏکڻ وٽان نڪرندو هو ۽ ڊيگهه ۾ ٽيهن ميلن کان وڌيڪ ۽ منهن وٽ ٽيهه فٽ ويڪرو هو. اهو سيتا ويجهو وري سنڌوءَ ۾ وڃي پوندو هو. واهڙ واهه جي ڇاڙهه مارئي ڊيگهه ۾ پندرهن ميل هئي. مٿيون سمورو سرشتو پنج سو ڇاهٺ ميلن تي ٻڌل هو.

ٺٽو ايريا

هن ۾ هاٿوڪو ڪوٽڙي بئراج جي پهچ هيٺ ساڄي پاسي وارو علائقو يا سنڌوءَ جي ڇوڙَ-ٻيٽاري جو ڏاکڻئون ڀاڱو اچي ٿي ويو. ڪيترين ئي ڪارين يا سنڌوءَ جون ڇاڙهون انهي کي ڇيري ڇيهاڙيون ڪيو بيٺيون هيون، جن منجهان وڏيون جونا، رِچَل، ڦِٽي، حجمڙو، ڪڪريواري، ڪيڏواري ۽ گهارو هيون. گهارو ڇاڙهه تي اهو نالو سندس ساڄي ڪپ تي آباد گهارو ڳوٺ جي ڪري پيو. ارڙهن مکيه فيڊر واهه هئا، جيڪي سنڌوءَ مان الڳ الڳ هنڌن تان ٿي وهي نڪتا ۽ ايڪٽيهه ننڍا وڏا واهه هئا، جيڪي هنن واهن جون ڇاڙهون هئا ۽ ريجاڻيءَ لاءِ پاڻي ٿي ڏنائون.

ارڙهن فيڊر واهن منجهان بگهاڙ، ڪلري، اوچتو ۽ سياڻ تمام وڏا هئا ۽ ڪنهن به ليکي واهن کان وڌيڪ ننڍا درياءَ هئا. بگهاڙ الهندي ڇاڙهه هئي، ٿورڙو ڦيرو ڪائي ٺٽي کان ڏکڻ پاسي مڙي ٿي وئي ۽ ڪيترين ئي ڇاڙهون هئس. اها چوڏهين صديءَ ۾ به هئي ۽ ان زماني جي هڪ وڏي ڌارا هئي ۽ منجهس ٻيڙيون سنڌ جي مکيه بندر لاڙي بندر تائين وهنديون هيون. 1840ع ۾ هيءَ وڏي ڇاڙهه منهن وٽان لَٽجي وئي ۽ ٻارهو وهندڙ واهڙ نه رهي.

اوچتو (حجمڙو) نسبتن هڪ ننڍو واهڙ هو. سياڻ، حجمڙي جو مٿيون پاڳو هئي، انهي سان گهوڙاباريءَ ويجهو گڏجڻ واري هنڌ کان مٿي. درياءَ جي حجمڙو چاڙهه سياڻ يا سنڌوءَ جي وڏي اپرندي چاڙهه جو هڪ ڪڙيو هئي. اها سمنڊ سان مليل هئي ۽ منجهس ٻيڙيون وهي سگهنديون هيون. سر اليگزينڊر برنيس ۽ راجا رنجيت سنگهه لاءِ گهوڙا نيندڙ جتو پنجاب ويندي جنهن واهڙ منجهان لنگهيا هئا، سو اهو هو. 1845ع ۾ حجمڙو سائيز ۾ ننڍو ٿي ويو ۽ ايسٽائين جو ننڍيون ٻيڙيون هلڻ جهڙو به نه رهيو. ڪل اٽيهه واهه هئا، جيڪي سنڌوءَ مان ساڄي ڪپ تي ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ٿي نڪتا. سڄو سرشتو ٽي سو سٺ ميل واهن تي ٻڌل هو.

سنڌوءَ جو کاٻو ڪپ

هن ۾ هاٽوڪو گڊوءَ جي پهچ هيٺ کاٻي ڪپ وارو علائقو اچي ٿي ويو. انهي وقت سنڌوءَ جي کاٻي ڪپ تي هاٽوڪي سکر ضلعي (گڊو واهه جي پهچ) ۾ جيڪي وڏا واهه هئا، سي هئا: ڏهر، امام، مَسُو، مهارو، لُنڊي، باغ واهه، ميان واهه، ڏينگڙو، گنج بحر، مهيسرو، ڪاٽڙي، جانب، عمر ڪَسُ، اروڙ ۽ مير واهه. سنڌوءَ مان نڪرندڙ هنن فيڊر واهن کان سواءِ ٻيا وڏا ڪڙيا هئا، جن جا نالا هئا: سدا ڪُورَ (چويهه ميل) سڌو اروڙ مان، نهال واهه (اٺ ميل) ۽ راهه واهه (اسي ميل) ٻئي سدا ڏهر واهه مان ۽ ڪليباڻ واهه سڌو جانب واهه مان هو. چويهه ننڍا واهه سدا ڏينگڙي مان هئا، چوڏهن لُنڊيءَ مان ۽ ٻارهن ڪورائيءَ مان.

اپرندو نارو واهه

اپرندي ناري نالي کاٻي ڪپ جو پهريون وڏو واهه اصل ۾ درِشادوَتي-سَرَسوَتي-هاڪڙو دريائي سرشتي جو هيٺيون پاڳو هو. هن جو پاڻي 2،000 ق.ن ۾ سوڪهڙي ۽ سندس ۽ جمنا درياءَ جي وچ تي ڏرتيءَ جي ڏار سبب گهٽجڻ شروع ٿيو ۽ هي گهٽجندڙ پاڻيءَ سان ڪيترين ئي صديون وهندو رهيو. "سڪار وارن ڏينهن" (900-1300ع) دوران سانوٽيءَ ۾ باقائدگيءَ سان وهندو هو، جيتوڻيڪ ان زماني ۾ منجهس پاڻيءَ جو گهڻو پاڳو سنڌوءَ ۽ ستلج جي ڇَر جو ايندو هو. سنڌوءَ جون اپرنديون چاڙهون پڻ 900ع ڌاري کان 1758ع تائين ساٽس بدين کان هيٺ اچي گڏبيون هيون ۽ پکڙجي پاڻيءَ جون وڏيون چادرون ٺهجي وينديون هيون. نارو، جيڪو اڳ درياءَ هو ۽ هاڻ سکر بئراج جو هڪ واهه، تنهن ۾ درياءَ وارا سمورا گڻ - تمام گهڻن ورن وڪڙن واري ڌارا ۽ ڪٽي ڪٽي ته ٽي سِيرون ڪري وهڻ - هئا ۽ اجا به آهن. هي جهاڳيندو ۽ پنهنجو ڏگ ناهيندو هيٺ ٿرپارڪر ضلعي (هاڻ ٿرپارڪر ورهائجي ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ٽي ضلعا ٿي ويو آهي) تائين وڃي ۽ پڇاڙيءَ ڊوري پُراڻ سان وڃي پئي گڏيو ۽ اتان پوءِ ڪوري ڪاريءَ مان ٿيندو سمنڊ ۾ وڃي پئي پيو.

خيرپور ايريا

خيرپور ايريا کي پنجن واهن، جن جا منهن سدا سنڌوءَ ۾ اپرندي ناري مان هئا، نيڪ ناڪ پاڻي ملندو هو. اهي واهه هئا: مير واهه (سٺ ميل ڊيگهه ۽ منڍ وٽ سٺ فٽ ويڪرو)، نارو واهه (ٻٽيهه ميل ڊگهو ۽ سٺ فٽ ويڪرو)، اَبُل واهه (اڻاويهه ميل ڊگهو ۽ سٺ فٽ ويڪرو)، ميان واهه (سورهن ميل ڊگهو ۽ ٽيهه فٽ ويڪرو) ۽ شر واهه. مير واهه، جيڪو سيني ۾ وڏو هو، تنهن ۾ ڪيترائي گهارا هئا، جن منجهان پاڻي وارياسين ٽڪرين واري ماٿريءَ ۾ پيو وهندو هو، جتي ٻاجهري ۽ جور جام ٿينديون هيون.

نوابشاهه ضلعو ايريا

هتي ڪل ايڪيهه وڏا ۽ ننڍا فيڊر واهه هئا، جيڪي سدا سنڌوءَ مان الڳ الڳ هنڌن تان نڪرندا هئا. انهن مجهان اهم هي هئا: نَولکي (پنجويهه ميل ڊيگهه ۽ منڍ وٽ ويڪر ٻائيتالهه فٽ)، نصرت (ٽيهه ميل ڊگهو، ٻٽيهه فٽ ويڪرو) ۽ داد واهه (ٽيٽيهه ميل ڊگهو). اٽڪل چار سو ميل ڊگها ڪل چوهتر وڏا ۽ ننڍا واهه وهندڙيون هئا. نولکي سڀ کان پراڻن واهن منجهان هڪ هو ۽ گهڻو ڪري سومرن-سمن جي جُڳ ۾ کوٽيو ويو هو. نصرت واهه نصرت خان چانڊيي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ کوٽايو هو. هن جو منهن گنگمر نالي ڍنڍ مان هو. مراد شاخ (پنجويهه ميل ڊگهي)، باغ واهه (ستاويهه ميل ڊگهو) ۽ پيروز واهه (چوويهه ميل ڊگهو)، ٽي اهم شاخون، سڌيون نولکيءَ مان ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دربار جي ٽن اميرن مراد خان ڪلهوڙي، بيگي سيال ۽ پيروز خان کوٽايا هئا. (نوابشاهه ضلعو هاڻ ٻن ضلعن شهيد بينظير آباد ۽ نوشهرو فيروز ۾ ورهائجي ويو آهي).

حيدرآباد ضلعو

هالا_حيدرآباد ايريا

هن ٽڪري کي پاڻي درياءَ جي راٽا، ڪاٽوٽ، محمودا ۽ ڳاهوٽ نالي گهاڙن منجهان نڪرندڙ واهن جو هڪ ڄار ڏيندو هو. محمودا ۾ پاڻي سڄو سال هوندو هو. واهن جو سرشتو پنجانوي وڏن ۽ ننڍن واهن تي ٻڌل هو، جن جي ڪل ڊيگهه 1،100 ميلن جي لڳ ڀڳ هئي.

ٽنڊو محمد خان ايريا

هن علائقي ۾ واهن جو سرشتو (ٽنڊي محمد خان ۽ هيٺ کي ڇڏي) اٽڪل اسي ميل ڊيگهه وارن ٽيتاليهه واهن تي ٻڌل هو، جن منجهان چار سدا سنڌوءَ مان نڪرندڙ مکيه فيڊر هئا. اهي هئا: لَکِر واهه (پنج ميل ڊگهو، سڌو

سنڌوءَ مان گھلياڻ)؛ ڦليلي پراڻو (پنجٽيهه ميل ڊگھو، سڌو سنڌوءَ مان گھلياڻ ويجهو)؛ ڦليلي نئون (ٽي ميل ڊگھو، سڌو ڄامشوري مان) ۽ چندن دارا (هڪ ميل ڊگھو، سڌو ڄامشوري مان).

ٽنڊو محمد خان ايريا لڳ ڀڳ هڪ سو وڏن ۽ ننڍن واهن تي ٻڌل هو. گوني سيني ۾ وڏو هو، جنهن تمام وڏي علائقي کي پاڻي ڏنو. گوني واهه مان ٽيونجاهه کن وڏيون ۽ ننڍيون ڇاڙهون نڪتيون، جن جي ڪل ڊيگھه پنج سو ڇاهٺ ميلن ڪان مٿي پئي بيٺي. هڪڙو ٻيو اهم واهه ڳاجا واهه هو، جيڪو اصل ۾ پراڻي ڦليلي واهه جو وڌيل ڀاڱو هو. هي پنجيتاليهه ميل ڊگھو هو ۽ انهي جو سرشتو ٻارهن وڏين ۽ ننڍين شاخن تي ٻڌل هو، جن جي ڪل ڊيگھه اٽڪل ستر ميل هئي. سرفراز ۽ ڦليليءَ (نئون ۽ پراڻو) ڪان سواءِ هتي نو ٻيا ننڍا فيڊر هئا، جيڪي سڌو سنڌوءَ مان ٽي نڪتا ۽ ڪل ڊيگھه انهتر ميل هئن. امام واهه (چاليهه ميل)، علي بحر (ساڍا ست ميل)، پانڌي واهه (ڇهه ميل)، لُنڊو (پنج ميل)، هَنڊِيهَر (ڇهه ميل)، گھاڙ شرڪاٽ (پنج ميل) ۽ جهُڙ واهه (چار ميل) انهن واهن منجهان ڪجهه هئا، جن ريجاڻيءَ لاءِ پاڻي پئي ڏنو. گھُوري، ڳاجا ۽ نصير واهن ۾ پڻ ٻيڙين جي چڱي ڀلي اچ وڃ هوندي هئي.

گھٽ ۾ گھٽ اونهائي ويهه فٽ هئن. (سنڌ ۾ پاڻيءَ جي اونهائي هن ريت پڻ ماپبي آهي؛ ڪو پوري قد وارو ماڻهو پاڻيءَ ۾ هٿ اڀا ڪري بيهي ۽ تڏهن به ٻڏي وڃي ته اتي پاڻيءَ جي اونهائي پُرِهہَ تار يعني پُرِهہَ ڪان مٿي چئبي - سنڌيڪار) مال ۽ مُنڇي جيتوڻيڪ اصل ۾ درياءَ جون ڇاڙهون هيون، ننڍيون ٽي ڪن وڏن واهن جيتريون ٽي ويون هيون. منجهن پاڻي رڳو آب ڪلاڻي وارن ڏينهن ۾ ايندو هو، پر اڇڻ گھٽبو ويو ۽ سال 1865ع ۾ انهن جا منهن ايترو لَٽجي ويا، جو بنهه ٿورڙو پاڻي ايندو هئن. هتي ڪل هڪ سو ٻاونجاهه وڏا ۽ ننڍا واهه هئا، جن جي ڪل ڊيگھه اٺ سو چار ميل هئي. پِنياري سيني ڪان وڏو مکيه فيڊر هو، جنهن منجهان وڏين ۽ ننڍين ڇاڙهن جو هڪ وڏو انگ ٽي نڪتو. ٻيا اهم فيڊر واهه هئا: علي بحر، گنج بحر، مُولچند، ٻارهن گزو، ستاهه، گھاڙ، ڪاٽوٽ وڏو، حسن علي، مال ۽ مُنڇي درياءُ. مٿي ٻڌايل ڏهن فيڊر واهن ڪان سواءِ، جيڪي سڌا سنڌوءَ مان ٽي نڪتا، هتي ٽيهه ٻيا ننڍا واهه هئا، جن جا منهن پڻ سڌا سنڌوءَ منجهان هئا. واٽرڪورسن ۽ واهن جي ڪوٺائي سولي ٽي پئي ۽ ڦٽل ننڍن دريائن کي واهن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ انهن کي ڪجهه جاميٽريائي روپ ڏيڻ لاءِ مٿن وقت بوقت وڏي پئماني تي ترقياتي ڪم ٿيا. هنن قدرتي ننڍن دريائن جي پيٽن کي ڳَنڍَ ۽ وڪڙ ڪڍي سڌو ڪرڻ جهڙا وڏا ڪم نٿي ٽي سگھيا. مختلف دورن ۾ ماڻهن جون ريجاڻي گھرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ماڻهو ۽ گڏهه وهائي پراڻن واهن کي وهندو رکڻ ۽ نون واهن جي اڏاوت جون سنيون ڪوششون وقت بوقت ٽيينديون رهيون آهن.

تنهن هوندي به 1904 ڪان 1919ع تائين، جڏهن سکر بئراج رٿا منظور ڪئي وئي، کي بنهه ٿورڙيون ريجاڻي رٿائون، ڪجهه نون واهن جون ۽ ڪجهه موجود واهن کي سڌارڻ ۽ نئينءَ سنئينءَ ڪري ٺاهڻ جون، هٿن ۾ ڪنيون ويون .

1904ع ايندي ريجاڻي ڪاتي (پبلڪ ورڪس ڪاتي جي هڪ شاخ) جي ڊانچي اڳيئي برجستائيءَ سان ڪم ڪيو پئي ۽ هيٺئين چارٽ ۾ ڏنو ويو آهي.

هيٺ ڏنل لسٽ آب ڪلاڻي واهن (ڦاٽن) جي آهي، جيڪي 1904/05ع ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن جي سربراهيءَ هيٺ هلندڙ ڏهن واهه ضلعن جي هر سرشتي هيٺ موجود هئا. هي واهه 1901ع واري ريجاڻي نقشي ۾ پڻ ڏيکاريل آهن.

شاهبندر ايريا

شاهبندر واري علائقي (ٽنڊي محمد خان ڪان ڏکڻ پاسي) کي اڪيچار ڪارين ۽ نالن هنڌان ماڳان ڇني ڇيري ڇيهاڙيون ڇِڀيٽون ڪري ڇڏيو هو ۽ انهي جو ڏاڪڻئون علائقو گچڻ (ڏبڻ) هو ۽ پوک ڪرڻ جهڙو نه هو. ڪارين منجهان سيني ڪان وڏي پِنياري واهه يا سَر درياءَ جو پراڻو پيٽ هئي. اها سڪيءَ ۾ اٽڪل سٺ ميل اندر مغليين (جاتي) تائين هلي ٽي وئي، جتي ڪيس هڪ تمام وڏو بند جهليو بيٺو هو. اهو بند ٽالپرن 1797ع ۾ ٻڌرايو هو. انهي بند ڪان هيٺ پنياري، سَر ڪاريءَ جي ڇوڙ تائين، ٻيڙين جي اچ وڃ جوڳي هئي. تمام وڏي ٻوڏ وارن ڪجهه سالن ۾ پنياريءَ ۾ پاڻي ايترو ته وڏي ويندو هو، جو ڪجهه پاڻي بند ڪان هيٺ ڪاري پاڻيءَ جي پراڻن ۽ نون نالن ۾ ڇڏڻو پئجي ويندو هو. اترين ڀاڱن (جاتيءَ وارو علائقو) ۾ اها گونگڙو سڏبي هئي.

ٻه ڏارائون - آڏياري ۽ سَر - ٺاهوڪيون ويڪريون ۽ اونهيون هيون،

1. بيگاري واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
ڊيزرٽ واهه يا شاهي واهه	4،255	190،000
انڙ واهه	1،708	214،000
بيگاري واهه	6،745	276،310
آڏيو واهه	173	-
الڳ الڳ منڊن مان نو واهڙ	-	2,400

2. شڪارپور واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
سيهڙ واهه	-	5،426
ڏهر واهه	-	45،177
مَهي واهه	777	29،356
مَسُو واهه	531	17،171
مهارو واهه	-	5،463
لُنڊي واهه	-	2،000
ڏينگڙو واهه	-	9،000
مهيسرو واهه	-	3،500
جانب واهه	-	800
مير واهه	-	900
سنڌ ڪئنال (سنڌ واهه)	1،613	91،956

3. گهاڙ واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
سکر واهه	-	93،455
گهاڙ واهه سرشتو	5،288	505،649
فورڊ واهه	3،489	

4. الهندو نارو واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
الهندو نارو ۽ سندس	4،565	-
نئون فيڊر ۽	1،625	-
پرچڙ واهه فيڊر	1،600	-
ڪل جوڙ	7،789	
اڙل واهه	-	8،136
دانِستر واهه	-	2،917
منڇر ڍنڍ خالي ٿي وڃڻ مهل	-	20،750

5. ڪراچي واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
بگهاڙ	7،400	25،464
پِنياري (پڃاري)	4،500	79،168
ڪلري	1،000	12،011
ستاهه واهه	-	9،487
ڪانٽو	-	4،481

6. اتر حيدرآباد واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
محراب واهه	189	6،817
نولکي	1،150	49،786
ڏامبڙو	343	12،420
داد واهه	2،341	71،457

7. وچولو حيدرآباد واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
نئيا واهڙ	-	4،296
ريڻ واهه	751	2،785
علي بحر ڪاڇڙي	-	10،291
مَرڪ واهه	1،180	54،887
گهارو محمودو	-	64،979
گهلوُ واهه	647	35،742
نصير واهه	-	33،834
سرفراز واهه	399	27،344

8. ڦليلي واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
ڦليلي (ٻارهو وهنڊڙ) نئيو واهڙ	11،000	303،512
حسن علي	489	1،129
خير واهه		2،096
ڏڏڪو واهه		1،634
مُولچند واهه		
چنڊڻ		
مير واهه		
واسينگ واهه		5،994
نور واهه		
ڪوڪر واهه		

9. جمڙائو واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
جمڙائو واهه پنهنجي هنن واهن سان	-	272،267
چام صاحب		
ڏنو		
پاٽوئي		
دوسو ڏهرارو		
ميرپور		
ٻاريجي		
پُراڻ		
جُڙياسر		
ڏُليري		
ٻگي		
الهندي ڇاڙهه		

10. ايرندو نارو واهه ضلعو

واهه	پاڻيءَ جو نيڪال (ڪيوسڪ)	پوکي (ايڪڙ)
ايرندو نارو (جمڙائو، مٺڙائو، ناري ۽ ٻين واهن کي پاڻي ڏيندڙ)	13،000 خريف ۾ 2،000 ربيع ۾	-
مٺڙائو	2،325 خريف	150،811
نارو		35،500
هيرڻ		1،925
ڪپرو		3،523
ٽر	1،175	56،532
هِيرل		27،551

مٽي ڏنل پاڻيءَ جي نيڪالن ۽ پوکيءَ جا انگ 1902-03 کان 1904-05 سالن جا آهن. پاڻيءَ جا نيڪال ٽن سالن جي وڏ ۾ وڏ جا سراسري آهن. جيئن ته پاڻيءَ جو نيڪال درياءَ ۾ ايندڙ پاڻيءَ آڌار هر ڏينهن ۽ هر سال مٽبو رهيو، انهي جي ڪري پوکيءَ جو انگ هر سال مٽبو رهيو ۽ تنهن کان سواءِ پاڻيءَ جا نيڪال ئي اڪيلا اشارا آهن اهو ڏسڻ لاءِ ته ڪن سالن ۾ واهن ۾ پاڻي دير سان آيو ۽ ٻين وقتن تي جهٽ لهي ويو. ڪا پڪ نه هوندي هئي ته ڪيترا ايڪڙ پوک پچي راس ٿيندي. انهي جي ڪري فصلن جو ڪجهه ڀاڱو مارجي ويو، لڳ ڀڳ سمورن واهن تي پنجن منجهان هر ٽن سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ فصل ماريو. انهي سان جيڪا غربت پيدا ٿي، تنهن جا نتيجا جيئڻ جا معيار ڪِرڻ، تعليم جي کوٽ ۽ انڌن ويساهن جي روپ ۾ نڪتا. حڪومت کي ڍل مان ٿيندڙ آمدني گهٽجي وئي ۽ حڪومت تعليم، صحت ۽ زرعي خدمتن تي خرچ ڪرڻ جوڳي نه رهي. ان ڏکوئيندڙ صورتحال سنڌ ۾ 1917-18ع ۾ چاليهه سيڪڙو ماڻهن جون زندگيون ڪسيون، خاص ڪري ليس تپ وگهي.

سنڌوءَ جي پاسن سان ٻوڏ بچاءَ بند

ٻوڏ بچاءَ بندن جو پهريون تجربو جان جيڪب جيڪب آباد ضلعي ۾ 1852ع ۾ ڪيو. سندس تجربي بلڪل چٽو ڪري ڏنو ته سنڌوءَ جي سِير کان پنج ميل ڪن يا ٿورو مٽي پنڌ تي اڏيل مٽيءَ جا بند درياءَ ڪي بندن جي اندر جهلي سگهن ٿا ۽ هر سال ٻوڏ ۾ ميداني علائقن جي وڏي ايراضي ٻڏڻ کان بچائي سگهجي ٿي. پبلڪ ورڪس کاتي ٻوڏ بچاءَ بندن تي 1860ع ۾ ڪم شروع ڪيو، جيڪو هيٺين ٽيبل ۾ ڏنل سالن ۾ پورو ٿيو:

ٻوڏ بچاءَ بند ۽ انهن جي اڏجڻ جا سن ڏيندڙ ٽيبل

بند ۽ ريجاڻي ضلعا	ڪم شروع ٿيڻ جو سال	پورو ٿيڻ جو سال
1. بيگاري	1874-75	1879
2. شڪارپور	1869	1890
3. گهاڙ واهه	1874-57	1890
4. الهندي ناري جا بند جهڙوڪ: قُلُو، گپ بند، نارو-مانجهند بند		1890
5. ڪراچيءَ جا بند: جن ۾ اچي ويا:		
سونڊا-هلايا بند		1887
پناهه-بگهاڙ بند		1890
بگهاڙ-اوچتو بند		1900
مولچند-شاهبندر بند		1880
6. اتر حيدر آباد: جنهن ۾ اچي ويا: نولڪي ۽ ڏامبڙو ٽاپ		1904
7. وچولو حيدر آباد: جنهن ۾ اچي ويو: گهلوُ-علي بحر بند		1894-95
8. ڦليلي بند: جنهن ۾ اچي ويا:		
گهلياڻ بند	1895	1896
ڄامشورو بند	1892-93	1900-01
ڳِدو بندر بند	1994	1895
مالهه بند	1895	1896
حاجي پور بند	1895	1896
9. ايرندو نارو واهه: جنهن ۾ اچي ويا:		
رتو بند	1854	1858
جبا بند	1873	1893


1864ع ۾ انگريز سرڪار ريجاڻي رٿائن لاءِ قرض ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو، ساڳئي طريقي سان جيئن ريلوي لائينن لاءِ ڏنا ويا هئا. اهڙي قسم جا قرض مدراس ۾ مدراس اريگيشن ڪمپنيءَ لاءِ ڏنا ويا هئا ۽ دي ايسٽ انڊيا اريگيشن ڪمپني لڳايل موڙيءَ تي پنج سيڪڙو جي ضمانت ڏني هئي. سنڌ ۾ اهڙي قسم جا قرض نه ڪڏهن جاري ٿيا، نه انهن کي همٿايو ويو ۽ نه ڏنا ويا. انهي جي ڪري سنڌ گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه سال پوئتي رهي. هيٺ ڏنل ٽيبل سنڌ ۾ آب ڪلاڻي واهن تي پوکيءَ جا اٽڪل سٺ سالن جا هر سال جا انگ ڏئي ٿي. ايراضي پهرين ستاويهن سالن ۾ ہيٺي تي وئي ۽ انهي کان

نقشو نمبر 68

1899ع

سنڌ جي واهن جو نقشو

اُتل تي وهندڙ واهه ۽ سکر، گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراجن جا رَٽيل واهه، جيڪي 1962 تائين نهيا




وڏيڪ واڌارو نہ ٿيو، ڇاڪاڻ تہ آب ڪلاڻي واهن واري سرشتي ۾ واڌاري جوسدائين ڪٿي وجي ڇيھ ٿيڻو هوندو هو. رڳو سنڌوءَ تي ٻئراج ئي ايراضي وڌائي سگهيا پئي، پر انهن تي سيڙپ ڪرڻ لاءِ بمبئي پريزيڊنسيءَ جو سنڌ سان سدائين ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ رهيو، سواءِ ڪڏهن ڪڏهن جي، جهڙوڪ جارج لُئائڊ ۽ ليزلي وِلسن، ريئي، جان مُوئير مڪينزي ۽ ڪجھ ٻين ڀيري.

انگريزن جي دور 1874-1931ع ۾ آب ڪلاڻي واهن تي ٽيندڙ پوکي (ملين ايڪڙن ۾) ڏيکاريندڙ ٽيبل

سال	خريف	ربيع	جوڙ	جاگير	ڪل جوڙ
1873-74	1.196	0.223	1.419	خريف ۽ ربيع وارن انگن ۾ شامل	1.419
1874-75	1.224	0.373	1.597		1.597
1875-76	1.139	0.251	1.390	0.191	1.581
1876-77	1.291	0.419	1.710	0.136	1.846
1877-78	1.094	0.202	1.296	0.123	1.419
1878-79	1.333	0.552	1.885	0.131	2.016
1879-80	1.115	0.228	1.343	0.111	1.454
1880-81	1.173	0.156	1.329	0.164	1.493
1881-82	1.260	0.159	1.419	0.183	1.602
1882-83	1.282	0.226	1.508	0.165	1.673
1883-84	1.197	0.165	1.362	0.179	1.541
1884-85	1.354	0.232	1.586	0.197	1.783
1885-86	1.289	0.244	1.533	0.207	1.740
1886-87	1.408	0.186	1.594	0.221	1.815
1887-88	1.438	0.215	1.653	0.218	1.871
1888-89	1.649	0.239	1.888	0.231	2.119
1889-90	1.722	0.388	2.110	0.240	2.350
1890-91	1.597	0.385	1.955	0.248	2.203
1891-92	1.514	0.436	1.950	0.216	2.166
1892-93	1.633	0.535	2.168	0.231	2.386
1893-94	1.668	0.472	2.140	0.246	2.386
1894-95	1.621	0.772	2.393	0.243	2.636
1895-96	1.522	0.319	1.841	0.256	2.097
1896-97	1.879	0.365	2.244	0.253	2.497
1897-98	1.995	0.530	2.525	0.281	2.806
1898-99	1.803	0.373	2.176	0.280	2.456
1899-1900	1.945	0.342	2.287	0.282	2.569
1900-01	2.168	0.545	2.713	0.331	3.044
1901-02	1.983	0.526	2.509	0.299	2.808
1902-03	1.939	0.385	2.324	0.302	2.626
1903-04	2.198	0.611	2.809	0.343	3.152
1904-05	2.090	0.524	2.614	0.310	2.924

1905-06	2.380	0.631	3.011	0.337	3.384
1906-07	2.377	0.785	3.162	0.324	3.486
1907-08	2.082	0.434	2.516	0.256	2.772
1908-09	2.361	0.668	3.029	0.316	3.345
1909-10	2.161	0.483	2.644	0.283	2.927
1910-11	2.287	0.545	2.832	0.290	3.122
1911-12	2.102	0.398	2.500	0.233	2.733
1912-13	2.334	0.440	2.774	0.265	3.039
1913-14	2.358	0.512	2.870	0.277	3.147
1914-15	2.302	0.732	3.034	0.315	3.349
1915-16	2.131	0.620	2.751	0.281	3.032
1916-17	2.529	0.586	3.115	0.313	3.428
1917-18	2.188	0.716	2.904	0.256	3.160
1918-19	1.885	0.334	2.219	0.198	2.417
1919-20	2.308	0.588	2.896	0.259	3.155
1920-21	2.221	0.305	2.526	0.237	2.763
1921-22	2.096	0.587	2.683	0.256	2.939
1922-23	2.275	0.656	2.931	0.294	3.225
1923-24	2.253	0.519	2.772	0.292	3.312
1924-25	2.385	0.635	3.020	0.288	3.060
1925-26	2.316	0.399	2.715	0.283	2.998
1926-27	2.302	0.587	2.880	0.268	3.157
1927-28	2.316	0.402	2.718	0.255	2.973
1928-29	2.395	0.507	2.902	0.269	3.171
1929-30	2.560	0.529	3.089	0.273	3.362
1930-31	2.367	0.618	2.985	0.262	3.247
1931-32	2.206	0.596	2.802	0.258	3.060

نوٽ: 18-1917ع واري ليس تپ سنڌ جي 40 سيڪڙو ڳوٺاڻي آبادي ماري ڇڏي هئي. انهي جي نتيجي ۾ پوکيءَ هيٺ ايراضي اڳلي سال 743،000 ايڪڙ يا 25 سيڪڙو گهٽجي وئي.



871. اورينج ويجهو پونت ڊُو گيرڊ، پهرين صدي عيسوي. رومي موريءَ جي اڏاوت، هڪبئي مٿان بيهاريل ونگن تي ٻڌل، سکر بئراج سان ملي ٿي. (ايم. ڊبليو. ڪي).


باب پنجيهون

سکر بئراج جي تاريخ
(1855_1932ع)

تاريخ

سکر بئراج جي تاريخ ، سندس اڏاوت، معاشي ڪارج، ٺهڻ جو ڳائيپ ۽ سيڙپڪاريءَ تي اٽڪل ستر سالن ڪان متي واري عرصي جا تڪرار ايترا تہ دلچسپ آهن، جو ان کي ٺهندڙ جاءِ ڏيڻ گهرجي، تفصيل هيٺ ڏنا ويا آهن:

- 1847 ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل والٽر اسڪاٽ، آر. اِي. ، پنهنجي رپورٽ ۾ ريجاٽي واهن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ سنڌوءَ تي سکر وٽ هڪ ڪپر ڪان هيٺ تائين آرپار هڪ بند ٻڌڻ جي امڪان بابت ويچار ڊوڙايا، پر اها تجويز رد ڪري ڇڏيائين، ڇاڪاڻ تہ سندس خيال هو تہ اهڙي قسم جو بند سنڌوءَ کي پڪ سان سندس هاٺوڪي وهڪري ڪان موڙي ڇڏيندو.
- 57-1855 ۾ جي. جِي. فائيف، آر. اِي. ، انوقت جي سپرنٽينڊنگ انجنيئر نارا سروي، هڪ رپورٽ لکي "اي اسڪيچ آف اريگيشن ان سنڌ وٽ پروپوزل فار اٽس امپروومينٽ" (سنڌ ۾ ريجاٽيءَ جو هڪ خاڪو ان جي سڌاري جي تجويز سان). انهي رپورٽ ۾ پنج نوان واهہ اڏڻ جي راءِ ڏنائين - جن منجهان ٽن کي لڳ ڀڳ انهي ئي علائقي کي پاڻي ڏيڻو هو، جنهن کي هاڻ سکر بئراج پيو ڏئي ۽ بہ بيا، سنڌوءَ جي کابي ۽ ساڄي پاسن کي جهرڪ ڪان عربي سمنڊ جي وچ تي پاڻي ڏيڻ لاءِ ٻنهي پاسي هڪ هڪ.
- 1857 ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪورٽ سگوريءَ راءِ ڏني تہ فائيف جي رٿا تفصيلي سروي تي آڌاريل نہ هئي ۽ سڄي سنڌ جي "هڪ تفصيلي سروي" جو اختيار ڏنائين.
- 1858 ۾ فائيف، انوقت چيف انجنيئر، سنڌوءَ جي کابي پاسي هڪ ٻارهو وهندڙ واهہ جي تجويز ڏني، جيڪو اتر حيدرآباد ضلعي ۾ (هاڻوڪا نوشهرو ۽ شهيد بينظير آباد ضلعا) فائنل ڊزائن 10،887 ڪيوسڪن بدران 1426 ڪيوسڪ پاڻي کڻي وڃي.
- 1859 ۾ ڪمشنر ان سنڌ مسٽر (اڳتي هلي سر) بارٽل فريئر سرڪار ڏانهن ڪيپٽين جي. جِي. فائيف جي روهڙي-حيدرآباد لاءِ ناهيل هڪ رپورٽ ۾ لڳايل ڪاٽو - ليفٽيننٽ فائيف جي اصل تجويزن جو هڪ ڀاڱو - ڏياري موڪليا. معاملو ستن سالن تائين لڙڪيل رهيو.
- 1866 ۾ ڪرنل اسٽريچي، انسپيڪٽر جنرل آف اريگيشن، هندستان، سنڌ جو دورو ڪيو ۽ سنڌ ۾ ٻارهو وهندڙ واهن جي گهرج ڪان ڏاڍو متاثر ٿيو.
- سرڪار جي حڪمن تي روهڙي-حيدرآباد واهہ رٿا جوڙي وئي، پر سفارش وڏائي سگهڻ جو ڳي هڪ ننڍي رٿا جي ڪئي وئي.
- 1867 ۾ بمبئي سرڪار مٿين رٿا مڄي ۽ فائيف (انوقت ڪرنل ۽ چيف انجنيئر) کي رٿا کي سڌاري ناهڻ لاءِ چاڻ ڪيو ويو. ڪم 1868 ۾ ڪيپٽين لي ميزوريَر، آر. اِي. ، جي حوالي ٿيو. لي ميزوريَر مٿين رٿا کي کابي پاسي تي 815،544 ايڪڙن کي پاڻي ڏيندڙ ٻارهو وهندڙ واهہ لاءِ سڌاري ناهيو. بمبئي سرڪار رياست خيرپور، جنهن جي وچان هي واهہ لنگهڻو هو، جي واليءَ ڪان ڇتو راضپو وٺڻ جو چئي رٿا موٽائي موڪلي.
- 1869 ۾، خيرپور رياست جي والي مير علي مراد سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ڪان پوءِ، 7،045 ڪيوسڪ ڪٽندڙ واهہ جي 20 ملين (ٻہ ڪروڙ) لاڳت واري سڌاري ناهيل رٿا بمبئي سرڪار ڏانهن موڪلي وئي، جنهن اها اڳتي هندستان سرڪار ۽ هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏانهن موڪلي ڏني.
- 1869 ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا هندستان سرڪار جو ڌيان سنڌ ۾ ريجاٽي سڌاري جي گهرج ڏانهن ڇڪايو.
- 1871 ۾ هندستان سرڪار سنڌ ۾ سڄو سال هلندڙ ريجاٽيءَ کي ٽيڪ پرائي ۽ ايستائين جو گڏو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن جي آڳومتي "سنڌ ٽرپل پروجيڪٽ" جي تجويز ڏني.
- 1871 ۾ هندستان سرڪار بمبئي سرڪار کي سموري سنڌ لاءِ ٻارهو وهندڙ واهن جون رٿائون جوڙڻ جي صلاح ڏني - هر رٿا هڪ جامع اسڪيم جو ڇڄي نہ سگهڻ جو ڳو ڀاڱو هجي.
- نومبر 1872 ۾ لارڊ نارٿبرُوڪ، وائسراءِ هندستان، سنڌ جو دورو ڪيو ۽ سندس آڏو رکيل چاڻ کي ڏسندي رٿا کي ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ڏنائين.
- 1877 ۾ ۽ وري 1880 ۾ هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ لارڊ سالسبري بمبئي سرڪار جو ڌيان سنڌ ۾ ريجاٽيءَ جي اڻ سُهائيندڙ صورتحال ڏانهن ڇڪايو ۽ هندستان سرڪار سان صلاح ۾ رهي ان جي جاچ ڪرڻ لاءِ چيو. تنهن هوندي بہ بمبئي سرڪار نارٿبروڪ جي



<u>نقشو نمبر 69</u>


1901ع
سنڌ ۾ واهن جو چار

ميل 32 16 0 16

1873 کان 1901 جي وچ تي انگريز انجنيئرن پراڻن واهن ۾ ڪيترائي سڌارا آندا. ڪجھ کي گڏائي هڪ ڪيائون يا پراڻن واهن کي سڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڪنهن وڏي واهه منجهان مُنهن ڏنائون ۽ وڏو ريگيوليٽر لڳايائون. ان دور جي سڀ کان اهم اڳيرائي پراڻي هاڪڙو-سرسوتي پيٽ کي روهڙيءَ جي اتر ۾ مُنهن ڏئي ٻارهو وهندڙ واهه بڻائڻ ۽ منڊ جمڙائوءَ کان هيٺ جمڙائو. منڙائو ۽ نارو واهه اڏڻ هئي.

ننڍڙي لڪ ڪان پوءِ سنڌ ۾ ڪنهن به قسم جي وڏن ريجاڻي ڪمن لاءِ بي دلي ڏي وئي.

- سنڌ جي واهن واري ديسي ريجاڻيءَ ۾ سڌارو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور وارن واهن کي سڌو ڪرڻ، ويڪرو ڪرڻ، اونهو ڪرڻ ۽ انهن جي ڊيگهه وڌائڻ تائين محدود رهيو ۽ لاهين چاڙهين جي سڌاري تائين پڻ محدود رهيو، جيڪو 1874 تائين پورو ڪيو ويو، جيئن ضميمي-1 ۾ سنڌ ۾ اوائلي انگريز دور جي واهن واري لسٽ ڏيکاري ٿي. 1843 لاکر رڳو ٽن نون واهن فورڊ، برگ ۽ جيڪب واهه جو واڌارو ٿيو. سنڌ جي انجنيئرن وٽ هاڻ ڊگهي عرصي تائين ڪم هلائڻ جوڳو رڳو هڪڙو ئي چارو وڃي بچيو هو ته جيڪي واهه موجود هئا، تن کي ڪچي وارن علائقن مان منهن ڏئي بهتر بڻائن ۽ جيڪي ڪوڙ سارا ننڍا ننڍا واهه هئا، تن کي هڪبئي سان ڳنڍائي ۽ وڏن واهن جون شاخون بڻائن. ائين 1931 تائين هلڻو هو. ريجاڻيءَ جي 1873، 1899، 1910 ۽ 1931 وارن نقشن منجهان واهن جي سڌاري لاءِ ڪيل اهي وڏيون تبديليون پڌريون ٿين ٿيون. اهڙي ريت واهه خانگي ملڪيت، هلائي چلائي ۽ سار سنڀال هيٺ هجڻ بجاءِ سرڪاري ملڪيت بڻجي ويا. سنڌ جا واهه گهٽي پاڳي سڄو سال نه پر اٽڪل نوي ڪان هڪ سو ويهه ڏينهن وهندا رهيا ۽ ڪن ناموافق علائقن ۾ ته گهٽا رڳو هڪ ڏينهن مس ٿي وهيا. نقصان ليکي ڪان مٿي هو. ڏکڻ ايشيا جي ٻين پاڱن، خاص ڪري اتر پرديش ۽ پنجاب، ۾ سڄو سال پاڻي ملندو رهڻ ڪري باغبانيءَ جي اوسر ٿي، سدائين ساوا رهندڙ ۽ پن ڇاڻ ميون، ڪوپي بند ميون ۽ صنعتي فصلن، سياري جي پاڇين ۽ گلن جي پوک ۾ واڌ ويجهه ٿي. سنڌ جي ڌرتي گهٽي پاڳي ساريون اپائيندي هئي ۽ ڪن موافق علائقن ۾ انهن جي لهڻ ڪان پوءِ رهيل وَتَ (آلاڻ) تي ٻيو فصل ٿيندو هو، پر سو به گهٽي پاڳي رڳو مٽر ۽ تيلي ٻج ٿيندا هئا ۽ هيڪڙ ٻيڪڙ چٽا ۽ ڪٽڪ به ٿيندا هئا. گهٽ درجي واري اها ترقي غربت، ٻالڪپڻ ۾ پورهئي ۽ ڊل گهٽ اڳڙڻ جو ڪارڻ بڻي.
- اسڪولن ۽ صحت جي سهولتن تي خرچ گهٽ ٿيڻ ڪري موت وڌي ويا ۽ سمجهه گهٽجي وئي. سارين جي پوک پڻ سنڌو-گنگا پَٽن جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ وڌيڪ سِمَ، ڪلر ۽ ٻنيءَ جي خراب ٿيڻ جو ڪارڻ بڻي.
- 1880 ۾ هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ٻمبئي سرڪار کي سنڌ ۾ ريجاڻيءَ جي غير تسلي بخش حالت جي سختيءَ سان ياد ڏياري ۽ درخواست ڪئي ته معاملي تي هندستان سرڪار سان صلاح ۾ رهي وري ويچاريو وڃي.
- 1881 ۾ ٻمبئي سرڪار رپورٽ ڏني ته سنڌوءَ جي ٻنهي پاسن تي تمام وڏا سڄو سال وهندڙ واهه اڏي سگهجن ٿا، پر سفارش رڳو هڪ ننڍي روهڙي-حيدرآباد واهه ۽ اٽڪل انهي جيتري ئي ڏامراهو واهه جي ڪئي وئي.
- 1882 ۾ هندستان سرڪار اسڪيم سان متفق ٿي ۽ مئي 1882 ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي ان بابت ڇاڻ ڪيو ويو. تنهن ڪان پوءِ معاملو ان سالن تائين پاسي تي پيو رهيو.
- 1890 ۾ ٻمبئي جي گورنر لارڊ ريئي سنڌ ۾ آب ڪلاڻي (اڻل تي) ريجاڻيءَ کي هلائيندو اچڻ واري ڏاهپ تي اعتراض واريو، خاص ڪري ان صورت ۾ جڏهن اهو ڪاڻيءَ لاءِ مزدوريءَ تي وڏي لاڳت لڳائي ۽ ٻنين لاءِ پاڻي نارن ذريعي ڪٽي هلايو پئي ويو. هڪ ڪميٽي مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، جيڪا سنڌ ۾ واهن ذريعي ريجاڻيءَ ۾ سڌارو آڻڻ جي ڪا واٽ ڪڍي ڏئي. آر. بي. جوئنر، سِي. آئي. اِي.، انوقت ايگزيڪيوٽو انجنيئر حيدرآباد، کي روهڙي-حيدرآباد واهه جي عمل جوڳو هجڻ جي جاچ ڏني وئي.
- 1890 ۾ فائيف (انوقت رٽائرڊ جنرل) ٻمبئي سرڪار جي سيڪريٽريءَ ڏانهن هڪ خط لکيو، جنهن ۾ سنڌ ۾ ٻارهو وهندڙ واهن لاءِ پنهنجي 1855 واري رٿا تي زور ڏنائين.
- 1891 ۾ جوئنر ڪابي پاسي روهڙيءَ وٽان 4،000 چورس ميل (2.56 ملين يا پنجويهه لک سٺ هزار ايڪڙ ٻني) پهچ واري ٻارهو وهندڙ واهه بابت رپورٽ ڏني. اتفاق سان روهڙي ڪئنال 1932 ۾ 2.7 ملين ايڪڙ ٻنيءَ تائين پهچ لاءِ اڏيو ويو.
- 1891 ۾ چارلس بي. پرچرڊ، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪمشنر ان سنڌ رهيو هو، جنهن جي نالي سان، الهندي ناري واهه جي ڏاڪٽي پهچ تائين پاڻي رسائڻ لاءِ، پرچرڊ (ڳنڊُ) واهه اڏيو ويو هو ۽ لارڊ ريئي پاران مقرر ڪيل ڪميشن جو چيئرمئن هو، پڻ ٻين ڪان گوءِ ڪٽندي جوئنر جي رپورٽ کي رد ڪرڻ ۾ ڊر بڻيو ته اها مالي لحاظ ڪان جڏي آهي.
- ٽنڊي ۽ قليليءَ جي زميندارن ۽ جاگيردارن جي ايسوسيئيشن وائسراءِ نارٿبروڪ جي 1872 وارن هدايت نامن خلاف اڳيئي ڪيترائي ياداشت ناما لکي چڪي هئي. انهن پرچرڊ ڪميٽيءَ جي فيصلن خلاف پڻ احتجاج ڪيو.
- روهڙي-حيدرآباد واهه سان ٿيل حشر سنڌ لاءِ صرف هڪڙي چونڊ ڇڏي يعني آب ڪلاڻي واهن جو سڌارو. 1891-1904 جي وچ تي ٿيل انهن سڌارن بابت ڇاڻ انگن اکرن ۾ پنئين باب ۾ ڏني وئي آهي ۽ واهن جي 1901 ۽ 1910 وارن نقشن ۾ ڏيکاري وئي آهي.
- 1892 ۾ ڪمشنر ان سنڌ سر ايوانس جيمس ڪميٽيءَ جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ جوئنر پبلڪ ورڪس ايڪسپرٽ هو ۽ سڄي ڪميٽيءَ هڪراءِ رپورٽ ڏني ته رٿيل روهڙي-حيدرآباد رٿا جي ڪا گهرج ناهي ۽ اها مالي لحاظ سان جڏي آهي. انهن سفارش ڪئي ته هن رٿيل ٻارهو وهندڙ سرشتي کي بلڪل ترڪ ڪيو وڃي ۽ انهي جي بدران اپرندي سنڌ لاءِ هڪ اپرندو ۽ الهندو واهه اڏي انهي کي منهن ناري ماڻريءَ کي پاڻي ڏيندڙ هڪ اونهي واهه منجهان ڏنو وڃي، جيڪو سنڌوءَ مان روهڙيءَ وٽان نڪري.



نقشو نمبر 70
1931ع
سکر بئراج جي کُلڻ واري
ڏينهن سنڌ ۾ وهندڙ واهه
اتر
ڏسڻي
1. صوبائي دنگ
2. اڻ نبريل دنگ
3. سنڌو درياءُ
4. مينهن تي وهندڙ نئن
5. سنڌو درياءَ جا واهڙ
ڪاڇو
ميل 40 30 20 10 0
بلوچستان
راجپوتانا
راجسٿان
رڻ ڪڇ
عربي سمنڊ
ڪشمور
جيڪب آباد
دودا پور
شڪارپور
شهدادڪوٽ
سکر
روهڙي
لاڙڪاڻو
خيرپور
گمبٽ
محراب پور
دادو
پڊعيدن
سيوهڻ
قاضي احمد
سکرنڊ
ڪنڊيارو
ڪوٽڙي
حيدرآباد
ميرپورخاص
عمرڪوٽ
چاچرو
ٺٽو
ڪراچي
بدين
جهڏو
مٺي
ڏيپلو
ننگرپارڪر
بيگاري واهه
مرزا واهه
سنڌو درياءُ
سکر واهه
ڏيزرٽ ڪئنال
نارو
نارو درياءَ
وڏو مرڪ واهه
سارنگ واهه
دلور واهه
نصير واهه
شادي واهه
اماموارو
حب نئن
ملير نئن
ڪلري واهه
بگهاڙ واهه
ميرواهه
نصير
ميرخانا واهه
گڏاپ واهه
شيرخانا

- 1893ع ۾، پنهنجي رٽا سان سچي، جنرل فائيف سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏانهن خط لکي پنهنجي رٽا تي عمل ڪرائڻ ۽ سنڌ ۾ ريجاڻيءَ لاءِ هڪ ڌار چيف انجنيئر رکڻ جي گهرج تي زور ڏنو، جيڪو سرڪار کي صلاحون ڏيڻ سان گڏوگڏ هڪ باقائدي پاليسيءَ جي ڪنهن سرشتيوار انتظام لاءِ سپرنٽينڊنگ انجنيئرن (جيڪي شامل ٿيڻا هئا) جي رهنمائي ڪري.
- 1893ع ۾ بمبئي سرڪار جوئنٽ ڪميٽيءَ جون سفارشون مڃي ورتيون ۽ ايرندي ناري ۾ سڌارن ۽ جمڙائو واهه واريون رٿائون ناهڻ لاءِ حڪم جاري ڪيا. روهڙي-حيدرآباد واهه رٽا کي ڦِٽي ڪيو ويو، پر بمبئي سرڪار سنڌ لاءِ وڏي پيماني وارن ٻارهو وهندڙ واهن واري اصول کي بنهه ڦٽو ڪري ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي.
- مارچ 1894ع ۾ مسٽر ٿامسن، انوقت سنڌ ۾ سپرنٽينڊنگ انجنيئر، فائيف جي راءِ کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ائين سنڌ ۾ ريجاڻيءَ جي سڌاري لاءِ وڏيڪ مسئلا پيدا ڪيا.
- 1903ع ۾ انڊين اريگيشن ڪميشن، سنڌ ٽرپل پروجيڪٽ جو حوالو ڏئي، راءِ ڏني ته هن قسم جي وڏي پڪيڙ واري اسڪيم ٺاهڻ جو ڳي لڳي ٿي، پر عملي طور ڌيان ۾ رکڻ جو ڳيون ڪي شيون آهن جن جي ڪري شايد ان جي گنجائش گهٽائڻ جي گهرج پوندي. سنڌ جي نمائندگي بمبئي جي چيف سيڪريٽري مسٽر جان پِي. مُوئير مڪينزي ڪئي، جنهن وڏي ڏاهپ سان سنڌوءَ تي آرپار هڪ ڇاڄ (ويئر) اڏڻ لاءِ زور ڀريو ۽ سندس ڪارڪردگيءَ اڳتي هلي سندس 1904ع ۾ ڪمشنر ان سنڌ مقرر ٿيڻ جي واٽ ٺاهي.
- لارڊ ڪرزن پاران 1901-1903ع ۾ ٺاهيل انڊس اريگيشن ڪميشن ٻه اهم فيصلا ڪيا. سنڌ جي رضامنديءَ کان سواءِ سنڌو درياءَ جو پاڻي موڙڻ جي اجازت نه هوندي. ڪميشن اها پاليسي پڻ طيءِ ڪئي ته جيڪي رٿائون هڪ کان وڌيڪ صوبن سان لاڳاپيل هونديون، اهي گورنر جنرل انڊيا ڏانهن سندس فيصلي لاءِ اماڻيون وينديون.
- 1904ع ۾ ڊاڪٽر سمرز، سپرنٽينڊنگ انجنيئر سنڌ، سرڪار کان روهڙيءَ وٽان هڪ واهه کڻڻ جي اجازت گهري، جيڪو خيرپور رياست جي وچان لنگهي داد واهه کي پاڻي ڏئي ۽ ان ڳالهه ڏانهن پڻ اشارو ڪيائين ته پنجاب ۾ ريجاڻيءَ ۾ لاڳيتي واڌ ضروري ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ ۾ بئراج اڏيا وڃن، پر اهو تَتُ ته: ”پنجاب ڪنهن ڏينهن نيٺ اسان جي مٿان درياءَ تي هڪ ڇاڄ زوريءَ مڙهيندو“ رٽائرڊ ڪمشنر ان سنڌ جيمس ايوانس 1899ع ۾ ڪڍي ويو هو.
- 1905ع ۾ ڊاڪٽر سمرز پنهنجي واهه واري سروي داد واهه کان اڳتي وڌائي وچولي حيدرآباد جي واهن جي پريڻ‍ءَ پر ڦليلي واهه جي ڪاڀي پاسي وارين ٻنين تائين ڪٽي وڃڻ ۽ جمڙائوءَ واري ٽڪري کان هيٺ ڊوري پراڻ ۾ وڃي ڇيهه ڪرڻ جي اجازت ورتي.
- 1906ع ۾ جي. بينٽون، انسپيڪٽر جنرل اريگيشن، هندستان سرڪار، سنڌ ۾ ٻارهو وهندڙ واهن جي امڪان بابت ڇاڻ لهڻ لاءِ سنڌ جو دورو ڪيو ۽ صلاح ڏنائين ته درياءَ تي آرپار هڪ ڇاڄ (ويئر) ۽ روهڙيءَ وٽان نڪرندڙ واهن لاءِ تحقيق ٿيڻ گهرجي.
- ساڳئي سال (1906ع ۾) هندستان سرڪار بمبئي سرڪار کي ان ڳالهه تي ويچارڻ لاءِ چيو ته پنجاب ۾ ٿڌ واري مند ۾ پاڻيءَ جي وڌندڙ ڪٽت سنڌ ۾ آب ڪلاڻي واهن ۾ پاڻي اچڻ گهٽائي ڇڏيندي ۽ صلاح ڏني ته پڇاڙيءَ ۾ سنڌ ۾ واهن جي پاڻيءَ جي گهرج هِتان هِتان پوري ڪري سگهجي ٿي:

  - * منڻ ڪوٽ (گدوءَ جو آڳومتي)
  - * سکر
  - * ڪوٽڙي يا جهرڪ
  - * سيوهڻ

هنوقت ويچارڻ جي ضرورت رڳو ٻئين سرشتي تي آهي. انهي صلاح ۾ ڌگهي نظر واري شيءِ هئي درياءَ تي سيوهڻ وٽ هڪ ڇاڄ، جنهن بابت فائيف ۽ ڪانئس پوءِ اچڻ وارن فيصلو نه ڪيو ۽ نڪي وري سنجيدا ڇنڊ ڇاڻ ئي ٿي، يڪو ويندي 1959 واري ايوب جي زراعت تي ڪميشن ۽ 1965 واري ايل. آئي. پي رپورٽ تائين، جنهن ان تي عمل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو.

- 1909ع ۾ شڪ پائيندي ته آيا اندازن تي رٿيل رٿائون ڪنهن بئراج سان گڏ ”لاپائتا ڪم“ ثابت ٿينديون (جيئن پي. ڊبليو. ڊي ڪوڊ لاءِ گهربل هو)، ڊاڪٽر سمرز اهڙي ئي هڪ اسڪيم بنا ڪنهن بئراج جي ٺاهي. مسٽر ايچ. ايف. بيل سکر بئراج ۽ سمورن وڏن واهن جي درن وارين مورين (هيڊورڪس) لاءِ پنهنجي رپورٽ ۽ ڪاٿا پيش ڪيا. مسٽر بِي. اِي. واچا ايرندي ناري ۾ سڌارن واري اسڪيم لاءِ پنهنجي رپورٽ ۽ ڪاٿا پيش ڪيا.
- 1903-1920 اڏاوتن ۽ مِٽي سيريندڙ مشينن جي حوالي سان وڏي اڳڀرائيءَ وارا سال هئا. 1903ع ۾ فورڊ اڳيئي موڊ-ٽِي ڪار ٺاهي چڪي هئي، جيڪا اڳلن پنجويهن سالن تائين پنهنجو مٽ پاڻ رهي. ڪيٽرپلر رِڙهندڙ ٽريڪٽر ٺاهي چڪي هئي ۽ لي ٽورنيا ڪرڙيندڙ بلڊوزر جو ڦَرُ ۽ انهي کي هلائڻ لاءِ پاور وِنچ (طاقتور ڪل جنهن سان گهٽو وزن لاهي چاڙهي سگهجي) ٺاهيا. انگلينڊ جي رسٽن، بُوڪيرس سان جوڙ ۾ هڪ هنڌ کوڙڻ ۽ ڇُرڻ ڪڇڻ جو ڳيون ڊيزل انجڻون ٺاهيندي ٺاهيندي کوٽائيءَ جون مشينون (ڊريگلائين)، لٽ-چمٽا (ڪليم شافٽ)، ڪرينون، کوهه کوٽيندڙ سيراهيون ۽ ڌماڪي جا اوزار (ڊرلنگ رگ)۽ لوهي جَڪَن کي ٺوڪ ڏيندڙ مشينون (پائيل هيمر) ٺاهڻ واري هئي. گهٽن سلينڊرن وارين پيٽرول انجڻن اڳيئي ڪمپريسر هلايا پئي. گهٽن سلينڊرن واريون ڊيزل انجڻون پڻ ٺهي

چڪيون هيون. جتي گهٽي طاقت جي گهرج هئي، اتي لاءِ گهٽ سلينڊرن واريون هلڪي ٻاڦ تي هلندڙ انجڻون چُرڻ ڪجڻ جو ڳڻ بوائلرن سان اچي ويون هيون. هنن نون اوزارن نه رڳو اڏاوتي لاڳتون گهٽائي ڇڏيون، پر مِٽي سيرڻ لاءِ مزدورن جي گهرج پڻ گهٽائي ڇڏي، جيڪي سنڌ ۾ ڏکيا ٿي هٿ آيا ۽ سکر-روهڙيءَ واري هنڌ تي واهن جي کوٽائيءَ ۽ درياءَ تي ڇاپ (بئراج) جي اڏاوت جو ڪم گڏهه وهائي تُوڙ پهچائڻ ۾ جيڪر ڪيترا ئي سال لڳي وڃن ها.

- 1910 ۾ ٽِه واهي رٿا (ٽرپل پروجيڪٽ) تي ڪم ڪندي ڊاڪٽر سمرز ڏيکاريو ته ٽِه واهي رٿا مٿس اڏاوت دوران ايندڙ لاڳت واري موڙيءَ تي وياج ڪان سواءِ نج لاڀ 4.24 سيڪڙو ڏيندي ۽ اڻ لاڀائتي آهي. پر ڪيس اها خاطري هئي ته انهي کي ان ريت لاڀائتو بڻائي سگهجي ٿو ته پهريان روهڙي ڪئنال اڏيو وڃي، جيڪو ڇاپ (بئراج) جي اڏجڻ تائين آب ڪلاٽي واهه رهندو. ائين ڪرڻ سان سان وياج تي 1.5 ڪان 2.0 ملين رپيا سالياني بچت ٿيندي. سيپٽمبر 1910 ۾ سڌاري ناهيل رٿا هيٺ ڏنل ڪاٿن سان ڏياري موڪليائين:

روهڙي ڪئنال	4،412،861 رپيا
بئراج يا ڇاپ	3،000،000 رپيا
ناري واهه کي ويڪرو ڪرڻ	400،000 رپيا
جوڙ	**7،812،861 رپيا**

ٿامسن ۽ سمرز جو ريجاڻي انتظامي هلت کي سڄي سنڌ لاءِ هڪ سپرنٽينڊنگ انجنيئر واري سطح ڪان وڌيڪ اُپو ۽ پاسيرو نه پکيڙڻ وارو رويو سنڌ کي وڌ ۾ وڌ هاڃو رسائڻ لاءِ ذميوار هو.

- 1912 ۾ هندستان سرڪار سڄي اسڪيم هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ کي پيش ڪئي، جنهن ماهرن جي هڪ ڪميٽي ان تي رپورٽ ڏيڻ لاءِ مقرر ڪئي. ڪميٽي ڪرنل سر جي. اوٽلي، ميسرس ليونل جيڪب، ڊبليو. ايل. ڪيمرون ۽ اي. ايل. ويب تي ٻڌل هئي.
- 13-1912 ۾ هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ، ڊاڪٽر سمرز جي رپورٽ کي جاچڻ پرکڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ويهاري. ڊسمبر 1913 ۾ رپورٽ پڌري ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته:

1. رٿا ڪا بچاءَ تدبير نه هئي، پر وري پيداواري به نه هئي، ڇاڪاڻ ته نهي راس ٿيڻ وارو عرصو تمام ڊگهو هو (سورهن سالن تائين).
2. اها وقت ڪان اڳ هئي.
3. اسڪيم ناهي ۽ ڪنهن به وقت تڪڙ ۾ ڪم شروع ڪرڻ لاءِ تيار رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي پنجاب ۾ پاڻيءَ جي اجا به وڌيڪ کٽتن جي ڪري سنڌ کي پو ڳڻو پوي.
4. بئراج لاءِ روهڙيءَ ڪان اوپاري پاسي وارو هنڌ موزون نه لڳو.

- 1913 ۾ برطانيا کي سندن ڪپڙي جي ڪارخانن لاءِ پنهنجي ملڪ اندر ڪچي ڪپهه هٿ ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيدا ٿي. جاپان ۽ آمريڪا پنهنجا ڪپڙي جا ڪارخانا ناهي چڪا هئا ۽ برطانيا کي ڪپهه هٿ ڪرڻ ۾ ڏکيائيءَ کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. برطانيا کي هاڻ لڳو ته سنڌ ۾ وڏيون وڏيون غير آباد ايراضيون وونئڻ پوکڻ لاءِ لاڀائتي طريقي ڪتب آڻي سگهجن ٿيون، ڇاڪاڻ ته سنڌ سوڪ آبهوا سان گڏوگڏ مناسب انگ ۾ ڪوسن ڏينهن جي ڪري ڏکڻ ايشيا ۾ وونئڻ جي پوک لاءِ انتهائي موزون ٽڪرو هو. ان ڪان پوءِ جيڪي سکر بئراج جي اڏاوت بابت تڪڙا فيصلا ٿيا، سي برطانيا جي مفادن جي پوراءَ لاءِ ڪيا ويا.
- سنڌ ۾ برطانيا سان لاڳاپيل ترقي بنيادي طور ڪراچيءَ کي دهليءَ ۽ لاهور سان ڳنڍڻ لاءِ هئي ته جيئن پنجاب مان واڌو اناج ٻاهر سولو، سستو ۽ تڪڙو ڪٽي وڃي سگهجي ۽ سنڌ ۾ ريجاڻيءَ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ڪنهن ترت ضرورت نه پائڻ واري پاليسي انگليڊ ۾ ڪپهه جي گهرج جي ڪري راتورات مٽجي وئي.
- سنڌ ۾ ريجاڻي ترقيءَ ۾ اٽاٽ جي ڪري زرعي واڌو اپت ۾ گهٽتائي آئي هئي ۽ انهي جي ڪري سنڌ ۾ شهري مرڪزن جي اوسر کي ڪاپاري ڌڪ لڳو هو. 85-1884 ۾ سنڌ ۾ 10،000 ماڻهن ڪان مٿي آباديءَ وارا رڳو ڇهه شهر هئا، پر انهن منجهان ڪنهن جي آبادي به 100،000 ماڻهن ڪان مٿي نه هئي. 1901 ۾ ڪراچيءَ جي آبادي 120،000 هئي.
- 1914 ۾، 1913 واري رپورٽ جي نتيجي ۾، سيڪريٽري آف اسٽيٽ بمبئي سرڪار واري اسڪيم جي منظوري ڏيڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو، پر ڌيان ڇڪايائين ته وڌيڪ تحقيق ٿيڻ گهرجي.
- 1915 ۾ ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ڪنهن به قسم جي وڌيڪ دير خلاف سخت احتجاج ڪيو. بمبئي سرڪار لنڊن ڪميٽيءَ جي اها راءِ قبولڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو ته 1913 واري اسڪيم وقت ڪان اڳ هئي. سنڌ کي هڪ اٽل تي آباد ٿيندڙ آب ڪلاٽي ملڪ سمجهڻ، جيڪو سڄو سال پاڻي ملندو رهڻ جي لائق نه هجي، جو مطلب هو هٿ تي هٿ ڌري ويهڻ واري پاليسيءَ تي هلڻ. جنهن سان سهمت ٿيڻ ڪان بمبئي سرڪار جواب ڏئي ڇڏيو. نيون رٿائون جوڙڻ جو ارداو ڏيکاريائون.
- 1915 ۾ مسٽر اي. اي. مَستو کي سکر بئراج رٿا نالي رٿا کي سڌاري ناهڻ جو خصوصي ڪم ڏئي چيف انجنيئر سنڌ جو ماتحت ڪري رکيو ويو.
- 1917 ۾ انسپيڪٽر جنرل آف اريگيشن سر ٿومس وارڊ سکر جو دورو ڪيو ۽ اتي چيف انجنيئر سنڌ ۽ چيف انجنيئر بمبئي سان هڪ ڪانفرنس رکي وئي. انهي سان لاڳيتو ئي ڪمشنر ان سنڌ سان ڪراچيءَ ۾ هڪ ميٽنگ رکي وئي. انسپيڪٽر جنرل پاڻ ڪان اڳئين مائيڪل نيدرسول جي نديڙي لکت مان رهنمائي وٺندي هي اهم

تجويزون ڏنيون:

1. روينيو (روينيو، سروي ۽ سيٽلمينٽ) کاتي جو شامل ٿيڻ ۽ گڏوگڏ واهه عملدارن (چيف انجنيئرن) جو پڻ.
2. شپس لاڪ کي ڦِٽو ڪرڻ گهرجي (هيءَ هڪ غلطي هئي، جيڪا وقت ثابت ڪئي آهي).
3. واهن جي سائيز ننڍي رکڻ گهرجي ته جيئن پاڻي گهٽ گهٽ واپرائجي. (هيءَ پڻ هڪ غلطي هئي ۽ ان جي ڪري سنڌ ۾ پوک اپائڻ وارو جوش جهڪو رهيو).
4. آب ڪلاڻي واهن کي بئراج جي نون واهن ۾ ٺهڪائي بيهارڻ لاءِ نئينءَ سنئينءَ ڪري ناهڻ گهرجي، انهن طريقن سان جيڪي پنجاب ۾ ڪم آندا ويا هئا.
5. روهڙي ڪئنال کي پهريان آب ڪلاڻي واهه ڪري ناهڻ گهرجي ۽ انهي کان پوءِ سکر بئراج ۾ گڏائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ٿي سگهي ٿو ته بئراج جي ٺهي وڃڻ کان پوءِ ان کي نئينءَ سنئينءَ ڪري ناهڻ مهانگو پوي.
6. روهڙي ڪئنال ۾ پاڻيءَ جو نيڪال 15،500 مان گهٽائي 10،000 ڪيوسڪ ڪرڻ گهرجي. (هي 9،600 ڪيوسڪن لاءِ ڊزائن ڪيو ويو هو ۽ اڄ 16،000 ڪيوسڪ پيو ڪٽي. پاڻيءَ جو نيڪال گهٽائڻ پڻ هڪ وڏي غلطي هئي.)
7. روينيو، زراعت ۽ ريجاڻي عملدارن کي اهڙي ڪا اسڪيم جوڙڻ گهرجي، جيڪا فائديمند هجي ۽ پلي نمائشي فارم ٺاهيا وڃن.

- 1918 ۾ مسٽر مَسٽو کي سڄي اسڪيم جي نظرداريءَ واري ڪم ۾ اچي لڳڻ لاءِ ميسوپوٽامر مان سڏايو ويو. ڪم کي ڳنڍيي (جيڪو هن مهل تائين ساڄي پاسي جي واهن، اپرندي ناري جي واهن، روهڙي-حيدرآباد جي واهن ۽ سکر بئراج جي ڇئن لڳ ڀڳ هڪٻئي کان بلڪل آزاد انجنيئرن جي هٿن ۾ هو) ڪيترائي سڌارا آندا ويا ۽ لاڳت بچائي وئي. 16 ڊسمبر تي بمبئي جو نئون گورنر سر جارج لُائِڊ، جِي. سِي. آئي. اِي.، ڊِي. ايس. او.، بمبئي پهتو.
- 1919 ۾ سر جارج لُائِڊ پهريون ڀيرو سنڌ آيو. سمورين عوامي باڊين هز ايڪسيلينسي آڏو پنهنجي سخت خواهش عرض رکي ته اهي سنڌ جي پراڻن جُڳن واري مدي خارج آب ڪلاڻي واهن واري سرشتي کي جياري رکڻ بجاءِ عاليشان سنڌو درياءَ کان ڪو تمام وڏو ڪم وٺندي ڏسڻ ٿا گهرن. سر جارج لائڊ معاملي تي تڪڙو ڌيان ڏيڻ جو وعدو ڪيو.
- 1920 ۾ سر جارج لائڊ پنهنجي سنڌ جي ٻئين دوري دوران ٻڌايو ته سمورا ڪاتا سڌاري ٺاهيل سکر بئراج رٿا تي وڏي جوش سان ۽ تمام گهڻو زور ڏئي ڪم ڪري رهيا آهن. سڌاري ٺاهيل اسڪيم انهي سال پوري ڪئي وئي.
- 1921 ۾ سر جارج لائڊ جي سنڌ جي ٽئين دوري سندس هن رٿا ۾ گهري دلچسپي پڌري ڪئي. مسٽر مَسٽو جي سڌاري ٺاهيل اسڪيم ويهن جلدن ۾ بمبئي سرڪار ۽ هندستان سرڪار رستي هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏانهن موڪلي وئي. 25 جولاءِ تي ڊاڪٽر سمرز ايسٽ انڊيا ايسوسيئيشن، لنڊن، ڏانهن خط لکي 1920 واري سڌاريل رٿا کي مالي لحاظ کان جڏي ۽ انجنيئري نڪته نظر کان "جڏي ۽ خطرناڪ" سڏي سخت ننديو.
- بئراج ۽ واهن لاءِ ترتيبوار 1919 ۽ 1920 ۾ تيار ڪيل نقشا ۽ ڪاٿا بمبئي سرڪار هندستان سرڪار ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ انهي وري اهي اڳتي هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏانهن موڪليا، جنهن اپريل 1923 ۾ انهن جي منظوري ڏني ۽ پهرين جولاءِ 1923 تي اڏاوتي ڪم شروع ٿي ويو. بئراج ڊسمبر 1931 ۾ ٺهي راس ٿيو ۽ کولڻ واري رسم اَرل آف وِلِمنگٽن، وائسراءِ ۽ گورنر جنرل هندستان، 13 جنوري 1932 تي ادا ڪئي.
- سرڪاري ڪاغذ عام طور تي سکر بئراج واري سوال تي عوامي راءِ ۽ احتجاجن جي ڪردار بابت ماٺ آهن. ٺنڊي ۽ ڦليليءَ جي زميندارن ۽ جاگيردارن جي ڪردار جي ڳالهه 1872 کان وٺي ٿيندي پئي اچي. پر ٻين ٻن ڪارڪنن - غلام محمد ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچندراءِ - جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي. ڀرڳڙي سکر بئراج رٿا جي پوئواري سنڌ صوبائي ڪانفرنس ۾ سال بسال ڪندو رهيو ۽ هرچند راءِ سان گڏجي رٿا جو پيڇو ڪندي هندستان لاءِ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ايڊوِن مونٽاگو سان 1918 ۾ مليو، ڇو ته رٿا ڪنهن بہ وقت فنڊن جي اڻهوند بهاني ڇڏجي پئي سگهي. غلام محمد ڀرڳڙي، سيٺ هرچندراءِ ۽ ڪمشنر ان سنڌ لارينس جي ڀنيان لڳڻ جي نتيجي ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ اِي. ايم. مونٽاگو رٿا جي منظوري ڏني ۽ ايندڙ ارڙهن مهينن ۾ رٿا لاءِ فنڊن وارو سوال هندستان سرڪار کان قرض ذريعي نبيريائين. رٿا جي آخري منظوري اپريل 1923 ۾ ڏنائين.
- بئراج جي اڏاوت پهرين جولاءِ 1923 تي شروع ٿي. اڏاوت جو ڪم هلندي بمبئي جي گورنر جارج لُائِڊ پڻ هڪ وڏو ڪردار نڀايو.
- 1923 ۾ سکر ميونسپالٽيءَ هڪ راءِ تي هڪ ٺاهه منظور ڪيو ته سکر بئراج تي نالو پلي بمبئي جي گورنر جارج لائڊ جي نالي ڀٽيان لئائڊ بئراج رکيو وڃي. (پنجاهه سال پوءِ اهو نالو مٽايو ويو.)
- جولاءِ 1923 ۾ بمبئي سرڪار حڪم جاري ڪيا ته ميونسپالٽيءَ جي سفارشن کي آڏو رکندي بئراج کي پلي بمبئي جي انوقت جي گورنر جي نالي ڀٽيان جارج لُائڊ بئراج (انگلينڊ جو وزير اعظم لُائڊ جارج نہ) ڪوٺيو وڃي. لائڊ انهي لاءِ رقم جو بندوبست ڪرڻ ۽ ناهڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو هو.

خاص طور رَٿيل اڏاوتي مهارتون

جيئن ئي سکر بئراج اسڪيم 1916 ۾ منظور ٿي ته انجنيئرن کي هڪ پربت جيڏي رٿا جي اڏاوت جي ڪم ۾ هٿ وجهڻ لاءِ، جنهن جيڏي ڊيل واري دنيا ۾ ان کان اڳ ڪڏهن به نه ٿي هئي، اڏاوتي طريقن ۽ مهارتن بابت سوچ ويچار ڪرڻو پيو. اها خبر هئي ته بئراج جي اڏاوتي ڪم تي مزدوريءَ لاءِ ڪجهه لک ماڻهو ڪجهه سالن لاءِ گهربا، جيڪو انگ نه رڳو هٿ ڪرڻ ڏکيو ٿيندو، پر مزدوريءَ جا اگهه به وڌي ويندا. 1917 واري ليس تپ سنڌ جي 40 سيڪڙو ڳوٺاڻي آبادي ماري ڇڏي هئي ۽ سنڌ مان مزدور ڪيڻ سان زرعي سرگرمين بنهه رلي وڃن ها. تنهنڪري، مشينن کان ڪم وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جن منجهان ڪجهه خاص طور تي انهي ئي مقصد لاءِ ڊزائن ڪيون ۽ ٺاهيون ويون. انهن هيٺين قسمن جا ڪم ڪيا:

- ڪوفرڊيمن (پاڻيءَ ۾ اندر جاءِ سڪائي اڏاوت ڪرڻ) ۾ ٿنين جي بنيادن لاءِ جوڙُ جوڙَ ۾ ويهندڙ پڙڇن وارن لوهي جَڪَن کي ٺوڪ ڏيندڙ مشينون.
- اسٽيل جي پائيپن ۾ واري پرڻ لاءِ ۽ ڪوفرڊيمن جي اندران بنياد کوٽڻ لاءِ ڊريجر (کوٽائيءَ جون نارَ نموني مشينون).
- ٻيڙيءَ تي بجليءَ تي هلندڙ سينٽريفيوگل ۽ ريسيپروڪيٽنگ پمپ جَڙي ۽ ان کان سواءِ ويل پوائنٽون پڻ جَڙي، ان ذريعي پاڻي ڪيڻ.
- بئراج جي منڊ واري اڏاوتي هنڌ تي ريل جون پائيتاليهه ميل پٽڙيون ريلوي انجڻن ۽ ٽرڪن (گاڏن) تي جَڙيل ڪرينن سان وڇائڻ.
- ٻيڙيءَ تي جَڙيل ڪرينون.
- اڏاوت لاءِ نجو اڏيل بجلي گهر مان بجلي ڏيڻ.
- واهه کوٽڻ لاءِ کوٽائيءَ جون الڳ الڳ سائيزن ۾ ڇائيتاليهه مشينون. اهي هفتي ۾ سادا پنج ڏينهن ۽ سال ۾ به سو پنجاهه ڏينهن اٺ ئي پهر هليون، اٽڪل 10.4 ملين ڇهس (ڪيوبڪ) فٽ مٽي روزانو کوٽيائون - جيتري 32،000 ماڻهو سڄو سال ڪم ڪري يا 77،000 ماڻهو ڪم واري منڊ جا پنج مهينا (رڳو سياري جا مهينا) ڪم ڪري کوٽن ها.
- مشينن جي سار سنڀال ۽ سروس لاءِ ورڪشاپون.
- مشينن واهن لاءِ اٽڪل 5.7 بلين (ارب) ڇهس فٽ مٽي انوقت هلندڙ مزدوريءَ جي اگهن کان گهٽو گهٽ اگهه تي کوٽي.
- ڪم ۾ لاٿل مشينريءَ تي آيل کل لاڳت، انهي کي هلائڻ ۽ سنڀالڻ سميت، بئراج تي آيل پوري لاڳت جو اٽڪل 22.6 سيڪڙو بيٺي.

سکر بئراج رٿا جي منظوريءَ سان گڏوگڏ پنج بيا وڏا فني سڌارا پڻ آندا ويا هئا. اهي هئا:

1. ٻنيءَ کي گوني ڪنڊ تي مستطيل بيهڪ ڏيڻ

سروي آف انڊيا پوک هيٺ ايندڙ ٻنيءَ کي 320 ايڪڙن جي مستطيل ٽڪرن جي بيهڪ ڏني هئي. روينيو آفيسر، سکر بئراج، ٻنيءَ کي اڃا به وڌيڪ هڪ ايڪڙ ٽڪري تائين مستطيل بڻايو. هڪ ايڪڙ جي سرڪاري ماپ اتر کان ڏکڻ 264 فٽ ۽ اوڀر کان اولهه 165 فٽ رکي وئي. انهي سان ٻنيءَ کي سنوارڻ ۾ سڌو ڪرڻ سولو ٿي پيو ۽ هر ٽڪري کي سڌي نموني پاڻي ڏيڻ وَس ۾ ٿي ويو. انهي کان پوءِ انهن ٽڪرن جي دنگن تي گهٽ لاڳت سان واٽر ڪورس (اڏون) ڪيڏي سگهڻ جي واٽ نڪتي. آبادگار کي هڪ وڌيڪ فائدو اهو ٿيو ته ٻنيءَ ۾ آبپاشي جي ڪٽ وڍن ٽڪرن بجاءِ هڪ ايڪڙ پيرين ٿيڻ لڳي. مستطيل بيهڪ سان باغن کي صحيح رُخ ڏئي اُس جي وڌ ۾ وڌ فائديمند مُهاڙ - اتر کان ڏکڻ - رکڻ ۾ مدد ملي.

2. ٻنيءَ جو معائنو

سرڪار ٻنين جو معائنو ڪرايو ۽ انهن جي درجي بندي ڪيائون - ”اي“ پلي، ”بي“ چڱڙي ۽ ”سي“ گهٽ درجي واري ٻني، جنهن تي رڳو لوٽياٺ صاف ڪري منو ڪرڻ کان پوءِ ئي ساريون ڪاهي سگهجن. ”ڊِي“ درجي واري ٻني پوک ڪرڻ لائق نه هئي، سواءِ ان جي ته وڏي لاڳت سان سم کلر ڪيڏي پوک لائق بڻائجيس. ”سِي“ درجي واري ٻنيءَ کي منو ڪرڻ لاءِ واڌو پاڻيءَ جون سهولتون ڏنيون وينديون هيون.

3. زرعي تحقيق

1924 ۾ سڪرنڊ ۾ نون فصلن ۽ پوکائيءَ جي طريقن بابت تحقيق لاءِ زرعي تحقيقي مرڪز ٺاهيو ويو. انهي اڳتي هلي سڪرنڊ ۾ زرعي ڪاليج (ٽن ڏينهن ۾ ڪنگ جارج-پنجون زرعي ڪاليج سڏبو هو) ٺاهڻ جي واٽ ڪڍي، جن پيرن تي ٽنڊي ڄام واري سنڌ زرعي يونيورسٽي ٺهي. ميرپورخاص ۾ اڳ ئي موجود فروٽ فارم کي هڪ سال کان مٿي هلندڙ ميون وارن فصلن جهڙوڪ؛ انبن، نارنگين، زيتونن، ڪيلن، ڪتل، سياري جي ڀاڄين وغيره کي هٿي ڏيڻ لاءِ سگهارو بڻايو ويو. ڏوڪريءَ ۾ چانورن (سارين) تي تحقيق جو مرڪز ٺاهيو ويو. ٺٽي، دادو، لاڙڪاڻي، شڪارپور وغيره ويجهو ڪيترائي ننڍا ننڍا تحقيقي مرڪز ٺاهيا ويا.

4. سم ۽ کلر لاءِ اپاءَ

ريجاڻي علائقن ۾ زير زمين پاڻيءَ جي ڇڪاس لاءِ 3،000 کان مٿي پائيزوميٽر (داب ماپيندڙ اوزار) لڳايا ويا.

5. زرعي انجنيئري کاتو

هي کاتو 1934 ۾ ٻنيءَ کي سنواري سڌو ڪرڻ، پکين ۽ گند گاهه

وارين ٻنين کي ناهڻ ۽ زراعت کي مشيني بڻائڻ لاءِ بهتر زرعي اوزار تيار ڪرڻ واري مقصد سان ناهيو ويو. پهرين ورڪشاپ 1934 ۾ ميرپورخاص ۾ ناهي وئي ۽ 1942 ۾ اها حيدرآباد ڏانهن لڏائي وئي. سنڌ ۾ پهريون زرعي انجنيئر مسٽر ڪمنگ هو. اها ورڪشاپ 1957 ۾ ٽنڊي جام ڏانهن لڏائي وئي. 1968 تائين سنڌ ۾ مختلف ضلعن ۾ 13 ورڪشاپون نهي چڪيون هيون، جتي ٻني سڌي ڪرڻ لاءِ 600 بلڊوزر ۽ ٽيوب ويل هڻڻ لاءِ پنجهٺ هٿ واريون ۽ چوڏهن بجليءَ تي هلندڙ رِگون هيون.

سکر ۽ ٻين بئراجن جي آندل خوشحالي

سکر بئراج سانوڻي توڙي سياري پاڻي ملندو رهڻ جي پڪ ڪرائي سنڌ کي سکيو ستابو بڻايو. سکر بئراج کان اڳ واري صورتحال جو فائيف 1859 ۾ ڏاڍي سٺي نموني احوال ڏنو آهي. ٻڌائي ٿو ته: پهرين آب ڪلاٽي مند پيري هو سنڌ ۾ هو. تمام گهٽ پاڻي هو؛ ٻيڻ ۽ پيري تمام گهٽو هو؛ ٽيڻ ۽ پيري دير سان مند جي پوياڙيءَ ۾ اٿليو؛ چوٿينءَ پيري جهٽ لهي ويو ۽ پنجينءَ پيري تمام گهٽو پاڻي هو. مطلب ته چيد ڪيپائين ته هر پيري ڪا نه ڪا شيءِ غلط ٿي پئي، چو ته هر پيري يا ته تمام گهٽو پاڻي هو يا ٻنھ ٽورڙو يا درياءَ تمام پاڇاٽو ٿي چڙهيو يا ٻنھ آڳاٽو لهي ٿي ويو. سکر ۽ ٻين بئراجن جي آندل خوشحالي پنجاهه سالن ۾ آباديءَ ۾ ڇهوڻ تي واڌ ۽ پوک هيٺ ايراضيءَ ۾ ساڍا ٽي سو سيڪڙو واڌ سان گڏوگڏ ڪيترن ئي سرڪاري ڪاليجن ۽ ڇهن ميڊيڪل يونيورسٽين وغيره مان ڏسي سگهجي ٿي. واڌو زرعي اپت شهري آبادي سڄي آباديءَ جي پنجٽيهه سيڪڙو ڪان مٿي تائين وڌائي ڇڏي آهي. رتا جي وڏن معاشي نتيجن منجهان هڪ اهو هو ته انگريز راڄ جي پهرين سالن ۾ ماڻهو ڇڄ غريب هئا. جيئن فائيف درست چيد ڪيو آهي، سکر بئراج صورتحال مٽائي ڇڏي ۽ ان جي ڪلڻ جي هڪ سال اندر سنڌ جي ڳوناٽن ماڻهن تعليم ۽ گڏوگڏ سٺن گهرن ۽ شهري سهولتن لاءِ شهرن ڏانهن ڊيهڙو پاتو.

سکر بئراج جون مکيه وصفون ڇاٽائيندڙ ٽيبل

سموري اسڪيم جي ورائي ڪٽيل ڪل لاڳت (1935)	15،000،000 پائونڊ 200،330،000 رپيا
بئراج ۽ هيڊورڪس (درن وارين مورين) جي ڪل ڪٽيل لاڳت	4،300،000 پائونڊ 55،897،000 رپيا
ڪوٽيل سمورين سائيزن جي واهن جي ڪل ڊيگهه	6،473 ميل
اسڪيم ۾ واهن، شاخن، ڊسٽريبيوٽرين ۽ مائينرن لاءِ کوٽجڻ واري مٽيءَ جو ڪل مقدار	5.690 ملين ڇهس فٽ
نون ۽ پراڻن واٽرڪورسن جي ڪل ڊيگهه (30،000 + 17،800 ميل)	47،800 ميل
کوٽائيءَ جي ڪم تي لاتل 46 ڊريگلائين مشينن جي ڪل لاڳت	800،000 پائونڊ 10،666،000 رپيا
ڊريگلائين مشينن سميت ڪم ۾ لاتل سموري مشينريءَ جي ڪل لاڳت	400،000 پائونڊ 45،333،000 رپيا
مٽيءَ جو ڪل مقدار: واهه + واٽرڪورس (6.280 + 1.240 ملين ڇهس فٽ)	7.520 ملين ڇهس فٽ
پلين ۽ ريگيوليٽرن جو ڪل انگ، جيڪي ناهٽا هئا	1،970
ڪنهن هڪ وقت ۾ وڌ ۾ وڌ لڳايل مزدور	60،000 ماڻهو
اسڪيم جي پهچ هيٺ اچڻ واري پوري ايراضي (انگريزن جي علائقي ۾)	7.4 ملين ايڪڙ
انوقت ساليانى پوکي، جڏهن ايراضي پوري طرح سڌري ويندي (انگريزن جي علائقي ۾)	5.01 ملين ايڪڙ
پهچ هيٺ آندل نوهر ٻنيءَ واري نئين ايراضي	1.95 ملين ايڪڙ
سنڌو درياءَ تي آرپار بئراج کي '60 جا 66 اسپئن (جهلُن جي وچ وارو سَنڌو) هر هڪ ۾ "در" کي تري ۾ ٻه واڌو اسپئن آهن. بئراج جي برج سِل ليول، پوري ڪليل درن واري موريءَ جي ونگن جي جهولڻ جي ليول آر. ايل. درن واري موري بئراج کي کولڻ پيري درن کي مرضيءَ مطابق هلائڻ ۽ روڊ واري موري اچ وچ لاءِ	 آر. ايل. 177.0 فٽ آر. ايل. 194.5 فٽ آر. ايل. 219.0 فٽ آر. ايل. 201.0 فٽ
ڪم شروع ٿيو 1. سمورو ڪم بلڪل پورو ٿيٽو هو ۽ ڪاتا بند ٿيٽا هئا 2. واهه وهندا	جولاءِ 1923 1934-35 1932

سرڪاري ٻني، جيڪا پهچ هيٺ ايندي	
"اي" درجي واري ٻني	1،058،928 ايڪڙ
"بي" درجي واري ٻني	602،508 ايڪڙ
"سي" درجي واري ٻني	289،400 ايڪڙ
پهچ هيٺ ايندڙ ڪل ايراضي	8.3 ملين ايڪڙ
پهچ اندر پوکيءَ هيٺ ايندڙ ايراضي	7.8 ملين ايڪڙ
"اي" درجو مطلب	پلي
"بي" درجو مطب	چڱڙي
"سي" درجو مطلب	گهٽ درجي واري ٻني، جنهن تي رڳو ساريون ڪاهي سگهجن سو به لوٽيات صاف ڪري منو ڪرڻ ڪان پوءِ

نوٽ: ريجاڻي ڪاتي جو ميل 5،000 فٽن جو آهي، 5،280 فٽن جو نه.
ريجاڻي ڪاتي جو فٽ (30.8 سينٽيميٽر) 10 انچن جو آهي (3.08 سينٽيميٽر = 1.0 انچ)، 12 انچن جو نه.
هن ڪتاب ۾ ميٽر ماپ سرشتي بجاءِ فٽ ۽ ميل ڪتب آندا ويا آهن.

سکر بئراج ۽ ان جي واهن جي ڊزائن جا ڪجهه اهم انگ اکر پڌرا ڪندڙ ٽيبل

اسم	ايڪا	اتر الهندو واهه	رائيس ڪئنال (ساريال واهه)	دادو واهه	ايرندو نارو	روهڙي ڪئنال	خيرپور فيڊر ايرندو	خيرپور فيڊر الهندو
پهچ هيٺ ايراضي	ايڪڙ	1،027،085	547،480	597،464	2،142،000	2،837،000	531،110	409،121
پوکيءَ هيٺ ايراضي	ايڪڙ	933،093	480،979	498،682	2،069،200	2،546،000	335،500	315،016
سالياني پوکيءَ هيٺ آخري بيهندڙ ايراضي	ايڪڙ	761،067	423،802	425،163	1،676،000	2،063،400	261،284	227،131
وڌ ۾ وڌ پاڻي نيڪال	ڪيوسڪ	5،042	10،215	2،837	13،602	10،887	2،094	1،940
مکيه واهن جي ڊيگهه	ميل	36.1	81.7	131.6	216.8	270.70	13.0	44.80
ڊسٽريبيوٽرين ۽ مائينرن جي ڊيگهه	ميل	700.8	215.0	406.0	1،188.4	1،887.7	-	-
چئنلن جي ڊيگهه	ميل	-	-	25.22	9.70	31.20	-	-
واٽرڪورسن جي ڊيگهه	ميل	8،367	6،500	2،919	9،734	20،253	-	-
هيڊ ريگيوليٽرن ۾ 25 فٽ ڊگها اسپئن	انگ	6	13	4	16	12	2	2

* لنڊن وارو ٿيمس درياءُ وڌ ۾ وڌ 15،000 ڪيوسڪ پاڻي ڪڍي ٿو، جڏهن ته روهڙي ڪئنال هنوقت حقيقي طور وڌ ۾ وڌ 16،385 ڪيوسڪ پاڻي ڪڍي ٿو.
* سوئيز واهه مٿاڇري وٽ 200 فٽ ويڪرو آهي ۽ ايرندو نارو 370 فٽ.
* هن رٿا جي علائقي جا واٽرڪورس سڄي دنيا جي چوڌاري ٻه ڀيرا ڦري اچي سگهن ٿا ۽ اٽڪل 50،000 ميل ڊگها آهن.

سکر بئراج جي 7 واهن جو رٿيل گنجائش جي ڀيٽ ۾ حقيقي پاڻي نيڪال ڏسيندڙ ٽيبل

واهه جو نالو	ڊزائن ٽيل گنجائش	وڌ ۾ وڌ گھرج وقت حقيقي پاڻي نيڪال
اتر الهندو (نارٿ ويسٽرن)	5،042	9،500
رائيس (ساريال)	10،215	13،770
دادو	2،837	5،738
نارو	13،602	14،452
روهڙي	10،887	16،385
خيرپور اپرندو	2،094	2،648
خيرپور الهندو	1،940	3،440

سکر بئراج تي سندس شروعات کان وٺي ٻين بئراجن جي کلڻ تائين سال بسال ٿيندڙ پوکيءَ جا انگ ڏسيندڙ ٽيبل


سال	پوکي ملين ايڪڙن ۾	سال	پوکي ملين ايڪڙن ۾
1932-33	2.428	1956-57	4.744
1933-34	2.783	1957-58	4.797
1934-35	2.728	1958-59	5.182
1935-36	2.887	1959-60	5.271
1936-37	2.985	1960-61	5.264
1937-38	3.208	1961-62	5.460
1938-39	3.206	1962-63	5.627
1939-40	3.365	1963-64	5.741
1940-41	3.485	1964-65	5.644
1941-42	3.425	1965-66	6.000
1942-43	3.224	1966-67	6.052
1943-44	3.413	1967-68	6.251
1944-45	3.282	1968-69	6.368
1945-46	3.523	1969-70	6.351
1946-47	3.684	1970-71	6.249
1947-48	4.093	1971-72	5.838
1948-49	3.859	1972-73	6.021
1949-50	3.936	1973-74	6.214
1950-51	4.130	1974-75	6.219
1951-52	4.361	1975-76	6.395
1952-53	4.451	1976-77	6.572
1953-54	4.650	1977-78	6.675
1954-55	4.762	1978-79	7.041
1955-56	4.866	1979-80	7.285



872




873




874

875




876




877





879



880



لُنگي، اجرڪ ۽ چوڪين سرن جون ڊزائنون

872. لُنگي نموني اڳڙي گجرات مان لڌي. (سمٿسونين).
873. ٻارهين صديءَ جي اجرڪ جهڙي ڇُر، گجرات مان ريورٽ ٿي. سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ رڻ ڪڇ جي سکڻ ڪان اڳ واري اچ وڃ ۽ لاڳاپن سنڌ ۽ گجرات ۾ ڪپڙي تي ملندڙ جلندڙ قسم جون ڊزائنون ڇُرجڻ ممڪن بڻايو هو. (سمٿسونين).
874. شاهجهان مسجد ٺٽي جي ڪاشيل چوڪي سر.
875. جامع مسجد ٺٽي جو رنگين چوڪين سرن وارو ٿنڀ، 1643ع.
876. جامع مسجد ٺٽي جو رنگين چوڪين سرن وارو ٿنڀ، 1643ع.
877. جامع مسجد ٺٽي جي ڪاشيل چوڪي سر، 1643ع.
878. شاهجهان مسجد ٺٽي کي سينگارڻ لاءِ ڪم آندل ڪاشيل چوڪيون سرون.
879. مڪليءَ ۾ جاني بيگ ترخان جي مقبري تي ڪاشيل چوڪيون سرون، 1600ع.
880. جامع مسجد ٺٽي ۾ ڪم آندل گلڪاريءَ ۽ جاميٽريائي نمونن واريون رنگيل چوڪيون سرون، 1643ع.

باب ٽيٽيهون

ڪوٽڙي بئراج رٿا
(1948_1960ع)

جيئن اڳ ٻڌايو ويو آهي ته اتر ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ آب ڪلاٽي واهن (اٿل تي وهندڙ) ۾ پاڻي اچڻ گهٽجندو ويو ۽ ٻه بئراج هڪ گڊوءَ ۽ ٻيو ڪوٽڙيءَ وٽ اڏڻ بنهه اٽر ٿي پيا. سنڌ سرڪار لائق سپرنٽينڊنگ انجنيئر مسٽر چمپيڪر جي مهنداريءَ هيٺ هڪ پروجيڪٽ سرڪل کوليو، جنهن آگسٽ 1946 ۾ گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج واهه رٿا نالن سان ٻه رٿائون پيش ڪيون. ڏکڻ سنڌ جا آب ڪلاٽي واهه سنڌو ماٿريءَ جي بنهه پڇڙيءَ تي هجڻ ڪري منجهن پاڻي الڳ الڳ سالن ۾ 60 کان 90 ڏينهن مَسَ ايندو هو، تنهنڪري ڪوٽڙي بئراج واري رٿا کي اڳتي رکيو ويو ۽ سنڌ سرڪار سيپٽمبر 1946 ۾ رٿا جي انتظامي منظوري ڏئي ڇڏي. بئراج جي هنڌ لاءِ ٻن جاين تي ويچاريو ويو: هڪ جهرڪ ۽ ٻي ڄامشورو، پر رٿا لاءِ پڇاڙيءَ چونڊ ڄامشوري جي ڪئي وئي. رٿا ۾ جيڪو بئراج رٿيو ويو هو، سو هڪ ٻٽو بئراج هو، جنهن جي وچ تي هڪ 200 فٽ ويڪرو بيٽ ڇڏيو هو. رٿا انهن تجربن جي نموني آڌار جوڙي وئي هئي، جيڪي پونا ۾ لَٽَ کي واهن ۾ وهي وڃڻ کان روڪڻ جي بهترين واٽ ڪڍڻ لاءِ ڪيا ويا هئا.

تنهن هوندي به، سر ٽي. اي. ڊبليو. فُئاءِ جي چوڻ تي، جيڪو رٿا لاءِ چيف انجنيئر سان گڏ سيڪريٽري اريگيشن به هجڻ ناتي ان جو سربراهه هو، پڇاڙيءَ ۾ هيٺيون ڦيرڦارون ڪيون ويون:

- ٻٽي بئراج بجاءِ هيڪوٽو بئراج.
- آر سِي سِي ريفٽ تري جي بجاءِ گريوٽي سيڪشن ترو.
- بئراج اصل ڏنل ليک کان 1،500 فٽ اتر پاسي ويهارڻ.
- بئراج درياءَ جي ساڄي پاسي تي ساڄي پاسي واري جهل سان ويهارڻ عملي طرح درياءَ جي موجوده ڪپر تي.
- اڏاوت جو طريقو ڪوفرڊيم بجاءِ چوڌاري بند ڏيڻ وارو.

ڪم 1947 ۾ شروع ٿيو ۽ بئراج جا هيڊورڪس 1955 ۾ نهي راس ٿيا. ڪينجهر ڍنڍ کي ڀريو ويو ۽ ڪلري-بگهاڙ واهه 1957 ۾ کوليو ويو. 1960 کان وٺي اڳتي مختلف قسمن جي ماڻهن جهڙوڪ: سڪيءَ واري، پاڻيءَ واري ۽ هوائي فوج جي فوجين، منگلا ۽ اولهه پاڪستان جي ڪيترن ئي ضلعن مان لڏايل ماڻهن ۽ اوڀر پاڪستان جي بنگالين کي ٻني الاٽ ڪئي وئي. زمين جي سنوار ۽ آبادين جو وسڻ جاري رهيو. ڪوٽڙي سنڌ جو مٿاڇري تان پاڻي نيڪرسرشتي وارو پهريون بئراج هو - هڪ اهڙو مثال جنهن ڪاٻي ۽ ساڄي پاسن واريون ڇنڊڻون (آئوٽ فال ڊرين) ڊزائن ڪرڻ ۽ ناهڻ ۾ مدد ڏني.

ڪوٽڙي بئراج جا واهه

چار فيڊر واهه آهن، جيڪي هن بئراج مان نڪرن ٿا. انهن جا تفصيل هيٺين ٽيبل ۾ ڏنل آهن:

فيڊر جو نالو	ڊزائن مطابق پاڻي نيڪال ڪيوسڪن ۾	ڊيگهه ميلن ۾	ڀڃ ايراضي ايڪڙن ۾
لائينڊ چينل (اڪرم واهه)	3،713	76.2	487،347
نئون ڦليلي	15،026	59.8	929،358
پراڻو ڦليلي	13،636	56.48	786،353
ڪي. بي. فيڊر	100	58.38	637،041

ڪوٽڙي بئراج رٿا جون مکيه وصفون


- اڪرم واهه نالي هڪ سڄو نئون واهه نڪرڻ. منڍ وارو 38 ميل پاڳو اندران اَستر سان (لائينڊ).
- ڪينجهر، سونهري ۽ ڪجهه ٻيون ننڍيون ڍنڍيون ڦري هڪ وڏي ڍنڍ ٿيڻ، جيڪا هاڻ ڪينجهر ڍنڍ سڏجي ٿي، ڪل گنجائش 0.525 ايم. اي. ايف (ملين ايڪڙ فٽ) اٿس ۽ هر وقت 0.37 ايم. اي. ايف پاڻي هوندو اٿس.
- ڪينجهر ڍنڍ جو ساڄي ڪپ تي ريجاٽي سرشتي جو اٽُٽ پاڳو ٻڌڻ. ڪلري-بگهاڙ فيڊر (مٿيون) ڍنڍ ۾ ان جي اترئين ڇيڙي واري پاسي ڇُل وٽ ڇوڙ ڪري ٿو ۽ ڪلري-بگهاڙ (هيٺيون)، 6،954

ڪيوسڪ پاڻي نيڪال ڊزائن وارو، ڪينجهر ڍنڍ مان ڍنڍ جي هيٺئين يا ڏاڪٽئي ڇيڙي وٽان نڪري ٿو.

- 929.32 ميل نون واهن جي کوٽائي ۽ اڏاوت.
- 839،600 ايڪڙن لاءِ سڄو سال پاڻي رسائڻ ۽ پهچ هيٺ پوکيءَ جوڳي 1،967،200 ايڪڙ ايراضيءَ لاءِ سال جو ڪجهه وقت پاڻي رسائڻ.
- ساڄي ڪپ جي آبادگارن جي لَٽَ واري (لُڙيي) پاڻيءَ جي لڳاتار گهُر تي هڪ نئون ڳَنڍُ (لِنڪ) واهه 21.5 ميل ڊگهو، ڪينجهر ڍنڍ کان ٻاهران ٻاهران، ڪلري-بگهاڙ (مٿئين) مان ڪڍي، ڪلري-بگهاڙ (هيٺئين) سان ملائي 1970 ۾ وهايو ويو.
- پراڻن واهن جا 1،075 ميل نئينءَ سنئينءَ ڪري ٺاهڻ.
- ساليانو 0.354 ايم. اي. ايف پاڻي ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن کي ان جي گهريلو استعمال لاءِ رسائڻ.

ڪوٽڙي بئراج نيڪر رسد ٽيبل تي ڪجهه اهم انگ اکر

1.	رٿا جي ڪٿيل لاڳت (1980 واري پي. سِي. ون مطابق)	810.0 ملين رپيا
2.	بئراج جي درياءَ مان وڏ ۾ وڏ پاڻي نيڪال ڪرڻ واري رٿيل اهليت	0.875 ملين ڪيوسڪ
3.	بئراج مان ٻوڏ دوران پاڻيءَ جو وڏ ۾ وڏ نيڪال (1958)	0.981 ملين ڪيوسڪ
4.	بئراج جي ٻنهي پاسي وارين جهلن جي وچ تي ڊيگهه	2،984 فٽ
5.	ڪل اسپئن (وچ واري هڪ جهل کان ٻي جهل وارا ياڳا)	44
6.	اسپئن جي ويڪر (هڪ جهل کان ٻي جهل تائين)	60 فٽ
7.	پهچ هيٺ ڪل ايراضي	3.39 ملين ايڪڙ
8.	پهچ هيٺ پوکيءَ جوڳي ايراضي	3.013 ملين ايڪڙ
9.	ساليانی پوکي حاصلات (80-1979)	1.77 ملين ايڪڙ
10	واهن جي ڊيگهه	252 ميل
11.	اڏاوتن جو انگ	792



881. ڏاند گاڏي، جيڪا سنڌ ۾ ڪوٽ ڏيجي جُڳ کان 2000ع تائين سوارين ۾ سڀ کان سرس هوندي هئي، تڪڙي غائب ٿيندي پئي وڃي ۽ ان جي جاءِ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ٿوري پنڌ لاءِ رڪڙ جي ٽائرن وارا گڏهه گاڏا ۽ ڊگهي پنڌ لاءِ موٽر گاڏيون وٺنديون پيون وڃن. هلندڙ ڏهاڪي کان پوءِ ڏاند گاڏي عجائب گهرن کان سواءِ ڏسڻ ۾ نه ايندي.

باب چوٿيهون

گڊو بئراج رٿا

(1953_1962ع)

ڪوٽڙي بئراج رٿا کي چڱو اڳيرو ڪري وٺڻ کان پوءِ سنڌ سرڪار گڊو بئراج رٿا تي ڪم شروع ڪيو ۽ 1953 ۾ اي. آر. قاضيءَ کي رٿا جو انچارج مقرر ڪيو ويو. ڪوٽڙي بئراج تي ڪم پورو ٿي چڪو هو ۽ ان رٿا تان مشينري ۽ اوزار واندا ٿي چڪا هئا، تنهن هوندي به بيگاري-سنڌ فيڊر جي کوٽائيءَ تي ڪم کوٽائيءَ جي ننڍين مشينن سان شروع ڪيو ويو ۽ ڪالونين، روڊن، ريلوي لائينن وغيره جي اڏاوت وارا شروعاتي ڪم 54-1953 ۾ شروع ٿيا.

واٽر اينڊ پاور ڊويلپمينٽ اٿارٽيءَ (واپڊا) جي ٺهڻ تي رٿا واپڊا حوالي ٿي. گڊو واپڊا جي پهرين رٿا هجڻ ڪري اٿارٽيءَ جي ماٺهن جهڙوڪ انوقت واري چيئرمئن غلام فاروق ۽ ميمبرن غلام اسحاق خان ۽ سيال جو مٿس ڀرپور ڌيان رهيو، جن هن رٿا کي گهربل رفتار ڏيڻ جا سمورا قدم کنيا ۽ ڪمن ۾ اڳيرائيءَ واري وڪ تڪڙي ڪري ڇڏيائون. بئراج 1962 ۾ ٺهي راس ٿيو ۽ درياءَ جو ڇپاڙيءَ وارو ڦيرو مارچ 1962 ۾ آيو. ساڄي ڪپ جي واهن بيگاري-سنڌ فيڊر ۽ ڊيزرٽ-پَٽ فيڊر کي بئراج ذريعي ڪنٽرول ٿيندڙ پاڻي ترتيبوار مئي ۽ جولاءِ 1962 ۾ ملڻ شروع ٿيو. تنهن هوندي به گهوٽڪي فيڊر کي هيڊورڪس سان هڪ سال پوءِ ڳنڍيو ويو ۽ انهي بئراجي واهه تي وهڻ جون 1963 ۾ شروع ڪيو.


- بوسي (بنا پاڻيءَ ٿيندڙ) پوکن لاءِ ڪچو خريف فيڊر (22 ميل ڊگهو) نالي هڪ واهه ڪچي جي 22،873 ايڪڙ ايراضيءَ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ رٿا ۾ شامل ڪيو ويو.
- بلوچستان جي اٽڪل 0.6 ملين ايڪڙن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ پَٽ فيڊر نالي هڪ واهه رٿا ۾ شامل ڪيو ويو.
- هڪ نئون فيڊر واهه، صوبي ۾ وڏي ۾ وڏو، بيگاري-سنڌ فيڊر نالي (ڊيگهه 78.6 ميل) 14،764 ڪيوسڪ رٿيل پاڻي نيڪال سان وهايو ويو.
- نئين پَٽ فيڊر کي ڊيزرٽ واهه سان ڳنڍائي، گڏيل فيڊر کي ڊيزرٽ-پَٽ فيڊر سڏي، 13،275 ڪيوسڪ پاڻي نيڪال رٿي ۽ منهن ڏنو ويو.
- ڪاڇي ڪپ تي 37،026 ايڪڙ ڪچي جي ايراضيءَ کي 36 ميل بائجي، رانوتي ۽ قادرپور بچاءَ بند ڏئي درياءَ کان بچايو ويو.
- رٿا ۾ 405 ريگيوليٽرن، 643 پلين ۽ ٻين 722 ننڍين وڏن ڍانچن جي اڏاوت شامل هئي.
- نوان واهه ڳٽپ ۾ 179 ۽ ڊيگهه ۾ 1،040 ميل نئينءَ سنئينءَ ٺاهيا ويا.

فيڊرن جا انگ اکر ڏسيندڙ ٽيبل

فيڊر جو نالو	رٿيل نيڪال ڪيوسڪ	تري وٽ ويڪر	ڊيگهه ميل	پوک جو ڳي پوک ڀڇ (ايڪڙ) 000	پوک
بيگاري-سنڌ فيڊر	14،764	240	78.6	10.02	ساريون
ڊيزرٽ-پَٽ فيڊر	13،275	240	7.5	5.12	ساريون
گهوٽڪي فيڊر	8،490	193	79.6	8.57	وونئڙ

گڊو بئراج جون مکيه وصفون ڏسيندڙ ٽيبل

1. ورائي ڪٿيل لاڳت (1980) (ملين رپين ۾)	796.9
2. درياءَ جو وڌ ۾ وڌ رٿيل پاڻي نيڪال (ملين ڪيوسڪ)	1.2
3. ٻوڏ دوران وڌ ۾ وڌ پاڻي نيڪال (1976) (ملين ڪيوسڪ)	1.2
4. بئراج جي ڊيگهه (فٽ)	4،445 فٽ
5. ڪل اسپئن	64
6. اسپئنن جي ويڪر (فٽ)	60
7. ڀڇ هيٺ ڪل ايراضي (ملين ايڪڙ)	3.269
8. ڀڇ هيٺ پوکيءَ جو ڳي ايراضي (ملين ايڪڙ)	3.030
9. واهن جو رٿيل پورو پاڻي نيڪال (ڪيوسڪ)	36،529 ڪيوسڪ
10. ساليانی پوکي حاصلات (1979/80) (ملين ايڪڙ)	2.49
سمورن واهن، شاخن، ڊسٽريبيوٽرين ۽ مائينرن جي ڪل ڊيگهه (ميل)	2،604


نقشو نمبر 71
2500 ق.م ـ هاڻ تائين
سنڌوءَ ۽ هاڪڙي جا
برهمڻ آباد ـ منصوره ويجهو وهڪرا
سانچل هنگورو
قادر بخش
شيرخان
جان محمد آرادين
غلام حسين
اعظم خان
پڪتا
راهواري
پير سرور ڏڃڙا
چام صاحب
ميان
عارب خان
لال بخش پرڳري
جڪڙائو
پدروالي ڪوٽ
پوڙر
سلطان
هارون
منڙائو
شاهپور چاڪر
سنجراڻي
راوتياڻي
غلام حسين
مستي مُلان
واهندا
زڪيل شاهه
گوٺ مگهو مل
سنجهورو
سانگهڙ
جان محمد وساڻ
محبت
سويارو
سولارو
فضل
گوٺ غلام محمد
صاحب خان
پير غازي
ٻاڻي پريو راجپال
غلام پنيراڻي
جهول
رڪن پرڙا
شاهن رند
ڏامرٽي
حاجي قيصر خان
نارو پنيرو
منصوره قتل ماڳ
منگراڙي
اهرواڙي
مَنُو آباد
شهه بيگ مري
راجا مري
سُتياري
خير محمد وساڻ
ميرٿهيم
وڏامان
ڏنڙو
شير لغاري
صادق سيهلو
شادي پاٺوجو
ڪبائي
سومرو هيبت رزي
مقصودو
مُراد علي رند
تونچ ڏاهري
جبار ٿهيم
موهانانگر
ڏانم شاخ
ڏسٽي
1. شهر
2. دريائي وهڪرا
3. سنڌو ۽ هاڪڙي دريائن جا اٺين کان ڏهين صدي عيسوي دوران ممڪن وهڪرا
4. هاٿوڪا واهه
5. ريل
6. روڊ
7. منصوره
منصوره قتل ماڳ

باب پنجٽيهون

سکر بئراج ۾ آزاديءَ کان پوءِ ڪيل واڌارا ۽ سڌارا (1947_1985ع)

مکي بيلي ۾ سڌارا

هڪ وڏي ايراضي، اٽڪل 50،000 هزار ايڪڙ، مکي بيلي هيٺ هئي. آباديءَ جي دٻاءَ ۽ سرڪار جي وڏيڪ کاڌو اپائڻ لاءِ هلايل مهم هيٺ فيصلو ٿيو ته انهي ايراضيءَ تان ٻيلو وڍيو وڃي ۽ انهي کي فوجي ڪٽنبن جي بحاليءَ واري اسڪيم هيٺ بينڪ ڏاهيو وڃي. رٿ مطابق سماٽري نالي هڪ نئون واهه اڏيو ويو ۽ ٻن پراڻن واهن کي نئون سنئون ڪري ڏاهيو ويو. سکر بئراج رٿا مطابق خيرپور ضلعي جي روهڙي ۽ ناري تعلقن ۾ 23،000 ايڪڙ ايراضيءَ لاءِ پاڻي ناري مان ڪٽي ڏيڻ رٿيل هو.

سيٺارڪي ڊسٽريبيوٽري

پنجاهه واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ هڪڙي ٻي بينڪي اسڪيم، رٽائرڊ فوجين لاءِ، نوابشاهه ضلعي ۾ شروع ڪئي وئي ۽ 4،000 ايڪڙ ٻني سيٺارڪي ڊسٽريبيوٽري نالي هڪ نئين واهه ذريعي پاڻيءَ سان ڏني وئي، جنهن جو رٿيل پاڻي نيڪال منڊ وٽ 15 ڪيوسڪ ۽ ڊيگهه 14 ميل هئي. انهي کي 1979/80 ۾ 4 ميل وڌايو ويو، ته جيئن پڇڙيءَ واري ايراضيءَ تائين پاڻي پهچائڻ جي بهتر سهولت ڏئي سگهي.

ناري واهه تي ست واهه

بجلي نه هئڻ ڪري هن ايراضيءَ جي رڳو ڪجهه ڀاڱي تي نجي شعبي ۾ ڊيزل تي هلندڙ پاڻي چڪيندڙ پمپن ذريعي پوکي ٿي سگهي. انهي ڪري سنڌ سرڪار 55-1954 ۾ ست واهه اڏڻ واري هڪ رٿا شروع ڪئي: ٿي ناري واهه جي ساڄي ڪپ تي ۽ چار کاٻي ڪپ تي. هي واهه، جن جي پهچ هيٺ پوکيءَ جوڳي ايراضي 22،769 ايڪڙ ۽ ڪل ڊيگهه 30 ميل هئي، اڏيا ويا ۽ 1955 ۾ ناهي راس ڪيا ويا. بيگھڊيڊ جي ٽن وڏيڪ رٿائن کي 1954 ۾ وڌايو ۽ نئون سنئون ڪري ڏاهيو ويو ۽ علائقي کي بينڪ بڻايو ويو.

هن اسڪيم جي وڌايل ڀاڱي طور ٻه وڏيڪ واهه، جمڙائو واهه مان، سٺ واري ڏهاڪي جي وچ تي کوٽيا ويا. هنن کي ايڪس صدرَت-1 ۽ صدرَت-2 فيڊر ڪوٺيو ويو، 188 ڪيوسڪ پاڻي نيڪال ڏنو ويو ۽ اهي 56،000 ايڪڙ ٻنيءَ کي پاڻي پهچائڻ لاءِ کوٽيا ويا. مکي علائقي جي پوکيءَ جوڳي پهچ واري سموري 128،000 ايڪڙ ايراضي ريجاٽيءَ هيٺ آندي وئي، علائقا هيٺين ٽيبل ۾ ڏسيل آهن:

فيڊر واهه	پوکيءَ جوڳي پهچ (ايڪڙ)	رٿيل پاڻي نيڪال (ڪيوسڪ)
سماٽري	22،192	68.57
صدرَت-1	7،294	24.89
صدرَت-2	28،899	92.6
فيڊر ايڪس صدرَت-2	9،444	27.4
فيڊر ايڪس صدرَت-1	10،595	33.34
ڪل جوڙ	78،424	256.8

لفٽ چينل ڦڻ سال 68-1967، 73-1972 ۽ 82-1981 ۾ شروع ڪيا ويا. انهن رٿائن هيٺ ڪل 40 ميل ڊيگهه ۽ سمورو ملائي 188 ڪيوسڪ رٿيل پاڻي نيڪال وارا 13 واهه اڏي وڏيڪ 67،710 ايڪڙ ايراضي ريجاٽيءَ هيٺ آندي وئي.

ساڄي ڪپ تي سيوهڻ کان هيٺ شاهه اويس ۽ چار ٻيا واهه

سنڌوءَ جي ساڄي پاسي سيوهڻ ۽ ڄامشوري جي وچ تي کيرٿر جابلو

سلسلو آهي، جنهن ۾ ٽڪرين جي پاڙ وٽان لهنديڙ لاهوندي ميدان جي 90 ميل ڊگهي هڪ سوڙهي پٽي آهي. سکر بئراج سرشتي جي ساڄي ڪپ وارن واهن جي ريجاڻي ڄار جو ڇيهه سيوهڻ وٽ ٿئي ٿو ۽ هنن پليـن ٻـنيـن لاءِ ريجاڻيءَ جو ڪو پاڙڻ جوڳو ذريعو نہ هو. ڪيئن بہ، پر هي لاهوندو ميدان نہ تہ سنڌوءَ مان ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ ڇر جو پاڻي ملڻ جهڙو هو ۽ نہ وري ڪيرٿر جبل جي ڏارائن مان ڇنتو مينهن وسڻ وارن ڏينهن ۾ بہ پاڻي ملڻ جهڙو هو.

سال 55-1954 ۾ سنڌ سرڪار شاهہ اويس پمپنگ اسڪيم نالي هڪ رٿا شروع ڪئي، جنهن جو منڍ سيوهڻ وٽ هو. 44 ڪيوسڪن جا ٽي پمپ ٻيڙين تي جَڙيا ويا، جيڪي خريف جي مند ۾ 392،19 ايڪڙ آباد ايراضيءَ جي ريجاڻيءَ لاءِ 83 ڪيوسڪ پاڻي ڏيندا هئا. انهي جي ڪامياب ٿيڻ ڪري انهي جهڙيون چار وڌيڪ پمپنگ اسڪيمون ساڄي پاسي سيوهڻ کان هيٺ هلايون ويون آهن.

دانِسترواهہ

دادوءَ جي پڇڙيءَ واري پهچ پاڻيءَ جي سخت کوٽ جو شڪار رهندي پئي آئي. مکيہ ڪارڻ هئا: فصلن جو مَنجهڻ - خاص ڪري دادو واهہ جي مٿين پهچ واري علائقي ۾ بوسي (بنا پاڻيءَ ٿيندڙ) پوکن جي جاءِ تي ساريون ٿيڻ - ۽ منظور ٿيل 2.7 ڪيوسڪ في 1،000 ايڪڙ اٽپورو پاڻي، جيڪو سنڌ جهڙي سوڪ آبهوا ۾ خريف جي بوسي پوکن کي رڳو 22 سيڪڙو ۽ ربيع (سياري) جي پوکن کي 43 سيڪڙو اوپڙ (تڪڙو قُٽڻ قَرڻ جي سگهہ) ڏيندو آهي. پڇڙين تائين پڻ پاڻي نہ پئي پهتو. سيوهڻ ۽ بوبڪ واري علائقي جي آبادگارن جي گهُر کي آڏو رکندي دانِستر واهہ کي، جيڪو هڪ پراڻو آب ڪلاٽي واهہ هو، سڌو منڇر مان، پر سکر بئراج رٿا دوران بند ڪيو ويو هو، 1972 ۾ بحال ڪيو ويو. درياءَ جي ٻوڏ بچاءَ بند ۽ منڇر جَهل بند جي وچان هڪ 12 ميل ڊگهو واهہ ٻنهي ڇيڙن تي ريگيوليٽرن سان ۽ 50 فٽ ويڪري هڪَ کَري تري سان، دانِستر واهہ جي ڇڏيل پيٽ مان کوٽيو ويو. ڦٽو واهہ، دانِستر مان، کوٽي دانِستر جو لاپ وڌايو ويو آهي.


پورو سرشتو رڳو پاڻي ڇڪي ٻنين کي ڏيڻ جي سهولت ڏئي ٿو. واهہ سانوڻيءَ ۾، گهٽي پاڳي سالن ۾، درياءَ کان منڇر ڍنڍ ڏانهن وهندو هو ۽ منڇر کي وڌيڪ ڀرڻ ۾ مدد ڏيندو هو ۽ سياري ۾ اهو منڇر ڍنڍ مان پاڻي ڪٽي ٻنين تائين پهچائيندو هو. پر ويجهڙ وارن سوڪهڙن ۾ منڇر کي نہ سنڌو درياءَ مان ٿو پاڻي ملي ۽ نہ مينهن ڏارائن مان ۽ علائقو سُڃ ٿي ويو آهي.

ماتلي برانچ (79_1978)

دادو ڊسٽريبيوٽريءَ وانگر روهڙي ڪئنال سرشتي جي پڇڙي، خاص ڪري حيدرآباد-ماتلي علائقي ۾، ريجاڻي پاڻيءَ جي سخت کوٽ پيو ڀوڳيندي پئي آئي. هي علائقا، جيڪي ڪنهن زماني ۾ ڇهچ ساوا هوندا هئا، سجا ٿي چڪا هئا. هن علائقي جي ڪوڙ سارن آبادگارن جي حالت سڌارڻ لاءِ سرڪار 1978/79 ۾ ماتلي برانچ رٿا منظور ڪئي، جنهن هيٺ هڪ واهہ سڌو ڦليليءَ مان ڪڍي ۽ نڙن ذريعي اڪرم واهہ ٽپائي ٻارڻ جي پڇڙيءَ تي آباد علائقن، خپر، سومرَڪ، ٽنڊي غلام علي ۽ پُوهڙي وغيره کي پاڻي پهچايو ويو. ساڳئي نموني سڌو ڦليليءَ مان ٻہ لفٽ چينل، نڙن وسيلي اڪرم واهہ مان پاڻي ٽپائي وجڻ وارا، محمد خان ڊسٽريبيوٽري ۽ سيري فضل مائينر جي پڇڙيءَ وارن علائقن لاءِ اڏيا ويا آهن.

شاهہ لطيف مائينر

سنڌ جي اولاهين ٽڪرين (ڪوهستان) جي مينهن تي وهندڙ نئيُن جو اثر اڄ سوڌو محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهي هر سال طوفاني يا ٽڪي وهڪري واري ٻوڏ آڻينديون آهن ۽ ٽڪرين کي روڙي ڄهجهو لَٽُ ساڻ ڪٽي آڻي ميدان علائقن ۾ سَٽينديون آهن. الهندي سنڌ ۾ جابلو ماٿريءَ واريون ٻنيون نج پڇ انهن ٽن درجنن کان وڌيڪ ڌارائن جو ئي دان آهن. هنن منجهان وڏيون آهن اتر سنڌ ۾ مُولا، مزاراڻي، سيتا ۽ گاج، جنهن کي ٽيڪ پرائيندي آهي بلوچستان جي بولان. ڪنهن زماني ۾ بولان، منڇر ڍنڍ رستي، سنڌوءَ ۾ هاڻوڪي سيوهڻ شهر جي ڏکڻ-اوڀر پاسي وٽ ڇوڙ ڪندي هئي. ٻيون ڌارائون بولان جون سهڪاري هيون. 9,000 کان 4,000 سال کن اڳ انهن هڪ ٻارهو وهندڙ ڌارا ٺاهي ڇڏي هئي. اولهه پاسي کان ايندڙ هنن سهڪاري نئيُن پاران لَٽُ آڻي سَٽڻ سبب اها ڌارا اڀرندي پاسي رڙهندي وئي. اها ڌارا سڌو سنڌوءَ ۾ پاڻ ۾ پڻ سيوهڻ کان گهڻو مٿان ڇوڙ ڪري سگهي ها، پر نه پئي ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ جي هڪ ٻارهو وهندڙ الهندي ڇاڙهه، جنهن ۾، مينهن واچ جي زور وارن ڏينهن کي ڇڏي، هن کان گهڻو وڌيڪ پاڻي هوندو هو. سنڌوءَ جي اها الهندي ڇاڙهه سنڌوءَ جي مُک ڌارا کان ڪجهه پنڌ وٿي رکندي پئي آئي. نيڪر نيندي نيندي هنن هڪ ٽڪي توري

ٺاهيل گس سان، جيڪو سنڌ ڪَسُ (Sindh Hollow) ڪري ڄاتو وڃي ٿو، ڍورن ۽ تراين جو هڪ سلسلو ٺاهي ڇڏيو. ڳڙهي خيري ۽ شهدادڪوٽ کان هيٺ واريون ترايون ۽ حمل ۽ منڇر ڍنڊون انهي نيڪر جي ئي تخليق آهن.

سيوهڻ کان هيٺ وڏيون سهڪاري نئيُون آهن: سن، ٻارڻ، ڪَلُو ۽ جنگشاهي. جيتوڻيڪ اهي سڄو سال ناهن وهنديون، پر اڪثر سالن ۾ 100,000 ڪيوسڪن جو وڏ ۾ وڏ نيڪر آڻينديون آهن ۽ سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن. جنهن ڇتي انداز ۾ اهي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن، تنهن جو اندازو هنن حقيقتن مان لڳائي سگهجي ٿو:

- سن جو شهر سنڌوءَ جي اولاهين بند تي ٻيٺل آهي، پر شهر سنڌوءَ جي پائُڪَ کان ڪيترن سون سالن کان بچندو آيو آهي. درياءُ اولهه پاسي رڳو ڪجهه فٽ به وڃي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته سن ويجهو سنڌو درياءَ ۾ ڇوڙ ڪندڙ سن نئن درياءَ جي پرين ڪنڌيءَ کي ڪائي پاڻيءَ کي پرتي ڌڪي ڇڏيندي آهي. انهي جي ڇوڙ ڪرڻ مهل سنڌوءَ جو ميرانجهڙو پاڻي رڳو اوڀارين پَر تي ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ اولاهين پر تي رڳو سن نئن جو لُڙاٽو ناسي پاڻي هوندو آهي.
- لڳ ڀڳ ساڳيو ئي ڪم ٻارڻ جو سنڌوءَ تي اونگر ويجهو آهي ۽ ٻارڻ جي ٿورن سان ئي جهرڪ شهر سنڌوءَ جي پائُڪَ کان 2,000 سالن کان بچندو آيو آهي.
- ڪينجهر ڍنڍ کي روڏ ۽ ڪَلُو مينهن ڌارائون سنپالينديون پيون اچن، جن درياءَ ۾ وڃي پوڻ کان پهريان مٿي روڙي اها ترائي ٺاهي هئي.
- جنگشاهي نئن به ساڳيو ڪم ڪيو ۽ ڪلري ۽ هاليجي ڍنڍن واريون ترايون ٺاهيائين.

لوڻي ۽ اوڀر وارين ٻين ڌارائن جي ڪهاڻي به گهٽ ڊرامائي ناهي. انهن سنڌ جو هاڻوڪو اوڀاريون ٿر سڏجندڙ رڻ ۽ هند مهارِڻ جو ڀاڱو، ڌرتي جوڙَ جُڳن دوران جوڙيو. دِرشادَوَتي-سَرَسوَتي سلسلو پلائيسٽوسين جُڳ دوران لوڻيءَ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. انهي وچولي پلائيسٽوسين جُڳ دوران هاڻوڪي

هاڪڙي درياءَ ۾ عمرڪوٽ ويجهو ڇوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پلائيسٽوسين جُڳ جي پڇاڙيءَ ۾ ڍنڍين جي مَڪي-فراش-چوٽياري سرشتي ۾، ۽ اتان پوءِ هاٽوڪي هاڪڙي رستي سمنڊ ۾. 10،000 ڪن سال اڳ انهي پنهنجو بيڪانير ۽ بهاولپور جي وچان سکر ضلعي ڏانهن، اتان وري هاٽوڪي ريٽي ۽ هاڪڙي يا اپرندي ناري کان ڪوري ڪاريءَ وارو بلڪل پڇاڙڪو وهڪرو شروع ڪيو. اوپر پاسي هند مهارڻ ۽ اوله پاسي سنڌ جي ڪوهستان سان سنڌ جو وچيون پاڳو سنڌوءَ لاءِ بچيو، تہ جيڏانهن وٽيس اوڏانهن وجي. سنڌوءَ سنڌ ۾ گهڙندي گهٽو ڪري سدائين هڪ الهندي چاڙهہ پئي چڙهي آهي، جيئن اڳ ٻڌايو ويو آهي، ۽ اتر سنڌ ۾ گهٽو ڪري اپرنديون چاڙهون نہ هونديون هئس، سواءِ گهٽ ۾ گهٽ 5،000 سالن کان 1،000 سال اڳ جي، جڏهن هڪ اپرندي چاڙهہ چڙهيائين، جيڪا الور گارج مان لنگهي اپرندي مير واهہ واري لنگهہ سان ڪوٽ ڏيجي ڏانهن وئي ۽ اتان پوءِ ڏکڻ.

سنڌوءَ جي وچين ۾ مُک ڌارا سدائين سکر جي اولاهين پاسي وهندي رهي ۽ اتان مڙي هاٽوڪي خيرپور ضلعي واري وهڪري جي آرپار ۾ گهٽو ڪري هاٽوڪي وهڪري کان 10-15 ميل اوپر ۾ وهندي رهي. سڪرنڊ جي اوله کان اوپر واري هاٽوڪي سَنڌي کان هيناں سنڌوءَ پنهنجي ڇوڙَ-بيٺاري (ڊيلٽا) جو منڍ شروع ڪيو ۽ گهٽو ڪري ہہ يا ٽي ڇوڙَ-چاڙهون پئي چڙهيون. وري انهن منجهان هر هڪ سمنڊ ڪنڌيءَ ويجهو وڃي ہہ يا وڌيڪ چاڙهون پئي چڙهيون. گذريل سمورين صدين ۾ سمنڊ ڪنڌيءَ ويجهو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندڙ وڏين ڇوڙَ-چاڙهن جو انگ پنجن کان اٺ هو.

جيئن تہ سنڌوءَ جي ميدانن ۾ لاهونديون في ميل اٽڪل اٺ انچ آهن، سو ان لاهونديءَ تي پاڻي ايترو تہ ڍرو وهي ٿو، جو درياءَ پنجاب ۽ خيبر پختونخوا مان آندل لَٽُ، جتان اهو ميدانن ۽ ٽڪرين جون لاهونديون گهٽيون هجڻ ڪري روڙي اچي ٿو، ويهارڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي. لَٽُ ويهڻ سان درياءَ جو پيٽ پر واري علائقي کان مٿي کڄي ويندو آهي ۽ پوءِ اهو نئون وهڪرو ناهڻ لاءِ ٽٽندو آهي. وهڪرا جتادار ناهن هوندا، پر جيڪڏهن درياءَ کا گارج ڪيي وڃي تہ اتي گهٽو ڪري ڪيترين صدين تائين ڄمي ويندو آهي. سنڌوءَ جون سنڌ ۾ مشهور گارجون هي آهن:

- **الور گارج:** جتان سنڌو گهٽ ۾ گهٽ 5،000 کان 1،000 سال اڳ دوران وهندو رهيو.
- **بکر گارج:** جنهن جي وچان سنڌو پنين 1،000 سالن کان وهي پيو.
- **ڪوٽڙي-حيدرآباد گارج:** جنهن مان سنڌو 1758ع کان وٺي وهي پيو.
- **ساموئي گارج:** جنگشاهي ۽ مڪلي ٽڪرين جي وچ تي. انهي کي درياءَ 1333 ۽ 1350ع جي وچ تي ڇڏي ڏيو.
- **پنيور گارج:** پنيور شهر ۽ ساماهون پرين پَر تي هرجينيا لوڻ کاڻ واري ٽڪر جي وچان. هيءَ گارج 325 ق. م ۽ 1228ع جي وچ تي موجود هئي ۽ ٽي سگهي ٿو درياءُ کيس 1300ع ڌاري ڇڏي ويو هجي.
- **پير پٺو گارج:** جيڪا سنڌوءَ جي بگهاڙ چاڙهہ جو پاڻي 1،000ع کان وٺي وري وري ڪٽندي رهي ۽ نسبتن غير اهم هئي.
- **اڙل واهہ گارج:** جيڪا سنڌوءَ جي الهندي چاڙهہ منڇر ۽ ٽاڪرو ڌارائن جو پاڻي لنگهڻ ڏيندي هئي. هن کي سيوهڻ ۽ پگهو ٽوڙو ٽڪرين جي وچ تي هڪ پڪي گارج منجهان نئون منهن ڏنو ويو آهي.

گارجون درياءَ ۽ ان جي چاڙهن کي صدين تائين ڄمائي بيهاري ڇڏينديون آهن ۽ انهن هنڌن تي پڪيون وسنديون وسڻ شروع ٿي وينديون آهن. وسندين کان سواءِ، سوڪ آبهوا وارن علائقن ۾، سدائين پاڻي ملندو رهڻ وارن هنڌن تي، پاڻيءَ جي پوڄا جا مرڪز وسندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ اهي ماڳ پَوِتر بڻجي ويندا آهن.

پٿر جُڳ ۾ انساني وسنديون

روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ هڪ ٻنيهہ ايڪڙن تي پکڙيل پٿر جُڳ جي اوزارن جو ڪارخانو آهي. هن ماڳ تان لڌل اوزارن جو هڪڙو قسم اڄ کان 500،000 سال آڳاٽو آهي، پر ڪيترا اهڙا بہ آهن، جن کي آخري پٿر جُڳ جي اوزارن (35،000 کان 10،000 ق. م) ۽ پٿري (ننڍڙو پٿر) جُڳ جي اوزارن (10،000 کان 2،500 ق.م) وارين ڪئٽيگرين ۾ رکيو ويو آهي.

هن علائقي جا اوزار اُپن شاهہ، شهنشاهہ بلوچ ڳوٺ ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ ويجهو ڪوٽ ڏيجي ٽڪرين ۾ انڙ فارم تان پڻ لڌا آهن.

اوزارن جو هڪ مخصوص قسم، جنهن ۾ مڇي مارڻ جا اوزار پڻ شامل آهن، پڻ حيدرآباد-ٺٽو روڊ تي حيدرآباد کان اٽڪل پنجويهہ ميل پنڌ تي هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان لڌا آهن. هنن سمورن ماڳن جي اوزارن منجهان ڪجهہ پٿري جُڳ وارا پڻ آهن، جيڪي 10،000 ق. م کان پوءِ پڌرا ٿيا ۽ سنڌو ثقافت جُڳ دوران ٽامي جي اوزارن جي اچڻ تائين ڪم ايندا رهيا.

سنڌ ۾ 6،500 کان 3،500 ق.م دوران انساني وسنديون

پڪيون وسنديون وسڻ جي شروعات بولان نئن تي سبيءَ کان 10 ميل ڏکڻ-اوله پاسي مهرڳڙهہ ۾ 6،500 ق. ۾ زراعت جي اچڻ سان ٿي. بولان نئن انهن ڏينهن ۾ سنڌ ڪَسَ (Sindh Hollow) جي وچان لنگهي منڇر ڍنڍ ۽ اتان پوءِ اڙل رستي سنڌو درياءَ ۾ وڃي پوندي هئي. بولان جو منڇر ڏانهن ويندڙ پراڻو وهڪرو ماڳن جو هڪ سلسلو پڌرو ڪري ٿو، جن جي جيئوٽيڪ کوٽائي نہ ٿي آهي، پر اهي هن علائقي ۾ انساني وسندين ڏانهن اشارو ڪن ٿا. هي ماڳ سنڌ تائين پکڙيل آهن.

3،500 کان 3،000 ق.م يا آمري يا اوائلي سنڌو ثقافت جُڳ دوران انساني وسنديون

آمري، اولاهين ٽڪرين جو پاڻي منڇر ڍنڍ کان سنڌو درياءَ ڏانهن

نيندڙ اڙل واهه تي، هڪ اهم وسندي آهي. هن جا همعصر ماڳ بولان-منڇر نيڪر تي علي مراد، ٽنبو رحيم خان، غازي شاهه ۽ شاهه حسن آهن.

منڇر ڍنڍ، پنهنجي سر پاڻ شڪارين جي هڪ جنت، انسان هتان گهڻو آڳاٽن وقتن کان وٺي استعمال ٿيندي هئي، نه رڳو مڇيءَ جي 200 کن قسمن لاءِ، پر ٻاهرن کان وڏيڪ قسمن جي پرڏيهه مان ايندڙ پکين لاءِ پڻ، جيڪي سياري جي مند ۾ سائيبيريا مان ۽ روس جي ٻين ڏنڍن تان ايندا هئا.

ٽالمي جي نقشي (150ع) ۾ ڏيکاريل سنڌ جون وسنديون ۽ سندس ويڪرائي ڦاڪن ۽ ڊگهائي ڦاڪن ليکي انهن جا ممڪن نالا

ٽالمي وارا نالا	اڄوڪا ٽي سگهندڙ نالا
اَسِيگراما	اُڇ
پَسِيپيدا	سيوهڻ
پَرِيسي	سنڌ جو ڪوهستان
اوسڪانا	آگزِيڪينَس (ماهوتا)
مُوسرنا	مُوسِيڪانا (مُوسِيڪينَس جو ملڪ)
بِيناگرا	الور
ڪِيمِيگرا	الور جي اتر ۾ درياءُ
ڪلاڪا	ڪروڪلا (اُپن شاهه؟)
باربيري	باربيريڪان (پنيور) ۽ 300ع ڪان وٺي اڄ تائين ديبل
اؤرِندا	وڃڻوٽ
پسڪا	ڏامراهو ۾ ٻوڏي ٿُل
پٽالين	سنڌوءَ جو ڇوڙ-ٻيٽارو (ڊيلٽا)
اَرِبتا	ڪوهستان جو ڪيرٿر جابلو سلسلو
سِراسترين	سنڌ نارِ (هاٽوڪو رڻ ڪڇ)
انبو-سائٿيا	سنڌ (ملتان تائين)
پٽالا	برهمڻ آباد
پَسِيپيدا جي ڏکڻ ۾ درياءُ	اڙل

3,000 کان 2,300 ق. م دوران اهم وسنديون

هڪ اهم وسندي، ڪوٽ ڏيجي، سنڌوءَ جي الور گارج مان لنگهندڙ ڇاڙهه تي هئي.

ساماٽل سنڌو ثقافت جون وسنديون (2,300_1,650 ق. م)

هنن جي نمائندگي موهنجو دڙو ڪري ٿو ۽ هي ساماٽل سنڌو ثقافت جا ماڳ ليکجن ٿا، هنوقت سنڌوءَ جي ڇاڙهن تي هيٺين هنڌن تي آهن:

- **جُڏير جو دڙو:** بولان-منڇر نيڪر تي بلوچستان ۾.
- **ليمي جوڻيجي جو دڙو:** سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه تي.
- **وڃڻوٽ:** دِرشادوَتِي-سَرَسوَتِي-هاڪڙو دريائي سرشتي تي.
- **موهنجو دڙو ۽ لُهَمر جو دڙو:** اتر سنڌ ۾ سنڌو درياءَ جي مُک وهڪري تي.
- **پانڌي واهي، علي مراد، ٽنبو رحيم خان، غازي شاهه، شاهه حسن، سيوهڻ ۽ آمري:** بولان-منڇر-اڙل نيڪر سرشتي تي.
- **ڪوٽ ڏيجي:** سنڌوءَ جي الور مان لنگهندڙ ڇاڙهه تي.
- **پوڪڻ، ٽڙنگ، ڪجور، شاهه جو ڪوٽڙيو، ڪوهتراش، عارب جو ٿاٽو، عثمان ٻُٺي، جهنگڙي، ٻڇاٽي ۽ ڏِسوئي:** سنڌوءَ جي هڪ سهڪاري ٻارڻ تي.
- **نوهٽو:** دِرشادوَتِي-سَرَسوَتِي-هاڪڙو دريائي سرشتي تي.

ريٽي-هاڪڙو-دِرشادوَتِي-سَرَسوَتِي سرشتي جي پاسن سان سکر ۽ خيرپور ضلعن ۾ اڻ ڇڪاسيل ماڳن جو هڪ وڏو انگ.

پرڪندڙ سنڌو ثقافت دوران وسنديون


- **جهُڪر:** سنڌوءَ تي.
- **جهانگار:** منڇر ڍنڍ تي.

سنڌ ۾ 500 ق. م کان 200 ق. م دوران وسنديون

- **الور:** الور گارج تي سنڌوءَ جي اڀرندي ڇاڙهه تي ۽ مُوسِيڪينَس جي راڄڌاني.
- **ماهوتا:** سنڌوءَ جي مُک وهڪري تي.
- **پٽالا** (برهمڻ آباد): جنهن جي ڳالهه 450-400 ق. م ڌاري لکيل پاٽيٽي جي سنسڪرت ٻوليءَ واري گرامر ۾ برهمڻڪا سڏي ڪيل آهي، سنڌوءَ جي اڀرندي ڇاڙهه تي هو.
- **سکر:** سنڌوءَ جي مُک وهڪري تي، پاٽيٽيءَ هن کي ساڪارا ڪري ٿي ڄاتو.
- **سڪندري بندرگاهه** (پنيور يا باربيريڪان): سنڌوءَ جي الهندي ڇوڙَ-ڇاڙهه تي.
- **سيوهڻ:** بولان-منڇر-اڙل نيڪر جي اڙل ڇاڙهه تي.

سنڌ ۾ 200 ق. م کان 100ع دوران وسنديون

- **الور:** الور گارج تي سنڌوءَ جي اڀرندي ڇاڙهه تي.
- **سَدُوسڻ** (سيوهڻ): سنڌوءَ جي اڙل ڇاڙهه تي.



نقشو نمبر 72
100 _ 750ع
سنڌ جا شهر
ڏسٽي
1 انوقت موجود شهر
2 انوقت قتل شهر
3 سنڌوءَ جو هاڪڙو وهڪرو
4 750 — 100ع ۾ سنڌوءَ جا وهڪرا
5 نوان شهر
سکر
6 پراڻن ماڳن تي نوان شهر
قلات
جُڏير جو دڙو
قندابيل
جهان
ليمي جو دڙو
هاڪڙو وهڪرو
سنڌو درياهه
ماٿيلو
لڪاٽي
وجهوٽ
دربَ ڏيتاڙي
سکر
هڪڙا
ماهوٽا
الور
ليلان جي ماڙي
جهُڪر
ٽر
ڏامراهو
ڪوٽاسر
ڪوٽ ڏيجي
قصدار
موهن جو دڙو
اتر
دربيلو
لوهم جو دڙو
نارو
ٽل مير رُڪڻ
پانڊي واهي
علي مراد
سيوهڻ
سيسام
ڪوٽ لالو
ٽنڊو رحيم خان
لڪي
غازي شاهه
گوڙانڊي
آمري
ارميل (لسپيلو)
ننڱ
ڪاٽي
چانهُو دڙو
احمد بند
پانڊٽي
چوُرو
ڏلهه
ڏيپر گهانگهرو
بهلور
بهمڻ آباد (منصوره)
پوڪراڻ
ٽوڻگ
(ڏليا)
ميرپورخاص
جهنگڙي
ٻولهاڙي
حيدرآباد
(نيرون ڪوٽ)
ڏسوئي
امرڪوٽ
اورنگي
جهرڪ
سُڏيرڻ
راوڙ
اميلاٽو
ٻڌ جو ٽڪر
ڪافرڪوٽ
منجاٻاري
(منگهوپير)
جهمپير
ديبل
ڪراچي
ٽري (گجو)
ڪوٽ ناٿيلو
شاهه حسين
نئون ڪوٽ
پاري نگر
ويراواهه
سامونڊي ڪنڌي 750ع ۾
پير پٺو
سنڌو
نگر پارڪر
پوڏيسر
عربي سمنڊ
ڪڇ نارِ
هاڻوڪي سامونڊي ڪنڌي
ڪاڇو
ڪڇ بيٽ
150ميل 100 50 0

- **مِيناگرا يا پتالا يا بِيناگرا:** سنڌوءَ جي اپرندي چوڙَ-ڇاڙهه تي.
- **باربيريڪان** (ٻنبور): سنڌوءَ جي الهندي چوڙَ-ڇاڙهه تي.
- **عربي سمنڊ:** ايرِيٿرائي سمنڊ (ڳاڙهو سمنڊ) سڏبو هو.
- **رني ڪوٽ قلعو:** سڪيءَ ۽ درياءَ رستي حملن کان بچاءَ لاءِ، سنڌوءَ جي وهڪري کان 35 ميل پري اولهه پاسي اڏيو ويو.

100 کان 750ع، سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه ۽ بولان-منڇر-اڙل نيڪر تي شهر

- ليمي جو دڙو، ليلا جي ماڙي، پانڌي واهي، سِيسام (شاهه حسن)، ٽنڊو رحيم، غازي شاهه، علي مراد، سيوهڻ، ڏامراهو ۽ ماهوٽا.
- الور گارج مان لنگهندڙ سنڌوءَ جي اپرندي ڇاڙهه تي شهر: لِڪاٽي، ماٿيلو، هَڪڙا، ڪوٽاسر ۽ ڪوٽ ڏيجي.
- سنڌوءَ جي مُک وهڪري تي شهر: ساڪارا (سکر)، درٻيلو، نُل مير رُڪڻ، ڪوٽ لالو، ڏيپر گهانگهرو ۽ برهمڻ آباد.
- سنڌوءَ جي اپرندي چوڙَ-ڇاڙهه يا اپرندي پُراڻ تي شهر: ڏليا (ميرپورخاص).
- هاڪڙي (سنڌوءَ يا ستلج جي اُتل) تي شهر: وجهوٽ، ٿر، امرڪوٽ ۽ نئون ڪوٽ.
- سنڌوءَ جي الهندي چوڙَ-ڇاڙهه تي شهر: سڏيرڻ جو دڙو، راوڙ، ٻڌ جو ٽڪر، ڪِڙڪوٽ، شاهه حسين، ٽري ڳُجو، پير پٺو، جهرڪ ۽ نيرون (نيرون جو هنڌ حيدرآباد ناهي، پر انهي کان 10 يا 15 ميل ڏکڻ پاسي ۽ ٽنڊي محمد خان کان مٿئين پاسي گنجي ٽڪر جي پاڙ ۾ ٽڪرين جي ڏاکڻي ڪور تي ڪو هنڌ ٿي سگهي ٿو). درياءَ سورهن ميلن کان وڌيڪ اوپر پاسي پئي وهيو، ان جو پاڻي نيرون تائين پهچڻ ممڪن نه هو، ڇو ته زمين جي لاهوندي ابتڙ هئي. تنهنڪانسواءِ حيدرآباد شهر ۽ ان جي پر پاسي ٿيل وڏي پئماني تي ڪوٽائيءَ مان پڻ ڪنهن آڳاٽي وسنديءَ جا اهڃاڻ نه مليا آهن.
- ٻارڻ نيڪر سرشتي تي شهر: تؤنگ، پوڪڻ، جهنگڙي ۽ ڏِسوئي.
- عربي سمنڊ انهن ڏينهن ۾ بحر فارس (ايراني سمنڊ) سڏبو هو، ڇو جو ايران جا واپاري جهاز سمنڊ تي ڇانيل هئا.

700 کان 1000ع دوران وسنديون

سڪار وارن ڏينهن دوران سنڌو درياءَ ٻيهر پير ڄمايا هئا ۽ سنڌ جي زرعي معيشت تي تمام گهڻو مهربان ٿي ويو هو. سنڌوءَ جو هڪ اپرندو وهڪرو اٽڪل 1000ع تائين الور گارج مان پئي لنگهيو، تڏهن درياءَ سچو بکر گارج مان لنگهي بگهرور (روهڙي ۽ بکر-سکر) کي اهميت ونرائي ڇڏي هئي. سنڌو درياءَ جي الهندي ڇاڙهه، جيڪا بيگاري واهه جي پيٽ تان پئي نڪتي ۽ سنڌ ڪَسَ مان پئي لنگهي، تنهن پڻ شڪارپور ضلعي ۾ رستم ويجهو الهندي ناري جي پيٽ تان هڪ ڇاڙهه ڇڏي ۽ پاڻ پنهنجي ماءُ ڇاڙهه سان ڪَڪَڙ ويجهو وڃي گڏي ۽ اتان پوءِ منڇر ڍنڍ ڏانهن هلي وئي. مُک ڌارا تي بکر گارج ڇڏڻ کان پوءِ نُل مير رُڪڻ ۽ ڪلاري هئا ۽ اها هاڻوڪي نوابشاهه جي اولهه ۾ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ويجهو لنگهندي هئي. انهي پڻ اولهه پاسي هاڻوڪي روهڙي ڪئنال جي پيٽ تان ڪنڊياري کان سعيدآباد تائين هڪ منگلي ڇڏي هئي.

ڏکڻ سنڌ جي اپرندي چوڙَ-ڇاڙهه نُل مير رُڪڻ جي اتر وٽان هلي ۽ برهمڻ آباد انهي کان اولهه ۾ هو. انهي اپرندي پُراڻ ۾ وڃي پيچڙي ڪئي. مُک ڇاڙهه جهرڪ کان ٽيهه ميل کن اوپر ۾ ورهائجي پئي وئي ۽ انهي جي الهندي چوڙ-ڇاڙهه گُجي ۽ ديبل ويجهو پئي لنگهي. مُک ڇاڙهه لڳ ڀڳ هاڻوڪي وهڪري سان پوروچوٽ پر ٽيهه ميل اوپر ۾ پئي هلي. سنڌوءَ جي ڪوڙ سارين ڇاڙهن زرعي تيزي ۽ خوشحالي آندي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ هبارين جو آزاد راڄ گهراڻو اسريو.

باربيرڪان جو واپار حقيقت ۾ 100ع ڌاري واپاري وائن جي ليبي پوڻ ۽ ڳاڙهي سمنڊ کان هندستاني ساموندي ڪنڌين وارن بندرن تائين سڌو واپار هلي پوڻ ڪري گهٽجي چڪو هو. انهي کي وري اهميت اتي ايراني يهودين جي آباد ٿيڻ ڪري ملي ۽ ساساني سلطنت جي اسرڻ سان سنڌ سان باربيرڪان (جنهن جو نالو يهودين جي سِنگاگ يا ديول جي ڪري ڦري ديبل ٿيو) رستي واپار ۾ واڌارو آيو. سنڌ سان واپار جي نتيجي ۾ ٿر مان پڻ مال سنڌ نارِ تي نهيل نندڙي بندر پاري نگر رستي پرڏيهه وڃڻ لڳو. هن بندر تان واپار گهڻي ڀاڱي پاري نگر ويجهو لوڻ ڪاٽين مان نڪرندڙ لوڻ جو ٿيندو هو ۽ انهي کان سواءِ ٿر جي ڳائي، ماهيي، اوٺي، ريڍي ۽ ٻاڪري مال ۽ ديبل مان سنڌوءَ جي پَٽن جي سوٽي ڪپڙي، چانورن، نِير ۽ تيلي ٻجن جو واپار پڻ ٿيندو هو. ڪڌ ايران ڏانهن دوا تي ويندي هئي ۽ پُست مان نهندڙ شيون، آفيم سميت، پڻ دوائون تي ويندي هيون.

هن بندر تان ڏيساور ويندڙ ڪوهستان جو مال

سنڌ جو وڏو ڌرم ٻڌ مت هو ۽ ٿر ريگستان جي ڏکڻ-اپرندي وارن پاڳن جو جين مت. واپار واپاري طبقي کي سکيو ستابو بڻايو، جن ڀوڏي نُل ۽ جيني مندر اڏڻ لاءِ دان ڏنو. ويراواهه ۽ نگرپارڪر پڻ سنڌ نارِ مٿان وڌيا ويجهيا، جنهن کي پڻ پاڻي لوٽي درياءُ رسائيندو هو. ڪيترن ئي نون شهرن جو وسڻ سنڌو درياءَ جي ڪي قدر جتاءُ ڪري وهڻ جو نتيجو هو، جنهن جي چوڙَ-ٻيتاري جو منڍ 500ع ڌاري هاڻوڪي شهدادپور ويجهو هو. اپرندي چوڙ-ڇاڙهه تي ڏيپر گهانگهرو (جهول)، برهمڻ آباد، ڏليا (ميرپورخاص وارو نُل) ۽ نئون ڪوٽ شهر هئا. وچين چوڙ-ڇاڙهه، جيڪا ٽن ڏينهن ۾ مُک ڇاڙهه هئي، تنهن جهرڪ ويجهو لنگهي ڪينجهر ڍنڍ کي پاڻي ٿي رسايو، جنهن تي جهِم (هاڻوڪو جهمپير) گُجو ۽ ديبل جا اهم شهر هئا.

سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه جيڪا منڇر ڍنڍ ڏانهن ٿي وئي، تنهن مٿان ڏامراهو جو اهم شهر هو. وچٿوٽ، ماٽيلو ۽ ڊرب ڏيتاڙي هاڪڙي مٿان هئا، جيڪو سڪي چڪو هو، پر پوڏ واري مند يعني جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ سنڌوءَ ۽ ستلج جي اٿل جو پاڻي آيس پئي. بکرور، الور ويجهو هڪ ننڍڙي وسندي هئي ۽ سنڌوءَ جي الور گارج مان لنگهندڙ اپرندي ڇاڙهه مان ايندڙ پاڻيءَ جي آسري هئي. سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ لاڙ سنڌ ۾ 700ع ڌاري آيل ڦيري انهي علائقي جي ڪيترن ئي اهم شهرن کي ڪنهن ڪم جو نه ڇڏيو، جيڪي انهي کان پوءِ غير اهم وسنديون ٿي موجود رهيا. ساڳيو ئي حشر نئين ڪوٽ، ڏَليا، نيرون ڪوٽ، جهرڪ ۽ سڏيرڻ جي دڙي جو ٿيو.

ڏهين صدي عيسوي جا شهر ڏيکاريندڙ ٽيبل - ابن حوقل ۽ اِستخري مطابق - انهن جا هنڌ ۽ هاڻوڪا نالا

ڏهين صديءَ جي عرب ليکڪن مطابق نالا	هاڻوڪا نالا
سَدُوسڻ	سيوهڻ
ال-رُر	الور
ڪلاري	ديهه ڪلاري (ضلعو نوابشاهه) ۾ ڦٽل ماڳ
منصوره (عربن اٺين صديءَ ۾ هن جو نالو مٽائي اهو رکيو)	برهمڻ آباد
نيرون	نيرون، حيدرآباد واري هنڌ تي ناهي، ڏهه کان پندرهن ميل ڏکڻ-الهندي پاسي گنجي ٽڪر جي پاڙ ۾ آهي.
بحرِ فارس (ايراني سمنڊ)	عربي سمنڊ
بانيا (بائضا)	ڪاهو جو دڙو جو ڦٽل ماڳ يا ڏَليا جو ڦٽل ماڳ
منجاباري	منگهوپير
ديبل	ڀنڀور
جهمِر	جهمپير

1000 کان 1500ع دوران وسنديون

ڏهين صديءَ کان تيرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين درياءَ پنهنجو وهڪرو برهمڻ آباد جي ويجهو اوڏو ۽ ان کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا مٽايو، تنهنڪري سومرن کي پنهنجي راڄڌاني ٽي ڀيرا لڏائڻي پئي: منصوره (برهمڻ آباد) کان نري (ماتلي تعلقي ۾ ڦٽل ماڳ)، اتان محمد تُور (جاتيءَ کان پنج ميل اتر ۾ ڦٽل ماڳ) ۽ اتان ٺٽو. برهمڻ آباد کي محمود غزنويءَ 1026ع ۾ باهه ڏئي ساڙيو ۽ اهو انهي وقت کان وئي ڦٽو پيو آهي.

ديبل (ڀنڀور) کي خوارزم شاهه 1224ع ۾ باهه ڏئي ساڙيو هو ۽ پاري نگر کي پڻ انهي ئي انهن ڏينهن ۾ ساڙيو. هاڪڙي ۾ ايندڙ اٿل جو پاڻي پڻ گهٽجندو ويو ۽ وچٿوٽ واري وسندي ڦٽڻ لڳي. آبي ڦيرن هنن پنج سو سالن ۾ لاڙ سنڌ ۾ ڪيترين ئي ننڍين ڇاڙهون وهايون، جنهن جي نتيجي ۾ چانورن جي پوک ۽ مڇيءَ جي آسري ڪيترين ئي نيون وسنديون وسيون. اهڙيون هڪ سو کان وڌيڪ وسنديون ڳولي هٿ ڪيون ويون آهن ۽ پاڪستان آرڪيالاجي نمبر 8 ۾ رپورٽ ٿيون آهن. سنڌوءَ جي الهندي ڇاڙهه مٿان اتر سنڌ ۾ سومرن جو هڪ سهڻو شهر جٽاڻي وسيو، جنهن جا ڦٽل آثار انهي ئي نالي واري ديهه ۾، تعلقي وارهه ۾، وارهه شهر کان رڳو ٻه ڪلوميٽر اولهه پاسي موجود آهن. (ويجهڙ ۾ منهنجو هنن آثارن تي وڃڻ ٿيو، آثارن ويجهو وسيل جٽاڻي ڳوٺ ۾ رهندڙ ڊاڪٽر علي اڪبر قريشيءَ وٽان خبر پئي ته آثارن واري ٻني پوک لاءِ الاٽ ٿي وئي ۽ هاڻ اتي پوک پئي ٿئي - سنڌيڪار)

سنڌوءَ جي مُک ۽ وچين ڌارا راڌڻ جي سامهون هڪ ڇاڙهه ڇڏي ۽ ماها ڍنڍ جي وچان لنگهي ڪَڪَڙ، باغبان، ڦاڪا، پان، سمتاڻي، ريل ۽ آراضيءَ وارو لنگهه ورتو ۽ وري سنڌوءَ سان وڃي ڳڏجي سيوهڻ ۽ ٽلٽيءَ جي وچ تي هڪ تمام وڏي ڍنڍ ناهي ڇڏيائين. هن ڇاڙهه ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه، دادو ۽ جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن جي اوڀارين پاڱن کي چوڏهين ۽ پندرهين صدين ۾ سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم علائقو بڻائي ڇڏيو.

1300ع ڌاري سنڌوءَ جي لاڙ سنڌ ۾ الهندي چوڙ-ڇاڙهه پنهنجو ڪلري واهه وارو پيٽ ڇڏيو ۽ مٽس وسيل وسندي ساموئي ڦٽي وئي. ديبل جي جاءِ هڪ نئين بندر لاڙي (لاهري) ورتي. سنڌ نارِ سڪي وئي ۽ انهي کان اڳتي اها ڪڇ جو رڻ ڪونجڻ لڳي. برهمڻ آباد ۽ الور اڳيئي يارهين صديءَ جي منڍ کان ڦٽي چڪا هئا ۽ انهن جي داستانوي دلو راءِ جي بڇڙاين جي ڪري ڦٽڻ واريون لوڪ ڪهاڻيون هليون پئي. ڪلان ڪوٽ گهڻو ڪري چوڏهين صديءَ ۾ نئي سان ڳنڍ نهيو. شاهه ڪپور (محمد تُور) کي درياءَ جي چوڙ-ڇاڙهه گونگڙو 1300ع ڌاري ڪنهن وقت ڇڏي وئي. اٽڪل 1351ع ڌاري جٽاڻي اڳ ئي ڦٽي چڪو هو. انهي کي ٿي سگهي ٿو سمن ساڙيو هجي، جن سومرن کي بيدخل ڪرڻ لاءِ وڏو ڏاڍ ڪيو.

1500 کان 1550ع ۾ وسنديون

ڪو وڏو ڦيرو نه آيو سواءِ ان جي ته مُک ڌارا، جنهن درٻيلي جي اتر وٽان راڌڻ جي سامهون پنين صديءَ ۾ هڪ منگلي ڇڏي هئي، مُک وهڪرو بڻجي وئي ۽ درياءُ راڌڻ جي سامهون کان آمريءَ تائين پنهنجو پيٽ ڇڏي ويو. پاٽ، آراضي ۽ بختيارپور جا شهر، جيڪي انوقت ڪاٻي ڪپ تي هئا، سي هاڻ ساڄي ڪپ تي آهن. پراڻي پيٽ جا نشان ماهه، سُتيارو، جاڪپري،

پير ڳُٽيو ۽ ٺلٽي نالي ڍندن جي قطار جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهي پڻ ميهڙ، ڪَڪَڙ، دادو ۽ سيوهڻ حويليءَ کي شاهوڪار تعلقا بڻايو. ساڳي طرح سان بدين (چاچڪاڻ)، چوڙَ-ٻيٽاري (ڊيلٽا) واري علائقي ۾ ريڻ درياءَ تي، سنڌ جو هڪ اهم ۽ شاهوڪار علائقو هو.

1550 کان 1700ع _ آخري برفاني جُڳ

هي عرصو آخري برفاني جُڳ جو هو، جنهن ۾ هماليه ۾ برف نه رڳو اٽڪل پندرهن کان ٽيهه ڏينهن دير سان پئي پگهري، پر پاڻيءَ جو مقدار به گهٽجي ويو هو. ٻوڏ جي مند ۾ پڻ دير پئي ٿي ۽ نتيجي طور درياءَ ۾ چوٽ وهڪرو گهٽجي ويو هو. انهي ڪري درياءَ پنهنجو وهڪرو نه مٽايو، سواءِ دربيلي کان مٿئين پاسي واري منگليءَ جي، جنهن کي 1542ع کان ستت پوءِ ڇڏي ويو. ڪو نئون شهر نروار نه ٿيو. پوکي گهٽجي وئي، ننديون وسنديون ڦٽي ويون ۽ وڏيون وسنديون آباديءَ ۽ سائيز ۾ ننديون ٿي ويون. ڏڪار وري وري اچڻ لڳا. وڏيون وسنديون ڦٽل ڦٽل حالت ۾ هلنديون رهيون. ڪجهه اهم شهر، جيڪي هن عرصي دوران ٿَر جي قبيلن جي پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ حقيقي طور آزاد ٿي وڃڻ ڪري اسريا، سي هئا: شڪارپور ضلعي ۾ شڪارپور، خيرپور ناٿن شاهه تعلقي ۾ ڳاڙهِي ۽ 1650ع ڌاري دادو ضلعي ۾ دادو شهر کان اٺ ميل ڏکڻ ۾ شڪارپور. هنن نين وسندين جي وسڻ جو ڪارڻ اهو هو ته سنڌوءَ جي ڪجهه اهم پراڻن پيٽن کي واهن جو روپ ڏنو ويو هو. لاڙڪاڻو، گهاڙ واهه مٿان سورهين صديءَ جي اهڙي ئي هڪ وسندي هئي.

يورپ جو واپار پکڙيو ۽ پورچوگيزن، انگريزن، ڊچن (هاليند ۾ رهندڙ جرمن قوم) ۽ فرانس وارن سان واپار جا ڳڙهه وڏيا ويجهيا ۽ پکڙيا. اهڙا اواپاري هنڌ هئا: سکر، روهڙي، دربيلو، سيوهڻ، بوبڪ، نصرپور، ٺٽو، جهرڪ، هالا ۽ لاڙي بندر، جتي پورچوگيزن هڪ قلعو جوڙيو ۽ هڪ گرجاگهر اڏيو. انگريزن ٺٽي ۾ هڪ ڪارخانو ٺاهيو. لاڙي بندر پنهنجا ماڳ مٽائيندو رهيو ۽ سترهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ نئون بندر، اورنگا بندر (اورنگزيب جي نالي سان) ٺهيو. اهو پڻ ٿورو عرصو هليو ۽ شاهه بندر مٿس سرسي ڪري ويو.

1701 کان 1758ع ۾ وسنديون


هي آخري برفاني جُڳ جي وچ تي گرميءَ وارو ٿورو عرصو هو. ڪلهوڙن ريجاڻي اٽڪل 1.0 ملين ايڪڙن کان 2.1 ملين ايڪڙن تائين وڌائي ۽ آبادي 1.5 ملين کان 3.0 ملين تائين وڌي وئي. نوان شهر جهڙوڪ شهدادڪوٽ، قمبر، وارهه، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه، ميرپورخاص، خدا آباد نئين (هالا ويجهو)، شهدادپور، نوشهرو فيروز، ٽرڙي، فتح ڳڙهه (جيڪب آباد)، جوهي، دوست علي، رتن ديرو (رتو ديرو)، وڳڻ وغيره وسي نروار ٿيا. دادو تعلقي ۾ شڪارپور جو نالو ڦري خدا آباد پيو ۽ ڪلهوڙن جي سنڌ جي راڄڌاني بڻجي وئي. هن عرصي دوران ننهندڙ ٻيا شهر هئا: خيرپور ميرس، پريا، سڌوجا، مورو، کهڙا، سڪرند ۽ ٽنڊو آدم.

1758 کان 1843ع ۾ وسنديون

1758ع ۾ سنڌوءَ جي مُک ڌارا هالا ويجهو پنهنجو وهڪرو مٽايو، جنهن تان اهو پنج کن صدين کان وٺي وهندو پئي آيو ۽ مٿس وسيل پراڻن شهرن کي ڇڏي ويو. انهن منجهان ڪجهه اهم هئا: اڏيرولال، نصرپور، شيخ ڀِرڪيو، تاجپور، اگهم، ٺري، جوڻ، فتح باغ، ٺلٽي، تلهار ۽ بدين. سندس الهندي چوڙ-ڇاڙهه تي هئا: جهوڪ، بنورو، پير پنو، شاهه بندر، ٺٽو، ڪلان ڪوٽ ۽ ساڪرو. اهي گهٽ اهم شهر ٿي هلندا رهيا. نئون وهڪرو هاٽوڪي پيٽ تي حيدرآباد-ڪوٽڙي گارج جي وچان ٺهيو. انهي تي نوان شهر وسيا ۽ ڪجهه پراڻن شهرن پڻ ٻيهر اهميت ماڻي. نوان شهر حيدرآباد، ڪيٽي بندر، سڄاول ۽ ٽنڊو محمد خان هئا. پراڻين وسندين جهڙوڪ ٻداپور ۽ سونڊا نئين سر اهميت ماڻي. نئين ديري، لکي، جوڻي ديري ۽ ڳڙهي خيري پڻ اهميت ماڻي.

جيئن ته هڪ ملين ايڪڙ ٻني هالا کان ڏکڻ پاسي ويران ٿي چڪي هئي، تنهنڪري ٻارهينءَ کان پندرهين صدين تائين آڳاٽين يعني سومرن ۽ سمن جي جُڳ جي ننڍين وسندين جو هڪ وڏو انگ لاڙ سنڌ ۾ برباد ٿي ويو. لاڙ سنڌ ۾ قبيلن جون تمام وڏيون بغاوتون ۽ سياسي وڳوڙ ٿيا، جيڪي ٽالپرن جي اسرڻ جو ڪارڻ بڻيا، جن ويران علائقن تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ هوريان هوريان واهه اڏيا ۽ ٻنيون پاڻ ۾ ورهائي ڪنيائون. نيون ٽالپر-بلوچ وسنديون، عام طور تي ٽنڊا سڏجندڙ، وسيون. ٽنڊو مري، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو ڄام، ميرپورخاص، ٽنڊو باگو، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو غلام علي ۽ ٽنڊو قيصر انهي ڦيري جو نتيجو آهن ۽ انهي جُڳ جا آهن. ريڻ درياءَ کي پاڻي ڦليلي ڇاڙهه رسائيندي هئي، جنهن کي اڳتي هلي ڦليلي واهه بڻايو ويو. درياءُ سدائين ٻيڙين جي اچ وڃ لاءِ ڪم ايندو رهيو آهي ۽ دريائي بندر مناسب هنڌن تي مٿانهن ماڳن تي درياءَ مٿان ٺهندا ۽ وڌندا ويجهندا رهيا آهن. جيڪڏهن اهي پائجي ويندا هئا ته ڪا نئين وسندي ساڳئي ئي نالي سان ساڳئي ئي ڪم لاءِ ڪنهن ويجهي مٿاهين هنڌ تي ٺهي ويندي هئي. مانجهند، ٻداپور ۽ انڙپور اهي شهر هئا، جيڪي پائجي ويا، ڦٽي ويا ۽ ٽي يا چار ڀيرا وري اڏيا.

جيئن ته پوکيءَ هيٺ ايراضي 2.1 ملين ايڪڙن مان گهٽجي 0.9 ملين ايڪڙ وڃي بچي ۽ جيئن ته راڄ گهراڻا ۽ بلوچ سردار، جن جي قبضي هيٺ ٻني هئي، ايي ڏاڍي آبادگار نه هئا، تنهنڪري انهن زراعت ڏانهن ڌيان نه ڏنو ۽ ماڻهن جو زور مال ڌارڻ ۽ چارڻ تي هليو ويو. ٿر ۽ ڪوهستان جون ٻنيون انهي ڪم لاءِ ڪم آيون ۽ انهن ٻن علائقن ۾ نيون وسنديون وسيون. پاڳن سان اسان وٽ سامهون 1855ع جو 1:504، 480، ڪاڇي تي سنڌ جو هڪ



نقشو نمبر 73
1000 _ 1525ع
سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جا شهر
(پاڳو پهريون - اتر سنڌ)
ڪاڇو
0 10 20 30 40 50 ميل
ڏسڻي
1 1000-1525ع دوران موجود شهر
2 ڦٽل شهر
3 سنڌو درياءَ جو هاڻوڪو وهڪرو
4 سنڌوءَ جا 1000-1525ع ۾ وهڪرا طبعي سروي مطابق
5 1000-1525ع ۾ ممڪن وهڪرا اڏامندي ڇڪيل تصويرن مطابق
6 سنڌو درياءَ جي الهندي واهه جا 1000-1525ع ۾ ممڪن وهڪرا
7 هاڻوڪا ضلعي دنگ
اتر
سمن جي راڄ هيٺ
ڪڇي سبي پرڳڻو
جيڪب آباد
فتحپور
راڄ هيٺ
اُچ پرڳڻو سمن جي
اباوڙو
ميرپور ماٿيلو
وڃڻوٽ
دِربَ ڏيٿاڙي
سکر
لاڙڪاڻو
ماهوٽا
پريالو
جهڪر
هڪڙا
روهڙي
الور
ببرلو
ليمي جو دڙو
جٽاڻي
موهن جو دڙو
ڪوٽ ڏيڄي
ماها ونڊ
باغبان
قلجي
دربيلو
خيرپور
پانڊي واهي
منڇر ونڊ
باجاڙ جهانگار
نوابشاهه
ٽل مير رُڪڻ
ڏيرڻ
بُچيري
لڪي
دادو
آمري
نت ولي محمد
نتِ
سن
ڪانيو جبل
اويس قرني
پوڪران لانڊي
ڪرچات
صابوراهو
هالاڪندي
پوهري
(پوهريون)
ڏيپر گهانگهرو
برهمڻ آباد
سانگهڙ
راجپوتن جو ميڙ
سوڍن
بروهي قبيلا سمن جي راڄ هيٺ
ٻيلو سمن جي راڄ هيٺ

تفصيلي نقشو آهي، جيڪو ٿر ۽ ڪوهستان ۾ ننڍين وسندين جو هڪ وڏو انگ ڏيکاري ٿو ۽ انهن ڪان پوءِ اڇن ٿيون درياءَ جي ٻنهي ڪپن واريون وسنديون، جن پتڻن يا بندرن جو ڪم پئي ڏنو. لسٽ تمام وڏي آهي. 1843ع ۾ 729 ڪن واهه هئا، جن مجهان گهڻا سڏا سنڌوءَ مان ٿي وهي هليا. انهن واهن جي منڍين وٽ بندر ۽ شهر هئا ۽ ڪن ٻن واهن جي وچ تي پڻ شهر هئا. انهن بندرن تي ڪجهه گهريلو ننڍا ڪارخانا ۽ گدام ٺهي ويا. ٽالپرن جي دور جو هڪ اهم ڏيک، سومرن جي دور وانگر، اهو هو ته حيدرآباد ڪان ڏکڻ پاسي لاڙ سنڌ ۾ وسندين جي اوسر ٿي، جتي انهن نون واهن تي گهڻو ڌيان ڏنو ۽ وڏيون ايراضيون مال جي چرڻ (پَن چَر) جون رَڪون ٺاهي ڇڏيائون، ڇو ته اتي گاهه ڀلا ٿي ٿيا. (ان قسم جون رَڪون ٺٽي ۽ ڪراچيءَ سميت ڪجهه ميناهٽي علائقن ۾ ويجهي ماضيءَ تائين هيون، جيڪي رَڪَ (سنپال) ڪرڻ وارا مال ڪاهي ايندڙ مالوندن کي ڪجهه رقم "پَن چَرِيءَ" عيوض مال چارڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڏيندا هئا - سنڌيڪار)


1850 ڪان 1960ع ۾ وسنديون

وسندين جا انداز 1860 ڪان پوءِ مٽجڻ لڳا جڏهن انگريزن نون واهن کي وڌائڻ ۽ سڌارڻ شروع ڪيو. اڳلن چاليهن سالن ۾ ريجاڻي ايراضي 1843 واريءَ ڪان ٽيڻي ٿي وئي ۽ 1955 تائين انهي ڪان ٻه ڀيڻي ٿي وئي. سنڌ جي آبادي 1910 تائين ٻيڻي ٿي چڪي هئي ۽ 1941 ۾ 1843 واريءَ ڪان ٽيڻي ٿي وئي. انهي سان ريجاڻي علائقن ۾ وسنديون وڌيون، ٿر ۽ ڪوهستان مان ريجاڻي ميداني علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ ٿيڻ ڪري اتي ڌنار گهٽجي ويا.

ريلوي لائينن وسندين جا انداز مٽايا

ريلوي لائينون اچ وڃ جي ذريعن ۾ هڪ نئون انقلاب هيون. سنڌ جي الڳ الڳ ڀاڱن ۾ ريل گاڏين جي هلڻ جون تاريخون هيٺين ٽيبل ۾ ڏنل آهن:

کلڻ جو سنه	ريلوي سيڪشن	ميل	رمارڪ
13-05-1861	ڪراچي شهر - ڪوٽڙي	104.90	
15-05-1861 ❋	ڪراچي شهر - ڪراچي ڇانوڻي	2.30	
01-10-1878	راڌڻ - رُڪ	64.25	
01-10-1878	سکر ڪان سکر-حبيب ڪوٽ ري-الائنمينٽ جي شروعات ميل 5.124 تائين	2.45	
08-10-1878	ڪوٽڙي - لکي شاهه صدر	75.52	
27-10-1878	لکي شاهه صدر - راڌڻ	70.48	
02-05-1880	حبيب ڪوٽ - ميل 22.79 سبي	128.53	
27-03-1889	روهڙي - سکر	2.67	
——1889	روهڙي ڪان روهڙي - پنو عاقل ري-الائنمينٽ جي شروعات ميل 297.50/آر	0.66	
18-08-1892	حيدرآباد - شادي پلي	54.97	
15-11-1896	ڏيتا - روهڙي	180.70	
20-06-1897 ❋	ڪراچي ڇانوڻي - پپري	20.78	
30-06-1897 ❋	ڪياماڙي - ڪراچي شهر	3.06	
03-05-1898 ❋	پپري - ڪوٽڙي	81.82	
25-05-1900	ڪوٽڙي - حيدرآباد	5.29	
15-08-1904	حيدرآباد - بدين	61.75	حيدرآباد-بدين پهرين مهاڀاري جنگ دوران ڊهي وئي هئي، ٻيهر ٺاهي وئي ۽ ٻن قسطن ۾ 9 جنوري 1922 ۽ 13 مئي 1922 تي کولي وئي.
03-04-1907 ❋	ريتي - خانپور	62.17	
01-06-1907	روهڙي - ريتي	71.33	
18-04-1907	جمڙائو - جهُڏو	49.96	
28-03-1910	حيدرآباد - ڏيتا	4.50	
01-01-1912	ميرپورخاص - ڪڏڙو (سوڙهي پٽي)	49.43	



نقشو نمبر 74

1000 _ 1525ع

سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جا شهر

(پاڳو ٻيون - ڏکڻ سنڌ)

ايم. ايڇ. پنهور جي نگرانيءَ هيٺ ٺهيل

21-06-1912 ※	جانوري - روهڙي	-	
01-04-1913 ※	گِدو - حيدر آباد	3.71	
11-12-1914	جيڪب آباد - ڪشمور	-	
01-07-1915	حيدر آباد - شهدادپور	45.39	
27-11-1919 ※	شهدادپور - نوابشاهہ	26.07	
25-02-1920 ※	نوابشاهہ - ڪوٽ لالو	31.29	
20-05-1930	پڊعيدن - ٺاروشاهہ - محرابپور	43.77	
10-12-1931	ٽنڊو آدم - سڪرنڊ - نوابشاهہ	54.05	
10-12-1931	سڪرنڊ - ٺاروشاهہ	66.20	
29-07-1940	لاڙڪاڻو - جيڪب آباد	83.98	
16-04-1946	رُڪ - حبيب ڪوٽ	4.95	
16-04-1946	ميل 5.124 - حبيب ڪوٽ ميل 20-29	15.16	
16-04-1946	297.50 /آر کان روهڙي - پنو عاقل ري-الائنمينٽ جي پڇڙي ميل 312.81 تائين		
12-10-1956	جيڪب آباد - ڪشمور	75.52	ڪلڻ جي تاريخ 11-12-1914، اڳتي هلي ويڪري پٽي ڪئي وئي ۽ 12-10-1956 تي بيهر کولي وئي.

※ پٽيون لائينون پڌائي ٿو

ريلوي لائينن ۾ آزاديءَ کان پوءِ ڪو واڌارو نہ آيو، جيتوڻيڪ انگريزن پنهنجي 1945 وارين جنگ-پڄاڻان ترقياتي رٿائن ۾ جنگشاهي-ٺٽو-سجاول-بدين-رهِمڪي بازار-نگر پارڪر لاءِ ريلوي لائينون رٿيون هيون. ريلوي جي هڪڙي ٻي لائين کي چور-ڇاڇرو-مٺي-ڏيپلو-نگر پارڪر کي احمدآباد سان ڳنڍيندو هو ۽ ٽين هئي دادو-جوهي-قمبر. اجا بہ هڪڙي چوٿين هئي نوابشاهہ-جيسلمير-اجمير کان دهلي.

ريلوي لائينن وسندين جا انداز بنهہ متائي ڇڏيا. جيتوڻيڪ اهي درياءَ کان گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ميلن جي هڪ محفوظ وٿيءَ تي ۽ درياءَ جي ٻنهي پاسن وارن ٻوڏ بچاءَ بندن جي ٻاهران پيئي هليون ۽ ريلوي لائينن وارين وسندين ۾ زراعت کي سنڌوءَ جي ساليانهي ٻوڏ کان بچيل رکڻ جو پڪو بندوبست ڪيو ويو هو، پر دريائي واپار تمام تڪڙو گهٽجي ويو ۽ دريائي بندرن (پتڻ) منجهان گهٽا، سواءِ انهن جي جيڪي ريلوي اسٽيشنون پڻ هئا، 1900 کان گهٽو اڳ سُسي ويا. ڪوٽڙي، سکر، روهڙي، پراڻو ديرو (قلجي اسٽيشن ويجهو)، سن، مانجهند، آمري، سيوهڻ، لڪي ۽ ڪشمور ريلوي جون اسٽيشنون بہ هئا تہ درياءَ جا بندر بہ. پراڻي ديري ۽ قلجيءَ جي وچ واري ريلوي لائين پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ 1927 ۾ ڪڍي وئي، ڇو تہ درياءَ جو مُک وهڪرو پراڻي ديري کان وڌيڪ ٽي ميل اوپر هليو ويو هو ۽ هي اهم واپاري مرڪز اڳلن ڏهن سالن ۾ سُسي هڪ غير اهم وسندي بڻجي ويو.

ريجاڻيءَ وسندين جا انداز متايا

ريجاڻي ڦهلاءَ پڻ نيون وسنديون ۽ اهم شهر پيدا ڪيا. انگريز سرڪار هيٺ صوبائي انتظاميا جا اختيار تعلقي سطح تائين حوالي ڪيا ويا. سنڌ ۾ پنجهٺ تعلقا هئا، خيرپور رياست جا ست تعلقا ان کان الڳ هئا. تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ مڊل اسڪول سطح يا مئٽرڪيوليشن تائين تعليم ڏيندڙ اسڪول هئا. اتي ٽپال گهر ۽ ٽيليگراف جون سهولتون هيون، اسپتالون، ويم گهر ۽ ڏوهاري (فوجداري) ڪورٽون هيون ۽ ڪن ۾ تہ سول (ديواني) ڪورٽون بہ هيون. انهن سيني ۾ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جون مقامي/شهرن جون پنهنجون حڪومتون جهڙوڪ ميونسپالٽيون يا سرڪاري پڌرائيءَ هيٺ جوڙيل ايريا ڪميٽيون هيون. اهڙي طرح سان اهي طاقت جا ننڍا مرڪز ٿهي ويا ۽ ويهين صديءَ جي منڍ ۾ واپار، گهريلو ڪارخانن، چانور ڇڙڻ ۽ اٽو پيهڻ جي مشينن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳا. ڪن ۾ ڦٽيون ٽاٽڻ جا ڪارخانا هئا ۽ اهي مٽي پراءُ ٽيل دڳن رستي ويجهين ريلوي اسٽيشنن سان ڳنڍيل پڻ هئا. انهن ننڍين وسندين جا انداز متائي ڇڏيا ۽ ڳوٺاڻن علائقن لاءِ واپار ۽ تعليم جا ڳڙهہ بڻجي ويا.

سڏاريل روڊن وسندين جا انداز متايا


سڏاريل روڊ انگريز سرڪار جي هڪڙي ٻي سوکڙي هئا. سنڌ جون سموريون وڏيون وسنديون اڻن جي قافلن وارن پيچرن ۽ ڏاند گاڏين جي چِيلن وارن چارن ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل هونديون هيون، پر اوائلي انگريز دور ۾ اهو سر بارٽل فريئر هو جنهن ٻن سالن اندر سنڌ ۾ روڊن جي سرشتي کي سڌاريو، موريون ۽ پليون ڏئي، گهٽي پاڳي روڊن کي سرڪاري خرچ تي، ۽ ٽَر جي زميندارن کي چيائين تہ اهي سرڪار پاران ڏنل ويڪر ۽ سنوت وارين

نقشو نمبر 75

1894/95ع

نصيرآباد تعلقي جي بيهڪ،

ديهه جٽاٽي ۽ آبي وهڪرا



ڏسٽي

ديهه جو دنگ

واهه

ڪاڇو

5 0

ميل





جٽاٽي انسپيڪشن بنگلو

873. جٽاٽي انسپيڪشن بنگلي ۾ ملازمن جا گهر ۽ گهوڙن جا ڪُڙهه وغيره.

874. جٽاٽي انسپيڪشن بنگلي ۾ ڪوئي تي سمهڻ وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ.

سڏاين تي مٿيءَ جو پراڻُ ڪري ڪچا دڳ ٺاهي مختلف شهرن ۽ وڏين وسندين کي هڪٻئي سان ڳنڍيين. سرڪار انهن جي سار سنڀال پاڻيءَ جو ڇڻڪار ڪرائي ۽ ڌوڙ کي ويٺل رکڻ لاءِ مٿن سَر ۽ پَنِ وغيره وِڇرائي ڪندي هئي. 1920 واري ڏهاڪي کان وٺي هنن ڪچن دڳن تي ٽرڪون ۽ بسون پئي هلنديون آيون آهن: ريلوي جي ڊوئڻ وارو جو بار پاڻ ڏانهن ڇيرڻ لاءِ نہ پر مال کي ريلوي جي مناسب اسٽيشنن تائين ڇڪي رسائڻ ذريعي ان کي هٿي ڏيڻ ۽ وڌائڻ لاءِ. انهن ريلوي اسٽيشنن جي پهچ اندر ايندڙ شهرن جي اوسر ۾ مدد ڪئي.

1932 ۾ سکر بئراج جي کلڻ سان سنڌ انگريزن جي هندستان جو هڪ اهم اَنُ ۽ ڦٽيون اپائيندڙ صوبو بڻجي وئي. ٻين مهاڀاري جنگ هلندي سرڪار کي منظم طريقي سان ڪٽڪ ۽ چانور وٺڻ جي گهرج پئي، جنهن لاءِ سنڌ حڪومت الڳ الڳ ٺيڪيدارن کي الڳ الڳ علائقا ورڇي ڏنا. ريلوي اسٽيشنون ۽ انهن جا شهر گدامن جا ڳڙھ بڻجي ويا ۽ سنت ئي هڪ عام چوڻي گهڙجي وئي تہ ”فلاڻي ريلوي اسٽيشن فلاڻي کي الاٽ ڪئي وئي آهي“. انهي جي نتيجي ۾ ريلوي اسٽيشنن وارين وسندين جي آبادي ۽ واپار وڌي ويا ۽ اهي وڏيون ٿي ويون.

1947 ۾ سنڌ جو 1855 وارو نقشو ڪنهن اڄرج ۾ وجهندڙ شيءِ وانگر ٿي لڳو ۽ چِٽو ڪري ڏسيائين پئي تہ هڪ برجستي ٻاهرين انتظاميا پنهنجي راڄ جي هڪ صديءَ ۾ سنڌ جي منهن مهانڊي سان ڇا ڪري ڇڏيو هو.

انگريز راڄ ۾ معاشي اڳيرائيءَ جي منهن مقابل آباديءَ جي وسڻ جي اندازن جو اڀياس نہ ٿيو آهي. اڀياس ۽ ڇنڊڇاڻ لاءِ تمام گهڻو مواد موجود آهي. ٿلهي ليکي انهي کي ٽورن اکرن ۾ هيٺئن ٻڌائي سگهجي ٿو:

- سندن راڄ جي پهرين 50 سالن، 1900ع تائين، اتر-الهندي سنڌ، جنهن ۾ جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعي جا اتريان تعلقا اچي ويا، ۾ سنڌو درياءَ مان سنڌ جي هيٺاهين ٻنين ڏانهن واهن جي وڏي گهاٽاڻ ڏني. انهي کي ساريال ملڪ (ساريون اپائيندڙ علائقو) بڻائي ڇڏيائون. جيئن تہ واهن ۾ پاڻي هڪ سو ويهن ڏينهن کان هڪ سو پنجٽيهن ڏينهن تائين هوندو هو، انهي جي ڪري چانورن جي مشهور جنس سڳداسي اسري. سنڌ جي آبادي پڻ هن عرصي ۾ انهن ضلعن ۾ تمام گهاٽي ٿي وئي.
- اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جمڙائو، منڙائو ۽ ناري واهن واري ترقيءَ کان پوءِ هاڻوڪو ميرپورخاص ضلعو ۽ سانگهڙ ضلعي جا ڀاڱا ترقي وٺڻ لڳا ۽ نيٺ اڳلن ٽيهن سالن ۾ اهي اتر-الهندي سنڌ جي ضلعن کان معاشي توڙي آباديءَ جي گهاٽاڻ ليکي سرسي ڪري ويا. هالا ۽ حيدرآباد جي آبادي پڻ سنڌوءَ مان وهي هلندڙ ڦليلي ۽ سرفراز واهن جي سڏاريل ريجاڻيءَ هيٺ وڌي وئي.
- بدين ۽ ٺٽو ضلعا انگريزن کان اڳ بي ڏيانيءَ جا ماريل هئا، ڇاڪاڻ تہ ٽالپرن انهن ٻنين کي شڪارگاهون ۽ مال چارڻ جون رَکون بڻائي ڇڏيو هو. سمورو علائقو، جيڪو هن وقت ڪوٽڙي بئراج جي پهچ هيٺ آهي، مال چارڻ جو پوٺو بڻجي چڪو هو، پر کير ۽ گوشت مان آمدني گهٽ ٿيڻ ۽ انهن شين لاءِ ڪا مقرر پڙِي موجود نہ هجڻ ڪري آبادي ڇڊي پاڊي هئي.
- سکر بئراج جي کلڻ کان پوءِ نوابشاھ، ميرپورخاص ضلعي ۽ حيدرآباد ضلعي جي اترين ڀاڱن ۾ ڦٽين، ڪٽي رس وارن ميون ۽ ٻين ميون جي پوکن ۾ اڳيرائي اچڻ لڳي. خيرپور ضلعو سِمَ جي ور چڙهي ويو ۽ واڌو آبادي نہ سهي سگهيو.
- اناج وارن فصلن جون گهٽ قيمتون چانور ۽ ڪٽڪ اپائيندڙ علائقن ۾ 1930-1939 کان معاشي موڙيءَ جو ڪارڻ بڻيون. سڀ کان وڏيڪ ڌڪ اتر-الهندي سنڌ جي ضلعن کي لڳو.

مٿيان ٿلهي ليکي ڪڍيل نتيجا آهن ۽ ڀيرائتي اڀياس ۽ سرڪاري رڪارڊن سان ڀيٽي تصديق ڪرڻ جي گهرج اٿن. ڀاڱن سان رڪارڊ جهجها آهن، پر اهي پيا يا تہ بمبئي ۾ يا انڊيا آفيس لائبريري (هاڻ برٽش لائبريري) لنڊن ۾ آهن.

1960_2000 جي وچ تي ٽيل اوسر ۽ وسندين جي اندازن ۾ ڦيرا


هن عرصي جون وڏيون اڳيرايون آهن:

- ڪوٽڙي بئراج جو 1957 ۾ کلڻ ۽ ان تي 1960 کان پوءِ 1.6 ملين ايڪڙ سرڪاري زمين نيڪال ٿيڻ سان گڏوگڏ 1.1 ملين ايڪڙ نجي زمين لاءِ پاڻي پڪ سان ملندو رهڻ.
- گڊو بئراج جو 1962 ۾ کلڻ ۽ ان تي 1.1 ملين ايڪڙ سرڪاري زمين نيڪال ٿيڻ سان گڏوگڏ 1.6 ملين ايڪڙ نجي زمين لاءِ پاڻي پڪ سان ملندو رهڻ.
- سکر بئراج ۾، اڳ ئي انهي جي پهچ هيٺ نيڪال ڪيل 5.5 ملين ايڪڙن کان سواءِ، 1960 کان پوءِ سرڪاري ملڪيت واري 2.8 ملين ايڪڙ زمين جو نيڪال ٿيڻ.
- ٽيوب ويل ٽيڪنالاجيءَ جو 1958 ۾ اچڻ ۽ مٺي جَر واري ڀاڱي ۾ 1960-1970 جي وچ تي 3،000 ذاتي ٽيوب ويل لڳڻ. 1970 کان پوءِ سرڪار پاران مٺي جَر وارين سم هيٺ آيل ٻنين ۾ هنيل 4،000 مٺي پاڻيءَ وارين ٽيوب ويلن کان سواءِ 13،000 ذاتي ٽيوب ويلون لڳي چڪيون آهن.
- ميون جي جديد باغن جو متعارف ٿيڻ، شروعات حيدرآباد ضلعي سان ٿيڻ ۽ پوءِ ميرپورخاص، نوابشاھ، سانگهڙ، خيرپور ۽ سکر ضلعن ڏانهن پکڙجڻ.

- کيلن جو ٽٽي، حيدرآباد، ميرپورخاص، سانگهڙ ۽ نوابشاهه ضلعن ۾ 1958 کان پوءِ متعارف ٿيڻ. اڄڪلهه هن صنعت کي ڪيلي کي لڳندڙ بنچ ٽاپ وائرس تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

هي اڳيرايون اڳلن ٽيهن سالن ۾ جيتري ڳوٺاڻي آبادي 1950 ۾ هئي تنهن جي ٻيڻ کان بہ وڌيڪ کي ڪپائي پئي سگهيون. هن ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ نيون وسنديون وڌايون، شهر مڇڻ لڳا ۽ اچ وڃ جا ذريعا پڻ بهتر ٿيا. 1960 ۾ حڪومت، آمريڪا ۾ ٿيل تجربي (جتي مسافر ريل گاڏين کي سڌريل روڊن ذريعي ٿيندڙ اچ وڃ جي ڪري ڀنجو اڇي ويو هو) جي اثر هيٺ اڇي ڏامر وارا روڊ ٺاهڻ شروع ڪيا. مال ڍوئيندڙ گاڏين کي هٿي وٺرائي ۽ ساندهه هلندڙ سوڙهه پيدا ڪري ڇڏي، پلي جو وڌيڪ روڊ ٺهندا بہ رهيا. 2000 تائين روڊن جي هڪ وسيع نظام ڪم پئي ڪيو، جنهن ماڻهن کي سدائين جي پيٽ ۾ وڌيڪ متحرڪ ڪري ڇڏيو. ماڻهو هاڻ شهري سهولتن مان فائدو وٺڻ گهرن ٿا. ڳوٺاڻي آبادي 2000 ۾ 1951 واريءَ جي چئوڻ ٿي هئي ۽ شهري آبادي ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ. حڪومت 1960 کان پوءِ رٿا سان ٺهيل صنعتن کي پڻ هٿي وٺرائي ۽ جيئن تہ 5.5 ملين ايڪڙ بئراجي ٻني نيڪال ٿيڻ جي ڪري سنڌ جي ٻهراڙين جا پورهيت ٽيهن سالن تائين واندا نہ هئا، تنهنڪري صنعتن کي هلائڻ لاءِ ٻين صوبن مان پورهيت ڀرتي ڪرڻا پيا، جنهن جي ڪري شهر تمام تڪڙو وڏا ٿي ويا. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي آبادي جيتري 1951 ۾ هئي اڄ انهي کان لڳ ڀڳ ٽيهوڻي آهي.

انهي ٻهراڙين ۽ شهري وسندين وچ ۾ اڻبرابري پيدا ڪري وڌي آهي، جنهن سان منجهيل سماجي ۽ معاشي مسئلا، نسلي ۽ ثقافتي فرق ۽ سياسي مسئلا ڪڙا ٿيا آهن.



885

886



سنڌياڻيون ڪم ڪندي

سنڌي سماج ۾ پورهئي جي مرد ۽ مائيءَ جي وچ ۾ ورهاست ليڪي ماين کي گهر ڀاتين لاءِ کوهن، چشمن ۽ ڍنڍن تان پاڻي ڀري آڻڻ، ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪجهه ميل پري کان بہ. ڏڌ ولوڙڻ ۽ اَن ڇڙهڻ هوندو آهي. هر ڪاهڻ نج مردن جو ڪم آهي ۽ مال چارڻ پڻ. مال کي چارڻ لاءِ گاهه لٽي اچڻ مردن جو ڪم آهي، پر جيڪڏهن ڍور گهٽا هجن تہ مايون بہ ساٽن هٽ ونڊائي سگهن ٿيون. مايون ڪٽڪ ۽ سارين جي لاباري، ڦٽين جي چونڊي ۽ ڀاڄين جي پَٽائيءَ ۾ پڻ هٿ ونڊائي سگهن ٿيون، پر انهن کي ڍوئڻ مردن جو ڪم آهي. مايون سارين جي رونبي ۾ بہ مردن سان گڏ هونديون آهن. رڌ پچاءُ ۽ ڪپڙا ڌوئڻ ماين جو ڪم آهي. پورهئي جي هيءَ ورهاست ايشيا ۾ اوائلي نيولِٿڪ (زرعي) سماجن ۾ ٺهي ۽ اجا تائين جيئن جو تيئن هلي پئي.

885. ماين جي هڪ ٽولي هاڻوڪي سنڌ ۾ پاڻيءَ جا گهڙا کڻي ويندي.

886. مايون سادو ڪپڙو 19 صديءَ تائين عام اُڻنديون هيون. خاص ڪپڙن جهڙڪ لنگيءَ، کيس وغيره جي اُڻڻ جو ڪم اجا سوڌو ايڪيهين صديءَ ۾ بہ ٿئي ٿو.

ضميمو-3

هاڪڙو يا سَرَسوَتي تڪرار: سائنسدانن، تاريخدانن ۽ لوڪ ڪهاڻيڪارن جون پانت پانت نراليون ڳالهيون


هاڪڙو، هڪ سو ستر سال اڳ ڪو تڪراري مسئلو نہ هو، چاڪاڻ تہ تمام ٿورڙن ماڻهن ان بابت ٻڌو هو ۽ انهن وٽ پنهنجا پنهنجا تصور ۽ سمجهاڻيون هيون. اهي ان قسم جي راءِ رکڻ لاءِ ڪنهن آڏو جوابده نہ هئا، چاڪاڻ تہ سڌ سماچار جي عوامي ذريعن جي کوٽ سبب انهن تي اعتراض اٿڻ جي اميد نہ هئي. انگريز کوجناڪار حقيقتن کي سدائين جاچي پرکي ڏسندا هئا ۽ هيڪر ڪو تڪرار شروع ٿيو تہ انهي کي، هر ڏهاڪي ۾ دستياب، انتهائي سائنسي طريقن سان نيٺ وڃي نبيريو ويندو هو. هاڪڙي وارو سوال اهڙو ئي هڪ تڪرار هو، جنهن تي جدا جدا رايا هئا ۽ ان مسئلي کي نبيرڻ ۾ اٽڪل هڪ سو پنجاهہ سال لڳي ويا. بدقسمتيءَ سان هي مسئلو، سنڌ جي ماڻهن آڏو، جاڻ پهچائيندڙ ذريعن جي کوٽ جي ڪري، اجا تائين تمام گهڻو منجهيل آهي. کوجناڪارن جي ٽن طبقن آڏار ٽن قسمن جا رايا موجود آهن:

- سائنسدان
- تاريخدان
- لوڪ ڪهاڻيڪار

هاڪڙي تي تاريخي رايا، گهڻي ڀاڱي سترهين صديءَ ۾ ۽ ان کان پوءِ رڪارڊ ٿيل، مستند نٽا مڃي سگهجن، خاص ڪري انهن واقعن بابت، جيڪي هن خصوصي حوالي سان 2,000 ق. م ڌاري ٿيا يا پلي ٻارهين کان تيرهين صدي عيسويءَ ۾. جيتوڻيڪ انهن لکتن جي ليکڪ تاريخدانن اهي ڳالهيون وڏي پڪ ۽ دعويٰ سان چيون آهن، پر سچ اهو آهي تہ سندن ماخذ همعصر روايتي لوڪ ڪهاڻيون هيون. ٻئي پاسي روايتي لوڪ ڪهاڻيون پڏائن (تعريفون، مدحون، مرثيا) ۽ وڌائن (مبالغن) سان ڀريون پيون آهن ۽ ڪهاڻيون ڪٽڻ وارن (سگهڙن) پنهنجي تصورن کي جال چڙهي ڏنو آهي، جيڪي هڪ واقعي لاءِ هڪڙا ۽ ٻئي لاءِ ٻيا آهن، جنهن جو دارومدار ان تي آهي تہ سگهڙ ڪيترو پلو آهي. روايتي لوڪ ڪهاڻين ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڪم آندل آهي سا، ڪنهن ورلي مثال کي ڇڏي، اڍائي سو سالن کان وڌيڪ آڳاٽي نٿي لڳي. سنڌ جي لکت هيٺ آيل ۽ سمجهہ ۾ اچڻ جوڳي شاعري ڪنهن صورت بہ پندرهين صديءَ کان اڳ جي ڪنهن جُڳ جي چئي نٿي سگهجي. تنهنڪري روايتي لوڪ ڪهاڻيون ڪنهن اهڙي مسئلي کي نبيرڻ جو ذريعو ناهن، جيڪو مڪمل طرح سان تڪراري بڻيل هجي، جيئن هن کي سائنسي ثبوتن بڻائي ڇڏيو آهي.

اهو ڳولي لهڻ لاءِ تہ هاڪڙو ڪو پنهنجي منهن آزاد درياءَ هو يا ستلج هو يا آڳاٽي جُڳ جو ڪو ٻيو درياءُ، ان ڳالهہ جي ڪٽ ڪوٽ لاءِ ٿيل لڳاتار ڪوشش جو مختصر احوال ڏيڻ لاڀائتو ٿيندو. اها پڻ پڪ آهي تہ صورتحال کي وڌيڪ چٽو ڪري ٻڌائڻ لاءِ نوان سچ سدائين پڌرا ٿيندا رهندا.

1. هاڪڙي جي ڳالهہ سڀ کان پهريان اليگزينڊر برنس، هڪ سفارتڪار، ڪئي آهي، جيڪو 1833 ۾ سنڌو درياءَ جي اپرندي چاڙهہ جو احوال ڏيندي (جيڪا اڳي مُک ڌارا مان روهڙيءَ کان اوڀاري پاسي وٽان نڪري، اپرندي ريگستان ۾ زمين جي وڏن ٽڪرن کي پاڻي رسائيندي رهي هئي) انهي جو پاڻي غلام شاهہ ڪلهوڙي پاران 1761ع ۾ ڪڇ ۾ لکپت ويجهو سارين جي کيتن کي سڪائڻ لاءِ موڙڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ 1819ع واري ڌرتي ڌوڏ جي ڪري هاڪڙي يا سنڌو درياءَ جي اپرندي چاڙهہ جي پاٽيءَ تي ٺهيل مختلف وهڪرن جي پڻ ڳالهہ ڪري ٿو.
2. اهڙائي ويچار ڪيترن ئي ٻين ليکڪن پڻ ڏيکاريا، مڪ مرڊو ۽ ٿورنٽن جي اوائلي گزيٽيئر سميت، جن ڀانيو ٿي تہ اپرندو نارو سنڌوءَ مان روهڙيءَ جي اتر وٽان ٿي نڪتو. ڊبليو. پاٽنجر ۽ ڊيل هوزي جا ويچار پڻ ساڳيا هئا.
3. رچرڊ فرانسس برٽن، هڪ سرويئر، ٻولين جو ڄاڻو ۽ ڏاهو، ٿيون ليکڪ هو، جنهن هاڪڙي کي سنڌو درياءَ جو هڪ آڳاٽو وهڪرو ٻڌايو. انهي هاڪڙي ۽ ان جي وهڪرن جي حمايت ۾ ماموئي فقيرن جا بيت ڪتب آندا.
4. فائيف، سنڌ ۾ پهرئين سپرنٽينڊنگ انجنيئر، جنهن اپرندو نارو واهہ کوليو، ڀانيو ٿي تہ اپرندو نارو سنڌوءَ جي اپرندي چاڙهہ نہ بلڪہ انهي



نقشو نمبر 76
ھاڪڙي جو سُڪڻ
ڏيکاريل ٿو ته ھاڪڙي، لوڻي ۽ ستلج
درياءَ جا 2.5 ملين سال اڳ کان
1000 ق-م تائين وارا آڳاٽا ۽
بياس ۽ سنڌو درياءَ جا
تاريخي جُڳن وارا پراڻا وهڪرا
نوٽ:
خيرپور واريون 2000 ڍنڍيون ۽ کيري واريون ڍنڍيون
درشادوتي درياءَ جي ٻيٽاري (ڊيلٽا) جون نشانيون آھن.
نگرپارڪر گهڻو ڪري ستين صدي عيسوي تائين
ھڪ ٻيٽ ھو.
ڏسڻي
1. 150ھاٿوڪا دريائي وهڪرا
2. اڳوڻا دريائي وهڪرا
3. اڳوڻن دريائي وهڪرن جي وهڻ جو رخ
پڪ ناهي
4. پراڻن وهڪرن جي سڃاڻپ 1، 2، 3، 4، ۽ 5
5. سنڌو درياءَ جا پراڻا وهڪرا
6. سنڌو درياءَ جو ھاٿوڪو وهڪرو
7. سنڌو درياءَ جي ممڪن مُک واهڙ جو وهڪرو
8. ملڪي ڏنگ
9. صوبائي ڏنگ
1، 2، 3، 4، ۽ 5 نمبرن جي سمجهاڻي
1) پلائيسٽوسين جُڳ کان اڳ
2) اوائلي پلائيسٽوسين کان وچولو پلائيسٽوسين
3) پلائيسٽوسين جي پڇاڙي
4) اوائلي ھولوسين
5) وچولو ھولوسين
(پلائيسٽوسين = ڌرتي-جوڙ جو برفاني تھ وارو جُڳ)
(ھولوسين = سڀ کان سڄر ڌرتي-جوڙ جُڳ)
اتر
سنڌو درياءَ
ستلج درياءَ
چناب درياءَ
جهلم درياءَ
ملتان
سليمان جبلو سلسلو
ٿر
راجستان
اراولي
ٽڪريون
ڪراچي
حيدرآباد
جيسلمير
بيڪانير
دهلي
شملا
جمنا درياءَ
ڪڇ واري مٽي پاٽيءَ جي نار
سنڌوءَ پاران ممڪن طور
1226ع ۾ ڇڏي ڏنل واهڙ
سنڌوءَ جا ستين کان ٻارهين
صدين ۾ ممڪن وهڪرا
کيري واريون ڍنڍيون
خيرپور واريون 2000 ڍنڍيون

جو ڦاٽ (اتل تي وهندڙ واهه) هو، پر منجهس پاڻي انهي جي ڦاٽن منجهان آڳاٽن ڏينهن ۾ لاڳيتو ۽ پوءِ وارن سالن ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ ٿي آيو. هي جُڳن کان هلي ايندڙ سوچ کان پهريون وڏو ٽيڙ هو، پر مڪمل طرح سان درست نه هو، جو ته ڪيس هاڪڙي جي بهاولپور، بيڪانير ۽ انبالا ۾ وهڪرن بابت ڄاڻ نه هئي.

5. 1871 ۾ ڪَننگهام، آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي پهرئين ڊائريڪٽر جنرل، ويچار ڏيکاريو ته ريڻي، سولرا ۽ چؤٽانگ ستلج مان نڪرندڙ الڳ الڳ ڌارائون هئا ۽ سنڌوءَ سان اروڙ (الور) جي مٿئين پاسي وٽ اچي ٿي گڏيا. ايرندو نارو سنڌوءَ جو هڪ آڳاٽو پيٽ هو. اهو جاڪري ويجهو ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي پراڻ ٿيو: ڏکڻ-الهندي ويندڙ وهڪرو هرميٽيليا (برهمڻ آباد)، پٽالا (حيدر آباد) ٽپيو ۽ مُک ڌارا سان وڃي ملڻ لاءِ ڏکڻ-الهندي پاسي گونيءَ ڏانهن وکڙ ڪري ويو؛ ٻي ڇاڙهه عمرڪوٽ ٽپي پهرين ڇاڙهه سان، ڪوري ڪاريءَ جي چوڙ ڏانهن ويندي واٽ تي، ونگي بازار ويجهو وڃي گڏجڻ لاءِ ڏکڻ-ايرندي وکڙ ڪري وئي. جيئن ته سنڌس زماني ۾ هندستاني آثار پرک (آرڪيالاجي) اڃا نئين ڄاول هئي ۽ تاريخ تي پئي پاڙيائين، سو نتيجن جو آڌار ان ڳالهه تي هو ته ان مقصد لاءِ جيڪي تاريخي ماخذ ڏنا ويا سي ڪيترا موچارا هئا.

6. 1874 ۾ سروي آف انڊيا جي سِي. ايف. اولڊهام لکيو ته ستلج پنهنجو پاڻي سَرَسوَتي يا گهگهر جي پيٽ ۾ چوڙ ڪري رهيو هو، جيڪو سنڌ ۾ ايرندي ناري نالي سان ڄاتو وڃي ٿو ۽ ائين اٺڪل تيرهين صديءَ جي چوٽي تائين ڪندو رهيو، ۽ ايرندو نارو سنڌو درياءَ جو پيٽ نه هو، جيئن مٿين 1، 2، 3 ۽ 5 فرض ڪيو آهي. سنڌس ڄاڻ جا ماخذ سرڪاري رڪارڊ ۽ سروي آف انڊيا جا نقشا هئا، جن هيناهيون بلڪل اُئين ئي ڏيکاريون پئي، جيئن اهي طبعي طور موجود هيون.

7. 1875 ۾ هندستان جي هڪ گمنام ليکڪ ڪوڙي نالي نيارڪَس سان مٿئين نمبر 6 کي رد ڪندي چيو ته ستلج ڪڏهن به اولهه ڏي وهي سڌو سنڌوءَ ۾ ناهي پيو، پر انهي جي بجاءِ اهو جمنا هو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ اولهه ڏي وهندو هو ۽ هاڪڙي کي پريندو هو. مٿين 1، 2، 3 ۽ 5 جي ويچار جي پنيرائي پڻ ڪيائين ته روهڙيءَ کان اوپر پاسي سنڌو ايرندي ناري جي پيٽ مان لنگهندو هو.

8. هيوز، آئي. سِي. ايس آفيسر، پنهنجي ’گزيٽيئر آف سنڌ‘ (1876) ۾ سمجهي ٿو ته ايرندو نارو يا هاڪڙو سنڌو درياءَ جو پراڻو پيٽ آهي ۽ ان جو منڍ سنڌوءَ مان بهاولپور ۽ ريڙ جي وچ تي هو. هي فائيف واري نظرئي کي بلڪل رد ڪري ٿو ۽ ڀانئي ٿو ته سبزل ڪوٽ ۽ گهوٽڪيءَ ويجهو سنڌوءَ جي اتل جو پاڻي ٿي سگهي ٿو ته منجهس ايندڙ پاڻيءَ جو اڪيلو نه بلڪ رڳو هڪ وڏيڪ ذريعو هجي.

9. 1886 ۾ جيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي آر. ڊِي. اولڊهام، آبي اپياسن آڌار، چيو ته ائين ٿي ئي نٿو سگهي ته سنڌو ڪڏهن به ايرندي ناري ۾ وڃي پوندو هجي. اهو جمنا هو، ويجهڙ وارن ڌرتي-جوڙ جُڳن ۾ يعني برفاني ته (پلائيسٽوسين) يا 1.7 ملين کان 10،000 سال اڳ کان هاڻ تائين، جيڪو ايرندي ناري کي پريندو هو. هن ٿلهي ليکي نيارڪَس جي ويچارن جي ابتڙ سِي. ايف. اولڊهام جي ٻارهن سال اڳ ڏنل راءِ جي پنيرائي ڪئي. هن راءِ کي ڪجهه محقق، اڏامندي ڇڪيل تصويرن پاران جمنا نظرئي کي رد ڪرڻ تائين، مان ڏيندا رهيا.

10. هن، ڪنهن ريت، سروي آف انڊيا سان 1865 تائين واڳيل راورٽي کي چڙ ڏياري ڇڏي، جنهن 1892 ۾ 350 صفحن جو هڪ مقالو لکيو، ان انومان تي ته هڪ سگهارو درياءُ هوندو هو، جيڪو جهلم، چناب، راوي ۽ بياص جي گڏيل پاڻيءَ سان ڀرجندو هو، جيڪي سمورا انهي درياءَ ۾ چوڙ ڪندا هئا ۽ پوءِ ايرندي ناري جي پيٽ مان لنگهندو هو. سنڌو پڻ انهي درياءَ ۾ انهي جو سهڪاري ٿي چوڙ ڪندو هو ۽ ان سگهاري درياءَ جي گڏيل ڌارا ”مهراڻ“ سڏبي هئي. انهي جو مُک وهڪرو پنجاب ۾ ستلج مان هوندو هو ۽ سنڌ ۾ ايرندي ناري مان، جنهن رستي اهو ڪوري ڪاريءَ مان ٽپندو سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندو هو.
راورٽي جا نقشا اُتم درجي غلط هئا، سنڌس نظريا تصورن تي ٻڌل هئا، پر فارسي، عربي، پورچوگيزي، فرانسيسي ۽ انگريزي ماخذن مان تمام گهڻو تاريخي مواد ڪتب آندو هئائين ۽ سنڌ جي عام تاريخ هينئر به هن ڪتاب کان سواءِ اڻپوري آهي. سنڌس سنڌو درياءَ ۽ هاڪڙي جا وهڪرا سنڌ جي تاريخي جاگرافيءَ جي سن وار ترتيب جي حوالي سان مڃڻ جوڳا ناهن، پر سنڌس واٽ سنڌ جي ڪيترن ئي پوءِ وارن ۽ ڪجهه وڏن تاريخدانن کي ڀلائي ڇڏيو آهي، جن سنڌس ڇيل ڳالهين کي وري وري پئي ورجايو آهي ۽ وڏين تاريخي ڀُلُن کي جنم ڏنو آهي.

11. 1894 ۾ ميجر جنرل هيگ سنڌ جي هڪ نديءَ پر سٺي نموني لکيل تاريخ تيار ڪئي. جيتوڻيڪ تڪن تڪرارن ۾ پوڻ کان پاسو ڪيائين، پر سنڌس واٽ کو شڪ نٿي ڇڏي ٿو ته انهي پڻ ائين ٿي ڀانيو ته ايرندو نارو سنڌو درياءَ جو پيٽ هو.

12. 1904 ۾ ڪرنل مِنچِن ۽ جي. اين. برنس، بهاولپور رياست جي طبعي جاگرافيءَ جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ، اهو نتيجو ڪڍيو ته هاڪڙي جو پيٽ تمام سوڙهو هو، انهي منجهان ستلج جو سمورو پاڻي لنگهي ئي نٿي سگهيو، پنجاب جي ٻين دريائن ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي ڇڏي ڏجي تڏهن به. انهي مطابق اها پڪ سان ڪا ٻي پنهنجي منهن وهندڙ ڌارا هوندي. تنهن هوندي به انهن بيڪانير ۽ انبالا وارن علائقن ۾ انبالا کان هاڪڙي يا سَرَسوَتيءَ ڏانهن ايندڙ اصل وهڪرن تائين پهچڻ لاءِ جاچ نه ڪئي.

13. 1906 ۾ هينري ڪزنس، هڪ آثار پارکُو، پهريون ليکڪ ٻٽيو، جنهن سنڌو درياءَ جي وڏي ڇاڙهه، لوهاڻي ڍوري، جو وهڪرو عربن پاران 711-712ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ وقت هاٽوڪي وهڪري ۽ ايرندي ناري

جي وچ تان ڇڪيو. فائيف (سپرنٽينڊنگ انجنيئر سنڌ) جي ابتڙ هن ائين نٿي ڀانيو تہ نارو سنڌوءَ جو ڦاٽ (اٿل تي وهندڙ واهه) هو. سندس خيال هو تہ نارو سنڌو درياءَ جي هڪ ٻي ڇاڙهہ جو پيٽ هو.

14. 1924 ۾ وارڊ، هڪ جاگرافيدان، ان عام نظرئي آڌار تہ اترئين اڌ گول ۾ سمورن دريائن جو لاڙو اولهہ ڏي هوندو آهي، انهي ڪري جو ڌرتي اولهہ ڪان اوڀر ڦري ٿي، چيو تہ ستلج، جيڪو هاڻ اولهہ پاسي لاڙو ڪري ويو آهي، ڪنهن زماني ۾ هاڪڙي جو سهڪاري هو، جيڪو اڀرندي ناري منجهان ٿيندو لنگهندو هو. ٿي سگهي ٿو انهي ڪي جمنا پڻ پاڻي ڏيندو هجي.

15. 1929 ۾ خان، هڪ تاريخدان، ويچار ڊوڙايو تہ هاڪڙو سنڌوءَ جو هڪ سهڪاري هو، ستلج يا جمنا جو نہ؛ يعني ستلج هاڪڙي جو سهڪاري هو. اڀرندو نارو سنڌوءَ جو پيٽ هو، جنهن منجهان سنڌوءَ ۽ هاڪڙي جو گڏيل پاڻي لنگهندو هو ۽ مهراڻ سڏبو هو. هاڪڙو تيرهين صدي عيسويءَ ۾ وچ ڌاري سڪي ويو.

16. 1932 ۾ وائيٽ هيڊ، هڪ آثار پارڪو، چيو تہ ستلج 70-80 ميل لوڏو ڏئي هاڪڙي منجهان نہ وڃي وهيو هوندو ۽ لڳي ٿو تہ اهو انبالا واري علائقي ۾ مينهن جي گهٽجي وڃڻ ڪري سڪي ويو ۽ نتيجي ۾ انبالا جون ڌارائون سڪي ويون.

17. آر. ڊِي. اولڊهام، پٽاوالا ڏانهن 1933 ۾ پنهنجي هڪ ذاتي لکپڙهہ ۾، ڳالهہ ڪئي تہ ڪنهن آڳاٽي جُڳ ۾، جڏهن جمنا اولهہ ڏي وهندو هو، تڏهن اهو گهٽو ڪري انهي ئي وهڪري تان وهندو هو، جنهن تان هاڪڙو پوءِ وارن جُڳن ۾ وهيو، جيئن وائيٽ هيڊ جي نقشي ۾ ڏيکاريل آهي.

18. 1942 ۾ اسٽائين، هڪ آثار پارکو، بيڪانير ۽ انبالا ۾ ڪجهہ ماڳن کي جاچڻ پرکڻ کان پوءِ، نتيجو ڪڍيو تہ گهگهر يا هاڪڙو ڪنهن وقت ڌارائن جي هڪ انگ، هڪ يا ٻن اٿل تي وهندڙ واهن يا ڦاٽن سميت، جو گڏيل پاڻي ستلج ڏانهن بهاولپور ۾ نيندو هو ۽ سنڌوءَ جي هڪ واهہ جو پاڻي پڻ روهڙيءَ ويجهو الور وِٽيءَ مان نيندو هو.

19. 1942 ۾ علي، هڪ جاگرافيدان، گهگهر يا سَرَسوَتيءَ کي سڪائيندڙ عمل واري مسئلي يا ڪيس پاڻي ڏيندڙ تراين ۾ مينهن جي گهٽجي وڃڻ بابت چند ڇاڻ ڪئي، جيڪو انهي جي سڪڻ جو ڪارڻ بڻيو هو.

20. پِٽاوالا، 1959 ۾ لکندي، چوي ٿو تہ هاڪڙي جي پاڻيءَ جو هڪ ڀاڱو سِتلج جي اٿل جي پاڻيءَ مان ايندو ٿو ڏسجي، جڏهن اهو وڏيڪ ڏکڻ پاسي وهندو هو. انبالا جي ڌارائن ۾ لَٽُ ۽ واري گڏ ٿيڻ ڪري اهي سائيز ۾ ننڍيون ٿي ويون ۽ پڇاڙيءَ ۾ هاڪڙو سڪي ويو. هاڪڙو لڳي ٿو تہ هڪ ڌار، وچٿرو ۽ ٻارهو وهندڙ دريائي سرشتو هو، بهاولپور ۽ سنڌ واري ڪنڌ جي ويجهو اوڏو ۽ انهي سَنڌي جي لڳ ڀڳ پورو ڇوٽ وهندو هو. اهو هڪ پوئتي پوندڙ ڌارا هو، پنهنجو هڪ وهڪرو ٺاهيو هئائين، جيڪو هاڻ نارو ڪوٺجي ٿو ۽ سنڌ جي مهراڻ يا سنڌوءَ جهڙي ڪنهن وڏندڙ پختي قسم جي ڌارا سان ڀيٽڻ جهڙو بنهہ نہ هو. سنڌو پنهنجي سر پاڻ ڪڏهن هاڪڙي ماٿريءَ منجهان نہ وهيو. جيڪڏهن هاڪڙو مٿان پاڻي نہ اچڻ ڪري سڪي نہ وڃي ها تہ هڪ (اولهہ) پاسي سنڌوءَ پاران لَٽُ گڏ ڪندو وڃڻ ۽ پاڻ کي مٿي ڪندو وڃڻ ۽ ٻئي (اوڀر) پاسي هاڪڙي پاران پنهنجا واهہ ڪڍندو وڃڻ جو هوند نتيجو اهو ٿئي ها تہ سنڌو ڪنهن وقت اوچتو گهارو ڏئي هيٺاهينءَ تي وهندڙ واهہ، اڀرندي ناري، ۾ وڃي پوي ها، جنهن منجهان اهو تيستائين نہ نڪري سگهي ها جيستائين پنهنجي پيٽ ۾ لَٽُ ويهاري انهي کي ڀر پاسن وارن ميدانن کان مٿي نہ ڪٽي ها. سنڌو پنهنجي اولهہ ڏي وهڻ واري لاڙي جي ڪري الور گارج کي ڇڏي سڪائي ويو ۽ بکر گارج وڃي وسايائين.

21. 1963 ۾ ايم. ايچ. پنهور، پنهنجو اهو نظريو ڪتب آڻيندي تہ، جتي بہ سنڌوءَ جهڙو ڪو درياءُ ڪجهہ صدين تائين وهيو آهي انهي منجهان پاڻي پڪ سان هيٺ زمين ۾ سِميو هوندو ۽ هڪ مناسب اونهائيءَ ۽ ويکر ۾ مٺي پاڻيءَ جا وڏا ڀنڊار ڇڏيا هوندائين ۽ اهي ڀنڊار ريجاڻيءَ لاءِ ڪٽي سگهجن ٿا، ان حقيقت جي پڪ پڪاڻ سچ پچ بہ ڊرلنگ ڪري ڪئي. انهي اها ڳالهہ سچي ڪري ڏني تہ ريٽيءَ ۽ اڀرندي ناري جي پاسن سان، ويندي رڻ ڪڇ ۾ سنڌڙيءَ تائين، جَر جو پاڻي بنهہ نہ هو، سواءِ تمام سوڙهي ويکر ۽ ٿانگهي اونهائيءَ ۾ ٿوري ٿوري پاڻيءَ جي، جيڪو اتي ڪوٽيل کوهن رستي ڪڇي پيو. الور کان منڍ جمڙائو تائين صورتحال رڳو ٿورڙي بهتر هئي. هن انهي کي اڀرندي ناري واهہ سان جوڙيو، جيڪو انهي ڊيگهہ ۾ هڪ صديءَ کان وڌيڪ کان وهندو پيو اچي. سندس راءِ ۾ سنڌو اڀرندي ناري جي پيٽ مان نہ وهندو هو ۽ نارو يا هاڪڙو هڪ ننڍڙو درياءُ هو، جيڪو ڪيترين صديون اڳ سڪي ويو هو، سواءِ ان جي تہ، ڪنهن ڪنهن سال، سنڌوءَ ۽ ستلج جي اٿل (ڇر) جو پاڻي انهي ۾ ويندو هو. ڪيس ڪپري تعلقي ۾ ريگستاني درياءَ جي ڪنهن وهڪري جو هجڻ پڻ ڏسڻ ۾ آيو. انهن وهڪرن جي پڇاڙيءَ پڪ سورهن سال پوءِ گوز ۽ ٻين رموٽ سينسِنگ (پري کان پروڙڻ واري ٽيڪنالاجي) ذريعي ڪئي.

22. 1964 ۾ ايم. ايچ. پنهور سنڌو درياءَ جي پراڻن وهڪرن جا تاريخي جُڳن مان ضلعي وار نقشا ٺاهيا، انهن ماخذن ۽ واقعن بابت چنڊ ڇاڻ ڪئي، جن ۾ سنڌو درياءَ جي سمورن تاريخي جُڳن دوران الڳ الڳ جاين تي هجڻ جا اهڃاڻ هئا ۽ انهي کي انهن وهڪرن وٽ جر جي پاڻيءَ جي هجڻ سان ثابت پڻ ڪيائين. هي پِٽاوالا جي 1959 واري ڪم مٿان تاريخي ماخذن ۽ وهڪرن ليکي هڪ ننڍڙو واڌارو هو، پر جَر جي پاڻيءَ کي سمجهڻ هڪ نڪور خيال هو.

23. لئمبرڪ جو اعليٰ پايي وارو ڪم ۽ سنڌ جي تاريخي جاگرافيءَ جو ڇيد (1964) تمام سٺو لکيل ۽ هاڪڙي تي ڀلي چنڊ ڇاڻ ٽيل دستاويز

آهي، پر پٽاوالا جي سنڌو-هاڪڙي تڪرار بابت ڪيل ڪوجنائن کي مڃتا نہ ڏني اٿس. جيتوڻيڪ لئمبرڪ جي ڪم جو هي ڀاڱو پٽاوالا تان لڳ ڀڳ اکر بہ اکر نقل ڪيل آهي. جيڪا ڳالھ وڌيڪ مزي واري آهي سا اها تہ پٽاوالا مٿين 4 کان 18 ماهرن جي لسٽ ڏني آهي ۽ لئمبرڪ بہ اها ئي ساڳي، ساڳي ئي ترتيب ۾ ڏني آهي، پر 4، 5، 8، 11، 15 ۽ 17، جيڪي نسبتن گهٽ اهم ماخذ آهن، کي ڪڍي ڇڏيو اٿس. تنهن هوندي بہ سنڌوءَ جي تاريخي وهڪرن جي ثبوت وارن گڏن آثار هن ڪتاب کان مٿي ڏهاڪن تائين ڪو ٻيو ناهي آيو.

24. 1965 ۾ هومز، مڪ ڊونلڊ ۽ پارٽنرس سان لوئر انڊس پروجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ، اڏامندي ڇڪيل تصويرن آڌار مطالعو ڪري سنڌو درياءَ جا مختلف تاريخي جُڳن دوران وهڪرا تيار ڪيا ۽ اهڙي قسم جي ڄاڻ رپورٽ سان واڌو جوڙيل جلد جي جلد 2 ۾ ڇپرايائين. اها وري ٻيهر جاگرافيڪل جرنل ۾ ڇپي. ڪيس هاڪڙي جي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ جي ڪا نشاني نہ لڌي، پر ريگستان جي ڪور سان دريائي لٽ وارن ميدانن ۾ خانڳڙهہ وارو ڪچو ڳولي لڌائين، جيڪو گهٽو ڪري سنڌوءَ جي اڀل واهن (ڦاٽن) جو ٺاهيل هو. سندس نقشن ۾ ريٽي ۽ واهند پوري طرح سان ريگستان ۾ ڏيکاريل آهن ۽ سنڌوءَ جي پَٽن ۾ ڪونہ ٿا گهڙن.

25. 1966-67 ۾ ايم. ايچ. پنهور 1:250،000 ڪاڇي تي سنڌو درياءَ جي سنڌ ۾ پنين 5،000 سالن دوران وهڪرن جو اڏامندي ڇڪيل تصويرن آڌار هڪ نقشو ٺاهيو ۽ سنڌوءَ مان اڀل واهہ سکر ضلعي ۾ ريٽيءَ ڏانهن ويندي ڳولي لڌائين ۽ الور وٽيءَ مان لنگهندڙ سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهہ پڻ لڌائين.

26. 1968 ۾ رائيڪس، گهڻو ڪري پٽاوالا (20 مٿي) ۽ لئمبرڪ (23 مٿي) کان متاثر ٿي، ان ڳالھ تي زور ڏنو تہ جمنا سان سنڌو ۽ گنگا سرشتا واري وٽي ملندا رهيا آهن. هن نظرئي کي پڻ، گوز (31 مٿي) جي رموٽ سينسنگ کان سواءِ، رائو وغيره (1974) درياءَ جي الهندي ڪنڌيءَ سان جمنا فالٽ (ڌرتيءَ جي جوڙن يا رڳن جو ٽڙي وڃڻ جتي ڌرتيءَ ۾ ڏار پئجي وئي آهي) جي ثبوت آڌار رد ڪري ڇڏيو، جنهن جو مطلب آهي تہ جمنا درياءُ اولھ ڏي نہ وڃي سگهيو هوندو.

27. 1969 ۾ وِلهيلمي سَرَسوَتي مسئلي تي لکيو، گهڻي ڀاڱي پٽاوالا پاران حوالا ڏنل ماخذن تي ڀاڙيندي. هي چوي ٿو تہ جمنا اڳي الهندي جمنا واهہ جي هاڻوڪي هانسي-حصار شاخ منجهان اولھ وهندو هو ۽ درِشادوَتي ڪري ڄاتو ويندو هو.

اڏامندي ڇڪيل تصويرن جمنا جي اولھ ڏي وهڻ واري هن نظرئي کي مڪمل طرح رد ڪري ڇڏيو آهي. هي نٿو سمجهي تہ ڪو هاڪڙو سنڌوءَ جو سهڪاري هو. سندس مطابق جمنا سان گنگا رڳ ويدي جُڳ ۾ مليو هو. هي لئمبرڪ (23 مٿي) ۽ رائيڪس (26 مٿي) کان متاثر لڳي ٿو. پوئين جو خيال هو تہ جمنا ۾ سنڌو ۽ گنگا سرشتا واري وٽي ملندا رهيا آهن.

28. 1969 ۾ ايم. ايچ. پنهور اڏامندي ڇڪيل تصويرون ڪم آڻيندي پڌرو ڪري ڏيکاريو تہ ستلج ۽ سنڌوءَ جي اڀل جي پاٽيءَ تي وهندڙ هاڪڙو منڍ جمڙائو وٽ ٻن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويو ۽ انهي جي الهندي ڇاڙهہ جمڙائو واهہ جي پيٽ تان لنگهي، تنهن کان پوءِ اها برهمڻ آباد-منصوره ماڳ جي اڀرندي پاسي وٽان وڃي لنگهي ۽ وري ڪيترائي ميل ڏکڻ ۾، هاڻوڪي ڊوري پراڻ رستي ڪوري ڪاريءَ ڏانهن ويندي وات تي، برهمڻ آباد-منصوره کان مٿان، سنڌوءَ جي اڀرندي ڇاڙهہ سان وڃي گڏي. انهي کي سنڌوءَ جي هڪ اڀرندي ڇاڙهہ پڻ بدين تعلقي ۾ پاڻي ڏيندي هئي، جنهن جي ڪري سندس هيٺئين ڀاڱي ۾ پاڻي سڄو سال هوندو هو.

29. 1972 ۾ گرديپ سنگهہ ۽ ٻين، راجستان ۾ ٽن کارين ڍنڍن ۾ گڏ ٿيل مواد جي زميني تهن جو ريڊيو ڪاربان سنہ لهڻ کان پوءِ، نتيجو ڪڍيو تہ 9،500 کان 4،000 سال اڳ جي وچ تي الهندي راجستان ۾ پوندڙ مينهن هڪ ڏاڪو مٿي هو ۽ هنوقت پوندڙ مينهن کان اٽڪل اڍائوڻو هو ۽ انبالا ضلعي ۾ ۽ پرسان هماليہ جبلن ۾ جهجهو مينهن پوندو هو، ايترو جو ڪنهن قدر اهميت واريون ڏارائون وهي هلن. هن جو مطلب پوءِ وارن ليکڪن اهو ڪڍيو تہ ڏارائن جو هڪ انگ انبالا ضلعي مان ڏکڻ وهيو پئي ۽، انهي عرصي دوران انهن منجهان هڪ، سَرَسوَتي يا هاڪڙو ٻارهو وهندڙ درياءُ هو.

30. 1979 ۾ پاڪستان جي آثار پارڪو کاتي جي رفيق مغل، بهاولپور ۾ هاڪڙي جي پاسن وارن آثاري ماڳن جي سروي ڪرڻ کان پوءِ، ثبوت سامهون آندو تہ بهاولپور ۾ ساماٽل سنڌو تهذيب واريون وسنديون 2،000 ق. م ڌاري ڊرڪڻ شروع ٿي ويون هيون، ڪارڻ هو انهي درياءَ ۾ ايندڙ پاڻيءَ جو گهٽجي وڃڻ. هن استائين (18 مٿي) جي هندستاني علائقن ۾ ڪم کي هٿي ڏني.

31. 1979-80 ۾ بيمل گوز، امل ڪار ۽ زاهد حسين، خيالي زميني صورتن ۽ اڏامندي ڇڪيل تصويرن کان ڪم وٺندي، سَرَسوَتيءَ جا وهڪرا تيار ڪيا: راجستان جي وچان لوٽيءَ ڏانهن؛ ريٽيءَ ۽ اڀرندي ناري جي وچان؛ ۽ ريگستان جي اتر-الهندي ڀاڱي جي وچان، پنجن الڳ الڳ مرحلن ۾، هنن نالن سان - آڳاٽو وهڪرو ۽ هڪڙي پٺيان ٻيو ٽي وڏا وهڪرا - پڇاڙيءَ وارو ٿيو گهگهر-هاڪڙو، بهاولپور جي وچان ريٽيءَ ڏانهن. وچ وارا ٽي وهڪرا هاڻوڪي ناري سان ڪپري ۽ خيرپور جي علائقن ۾ گڏبا هئا. سنڌ ۾ گهڙندڙ ۽ اڀرندي ناري سان عمرڪوٽ جي اتر ۾ گڏجندڙ ڪنهن درياءَ جو پڻ هڪ وهڪرو آهي، پر ان جا پيرا رڳو ڪجھ پنڌ تائين آهن، پنجن سرشتن کان مٿي نہ. هي ٿي سگهي ٿو ليڪڪ جي هڪڙي پٺيان ٻئي پنجن مرحلن کان اڳ جو ڪو وهڪرو هجي.

32. 1984 ۾ امل ڪار ۽ بيمل گوز، اڏامندي ڇڪيل تصويرن جي مدد

سان، نتيجو ڪڍيو ته اهڙو ڪو ثبوت ڪونهي، جنهن سان ثابت ٿئي ته جمنا اولهه ڏي وهي درشادوَتيءَ کي وچي پاڻي ڏيندو هو. انهن اهو پڻ نتيجو ڪڍيو ته درشادوَتيءَ جا ڪوڙ سارا وهڪرا هئا، جن ذريعي اهو ريگستان جي وچان ڏکڻ ڏي وهندو هو ۽ اراولي ٽڪرين مان هلندڙ ڏاراڻون پڻ ڪيس پاڻي رسائينديون هيون. تنهنڪري سندس سڪي وڃڻ جو مکيه ڪارڻ موسمي ڦيرا هئا.

درشادوَتيءَ تي اوتروئي تڪرار اڳي ئي هليو پئي، جيترو سَرَسوَتي يا هاڪڙي تي پئي هليو. مثال طور ڪَنِنگهام (5 مٽي) الهندي جمنا واهه جي هانسي-حصار شاخ کي هن درياءَ جو پيچڙيءَ وارو وهڪرو ٿي ڀانيو. ريپسن انهي کي چؤتانگ جو هاٽوڪو وهڪرو ٿي ڀانيو. ڪيٽ ۽ ڊِي سندس وهڪرو چؤتانگ مان ۽ تنهن کان پوءِ الهندي جمنا واهه جي هانسي-حصار شاخ مان ٿي ڀانيو. وڌيڪ سجاڳپ وشيشتا، شرما ۽ امل ڪار جي اهڙن ئي ويچارن ڏکي ڪري چڏي ۽ گوز جي رموٽ سينسنگ ڪتب آڻڻ جمنا جو درشادوَتيءَ جي ڪجهه سهڪارين سان ملڻ ۽ ان جي ابتڙ نه ٿيڻ سجاڳي ورتو.

هڪ دلچسپ ڪوجنا، جنهن سندن اڳوٽن 1979 ۽ 1980 (31 مٽي) وارن اپياسن کي رد ڪري ڇڏيو، سا اها هئي ته درشادوَتيءَ جي رڳو هڪڙي ايرندي ۽ گهٽ اهم ڇاڙهه آڳاٽن وقتن ۾ لوٽيءَ ڏانهن ويندي هئي ۽ اها اوڏانهن ويندي واٽ تي اراولي جبلن مان ميـنهن جو پاڻي گڏ ڪندي ويندي هئي، پر اڳتي هلي، اولهه مڙي ريگستان جي وچ مان 74 ڊگهائي ڦاڪ E تائين وڃي لنگهندي هئي ۽ اها هن پورچوٽ ڪان اڳتي ڳولي لهڻ ڏکي آهي.

ٽئين مرحلي ۾ درشادوَتي درياءُ سَرَسوَتي يا هاڪڙي دريائي سرشتي جو سهڪاري ٿيڻ لاءِ الڳ الڳ وقتن تي ڪيترن ئي مرحلن منجهان لنگهيو، جڏهن ته هاڪڙو يا سَرَسوَتي پڻ اولهه ڏي هلندو ويو.

ليڪڪن لاءِ درشادوَتيءَ جي وهڪري جو سنه ڳولي لهڻ ڏکيو ٿي پيو، پر سمجهن ٿا ته هلندو وڃڻ وارا وڏا لاڙا اوپر ڪان اولهه ڏانهن ٿيا ۽ گهٽو گهٽو ڪري درياءُ لوٽيءَ ڏانهن پلائيسٽوسين (برفاني تهه) جُڳ دوران سوڪهڙي واري آبهوا جي شروع ٿيڻ ڪان اڳ وهندو هو.

33. 1985 ۾ ايم. ايچ. پنهور، درشاوَتيءَ جي امل ڪار ۽ گوز پاران ڏسيل وهڪرن جي پڪ پڪاڻ ڪري ونڻ ڪان پوءِ، سهي ڪيو ته درشادوَتي درياءَ جا ٿي سگهي ٿو آڳاٽن جُڳن ۾ ٿي وڏا وهڪرا رهيا هجن - سپ ڪان آڳاٽو وهڪرو لوٽيءَ ۾ چوڙ ڪندو هو ۽ پوءِ وارا به وهڪرا الهندي راجستان واري ريگستان جي وچولي ڀاڱي منجهان لنگهي سنڌ ڏانهن ويندا هئا، جتي اهي هاڪڙي سان گڏبا هئا. آڳاٽو وهڪرو عمرڪوٽ جي اتر مان هوندو هو ۽ ڇاڙيءَ وارو ناري ۽ ڪپري تعلقن جي وچان لنگهندو هو. سينٽرل ايرڊ زون ريسرچ انسٽيٽيوٽ پاران هنن ٽنهي وهڪرن منجهان پهرئين کي پلائيسٽوسين جُڳ ڪان اڳ جو ۽ ٻئين ۽ ٽئين کي پلائيسٽوسين جُڳ جا سمجهيو ويو.

اڏامندي ڇڪيل تصويرن جي مدد سان پنهور هڪ نظريو آڏو آندو ته خيرپور ۽ ڪپري تعلقن ۾ ڪاري پاٽيءَ جون 2،000 ڍنڍون ٿي سگهي ٿو درشادوَتي درياءَ جون ناهيل هجن، جيڪو هنن تعلقن منجهان وهندو هو ۽ سانگهڙ ضلعي واريون ڍنڍون: مَکي-فراش واريون ترايون درشادوَتيءَ جي هاڪڙي سان ميل واري هنڌ ٺهيون هيون. سندس مُک ماخذ مٿيون 32 هو ۽ ڪيس لڳو ته درشادوَتي ٿي سگهي ٿو سنڌ واري ريگستان يا ايرندي رڻ جي وچولي ڀاڱي جي وچان لنگهندو هجي. درشادوَتي هاڪڙي سان گڏ 2،000 ق. م ڌاري ميـنهن جي گهٽجڻ سبب سڪي ويو.

هيءَ ڳالهه سنڌ جي ڍنڍن لاءِ سورهن آنا سچ هئي، پر اڏامندي ڇڪيل تصويرون نه هجڻ ڪري هندستان واري پاسي لاءِ ان بابت پڪ پڪاڻ ڪرڻ ڏکيو هو.

34. پڇاڙڪي ڪوجنا ڪان پوءِ هي ليکڪ سنڌ جي ريگستان ۾ وڌيڪ ڳولها ڦولها ڪندو رهيو ۽ بلڪل سچر 1:50،000 نقشن کي جاچڻ پر ڪڻ ٿي، جيڪي اڏامندي ڇڪيل تصويرن آڌار ٺهيل آهن. ڪيس ڏسڻ ۾ آيو ته خيرپور ۽ ڪپري وارين ڍنڍن جو منهن اتر-اتر اوپر ڪان ڏکڻ-ڏکڻ اولهه هو. درشادوَتي درياءَ چوٽياري، مَکي ۽ فراش ڍنڍون ناهيون هيون.

ڪيس ڪنهن گهٽي آڳاٽي درياءَ جون به ڇاڙهون پڻ اتر-اوپر پاسي ڪان ايندي ۽ هاٽوڪي عمرڪوٽ شهر ويجهو هاڪڙي سان گڏجندي ڏسڻ ۾ آيون.

35. انت نبيرو

سمورو مسئلو وري ٻيهر کوليو ويو. هندستاني ليکڪن (31 ۽ 32 مٽي) ۽ سينٽرل ايرڊ زون ريسرچ انسٽيٽيوٽ، جوڌپور، پاران راجستان جي آڳاٽن دريائن تي ڪيل ڪم کي نئين سر جاچيو پرکيو ويو ۽ هن جي وڌيڪ پنيرائي سنڌ جي ريگستان يا اوڀارئين رڻ ۾ رموٽ سينسنگ اپياس ڪري ڪئي وئي. جيڪي نتيجا ڪڍيا ويا سي هيٺ ڏجن ٿا ۽ ڏنل نقشي ۾ چِٽا ڪري ڏيکاريا ويا آهن.

i. سَرَسوَتيءَ (هاڪڙي) ۽ درشادوَتيءَ پنهنجا انبالا ضلعي ۽ هريانا رياست ۾ وهڪرا ڪيترائي ڀيرا مٽايا، ڪارڻ هو لَٽَ جا اهي انبار، جيڪي انهن سِوالڪ ٽڪرين کي روڙي اگهاڙو ڪري پاڻ سان پئي آندا. هتي موجود اکيچار پراٽيون ڌاراڻون سَرَسوَتي ۽ درشادوَتي سرشتي جي هزارين سالن جي وهڪرن جون نشانيون آهن.

ii. آرين جي ويدي ۽ ڌرمي ادب وارا درشادوَتي ۽ سَرَسوَتي اٿندي به الڳ الڳ درياءَ هئا ۽ جڏهن آريا انهن تائين پهتا تيستائين اهي پاڻ ۾ گڏجي هڪڙي ڌارا ٿي چڪا هئا، جيڪا ايرندي ناري يا هاڪڙي کي

پاڻي رسائيندي هئي.

iii. چؤتانگ، جيڪو ڪنهن زماني ۾ هاڪڙي جو سهڪاري سمجهيو ويندو هو، دِرشادوَتيءَ جي مُک ڌارا هو ۽ اڳتي هلي جڏهن دِرشادوَتيءَ سَرَسوَتيءَ ۾ ڇوڙ ڪيو تہ اهو سَرَسوَتيءَ جو اڻسڌو سهڪاري بڻجي ويو.

iv. دِرشادوَتي، چؤتانگ جو ٻيو نالو آهي. انهي جو سڀ کان آڳاٽو سڃاڻپ جوڳو وهڪرو لڳ ڀڳ هي هو: راجگڑھ، هَديال، چُرُو، رتاگڑھ، موڪالا ۽ پُندلُو.

v. سِوالِڪ ٽڪرين ۾ جمنا فالٽ هجڻ ڪري جمنا درياءُ اولهہ ڏي وڃي هاڪڙي جي پيٽ مان نہ وهي سگهيو هوندو، جيڪو سندس پاڻي جهلي سگهڻ ليکي گهڻو سوڙهو هو.

vi. شملا جي ڏکڻ ۾، اوڀر پاسي جڳڌر ۽ اولهہ پاسي پٽيالا شهرن جي وچ تي، آڳاٽين ڌارائن جا گهٽ ۾ گهٽ ست پيٽ آهن ۽ ٻہ ٻيا پٽيالا جي اولهہ پاسي پڻ آهن. اهي سڀ جو سڀ اتر-اتر اوڀر کان ڏکڻ-ڏکڻ اولهہ وهن ٿا ۽ هڪٻئي ۾ ملي ٻہ وڏيون ڌارائون جوڙين ٿا - اوڀر پاسي دِرشادوَتي ۽ اولهہ پاسي سَرَسوَتي. دِرشادوَتيءَ جي نشاني بلڪل اوڀر واري ڌارا آهي، جيڪا هنوقت چؤتانگ سڏجي ٿي ۽ باقي اٺ ڌارائون سَرَسوَتيءَ جون نشانيون آهن، جيڪي انهي جون سهڪاري سمجهيون وڃن ٿيون، جيتوڻيڪ هنن ٻنهي جي وچ ۾ سندن سموري ڄمار دوران هڪٻئي جي ڌارائن ۾ ملي وڃڻ عام ڳالهہ هئي.

vii. لڳي ائين ٿو تہ پلائيسٽوسين (برفاني تهہ) کان اڳ واري جُڳ (2.0 ملين سالن کان وڌيڪ اڳ) دوران دِرشادوَتي درياءُ لوڻي درياءَ ۾ ٻِشالپور شهر ويجهو، سنڌ جي دنگ کان 250 ڪن ميل اوڀر پاسي 26هين پوروچوٽ ليڪ تي، ڇوڙ ڪندو هو. لوڻي انهي جو پاڻي سنڌ نارِ ڏانهن نيندو هو، گهڻو ڪري ويراواهہ ۽ پاري نگر شهرن جي ويجهو، جنهن سان نگرپارڪر هڪ ٻيٽ بڻجي پوندو هو. دِرشادوَتيءَ جو ويجهي ۾ ويجهو نشان نگرپارڪر کان 260 ميل پري هو. ٿي ئي نٿو سگهي تہ اهو ڪڏهن بہ لاڙ سنڌ مان وهيو هجي. سَرَسوَتي پڻ اتر-اتر اوڀر کان ڏکڻ-ڏکڻ اولهہ وهي دِرشادوَتيءَ سان چُرُو کان اولاهين پاسي گڏبو هو ۽ اها گڏيل ڌارا لوڻيءَ ۾ پچاپدرا شهر ويجهو ڇوڙ ڪندي هئي.

viii. آڳاٽي يا هينئين پلائيسٽوسين جُڳ (2.0 ملين کان 500,000 سال اڳ) دوران، سوڪهڙي جي شروع ٿي وڃڻ ڪري، دِرشادوَتيءَ جو پاڻي گهٽجي ويو ۽ اهو لوڻيءَ تائين پهچي نہ پئي سگهيو. انهي کان پوءِ اهو اولهہ ڏي مڙي سَرَسوَتيءَ سان انهي جي پراڻي وهڪري جي پوروچوٽ نئين پيٽ ۾ وڃي گڏيو. هي ميل ناگور ۽ جيسلمير شهرن جي وچ تي ٻنهي کان هڪجيتري پنڌ تي ۽ جوڌپور جي اتر ۾ ٿيو. دِرشادوَتيءَ ۽ سَرَسوَتيءَ جي منڍين وٽ سِوالِڪ ٽڪرين ۾ ٽيندڙ ٽيڪٽونڪ چرپر (ڌرتيءَ جي ڏڏڻ ۽ لوڏن جي ڪري ٽيندڙ ڦيرڦار) ٿي سگهي ٿو، ڪنهن حد تائين، هنن ڌارائن جي وهڪرن جي متجڻ جو ڪارڻ بڻي هجي، پر وڏو ڪارڻ هو لَٽَ جا اهي انبار، جيڪي هنن پاڻ سان سِوالِڪ ٽڪرين مان تي آندا ۽ انهي ڪي پنهنجي پيٽ ۾ ويهاري پنهنجو دگ پاڻ ئي بند ڪيائون. ان ڳالهہ جي پڪ ناهي تہ آيا دِرشادوَتيءَ ۽ سَرَسوَتيءَ جي گڏيل ڌارا ٿر ۾ گهڙي، پر ڪنهن درياءَ جون الهندي راجستان واري رڻ جي وچولي ڀاڱي مان ايندڙ بہ چاڙهون سنڌوءَ جي ميداني علائقي ۾ هاٿوڪي عمرڪوٽ ويجهو گهڙيون. لڳي ائين ٿو تہ يا تہ دِرشادوَتي اڪيلي سِر يا سَرَسوَتي ۽ دِرشادوَتي سرشتي جو گڏيل پاڻي هن هنڌ تي سنڌ ۾ گهڙندو هو ۽ ٿر جي اولاهين ڪڙ وٽي رهمڪي بازار کان ٿيندو ڪڇ جي رڻ ڏانهن هليو ويندو هو ۽ اتان پوءِ سمنڊ ڏانهن هليو ويندو هو.

ix. وڌيڪ ڦيرا متئين يا پڇاڙڪي پلائيسٽوسين جُڳ يعني 35,000 کان 10,000 سال اڳ دوران آيا. سَرَسوَتي اولهہ پاسي سنڌو سرشتي ڏي لڙيو، ڪجهہ پنڌ تائين ستلج جي پوروچوٽ هليو ۽ انهي کان پوءِ اتر-اتر اوڀر کان ڏکڻ-ڏکڻ اولهہ پاسي چار وڏا ۽ ڪيترائي ننڍا پلٽا کائيندو وچولي ۽ اتر سنڌ ڏانهن ڦري ويو. سنہ وار ترتيب سان اهي چار وڏا پلٽا هيٺين مرحلن ۾ آيا:

- سِرسا کان ڪالِيبنگان، خانگڑھ، اسلام ڳڑهہ، ڏرمي ڪوهہ، گهنٽيالي، شاهگڑھ، ٻاٻُوري، رَجَت ۽ ميهار مگريو، ۽ انهي کان اڳتي ايرندي ناري مان، ريگستان يا اوڀارئين رڻ جي الهندي ڪور ڪور سان، ڪوري ڪاريءَ ڏانهن.
- سِرسا کان ڪالِيبنگان، انُوپ ڳڑهہ، سَرڪي، دراوڙ، منڙائو ۽ مندرا، ۽ انهي کان اڳتي ايرندي ناري مان ڪوري ڪاريءَ ڏانهن.
- ساڳيوئي مٿيون وهڪرو منڙائو تائين، پر انهي کان اڳتي هيٺ واهند چاڙهہ ڏانهن ۽ انهي کان اڳتي ايرندي ناري مان ڪوري ڪاريءَ ڏانهن.
- ساڳيوئي مٿيون وهڪرو منڙائو تائين، پر انهي کان اڳتي سَنڌن والا ۽ ريٽيءَ ڏانهن ۽ اتان اڳتي ايرندي ناري ۽ پوءِ ڪوري ڪاريءَ ڏانهن.
- آڳاٽي ۽ وچولي هولوسين جُڳ (پڇاڙڪي برفاني جُڳ کان پوءِ وارو يا هن مهل تائين پڇاڙڪو ڌرتي-جوڙ جُڳ) دوران سَرَسوَتيءَ جي اولهہ ڏي وڃڻ وارن وڌيڪ ڦيرن جو سلسلو. انُوپ ڳڑهہ کان اڳتي نوان وهڪرا نهيا. اهي هي هئا:

- انوپ ڳڑهہ کان فورٽ عباس ۽ درواڙ جي اتر ڏانهن. اتان وري ريٽيءَ ڏانهن ۽ ريٽيءَ کان ايرندي ناري مان ڪوري ڪاريءَ ڏانهن.
- انوپ ڳڑهہ کان احمدپور ڏانهن ۽ اتان اڳتي ريٽيءَ ڏانهن.
- انوپ ڳڑهہ کان احمدپور ڏانهن ۽ اجا اڳتي ستلج ڏانهن.
- جنهن وقت اهو ستلج ۾ پيو پئي انوقت بہ ريٽيءَ ۽ ناري ڏانهن وهيو پئي.

- هن عرصي دوران دِرشادوَتي پنهنجي چؤڻانگ کان حِصار، نِهار، صورتگڙهہ ۽ انوپ ڳڙهہ واري وهڪري کان اولهہ ڏي لڙندو ٿو ڏسجي. انوپ ڳڙهہ وٽ دِرشادوَتيءَ سَرَسوَتيءَ سان ميل (دو آبو) ڪيو هو.

x. سَرَسوَتيءَ جون پنجاب جي ضلعي انبالا، هريانا رياست ۽ راجستان جي ضلعي گنگا نگر ۾ ڪوڙ ساريون سهڪاري ڌارائون هيون. اهي سهڪاري ڌارائون سِوالڪ ٽڪرين کان هلندڙ هڪ وڏي ماتريءَ ۽ هنوقت دادوالي، گنگا نگر، جکل، تاجي والا، جڳڊر، پاڻيپت، ٿانيسر ۽ پٽيالا شهرن هيٺ اچي ويل علائقي ۾ پکڙيل هيون - لڳ ڀڳ اٽڪل 10،000 چورس ميل پاڻيءَ جي پندار تراين وارو علائقو (طاس)، جنهن مان اهو انهي جو سانوڻيءَ ۽ سياري جي چؤماسي جو پاڻي وهائي ويندو هو ۽ گڏوگڏ هماليہ جون برفون پڻ، جنهن سان سَرَسوَتي هڪ ٻارهو وهندڙ درياءُ ٿي پوندو هو.

xi. ستلج پنهنجي مٿين پهچ وارن علائقن ۾ ڪجهہ پاڻي سَرَسوَتيءَ کي، پنهنجي چاڙهن منجهان ڪنهن رستي ڏيندو هو، جيڪا اوڀر پاسي کان ۽ لُڌياڻي جي اولهہ مان هلندي هئي ۽ ساٽس جکل، هنومانڳڙهہ ۽ ڌاباوَتي وٽ ملندي هئي. اهي هيٺئين يا وچولي پلائيسٽوسين جُڳن جا ننڍا واهہ هئا ۽ پوئين پلائيسٽوسين جُڳ يا هولوسين جُڳ ۾ ڪو پاڻي نٿي رسايائون. تنهن هوندي بہ، ساڳئي عرصي دوران اٿل جو پاڻي باقاعدگيءَ سان ايندو رهندو ٿو ڏسجي، ويندي تاريخي جُڳن تائين.

xii. ناري ۽ ڪپري تعلقن ۾ ٻہ هزار ريگستاني ڍنڍون سَرَسوَتيءَ ۽ دِرشادوَتيءَ جي گڏيل پاڻيءَ پوئين پلائيسٽوسين جُڳ جي پوياڙيءَ واري ڀاڱي (35،000 کان 10،000 سال اڳ) يا اجا بہ هولوسين جُڳ جي اڳياڙيءَ دوران ناهيون هيون. هنن ڍنڍن جي مُهاڙ اتر-اتر اوڀر کان ڏکڻ-ڏکڻ اولهہ ڏانهن، آڳاٽين ڌارائن جي وهڪرن ڪي سامهين آهي.

xiii. هاڪڙي يا سَرَسوَتيءَ پنهنجي وهڪري ۾ چوٽياري ڍنڍ کان ڏکڻ پاسي يعني هن هنڌ کان سمنڊ تائين - عمرڪوٽ، نئين ڪوٽ، رهمڪي بازار، سنڌڙي ۽ ڪوري ڪاريءَ رستي - گهٽ ۾ گهٽ وچولي پلائيسٽوسين (500،000 کان 35،000 سال اڳ) کان وٺي ڪو وڏو ڦيرو نہ آندو. پوري عرصي دوران اٽڪل 5-10 ميل اوڀر کان اولهہ لوڏو ڏيندو رهيو. هن پٽيءَ ۾ پٽون ايتريون وڏيون ناهن جيتريون اوڀر پاسي آهن ۽ پوئين پلائيسٽوسين جُڳ (35،000 کان 10،000 سال اڳ) دوران ٺهيون هيون.

xiv. هاڪڙو يا سَرَسوَتي چوٽياري يا منڊ جمڙائو ۾ ٻن الڳ الڳ وقتن تي پيو، پر پڪ سان پوئين پلائيسٽوسين جُڳ (35،000 کان 10،000 سال اڳ) دوران.

xv. هن عرصي دوران دِرشادوَتي هاڪڙي يا سَرَسوَتيءَ سان حِصار، نِهار ۽ صورتگڙهہ واري پيٽ تي گڏجي چڪو هو. انوپ ڳڙهہ ڏانهن ڦيرو هولوسين جُڳ جي اڳياڙيءَ (10،000 سال اڳ کان 6،500 سال اڳ) دوران آيو.

xvi. هاڪڙو چوٽياريءَ کان مٿان اولهہ ڏي اٽڪل پنجن مرحلن ۾ لڙيو آهي ۽ جيئن ئي اهو ريٽيءَ جي هاڻوڪي وهڪري تائين پهتو تہ لڳ ڀڳ اتر کان ڏکڻ وهڻ شروع ڪيائين. پنجون مرحلو ريٽيءَ رستي هو، ٻيون مرحلو سوراهہ ۽ منڊ جمڙائو جي وچ تي ۽ چوٿون مرحلو پراڻي وهڪري سان، جيڪو واهند ڪري ڄاتو وڃي ٿو.

xvii. جڏهن سنڌو درياءُ ۽ ستلج اٿلندا هئا تہ اهي ڇَر ڪندا هئا. ستلج ۽ سنڌوءَ جا ڇر تي وهندڙ واهہ (ڦاٽ) غوثپور، ضلعو رحيميار خان (سنڌ جي دنگ کان 50 ميلن تي ۽ منڻ ڪوٽ جي سامهون) کان اتر-اولهہ وٽان وهي هلندا هئا ۽ اباوڙي ۽ پني عاقل جي وچان پڻ. انهن جو پاڻي وهي سَرَسوَتيءَ يا هاڪڙي يا ايرندي ناري ۾ وڃي پوندو هو، گهڻو ڪري هر سال، ويندي تيرهين صدي عيسويءَ تائين ۽ ڪنهن ڪنهن سال انهي کان پوءِ بہ.

xviii. اڏامندي ڇڪيل تصويرن مان پڪ نٿي بيهي تہ آيا سڄو جو سڄو ستلج پلائيسٽوسين کان اڳ واري جُڳ ۾ سَرَسوَتيءَ ۾ وڃي پوندو هو يا انهي جو رڳو ٿورو ڀاڱو. وچولي ۽ پوئين پلائيسٽوسين جُڳن دوران ستلج هڪ آزاد درياءُ هو، جيڪو پنهنجي رڳو اٿل جي پاڻيءَ کي سَرَسوَتيءَ ڏانهن وهڻ ڏيندو هو.

xix. سنڌو ثقافت جون وسنديون سَرَسوَتيءَ جي پراڻن وهڪرن جي پاسن سان فورٽ عباس کان دراوڙ قلعي تائين موجود آهن، جيئن مغل جاچ پرک ڪئي آهي. اسٽائين گهگهر ۽ هاڪڙي جي پيٽ جي پاسن سان بيڪانير ۽ ايرندي بهاولپور ۾ هنن ماڳن جي جاچ پرک ڪئي: پدراڪلي، مندرا، فتح ڳڙهہ، ڪالِيبنگان، پاواڙ، بڊوپال، رنگ محل، ڪرٽيسر، سردارڳڙهہ، سوهاڪوٽ، سُوَئيڪي، بجين ڳڙهہ، رامسنگهپور، بجنور، ولار، سَندن والا، ڪُبوالا ۽ لُوڙيوالا. هي سمورا ماڳ يا تہ ٽامي-ڪنجهي (سنڌو ثقافت) جُڳ جا آهن يا اوائلي تاريخي جُڳ جا، ويدي آرين واري دور تائين اڳ جا، پر 750 ق. م کان پوءِ جا نہ. آڳاٽا ماڳ 2،300 ق. م تائين اڳ جا آهن.

xx. جيئن ئي هاڪڙو يا سَرَسوَتي ٻارهو نہ وهندڙ درياءُ ٿيو، تہ جي معيشت ۾ سندس دان سُسي راجستان ۽ چولستان ۾ مال ڌاريندڙ ڌنارن تائين وڃي بچيو، پر سنڌ ۾ اهو منڊ جمڙائو کان هيٺ سانوڻيءَ ۾ ڪجهہ زراعت کي ٽيڪ پرائيندو هو، جيتوڻيڪ بلڪل باقاعدگيءَ سان نہ، گهڻو ڪري 1200ع تائين، ۽ انهي کان پوءِ هيڪڙ ٻيڪڙ. پر هي سڌ بلڪل ٺيڪ ٺيڪ نٿو چئي سگهجي. تنهن هوندي بہ ارڙهين صديءَ جي وچ تائين ڪڏهن ڪڏهن پاڻي رسائيندو رهڻ جا اهڃاڻ ملن ٿا.

xxi. ٻارهو نہ وهندڙ درياءُ هوندي بہ هي يونانين جي 325 ق. م ۾ سنڌ فتح

ڪرڻ وقت ۽ انهي ڪان پوءِ ٻيڙين جي اچ وڃ لاءِ ڪم اچي نہ سگهيو هوندو. ٻارهو وهندڙ درياءُ هوندي هن جي سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ سنڌو ثقافت جي ٻين شهرن سان ٻيڙين جي اچ وڃ ۽ رابطي جو ذريعو هجڻ ۾ پتي هئي.

xxii. ڪڇ جو رڻ سدائين سمنڊ سان ڳنڍيو پيو هوندو هو. ائين ٿي سگهي ٿو تہ جڏهن سنڌو سنڌ نارِ ۾ ڇوڙ ڪندو هوندو تڏهن هيءَ نارِ مٺي پاڻيءَ جي ڍنڍ ٿي پوندي هوندي، ڪجھ مهينن يا هڪ سال لاءِ. پر سنڌو درياءَ جي گهٽ ڇوڙ وارن مهينن ۾ اها پڪ سان سامونڊي پاڻيءَ جي نارِ ٿي هئي.

xxiii. پاري نگر، جنهن لاءِ بندر هجڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، دريائي بندر نہ، پر سنڌ نارِ مٿان هڪ سامونڊي بندر هوندو.

xxiv. پاري نگر هينئر رڻ ڪڇ ڪان چڱو پلو پري آهي، ڇو تہ انهي جي اڳيان وارو علائقو گهٽو ڪري لوٽيءَ پنين 1،000-1،500 سالن دوران لَٽي ڇڏيو هو.

xxv. هاڪڙو، ويندي 2،000 ق .م ڪان اڳ پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ٻہ، ٿر ريگستان ۾، سواءِ گهٽو ڪري پنهنجي پيٽ جي پاسن سان سياري ۾ ڪجھ سيلابي پوکيءَ جي، ڪا ٻني نہ ريجائي سگهندو هوندو، پر منڍ جمڙائو ڪان هيٺ اهو سنڌوءَ جي ميدانن ۾، رڳو پنهنجي ساڄي ڪنڌيءَ تي، ٻنيون ريجائيندو هوندو.

xxvi. سکر ضلعي، ناري ۽ ڪپري تعلقن جي ٻاڳن ۾ واريءَ هيٺان دريائي لَٽ جا وڏا ميدان ٿي سگهي ٿو تہ رڳو سَرَسوَتي-دِرشادوَتي گروپ جا ئي ڪيترن هزارن سالن دوران سٿيل هجن.

xxvii. آڳاٽين ثقافتن جي هڪ اڀياس مان اهجاڻ ملي ٿو تہ سَرَسوَتي، گهگهر (سَرَسوَتيءَ جي مُک ڌارا جنهن تي ڪالِيبنگان شهر وسيو) ۽ چؤتانگ جي آڳاٽن وهڪرن جي پاسن سان وسندڙ (3،500 ڪان 2،350 ق. م) ۽ ساماٽل سنڌو ثقافت (2،350 ڪان 2،000 ق. م) جا آثاري ماڳ هئا. لوھ جُڳ يا خاڪي ٿانون وارا ماڳ (1،000 ق. م ڌاري) پڻ گهگهر جي منڍ وٽ انهي جي پاسن سان هئا، پر سَرَسوَتيءَ (يا حقيقت ۾ هاڪڙو) جي پڇڙيءَ وٽ انهي جي پاسن سان نہ هئا ۽ چؤتانگ جي پاسن سان بہ نہ. هن منجهان سَرَسوَتي-دِرشادوَتي سرشتي جو هوريان سڪڻ پڌرو ٿئي ٿو. پاڻيءَ جو اچڻ 2،000 ق. م ڌاري تمام تڪڙو گهٽجي ويو، جنهن شهري زندگي تباھ ڇڏي، پر تڏهن بہ ڪجھ پاڻي خاڪي ٿانون سان جوڙيا ويندڙ ڌنار رڳ ويدي آرين ڪي پالڻ لاءِ منڊ تي وهندو رهيو ۽ ان ريت ڪجھ وسنديون ويندي گپتا جُڳ (ٽين ڪان پنجين صدي) جون پڻ سندس ڪنڌين تي وسيل رهيون.

xxviii. هولوسين (پڇاڙڪو ڌرتي-جوڙ جُڳ) دوران ستلج مان بهاولپور ويجهو اٿل جو پاڻي پڻ سَرَسوَتي يا هاڪڙي ڪي پهچندو هو، پر رڳو ٻوڏ واري منڊ ۾، ۽ ائين تاريخي دور ۾ بہ هلندو رهيو.

xxix. سَرَسوَتيءَ ۽ دِرشادوَتيءَ جي وڏن وهڪرن جي پاسن سان جَر جو مٿو پاڻي آهي، خاص ڪري ڌرمي ڪوهہ، گهنٽيالي، گهوٽاڙُو ۽ هيٺ شاهڳڙھ ٿائين، جتي اهو 30 ڪان 40 ميٽر اونهائيءَ تي ملي ٿو. لڳي ائين ٿو تہ هي جَر جو پاڻي علائقي ۾ پراڻن وهڪرن جي هيٺان هماليہ ڪان ڏرو ڏرو هلندو رهي ٿو، جنهن ڪي صديون لڳي وڃن ٿيون.

xxx. ستلج، جيڪو ڪڇو ۽ ننڍي ڄمار وارو درياءُ هو، اجا پنهنجا لنگهہ ڪورڻ واري مرحلي ۾ هو، تنهن ڪان سَرَسوَتي يا هاڪڙو هڪ گهٽو ننڍو درياءُ هو.

xxxi. سَرَسوَتي يا هاڪڙو هڪ پنهنجي منهن پاڻ وهيٽو درياءُ هو، جنهن تي سنڌو تهذيب جا ماڳ جهڙوڪ ڪالِيبنگان ۽ ٻيا هئا.

xxxii. سنڌوءَ ڪڏهن بہ هاڪڙي ۾ ڇوڙ نہ ڪيو، پر انهي جي هڪ اپرندي ۽ گهٽ اهم ڇاڙھ - پراڻ - نئين ڪوٽ ڪان هيٺ هاڪڙي ۾ پوندي هئي.

xxxiii. هاڪڙو ڪڏهن بہ الور گارج منجهان نہ لنگهيو. سنڌوءَ جي هڪ اپرندي ڇاڙھ الور گارج منجهان ڏهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ٿائين وهندي هئي. سنڌوءَ جو پاڻي الور گارج مان ٽپي هاڪڙي ٿائين نہ پهچندو هو.

xxxiv. سَرَسوَتي يا هاڪڙو هڪ ٻارهو وهندڙ درياءُ هو، جنهن ۾ ايندڙ پاڻي 2،000 ق. م ڌاري گهٽجڻ شروع ٿيو ۽ انهي جي ڪنڌين تي وسيل سنڌو تهذيب جا شهر ڦٽڻ لڳا. درياءَ جو موت هوريان هوريان ٿيو. سڄو سال وهندڙ مان ڦري سال جو ڪجھ وقت وهندڙ ٿيو. بهاولپور ڪان هيٺ درياءَ ۾ اجا بہ سانوڻيءَ جي مهينن ۾ ڪجھ پاڻي هوندو هو. تنهنڪري، سُسندڙ وسنديون سندس ڪنڌين تي گهٽي وقت ٿائين، ويندي ويدي ۽ تاريخي جُڳن ۾ بہ، هلي ويون.

xxxv. سَرَسوَتي يا هاڪڙي جي ڪنڌين سان، سندس سڄي لنگهہ ۾، آڳاٽيون وسنديون سنڌو ثقافت جُڳ، 2،000 ق. م ڌاري، جون آهن ۽ نئين ڪوٽ ڪان هيٺ 2،350 ڪان 1،650 ق. م جون. هنن منجهان ڪجھ رڻ ڪڇ ۾ سندس ڇوڙ يعني رهِمڪي بازار ۽ سنڌڙيءَ جي صفا ويجهو لڌيون آهن.

xxxvi. 1،650 ق. م ڪان پوءِ جڏهن هاڪڙو سنڌوءَ ۾ پيو، تہ منجهس ايترو پاڻي ايندو هو جو اهو لاڙ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ سانوڻيءَ ۾، ڪنهن ڪنهن سال، ڪيترن صدين ٿائين، ٿوري وقت ۾ لهندڙ ڪجھ پوکون پچرائڻ ۾ مدد ڪري سگهي. گهٽ ۾ گهٽ 500 ق. م ڪان پوءِ اهو سانوڻين ۾ بنھ بيقاعدو ٿي ويو ۽ سندس پاڻي پڻ ڇوڙ ڪرڻ ۽ وهڻ وارن ڏينهن جي حساب سان گهٽجي ويو.

xxxvii. مهراڻ، سنڌوءَ جو ٻيو نالو آهي. مهراڻ ڪڏهن بہ هاڪڙي جي پيٽ مان ناهي وهيو، نہ ئي انهي جي ڪا ڇاڙھ.

xxxviii. هاڪڙو ڪڏهن بہ ٿرپارڪر (هاڻ ميرپورخاص، ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ٽي ضلعا) جي هاڻوڪي ريگستاني علائقي منجهان ناهي وهيو، جيئن ڪيترن ئي لوڪ ڪهاڻيڪارن سمجهيو ۽ لکيو آهي، ۽ نہ ئي پاري نگر بندر انهي تي هو.

xxxix. هاڪڙو سدائين سنڌ نار ۾ چوڙ ڪندوتي آيو، جيڪا انهن ڏينهن ۾ سمنڊ جي ڪاري هئي، ۽ انهي ڪان پوءِ ڪوري ڪاريءَ رستي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. اڳتي هلي اهو رڻ ڪڇ ۾ چوڙ ڪرڻ لڳو.

xl. رڻ ڪڇ، جيڪو هڪ تانگهي ساموندي نار هو، تنهن جو تر سنڌوءَ، هاڪڙي، ڪڇ جي ڏارائن ۽ لوڻيءَ جي آندل لَٽَ جي ڪري هوريان هوريان متي کڄندو ويو. ڌرتيءَ جي ڏڏڻ ۽ لوڏا اچڻ پڻ تي سگهي ٿو ان عمل کي هٿي ڏني هجي، پر ان پچاڙڪي عنصر جي پٽي لَتجڻ جي پيٽ ۾ ڪا گهٽي نه هوندي. ڌرتي ڌوڏ اهڙي هڪجهڙي سڌي زمين نٿي ناهي سگهي، جهڙي رڻ ڪڇ جي آهي.

xli. سنڌوءَ جي هڪ ايرندي چاڙهه هاڪڙي ۾ چوڙ ڪندي هئي، پر تندي باڳي وٽان اوپر ڪان اولهه ويندڙ سَنڌي ڪان هيٺ، يعني ٿرپارڪر (هاڻ ميرپورخاص) ضلعي ۾ هاٿوڪي شهر نئين ڪوٽ ڪان هيٺ. اها ائين 1758ع تائين ڪندي رهي، جڏهن سنڌوءَ جي وهڪري ۾ هالا وٽ آيل هڪ وڏي آبي ڦيري پاڻي ملڻ جو اهو ذريعو بند ڪري ڇڏيو. سنڌوءَ جي هيءَ ايرندي چاڙهه پُراڻ يا سانگرو ڪونبي هئي ۽ انهي جا الڳ الڳ وقتن وارا الڳ الڳ رستا ايرندي پُراڻ ۽ الهندي پُراڻ ڪونجن تا.

xlii. سنڌوءَ جي هيءَ ايرندي چاڙهه ڪڏهن به سنڌو درياءَ جي مُک ڌارا نه هئي.

xliii. جيسلمير ضلعي ۾ ريٽيءَ ۽ واهند جي اوپر پاسي وارا آثاري ماڳ علائقي ۾ آڳاٽين وسندين ۽ تهذيبن جو ڏس ڏئي سگهن تا.

xliv. چتانگ يا چؤتانگ تي، انهي جي حِصار ويجهو اولهه پاسي لڙي انوپ ڳڙهه وٽ سَرَسوَتيءَ سان وڃي ملڻ ڪان پوءِ جاءِ اهم ماڳ آهن: پيدرا، نهار ۽ راوتسر. سَرَسوَتيءَ جي مُک لنگهه جي پاسن سان اهم آثاري ماڳ آهن: هندستان ۾: هنومانڳڙهه، ڪاليبنگان، رنگ محل، سردارڳڙهه ۽ انوپ ڳڙهه ۽ پاڪستان ۾: ڦُلڙا، ميرڳڙهه، مروٽ، مانڳڙهه ۽ دينڳڙهه.

هندستاني ماڳن جي جاچ پرک استائين (18 متي) ۽ بهاولپور جي ماڳن جي ڊاڪٽر مغل (30 متي) ڪئي. سنڌ ۾ وجڻوٽ ۽ ڊرب بُني به ماڳ ريٽيءَ تي آهن ۽ نوهٽو ۽ ڳاڙهو پڙو ايرندي ناري يا پُراڻ تي. هي سڀ جو سڀ ماڳ سنڌو تهذيب جا آهن.

xlv. ڪپري ۽ ناري تعلقن ڏانهن ويندڙ پراٽن وهڪرن جي پاسن وارا ماڳ ڪيترا آڳاٽا آهن، ان بابت جاچ پرک نه هندستان ۾ تي آهي ۽ نه پاڪستان ۾.

36. لوڪ ڪهاڻيڪار

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ پاران پنجاهه واري ڏهاڪي جي وچ ڪان وٺي سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڪيل روايتي لوڪ ڪهاڻين جي ڇتي انگ ۾ جلدن واري ميڙ چونڊ وچئين جُڳ جي شاعريءَ، وِيچارن، ريتن رسمن، ويساهن ۽ آڳاٽي سنڌ ۾ رهڻي ڪهڻيءَ جي طريقن بابت هڪ نئين ڳولا لاءِ واٽ کولي. ڪوڙن هٿرادو گهڙيل قصن سان پريل روايتي لوڪ ڪهاڻين کي ڪجهه ماڻهن هڪ سنجيدي تاريخ لاءِ قبول ڪري ورتو آهي. اهي، اجايو، ڏند ڪٿائي يادگارن، وسندين ۽ خيالي لوڪ داستانوي ڪردارن جي نشانن جي ڳولا ڪرڻ ۽ تاريخ کي ٿوڙي مروڙي انهي ۾ اهي ٺهڪائي بيهارڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهيا آهن. لوڪ ڪهاڻيڪارن جون ڪجهه نراليون ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

ا) مهان لوڪ ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر بلوچ ڪيترائي پيرا اڻ ٽيٽي ڪي ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ هرڪبو رهيو آهي. تاريخ طاهريءَ واري الور جي ڏند ڪٿائي ظالم راجا دَلُو راءِ جي ان ڪهاڻيءَ آثار ته انهي جنونيءَ 962ع ۾ سيف الملوڪ نالي سوداگر ڪان گهُر ڪئي ته اهو پنهنجي سهڻي سُريت بديع الجمال کي هڪ رات سندس سمهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ گذارڻ لاءِ موڪلي ڏئي، سيف الملوڪ چوويهن پهرن (پاهتر ڪلاڪن) جي مهلت گهري. هڪڙي رات ۾ ئي، ڏوڪڙن تي مزدورن جو جٿو لڳائي، ڪاميابيءَ سان سنڌو درياءَ کي الور گارج مان هڪ نئين پيٽ ڏانهن موڙي ۽ اتان بيڙا ڪاهي نڪتو هليو ويو ۽ شهر کي پاڻيءَ ڪان سدائين لاءِ محروم ڪري، انهي جي ڦٽڻ جو ڪارڻ پيدا ڪري ويو. ڊاڪٽر بلوچ گهڻو ڪري راورٽي (10 متي) ڪان متاثر ٿيو آهي ۽ انهي وانگر سمجهي ٿو ته سنڌو درياءُ اڳي الور وٽيءَ مان لنگهي ايرندي ناري جي پيٽ ڏانهن ويندو هو ۽ سيف الملوڪ انهي کي ڪاميابيءَ سان موڙيو هو. ڪوٽڙي بئراج سڪي زمين تي اڏيو ويو هو ۽ سنڌو درياءَ کي موڙي انهي مان لنگهايو ويو هو. اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ 150 هارس پاور وارا گهٽ ۾ گهٽ 30 بلڊوزر لڳ ڀڳ به سال وهيا. هڪ هارس پاور برابر آهي 8 ماڻهن جي 8 ڪلاڪن تائين ڪم ڪرڻ واري سگهه جي. هڪ هارس پاور جي سڄو ڏينهن ۽ سڄي رات ڪم ڪرڻ جو مطلب آهي 24 ماڻهن پاران هڪ شفٽ ۾ ڪيل ڪم. ماڻهوءَ جي ڏينهن جي حساب سان 150 هارس پاور وارا 30 بلڊوزر روزانو 16 ڪلاڪ ۽ 2 سالن ۾ 500 ڏينهن هلن ته اهي برابر ٿيندا 12 لک (1.2 ملين) ماڻهن جي هڪ رات ۾ 8 ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي، شرط اهو ته ايترا مزدور ملي سگهن، انهن جي ڪم کي هڪبئي سان جوڙي سگهجي، ڪين چرڻ پرڻ جي جاءِ ملي سگهي ۽ ڪوٽائيءَ ۽ ڀيڙن جي چڪائيءَ وارا اوزار هٿ ڪري سگهجن. راورٽي وانگر سيف الملوڪ کي سچو سمجهندي، ڊاڪٽر بلوچ نتيجو ڪڍيو ته سنڌو اڳي لنگهن جي ٻن گروپن تان وهندو هو: ايرندو سرشتو يا هاڪڙو، ريگستان جي ڪَڙ سان ۽ الهندو سرشتو وچولي سنڌ منجهان. ايستائين جو اهڙي قسم جو نقشو پڻ ناهيو اٿائين، جيڪو، ٽورين گهڻين ڦيرڦارن سان، هينري ڪزنس (13 متي) تي آڌاريل آهي. سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جون ٻيون روايتون ڪشمير ۽ پنجاب ۾ آهن ۽ هڪڙي اهڙي روايت

فارسيءَ ۾ پڻ آهي، پر انهن روايتن منجهان ڪنهن ۾ بہ سنڌ جي دلو راءِ يا سنڌو درياءَ جو وهڪرو مٽائڻ جي ڳالهہ ڪانهي. سنڌ ۾ ڪيترائي قتل ماڳ دلو راءِ سان جوڙيا ويا آهن. پنجاب ۾ ساڳئي نالي واري هڪ دڙي جي پاڪستان جي آثار پارڪو ڪاتي کوٽائي ڪئي آهي. دلو راءِ ۽ سيف الملوڪ ٻئي خيالي گهڙيل ڪردار آهن ۽ ائين ٿي اها ڪهاڻيءَ آهي. پر تنهن هوندي بہ، هڪڙو بند موجود آهي، هاڪڙي يا ناري تي آرپار نہ، پر سنڌوءَ جي ناري ڏانهن ويندڙ هڪ اٿل واهہ يا ڦاٽ تي آرپار، الور کان پنج ميل ڏکڻ ۾ ٻهرا وٽ، غلام شاهہ ڪلهوڙي پاران ، سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ کي ويجهي وارين ٻنين ۾ پکيڙڻ لاءِ، سترهين صديءَ جي سٺ واري ڏهاڪي ۾ اڏرايل. لوڪ ڪهاڻيڪار ڪنهن پَر سمجهن ٿا تہ هي اهو الور وارو بند آهي، جيڪو سيف الملوڪ اڏيو هو ۽ راورتي پڻ ائين پئي سمجهيو.

II) ٻئي لوڪ ڪهاڻيڪار ليڪ عُرساڻيءَ جو خيال هو تہ الهندي ٿر جو هڪ ياڳو، ڊوري پراڻ جي پراڻي پيٽ جي پاسي سان، مِهراڻو سڏبو هو، ڇو تہ اهو مهراڻ يا سنڌوءَ يا هاڪڙي يا واهند سان لڳ هو ۽ هي درياءُ ٿر جي مِهراڻي کي پوک لاءِ پاڻي رسائيندو هو (مهراڻ ڪڏهن بہ هي لنگهہ ڏئي نہ وهيو). هي ائين پڻ سمجهي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ هاڪڙو، سنڌوءَ جي پنجاب ۾ نڪرندڙ هڪ ڇاڙهہ عمرڪوٽ جي اوپر پاسي ٿر منجهان لنگهي نگر پارڪر تعلقي ويجهو رڻ ڪڇ ڏانهن ويندو هو ۽ پاري نگر، پهرين صدي عيسويءَ ۾، هاڪڙي جي ڇوڙ تي هڪ بندر هو.

رائيچند هريجن تاريخ ريگستان ۾ ساڳيون روايتون اکر بہ اکر ائين ئي ڏنيون آهن، جيئن عرساڻيءَ جون آهن. رائيچند کي ريگستان بابت لکڻ جو شوق عرساڻيءَ ڏياريو هو ۽ ڪتاب جو مسودو پڻ عرساڻي صاحب کي ڏيکاريو ويو هو. رائيچند جو ڪتاب عرساڻيءَ جي ڪتاب کان اٽڪل سال کن اڳ آيو. اها پڪ ناهي تہ هنن ڏند ڪٿائي روايتن تي ڪنهن ڪنهن تي اثر ڇڏيو، جيڪي نِپَٽ غلط آهن. هريجن جي ريگستان جي جلد ٻئين پڻ ساڳيون روايتون ورجايون آهن.

III) 1975 ۾ مرحيات ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌيءَ اولهہ جون ڪجهہ لکٽيون لوڪ ڪهاڻين سان ڳنڍيون، ڪن نتيجن تي پهچڻ لاءِ، جيڪي رڳو ڪنهن حد تائين درست آهن. هيٺ ڏنل اهي نتيجا آهن، جيڪي هن ليکڪ پاران مٿي پيرا 35 ۾ نبيري غلط سمجهيا ويا آهن. وڌيڪ وضاحتون ڏنگين ۾ ڏنيون ويون آهن.

a) رامائڻ جُڳ ۾ اجُوڌيا ڏانهن هاٿي هاڪڙي جي ڪنڌين وارن ٻيلن مان ويندا هئا.

(رامائڻ 400-200 ق. م ڌاري لکيو ويو، جڏهن هاڪڙو گهٽو سڪي چڪو هو، مٿس اهڙا گهاٽا ٻيلا پلجي نٿي سگهيا، جيڪي هاٿين جي رهڻ جوڳا هجن.)

b) سنڌ ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ هڪڙا قبيلو ٻيڙياتا هئا، جيڪي هاڪڙي درياءَ ۾ پنهنجون ٻيڙيون وهائيندا هئا.

(هڪڙا قبيلو ڪنهن سڪل ڌارا تي ٻيڙياتا نٿا ٿي سگهن. هن درياءَ جي سڪل پيٽ تي پيل هاڪڙو نالو 1،000 سالن کان گهٽ پراڻو آهي. سندس اصل نالو، جيڪو آرين وٽ ڄاتل هو، سو سَرَسوَتي هو، جيئن ويدن، پراڻن ۽ مهاڀارت ۾ آيو آهي، جيڪي سيئي 1،000 کان 200 ق. م جي وچ تي لکيا ويا. تڏهن ڇا سڏبو هو، جڏهن سنڌو ثقافت جا شهر مٿس وسيا، خبر ناهي. اهڙي ريت هن قبيلي ۽ درياءَ جي نالي جي وچ ۾ ڪو ڳانڍاپو ڪونهي.)

c) ڪوٽ ڏيجي ثقافت، جيڪا موهنجي دڙي واري سنڌو ثقافت کان بلڪل الڳ آهي، تنهن پنهنجا پير ڪوٽ ڏيجيءَ وٽ هاڪڙي درياءَ تي ڄمايا.

(ڪوٽ ڏيجي سنڌوءَ جي الور گارج مان لنگهندڙ وهڪري تي هو، هاڪڙي تي نہ. ڪوٽ ڏيجي ثقافت کي اسرندڙ سنڌو ثقافت جو نمونو ڪري ليکيو ويو آهي. سَرَسوَتيءَ مٿان سمورا ماڳ گهٽي ياڳي ساماٽل سنڌو ثقافت يا جهُڪر، جهانگار ۽ H-قبرستان ثقافت جا آهن. رڳو ڪي ٿورڙا ماڳ اسرندڙ سنڌو ثقافت جا آهن، پر هي سموريون ثقافتون هڪ ئي آهن.)

d) سِرسا جو شهر چانورن جي هڪ اهم پِڙي هو، هاڪڙي جي هڪ سهڪاري گهگهر مٿان هو.

(سنڌوءَ ۽ سندس سهڪارين، سَرَسوَتيءَ يا هاڪڙي سميت، تي سنڌو ثقافت جُڳن ۾، جڏهن سَرَسوَتي وهندو هو، چانورن جي پوکيءَ جو اجا تائين ڪو ثبوت نہ لڌو آهي.)

e) جڏهن آريا ڏکڻ ايشيا ۾ نمودار ٿيا، تڏهن هاڪڙو پنهنجي سهڪارين سان سگهارو ۽ ٻارهو وهندڙ درياءُ هو. سَرَسوَتي هڪڙو ٻيو درياءُ هو، جمنا ۽ ستلج جي وچ تي، ۽ سندس هاڪڙي سان ميل (دو آبو) هو.

(جڏهن آريا ڏکڻ ايشيا ۾ نمودار ٿيا، 1،000 ق. م ڌاري، تڏهن هاڪڙو اڳيئي سُسي چڪو هو. سَرَسوَتي آرين جو انهي ئي ڌارا لاءِ نالو هو، جيڪا هاڻ هاڪڙو ڪوٺجي ٿي.)

f) دِرِشادوَتي، جنهن کي چوٽانگ پڻ سڏيو وڃي ٿو، جنهن ۾ جمنا مان پاڻي ايندو هو، تنهن جو گهگهر سان شور ويجهو ميل هو.

(دِرِشادوَتي هڪ آزاد ڌارا هو ۽ اهو جمنا مان نہ پربو هو، پر سِوالِڪ ٽڪرين مان پنهنجو آزاد ذريعو هئس.)

g) ستلج هاڪڙي جو هڪ سهڪاري هو ۽ ميل ولهار ويجهو بهاولپور جي دنگ تي هو.

(ستلج ڪڏهن بہ سَرَسوَتيءَ جو سهڪاري نہ هو، گهٽ ۾ گهٽ هولوسين جُڳ يا پنين 10،000 سالن ۾.)

h) مروٽ هاڪڙي تي هڪ قلعو هو. اهو عمر سومري جو هو، جنهن مارئيءَ کي ڪنيو ۽ ڪوٽ ۾ بند رکيو هو.

(عمر سومري-پهرئين جي راڄڌاني ٿري هئي ۽ عمر سومري-ٻئين جي

محمد تُور، نہ عمرڪوٽ ۾ نہ ئي مروٽ. مارئي تاريخي نہ پر ڪوڙو گهڙيل ڪردار آهي. عمر سومري جي ڏينهن ۾ هاڪڙو سڪل هو. عمر سومري جي راج وارن ڏينهن ۾ عمرڪوٽ امرڪوٽ نالي سان ڪوٺبو هو.)

i) هاڪڙي منجهان هڪ واهه دريائي پٽڻ ڊرب ڏيتاڙيءَ ويجهو نڪتو ۽ جيسلمير ڏانهن ويندي وات تي اهو ٻن چاڙهن ۾ ورهائجي ويو، جن منجهان هڪڙو لُڏاڻو ڪوٺبو هو. مومل جي ڪاڪ (جادوءَ وارو محل) لڌاڻي تي هئي، جيڪو سومرن جي دور ۾ سڪي ويو، جنهن جي ڪري ڪاڪ ڦٽي وئي.

(علائقي جون هيٺ مٿاهيون ٻڌائن ٿيون تہ جيسلمير ڏانهن ويندي زمين مٿي ٿيندي ٿي وڃي ۽ واهہ رڳو جيسلمير ڪان ڊرب ڏيتاڙيءَ ڏانهن وهي سگهي ٿو. لڌاڻو رڳو سَرَسوَتيءَ جو هڪ آڳاٽو وهڪرو آهي، هولوسين جُڳ ڪان اڳ جو يا اوائلي هولوسين جو. مومل ۽ انهي جي ڪاڪ ڪوڙا گهڙيل قصا آهن.)

j) هاڪڙو الور وٽيءَ مان لنگهندو هو ۽ هاڪڙي جي سڪي وڃڻ ڪري الور کي پاڻي ملڻ بند ٿي ويو ۽ اهو ڦٽي ويو. سومرن جي جُڳ ۾ هاڪڙي ۾ پاڻي اچڻ گهٽ ٿي ويو هو ۽ الور جي راج ڏٽيءَ پاڻيءَ کي پنهنجي ٻنين ۽ باغن ڏانهن ورائي وڃڻ لاءِ انهي تي آرپار هڪڙو بند ٻڌو هو.

(الور وٽيءَ منجهان سنڌوءَ جي چاڙهہ وهندي هئي، هاڪڙو نہ. هاڪڙي جي پاڻيءَ کي ڪنهن ڏاڍي زميندار پاران اوڀاري پاسي تي ورائي وڃڻ واري ڳالهہ تي ماڻهن جو انگريزن پاران سنڌ فتح ڪرڻ تائين پڪو ويساهہ هو، تڏهن انگريز انجنيئرن جاچ پڙتال ڪري سهي ڪيو تہ هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪا سچائي ڪانهي.)

k) الور کان هيٺ هاڪڙي جون ڪيتيون ئي چاڙهون هيون، جيڪي پڇاڙيءَ چوڙ سنڌوءَ ۾ وڃي ڪنديون هيون. ڪوٽ ڏيجي، هالاڪنڊي يا هالا، برهمڻ آباد-منصوره ۽ پٽالا يا نيرون ڪوٽ يا حيدرآباد هاڪڙي جي انهن چاڙهن تي آباد هئا.

(هاڪڙي جي سنوت سندس پاڻيءَ جي سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪرڻ ليکي گهٽو هيٺ هئي. مٿيان سڀ جو سڀ شهر سنڌوءَ يا انهي جي چاڙهن تي هئا. پٽالا ٿي سگهي ٿو برهمڻ آباد يعني منصوره واري ماڳ جي ويجهو اوڏو يا انهي هنڌ تي هجي - حيدرآباد ويجهو نہ.)

l) ڍورو چاڙهہ يا ايرندو نارو سنڌوءَ مان الور ويجهو نڪرندو هو ۽ سومرا گهراڻي جي راج دوران هاڪڙي جي پيٽ مان وهندو هو.

(هاڪڙي ڏانهن پاڻي سنڌوءَ جي ڪنهن چاڙهہ مان نہ بلڪہ سنڌوءَ جي چَر جو ايندو هو، پر سو بہ رڳو ٻوڏ واري مند ۾. سنڌوءَ جي ڪا چاڙهہ الور وٽيءَ مان لنگهي هاڪڙي کي پاڻي رسائڻ نہ ويندي هئي.)

m) هاڪڙي تي ڦٽل ماڳن جو هڪ انگ آهي، جن جا نالا آهن: داسڙن جو دڙو، پوري جو دڙو، همير جو پِڙو، حسن باغ جو پِڙو، پاتن جو پِڙو، ٽُيپَن جو دڙو، راڻي جو پِڙو، مومل جو پِڙو، سونَ پَريءَ جي پِڙي، امراڻو، راهُونديَن جي پِڙي، ڳاڙهو پِڙو، ليهُور جو پِڙو، ليلان جي ماڙي، ڪِنجهي جي ماڙي يا پِڙو، ڪؤنرُوءَ جي ماڙي، نور علي شاهہ جي پِڙي، سامي جو ڊير، پهڪت جو پِڙو، نوهٽو پِڙو ۽ خانپور جا ديرا: سڀ جو سڀ ٿر ۾ ۽ سومرن جي دور جا، جيئن سنڌن نالن منجهان پڌرو ٿئي ٿو.

(هي ڦٽل ماڳ سنڌو ثقافت جُڳ يعني 2،500 کان 1،650 ق. م يا انهي کان بہ اڳي جا آهن، سومرن جي جُڳ جا ناهن. روايتي لوڪ ڪهاڻين وارا نالا همير، راڻو، مومل، سونَ پَري، امراڻو، ليلان، ڪِنجهي ۽ ڪؤنرُو انهن کي ٻارهينءَ کان تيرهين صدين جو نتا ٻڌائي سگهن، نہ ئي وري روايتي لوڪ ڪهاڻيون اهو ثابت ڪري سگهن ٿيون تہ هاڪڙو ٻارهينءَ کان تيرهين صدين ۾ وهندو هو. تنهن هوندي بہ، اسان کي ليک جو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي، جنهن هاڪڙي تي ايڪيهن ماڳن جي لسٽ ڏاهي ڏني، جن کي آثار پارکو ڳولي لهي سگهن ٿا.)

IV) هڪڙو ٻيو لوڪ ڪهاڻيڪار مرحيات معمور يوسفاڻي لوڪ شاعريءَ جون معنائون ڪڍڻ ۾ انهي کي تاريخ ۽ تاريخي جاگرافيءَ سان ڳنڍ هڻڻ ۾ ڏاڍو سرگرم رهيو آهي. سندس مطابق:

a) واهند يا واهُوندي جو درياءُ، هاڪڙي جي هڪ ايرندي چاڙهہ، پنجاب، بهاولپور ۽ جيسلمير منجهان لنگهندو هو ۽ سنڌ ۾ ٿرپارڪر ضلعي ۾ پوندو هو. (هاڻ ٿرپارڪر ضلعو ٽن ضلعن ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ۾ ورهائجي ويو آهي) پاري نگر انهي جي چوڙ وٽ ڪوري ڪاريءَ تي هڪ ساموندي بندر هو، اتي جتي هي سمنڊ ۾ پوندو هو.

(پاري نگر ڪوري ڪاريءَ کان 120 ميل اوپر ۾ آهي. ڪوري ڪاريءَ جي چوڙ تي بندر لکپت آهي.)

b) واهند جا بہ سهڪاري هئا: هڪ سَرَسوَتي ۽ ٻيو دِرشادوَتي، جيڪي 3،000 سال اڳ سڪي ويا، پر واهند وهندو رهيو ۽ ڪڏهن سڪو، خبر ناهي.

(جڏهن ذريعو ئي سڪي ويس تہ پاڻي ڪٿان پئي آيس؟)

c) مهراڻ ٿر منجهان وهندو هو. انهي جو لنگهہ هو وڃٽوٽ کان نارو تعلقو ۽ کپري تعلقي جي ايرندي پاڳي کان چور، جتي اهو هاڪڙي ۾ وڃي پوندو هو.

(علائقي جون هيٺ مٿاهيون ٻڌائن ٿيون تہ وڃٽوٽ کپري ۽ ناري تعلقن جي ريگستاني علائقن کان هيٺ آهي ۽ تنهنڪري ڪو درياءُ انهي رخ ۾ وهي نٿو سگهي.)

d) هاڪڙي جي هڪ چاڙهہ عمرڪوٽ جي ڏکڻ وٽان ايرندي پاسي وڪڙ ڪري چاچري هلي وئي ۽ اتان پاري نگر.

(هيٺ مٿاهيون ائين ٿيڻ ئي نہ ڏينديون، چو تہ عمرڪوٽ ۽ هاڪڙو چاچري ۽ انهي جي ايرندن پاڳن کان هيٺ آهن.)

e) مهراڻ جي هڪ ڇاڙهه نئين ڪوٽ ويجهو ورهاڱي تي ڏيپلي وغيره جي ويجهو وڃي لنگهي.
(هيٺ مٿاهيون ائين ٿيڻ نه ڏينديون.)

f) مهراڻ جي هڪ ٻي ڇاڙهه، مِيٺي ندي سڏجندڙ، مٺيءَ مان لنگهندي هئي ۽ انهي تي ڪيرتي ۽ ڪرلي نگر شهر وسيا.
(هي وهڪرو پڻ هيٺ مٿاهين جي ابتڙ هوندو).

g) ريٽي، ٿر ريگستان جو ٽيون درياهُ هو، جيڪو هاڪڙي کان اولهه پاسي ۾ وهندو هو ۽ خيرپور ۽ سانگهڙ ضلعن جي ريگستاني پاڳن مان آڏو ٽيڏو لنگهڻ کان پوءِ شادي پلي ويجهو وڃي ٿر ۾ پوندو هو. اتان پوءِ اهو ساماري تعلقي ۾ پوندو هو ۽ نئين ڪوٽ ويجهو هاڪڙي سان گڏبو هو. هن وهڪري تي اهم آثاري ماڳ هي آهن: داسڙن جو دڙو، پورِي جو شهر (پڙو)، ڳاڙهو پِڙو، ليلان جي ماڙي ۽ پاتن يا ليهُور جو پڙو.


(يوسفاڻيءَ جي دريائي وهڪرن جي تشريح پاڻيءَ جي علم يا هيٺ مٿاهين جي پابندين کي ليکي ئي ڪانه. درياءَ هيٺاهيُن ماٿرين کان مٿاهيُن ٽڪرين ڏانهن پيا وهن ۽ هڪ ٽڪريءَ کان ٽپ ڏئي وچ تي ايندڙ ماٿريءَ کي ڇُهڻ کان سواءِ ٻيءَ تي هليا وڃن. درياءَ ۽ نڙا هڪٻئي جي مٿان اڏاٽا بنا ڪنهن ڏکيائيءَ جي ٽپيا هليا وڃن ۽ درياءَ رڻ ڪڇ جي سو کن ميلن مٿان اڏامي سمنڊ ۾ وڃيو پون. جاگرافي سندس تشريحن ۾ ڪا معنيٰ نٿي رکي.)

ٻيا، جيڪي تاريخدان ليکجن ٿا، پر سيف الملوڪ بابت ويچار ساڳيا اٿن سي آهن: مولائي شيدائي، پيرومل، شمس الدين ۽ ارشد. چٽي ڳالهه آهي ته انهن روايتي لوڪ ڪهاڻين کي سنجيده تاريخ ڪري ورتو آهي.


لوڪ ڪهاڻيڪار ماموئي فقيرن جي بيتن کي چنبڙيا رهيا آهن ۽ گرهوڙيءَ جي هاڪڙي تي اڳڪٿين کي پڻ، جيئن برٽن ۽ هيگ ڪيو. گرهوڙيءَ تي سَنَد ڊاڪٽر دائودپوٽي هنن بيتن کي ويهين صديءَ جي منڍ جي ٺڳي سمجهيو ۽ ايستائين جو ٺڳي ڪرڻ وارو به ڳولي لڌائين. مٿي ڏنل رڳو ٿورڙا مثال آهن، لوڪ ڪهاڻيڪارن جي انهن سوين نرالين ڳالهين منجهان، جيڪي الڳ الڳ روپن ۾ ورجائبيون رهيون آهن. انهن ۾ ڪا تاريخي يا سائنسي سچائي ڪانهي. جيئن مٿي پئراگراف 35 (i کان xlv) ۾ ڳاهي وائري نبيريو ويو آهي.

سَرَسوَتي-هاڪڙي جي سڪڻ جو نقشو ڪوڙ سارا وهڪرا ۽ انهن جا رموٽ سينسنگ ٽيڪنالاجيءَ آڌار تي سگهندڙ سنه ٻڌائي ٿو.

سومرن جي دور ۾ اڏاوتن جا قسم



887. Wood reinforced house at Thatta. Reinforcement exposed. (MHP).
888. Wooden door of Zindah Pir tomb. (Cousens).
889. Multi story wood reinforced house at Thatta, with wind catcher at the top. (US).



جيئن تہ درياءُ لوهاڻي ڍوري يا خيرپور وهڪري مان سڪرنڊ، شهدادپور ۽ ساماري وهڪري تائين پئي وهيو، تنهنڪري مٺي جَرَ وارو علائقو هاڻوڪي مٺي جَرَ واري علائقي کان گهڻو اوڀر ۾ هو ۽ هاڻ اهو نوابشاهہ ڪانوٺي ٻاڙو آهي. اولاهين پاسي مٺو جر ٿي سگهي ٿو هاڻوڪن دنگن تائين هجي.

ضميمو-4

سنڌ ۾ جَر جو پاڻي ۽ ان جي ويجهي مستقبل ۾ صورتحال

هن ليکڪ 1964 ۾ ”گرائونڊ واٽر اِن سنڌ“ ڪتاب ڇپرايو ۽ ٻه سال پوءِ هنٽنگس ٽيڪنيڪل سروسز، لوئر انڊس رپورٽ ۾ رايو ڏنو ته هن ڪم ۾ جَر جي پاڻيءَ جا نقشا غير معمولي طور صحيح آهن. هن ڪم کان مٿي ايجا تائين ڪو ٿيو ناهي آيو ۽ هي اڄ به پنهنجي جاءِ تي درست بيٺو آهي. جيئن ته سنڌ ۾ انهن ڏينهن ۾ ٽيوب ويلون نه هيون، تنهنڪري جَر جي پاڻيءَ جي هجڻ جا گهٽا ئي اهڃاڻ ڪتب آندا ويا هئا ۽ عام پڙهندڙ جي فائدي لاءِ اهي هڪ هڪ ڪري هيٺ ڳڻايا ويا آهن:

a. سمنڊ چڙهيو، 14،000 سال اڳ ڏاري اهو ملتان ويجهو هو ۽ 6،000 سال اڳ ڏاري حيدرآباد جي ڏکڻ تائين پهتو. سمنڊ جو پاڻي جَر ۾ سِميو ۽ نتيجي ۾ کاري پاڻيءَ جا ميٺ سنڌ جي دريائي لَٽ وارن ميدانن ۾ 1،000 فٽن جي اونهائيءَ تائين گڏ ٿيل آهن. اهو مٿاڇري کان 20-40 فٽن جي الڳ الڳ اونهائين تي آهي. سنڌو درياءَ اٽڪل 10،000 سال اڳ کان وٺي پنهنجو پاڻيءَ جو نيڪال وڏائي ڇڏيو هو. اهو ميدانن مان وهندو رهيو ۽ وهڪرا وري وري مٽائيندو رهيو. سنڌس پاڻي جَر ۾ سِميو ۽ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جي مٿان تري بيٺو.

b. درياءَ جي مني پاڻيءَ ۽ جَر جي کاري پاڻيءَ جي وچ ۾ هڪبئي تي اثر ڪرڻ لاءِ گهٽو دارومدار کاري پاڻيءَ جي زمين جي سطح کان هيٺ واري ليول تي هو. مني پاڻيءَ جو نارُ سِمي اُيو هيٺ لهڻ مهل سمنڊ جي پاڻيءَ کي هيڏي هوڏي ڌڪڻ لاءِ زور لائيندو هو ۽ هيڪر ڌڪي جاءِ ناهي ورتائين ته مني پاڻيءَ جو اهو نار هيٺ اونهو لهندو ويندو هو ۽ وڌيڪ زور لائيندو ۽ وڌ ۾ وڌ کاري پاڻيءَ کي پاسي ڪندو ويندو هو. اهڙي ريت سنڌ جي ڪجھ علائقن ۾ پاڻي ويندي 600 فٽن تائين مٺو آهي ۽ ٻين ۾ گهٽو گهٽ. انهي جو دارومدار سڌو سڌو ان ڳالھ تي هو ته درياءَ خاص انهي هنڌ تي ڪيتري عرصي تائين وهيو هو.

c. ٻيا اهڃاڻ هئا: سنڌو درياءَ جا متجندڙ وهڪرا، جَر جي پاڻيءَ ۽ انهي جي ڪارائپ جو ڏس ڏيندڙ ٿيا، آڳاٽيون وسنديون، جيڪي رڳو تڏهن ئي جالي سگهيون ٿي، جڏهن مٺو پاڻي ملندو رهي، ۽ واپار ۽ اڄ وچ جا آڳاٽا گس.

d. سنڌو درياءَ جي متجندڙ وهڪرن جو اڀياس پڌرو ڪري ٿو ته سنڌ ۾ رڳو چار ميل ڊگهي ۽ چار ميل ويڪري به اهڙي ڪا جاءِ ناهي، جتي درياءَ پنهنجو 5،000-6،000 سالن ۾ نه ويو هجي.

e. درياءَ جڏهن پنهنجو وهڪرو ڇڏيندو هو ته پاڻي ٻاڦ ٿي مٿاڇري تان اڏامڻ، ٻوٽن پاران ٻاڦ بڻائي اڏائڻ، پاڻيءَ جي ٽِبي جي سڌو ٿي هڪ ڪَرو ٿيڻ، پنهنجي ئي سيمي واري پاڳي اندر رهجي ويل درياءَ ۽ پڇاڙيءَ ۾ هيٺئين سمنڊ جي کاري پاڻيءَ سان رلجڻ ڪري پنهنجو سياءَ مٽائڻ لڳندو هو.

f. جيڪڏهن سنڌو ڪنهن ماڳ تي پنين 600 سالن ۾ جوڙو ڪن صدين تائين گهميو هوته اتي جَر جي مٺو هجڻ جي اميد هئي، پر جيڪڏهن درياءُ انهي مخصوص علائقي ۾ 600 سالن کان وڌيڪ اڳ وهيو هو يا 200 سالن کان گهٽ عرصو وهيو هوته اتي جَر اڳ ۾ ئي کارو هو.

g. انهي علائقي ۾، جتي پاڻي مٿاڇري جي 10-20 فٽن جي اندر کارو هو، جيئن شيخ پِرڪٽي کان اوپر کان اولھ ويندڙ سَنڌي ليڪ جي ڏکڻ واري سموري علائقي ۾ آهي، پاڻي ٻاڙو ئي رهيو.

h. جيڪب آباد ۽ شهدادڪوٽ، قمبر ۽ نصيرآباد تعلقن ۾ اهو سچ هو.

i. ڪشمور، سکر-روهڙي، سيوهڻ-دولتپور ۽ حيدرآباد جي ويجهو وارين ايوسين جُڳ (ٽيون ڌرتي-جوڙ جُڳ) جي ٽڪرين ۾ لوٽيات آهن، جن هنن سمورن هنڌن تي، ويندي درياءَ جي پيٽ ۾ به، ۽ هنن جاين کان اٽڪل 5-10 ميل اتر ۽ ڏکڻ پاسي جَر ٻاڙو ڪري ڇڏيو آهي، جيتوڻيڪ سنڌو درياءُ سکر ويجهو گهٽ ۾ گهٽ 950ع کان وٺي ۽ حيدرآباد-ڪوٽڙيءَ ويجهو 1758ع کان وٺي وهندو آيو آهي.

j. سيوهڻ کان هيٺ ڪوٽڙيءَ تائين پاڻي ٻاڙو آهي، ڇو ته اولاهيون ٽڪريون، خاص ڪري منڇر سلسلي واريون، لوٽيائن سان ڀريون پيون آهن ۽ انهن مان مينهن جي پاڻيءَ جو سنڌو درياءَ ۾ سيمو پاڻيءَ کي ٻاڙو بڻائي ٿو، ويندي درياءَ جي پيٽ ۾ به.

k. ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سمنڊ تائين پاڻي سموري علائقي ۾ درياءَ جي پيٽ سميت کارو آهي، انهي جو سڌو سادو سبب اهو آهي ته کارو پاڻي تر کان 10-15 فٽن اندر رهيو آهي. رڳو ٽانگها ڪوٽيل کوهه ۽ هٿ وارا نلڪا ئي هلڪو ٻاڙو پاڻي ڏين ٿا. ماٺهو اهو پيئڻ ۽ مال لاءِ ڪتب آڻين ٿا، جيتوڻيڪ اهو سڀ پارين پيئڻ جو ڪو ناهي.

l. وچولن دريائي لَٽ وارن ميدانن ۾، جتي درياءُ پنين 600-700 سالن

دوران ڦرندو رهيو آهي، درياءَ جي پيٽ جي 10-15 ميلن اندر جَر جو پاڻي مٺو آهي.

m. جَر جي هن مٺي پاڻيءَ کي 80-600 فٽ اونهائيءَ تي هيٺان سمنڊ واري پاڻيءَ لاءِ کاري پاڻيءَ جو تهه آيل آهي، ۽ سخت مسئلا پيدا ڪري ٿو. جڏهن ڪنهن، جالاري مٺي جَر ۾ لڳل، ٽيوب ويل سان ڇڪ اچي ٿي ته وڌ ۾ وڌ ڊرا-ڊائون واري هنڌ کان مٿان يعني ٽيوب ويل جي نڙي سان لڳ هڪ اندر وريل نباتي شڪل ٺهي ٿي ۽ پمپ جي ڇڪ وارو دٻاءُ هڪ هوا بند وايو (ويڪيوم) پيدا ڪري ٿو. اهو هوا بند وايو ڪنهن طريقي پرجٽو هوندو آهي. جيئن ته مٺي پاڻيءَ کان هيٺان وارو کارو پاڻي وڌيڪ ڳرو آهي، تنهنڪري اهو مٺي پاڻيءَ واري ڀاڱي ۾ چڙهي اچي، ٽيوب ويل جي ڇڪ واري دٻاءَ جي ناهيل نباتي شڪل کي پرڻ لاءِ اُبي نباتي شڪل ناهي ٿو. هر ڀيري جڏهن ٽيوب ويل جي ڇڪ اچي ٿي ته ائين ٿيندو رهي ٿو ۽ هوريان هوريان مٺو پاڻي کارو ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن مٺي پاڻيءَ جو تهه کاري پاڻيءَ کان مٿان 350 فٽ آهي، ٽيوب ويل 200 فٽ هيٺ تائين آهي، پاڻيءَ جو نيڪال به ڪيوسڪ آهي ۽ ڊرا-ڊائون 15 فٽ آهي ته ان کي ٻاڙو ڪرڻ ۾ ڇڪ جا 30،000 ڪلاڪ لڳي سگهن ٿا. ڪيترين ئي خانگي ٽيوب ويلن پنين چاليهن سالن ۾ هن عمل سان پاڻي ٻاڙو ڪري ڇڏيو آهي، پر عام دانهون ڪڏهن رڪارڊ تي ناهن آنديون وينديون ۽ انگ اکر موجود ناهن.

n. مسئلي جو نبيرو اسڪيوينجر (گند ڪچرو ٻهاري ڪيندڙ) ٽيوب ويلون آهن، جن ۾ هيٺ نباتي شڪل ناهيندڙ کارو پاڻي مٿئين تهه مان ڇڪجندڙ مٺي پاڻيءَ سان گڏ ساڳئي وقت ڇڪجي ٻاهر نڪري اچي ٿو. انهي اطمينان جوڳو ڪم ڪيو آهي ۽ جَر جي پاڻيءَ کي مٺو رکڻ لاءِ سنڌ ۾ مٺي پاڻيءَ جي هر ٽيوب ويل سان گڏ اسڪيوينجر ٽيوب ويلون لڳائڻيون پونديون، جيڪڏهن ٽيوب ويلون هلائڻيون آهن ته.

o. ٽيوب ويلون روزانو 8 ڪلاڪ به نٿيون هلايون وڃن. سنڌ ۾ 17،000 ٽيوب ويلن مان 13،000 خانگي، عام طور تي اڌ کان هڪ ڪيوسڪ سگهه واريون، ۽ 4،000 سرڪاري آهن ۽ اهي سراسري ٻه ڪيوسڪن جي سگهه تائين هلن ٿيون. سال 2000 ۾ بجلي لڳ ڀڳ سڄو ڏينهن رات هوندي هئي ۽ پاڻيءَ جي کوٽ ايڏي ته سخت هوندي هئي، جو ٽيوب ويلون ڊسمبر 1999 کان جولاءِ 2000 تائين 24 ئي ڪلاڪ هلنديون هيون. انهن علائقن ۾ جر 15 فٽ يا وڌيڪ هيٺ هليو ويو ۽ سينٽريفيوگل پمپن کي جر کي ويجهو ڪرڻ لاءِ هيٺ لاهڻو پوندو هو.

p. ٽيوب ويلن پاران ڪڍيل پاڻي جي ٻيهر ڀراءَ جو ذريعو ٻنيءَ کي ڏنو ويندڙ ريجاڻي پاڻي آهي. بدقسمتيءَ سان سنڌ ۾ منظور ٿيل پاڻي ايترو ته ٿورو آهي، جو هاريءَ کي سانوڻيءَ ۾ پاڻي مڙئي هلڪڙو پکيڙڻو پوندو آهي، جڏهن اصل ۾ سيمو بنهه ناهي ٿيندو، پر سيمو سياري وارن مهينن ۾ ٿيندو آهي. سانوڻيءَ ۾ ٻنيءَ ۾ لوڻياٺ ٺهندا آهن ۽ سياري ۾ واڌو پاڻي انهن کي هيٺ جر ۾ وهائي ڇڏيندو آهي. وهايل پاڻيءَ جي سراسري ڪاراڻ سالن ۾ 2000 پي. پي. ايم (ڀاڱا في ڏهه لک ڀاڱا) تي سگهي ٿي. ڪجهه سالن ۾ اها سنڌ ۾ پوري جر کي پوکيءَ جي ڪم اچڻ جهڙو نه ڇڏيندي. سنڌ ۾ فصلن جو اوپڙ (اُپڙڻ يا تڪڙو ڦُٽڻ ڦرڻ واري سگهه) هڪجهڙو رکڻ لاءِ جيترو پاڻي هنوقت ڇڪيو پيو وڃي اوترو واڌو مٺو پاڻي دريائي ذريعن مان گهربل آهي.

q. ويجهڙ واري سوڪهڙي جي ڪري ماڻهن پنهنجا فصل بچائڻ لاءِ ٻاڙي جر وارن علائقن ۾ ٽيوب ويلون هنيون آهن. اهڙي قسم جي پاڻين ۾ جيتوڻيڪ ٻهرين 30-50 فٽن جي ٿورين اونهائين تي 900-1،200 ppm وارو سِي. ڪلاس پاڻي هوندو آهي، پر مهينو يا ٻه يا ٻين لفظن ۾ 500-1،000 ڪلاڪ ڇڪجڻ کان پوءِ ٻاڙا ٿي ويندا آهن ۽ ٻنيءَ کي سدائين لاءِ وڃائي ڇڏيندا آهن. هن کي قانون ذريعي روڪڻو پوندو.



890. سکر بئراج جو هڪ ڏيک.

ڏات ساگر

باب پهريون

اِنگلس، سِي. سِي.، (1949). دي ڀهيويئر اينڊ ڪنٽرول آف رِوَرز اينڊ ڪئنالز، 2 جلد، پونا.

اِنگلس، سِي. سِي.، (1954). بند مينيوئل، حڪومت سنڌ، پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ، ڪراچي.

لئمبرڪ، ايچ. ٽِي.، (1964). سنڌ: اي جنرل انٽروڊڪشن، جلد-1، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

پنهور، ايم. ايچ.، (1983). ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو.

باب ٻيون

پنهور، ايم. ايچ.، ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ، ص. VII-IX.

پنهور، ايم. ايچ.، (1979). اسٽرگل آف سنڌ اگينسٽ فيوڊلزم (1500-1843)، جرنل سنڌالاجيڪل اسٽڊيز، سمر، ڄامشورو.

باب ٽيون

ائٽڪن، اِي. ايچ.، (1907). گزيٽيئر آف پراونس آف سنڌ، 'اي' جلد، ڪراچي.

ڀاٽيا، بِي. ايم.، (1967). فَئِمنز اِن انڊيا، 1860-1965، لنڊن.

ڪسال، جي. ايم.، (1964). فُئائِلز ڊُ آمري (فرينچ)، 2 جلد، (انگريزيءَ ۾ تَتَ سان)، ڊُ ڪميشن ديس فُئائِلز آرڪيالاجي فَئيس ڊُو پاڪستان، پيرس.

هومز، ڊِي. اي.، (1968). دي ريسينٽ هسٽري آف انڊس، ج. رائل جاگرافڪ سوسائٽي، لنڊن.

هِيُوز، اي. ڊبليو.، (1876). گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ، جارج بيل اينڊ سنز، لنڊن، ٻيون ڇاپو 1996، ڪراچي.

اِنگلس، ڀهيويئر آف رِورز، ڏسو باب پهريون.

جينسن، ايم.، ۽ جنيٽر عُربا، (1991). فرگاٽن سٽيز آف دي انڊس، ميز.

جٿرِج، جِين، فرينڪوئس ۽ ميڊو رچرڊ، ايچ.، (1983). دي ائنٽِيسيڊنٽس آف سِولائيزيشن اِن دي انڊس ويلي، سائوٿ ايشين آرڪيالاجي، لنڊن.

جٿرِج، جِين، فرينڪوئس، (1995). مهرڳڙهه، ڪراچي.

خان، ايف. اي.، (1965). ايڪسڪيويشنز آف ڪوٽ ڏيجي، پاڪ. آرڪ، نمبر 2، ص. 11-86.

خان، ايف. اي.، (1958). ڪوٽ ڏيجي ايڪسڪيويشنز، 1964 پرلمنري رپورٽ، ڊپارٽمينٽ آف آرڪيالاجي، حڪومت پاڪستان.

لئمبرڪ، هِيُو ٽريوَر، (1937). اَرلي ڪئنال ايڊمنسٽريشن اِن سنڌ، جرنل سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، جلد ٽيون، ڀاڱو پهريون، ص. 15-3، ڪراچي.

لئمبرڪ، ايچ. ٽِي.، (1952). سر چارلس نيپيئر اينڊ سنڌ، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، لنڊن.

پنهور، ايم. ايچ.، (1963). گرائونڊ اينڊ سرفيس واٽر، اِٽس ڊِولپمينٽ اينڊ ڪنزَرويشن اِن ائرِڊ زون (حيدرآباد اينڊ خيرپور ڊويزنس)، پروسيڊنگس آف دي ريجنل سيمينار آن پلاننگ اينڊ ڊِولپمينٽ، آگسٽ 1963، لاهور.

سورلي، ايچ. ٽِي.، (1968). گزيٽيئر آف پراونس آف سنڌ، ڪراچي.

وِيلر، ايم. آر. اِي.، (1959). اَرلي انڊيا اينڊ پاڪستان، لنڊن.

وِيلر، ايم. آر. اِي.، (1957). انڊس سِولائزيشن - دي ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا سپليمينٽ واليوم، لنڊن.

باب چوٿون

ڪسال، آمري. ڏسو باب ٽيون.

هٽرِس مارِون، (1977). ڪئنِيبلز اينڊ ڪنگز، نيو يارڪ.

جٿرِج اينڊ ميڊو، دي ائنٽيسيڊنٽس آف سِولائيزيشن ان دي انڊس ويلي. ڏسو باب ٽيون.

ڪوٽيليا، اَرٿ شاستر.

مڪ ڪرنڊل، جان اِيسٽن، (1887). ائنشِيَنٽ انڊيا ايز ڊسڪرائيبڊ باءِ ميگاسٿينس اينڊ ائريَن، ڊاڪٽر شيونبيڪ جي سهيڙيل "فرئگمينٽس آف انڊيا آف ميگاسٿينس" جو ترجمو، ڪولڪتو ۽ لنڊن.

پنهور، ايم. ايچ.، (1979). سنڌ اينڊ اِٽس فوڊ سورسز سِنس اينٽيڪُئٽي، جرنل سنڌ ڪوارٽرلي، جلد-7، نمبر 3، ڪراچي.

پنهور، ايم. ايچ.، ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ. ڏسو باب پهريون.

ويلر، انڊس سولائيزيشن. ڏسو باب ٽيون.

وِيلر، اَرلي انڊيا اينڊ پاڪستان. ڏسو باب ٽيون.

وِلٽفوگل، (1957). اوريئينٽل ڊيسپوٽزم، ٻيهر 1981. هي هن باب جو بنيادي ماخذ آهي ۽ هڪ زبردست ڪم آهي.

باب پنجون

پيٽر فاربس، (1964). اسٽڊي آف مئنڪائينڊ، نيويارڪ.

وِلٽفوگل، اوريئينٽل ڊيسپوٽزم. ڏسو باب چوٿون.

باب ڇهون

سنڌ ۽ دنيا جي ٻين ڀاڱن جي گذريل جُڳن جي آبهوا تي هيٺيان ماخذ سڄي ڪتاب لاءِ ڏنا ويا آهن:

برائن، جي. سڪِنَر، (1981). ڪلائيميٽ پاسٽ اينڊ پريزنٽ، وليم ڪوفمن انڪ.، التوس (سِي اي) آمريڪا.

برائسن، آر. اي.، ۽ سُوَئن، اي. ايم.، (1981). هولوسين ويريئيشن آف مون سون رين فال ان راجسٿان، جرنل ڪوارٽرلي ريسرچ، 16، 135-145.

برائسن، رِيڊ، اي.، ٿومس جي. مري، (1977). ڪلائيميٽ آف هنگر، يونيورسٽي آف وسڪانسن، ميڊيسن، آمريڪا.

گيسڪل، ٽِي. ايف.، ۽ مورِس مارٽن، (1979). ورلڊ ڪلائيميٽ، ٿيمس اينڊ هڊسن، لنڊن.

گرديپ، سنگهه، (1971). انڊس ويلي ڪلچر سِين ان دي ڪانٽيڪسٽ آف پاسٽ گليشيل ڪلائيميٽ اينڊ ايڪولاجيڪل اسٽڊيز ان نارٿ ويسٽ انڊيا، جرنل آرڪيالاجي اينڊ فزيڪل اينٿروپولاجي ان اوشيانيا، ص. 178-189.

ليمب، ايچ. ايچ.، (1982). ڪلائيميٽ، هسٽري اينڊ ماڊرن ورلڊ، ميٿوئن، نيو يارڪ.

ڀِٽوڪ، اي. بِي.، فريٽيسٽ، اي.، (1978). ڪلائيميٽ چينج اينڊ ويريئيبلٽي، سِي. يُو. پي.، ڪئمبرج.

برائسن، رِيڊ، اي.، ٿومس، جي. مري، (1977). ڪلائيميٽ آف هنگر، يونيورسٽي آف وسڪانسن ميڊيسن، آمريڪا.

باب ستون

آلچن، برجٽ، (1976). اسٽون ايج سائيٽس ان سنڌ، جرنل رائل جاگرافڪ سوسائٽي، لنڊن.

بيڪر، ڊبليو. اِي.، (1844). رپورٽ آن دي اِيسٽرن نارا، آڪٽوبر، 1844.

بيڪر، ڊبليو. اِي.، (1857). رپورٽ آن دي اپر پورشن آف اِيسٽرن نارا، اٽس سورسز آف سپلائي اينڊ فيزيبلٽي آف ريسٽورنگ اٽ ايز اي پرمنينٽ ڪئنال. سليڪشن، SRGB، جلد XLV، بامبي.

برنس، اليگزينڊر، (1837). آن سنڌ، رائل ايشياٽڪ سوسائٽي، جلد VII، ص. 11-20.

برنس، اي.، (1837). آن سنڌ ڊيلٽا اينڊ ريسز دئٽ اِنهيبِٽ آن دي ويسٽ آف دي انڊس. ترجما، بامبي جاگرافڪ سوسائٽي، جلد پهريون، ص. 23-30 ۽ 293-304.

ڪسال، آمري. ڏسو باب ٽيون.

فائيف، جي. جِي.، (1853). اريگيشن اِن سنڌ - اسڪيچ آف، بامبي، 1853.

فائيف، جي. جِي.، (1855). اريگيشن ان سنڌ، بامبي، آڪٽوبر 1855.

فائيف، جي. جِي.، (1861). رپورٽ آن دي اِيسٽرن نارا، بامبي، SRGB، نمبر LX.

فلئم، ايل.، (1981). دي پيليوگرافي اينڊ پري هسٽورڪ سيٽلمينٽ پيٽرن ان سنڌ پاڪستان (سِرڪا 4000-2000 بي. سِي.) پي. ايچ. ڊِي ڊزرٽيشن، يونيورسٽي آف پينسلوينيا، آمريڪا.

فلئم، ايل.، (1993). فلوويَل جيو مارفولاجي آف دي لوئر انڊس بيسن سنڌ پاڪستان اينڊ انڊس سولائيزيشن، جان، ايف. شروڊر جونير (ايڊٽ) هماليه ٽُو دي سِي ۾، روٽليج، نيو يارڪ، ص. 265-326.

هومز، ڊِي. اي.، دي ريسينٽ هسٽري آف دي انڊس. ڏسو باب ٽيون.

فلئم، ايل.، (1933). ايڪسڪيويشنز ائٽ غازي شاهه پاڪستان، گريگوري ايل. پُسيل (ايڊٽ) هڙپا سولائيزيشن، ريسينٽ پرسپيڪٽِو، نئين دهلي ۾، ص. 457-467.

اولڊهام، سِي. ايف.
اولڊهام، آر. سِي.
هيگ.
راورٽي.
مِنچِن.
برنس.
ڪزنس.
وائٽهيڊ.
اسٽائين.
ڀٽاوالا.
لَئمبرڪ.
بيمل گوز.
امل ڪار.
پنهور، ايم. ايچ.
هومز.
وِلهيلمي.

ڏسو ضميمو-3 هاڪڙو تڪرار

